شاهڪار لکڻين جي چونڊ

هوار

ڪرڙما

ڊائجسٽ

پنجين موسم

امر جليل جي پنهنجي چونڊ ڪهاڻي

عظيم عالم ۽ مثنوي جي خالق

مولانا جلال الدين رومي ۽ جي زندگي ۽ جو احوال

پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟

هندستان ۾ رهندڙ سنڌي اديب گوبند خوشحالاڻي ۽ جو ناول

ماهوار

ڪرزما

جلد پيون، شمارو چهون، ڊسمبر 2006ع

چيف ايڊيٽر (اعزازي) : ڊاڪٽر خالد نوراني
سب ايڊيٽرز : مقصود قاضي
ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
ٽائيٽل ڊزائين : علي اڪبر چٽو
ڪمپيوٽر لي آئوٽ : فيصل ميمڻ
صدر الدين گرافڪس اينڊ پرنٽرز ڪراچي.
فون: 021-2214834 موبائيل: 0300-2800427
قيمت في پرچو : 30 رپيا
ساليانو في : 300 رپيا

مواد موڪلڻ لاءِ پتو:
پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او)، ڪراچي

سول ڊسٽريبيوٽرس: (1) عرفان علي نوراني (ڪراچي ڪان وني نواب شاهه تائين)
موبائيل: 0333-2745033
(2) اختيار علي سولنگي (موري ڪان وني جيڪب آباد تائين)
موبائيل: 0333-7594472

اشتهارن لاءِ ايڊريس:

عرفان علي نوراني
بنگلو نمبر D-121/B بلاڪ پنجون،
ڪلفٽن ڪراچي
موبائيل: 0333-2745033
موبائيل: 0300-9223834

E-mail: krizmadigest@yahoo.com

هي ڊائجسٽ پبلشر ميرمحمد نوراني ۽ القادر پرنٽنگ پريس ڪراچي ۽ مان چپائي پڌرو ڪيو

10
ڪرزما پوسٽ
ڪرزما

16
ڊاڪٽر نورناز جهتيال
مولانا جلاالدين رومي

59
امر جليل
پنجين موسم

65
ريٽا شهاڻي
چهري مٿان چهرا

70
پرويز
انبن جهليو پور

79
عزيز ڪينجهرائي
ڪائونٽر اٽيڪ

96
پوپٽي رام چند هيرانندائي
شريفا

85
نرتن نوشاد
واچوڙي منجهه ٽڪندو

102
ساگر شوڪت علي مهر
بيگناهه

108
الطاف شيخ
دهليءَ جو درشن

153
سنڌيڪار: نهير ميمڻ
نرم گرم توتڪا

176
محمد رحيد
سنڌيڪار: طفيل مگسي
زينت

170
سنڌيڪار: جمشيد خان
آزاديءَ جي قيمت

192
ڊاڪٽر منظور ميمڻ
شيطاني جنت

126
فيبرڪ مسترال
سنڌيڪار: عاطف ميمڻ
صفائي پسند

131
فرانس استيگميولر
سنڌيڪار: محرم علي مغيري
پرڏيهي

180
عصمت چغتائي
سنڌيڪاره: بلقيس بانو
هو ڪير هو؟

213
محبوب سمون
حڪيم ابن مقنع
(نقاب پوش پيغمبر)

162
تابنده گيلاني
سنڌيڪار: نثار آزاد ابڙو
حبه خاتون

136
منشي پريم چند
سنڌيڪار: ذيشان ميمڻ
شطرنج جي بازي

214
جيفري آرچر
سنڌيڪار: نصرالله عباسي
هابيل ۽ قابيل

250
ڊاڪٽر خالد نورائي
موت جي مشاهدي جون حالتون ۽ ان جي درجه بندي

149
رتن سنگهه
سنڌيڪار: نور بوزدار
هڏ ڏوکي

266
مترفقه
شاعري

276
* * *
تهڪ تائم

278
گريند خوشحالاڻي
پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟

درخواست

سنڌي ڪتاب تمام ٿورا وڪامجن ٿا. سنڌي رسالا ته بنهه گهٽ آهن. جيڪي ڇپجن ٿا، اهي به اهڙو مواد نه ٿا ڏين، جنهن سان پڙهندڙن ۾ هر مهيني رسالو وٺڻ جو چاهه پيدا ٿئي. جيترو گهٽا ماڻهو رسالن کي پڙهندا، اوترا وڌيڪ رسالا ڇپبا ۽ اوترا وڌيڪ سنڌي ٻوليءَ جا لکندڙ پيدا ٿيندا ۽ اسان جو ادب ترقي ڪندو.

هر سنڌي ماڻهوءَ کي ان ڏس ۾ سوچڻ گهرجي.

هر سنڌي ماڻهو پنهنجي وس آهر ڪوشش ڪري ته سنڌي ادب جو واڌارو ٿي سگهي ٿو. اسان پڙهندڙن کي اڳ به هڪ عرض ڪيو هو ته هو ان ڳالهه جو پڪو پهه ڪن ته هو هر مهيني هڪ اهڙي سنڌيءَ کي ڪرزما وٺرائيندا، جنهن پهرين هي ڊائجيسٽ نه ورتو هجي. انهيءَ تي عمل ڪرڻ سان ٿوري عرصي ۾ هن ڊائجيسٽ جي وڪري ۾ هزارن ۽ لکن جي واڌ اچي سگهي ٿي، جنهن ڪري مختلف ڪمپنيون به اشتهار ڏيئي سگهن ٿيون ۽ ٻيا ماڻهو به سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ کي فائديمند سمجهي، هن ڪيتر ۾ اچي سگهن ٿا. اميد ته اسان جي هن وينتيءَ تي ٿورو سوچيندا ۽ ان کي هينئن سان هنڌائيندا.

پوسٽ باڪس نمبر 2810 جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) ڪراچي

ڊاڪٽر خالد نوراني بنگلو نمبر D 121/B بلاڪ پنجون، ڪلفٽن ڪراچي. 0300-9223834

عرفان علي نوراني 0333-2745033

پنهنجي پاران

ڪاري رات جو عالم هو. وينگس واءَ مينهن ڪندي پڳي پئي آئي. سندس خاندان ۾ ڳوٺ وارا ڪڍ هئس. انهن جي هٿن ۾ ڪهاڙيون هيون. هڪلون ڏيندا هن جي پويان ڊڪندا پئي آيا. چوڪري ڊوڙندي ڊوڙندي اڳيان ٺهيل هڪ جهڳيءَ منجهه گهڙي وئي. اندر هڪ سنهڙو ڊگهي قد ۽ پڪي عمر وارو شخص ويٺل هو. ان جي اکيون ڏيئن وانگر ٻري رهيون هيون. جنهن سندس چهري کي وڏيڪ ڏيا وارو پئي بڻايو. بت تي گيڙو ڪپڙا پاتل هئس.

"سائين مون کي بچاءِ. هو منهنجي ڪڍ پيا اچن."

ان کان پهرين جو اهو ماڻهو ڪو جواب ڏئي، ان ناريءَ جي پويان ايندڙ ٻه اتي پهچي ويا. ڪهاڙيون اڀيون ٿي ويون، پر هن شخص کي ڏسي بيهي رهيا. ايئن پئي لڳو جڻ ڪين ڪجهه عجب ٿيو هجي.

"هيءَ تنهنجو يار آهي؟"

"هيءَ منهنجي نياڻي آهي." ان شخص جواب ڏنو "توهان ڪير آهيو؟"

"هيءَ ڪاري آهي. هن اسان جي عزت کي ٽڪو ڏئي ڇڏيو آهي. اسان ڪيس زنده نه ڇڏيندا سين"

انهن ماڻهن مان هڪ وراڻيو.

"هر چوڪريءَ کي سندس حق کي چونڊڻ جو اختيار آهي."

"بڪواس نه ڪر پوڙها. اسان بي غيرت ناهيون."

"جيڪڏهن توهان جي خاندان جي ڪا چوڪري پيار ڪري ٿي تہ اها ڪاري آهي ۽ جيڪڏهن ڪو مرد ساڳيو ڪم ڪري ٿو تہ توهان ڪڏهن ان کي ڪجهه ڪونہ چوءِ."

"ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ڪرين پوڙها. هن چوڪري اسان جي عزت لوڙهي ڇڏي آهي. سيڻي هن جي شادي آهي ۽ اڄ هي ونواه مان ڀڄي نڪتي آهي."

"اهو مون ڪيس سيڪاريو آهي تہ پيار جي لاءِ هر شيءِ قربان ڪري سگهجي ٿي. غيرت اها ٿيندي جو مرد ۽ عورت ٻنهيءَ مٽان لاڳو هجي. منهنجي سيني آڏو هر شيءِ عيان آهي. چوءِ تہ هاڻي جو هاڻي ٻڌايان تہ توهان مان ڪنهن ڪنهن جو هن وقت بہ صاحبان، پاڳل، نوريءَ، ڪمو سان عشق هلي پيو. توهان سيني کي انهن مردن جي بہ خبر آهي ۽ اهي هينئر بہ توهان ۾ شامل آهن پر جيئن تہ اهي چوڪريون ٻين قبيلن جون آهن ان ڪري توهان لاءِ اهي مرد ڪارا نہ آهن. اهي ڪارا صرف انهين چوڪرين جي قبيلن لاءِ آهن، جهڙي ريت هي چوڪري توهان آڏو ڪاري آهي.."

ماڻهن جون ڪهاڙيون اڀيون ٿي ويون.

"اڄان تہ هن جي شادي نہ ٿي آهي نہ تہ جيڪر هيءَ شادي شده بہ هجي ها ۽ اها شادي هن جي خلاف ٿيل هجي ها تہ بہ مان ڪيس اهو سيڪاريان ها تہ پيار جي لاءِ ٻاهر نڪري اچي. توهان سهڻيءَ کي وساري ڇڏيو آهي ڇا. ان جي بہ تہ ڏم سان شادي ٿيل هئي."

اها ڳالهہ شايد انهن ماڻهن جي لاءِ ناقابل برداشت هئي. ماڻهن جون ڪهاڙيون سڌيون ان پوڙهي شخص تي امالڪ ڪريون ۽ پل پر ۾ ان فقير جو لاش پيل هو. ايتري ۾ ڌرتي ڏڏي ۽ ماڻهو چڪرائجي زمين تي ڪري پيا. چوطرف سڏڪن جا آواز اچڻ لڳا. سيئي ماڻهو ڊپ ۾ ويڙهجي ويا تہ هي ڇا ٿي ويو.

ايتري ۾ ڏٺائون تہ هڪ فقير چرين وانگر ڊوڙندو پيو اچي. پوڙهي جو لاش ڏسي پار ڪڍي روئڻ لڳو "اڙي هي ڪهڙو ويل ڪيو."

"هي اسان جي نياڻين کي ورغلائي رهيو هو. پر هي ڪير آهي جو سندس موت تي زمين ڏڏي آهي ۽ چوطرف سڏڪا اچي رهيا آهن؟"

"اڙي نادانو! توهان هن کي ڪونہ سڃاڻو. هي شاه لطيف ڀٽائي هو جيڪو سنڌ کي وري دعائن ڏيڻ واسطي آيو هو. ان کي ڪهڙي خبر تہ هن دور جي سنڌ ۾ سندس اهڙي نموني موت ٿيندو."

"تون ڪير آهين؟"

"مان سندس مريد تمر فقير آهيان." اهو چئي فقير سينو پٽي وري روئڻ پٽڻ لڳو.

ڪرزما پوسٽ

هنن صفحن تي اسان پنهنجي پڙهندڙن جا رايا ۽ تنقيدون ڏيندا آهيون. ڪجهه دوستن اها شڪايت ڪئي آهي تہ پوسٽ باڪس لاءِ رجسٽرڊ ڊاڪ يا ڪوريئر سروس وارا خط نہ ٿا وٺن. انهن دوستن کي اطلاع ڏنو وڃي ٿو تہ اهي هن پتي چيف ايڊيٽر ڪرزما ڊائجسٽ هائوس نمبر B/121_D بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي تي بہ پنهنجا پارسل ۽ خط موڪلي سگهن ٿا. دوستن کي درخواست ڪجي ٿي تہ پنهنجا رايا ۽ تنقيدون اسان کي هر مهيني پنڌرهين تاريخ کان پهرين موڪلين ڇو تہ ان کان پوءِ پرچو پريس ۾ هليو ويندو آهي. دوستن کي اهو بہ عرض آهي تہ پنهنجي ائڊريس سان گڏ جيڪڏهن پنهنجو فون نمبر يا پرپاسي جو فون نمبر رابطي لاءِ موڪلينداتہ مهرباني ٿيندي. ڇو تہ ان صورت ۾ ادارو ساڻن موادلاءِ ترت رابطو بہ ڪري سگهي ٿو. ڪرزما پڙهندڙن کي اطلاع ڏني وڃي ٿي تہ جيڪڏهن انهن کي ڪرزما جي نئين مهيني جي ڪاپي نٿي ملي سگهي تہ اهي پنهنجي علاقي جي ڊسٽيبيوٽرن کان فون ذريعي گهرويني گهرائي سگهن ٿا. اداري پاران ڪرزما ڊائجسٽ جي خريداريءَ لاءِ ڊسٽيبيوٽرن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ لاءِ ڊائجسٽ جي آخري صفحي تي رابطي واري فون/موبائيل نمبر لسٽ مهيا ڪئي ويئي آهي.

(ادارو)

وضاحت: (1) سڀ کان پهرين هتي هيءَ وضاحت ڪئي وڃي ٿي تہ ڪرزما ڊائجسٽ جي نومبر 2006ع واري شماري ۾ صفحي نمبر 135 تي ڏنل ڪهاڻي گرگٽي رنگ جي ڪهاڻيڪار جو نالو سيف الحق تنيو لکجي ويو هو. جنهن جو اصل نالو سيف الحق سيف آهي. ان لاءِ اسان ليکڪ سان معذرت خواهہ آهيون. **(ادارو)**

(2) ڪرزما نومبر 2006ع واري شماري ۾ شاعري واري سيڪشن ۾ صفحي نمبر 284 تي ڏنل وائيءَ جو شاعر واحد سوز ملاح سجاول آهي. سندس نالو نہ ڇپجڻ تان اسان شاعر کان معذرت خواهہ آهيون. **(ادارو)**

آڪٽوبر2006ع جو شاهڪار لکڻين جي چونڊ ڪرزما ڊائجسٽ هتن تائين پهتو. بهترين ڪهاڻين ۽ شاعريءَ سان ڀرپور هيءَ ڊائجسٽ معياري پڻ آهي. شاعريءَ جا صفحا وڌايا وڃن ۽ اهو پڻ ٻڌائيندا تہ اسين پنهنجي پسند مطابق ڪنهن بہ ليکڪ جي ڪهاڻي موڪلي سگهون ٿا يا صرف پنهنجي پنهنجي لکيل ڪهاڻيڪارن ۾ فياض چنڊ ڪليري، محبوب سمون، ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ ۽ منظور ميمڻ ڏاڍي محنت ڪري رهيا آهن. شاعريءَ ۾ امين پٽو، مير محمد نوتڪاڻي، ايس سرمد جون شاعريون من موهيندڙ آهن.

عزيز ڪوسو جهڏو

ادا! توهان پنهنجي ڪا بہ تخليق ڪيل ڪهاڻي موڪليندا، جيڪڏهن معياري هوندي تہ ضرور شايع ڪئي ويندي ۽ وڏن اديبن جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري موڪليندا تہ اهي ضرور شايع ڪيون ويندیون **(ادارو)**

دوستن کي تحفا ڏيڻ لاءِ سيپٽمبر ڪرزما 2006ع جون ٽي ڪاپيون خريد

ڪيم.پنهنجو مواد شامل نہ ٿيڻ تي ڏاڍو ڏک ٿيو پر پوءِ بہ مطمئن ٿيس تہ اوهان ڪڏهن بہ معياري مواد کي رديءَ جي حوالي نہ ڪندا آهيو. واري اچڻ تي ضرور شايع ڪندا آهيو. ٻي ڳالهہ تہ مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ اسان جا پراڻا ليکڪ, ليکڪائون,جن ۾ اصغر ملڪاڻي, قربان چنو عاشق سومرو زاهده ناز چنا, نسرين سيد, امرتا پريتم, جيجل ميتلو هما ايس, خوشبو سنڌي, ايس نعيم ميمڻ, مهڪ جوڳي,خليل, عارف سومرو مهنازگل ميراڻي,آزاريل عاشق چانڊيو, ساجد زخمي,خالد زخمي ۽ ضلعي ڪشمور جي شڪستہ مزاري ڪرزما ۾ ڇو نہ ٿا لکن يا اوهان انهن جي مواد کي شايع نہ ٿا ڪيو. ڪهاڻي ۽ ٻيو مواد موڪليان ٿيو. مانائتي موت ڏيندا.

اداسي جڪراڻي/رسالدار

اداهيءَ رسالو اسان سيني سنڌين جو آهي. جيڪي بہ اديب ان ۾ لکڻ چاهين ٿا اهي اکين تي. اسان مٿي ذڪر ڪيل اديبن کي عرض ڪنداسين تہ اهي پنهنجون تحريرون ڪرزما ۾ ڏياري موڪلين ۽ ڪرزما کي چار چنڊ لڳائين. **(ادارو)**

مان اوهان جو ڪرزما شوق سان پڙهندو آهيان. "نہ ماڻيل پيار" نالي ڪهاڻي موڪليان ٿيو. مون کي يقين آهي تہ توهان منهنجي ڪهاڻي شايع ڪندا.

آصف علي ڪيريو سڪرنڊ

اداا توهان جي ڪهاڻي نثري ٿيم کي موڪلي ويئي آهي. معياري هوندي تہ شايع ٿي ويندي. **(ادارو)**

مان ڪرزما شوق سان پڙهندو آهيان پر ڪرزما ڏاڍو ليٽ سان ايندو آهي. مهرباني ڪري ايترو انتظار نہ ڪرايوڇو تہ انتظار جو هڪ پل بہ سال برابر هوندو آهي. ڊائجسٽ ۾ دوستي ڪارنر هلايو. شاعري موڪليان ٿيو. اميد شامل ڪندا.

امير حسين ڪوسو ڦل شهر نوشهروفيروز

اوهان ڏي عيد جو ڪارڊ موڪلي رهيو آهيان,قبول ڪندا. بخشاپور ۾ ڪرزما دير سان پهچي تو مهرباني ڪري جلد موڪليندا ڪريو. **گهرام علي سومرو بخشاپور**

اداا توهان جي ڪارڊ موڪلڻ جي مهرباني. اسان وڏ ڪان وڏ ڪوشش ڪنداسين تہ ڪرزما توهان جي هٿن ۾ جلد ڪان جلد پهچي. **(ادارو)**

ڪرزما هر مهيني پابنديءَ سان پڙهندو آهيان,پرافسوس جو منهنجي مواد کي ڪا مانائتي موت نہ ٿي ملي. مواد موڪلڻ کان پوءِ توهان کي ڄاڻ نہ آهي تہ انتظار ڪرڻ ڪيڏو نہ ڏکيو هوندو آهي. هن دفعي جيڪڏهن منهنجي مواد جو مقدر ڪچري جو ڊبو ٿيو تہ پوءِ توهان ڏي ڪو بہ مواد نہ موڪلبو. باقي ڪرزما جي جيتري تعريف ڪجي سا گهٽ آهي.

عاجز امير بخش پتافي جهڏو

اداا اسان کي توهان جو صرف هيءُ ئي هڪ خط مليو آهي توهان معياري مواد موڪليو تہ اهو ضرور شايع ڪيو ويندو جيئن ٻين سنڌي ڀائرن جو ڇپجي رهيو آهي. **(ادارو)**

مان وچ ۾ غير حاضر رهيو آهيان. ڪرزما جو هڪ پرچو سامهون رکيل آهي.سيئي ڪهاڻيون بهترين آهن.امرجليل, فياض چنڊ ڪليري, الطاف شيخ,حسن منصور,گوبندخوشحالاڻي,ريتاشهاڻي ۽ عزيز قاسماڻي جهڙا ليکڪ اوهان کي مليا آهن, جنهن ڪري رسالو ترقي جي راهہ تي گامزن آهي. مهتاب محبوب,نورالهدي شاهہ,نسيم ڪرل ۽ قمر

شهباز جون ڪهاڻيون هٿ ڪري ڇاپيو ته واهه واهه ٿي وڃي. مواد اماڻيان پيو اميد آهي ته اڳ وانگي مانائتي موت ملندي.
مجيب سنڌي دوڙ

ڪرزما تمام بهتر انداز ۾ ڦهلجي ويو آهي.جنهن جي جيتري تعريف ڪجي گهٽ آهي پر افسوس ته ايڏي انمول ڊائجسٽ ۾ سکر ضلعي جي اديبن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو.
اختر جسڪاڻي صالح پٽ سکر

ادا! هي رسالو اسان سيني سنڌين جو آهي.اداري ڪڏهن به سنڌ جي ڪنهن به علائقي جي دوست جي ڪنهن به مواد سان ڪڏهن به تعصب وارو رويو نه رکيو آهي. اهو دوست سکر جو هجي يا لاڙڪاڻي جو. حيدرآباد جو هجي يا ڪراچي جو. يا سنڌ جي ٻئي ڪنهن پري واري علائقي جو. اسان لاءِ سيئي برابر آهن. **(ادارو)**

ڪرزما جي شاعريءَ جي ڳالهه ئي نرالي آهي. ڪرزما تمام گهڻو پسند آهي. پر اسان کي شڪايت آهي ته ڪرزما ديرسان پهچي ٿو.ان لاءِ گهڻو انتظار ڪرڻو پوي ٿو. مواد موڪليان پيو ضرور شايع ڪندا.
اين سوڊو ماتلي

توهان منهنجي مواد کي شايع ڪري مون کي لکڻ جو شوق ڏياريو آهي. آئينده مسلسل لکندو رهندس. آڪٽوبر ڪرزما ڊائجسٽ به بهتر هو.سيئي ڪهاڻيون ۽ شاعري من موهيندڙ هيون.مواد موڪليان پيو. شايع ڪرڻ جهڙو هجي ته ضرور شايع ڪندا.
ميان علي گوهر انڌهر پنو عاقل

آڪٽوبر جو ڪرزما بار بار اٿلائي ڏٺم پر مون کي پنهنجي شاعري ڪٿي به نظر نه آئي. گهڻو ڏک ٿيو. جولاءِ واري ڪرزما شماري ۾ توهان منهنجو نظم شايد پلجي شايع ڪيو. بهرحال هي آخري اميد تحت ڪجهه شاعري اماڻيان پئي.شايع ڪندا.مجيل شاعرن کي گهڻ ۽ نوَن شاعرن کي چانس ڏيو.
سيد سنجها "سنڌو" بدين

ادي! اوهان جو هن ٻئي خط کان علاوه اسان کي ٽن مهينن ۾ ڪو به خط نه مليو آهي. اوهان جي شاعري شايع ڪئي پئي وڃي. **(ادارو)**

آڪٽوبر جو شمارو خوبصورت ٽائيٽل سان هو. هاڻي ڪرزما ڊائجسٽ خوب کان خوب تر ٿيندو پيو وڃي.آڪٽوبرجي شماري ۾ ڊاڪٽر نور ناز جهتيال جو "باغي فلسفي" جي زندگيءَ جو احوال. فياض چنڊ ڪليري جي ڪهاڻي "آئس برگ" بهترين ڪهاڻيون هيون.
مظهر علي جروار آمن آباد

گلن جي خوشبوءَ جيان ڪرزما منهنجي هٿن تائين پهتو. ڪاڻي خاميون ۽ خوبيون نظر آيون.ڪهاڻيون پڙهي بوريت محسوس ٿي. سومرو سرمد جي ڪهاڻي شور ۾ نه ڪو ڪا منظر ڪشي هئي ۽ نه وري ڪو قابل ذڪر ڪردار هوان ڪهاڻيءَ ڪو به اثر نه ڇڏيو.فياض چنڊ ڪليري جي ڪهاڻي "آئس برگ" سمجهه کان ٻاهر آهي. شاعري ايتري گهٽ صفحن تي ڏيئي اسان تي ظلم ڪيو ٿا.حنيف عاطر ۽ مايا ساگر اوڏ جي شاعري سيني کان بهتر آهي.
معصوم راجا نوشهروفيروز

سونهري ۽ پياري ڊائجسٽ جي من موهيندڙ ٽائيٽل سان تمام خوبصورت ڪهاڻيون پڙهڻ لاءِ مليون.جنهن ۾ امرجليل.گوبند خوشحالاڻي.فياض چنڊ ڪليري.ڊاڪٽرخالد نوراني.رتن سنگهه. موهن ڪلپنا. منظور ميمڻ ۽ ريٽا شهاڻيءَ جو ڪهاڻيون تمام بهترين هيون ۽ شاعريءَ ۾ طالب مهر.اداسي جڪراڻي رسالدار. حنيف عاطر. پيٽ مايا ساگر اوڏ.سرمند چانڊيو ۽ انيس سرمد تمام بهترين شاعري ڪئي آهي. ڪرشن چندر جي ڪوٽ محسوس ٿي رهي آهي. سيپٽمبر واري

شماري ۾ اسان جي شهر گهوٽڪيءَ جي شاعر حليم باغيءَ جي شاعري ڪنهن پنهنجي نالي تي ڇپرائي آهي. انهن کي تنبيهه ڪندا. **خان عطاءَ الله خان گبول گهوٽڪي**

ادا! اسان کي به ان ڳالهه جو ڏک آهي ته ڪنهن شاعر حليم باغيءَ جي شاعري پنهنجي نالي سان اسان کي موڪلي شايع ڪرائي آهي. توهان جيڪڏهن ان شاعر جي نالو ۽ ان جي ڪرزما ۾ ڇپيل شاعري ۽ شاعر حليم باغيءَ جي شاعريءَ جي اصل موڪليندا ته مهرباني ٿيندي. جيڪڏهن اها ڳالهه ثابت ٿي وئي ته ڪنهن شاعر ٻئي ڪنهن جي شاعريءَ کي پنهنجو نالو ڏيئي شايع ڪرايو آهي ته ان جو نالو بليڪ لسٽ ڪري ان تي آئينده لاءِ پابندي مڙهي ويندي. **(ادارو)**

لاڙ جي سارين جي خوشبوءَ سان نومبر2006ع جو ڪرزما خوبصورت ماڊل جي معصوم نيٽن واري ٽائيٽل سان سمورا رنگ ڪٽي اسان جي هٿن تائين پهتو. ڊائجسٽ ۾ رميش جو احوال دل سان لڳو. اهو ڪڙو سچ آهي ته سياست ۾ اچڻ معني غير قانوني طريقي ڦرلٽ ڪرڻ. اهوئي سبب آهي جو هي ملڪ ٻين ملڪ جيان اڳتي وڌڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن پوئتي ڌڪجو پيو وڃي. سنڌ کي ويران ڪرڻ ۾ پراون جو هٿ ناهي پر پنهنجن جو به ڏوهه آهي جيڪي اقتدار جي لالچ ۾ ڏينهن رات سنڌ ۽ سنڌي عوام جو رت سڪائڻ ۾ پورا آهن. هن شماري جون سيئي ڪهاڻيون سٺيون هيون ۽ شاعري به ڀلي هئي. شاعري جا صفحا وڌايو. **فضل قادر نوتڪاڻي گڙهو بدين**

توهان منهنجو ڪجهه مواد شايع ڪيو ۽ ڪجهه نه ڪيو. آڪٽوبر2006ع جو ڪرزما ڊائجسٽ ننڍي ڀاءُ مون کي سنڌ مان هن رڻ پٽ ۾ موڪليو. جيڪو مون کي ديرسان مليو. هن ويرن رڻ پٽ بارڊر تي جڏهن بور ٿيندو آهيان ته ڪرزما پڙهندو آهيان. بارڊر تي منهنجي پنجابي دوستن کي به مان توهان جي ڊائجسٽ جون ڪهاڻيون ترجمو ڪري ٻڌائيندو آهيان. اُهي به ڪهاڻيون دلچسپيءَ سان ٻڌندا آهن. مواد موڪليان پيو اميد ته شايع ڪندا. **امداد علي عاقلاڻي ڪارگل**

ماهوار ڪرزما ڊائجسٽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سٺو نڪري رهيو آهي. خاص طور تي امر جليل جون ڪهاڻيون سنڌي ماڻهن لاءِ تحفو آهن. جڳ مشهور آسڪروائلڊ جي ڪهاڻي "دل ۽ دنيا" ترجمو ڪري موڪلي رهيو آهيان. اميد ته پسند ايندي **نعيم شيخ،سڪر**

ڪرزما ڊائجسٽ پابنديءَ سان پڙهندو آهيان. آڪٽوبر ڪرزما ڊائجسٽ ۾ ڊاڪٽر منظور ميمڻ جي ڪهاڻي "شيطاني جنت"، ڊاڪٽر خالد نوراني جي ڪهاڻي "مرڻ کان پوءِ جا عجب اسرار" ۽ ريٽا شهاڻي جي "آخر ائين ڇو؟" تمام گهڻيون پسند آيون. سائين توهان اسان تنڍو محمد خان جا خط ۽ شاعري شامل نه ڪندا آهيو. مهرباني ڪري اسان جي شاعريءَ کي به شايع ڪندا ڪريو. شاعري موڪليان پيو، شايع ڪندا. **منظور علي مغل پناڻ تنڍو محمد خان**

ادا! اسان ڪڏهن به ڪنهن سنڌ جي علائقي ۾ ڪڏهن به ڪو فرق نه ڪيو آهي. اسان لاءِ سيئي سنڌي هڪ جهڙا آهن. **(ادارو)**

آڪٽوبر جو شمارو 2006_10_30 تي تمام گهڻي انتظار کان پوءِ مليو. ايتري دير ڇو؟ توهان ٻن مهينن کان مون کي نظر انداز ڪريو پيا. سائين جي ايم سيد ۽ روپلو ڪولهيءَ جي زندگيءَ بابت احوال پڙهائيندا ته ڪروڙين قرب. شاعري موڪليان پيو شايع ڪندا.

علي عاجز شر پڪا چانگ خيرپور

ادا! اسان جي ڪوشش آهي تہ سنڌ جي عظيم ماڻهن جي زندگيءَ جي باري ۾ پڙهندڙن لاءِ مواد ڏيون. ان سلسلي ۾ ڪوششون جاري آهن. انشاءَ الله ڪجهہ مهينن کان پوءِ توهان کي ضرور سنڌ جي عظيم ماڻهن جي زندگيءَ جا حال احوال پڙهائيندا سون. (ادارو)

سچ پچ تہ ڪرزما پڙهي تمام گهڻي خوشي ٿي نہ تہ آئون پريشان هيس تہ منهنجي معيار جو ڪو سنڌي ڊائجسٽ ڇو نہ آهي. جڏهن بہ دڪان تي ويندي هئس تہ ٻاراڻا رسالہ نظر ايندا هئا. مان اوهان جي ساليانہ ميمبر ٿيڻ چاهيان ٿي. توهان طريقہ ڪار ٻڌايو تہ رقم ڪٿي موڪليان.

ڪنول جمالي بدين

پيٽ، توهان 300 روپيا ڪرزما ڊائجسٽ جي نالي ڪراس چيڪ يا مني آرڊر ڪري ڪرزما ڊائجسٽ جي پهرين صفحي تي ڏنل ڪلفٽن واري پتي تي موڪلي ڏيو تہ گهر ويٺي توهان کي ڊائجسٽ ملي ويندو. (ادارو)

شاعريءَ ۾ ڪهاڻي موڪلي رهيو آهيان. ضرور جاءِ ڏيندا. ڪجهہ وقت لاءِ ڪرزما مان غائب رهياسين ۽ هاڻي ڪرزما سان ساٿ هلندو رهندو. ڪرزما نوان شاعرن جي حوصلہ افزائي ڪئي آهي. شاعريءَ جا صفحا وڌايو تہ ڊائجسٽ کي چار چند لڳي ويندا.

محمد اڪرم نوحاڻي ڪڙيو گهنور

منهنجي ڪهاڻي "رات جو رولو" شايع ڪرڻ تي مان اوهان جو ٿورائتو آهيان. اها منهنجي ڪنهن بہ ڊائجسٽ ۾ شايع ٿيل پهرئين ڪهاڻي هئي. ڪرزما لاءِ صلاح آهي تہ آئين استائين، گوئٽي، شيڪسپيئر، رابندرناٿ ٽئگور، ڪارل مارڪس، مهدي جونپوري، مخدوم نوح رحہ ۽ جنيدي بغدادي ۽ مولانا جلال الدين رومي رحہ جون سوانح حيات شايع ڪندا تہ مهرباني ٿيندي. ڪرزما ۾ تاريخ، اسلامي تاريخ، نفسيات، ادب، سياست ۽ ٻين ڪيترن ئي علمن تي مواد ڇپجي رهيو آهي پر جنسيات موضوع جي ڪوٽ آهي. مون وٽ بلوچي لوڪ ڪهاڻيون موجود آهن. جهڙوڪ شميءَ مريد هاني ۽ ٻيون جيڪڏهن ڇپيو تہ موڪليان. ان کان علاوه هڪ ڪهاڻي موڪليان پيو. اميد تہ سنڌ جي پڙهندڙن تائين پهچائيندا.

رياض بلوچ ڪراچي

ادا! اسان جي بہ اها ڪوشش آهي تہ اهڙن عظيم انسانن جي زندگيءَ جي باري ۾ مواد شايع ڪيون. ان ڏس ۾ جلال الدين رومي رحہ جي سوانح حيات تہ هن شماري ۾ ڏيئي رهيا آهيون. ان کان علاوه اِهي لوڪ ادب جون ڪهاڻيون ڏياري موڪليو. جيڪڏهن سٺيون هونديون تہ ضرور شايع ڪبيون. توهان جي ڪهاڻي نثري ٿيم پاس ڪري ڇڏي آهي بس رڳو پنهنجي واريءَ جو انتظار ڪندا. (ادارو)

انهن دوستن جا نالا جن جا خط جاءِ نہ هجڻ ڪري شايع نہ ڪري سگهيا آهيون.

غمدل غفور ضلعو شڪارپور وفا الشدر رضا سولنگي، اداس قلندر باجڪاڻي ڪنڌ ڪوٽ، علي عادل گهوٽڪي، مير محمد جسڪاڻي هالا، عادل قريشي سانگهڙ، فقير حسين ڪراچي، دوست محمد سهتو نٿو غفار تنيو مورو علي اعجاز تنڊو الهيار، جفاڪش حسين نواب شاهہ، ٻچل شاهہ ڪپري موري دمبالو ڊگهڙي مجتبيٰ راهي تنڊو چام، ذڪي الله حيدر مني، محمد ابراهيم هليو لاڙڪاڻو قيوم پرڳڙي سکر، بادشاهہ نظام قمبر، الياس لغاري جامشورو سهيل دادو فيض محمد ٻگهيو عمر ڪوٽ ۽ ٻيا.

اُهو شاعر، جنهن جا گيت خانہ ڪعبہ ۾ ٽنگيل هوندا هئا.

امرؤ القيس

فيصل ميمڻ

جاهليہ عربن جي دور ۾ عربي شاعريءَ ۾ فحش نظمون عام هيون. جنهن ۾ گهڻيا قسم جي عڪاسي، اڳهاڙپ ڏيکاريندڙ تشبيهون، عشق ۽ محبت جا رنگين دلچسپ واقعا عام بيان ڪيا ويندا هئا.

عربن ۾ شاعريءَ جو شوق فطري طور تي موجود هو جنهن جو عملي اظهار سڀ کان وڌيڪ ميلن ۽ ملاڪڙن ۾ ڏسڻ ۾ ايندو هو. ميلن ۾ سيني کان وڏو ميلو مڪي جي ويجهو عڪاظ ۾ لڳندو هو جنهن جي عظيم الشان اجتماع ۾ عرب قبيلن جا اڻ ڪٽ تعداد ۾ نندڻيا ۽ وڏا شاعر پنهنجو ڪلام پيش ڪندا هئا. اهو شاعريءَ جو سلسلو ڪيترن ئي ڏينهن تائين جاري رهندو هو. ان موقعي تي جنهن شاعر جو ڪلام بهترين ڪوٺيو ويندو هو ان کي سال جو وڏي ۾ وڏو شاعر تسليم ڪيو ويندو هو ۽ مشهور روايتن موجب اُن جو قصيدو (ساراهه) سون جي پاڻيءَ سان هڪ خاص قسم جي ريشمي ڪپڙي تي لکائي خانہ ڪعبہ ۾ لٽڪايو ويندو هو. جنهن بہ شاعر جو قصيدو خانہ ڪعبہ ۾ لٽڪايو ويندو هو پوءِ اهو سڄي عرب ۾ مشهور ٿي ويندو هو. خانہ ڪعبہ ۾ ست شاعرن جا نالا عربن جي جاهليہ دور ۾ ٽنگيا ويا هئا، جن ۾ عربي تاريخدانن ۾ اهو اتفاق آهي تہ امرؤالقيس اهو پهريون شاعر هو جنهن جو قصيدو خانہ ڪعبہ ۾ لٽڪايو ويو هو. هن جي شاعري اهڙي تہ فحش هوندي هئي جو ان جو مثال عربي تاريخ ۾ نہ ٿو ملي پر عربن لاءِ هن جي شاعري هڪ روشن مينار جهڙي حيثيت رکندي هئي.

هن جو اصل نالو ابو حارث، لقب امرؤالقيس ۽ عرفيت ابو وهيت هئي. هن جو تعلق يمني نسل سان هو. امراؤالقيس کي ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي وٽان اعليٰ اونچو خاندان مليل هو سندس حيثيت شهزادي جهڙي هئي. هن جو پيءُ حجر، بنو اسد قبيلي جو آخري بادشاهہ هوءِ هن جي ماءُ فاطمہ تغلب قبيلي جي سردار جي ڌيءُ هئي.

هيءُ نجد ۾ ٽپيو وڌيو. جيئن تہ امير گهراڻي جو فرد هو ان ڪري نازنخرن ۾ پليو وڌيو. صرف هٿ پير ڪيڻ جي ضرورت هئي. شڪار، راند، وندر شراب نوشي ۽ عيش عشرت ۾ پڄجي ويو. چوڪرين سان عشق بازي ۽ عورتن سان لاڳاپو رکڻ سان گڏوگڏ هي ڏينهن ۽ رات ان ڪم ۾ مشغول رهڻ لڳو. هن جو پيءُ هن جي حرڪتن کان بي زار هو. هن پيار سان هن کي گهڻوئي سمجهايو پر هيءُ صحيح رستي تي نہ آيو. مجبورن هن جي پيءُ هن کي گهر مان ٽڙي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. هاڻي تہ گهر کان فارغ ٿيو تہ هن کي ڪير بہ چوڻ وارو نہ جنهن ڪري هيءُ ويتر عورتن جي چڪر ۾ گامزن ٿيڻ لڳو.

هڪ ڏينهن امرؤالقيس نشي ۾ مگن هو تہ ڪيس خبر ملي تہ اسد قبيلي وارن هن جي پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي پوءِ تہ هن نشو پيتو ۽ عيش عشرت تائين سڀ ڪجهہ ڇڏي ڏنو ۽ ايتري قدر جو ڪاڏو بہ ڇڏي ڏنو ۽ قسم کاڏو تہ جيستائين اسد قبيلي جي سئو ماڻهن کي قتل نٿو ڪري تيستائين شراب ۽ عورت کي هٿ بہ نہ لاهيندو. پوءِ اسد قبيلي جا ڪاڻي ماڻهو قتل ڪيائين. پر هن جو قسم اڃا پورو نہ ٿيو هو هن پنهنجي هڪ فوج تيار ڪئي ۽ انتقام جي باهہ ۾ ايترو تہ هي جنون ۾ پڄجي ويو هو جو علاقي جي بادشاهن کي بہ نہ پڇندو هو جنهن ڪري سرڪاري فوجن سان سندس لڙائي هلندي رهندي هئي. نيٺ هن جي مخالفن مختلف حربہ استعمال ڪري هن کي زهر ڏنو ۽ هيءُ پيءُ جو بدلو وٺڻ بنا هن دنيا مان رخصت ٿيو. سندس موت جو وقت 450ع کان وٺي 560ع تائين ٻڌايو وڃي ٿو. عربن جي جاهليہ دور جو هيءُ شاعر اگر اسد قبيلي سان جنگ نہ وڙهي ها ۽ بادشاهن سان ٽڪر نہ کائي ها تہ خدا ڄاڻي الاهي ڪهڙيون ڪهڙيون شاعريءَ ۾ آفتون پيدا ڪري ها.

مولانا روم جو نالو ڪنهن جو بدل نہ آهي پر سندس زندگيءَ بابت تمام ٿورن ماڻهن کي خبر آهي. هن بي بها ۽ بي بدل عالم جي زندگيءَ جو تفصيلي احوال هيٺ ڏجي ٿو، جيڪو شايد سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ اهڙي نموني پهرين ڪڏهن پيش نہ ٿيو آهي. مولانا روم انهن ماڻهن سان واسطو رکي ٿو جيڪي روحاني درجا طئہ ڪري ان منزل تي پهتا جتي فرشتا هن جي آڏو ادب سان جهڪي وڃن ٿا.

خداوندگار مولانا روم

مولانا جلال الدين رومي

ڊاڪٽر نور ناز جهتيال

عظيم عالم ۽ مثنوي جي خالق مولانا روم جي زندگيءَ جو احوال

خراسان ۾ بلخ جون آباد گهٽيون ان مهل ماڻ هيون. مسجد جا مينار محافظن جيان سانت هئا. رستن ڪناري لڳل تيل سان ٻرندڙ ڏيئا ڪنهن ڀٽڪيل مسافر جو اوسيئڙو ڪري رهيا هئا. سيءَ ۾ وڪوڙيل رات هوريان هوريان وهامي رهي هئي. حضرت بهاؤالدين پنهنجي پيءُ جي ڪتاب گهر ۾ وينو هو. هڪ ڪانپوءِ ٻيو ڪتاب کڻي پنا پئي اٿلايائين. بيچيني وڌندي پئي ويس. نوجوانيءَ جي عمر هئس. سڀ ظاهري علمن ۾ پڙ هئا. شهرت لاءِ ڪيترا رستا کليل هئا. پر سمجهہ ۾ نہ ٿي آيس تہ ڪهڙي رستي جي منزل کي منزل جو نشان ٻڌائين. اوچتو سندن ذهن ۾ هڪ خيال آيو. ان علم جي ڪري ئي تہ علاؤالدين محمد خوارزم شاهہ جي سؤت ملڪ جهان منهنجي پيءُ سان شادي ڪئي. شهزادين جون شاديون تہ شهزادن سان ئي ٿينديون آهن. اهو علم بہ ڪنهن شهنشاهيت کان گهٽ ناهي. مون کي بہ سلطنت جو فاتح ٿيڻ ڪپي. سڀ ڏيئا هڪ هڪ ڪري وسامي ويا. فقط هڪ ڏيئو ٻرندو رهيو. پاڻ اها رات ڪتابن ۾ گهاريائون ۽ پوءِ هر رات ڪتابن ۾ گذرڻ لڳن. پاڻ دنياوي مسئلن کان منهن موڙي علم حاصل ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويا. ڪتابن ۾ رهندي ۽ ڪتاب پڙهندي وقت گذرندو رهيس.

هڪ وقت آيو جو هڪ رات جي پوئين پهر ۾ خراسان جي ٽن سؤ مفتين هڪ ئي وقت هڪ خواب ڏٺو. هڪ وڏي ميدان ۾ هڪ خيمو ڪتل آهي ۽ حضرت محمد مصطفيٰ صہ جن ترسيل آهن. حضرت بهاؤالدين پاڻ سڳورن صہ جي پاسي ۾ آهن ۽ ٻيا عالم فاضل ٿورو پاسيرو وينا آهن. پاڻ سڳورا صہ سيني سان مخاطب آهن، " اڄ کان وٺي بهاؤ الدين کي سلطان العلماءُ چيو وڃي."

ان رات جي پرهہ ڦٽڻ کان پوءِ هر

خواب ڏسندڙ سندن مک جو ديدار ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري آيو. هڪ ئي رستي تي تارن جو جهرمٽ گڏ ٿي ويو. هر تاري پنهنجو خواب ٻڌائي ڪي ٻڌايو. حيرت جي حد نہ رهي. هي سيئي ماڻهو جيئن ئي حضرت بهاؤالدين جي گهر وٽ پهتا. پاڻ ڪين ڏسي فرمايو،"! جيسين حضرت پيغمبر عليہ السلام درويشن جي حالت توهان کي نہ ٻڌائي توهان کي پڪ نہ آئي."

ان جو مطلب پاڻ ان خواب کان واقف هئا. انهن ماڻهن کي ڪجه چوڻ جي ضرورت نہ هئي. اهي ماڻهو حق جو ڪلمو پڙهي سندن مريد ٿي ويا. ان مبارڪ خواب کانپوءِ رب تعالي سندن علم ۾ اهڙي برڪت وڌي جو خراسان وارا هر مسئلو وٽس ڪٽي ايندا هئا. شاهي خاندان سان لاڳاپا هئا. ان هوندي بہ پاڻ سادي زندگي گهاري رهيا هئا. بيت المال مان ملندڙ ڪجه پئسن مان گذران ڪري رهيا هئا. مجلس جو انداز شاهاڻو هو. مريدن ۽ شاگردن جي مجال نہ هئي جو اجازت کانسواءِ چري سگهن.

........*

سندن والد جي شادي شاهي خاندان جي شهزادي ملڪ جهان سان ٿيل هئي. پاڻ بہ ان ڪري ديني علم کي ذريعو ناهيو هو جيئن سندن بہ شادي شاهي خاندان ۾ ٿئي. خدا سندن ان خواهش جو بدلو ڏنو. شمس الائمہ سرخسي جي ڏيءَ سان سندس شادي ٿي. سرخس، بلاخ خراسان ۾ "مشهد" ۽ "مرو" جي وچ ۾ هو. شمس الائمہ سرخسي جي زندگي گهڻو ڪري بخارا ۾ گذري هئي. بلخ بہ انهيءَ طرف هو. 604 هہ ۾ ان عظيم خاندان ۾ عظيم فرزند ڄائو. سندس نالو جلال الدين محمد رکيو ويو ۽ اهو فرزند وڏو ٿي "مولانا روم" بنجي اسلام لاءِ فخر جو ڪارڻ ٿيو. تاريخ ۾ سندن هڪ ياءُ ۽ وڏي ڀيڻ فاطمہ خاتون جو نالو بہ اچي ٿو. مولانا جلال الدين ۾ برزگيءَ جا اهي آثار ننڍپڻ کان هئا.

سندن عمر اڃا پنج سال هئي تہ بہ پاڻ اهڙو بيچين ٿي ويندا هئا جو حضرت بهاءُ الدين جا مريد ڪين پڪڙي وٺندا هئا. اهو اثر غيبي ۽ روحاني شڪليون نظر اچڻ ڪري ٿيندو هئن. حضرت بهاؤالدين اهي حالتون ڏٺيون تہ ڪين فڪر ورايو. جنهن مرتبي جو هي ٻار هو، ان مرتبي جو سندس تربيت ڪندڙ هئڻ گهرجي. هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ کانپوءِ سندن نظر پنهنجي هڪ خاص مريد سيد برهان الدين ترمذي تي پئي. سيد برهان الدين ترمذي جا وڏا عظيم بزرگ هئا جيڪي پنهنجي وطن ترمذ کان بلخ لڏي آيا هئا. بلخ ۾ ان مهل ان خواب جو وڏو چرچو هو، جيڪو شهر جي مفتين ڏٺو هو. جنهن ۾ حضور صہ حڪم ڏنو هو تہ بهاؤالدين کي سلطان العلماءُ چيو وڃي. سيد برهان الدين ان مهل ئي حضرت بهاؤ الدين جي خدمت ۾ حاضر ٿيا هئا ۽ مريديءَ جو شرف حاصل ڪيو هئائون.

سندن والد مولانا جلال الدين جي سرپرستي جو مسئلو ڪين ٻڌايو ۽ اها ذميداري سندن حوالي ڪرڻ لاءِ چيو.

"برهان الدين مان چاهيان ٿو تہ جلال الدين جي تربيت توهان جي زير سايہ ٿئي."

" اوهان جي حڪم کان انڪار مجال نہ آهي پر مرشد ان لاءِ تہ ڪيترا عالم آهن جيڪي هي فرض سرانجام ڏئي سگهن ٿا. .

مان ان شايد لائق ناهيان. ان جي تربيت جيڪر اوهان خود ڪريو تہ بهتر ٿيندو."

"جلال الدين ڪو عام ٻار ناهي. پاڻ سلوڪ جون منزلون طئ ڪري رهيا آهن. ان جي تربيت منهنجو وس ۾ ناهي. هن جي حالت ڏسي مناسب اهو ئي آهي توهان هن جي تربيت ڪريو."

" مرشد توهان بهتر ڄاڻو ٿا. مان حاضر آهيان."

مولانا جلال الدين جي تربيت شروع ٿي وئي.

اڃا سندس عمر چه سال هئي. پاڻ هڪ ڏينهن شهر جي چوڪرن سان گڏ گهمي رهيا هئا. هڪ چوڪري چيو،" اڄ هن چت تان هن چت تي ٽپو ڏيون."

مولانا ڪلي چيو،" اهو تہ ڪتا، ٻليون ۽ ٻيا جانور بہ ڪري سگهن ٿا. جي روحاني طاقت آهي تہ آسمان تي هلون ۽ ملڪوت جو نظارو ڪريون."

اهو چئي پاڻ گم ٿي ويا. چوڪرن جي رڙين ڪرڻ تي ٻيهر ظاهر ٿيا.

"تون ڪيڏانهن هليو ويو هئين. جلال الدين تون ڪيئن گم ٿي وئين."

"جنهن مهل مان توهان سا ڳالهائي رهيو هوس، تہ ان وقت سائو ويس پاتل هڪ ٽولو مون کي توهان جي وچ مان کڻي وڃي آسماني ۽ روحاني سير ڪرايو."

" پوءِ تون ڪيئن واپس موٽي آئين؟"

چوڪرن پڇيو،" جڏهن توهان جي رڙين جو آواز مون کي آيو تہ مونکي هت واپس پهچايو ويو."

"اهو ٽولو اسان کي نظر چو نہ آيو؟"

مولانا جلال الدين رومي جو تعارف

نالو: جلال الدين محمد
والد جو نالو: حضرت بهاءُ الدين
والد جو لقب: سلطان العلماءُ
مولانا جو لقب: خداوندگار
اباڻو وطن: خراسان
وطن: بلخ
رهڻ جو هنڌ: قونيہ (روم)
گهر واري: گوهر خاتون
اولاد: سلطان ولد، علاءُ الدين ۽ هڪ نياڻي
جنم جي تاريخ : 604 ھ
وفات: 672 ھ (5 جماد الآخر)
مدفن: قونيہ

"ان لاءِ تہ توهان جلال الدين ناهيو."

پاڻ اهو چئي چوڪرن کي وائڙو ڪري هيٺ هليا آيا. اهو واقعو گهڻو لڪل نہ رهيو. چوڪرن جي واتان سيني کي خبر پئجي وئي. هاڻ سيد برهان الدين کي اندازو ٿيو تہ ڪهڙي برڪت واري ٻار جي سرپرستي کين سونپي وئي هئي.

ان عمر ۾ بہ اهو حال هون تہ پاڻ کاڏو ٺئين يا چوٽين ڏينهن کائيندا هئا. اهو حال ڏسي حضرت بهاؤ الدين فرمايو،" جيسين مان جيئرو آهيان، ڪير مون جهڙو نہ پيدا ٿيندو. جڏهن مان گذاري وڃان تہ پوءِ ڏسجو منهنجو فرزند جلال الدين ڇا ٿو مرتبا ماڻي ؟ هو منهنجي جاءِ تي هوندو، بلڪ مون کان بہ مٿي ويندو."

........*

علاؤ الدين محمد بن تڪش خان بادشاهہ جو دور هو. سلجوقين جو سڄو ملڪ ۽ ان کان بہ ڪجهہ وڌيڪ هن جي

قبضي هيٺ هو. ستاويه بادشاهه واري واري سان هڪ هڪ ڏينهن سندن دربار ۾ ايندا هئا. ان ڪانسواءِ هو بهاؤالدين جو عقيدتمند پڻ هو. هو ساڻن ملڻ لاءِ به ايندو هو. هڪ ڏينهن هو زيارت لاءِ آيو. حضرت سلطان العلماءَ هٿ بدران پنهنجو جبو مبارڪ اڳتي وڌايو. سلطان ان کي چميو، پر دل ۾ اهو خيال ضرور آيس ته سلطان العلماءَ کي پنهنجي علم تي ڪيڏو هٿ آهي. حضرت بهاءَ الدين تي سندن دل جو حال ظاهر ٿيو. پاڻ سندن تسلي لاءِ فرمايو، " آدرياءَ جو اهو انداز عالمن جو ڪم آهي. جنهن سلطان اصل دين کي سمجهيو آهي، ان هر شيءِ حاصل ڪئي. اهو غرور ناهي. "

هڪ دفعو پاڻ فرمايائون، " مان سلطان آهيان ۽ توهان به توهان جي سلطنت ايسيتائين آهي جيسيتائين توهان جي اڪ ڪليل آهي. منهنجي سلطنت ان مهل شروع ٿئي ٿي جڏهن منهنجي اڪ بند هوندي آهي. "

هين لفظن ۾ پاڻ اهو فرمايائون ته جيسين تنهنجو تخت تاج ۽ زندگي آهي، اهو فقط تنهنجي زندگيءَ تائين آهي. جيڪو ٿورن ڏينهن تائين آهي. منهنجو نالو قيامت تائين زنده رهندو. سندن اهو چوڻ صحيح هو، پر دنيادار بادشاهه ان کي پسند نه ڪيو. علاؤ الدين جي پيشانيءَ تي گهنج پئجي ويا. اهڙا ڪيئي مسئلا آيا. تان جو سلطان علاؤ الدين جي دل ۾ سندن بابت ڪدورت اچي وئي. پر ماڻهن ۾ سندن اثر ڏسي هو ماٺ رهيو.

حضرت بهاؤ الدين، سلطان العلماءِ جي دعوت ۽ نصيحتن کي ماڻهن ۾ حد کان وڌ قبوليت جو درجو مليو ۽ مريدن جو تعداد به بي انتها وڌي ويو. ڪيترن عالمن کي حسد ٿي رهيو هو. ڪيترا ان سوچ ۾ هئا ته ڪيئن به ڪري بادشاهه کي سندن مخالف بڻائجي. ڪين اهو موقعو به هڪ ڏينهن ملي ويو.

هڪ دفعي سلطان علاؤ الدين سندن زيارت لاءِ آيو ته مريدن جو هڪ تمام وڏو ميڙ موجود هو. بادشاهه جي مقربن مان هڪ صاحب سيد بهاؤ الدين رازي هو، جيڪو ان مهل بادشاهه ويجهو وينو هو. (ڪجهماڻهن ان کي امام فخرالدين رازي به لکيو آهي، جيڪو غلط آهي).

"ڪيڏو ته وڏو ميڙ آهي؟" بادشاهه جي واتان بي اختيار نڪتو.

" جي ها!" مقرب رازي ڪيس چيو، " پر ان جو ٽوڙ نه ڪيو ويو ته اهو انديشو آهي ته سلطنت جي انتظام ۾ به گڙ ٻڙ ٿي سگهي ٿي. وقت هليو ويو ته ٽوڙ ڏکيو ٿي پوندو. "

"سلطان العلماءَ کي دنياوي سلطنت مان ڪهڙو مطلب؟ "بادشاهه چيو.

"ڪين ته ان جي گهرج ناهي، پر پوءِ به پڪ سان چئي نه ٿو سگهجي. سندن چئني پاسن کان جيڪي عقيدتمند ۽ اڪابر زيارت لاءِ اچن ٿا، ٿي سگهي ٿو ته ڪا بغاوت نه ڪري ويهن. "

سلطان ان مهل ته ماٺ ٿي ويو، پر حضرت سلطان العلماءَ سان ملڻ کان سواءِ موٽي ويو. سندن ان طرح موٽي اچڻ ان ڳالهه جو ثبوت هو ته بادشاهه جي دل ۾ سندن لاءِ ڪدورت اچي وئي هئي. جنهن جو سندن ساٿين فائدو ورتو ۽ هن کي حضرت خلاف

پڙڪائڻ شروع ڪيو. بادشاهه ڪي پڪ ٿي وئي هئي ته جلد ان جو توڙ نه ڪيو ويو ته شايد سلطنت سندن هٿن مان نڪري ويندي. اهو به خيال هن جي دل ۾ آيو ته ته سلطان العلماءَ جي امڙ شاهي خاندان مان آهي، ڪهڙي خبر ته پنهنجي پٽ ڪي بادشاهه ڏسڻ ٿي چاهي ۽ سلطان العلماءَ جي دل ۾ مريدن جي گهٽائيءَ مان فائدو وٺڻ جو خيال اچي.

بادشاهه ڪجه معتبر عالمن ذريعي ڪين نياپو موڪليو،" ماڻهن جي اڪثريت توهان سان گڏ آهي ۽ هيو سڀ ڪجه به اوهان وٽ آهي. مون وٽ صرف سلطنت جي خزاني جون چابيون وڃي بچيون آهن. اهي به حاضر آهن. جي مملڪت بلخ قبول هجي ته مان اڄ ئي اهي چابيون به اوهان جي حوالي ڪيان ۽ مون کي موڪل ڏيو ته مان ڪنهن ٻئي ملڪ هليو وڃان. هڪ ملڪ ۾ به بادشاهه ته نه ٿا رهي سگهن."

اهو نياپو اهڙو نه هو، جنهن ڪي سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿئي ها. حضرت بهاؤالدين سمجهي ورتو ته بادشاهه ڪي سندن بلخ ۾ رهڻ پسند ناهي. ان سان گڏ ڪين پنهنجي شيخ، شيخ نجم الدين ڪبريا جي اڳڪٿي ياد آئي. حضرت شيخ نجم الدين ڪبريا جو خليفو اڪبر حضرت مجد الدين بغدادي هو. حضرت مجد الدين ڪي ان بادشاهه فقط تهمت ڪري درياهه ۾ ٻوڙايو هو.

شيخ نجم الدين ٻڌو ته سجدي ۾ ڪري پيو. ٿوري دير سجدي مان اٿيا ۽ فرمايائون" مون خدا کان دعا گهري هئي. مجدالدين جي خون بها جي ڪري سلطان جو ملڪ ان کان ڦري ڇڏ. اها دعا قبول ٿي وئي آهي." ان کانپوءِ پاڻ اها اڳڪٿي ڪيائون ته "تمام جلد بادشاهه جو سر ويندو. مان به جلدئي مري ويندس ۽ گڏوگڏ هزارين ماڻهو قتل ٿيندا. " ان کانپوءِ پاڻ مريدن ڪي خوارزم مان نڪري وڃڻ لاءِ چيو، پر پاڻ اتي ترسيل رهيا.

حضرت سلطان العلماءَ ڪي خيال آيو ته شايد ان اڳڪٿي پوري ٿيڻ جو وقت اچي ويو آهي. ان لاءِ اهي ئي سبب پيدا ٿي رهيا آهن ته جيئن مان هتان نڪري وڃان. پاڻ عزم ڪيائون ته خوارزم مان نڪري ويندا. ٻئي ڏينهن پاڻ ميڙ ۾ فرمايائون،" روانگيءَ جو ارادو آهي جنهن جو ارادو هجي، اهو اسان سان نڪري هلي." مجلس ۾ ماتم طاري ٿي ويو. ان اعلان کانپوءِ سڏڪن کانسواءِ هيو ڪجهه ٻڌڻ ۾ نه پئي آيو. اها خبر اهڙي نه هئي جو لڪل رهي ها. جيڪي مانهن ان مجلس ۾ هئا، انهن ذريعي اها خبر جهنگ جي باهه جيان سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي ته "بلخ جي برڪت بلخ کان وڃڻ واري آهي."

شهر ۾ بيچيني پکڙجي وئي. جڏهن اها حالت بادشاهه ڏٺي ته بادشاهه ڪي اچي ڊپ ورايو. هن قاصد ڊوڙايا ته ڪنهن به طرح حضرت ڪي روڪيو وڃي. رات جو پنهنجي وزير سان هو سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو. گهڻو ئي چاهيائين ته حضور جو ارادو بدلجي پر پاڻ ان تي راضي نه ٿيا.

" توهان جو اهو ضد آهي ته پوءِ مان اوهان کي مجبور نه ڪندس، پر توهان اهڙي طرح وڃو جو ماڻهن کي خبر نه پوي نه ته فتنو برپا ٿي ويندو."

"مان پاڻ اهو نه ٿو چاهيان ته

سلطنت ۾ ڪو ڏڪيو تئي. " سلطان العلماءَ چيو.

هئي ڏينهن جمعو هو. پاڻ جامع مسجد ۾ ويا. ماڻهن کي خبر هئي تہ سندن سفر جو ارادو آهي.

اهو نوراني چهرو ڏسڻ نصيب ۾ آهي يا نہ؟ مسجد ماڻهن سان ستيل هئي. سڀ اداس هئا. پهرين صف ۾ بادشاهه پاڻ بہ هو. حضرت بهاؤ الدين وعظ جي منبر تي بيٺا. پاڻ جيڪو ڪجهہ چيائون، ان تي بلخ وارا وائڙا ٿي ويا،" مون ڪانپوءِ تاتار جو لشڪر اچي رهيو آهي. اهو سڄي ملڪ خراسان تي قبضو ۽ بلخ وارن کي قتل ڪندو. بادشاهه روم ڏانهن ڀڄي ويندو ۽ اتي ئي مري ويندو."

پاڻ اهڙو بندوبست ڪيائون جو رات جو بلخ مان نڪتا تہ جيئن ڪو ڏڪيو نہ ٿئي. ان هوندي بہ مريدن، عقيدتمندن مان ٽي سؤ اصحاب سفر لاءِ راضي هئا. ٽن سؤ اٺن جو، ڪتابن ۽ ساٿين جي سامان لاءِ بندوبست ڪيو ويو. سندن امڙ زال ۽ ٻار بہ ان قافلي ۾ هئا. سيد برهان الدين پنهنجي وطن ترمذ ويل هئا، جنهن ڪري هو ان قافلي ۾ نہ شامل هئا.

مولانا جلال الدين رومي جي ان وقت عمر چهہ سال هئي. ان هجرت جو وقت ڪن 609 هہ ۽ ڪن 610 هہ لکيو آهي. اهو عظيم الشان قافلو شان ۽ شوڪت سان رات مهل شهر وارن کي ننڊ ۾ ڇڏي بلخ جي حدن کان اڳتي نڪري آيو. پاڻ شهر کان شهر سفر ڪندا جڏهن نيشاپور پهتا تہ اتي مشهور صوفي بزرگ حضرت فريد الدين عطار سان مليا. ان ملاقات ۾ مولانا جلال الدين رومي بہ ساڻن گڏ هو. حضرت عطار جي نظر جڏهن هن تي پئي تہ پاڻ حيران ٿي ويا. اڪيچنپ ۾ اهو سڀ ڏٺائون، جيڪو لکل هو. پاڻ مولانا جلال الدين رومي جي آئندہ جي عظمت ۽ جلال جي اڳڪٿي ڪئي ۽ پنهنجو ڪتاب "اسرارنامو" ڪين سوڪڙي طور ڏنو.

هي قافلو ٻين شهرن جيان نيشاپور کان اڳتي نڪتو. هاڻي سندن رخ بغداد ڏانهن هو. ڪنهن شهر جا آثار نہ آيا تہ ترسڻ جو ارادو ڪيائون. شهر ۾ پهتا تہ شهر جي محافظن سندن رستو روڪيو،" توهان ڪير آهيو ۽ ڪٿان آيا آهيو؟"

حضرت سلطان العلماءَ جواب ڏنو،" من الله والي الله ولا حول ولا قوت الا بالله از لامڪان مي آيم و بلا مڪان مي رويم!."

"اسان توهان جو جواب خليفي تائين پهچايون ٿا. هن جي موڪل منلدي ئي توهان شهر ۾ داخل ٿي سگهندا."

پاڻ شهر ٻاهران ترسيل هئا ۽ محافظ هي عجيب ۽ غريب جواب ڪٽي خليفي ڏانهن ويا. خليفي اهو ٻڌو تہ حيران ٿي ويو. هي ڪير بزرگ آهي، جيڪو آيو آهي ۽ اهو بہ ان شان سان جو سڄو شهر ساڻس گڏ آهي.

فقيرن جا اسرار فقير ئي ڄاڻي سگهن ٿا. خليفي پنهنجي ماڻهن کي شيخ شهاب الدين سهروردي ڏانهن موڪليو،" اهو قول حضرت بهاءُ الدين کانسواءِ ٻئي ڪنهن جو بہ ٿي نہ ٿو سگهي" اهو چئي شيخ شهاب الدين پاڻ خود آڏر ياءُ جي لاءِ شهر کان ٻاهر نڪتا. ٻئي بزرگ ڀاڪر پائي مليا

" منهنجو گهر حاضر آهي، جيسين

وڃيو رهو." حضرت شيخ آڇ ڪئي.

" علم جي حصول لاءِ ايندڙ شاگردن جي لاءِ اهو مدرسو ئي مناسب آهي."

"بغداد ۾ مدرسن جي ڪوٽ ناهي."

حضرت شيخ شهاب الدين رح مستنصر مدرسي ۾ سندن رهڻ جو بندوبست ڪيو. خليفي کي خبر پئي تہ پاڻ ٽي هزار دينار خدمت ۾ موڪليائون. پاڻ ٽورو مڃي اهي دينار موٽائي موڪليا. باقي شيخ شهاب الدين جي چوڻ تي پاڻ جمعي ڏينهن مسجد ۾ وعظ ڏيڻ قبول ڪيو. لفظن ۾ اهڙو اثر ۽ دلڪشي هئن جو بغداد جا ماڻهو جهومي اٿيا. زور ٿيو تہ روز مجلس هجي. پاڻ خليفي کي انڪار ڪري سگهيا پئي، پر ماڻهن کي انڪار ڪري نہ ٿي سگهيا. پاڻ اهو قبوليائون. ماڻهن ڏٺو تہ علم جو درياه پنهنجو جوبن تي آهي. بغداد جي ماڻهن هتي طرح طرح جون مجلسون ٻڌيون هيون ۽ مختلف قسم جا وعظ ٻڌا هئا، ڇو تہ هتي نہ واعظ ڏيندڙن جي ڪوٽ هئي نہ ٻڌندڙن جي، پر هاڻي جيڪو ڪڪر ڇانيل هو، انهيءَ جي وسڻ جو انداز ئي ڪو ٻيو هو.

حضرت سلطان العلماءِ پنهنجي مجلسن جي شروعات بسم الله جي تفسير سان ڪئي. اها بابرڪت مجلس ايڏي تہ مشهور ٿي جو عام ماڻهو ئي نہ پر بغداد جا شيخ بہ انهن محفلن ۾ شاگرد بنجي حصو وٺندا رهيا.

ان دوران هڪ رات حضرت سلطان العلماءِ پاڻي گهريو. مولانا جلال الدين سندن خدمت ۾ هر وقت حاضر رهندو هو ۽ ائين سندن خدمت ڪندا هئا، جيئن ڪو مريد ڪنهن مرشد جي خدمت ڪندو هجي. پاڻ ان مهل جاڳي رهيو هو. پيءُ کو حڪم ڏي ۽ هو اهو پورو نہ ڪري. پاڻ جيئن ئي ٿانو کڻي در ڏانهن وڌيا، در پنهنجو پاڻ کلي ويو. پاڻ مدرسي جي ٻاهرين در وٽ آيا، هي در بہ کلي ويو. پهريدار ستل هو. ان جي اک کلي وئي. هو واڙو ٿي ويو. مولانا جلال الدين جي نڪرندي ئي در بہ بند ٿي ويو. مولانا دجلہ نديءَ ڏانهن وڃي ڪري پاڻي پيري موٽي آيو. در وري کليو ۽ پاڻ اندر هليو ويو.

پهريدار اها حالت ٻيهر ڏٺي تہ هن ماڻهن کي ٻڌايو. هڪ ٻئي کي ٻڌايو ۽ ٻئي ٽئين کي ٻڌايو. ايئن ماڻهن ۾ سندس چرچو شروع ٿيو. حضرت بهاءُ الدين کي خبر پئي تہ پهريدار کي گهرايائون ۽ کين سختيءَ سان جهليائون تہ ،" نہ فقط هي واقعو پر هو جيڪو ڪجهہ بہ ڏسي اهو ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائي." هن معافي گهري پر مولانا جلال الدين جي عظمت جو سڪو هن جي دل تي نقش ٿي ويو.

هڪ مهيني کان وڌ وقت گذري ويو. اڃا بسم الله جو تفسير جاري هو جو حج جو وقت اچي ويو. پاڻ سفر جي تياري ڪئي ۽ مڪي معظم روانا ٿيا. سندن ارادي مان لڳو پئي تہ سندن بغداد موٽي اچڻ جو ڪو ارادو نہ هو.

حج ڪانپوءِ هي قافلو حجاز کان دمشق پهتو. دمشق ۾ العادل سيف الدين ابوبڪر ايوبي (سلطان صلاح الدين ايوبي جو ڀاءُ) حڪمران هو. شام وارن گهڻو چاهيو تہ پاڻ ترسن، پر پاڻ ان تي راضي نہ ٿيا. ٿڪ لهڻ تائين سامان ڪليل هو ۽ پوءِ پاڻ اها سياحت شروع ڪيائون، جيڪا صوفين ۽ بزرگن جو مقدر هوندي آهي. رستي ۾ ايندڙ

هر شهر سندن قدمن سان آباد ٿيندو ويو. جنهن شهر مان لنگهيا پئي، اتي جا رهاڪو شهر کان ٻاهر نڪري آڏرياءَ ڪري نهايت احترام سان ڪيس شهر ۾ وٺي ايندا هئا. سندن شهرت اهڙي هئي جو پهچڻ کان اڳ ماڻهن کي خبر پئجي ويندي هئي. اڪثر جاين تي ماڻهن جي چوڻ تي پنهنجن ساٿين مان ڪنهن نه ڪنهن کي پنهنجي جاءِ تي ڇڏيندا آيا.

وطن کي ڇڏئي چار سال ٿي ويا هئن. اهو سڄو وقت سفر ۾ گذري ويو هون. مولانا جلال الدين ساٺن گڏ هو. ڊگهو سفر. شهر شهر جي سفر مان ظاهر هو ته مولانا جلال الدين جي تربيت پئي ٿي. هن کي سفر جي سختين کان سونهون ڪيو پيو ويو. جنهن شهر ۾ ويا پئي، اتان جي صوفين ۽ عالمن سان ملندا هئا. اهو به تربيت جو هڪ طريقو هو.

614 ھ ۾ پاڻ هڪ شهر ملاطيه پهتا.

هي قافلو ملاطيه مان ٿي آذربائيجان مان لنگهي رهيو هو. ڪيترن ساٿين چاهيو ته اتي ترسجي، پر پاڻ ان شهر ۾ وڃڻ پسند نه ڪيائون. اٿن جي قطار هڪ هڪ ڪري شهر پناهه جي پٽ هيٺان لنگهي رهي هئي. شهر جا محافظ حسرت سان ڪين ويندي ڏسي رهيا هئا. ڪين افسوس ٿي رهيو هو ته هي برڪت وارو قافلو شهر ۾ اچڻ بدران ٻاهران هليو ويو هو. هي محافظ ڊوڙندا عصمت خان (ملڪ ملڪ فخرالدين آذربائيجان) جي خدمت ۾ پهتا. جڏهن هن کي خبر پئي ته مولانا بهاءُ الدين شهر مان لنگهي رهيا آهن، ته پاڻ سندن پٺيان وئي. هن جي پٺيان پٺيان ملڪ فخرالدين به پهتو. هنهي ڏاڍو چاهيو ته پاڻ شهر ۾ هلي ترسن پر پاڻ راضي نه ٿيا. راضي ٿيا به ته ان تي شهر ٻاهران سندن مدرسو ٺاهيو وڃي، جتي پاڻ ترسندا. سندن لاءِ مدرسو ٺاهيو ويو. پاڻ درس ۽ تدريس ۾ مشغول ٿي ويا.

ملڪ فخرالدين ۽ عصمت خاتون هڪ ٻئي جي پٺيان جلدي لاڏاڻو ڪري ويا. حضرت سلطان العلماءَ هتان نڪري لارنده ۾ ترسيا.

تاتارين جي قتل ۽ دهشتگردي عروج تي هئي. سڄو ملڪ ان ۾ وکوڙيل هو. بلخ تباهه ٿي ويو هو. سلطان علاءالدين فرار ٿي پناهه لاءِ واجهائي رهيو هو. حضرت کي وطن مان نڪتي اٺ سال ٿي ويا هئا. پاڻ ڪنهن به شهر ۾ گهڻو نه ٿي ترسيا. پاڻ لارنده شهر ۾ داخل ٿيا.

هي شهر قونيه جي تابع هو. امير موسيٰ نائب سلطان علاءالدين هتان جو حاڪم هو. هن سندن آڏرياءَ ڪيو. پنهنجي گهر ۾ ترسائڻ چاهيو، پر پاڻ اهو مناسب نه سمجهيائون. هت به سندن لاءِ مدرسو ٺهرايو ويو. هت به پاڻ مجلس وعظ شروع ڪيو ته شهري پروانن جيان ٽٽي پيا. اهڙي هڪ مجلس ۾ پاڻ حضرت خواجه شريف الدين سان مليا. هي به تاتارين جي ڪري وطن ڇڏي لارنده هليا آيا هئا. اها ملاقات دوستيءَ ۾ بدلجي وئي. اها دوستي ايڏي وڌي جو پاڻ سندن پٽ جلال الدين روميءَ جي شادي هن جي نياڻي گوهر خاتون سان ڪري ڇڏي.

مولانا جلال الدين رومي جي عمر شاديءَ مهل ارڙنهن سال هئي ۽ پاڻ سيئي ظاهري علم حاصل ڪري چڪا هئا. ڇهن

سالن جي عمر کان وٺي پاڻ پنهنجي پيءُ سان گڏ هئا ۽ خاص تربيت سان فيض ياب ٿي رهيا هئا. سندن ذهانت ۽ حافظي جي ڪري ڪين سندن حاصل علم جو هڪ هڪ لفظ ياد و هو ۽ پاڻ ڇڻ هلندڙ ڦرندڙ ڪتاب هئا.

جنهن وقت سلطان العلماءُ بغداد ۾ ترسيل هئا، علاءُ الدين ڪيقباد (سلطان روم) طرفان ڪجهه سفير سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا هئا. اهي سندن شان ۽ عظمت ڏسي هن جا مريد بڻجي ويا. هنن موٽي وڃي سلطان آڏو سندن ايڏي ته ساراهه ڪئي جو هو سندن اڻ ڏٺو عقيدتمند بنجي ويو هو ۽ سندن دل ۾ بي انتها خواهش پيدا ٿي ته هو ساڻن روبرو ملي. پر پاڻ اهو سهر جلدئي ڇڏي هليا ويا هئا ۽ سلطان ساڻن ملي نه سگهيو.

وقت ان خواهش جي نشان ڪي ڏنڌلو ڪري ڇڏيو هو جو ڪيس لارنده ۾ حضرت جي قيام جو اطلاع مليو. لارنده هن جي سلطنت جي حد ۾ هو ۽ هن جو نائب اتان جي حڪمراني ڪري رهيو هو. هن يڪدم امير موسيٰ کي نياپو موڪليو ته هو قونيه پهچي سلطان سان ملي. اهو نياپو ملندي ئي امير موسيٰ جيئن هو ائين ئي روانو ٿيو.

جنهن بيتابيءَ سان امير موسيٰ قونيه پهتو، ان کان وڌيڪ بيتابيءَ سان سلطان سندس انتظار ڪري رهيو هو. امير موسيٰ کي ڏسندي ئي سنطان هن کي ڏاڍي چنڊ پٽي، "حضرت بهاءُ الدين ڪيترن ڏينهن کان لارنده ۾ ترسيل آهن؟ اڪل ست سال ڪن. غضب خدا جو، هو تو وت ست سالن کان ترسيل آهن ۽ تون مون کي ٻڌايو به نه؟ ڇا تون منهنجو نائب ناهين؟ ڇا تنهنجو اهو فرض ناهي، جيڪو لارنده ۾ ٿئي، تون ان کان مون کي واقف ڪرين؟"

"بيشڪ اها منهنجي ڪوتاهي آهي."

"سبب؟"

"پاڻ درويش آهن ۽ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندا آهن. ڪائنڪو خطرو هجي ها ته مان توهان کي ضرور ٻڌايان ها."

"هاڻي هنن تائين اهو نياپو پهچاءِ ته اسان وت قونيه اچن ۽ ترسن."

امير موسيٰ اهو حڪم ٻڌو ۽ لارنده موٽي آيو. سلطان جي قهر کان بچڻ جو هڪ ئي طريقو هو ته حضرت سلطان العلماءِ کي ڪنهن به طرح قونيه طرف روانو ڪري. امير موسيٰ لارنده پهچندي گهر وڃڻ بدران مدرسي ڏانهن هليو آيو، جتي حضرت سلطان العلماءُ ترسيل هئا. ڪين اهو نياپو پهچايائين.

"سلطان سان ملڻ ۾ مون کي شرعي سبب آهي. سلطان شراب پئي ٿو ۽ مان ڪنهن اهڙ ماڻهوءَ سان نه ٿو ملي سگهان. گهڻو مجبور ڪيائين ته لارنده ڇڏي ڪو ٻيو ماڳ وسائينداسين."

"حضرت اهو ظلم نه ڪيو. مان سلطان جي قهر کان بچي نه سگهندس."

"مون جيڪو چيو آهي، اهو سلطان کي وڃي ٻڌاءِ."

"مان اها ڳالهه چوڻ جي همت ڪٿان آڻيان."

"تون پاڻ اهو نه ٿو چوين. اهو منهنجو نياپو آهي. جي سزا ملي ته مونکي ملندين."

امير موسيٰ نه چاهيندي به هليو

آيو. هو عجيب مشڪل ۾ هو. سلطان العلماءَ سان زوري ڪري نہ ٿي سگهيو ۽ نہ ئي سندن نياپو سلطان روم تائين پهچائڻ جي همت هن ۾ نہ هئي. هو رات تائين جاڳندو رهيو ۽ ڊپ هن کي وکوڙي ويو. هو قونيہ روانو ٿيو ۽ سلطان کي ڊڄندي ڊڄندي حضرت بهاءالدين جو نياپو ڏنو.

سلطان اها ڳالهہ آرام سان ٻڌي ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. ٿوري دير کان پوءِ ڪنڌ مٿي ڪنيو تہ هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا،" ملڻ لاءِ اهو شرط آهي تہ مونکي قبول آهي. سلطان العلماءَ کي چئو تہ پاڻ قونيہ اچن ۽ هتي يڪو ترسن تہ مان شراب ڇڏڻ جو عهد ڪيان ٿو.،

هاڻ سلطان العلماءَ کي قونيہ وڃڻ ۽ سلطان سان نہ ملڻ جو ڪو بهانو نہ رهيو. امير موسيٰ کان موڪلائي قونيہ روانا ٿيا. سلطان علاءُ الدين ڪيقباد پنهنجن وزيرن ۽ اميرن سان سندن آڏرياءَ لاءِ شهر کان ٻاهر نڪري آيو. ڪين ساڻ ڪري محل وٺي آيو. محل ويجهو گهوڙي تان لهي پنڌ لهي هلڻ لڳو. پاڻ جيڏو ڪيس جهليائون پئي، سلطان اوڏو فرمانبرداريءَ جو مظاهرو پئي ڪيو. هن جو وس نہ ٿي پهچو جو پنهنجيون اکيون ڪڍي حضرت جي قدمن هيٺ رکي.

ايڏي پرجوش آجيان هوندي بہ پاڻ محل ۾ رهڻ تي راضي نہ ٿيا. پاڻ مدرست القونيان ۾ ترسيا. سلطان ڪيترين ئي سوڪڙين پاڪڙين ڏنيون، پر پاڻ نہ قبوليائون. سلطان، حضرت بهاءُ الدين بابت جيڪو ٻڌو هو، پاڻ ان کان بہ وڌ هئا. ڪجهہ ملاقاتون ٿيڻ کانپوءِ سندن علم ۽ فضل جو معترف ٿي ويو ۽ سندن هٿ تي بيعت ڪيائين. هڪ ڏينهن سلطان العلماءُ سلطاني مسجد ۾ وعظ ڪري رهيا هئا. سلطان بہ وينو هو ۽ سلطان جو نگران اميربدرالدين گهرتاش بہ هو. تقرير پنهنجي عروج تي هئي. اوچتو حضرت سلطان العلماءُ پنهنجو موضوع وچ ۾ ڇڏي اميرڏانهن اشارو ڪري چيو

"توهان کا آيت پڙهو."

امير سورت "قد افلح المؤمنون" پڙهڻ شروع ڪئي.

سلطان العلماءُ چيو هاڻي هن جي تفسير ٻڌو ۽ ڪيترا جمعا ان جي تفسير ٻڌائيندا رهيا.

اها ڳالهہ اصل ۾ هڪ راز هئي ۽ امير ان راز کي ائين کوليو،" جڏهن سلطان العلماءُ تقرير ڪري رهيا هئا تہ منهنجي دل ۾ خيال آيو تہ سلطان العلماءُ ڪيڏا ڪتاب پڙهيا آهن ۽ ڪيڏو سنو ذهن اٿس جو اهو سڀ ياد اٿس ۽ پوءِ اهو خيال آيو تہ پاڻ پنهنجي موضوع جي تياري ڪندا هوندا. اوچتو ڪو موضوع ملي وين تہ پوءِ ڇا ڪندا. سلطان شايد منهنجي دل جي ڳالهہ ڄاڻي ورتي ۽ منهنجي پڙهيل سورت جي تفسير ٻڌائڻ شروع ڪئي."

اهو راز ظاهر ٿيڻ کانپوءِ امير گهرتاش سلطان العلماءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿي معافي گهري. حضرت سلطان العلماءُ فرمايو،" ان ڳالهہ جي عيوضي طور منهنجن شاگردن جي لاءِ هڪ مدرسو ٺهراءِ."

امير گهرتاش نهايت امير مانهو هو. هن لاءِ مدرسو ٺهرائڻ کا وڏي ڳاله نہ هئي. پاڻ سندن خوشنوديءَ لاءِ مدرسو ٺهرائڻ شروع ڪيو.

بزرگن جي هر ڳاله ۾ مصلحت

هوندي آهي. سلطان العلماء کي خبر هئي تہ هاڻ سندن عمر وڌيڪ سات نہ ڏيندي ۽ ڪائنئن پوءِ خاص ڪري سندن پٽ جلال الدين رومي وارث ٿيندو، جنهن لاءِ هڪ مدرسو هئڻ گهرجي. اڃا اهو مدرسو نٺهي رهيو هو جو سلطان العلماءَ بيمار ٿي پيا. سندن بيماريءَ جو ٻڌي سلطان روم عيادت لاءِ آيو. گهڻي دير تائين ويٺو رهيو.

جڏهن وڃڻ لڳو تہ ڪين دلاسو ڏنائين، "توهان جلدي ٺيڪ ٿي وڃي. مان چاهيان ٿو تہ توهان کي تخت تي ويهاريان ۽ خود سپهہ سالار بنجي فتحن ۾ مشغول ٿي وڃان."

اهو ٻڌي سلطان العلماءَ هن جي هٿ کان وٺي چيو، "اها نيت صحيح آهي تہ بس خبر پئجي وئي. مان شهادت کان سعادت ڏانهن سفر ڇو ٿو چاهيان."

بادشاهہ جي وڃڻ کانپوءِ ٽين ڏينهن جمعي جي ڏهاڙي منجهند وقت 28 ربيع الآخر 628 ھ تي پاڻ لاڏاڻو ڪري ويو. سلطان سڀ آخري رسمون پوريون ڪيون. ست ڏينهن تائين محل مان ٻاهر نہ نڪتو ۽ چاليه ڏينهن سوار نہ ٿيو. حضرت بهاءُ الدين جو مزار مبارڪ ٺهرايو. ان جي چوڌاري حصار ڪڍايائون ۽ سنگمرمر تي وفات جي تاريخ لکرائي.

........*

مولانا جلال الدين رومي ان مهل چوويه سالن جو هو. پيءُ جي صحبت کيس سيني ظاهري علمن ۾ ڀڙ ڪري ڇڏيو هو. بس اهو حال هو جو بادل ڀريل هئا، فقط وسڻ جي دير هئي. جانشينيءَ جو حق جيڪڏهن ڪنهن کي هو تہ فقط کيس هو. حضرت بهاءُ الدين جي سڄي ڄمار جي محنت هن جي اندر ۾ سمايل هئي.

حضرت بهاءُ الدين، سلطان العلماءَ جي وفات کي چاليه ڏينهن گذري ويا. جانشينيءَ جو مسئلو اٿيو. سيني اڪابرن سندن نالو کنيو. پاڻ ان منصب تي ايندي ئي درس ۽ تدريس شروع ڪيو. ماڻهن ڏٺو تہ هدايت جي آسمان تي هڪ نئون چنڊ ڪڙي آيو هو. قاعدو آهي تہ جڏهن ڪا عادت پوي ٿي تہ ڏاڍي مشڪل سان جان ڇڏي ٿي. حضرت سلطان العلماءَ کي ٻڌڻ جي ماڻهن کي عادت هئي. ڪنهن ٻئي تي سندن اک نہ ٿي ٻڌي. پر جڏهن پاڻ ڳالهايائون تہ ائين محسوس ٿيو تہ حضرت بهاءُ الدين پاڻ ڳالهائي رهيو آهي. پر هن ڀيري شان ئي ڪجهہ ٻيو هو. مولانا جا بہ اهي ئي حال هئا، جيڪي عالمن جا هوندا آهن. درس تدريس، وعظ جو انداز ۽ ٻيا سڀ ڪم سندس پيءُ کان هڪ قدم بہ گهٽ نہ هئا. بيت المال مان هڪ دينار مقرر هو. پاڻ فتوي جو معاوضو وٺندا هئا. سندن حڪم هو تہ جنهن مهل ڪو سائل فتوي لاءِ اچي تہ ان مهل ٻڌايو وڃي. پوءِ ڪنهن بہ حال ۾ هجن. فتوي جو جواب ان مهل ئي ڏيندا هئا. اهو ان لاءِ تہ بيت المال مان ملندڙ پئسا جائز ٿي وڃن.

سلطان علاءُ الدين ڪيقباد اڃا حيات هو. ٻيا اميربہ موجود هئا. سندن علم جي مشهوري وڌي رهي هئي. پر علم حاصل ڪرڻ جي شوق کين ويهڻ نہ ٿي ڏنو. سڀ مشغلا زنجير لڳندا هئن. هڪ ڏينهن مدرسو ڇڏي لارندہ هليا آيا. جتي سندن ساهرا هئا ۽ تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا پڻ هئا.

........*

سيد برهان الدين پنهنجي وطن ترمذ ۾ فراق جا ڏينهن ڪاٽي رهيا هئا. اهو سوچي ڪري بلخ کان ترمذ آيا هئا ته ڪجهه ڏينهن ۾ موٽي ويندا. پر حالتون بدلجي ويون هيون. ترمذ ۽ روم جي وچ ۾ سيني ملڪن ۾ ويڙهه هلي رهي هئي. جن رستن کان قافلا لنگهندا هئا، اتان لشڪر لنگهي رهيا هئا. پوءِ پاڻ ٻڌائون ته بلخ تباهه ٿي ويو. پير مرشد سلطان العلماءَ جي ڪا خبر نه هئي. اهڙيءَ طرح جدائي سمندي پنڌرنهن سال گذري ويا. هر منظر بدلجي ويو هو. حضرت بهاءُ الدين قونيه ۾ لاڏاڻو ڪري ويا هئا. اهو ٻار جنهن جو سيد برهان الدين نگران ٿيو هو، 25 سالن جو نوجوان هو. ان ڏڪي وقت ۾ نه هن ان ٻار کي ڏٺو هو ۽ نه وري مرشد سان مليو هو. پاڻ خواب ۾ ڏٺائون ته حضرت سلطان العلماءَ نهايت سختيءَ سان فرمائين ٿا، "برهانا لدين تون منهنجي جلال الدين رومیءَ کي اڪيلو ڇڏو ڇڏيو آهي ۽ ڇو هن جي حفاظت ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي."

پاڻ ان خواب مان پاڻ سمجهي ويا ته حضرت سلطان العلماءَ وفات ڪري ويا آهن، نه ته پاڻ ائين ڇو چون ها ته حضرت جلال الدين اڪيلو آهي ۽ مونکي حفاظت جو ڪم سونپيو ويو آهي. خواب ۾ ئي اها جاڳِ ورتائون ته سندن وفات قونيه ۾ ٿي آهي. پاڻ يڪدم روم ڏانهن روانا ٿيا. قونيه پهچي خبر پئي ته مولانا روم قونيه ۾ ناهي. سيد برهان الدين مسجد سنجري ۾ ترسي پيا ۽ جلال الدين رومیءَ کي خط لکيو ته لارنده رهڻ جي جاءِ ناهي، يڪدم موتِ اچو.

ان خط جي جواب ۾ حضرت مولانا لارنده کان قونيه هليو آيو ۽ مسجد سنجري ۾ پهتو. سيد برهان الدين سان مليو ته ننڍپڻ جي يادن جا هجوم اکين آڏو تري آين. اهي ڏينهن ڪيس ياد آيا، جڏهن پاڻ سيد صاحب جي ڪلهي تي ويهي عالم ارواح جو سير ڪندا هئا. سيد صاحب به ڪيس غور سان ڏسي رهيا هئا. ڇهن سالن جو اهو ٻار هاڻ نوجوان مرد هو. ڪوڙ دير ڏسڻ کانپوءِ ڪيس پنهنجو خواب ٻڌايائون.

"توهان جو بابا سائين صاحب قال هئڻ سان گڏ صاحب حال پڻ هو. قال ۾ ته توهان بابا سائينءَ کان اڳتي آهيو، باقي حال ڏانهن ڌيان ڏيو ته جيئن پنهنجي بابا سائينءَ جا صحيح جانشين ٿي سگهو."

برهان الدين جڏهن سندن ڌيان انهيءَ پاسي ڏياريو ته پاڻ سيد صاحب جي هٿ تي بيعت ڪئي ۽ حڪم مڃڻ جو عهد ڪيو. سيد صاحب کي نهايت عقيدت ۽ احترام مان پنهنجي مدرسي وٺي آيا.

هاڻ حضرت جلال الدين، سيد صاحب جي صحبت ۾ تصوف جون منزلون طئ ڪري رهيا هئا. اڃا تائين پاڻ عالمن جي ظاهري ويس ۾ هئا، پر هاڻ فقيري ويس پائڻ وارا هئا. هڪ ڏينهن سيد برهان الدين فرمايو، "شيخ جان جيان آهي ۽ جان جسم کان جدا نه ٿي ٿي سگهي. مان پاڻ شيخ (حضرت سلطان العلماءَ) آهيان." ان کانپوءِ پاڻ ارشاد جو سلسلو شروع ڪيو ۽ سوين ماڻهو سندن مريد بڻجي ويا. هاڻ حالت اها هئي جو مولانا پيءُ جي سجاده نشين بدران سيد برهان الدين خلافت جي خدمت ڪري رهيو هو. ممڪن هو ته مولانا کي ان تي اعتراض ٿئي ها، پر هيءَ ڳالهه سندس فائدي ۾ هئي. ڪيس ان حالت مان فائدو وٺڻ جو موقعو ملي ويو

هو. سندس گهڻو وقت ظاهر ۽ باطني علم جو پورائي ۾ گذرڻ لڳو.

سيد صاحب جو اهڙيءَ طرح خلافت جو بار ڪلهي تي ڪڻڻ ۾ مصلحت جي تقاضا هئي. پاڻ چاهيائون ٿي تہ مولانا گهڻي کان گهڻو وقت رياضت ۾ گذاري ۽ ائين ئي ٿيو. مولانا سال اندر ئي سلوڪ جون منزلون طئ ڪري ورتيون.

جڏهن سيد برهان الدين ڏٺو تہ مولانا روم پنهنجي درجي ۽ منزل تي پهچي ويا آهن ۽ سيني ماڻهن کي سندن مان فيض ملي رهيو آهي تہ هن "قيصريہ" شهر وڃڻ جي اجازت طلب ڪئي. ڇو تہ هي شهر ڪين تمام گهڻو وڻندو هو ۽ پاڻ عمر جا آخري ڏينهن انهيءَ شهر ۾ گهارڻ چاهيائون پئي، پر مولانا ان جدائيءَ لاءِ راضي نہ ٿيا.

سيد برهان الدين کي جڏهن پڪ ٿي وئي تہ مولانا ڪنهن ۽ طرح نہ مڃيندا پاڻ مناسب اهو سمجهيو تہ مولانا کي ٻڌائڻ کانسواءِ قونيہ ڇڏي هليا وڃن. هڪ دفعي رات جو گهوڙي تي سوار ٿيا، پر ڪجهہ پري وڃڻ کانپوءِ گهوڙي تان هيٺ ڪري پيا ۽ ڪين پير ۾ اهڙو ڏک لڳو جو اڳتي وڃي نہ سگهيا ۽ جيئن تيئن ڪري موٽي آيا. مولانا ۽ ٻين ساٿين کي خبر پئي تي سڀ گڏ ٿي سندن عيادت لاءِ پهتا. سيد برهان الدين مولانا کي ڏسي چيو،"واه منهنجا مريدا! شيخ جو پير ئي پيچي ڇڏيئي" ڳاله کل جي هئي، پر مولانا کي يقين ٿي ويو هو تہ سيد برهان الدين وڃڻ کانسواءِ نہ مڃيندا. پاڻ ڪيس موڪل ڏنائون ان شرط تي تہ هو ۽ ساڻن گڏ ويندا. جڏهن سندن پير ڪجهہ صحيح ٿيو ۽ گهمڻ ڦرڻ جهڙا ٿيا تہ مولانا کين هلڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ ۽ تياري ڪيائون،" تنهنجي ضرورت هتي آهي تون مون سان گڏجي هلي ڇا ڪندين؟"

"يا شيخ! علم جي طلب جي اج نہ ٿي لهي. سوچيان ٿو تہ حلب ۽ دمشق جي عالمن کان وڌيڪ علم حاصل ڪيان."

"اها اج سٺي آهي، پر تنهنجو نصيب اجا ٻيو آهي."

" نصيب ناهڻ تہ وڃان پيو."

" ڪٿي ائين نہ ٿئي جو ڪتاب توکي وسارين يا تون انهن کي وسارين."

"ڪتابن کان ئي تہ جان ڇڏائڻ لاءِ لاءِ وڃان پيو. جيئن سڀ ڪجهہ دل تي اڪري وڃي."

سيني ساٿين چاهيو تہ پاڻ نہ وڃن، پر پاڻ نہ مڃيائون.

دوستن ۽ ساٿين کي اداس ڇڏي پاڻ حلب روانا ٿيا. سيد برهان الدين ۽ ساڻن گڏ هئا. سيد صاحب جي سنگت ۾ هي قافلو ۽ مدرسو بڻجي ويو. ٻئي سوار گڏ هلندا رهيا ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ قيصريہ اچي ويو.

"مولانا! توهانکي حلب جا مدرسا مبارڪ هجن. اسان جو قيصريہ اچي ويو."

" مان توهان کي هت گهٽا ڏينهن رهڻ نہ ڏيندس. توهان کي مون سان موٽي قونيہ هلڻو پوندو." مولانا کانئن واعدو ورتو.

سيد برهان الدين قيصريہ جي والي شمس الدين اصفهاني وٽ ترسي پيا ۽ مولانا جلال الدين رومي سندن موڪلائڻ کانپوءِ حلب روانو ٿي ويو. حلب 579 ھ کان خاندان ايوبيہ (خاندان صلاح الدين ايوبي) جي هٿ ۾ هو. انهيءَ خاندان جي هڪ بادشاه الملڪ ظاهر جي زماني ۾ وڏا وڏا مدرسا قائم

ٿيا هئا. هي شهر دمشق جيان مدينت العلم بنجي ويو هو. حلب جو اهو علمي ماحول مولانا کي حلب ڏانهن وٺي آيو هو.

حلب پهچڻ کانپوءِ مولانا لاءِ مشڪل هو تہ ڪهڙي مدرسي جي چونڊ ڪري. آخرڪار پاڻ مدرسي علاويہ ۾ ترسي پيا. هت ڪمال الدين ابن عديم جهڙو عظيم عالم مدرسي کي هلائي رهيو هو. ڪمال الدين، دمشق، عراق، حجاز جي مدرسن مان تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ ان مهل مدرسو هلائڻ سان گڏ وزير پڻ هو. مولانا ڪمال الدين، حضرت جلال الدين رومي ۽ کي سلطان العلماءِ جو پٽ سمجهي ڪيس هٿوهٿ ورتو ۽ درس وٺندڙن ۾ سيني کان مٿانهون رکيو. ڪجهہ ڏينهن ۾ مولانا جي ذهانت مٿس ظاهر ٿيڻ ڪري پاڻ وڏيڪ ڏيان ڏيڻ شروع ڪيو. اهي شاگرد، جن کي پاڻ خاص ڏيان سان پڙهائيندا هئا، سندن مولانا تي ڏيان ڏيڻ ڪري ساڙ ۾ وکوڙجي ويا ۽ ڪين نقصان پهچائڻ جا وڃہ ڳولهڻ لڳا. هڪ دفعي اهو موقعو بہ اچي ويو. ڪجهہ شاگردن کي پهرو ڏيندڙن جي واتان خبر پئي تہ مولانا اڌ رات جو مدرسي کان ٻاهر ويندو آهي. الائي ڪيڏانهن ويندو آهي ۽ صبح جو موٽي ايندو آهي.

"تون در ڇو کولينڊو آهين؟"

"در بند هوندو آهي ۽ هو نڪري ويندو آهي."

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟"

"ائين آهي، الائي هن وٽ ڪهڙي طاقت آهي."

هنن شاگردن کي پهريدار جي ڳالهہ تي يقين نہ آيو. هو اهو سمجهيا تہ مولانا هن پهريدار کي رشوت ڏني آهي. هنن حضرت ڪمال الدين کي شڪايت ڪئي. انهيءَ کي بہ حيرت ٿي. اهو بہ گمان ڪيائون تہ اها پهريدار جي شرارت آهي. هڪ رات پاڻ لڪچپ ۾ اهو راز ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪيائون. هڪ هنڌ لڪي ويهي رهيا. جيئن ئي مولانا در کان ٻاهر نڪتو، پاڻ بہ هن پٺيان هلڻ شروع ڪيائون. جڏهن مولانا مسجد خليل الرحمان ويجهو پهتا تہ ڪين مسجد ويجهو اڇو گنبڊ نظر آيو. ڪمال الدين انهي شهر ۾ ڄائو هو ۽ هتان جي هڪ هڪ هنڌ کان واقف هو. پاڻ ان کان اڳ ڪو اڇو گنبڊ نہ ڏٺو هئائون. سندن اکيون اڃا اونداهي ۾ رستو ڳولهي رهيون هيون، جو هن ٻيو منظر ڏٺو. ان گنبڊ ۾ ڏاز ٿيو ۽ ڪجهہ سائي ويس وارا ٻاهر نڪتا. هنن جو انداز اهڙو هو، جڻ مولانا جو آدرياءُ ڪري رهيا هجن. هو ان کان اڳتي ڪجهہ ڏسي نہ سگهيو. هيبت کان بيهوش ٿي ويا يا بيهوش ڪيا ويا تہ جيئن ڪجهہ ڏسي نہ سگهن. اک کلڻ تي نہ گنبڊ هو، نہ سائي ويس وارا، نہ وري مولانا. ڳولينڊا رهيا، پر ڪين کو نشان نہ مليو.

ٻئي ڏينهن درس شروع ٿيو. ڪمال الدين جيئن ئي مولانا کي ڏٺو، سجو واقعو ياد اچي ويو. ان مهل اٿي ڪري مولانا کي پنهنجي جاءِ تي ويهاريو ۽ پاڻ مريد ٿي ويا.

ڪمال الدين ابن عديم، مولانا جلال الدين جو مريد ٿي ويو! اها خبر ئي حيرت جوڳي هئي، جو ڪمال الدين جي واتان اها خبر بہ عام ٿي وئي تہ جلال الدين جي آدرياءُ لاءِ گنبڊ جو در ڪلي ٿو ۽ غيبي سائي ويس وارا آجيان ڪن ٿا.

مولانا کي مشهوري ۽ اجائي خوشامد کان چڙ هئي. جڏهن پاڻ ڏٺائون تہ

ان ڳاله جي مشهوري ٿي رهي آهي ۽ ماڻهو کين هرويرو پريشان ڪن ٿا تہ پاڻ حلب ڇڏڻ جو ارادو ڪيائون.

حلب مان نڪرڻ کانپوءِ ڪنهن علم حاصل ڪرڻ واري جي منزل دمشق ئي هوندي هئي، ان ڪري پاڻ شام ويندڙ قافلي ۾ شامل ٿي ويا. فساد ۽ فتني جي ان دور ۾ به دمشق جي علمي ترقي ڏسڻ وٺان هئي. مدرسا قائم ڪرڻ جي اهڙي هوا گهليل هئي جو حڪمرانن کان وٺي امرائن تائين هر ڪو مدرسا قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هئا. اسلامي عالمن جو جيڪو اجتماع دمشق ۾ هو. اهو ٻيو ڪٿي به نہ هو.

مولانا دمشق پهچي قدسيہ مدرسي ۾ ترسيو ۽ علم حاصل ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو. علم حاصل ڪرڻ کان وڌ پاڻ عالمن جي صحبت ۾ رهڻ لڳا. شيخ محي الدين عربي، شيخ سعد الدين حمودي، شيخ عثمان رومي، شيخ اوحدالدين ڪرماني، شيخ صدرالدين قونوي جهڙن اڪابرن جي ڪين صحبت نصيب ٿي.

حضرت مولانا دمشق ۾ ڪنهن هڪ مدرسي تائين محدود نہ رهيا. جتي به ڪا شمع ٻرندي ڏٺائون، اتي پرواني جيان پهچي ٿي ويا. جنهن عالم جي مشهور ٿي ٻڌائون، ان جي صحبت ۾ ٿي رهيا.

مولانا هڪ ڏينهن دمشق جو سير ڪري رهيا هئا. هڪ هنڌ ماڻهن جو ميڙ ڏٺائون. انهن ماڻهن ۾ هڪ عجيب و غريب ماڻهو هو، جيڪو ڪاري رنگ جو جبو پائي گهمي رهيو هو. هن جون ٽانڊن جيان ٻرندڙ اکيون هيڏانهن هوڏانهن ڪنهن کي ڳولهي رهيون هيون. اوچتو هن مولانا کي ڏنو ۽ هن ميڙ مان نڪي مولانا جي هٿ کي چميو.

"خدايا! منهنجي منزل مونکي ملي وئي." هن نعرو هنيو.

جيسين مولانا هن ڏانهن ڏيان ڏي، هو ميڙ ۾ گم ٿي ويو. چون ٿا تہ اهو مست حضرت شمس تبريز رح هو. اهو ڪم پهريون ڀيرو نہ ٿيو هو جو ڪنهن عقيدتمند مولانا جو هٿ چميو هجي. ان لاءِ مولانا ان کي اهميت نہ ڏني ۽ قدسيہ مدرسي موٽي آيا، جتي پاڻ ترسيل هئا. ان ڏينهن هڪ ٻيو واقعو ٿيو، سندن حجري ۾ هڪ بزرگ آيو. گهڻي دير تائين بحث هلندو رهيو. پوءِ هي بزرگ ايندو رهيو. هي بزرگ خضر عليہ السلام هو، جيڪو سندن رهنمائي لاءِ ايندو هو.

حضرت خضر عليه السلام جو اچڻ ان جو ثبوت هو تہ دمشق جي عالمن کان مولانا کي جيڪي ڪجهہ حاصل ڪرڻو هو، اهو ڪري ورتائون. جڏهن حضرت خضر عليه السلام رهنمائي ڪري چڪو تہ جڻ علم جون منزلون طئہ ٿي ويون. دمشق ۾ رهندي چار سال ٿي ويا هئن. دمشق سان ڪين عشق هو. پاڻ دمشق جي رستن کان موڪلايائون ۽ دوستن کان موڪلائي، قافلي ۾ شامل ٿي حلب ۽ پوءِ قيصريہ پهتا، جتي سندن مرشد برهان الدين ترسيل هو ۽ ڪين وٺي قونيہ وڃڻو هو جو سندن قونيہ ئي اباڻو وطن هو.

قيصريہ جو والي شمس الدين اصفهاني دين جي بزرگن جو قدردان هو. هي مولانا جو عقيدتمند هو. هن چاهيو تہ مولانا سندن گهر ۾ ترسي، پر پاڻ نہ مڃيائون ۽ مدرسي ۾ ترسيا. اهو قاعدو آهي تہ الله جا

ولي مشهوريءَ کان پاسو ڪندا آهن ۽ مشهوري سندن پٺيان هوندي آهي. قيصريہ جي ماڻهن بہ ڪين زيارت بنائي ڇڏيو.

جڏهن ماڻهن جي اڄ وڃ مٿن حاوي ٿيڻ لڳي تہ پاڻ گوشہ نشين ٿي ويا. سيد برهان الدين ڪين ست ڏينهن روزورکڻ لاءِ چيو. مولانا چيو تہ گهٽ آهي، اهو گهٽ ۾ گهٽ چاليہ ڏينهن جو هئڻ گهرجي. پاڻ هڪ چئي بدران ٽي چلا ڪڍيائون. جڏهن پاڻ ٽئين چلي کانپوءِ ٻاهر نڪتا تہ سيد برهان فرمايو،" بسم الله هاڻ روانا ٿيو ۽ دنيا کي پنهنجي فيض سان روشن ڪريو. "

"توهان مون سان وعدو ڪيو هو تہ دمشق مان واپس وڃڻ مهل توهان بہ مون سان قونيہ هلندا. "

تون جتي بہ هوندين، اڪيلو ئي هوندين. پوءِ مان توسان هلي ڇا ڪندس. " سيد برهان الدين انڪار ڪيو، پر مولانا ڪيس پاڻ سان ساڻ نيو.

مولانا دمشق مان اچي ڪري قونيہ ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان مهل تائين علاؤالدين وفات ڪري ويو هو ۽ هن جو پٽ غياث الدين سلطنت جي تخت تي ويٺل هو، جيڪو پنهنجي پيءُ جيان مولانا جو عقيدتمند هو. مولانا بيفڪريءَ سان انهن ڪمن ۾ مشغول هو، جيڪي هو دمشق وڃڻ کان اڳ انجام ڏيندو هو. پنهنجي مدرسي ۾ درس جو ڪم شروع ڪيو ۽ ان مدرسي ۾ مجلس بہ ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي چوڻ تي ٻين هنڌن تي وعظ بہ ڪندا هئا. پاڻ هاڻي ظاهري علم تي انتهائي ڪمال درجي تي هئا. سندن مجلس جو انداز ئي ٻيو هو. سندن مشهوري ڏينهون ڏينهن وڌي رهي وئي.

سيد برهان الدين ساڻن گڏ تہ هو، پر هر وقت قيصريہ وڃڻ لاءِ بي قرار هوندو هو. هڪ ڏينهن مولانا نہ چاهيندي ڪين وڃڻ لاءِ موڪل ڏني. هڪ سال کان بہ گهٽ وقت قونيہ ۾ گهارڻ کانپوءِ سيد برهان الدين قيصريہ هليو ويو.

سيد برهان الدين جو وڃڻ بہ سندن لاءِ گهٽ ڳاله نہ هئي. سندن مزاج اهڙو هو جو هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن ساٿيءَ جي گهرج هوندي هئن. سيد برهان الدين جي وڃڻ جي ڪري هڪ سني ساٿيءَ کان محروم ٿي ويا. اهو ساٿ رکي رکي ڪين ياد ٿئي آيو. ڪا اهڙي هستي نظر نہ ٿي آئي، جنهن کي ساٿي بڻائي. ڏينهن رات اداس ۽ اڪيلو گهاري رهيو هو. هڪ ڏينهن ڪين خبر پئي تہ سيد برهان الدين وفات ڪري ويو آهي. پاڻ ڪجهہ ساٿين سان گڏ قيصريہ پهتا. شمس الدين اصفهاني سندن آجيان ڪئي ۽ سيد جون سڀ شيون ۽ ڪتاب اڳيان رکيا. جيڪي شيون وٺين، اهي ڪنيائون ۽ ٻيون شيون يادگار طور شمس الدين کي ڏئي قونيہ موٽي آيا.

اهو نهايت افراتفريءَ جو دور هو. ڪيترن علائقن ۾ تاتارين تباهي مچائي ڇڏي هئي. اوپر طرفان جيڪي عالم اتان جي تباهي ڪري پريشان ٿي روم جو رخ ڪيائون ٿي، اهي اڪثر قونيہ ۾ ترسي ٿي پيا. قونيہ ان مهل ٻيو دمشق بنجي ويو هو. مولانا جي ذات ان مهل تارن جي جهرمٽ ۾ چوڌهين جي چنڊ جيان ڪڙيل هئي. سندن تقرير ڪرڻ مهل سيني تي سانت ڇانيل هوندي هئي. ٻين عالمن جا مدرسا خالي هئا.

سلطان غياث الدين جون نظرون مولانا تي هيون. پاڻ قيمتي ڪپڙا پائي شاندار سواريءَ تي جڏهن سوار ٿيندا هئا تہ عجيب عالم هوندو هو. سوين عقيدتمند سواريءَ سان گڏ هوندا هئا. سندن جلوس جو انداز ڪنهن بادشاه کان بہ وڌيڪ هوندو هو. هي شان اهڙو نہ هو جيڪو حاسدن جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چپندڙ نہ هجي. اهي عالم، جيڪي ٻين شهرن مان اچي قونيہ ۾ آباد ٿيا هئا، انهن جي اميدن تي بہ پاڻي ڦري ويو هو. مخالفت ۽ اعتراضن جو سمنڊ اٿلي پيو. پاڻ بحث کان پاسو ڪندا هئا، پر اعتراض ڪرڻ وارا عام ماڻهو نہ هئا. عالم هئا ۽ ديندار هئا. جواب ڏيڻ ضروري هو. پاڻ جواب ڏنائون ۽ منڪرن کي قائل ٿيڻو پيو.

مولانا هڪ دفعي مدهوشيءَ واري حالت ۾ فتوي ڏني. شمس الدين اها فتوي قبول نہ ڪئي. ماڻهو ان فتوي کي قاضي سراج الدين وٽ کڻي ويا. هڪ ٻيو مولانا اختيار الدين ان ميڙ ۾ موجود هو. هن بحث ڪيو ۽ سڄي ڳاله مولانا کي اچي ٻڌائي. مولانا سڄي ڳاله ٻڌي چيو، " انهن ساٿين کي منهنجو سلام چئو ۽ چئو تہ بنا تحقيق جي درويشن کي طعنو ڏيڻ صحيح ناهي. مولانا شمس الدين وٽ هڪ ڪتاب ٻن جلدن ۾ آهي. حلب شهر ۾ چاليه درهمن ۾ ورتو اٿائين. شايد گهڻي وقت کان وٺي اهو پڙهيو نہ اٿائين. ان ڪتاب جي وچ ۾ ائين ست ڏسن. "

جڏهن شمس الدين اهو ٻڌو ڏٺو تہ ڪتاب جو خريد ڪرڻ ۽ گهٽن ڏينهن کان نہ پڙهڻ کي تسليم ڪيو. ڪتاب گهرائي ڏٺو اهو مسئلو ان جاءِ تي لکيل هو. سڀ حيران ٿي ويا.

مولانا جي مدرسي ۾ سماع ٿي رهيو هو. شمس الدين ماردیني جو مدرسو پڻ ويجهو هو. پاڻ ويس مٿائي ماڻهن ۾ اچي ويٺا ۽ دل ۾ هڪ سورت پڙهي جنهن ۾ سجدي جي آيت هئي. مولانا جلال الدين ان مهل سجدو ادا ڪيو.

مولانا شمس الدين سمجهيو تہ سجدو سماع هوندو، پر جڏهن ٿيو دفعو بہ ائين ٿيو تہ ڪيس پڪ ٿي وئي تہ مولانا جي نظر لوح محفوظ تي آهي. ٻئي ڏينهن شاگردن سان گڏجي آيا ۽ مولانا جا مريد ٿي ويا.

هڪ ٻيو عالم قاضي سراج الدين بہ مولانا کان خوش نہ هو. ڪين خبر پئي تہ مولانا فرمائن ٿا تہ مان گهٽن فرقن سان سهمت آهيان. هن چاهيو تہ مولانا سان ان ڳاله تي بحث ڪري. هن هڪ شاگرد کي موڪليو تہ عام ميڙ ۾ مولانا کان سوال ڪري تہ هن ائين چيو آهي. جي هو ها ڪري تہ سيني آڏو جيترو وڙهي سگهين ۽ خراب گارگند چئي سگهين، چئي هليو اچجانءِ. هنن شاگردن وڃي پڇيو. مولانا جواب ڏنو ها مون چيو آهي. ان شاگرد گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. مولانا کلي ڪري چيو، " اهو جيڪو چئي رهيو آهين، مان ان سان بہ سهمت آهيان. "

قاضي سراج الدين ان کي پنهنجي فتح سمجهيو تہ مولانا جواب نہ ڏئي سگهيو آهي. گاريون ٻڌي بہ چپ رهيو. هاڻ هن هڪ ٻي انڪل سوچي هن ڪجهہ ڏکيا مسئلا گڏ ڪري پنهنجي شاگردن کي سمجهايو ۽ چيو، " مان چاهيان ٿو تہ ڪنهن عالمن جي ميڙ ۾ مولانا سان منهن مقابل ٿيان ۽ پنهنجي قابليت ثابت ڪيان. جيئن ڪيس خبر پئي تہ

عالم ڪيئن ٿيندا آهن. مان جڏهن بحث ڪيان ته انهنمهل ڪا ڳالهه وسري وڃي ته منهنجي هر طرح جي مدد ڪجو."

اڃا ان بحث جو وارو نه آيو جو ٻئي ڏينهن مولانا وٽس هلي آيو ۽ سلام ڪري هيبت مان قاضيءَ کي نهاريندو رهيو ۽ پوءِ هليو ويو. قاضي صاحب سندن پٺيان ويا، پر ڪيس ڪٿي نظر نه آيا. قاضي صاحب جڏهن نماز پڙهڻ ويا ته جيڪي مسئلا هنن گڏ ڪيا هئا، انهن سيني جا جواب تفصيل سان پٽين تي لکيل آهن. قاضي صاحب تي دهشت ڇانئجي وئي. ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيائون ۽ مولانا جي مدرسي ۾ اچي معافي وٺي مولانا جا سچا دوست بنجي ويا.

شيخ صدرالدين نه فقط ظاهر علم ۾ پڙ هئا، پر باطني علم ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئا. شيخ محي الدين ابن عربي جي ارشد تلامذه ۾ هئا ۽ قونيه ۾ خاص ڪري "فصوص الحڪم" (شيخ محي الدين ابن عربيجي ٻي ڪتاب) جو درس ڏيندا هئا. ڪين به مولانا جي حق ۾ انڪار هو. هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺائون ته پاڻ مولانا جي پيرن کي زور ڏئي رهيا آهن. اک کلڻ تي استغفار پڙهيائون. ٿوري دير ڪانپوءِ ٻيهر اک لڳي وئين. ٻيو دفعو به اهو خواب ڏٺائون. ٽيون دفعو به اهو خواب ڏٺائين. غلام کي سڏ ڪري ڏيئو ٻارڻ لاءِ چيو ۽ مٿان ڪتاب ڪڍي اچڻ لاءِ چيو. غلام ڪتاب ڪڍي ڏاڪڻ تي هو ته ڏٺائين ته ڏاڪڻ تي مولانا ويٺو هو. شيخ کي ٻڌايائين. شيخ صدرالدين پاڻ اچي ڪري ڏٺو ته مولانا سچ پچ ۾ ويٺا هئا.

مولانا ڪيس ڏسي چيو، "ڏک نه ڪر. ڪڏهن تون منهنجا پير دٻائين ٿو ته ڪڏهن مان تنهنجا پير دٻايان ٿو. ڪڏهن تون منهنجي خدمت ڪرين ٿو ته ڪڏهن مان تنهنجي. اسان ۾ اوپرائپ ناهي." اهو چئي مولانا گم ٿي ويا. شيخ صدرالدين هڪ پل لاءِ ڊڄي ويا. پوءِ صبح ٿيڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. جڏهن صبح ٿيو ته پاڻ قاضي سراج الدين وٽ پهتا ۽ سڄي ڳاله ٻڌائي.

"هي ماڻهو موءد من الله آهي. اڄ کان پوءِ ڪيس ٻيءَ نظر سان ڏسڻ گهرجي." ٻنهي ڄڻن تصديق ڪئي. ان ڏينهن کان وٺي شيخ صدرالدين مولانا جي مخالفت ڪرڻ بند ڪئي. مخالف هڪ هڪ ڪري سندن دوست بنجي ويا، پر آزمائشون هيون، جيڪي ختم نه ٿي ٿيون. هر مجلس ۾ ڪو نه ڪو اهڙو واقعو ٿيندو هو، جنهن سان ڪين ڏک رسيو پئي.

هڪ جمعي تي قلعي جي مسجد ۾ وعظ ڪري رهيا هئا. پاڻ تفسير بيان ڪري رهيا هئا. هر پاسي سانت هئي. ڪنهن جي سڏڪڻ جو آواز آيو پئي. اوچتو هڪ ماڻهو اٿي بيٺو ۽ مولانا کي مخاطب ٿيو، "مولانا هي ڪهڙو تماشو آهي. پهرين ڪجهه آيتون مقرر ڪري ڇڏيو ٿا ۽ قاري انهن آيتن جي تلاوت ڪري ٿو. توهان ته ساڳيا رٽيل مضمون پڙهي ماڻهن مٿان پنهنجي علم جو رعب ٿا ڪيو."

ان ماڻهوءَ نهايت بيهودگي جو مظاهرو ڪيو هو پر پاڻ پيار مان چيائون، "منهنجا ياڻ توهان ڇا ٿا چاهيو مزو تڏهن ٿيندو جڏهن توهان آيت پڙهو ۽ مان ان جي معنيٰ ۽ تفسير ٻڌايان."

ان ماڻهوءَ سورت والضحيٰ پڙهي ۽ خواهش ڪئي ته مولانا ان جي تفسير پيان

ڪن. هن جو خيال هو تہ مولانا تقرير ڪرڻ کان رڪجي ويندو يا اهڙي شان سان تقرير ڪري نہ سگهندو، جيڪا سندن خاص سچائپ آهي.

" قرآن ڪريم جي ان سورت ۾ پهريون لفظ ايندڙ واءِ آهي. اڄ مان انهيءَ مقدس حرف جي تشريح ڪندس،" مولانا تقرير شروع ڪئي ۽ دنيا ڏٺو تہ پاڻ لاڳيتو ڇہ ڪلاڪ فقط ان جي وضاحت ڪيائون تہ الله تعاليٰ سورت والضحيٰ ۾ حرف "و" ڇو استعمال ڪيو آهي. مولانا جي وات مان علم جو سمنڊ وهي رهيو هو. هر طرف سانت هئي. اڄ سندن تقرير ۾ جمال سان گڏ جلال هو. هڪ هڪ لفظ دلين جي آئيني تي چٽجي رهيو هو. اڄا سندن تقرير جاري هئي جو ان ماڻهوءَ پنهنجي جاءِ تان اٿي سندن قدمن ۾ اچي سر رکيو،" والله توهان عظيم آهيو. اڄ پوري روم ۾ توهان جو ڪو ثاني ناهي. مون کي توهان جي علم ۾ شڪ هو. خدارا مونکي معاف ڪيو."

"مان هر ان ماڻهوءَ کي معاف ڪيان ٿو، جيڪو بنا سبب مون سان عداوت رکي ٿو. الله انهن حاسدن کي هدايت ڏي." مولانا اعليٰ ظرفيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ ان ماڻهوءَ کي سيني سان لاتو.

الله هر ڪنهن کي هدايت نہ ٿو ڏي. مولانا جي حاسدن مان ڪافي ماڻهن توبہ ڪئي پر گهڻا پنهنجي ضد تي قائم رهيا. مولانا انهن حالتن کان دل شڪستو هو. هڪ وقت اهڙو بہ آيو جو پاڻ دل شڪستا ٿي گوشہ نشين ٿي ويو.

منگولن جون ارڏايون وڌي ويون هيون. منگولن جا حملا روم تي بہ شروع ٿي ويا. سلجوقين کي لاڳيتو شڪست ملي رهي هئي. نيٺ سلجوقين هٿيار ڦٽا ڪيا. منگولن طرفان ان مهم جو سپہ سالار "جوبي نويان" هو.

منگولن جو لشڪر وڌي رهيو هو. قونيہ وارا ڏاڍا پريشان هئا. منگولن قونيہ جو گهيرو تنگ ڪيو هئائون. نہ ڪو اندر اچي سگهيو پئي نہ ڪو ٻاهر وڃي سگهيو پئي. وڙهڻ جي همت ڪنهن ۾ نہ هئي. سلطان ۽ هن جا امير ڏاڍا پريشان هئا. ماڻهن مولانا جي خانقاه جي طرف رخ ڪيو.

"حضور! توهان ڏسو پيا تہ حالتون ڪهڙو رخ اختيار ڪري ويون آهن. منگول لشڪر اڄ نہ تہ سڀان شهر ۾ داخل ٿي ويندو. اسان بي موت مرڻ نہ ٿا چاهيون."

" اهو سوچڻ بادشاه جو ڪم آهي. اوڏانهن وڃو. مون ڏانهن ڇو آيا آهيو."

"توهان صحيح چيو. بادشاه ۾ اهليت هجي ها تہ اسانکي ٻين وٽ وڃڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي. اسان جي فوج حوصلہ هاري ويني آهي."

"بادشاه کي چئو تہ سفارتي ڪوششون ڪري منگولن سان ناهہ ڪري."

"هن جي وزيرن ۾ اها صلاحيت ناهي."

"منهنجا ڀائرو! الله کان دعا گهرو."

"اسان گهڻيون دعائون گهريون اهن. الله اسان جي نٿو ٻڌي."

"ائين نہ چئو. هو سيني جي ٻڌي ٿو."

"توهان ولي الله آهيو. توهان جي زبان ۾ اثر آهي. اسان جي حق ۾ دعا گهرو."

"منهنجي وات تي هر وقت دعا

هوندي آهي."

ماڻهو ڪيتري دير تائين روئندا رهيا. حضرت مولانا جي منهن تي هڪ مرڪ هوندي هئي. ان مهل پاڻ چپ هئا. خدا جي مخلوق جو روئڻ ڏسي نه ٿي سگهيا. ڪين صبر ڪرڻ جو چئي پاڻ الله جي حضور سجدي ۾ هليا ويا.

رات ٿي ته سلطان پنهنجن وزيرن سان گڏ سندن سلامي ٿيو. مولانا هن کي به دعا ڪرڻ لاءِ چيو. سلطان شهر ۽ شهرين جي تباهيءَ جو اهڙو نقشو چٽيو جو مولانا به روئڻهارڪو ٿي ويو. سلطان سان وعدو ڪيائون ته هو جوبي نويان کي مجبور ڪندو ته گهيرو ختم ڪري. سلطان رات جو خانقاه مان ويو ته پراميد هو. ڪيس ڏينهن نڪرڻ جو انتظار هو.

فجر جي نماز کانپوءِ حضرت مولانا مصلو کنيو ۽ ڪنهن کي ڪجهه ٻڌائڻ کانسواءِ شهر کان ٻاهر ويندڙ رستي تي هلڻ لڳو. ڪجهه ڪتابي سندن پٺيان ڊوڙيا. هنن اهو سمجهيو ته هن مصيبت واري گهڙيءَ ۾ مولانا قونيه چڏي پناه جي ڳولا ۾ وڃي رهيو آهي. قونيه جا شهري منگولن جي ڊپ کان گهرن ۾ لڪل هئا. ڪجهه ماڻهن گهرن جي چتن ۽ روشندانن مان ڪين ويندي ڏٺو. ڪجهه ماڻهو ساڻن گڏ هئا. حضرت مولانا هنن کان تڪڙو تڪڙو ڪنهن اڻڏٺل منزل ڏانهن راهي هو.

سندس اهو سفر خادمن لاءِ اڻچاتل هو، پر پڇڻ جي همت ڪنهن ۾ نه هئي. سندن هر ڪهندڙ قدم سان پريشاني وڌي رهي هئي. پاڻ ٻاهر نڪري آيا. ايترا ٻاهر جو هلاڪوءَ خان جي سپه سالاهه جوبي نويان جو لشڪر صاف نظر اچي رهيو هو.

"ته ڇا پاڻ لشڪر ڏانهن وڃي رهيا آهن؟" خيال ايندي ئي خادمن ۾ پريشاني وڌي وئي. پاڻ بيهي رهيا، "فڪر نه ڪريو. مون کي ڪجهه نه ٿيندو. پنهنجي پنهنجي گهر وڃو ۽ آسماني قهر کان توبه ڪيو."

انهن لفظن ۾ اهڙو ته اثر هو جيڪو جتي هو اتي بيهي رهيو. حضرت مولانا ٻيهر هلڻ شروع ڪيو. ڏسندي ڏسندي ان پٽ ويجهو پهتو، جنهن جي اوت ۾ تاتارين جا تيرانداز قونيه جي قلعي تي تيرن جومينهن وسائيندا هئا. هڪ مرد خدا، خالي هٿ فقط هڪ مصلو هٿ ۾ کڻي لشڪر ويجهو پهتو هو جو هڪ تير ئي سندس زندگيءَ جو انت ڪري سگهيو پئي.

حضرت مولانا پٽ تي چڙهي ويو. شهري ڪين موت جي منهن ۾ ويندي ڏسندا رهيا. هنن جون دليون ڌڙڪي رهيون هيون. ڪنهن تاتاريءَ ڪين ڏسي ورتو ته ڇا ٿيندو؟ ۽ ٿيو به ائين. پاڻ ڏسڻ ۾ اڪيلا هئا، پر جنگ جي اصل خلاف هئا.

"ڪو جاسوس لشڪر ۾ داخل ٿيو آهي." منگولن هن کي ڏسي ڪري چيو. ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي لشڪر جا سوين سپاهي پٽ ڏانهن وڌيا. ايتري دير ۾ مولانا مصلو وڇائي اشراق جي نماز ادا ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويو.

"هي ماڻهو هتي ڇا ڪري رهيو آهي. هن کي تيرن سان اڏائي ڇڏيو." ڪيترائي آواز گڏجي گونجيا. سپاهين ڪلهن تي رکيل ڪمانون سڌيون ڪيون ۽ تير ان ۾ وجهي ڪمانن جو رخ پٽ ڏانهن ڪري زه کي زور سان ڇڪيو. ڪوبه

سپاهي ڪمان ڇڪي نہ سگهيو. هنن جي هٿن جي طاقت ختم ٿي وئي هئي يا ڪمانن کي ڪجهہ ٿي ويو هو.

"هي ماڻهو تہ ڪو جادوگر لڳي ٿو. هن اسانجي ڪمانن کي بيڪار ڪري ڇڏيو آهي."

ڪيترا سوار اڳتي وڌيا، "اسان هاڻي ئي درڙي تي چڙهون ٿا. ان ماڻهوءَ کي زنده گرفتار ڪري خان آڏو پيش ڪيون ٿا."

هنن جا گهوڙا ڊوڙڻ بدران پٺين ٽنگن تي بيهي رهيا. وحشي تاتارين تيرن وسايا پر بيڪار. هر ڪو گهوڙو اڳتي وڌڻ کان انڪاري هو.

اها حالت ڏسي منگول سپاهين ۾ هلچل مچي وئي. هنن تي ڊپ ڇانيل هو. سپهہ سالار جوبي نويان جو خيمو سامهون هو. ڪجهہ سپاهي هن تائين اها خبر پهچائي. هو گجندو خيمي مان ٻاهر نڪتو، "تاتارين جا تير وسڻ کان انڪار ڪن. بزدليءَ جي اها ڪهاڻي ڪنهن ٻئي کي ٻڌايو. ڪمان مونکي ڏسو."

هن هڪ سپاهيءَ جي ڪلهي تان ڪمان لاهي تير جوڙيو. سڀ سپاهي ساهہ روڪي بيٺا هئا، "خان جو تير نشاني تي لڳو تہ اسان جو خير نہ آهي. هو اهو سمجهندو تہ اسان مسلمانن جاسوس کي مارڻ نہ ٿا چاهيون." جوبي نويان تير هلائڻ ۾ ماهر هو. هن جو نشانو خطا نہ ٿيندو هو. تاتارين ۾ هن جي اها صفت مشهور هئي. هن سڄي طاقت سان ڪمان ڇڪي پر هي ڇا؟ تير ڪمان مان نڪتو، پر مولانا جي ويجهو کان گسي ويو. ٻيو ڪو وقت هجي ها تہ نشانو گسڻ تي سڀ کلن ها، پر هن مهل سڀ ماڻ هئا. جوبي نويان جو منهن هئڻو ٿي ويو. شرمندگي هن کي چڙ ڏياري. هن ڪاوڙ ۾ درڙي ڏانهن نهاريو ۽ ٻيو تير ڪمان ۾ رکيو. ڪمان کي ڇڪي نشانو صحيح ڪري تير هنيائين، پر وري بہ ائين ئي ٿيو. تير نشاني تي نہ لڳو. مولانا پنهنجي رب جي آڏو بيٺو هو ۽ صحيح سلامت بيٺو هو. ان ڪانپوءِ جوبي نويان تي جنون سوار ٿي ويو. هو ايستائين تير هڻندو رهيو، جيستائين سندس ڪمان ٽٽي نہ پئي.

هو پنهنجي خيمي ۾ ويو. تلوار کڻي ٻاهر نڪتو، "هي جادوگر منهنجن تيرن کي بيڪار ڪري سگهي ٿو، منهنجن ڪلهن کي نہ. مان تلوار سان هن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندس."

اهو چئي جوبي نويان اڳتي وڌيو، پر هن جي پيرن هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اهو هٿ سڪ ٿي ويو، جنهن ۾ تلوار هئي. تلوار هٿ ۾ ضرور هئي، پر هٿ مٿي ٿيڻ کان انڪاري هو.

"جادوگر مون کي معاف ڪر. مون توکي قتل ڪرڻ جو ارادو ڪيو." هو ڪيتري دير تائين ٻڙڙائيندو رهيو. نيٺ هن جي پيرن ۾ ساهہ پيو. هاڻ هو اڳتي وڌڻ بدران پوئين پير پنتي هلي رهيو هو.

پنهنجي لشڪر ۾ هو خوار ٿي ويو هو، "جلدي ڪريو، خيما پٽيو، قونيہ جي حدن کان ٻاهر نڪرو، نہ تہ هي جادوگر اسان سيني کي پٿر جو ڪري ڇڏيندو." لشڪر پهرين ڊنل هو، حڪم ملندي ئي سامان گهوڙن تي رکڻ شروع ڪيائون.

اهي تاتاري جيڪي طوفان جيان اڳتي وڌي رهيا هئا، هڪ اڪيلي ۽ هٿين خالي مرد خدا کان شڪست کائي روانا ٿيا.

هي لشڪر جوبي نويان جي اڳواڻيءَ ۾ سفر ڪندو صحرا قلوباط ۾ ترسي پيو. جوبي نويان جي خيال ۾ هي علائقو جادوگر جي جادوءَ کان ٻاهر هو. ڇو ته هو هاڻ قونيه جي حدن کان ٻاهر هو.

حضرت مولانا جلال الدين رومي لشڪر کي ويندو ڏسي الله جو شڪر ادا ڪيو ۽ پٽ تان لهي شهر ڏانهن هليو، جتي سڄو شهر سندن آجيان لاءِ آتو هو. انهن ۾ اهي مخالف به هئا، جيڪي سندن خلاف ڳالهائيندا هئا. حضرت مولانا جنهن بي پرواهيءَ سان شهر مان آيو هو، انهيءَ بي پرواهيءَ سان شهر ۾ داخل ٿيو ۽ ماڻ ۾ هلندي پنهنجي ماڳ تي اچي در بند ڪري ڇڏيو.

اهو در ان وقت کليو، جڏهن بادشاه پنهنجن وزيرن سان سندن ٿورو مڃڻ لاءِ حاضر ٿيو.

"شڪر خدا جو ادا ڪيو، جنهن دنيا آڏو منهنجي لج رکي ۽ توهان کي اهو چوندس ته جوبي نويان کي ناه جو نياپو موڪليو."

"اهو ڏاڍو ظالم آهي. ناه لاءِ نه مڃيندو." وزيرن هڪ ئي آواز ٿي چيو.

"توهان ڪوشش ڪيو. الله رحم ڪندو."

سندن ايترو چوڻ به گهٽو هو. سلطان ۽ هن جي وزيرن سندن هٿ چميو ۽ ٻاهر نڪري ويا. پنهنجي محل تائين پهچي سلطان سوچي ورتو ته ڪيس ڇا ڪرڻو آهي. محل پهچي هن وزير مهذب الدين ۽ نائب وزير شمس الدين اصفهانيءَ کي گهرايو ۽ ڪين اها ذميداري سونپي ته جوبي نويان کي ناه جو نياپو ڏين.

شمس الدين اصفهاني مولانا جو عقيدتمند هو. جڏهن پاڻ علم حاصل ڪري قيصريه پهتو هو ته شمس الدين اصفهاني شهر جي واليءَ جي حيثيت سان آجيان ڪئي هئي ۽ ڪين پنهنجي گهر ۾ ترسڻ لاءِ چيو هو. هاڻ هو نائب وزير جي حيثيت ۾ قونيه ۾ هو. هن کي پڪ هئي ته مولانا جي دعا سان جوبي نويان ناه لاءِ راضي ٿي ويندو.

هن جوبي نويان لاءِ سوڪڙيون ڪنيو ۽ صحرا قلوباط ۾ بجونويان سان مليو. جوبي نويان پهرين ته مولانا بابت پڇيو. هو حيران هو ته ڪنهن انسان ۾ ايتري طاقت ٿي سگهي ٿو! شمس الدين اصفهاني سندن باري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌائي مولانا بابت سندن غلطفهمي دور ڪئي ته پاڻ کو جادوگر آهي. جوبي نويان اهو سڀ ٻڌي سوچي رهيو تو ته جنهن شهر ۾ اهڙو طاقتور ماڻهو آهي، ان کي فتح ڪرڻ جو خيال ئي دل مان ڪڍي ڇڏڻ گهرجي. هاڻ ناه جو نياپو آهي ته عزت بچائڻ گهرجي.

"مان ناه لاءِ تيار آهيان. منهنجي عزت جو خيال ڪري ان شهر جا ڪنگرا ڪيرائي ڇڏيو."

وزير مهذب الدين ۽ شمس الدين اصفهاني هن جي ننڍڙي شرط کي قبول ڪري ۽ ناه ڪري موتي آيا.

ماڻهن کي خبر پئي ته اهو شرط ناه لاءِ رکيو ويو آهي ته ڪجهه ماڻهو سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ فريادي ٿيا. پاڻ ٻاهر اچي خطاب ڪيائون، "شهر جي اڪابرن کي ڪنگرا ڪيرائڻ ڏيو، جيئن قونيه وارن کي خبر پوي ته قونيه جو برج کو ٻيو آهي. اهو

برج اهو ناهي، جيڪو خسيس حڪم سان خراب ٿئي."

ڪنگرا ڪيرايا ويا ۽ جوبي نويان منگولن طرفان ڄڻ جنگ ۾ برابر رهيو، پر سلطنت منگولن جي ماتحت جي حيثيت سان خاندان سلاجقہ جي نالي تي قائم رهي.

شهري قتل ۽ غارتگريءَ کان بچي ويا. جنهن ڪري مولانا جي عزت ۾ واڌارو ٿي ويو. اقتدار وارن کي بہ سندن اهميت جو اندازو ٿيو. سلطان غياث الدين پهرين بہ سندن قدردان هو. ان واقعي کانپوءِ عنايت ۽ نوازش جا در کولي ڇڏيائين. هاڻ بنا ڪنهن فرق درس ۽ تدريس جا حڪمران هئا. پنهنجي مدرسي ۾ درس ۽ تدريس جو ڪم ڪري رهيا هئا. چار ٻين مدرسن ۾ مهمان مدرس جي حيثيت سان ويندا هئا. هر مدرسي جي بانيءَ جي اها خواهش هئي تہ مولانا سندن مدرسي ۾ اچي. سندن مدرسي ۾ چئن سون کن کان وڌيڪ شاگرد هئا. مدرسي جي باني امير بدرالدين مدرسي لاءِ جيڪو ڪجهہ وقف ڪيو هو، اهو تہ هو ئي، پر ٻيا امير وزير مدرسي جي امداد ضروري سمجهندا هئا. پاڻ شاهاڻي زندگي گهاري رهيا هئا. سندن سواري ڪنهن شاهي سواريءَ کان گهٽ نہ هئي. شايد خدمت کي اڪثر بزرگن پسند نہ ٿي ڪيو، پر مولانا انهن ماڻهن مان نہ هو، جيڪي ان اصول خلاف هجن، جيڪي دنياوي وجود لاءِ اهي خدمتون ضروري آهي. سندن عقيدتمندن ۽ مريدن ۾ اهڙا ماڻهو بہ هئا، جيڪي شاهي خدمتن تي هئا، پر سندن خلاف صلاح ڏيڻ تہ ڇا، ان ڪم جي مذمت تائين نہ ڪيائون.، پر گهٽين روايتن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ پاڻ اهو پسند ڪندا هئا.

ٽي سال ائين گذري ويا. غياث الدين جي وفات ڪري وڃڻ کانپوءِ هن جي جاءِ تي عزالدين ڪيڪائوس حڪمران ٿيو. هن مولانا کي اها اهميت نہ ڏني، جيڪا ٻين بادشاهن کيس ڏني هئي. هو حيران هو تہ آخر مولانا جا ايڏا ناز ڇو ٿا کنيا وڃن. هو وزير شمس الدين تي بہ اعتراض ڪندو هو تہ هو مولانا سان ايڏي عقيدت ڇو ٿو رکي.

هڪ دفعي هو درياءَ ڪناري سير ڪري رهيو هو. درياءَ ڪناري نانگ جو ٻچو نظر اچڻ تي ان کي لڪائي ڪٽي ڇڏيو ۽ پوءِ سونو دٻو گهرائي ان ۾ بند ڪري ڇڏيو. مجلس ۾ اچي پنهنجن وزيرن ۽ اميرن کي چيو،" قيصر استنبول ٻين سوڪڙين سان گڏ هي دٻو موڪليو آهي ۽ چورايو آهي تہ توهان جو دين برحق آهي تہ توهان جا عالم ٻڌائين تہ هن دٻي ۾ ڇا آهي؟"

سڀ حيران ٿي ويا. قونيہ جي سيني شيخن کان پڇيو ويو. ڪنهن کان اها ڳجهارت نہ پڳي. آخر اصفهاني (شمس الدين) جي راءِ مطابق پاڻ سلطان، ان دٻي کي ڪٽي مولانا وٽ آيو. ان مهل مولانا جو هڪ خليفو شيخ صلاح الدين مولانا جي ويجهو ويٺو هو. مولانا ان ڏانهن اشارو ڪيو.

"اي سلطان اسلام!" شيخ صلاح الدين بادشاه کي مخاطب ڪيو،" جانور ويچاري کي دٻي ۾ ڇو بند ڪيو اٿئي. نانگ جي ٻچي کي دوست بڻائي ۽ مرد خدا جو امتحان ٿو وٺين. ڪين آسمان جي ۽ ڌرتيءَ جي ذري ذري جي خبر آهي هي دٻو ڪهڙي شيءِ آهي."

سلطان اهو ٻڌي مولانا جو مريد ٿي

ويو ۽ پوءِ سندن تعظيم ڪرڻ لڳو. هاڻ ڪيس خبر پئي ته هن جو وزير سيئي ماڻهو ڇڏي هر وقت هن تي ڏيان ڇو ٿو ڏئي. مولانا هن کي ٻڌائي ڇڏيو ته ايڏي معمولي ڳاله ته هن جو وزير به ٻڌائي سگهيو پئي.

سلطان جي مهرباني ٿيندي ئي مولانا جي شان شوڪت ۾ هڪ دفعو ٻيهر واڌارو ٿي ويو.

........*

هڪ ڏينهن هڪ سراءِ جي چبوتري آڏو ڪجهه معزز ماڻهو وينا هئا. ڪجهه ڏينهن کان وٺي هڪ ماڻهوءَ کي ڏسي رهيا هئا، جنهن کي ڪارو جبو پاتل هو ۽ هن جي اکين ۾ اهڙو جلال هو جو اکيون ملائڻ مشڪل هو. هڪ ڏينهن هو انهن ماڻهن سان چبوتري تي اچي ويهي رهيو. ڪجهه ماڻهن ڳالهائڻ چاهيو، پر هو ماڻ رهيو. ماڻهن هن کي چريو سمجهي ڇڏي ڏنو ۽ پنهنجي ڳالهين ۾ لڳي ويا.

ٻئي ڏينهن هو ٻيهر سراءِ ۾ اچي چبوتري تي ويٺو. ان ڏينهن هو خوش هو. هن جون ڳاڙهيون اکيون تاندن جيان ٻري رهيون هيون. هو ٿورو بيچين لڳي رهيو هو، جڻ ڪيس ڪنهن جو انتظار هجي. ماڻهن ڪيس پهريون پيرو ڳالهائيندي ٻڌو.

هو چئي رهيو هو،" يا خدا! تنهنجي ٻانهن مان ڪير آهي، جيڪو منهنجي صحبت جي لائق ٿي سگهي."

هو اهو جملو ورجائي رهيو هو. پوءِ هو ٻين ماڻهن جيان چبوتري تان هيٺ لٿو. سامهون هڪ سواري اچي رهي هئي. ان جي آجيان ۽ احترام لاءِ ماڻهو چبوتري تان لٿا هئا. ڪيترا ماڻهو پنڌ هئا.

"هي ڪير آهي، جنهن جي سواريءَ جي ايتري هاڪ آهي؟" هن پڇيو.

"هي قونيه جو مشهور فقيه حضرت جلال الدين رومي آهي." ڪنهن ڪيس ٻڌايو.

"هن کي ڪهڙي خبر ته آسمان ولايت هيٺ لهي برج شرف ۾ آيو آهي." هن چيو ۽ اڳتي وڌي مولانا جي گهوڙي جون واڳون جهليون.

مولانا ڪاوڙ مان هن ڏانهن نهاريو، پوءِ گهوڙو روڪي ڪيس چيو،" ڇا ڳاله آهي ياءُ تون ڪير آهين".

"اهو ٻڌايو ته آنحضرت صه گهٽو بزرگ هئا يا بايزيد؟" هن سوال ڪيو.

"هي ڪهڙو سوال آهي؟"

"آنحضرت صه سيني نبين اوليائن جا سردار آهن ۽ بزرگي به کين سونهي ٿي." حضرت مولانا فرمايو.

"پوءِ بايزيد بسطامي ڇو چوندو آهي ته سبحان الله منهنجو شان عظيم آهي. جڏهن ته آنحضرت صه ڏينهن ۾ ستر دفعا استغفار پڙهندا هئا."

حضرت مولانا جواب ڏنو،" سيني اوليائن ۾ بايزيد جن ڪامل بزرگ هئا، پر ولايت جي هڪ درجي تي اچي بيهي رهيا هئا. ان ڪري سندن واتان اهي لفظ نڪتا هئا. آنحضرت صه روز 70 جايون اکرندا هئا. ان لاءِ پاڻ ٻئي درجي تي پهچي پهرين درجي تي قانع ٿيڻ لاءِ استغفار پڙهندا هئا."

ان ماڻهوءَ اهو جواب ٻڌو ۽ سراءِ ڏانهن هليو ويو. مولانا هن کي ويندو ڏسندو رهيو. کين ياد آيو ته ان مهانڊي وارو ماڻهو پاڻ دمشق ۾ ڏٺو هئائون. شايد هي اهو هجي؟ مولانا جي سواري اڳتي وڌي وئي.

مريدن جو ميڙ ساڻن گڏ هو. ماڻهو ٻيهر چبوتري تي ويهي رهيا. سندن وات تي اهو ماڻهو ۽ هن جو پڇيل سوال هو.

ٻئي ڏينهن مولانا مدرسي ۾ ڪجهه خاص شاگردن کي درس ڏئي رهيو هو. اهو ماڻهو اندر آيو. هن اندر اچڻ جي موڪل گهرڻ جي بہ ضرورت محسوس نہ ڪئي. هن پيري مولانا کيس غور سان ڏٺو. پريشان حال، اکين ۾ جلال، هڪ ڊگهو جبو پاتل هو. اهو ماڻهو وينل ماڻهن کي اورانگهيندو مولانا جي ويجهو اچي ويٺو. هن کي ان درس سان ڪا دلچسپي نہ هئي. ڪيس قيمتي ڪتابن سان بہ ڪا دلچسپي نہ هئي.

هن کان ضبط نہ ٿي سگهيو. هن درس جي وچ ۾ ڳالهايو، "مولانا صاحب هي ڇا آهي؟" هن ڪتاب ڏانهن اشارو ڪري چيو.

"توهان ڪله بہ عجيب سوال ڪيو هو. مان درس مان واندو ٿيان، پوءِ توهان جي سوال جو جواب ڏيان ٿو."

هن ٻيهر ڪو سوال نہ ڪيو. مولانا درس ڏيندو رهيو ۽ هو لاپرواهيءَ سان هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو رهيو.

مولانا درس مان واندو ٿي پڇيو، "توهان ڪير آهيو؟ ڪٿان آيا آهيو؟"

"منهنجو اهو سوال ناهي." هن چيو، "جيڪو سوال مون ڪيو آهي، ان جو جواب اهو ناهي."

"توهان کي خبر ناهي اهو ڇاهي؟" مولانا ڪتاب ڏانهن اشارو ڪيو.

"مونکي خبر هجي يا نہ؟ مان توهان کان پڇان ٿو." هن جي لهجي ۾ تڪاڻ هئي. مولانا جي منهن جو رنگ بدلجي ويو. پاڻ بہ تڪائيءَ مان وراڻيائون، "هي اهو آهي، جنهن کي تون نہ ٿو ڄاڻين."

ان ماڻهوءَ کي ڄڻ جلال اچي ويو. هو پنهنجي جاءِ تان اٿي ڪتابن ڏانهن اشارو ڪيو. اشارو ڪرڻ جي دير هئي، ڪتابن کي باهہ لڳي وئي. قيمتي ڪتاب سڙي ويا. هن ٻاهر وڃڻ لاءِ نڪتو.

پنهنجا قيمتي ڪتاب سڙندي ڏسي مولانا چيو، "تو منهنجا قيمتي ڪتاب ساڙي ڇڏيا."

هو ويندي ويندي بيهي رهيو. هن جي منهن تي پهريون ڀيرو مرڪ هئي. هن هڪ نظر مولانا تي وڌي ۽ پوءِ ڪتابن ڏانهن نهاري وات مان ڪجهه ڀڻڪيو، "جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه منهنجي ڪري ٿيو آهي تہ مان توکي تنهنجا ڪتاب موٽائي ڏيان ٿو."

هن سڙندڙ ڪتابن ڏانهن اشارو ڪيو. باهہ وسامي وئي. باهہ وسامندي ئي مولانا ڪتابن ڏانهن ڊوڙيو، جيئن باهہ مان بچيل ڪتاب چونڊي سگهي. هو اهو ڏسي حيران ٿي ويو تہ ڪنهن بہ ڪتاب جو هڪ ورق نہ سڙيو هو. سڀ ڪتاب صحيح سلامت هئا.

"هي باهہ هئي يا نظر جو فريب؟ هي ڇا هو؟" مولانا حيرت مان ڪانئس پڇيو.

"مولانا هي سوال اهو آهي، جنهن کي تون نہ ٿو ڄاڻين." هن مرڪي ايئن چيو ڄڻ حساب برابر ڪيو هجي.

هاڻ مولانا کي اهو سمجهڻ ۾ دير نہ لڳي تہ هي ماڻهو ڪا عام حيثيت رکندڙ هستي نہ هو. اهو خيال ايندي ئي مولانا جي ڪيترين اکين ڪيس ڳوليو. هن جي خوشبو تائين اتي نہ هئي. نہ ڄاڻ هو ڪنهن مهل

نڪري هليو ويو هو. مولانا هڪ نظر مريدن ڏانهن نهاريو ۽ ان کي ڳولڻ لاءِ نڪتو. قونيه جا ماڻهو حيرت مان مولانا کي ڏسي رهيا هئا. قونيه جو سڀ کان وڏو عالم پيرين اڳهاڙو ڪنهن کي ڳولڻ نڪتوآهي. ڪجهه پري وڃي ڪارن ڪپڙن ۾ ڪين اهو ماڻهو مليو. پاڻ اڳتي وڌي ڪين منٿون ڪري پاڻ سان گڏ وٺي آيو.

هي ٻيو ڪو نه پر حضرت شمس تبريز هو. ماڻهن ڏٺو ته پاڻ ان ماڻهوءَ سان حجري ۾ داخل ٿيا. ان ڪانپوءِ ڏينهن تي ڏينهن گذري ويا. حجري جو در کولڻ جي همت ڪنهن ۾ نه هئي. اندر ڪهڙا راز پيا سلجن، ڪنهن کي خبر نه هئي. شيخ صلاح الدين زرڪوب ڪانسواءِ ڪنهن کي حجري ۾ داخل ٿيڻ جي همت نه هئي. ڪجهه روايتن موجب مولانا حجري کان ٻاهر نڪتو ته سندس دنيا ئي بدلجي وئي هئي. نه اهو ويس هو نه شان نه شوڪت. نه وعظ ڪرڻ ، نه ڪتاب.....شاعر چواڻي ته

صد ساله دورا چرخ تا ساغر کان
ايک دور
نڪلي جو ميڪدي سي تو دنيا بدل
گئي

........*

قونيه ۾ اها ڳاله هلي وئي ته مولانا جلال الدين روميءَ عشق جو مذهب اختيار ڪيو آهي. اهڙو بي بها عالم، شمس الدين تبريز جي نظرن جي تير جو شڪار ٿي ويو آهي.

هاڻ مولانا جي تربيت هڪ نئين انداز سان شروع ٿيڻ واري هئي. وعظ ڪرڻ پهريائين ڇڏي ڏنو هئائين. هاڻ ڪتاب ڏسڻ به ڇڏي ڏنائين. مولانا جي عادت هئي ته پنهنجي پيءُ جا ڪتاب پڙهندو هو. شمس تبريز حڪم ڏنو ته آئنده پنهنجي پيءُ جو ڪلام به نه پڙجو. مولانا سندن جهلڻ تي اهو به پڙهڻ بند ڪري ڇڏيو هو، پر دل ۾ خيال ايندو هوس ته ڪاش اهو حڪم نه ملي ها. اهو خيال هڪ ڏينهن خواب ۾ حقيقت بڻجي آيس. ڏنائين ته پاڻ هڪ جماعت ۾ ويٺو هو ۽ پيءُ جو هڪ ڪتاب پڙهي رهيو هو. ننڊ مان جاڳيو ۽ شمس تبريز وٽ آيو. جنهن ڪيس ڏسي چيو، "وري ان ڪتاب کي پڙهين پيو."

"مان ته سال ٿيا ڪتاب پڙهڻ ڇڏي ڏنا آهن." مولانا فرمايو.

"خواب ۾ توهان ڇا ڪري رهيا هئا؟ ڇا اهو ڪتاب نه پڙهي رهيا هو."

"اهو ته فقط خواب هو."

"خواب اڪثر فڪر جو نتيجو هوندا آهن. توهان جي دل ۾ هڪ خواهش لڪل هئي، جيڪا خواب بنجي سامهون آئي اٿو. ان خواهش کي ڪڍي ڦٽي ڪر."

مولانا دل ۾ پڪوپه ڪيو ته ٻيهر اهو ڪتاب نه پڙهندو. پوءِ خيال ڪيائين ته والد جو ڪتب پڙهڻ کان جهليو اٿئون ڪنهن ٻئي ڪتاب کي پڙهڻ کان نه پڙهڻ جي عادت هئي. ڪجهه نه ڪجهه پڙهڻو هو. ديوان متنبيءَ هٿ اچي ويس. پڙهي اهڙو ڪين وڻيو جو هو وقت سيراندي ۽ کان رکيل هوندو هوس. هڪ ڏينهن ديوان پڙهي ستو. خواب ۾ ڏنائين ته مدرسي ۾ عالمن سان بحث ڪري رهيا آهن ته انهن ماڻهن کي قائل ڪريان. خواب ۾ ئي ڄجي ٿي رهيا هئا ته هن ائين چو ڪيو. جڏهن ننڊ مان جاڳيا ته ڏنائون سامهون شمس تبريز اچي رهيا آهن.

شمس تبريز ايندي چيو، " توهان ڏنو انهن عالمن کي. انهن توهان جو ڇا حال ڪيو. اهو سڀ ديوان متبنيٰ جي پڙهڻ جو نياڳ آهي. "

جڏهن اهڙا واقعا گهڻا پيش آيا تہ پاڻ بلڪل ڪتاب پڙهڻ بند ڪري ڇڏيائين. فقر جون منزلون طئہ ٿيون تہ سندن خيال بدلجي ويا.

اهل صيقل رستہ انداز بو و رنگ
هر دمي بنپند خوبي بي درنگ
(صيقل ڪندڙ رنگ ۽ بو کان پري رهن ٿا آهن ۽ اهي چڱائيءَ کي هر حال ۾ ڏسي وٺن ٿا.)

نقش و قشر علم را بگذاشتند
رايت عين اليقين افراشتند
(هنن نقش ۽ علم جي ظاهري ويس کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ عين اليقين جو جهنڊو بلند ڪيو آهي.)

ذوق و فکر و روشنائي يا فتند
بحر بهر آشنائي يا فتند
(هنن کي ذوق ۽ فڪر ۽ روشني حاصل آهي. هنن ترڻ لاءِ سمنڊ ڳوليو آهي)

اهو معاملو فقط ڇڏڻ تائين محدود نہ رهيو، پر "اخذ" جي بہ حاصلات ٿي وئي. حضرت شمس جي چوڻ ڪري ڪري مولانا سماع ڏانهن ڌيان ڏنو. پوءِ اهو ڌيان سندن وڌندو وين. سماع ڪانسواءِ ڪين مزو نہ ايندو هو. ڇا تہ حالت هئي ڪين ڪتابن ڪانسواءِ مزو نہ ايندو هو يا وري اهو حال هو جو هر وقت قوال وينا آهن ۽ مولانا جهومي رهيو آهي. سندن اهو حال ڏسي مذهبي حيثيت سان سماع جو سبب ۽ بي سبب هئڻ تي نئون بحث شروع ٿي ويو. پهرين سرڀات ٿيا، پوءِ گوڙ ٿيو. حضرت شمس ئي ان جو ذميوار هو، جنهن ڪري عام ماڻهو سندن خلاف ٿي ويا.

مولانا جي لاپرواهي وڌي وئي هئي. سڀ رابطا ٽٽي ويا تہ اهو امر مولانا جي شاگردن ۽ مريدن کي نہ وڻيو. حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون.

" سان عمريون مولانا جي خدمت ۾ گهاريون آهن. مولانا جون ڪرامتون ڏٺيون آهن. چئني پاسي سندن مشهوري هئي. هڪ گمنام ماڻهو آيو ۽ مولانا کي سيني کان ڌار ڪري ڇڏيو. هاڻ تہ سندن منهن ڏسڻ بہ نصيب نہ ٿو ٿئي. "

" ضرور هي ڪو جادوگر يا چالاڪ ماڻهو آهي نہ تہ هن جي ڪهڙي هستيءَ جو پهاڙ کي ڪک جيان وهائي وڃي. "

ماڻهن ۾ اهي چوٌبول هئا تہ مولانا جا خاص شاگرد شمس تبريز جي خلاف ٿي ويا. هڪ منصوبو ناهي حضرت شمس تبريز جي مخالفت تي لهي آيا. مولانا روم سان تہ ڪنهن کي ڪجهہ چوڻ جي ڪين همت نہ هئي. انهن کي جڏهن بہ شمس تبريز اڪيلا ملندا هئا تہ ان تي ٽوڪون ڪندا هئا. گهٽ وڌ ڳالهائيندا هئا. حضرت شمس تبريز ان بدتميزيءَ کي صبر سان سهندا رهيا. پر جڏهن ڳاله حد کان وڌي وئي ۽ ڪين پڪ ٿي وئي تہ ان جو انجام فساد ۽ فتنو ٿيندو تہ پاڻ ڦونيہ مان نڪري وڃڻ بهتر ڄاتو.

هڪ ڏينهن صبح جا ڪرڻا نڪتا تہ پاڻ ماڪ ڦڙن جيان گم هئا. صبح کان منجهند ٿي وئي، منجهند مان ڦري شام ٿي وئي. مولانا جي بيچيني وڌندي وئي. رات سندن دانهن ۾ وهامي وئي.

مولانا روم کي حالتن جي خبر هئي. سمجهي ويا تہ خودسر شاگردن، حضرت شمس تبريز کي قونيہ مان نڪري وڃڻ تي مجبور ڪيو آهي. ڪين انهن مريدن جي بہ خبر هئي، جيڪي ان جي مخالفت ڪري رهيا هئا. شمس جي جدائي مولانا کي نهوڙي ڇڏيو. مريدن جيڪو ڪجهہ سوچيو هو، نتيجو ان جي ابتڙ نڪتو.

شمس تبريز جي وڃڻ کانپوءِ مولانا روم انهن ڏانهن ڏيان ڏيڻ جي بدران ويتر بي پرواهہ ٿي ويا. سندن ساٿي بہ سندن صحبت کان محروم ٿي ويا. شاعري بہ ڇڏي ڏنائون. انهن ڏينهن ۾ ڪين شمس تبريز جو خط مليو. خط ڇا هو، بهار جو جهونڪو هو. خوشيءَ مان جهومي اٿيو، محفل سماع شروع ٿي وئي. غزل ٻيهر چوڻ شروع ڪيائون. وفادارن ۾ ان اميد ڪر ڪنيو تہ مولانا ٻيهر ساڳئي حالت ۾ اچي ايندو. خط تي خط ايندا رهيا. مولانا جي حالت بدلجڻ لڳي.

سندن وفادارن کي پڪ ٿي وئي تہ جيسين شمس تبريز موٽي نہ ايندو، تيسين مولانا روم هوش ۾ نہ ايندو. منڪرن استغفار پڙهيو ۽ مولانا جي خدمت ۾ اچي عرض ڪيو تہ خدا جي واسطي حضرت شمس تبريز کي وٺي اچو. جڏهن مولانا کي پڪ ٿي وئي تہ حالتون ٺاپر ۾ آهن يا مخالفت گهٽ ٿي وئي آهي تہ ڀاڻ هڪ ڏينهن پنهنجي پٽ سلطان کي گهرايو.

" تون منهنجي طرفان ان شمس تبريز ڏانهن وڃ. هي پئسا هن جي قدمن تان گهور ڪري چئو تہ جن مريدن گستاخي ڪئي هئي، اهي سچي دل سان توبہ تائب ٿيا آهن ۽ عرض ٿا ڪن تہ جيڪا خطا ٿي اها درگذر ڪريو ۽ اسان ڏانهن موٽي اچو."

مولانا جي پٽ سلطان ولد خود اهو چاهيو پئي تہ اک چنڀ ۾ حضرت شمس موٽي اچن. هو اهو حڪم ٻڌي دمشق روانو ٿيو. جتي حضرت شمس تبريز ترسيل هئا. سلطان اهو سمجهيو پئي تہ دمشق پهچندي ئي حضرت شمس کي خبر پئجي ويندي. دمشق وارا ڪين ڄاڻندا هوندا. دمشق پهچي ڪيس مايوسي ٿي. ڳولڻ کان پوءِ بہ ڪيس شمس تبريز ملي نہ سگهيو. ڀاڻ مايوس ٿي ويو. هڪ ڏينهن جبل صالحيہ جي سراءِ ڏانهن لنگهيا.

اتي هنن شمس الدين تبريز کي ڏٺو پر عجيب حال ۾.

هو هڪ انگريز ٻار سان راند ڪيڏي رهيا هئا. سلطان پري بيهي تماشو ڏسڻ لڳا. جڏهن ان چوڪري ڪٽيو ٿئي تہ شمس تبريز ڪيين چمي ٿي ڏني ۽ جڏهن ڀاڻ ڪٽيون ٿي تہ ان چوڪري کان پئسا ٿئي ورتائون.. اها ڪجهہ عجيب ڳالهہ هئي. سلطان پري بيهي تماشو ڏسي رهيو هو. ان کان اڳ جو ڪنهن غلطفهميءَ جو شڪار ٿئي، سندس تربيت ڪم اچي وئي. "بزرگن جا عجيب عجيب رنگ ٿين ٿا. ڪهڙي خبر تہ ان ۾ ڪو راز لڪل هجي." اهو سوچي ڀاڻ شمس تبريز آڏو آيا.

"حضرت! بابا سائين توهان لاءِ بيقرار آهي ۽ قونيہ وارا پنهنجي فعل تي شرمسار آهن. توهان کان معافيءَ جا طلبگار آهن. توهان قونيہ هلو، اهو اسان تي ٿورو ٿيندو."

" قونيہ ۾ منهنجو هلڻ ويڙهہ جو

سبب ٿيندو."

اهو سبب ختم ٿي ويو آهي. هاڻ سڀ توهان جا منتظر آهن."

"سوچي وٺ، هاڻي ائين ٿيو ته مان هميشه لاءِ هليو ويندس."

"هاڻ ڪجهه به نه ٿيندو. توهان دل جاءِ ڪريو."

سلطان جي منت ڪرڻ تي پاڻ قونيه هلڻ لاءِ تيار ٿيا. حضرت شمس تبريز جي گهوڙي تي ويهندي ئي سلطان گهوڙي جون واڳون جهليون.

"تون به گهوڙيءِ تي چڙهه پنڌ ڪيسين هلندين؟"

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي ته شاهه به سوار هجي ۽ بندو به سوار هجي. مونکي ان کان معاف ڪيو. مونکي توهان سان گڏ پنڌ هلڻ سونهي ٿو."

دمشق کان قونيه جو مفاصلو ڪو ميل به ميل نه هو. هي ڏکيو رستو هڪ مهيني ۾ پورو ٿيو ۽ اهو ئي وقت هو جنهن ۾ حضرت شمس تبريز جي صحبت سلطان ولد کي به ڪامل ولي بڻائي ڇڏيو. شمس تبريز قونيه پهتو ته مولانا جي خوشيءَ جو ڪو ٺڪاڻو نه هو. ڪڏهن پاڪ ٿي پاتائون ته ڪڏهن جهوميا پئي. ڪڏهن شعر پئي پڙهيائون. ڪيترا ڏينهن سندن اها حالت رهي.

قونيه ۾ هلچل هئي. جن ماڻهن گستاخيون ڪيون هيون، اهي شرمسار هئا. معافيءَ لاءِ اچڻ چاهيندا هئا. پاڻ ماڻهن سان ملڻ ۾ محتاط هئا. ڪنهن سان به نه ٿي مليا. جڏهن اهو حال رهيو ته ماڻهن اهو چوڻ شروع ڪيو ته شايد هي اهو شمس تبريز ناهي، ان لاءِ نه ٿو ملي. شمس تبريز جڏهن ڏٺو ته ماڻهن جو زور وڌي ويو آهي، پاڻ عجيب شرط وڌائون.

"جنهن کي ملڻو آهي، اهو پئسا ڏي." (جيڪي پئسا ڪين ملندا هئا. اهي غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندا هئا.)

ڪيترا ڏينهن اهو حال رهيو. حضرت تبريز گوشه نشيني ڇڏي ڏني هئي. قونيه ۾ هر طرف سماع جون محفلون هيون جنهن ۾ مولانا ۽ حضرت تبريز شريڪ ٿيندا هئا. حضرت شمس سان مولانا جي بڏي اڳي کان اڳري هئي. گهڻن ماڻهن کي ساڙ هو، پر هاڻ ڪجهه چوڻ مولانا کي چڙ ڏيارڻ هو.

........*

"شمس تبريز ڪيميا خاتون جو گهرجائو آهي. مان ڪيس ڇا چوان؟" مولانا روميءَ پنهنجي پٽن کان پڇيو.

"ظاهر آهي توهان انڪار نه ٿا ڪري سگهو." مولانا جي وچئين پٽ علاءُ الدين چيو.

"تنهنجي انداز ۾ ٽوڪ آهي."

سلطان ولد به توهان سان پيار ٿو ڪري ۽ شمس تبريز سان به. هن کان پڇو جيڪو صحيح هجي."

"خدا توتي رحم ڪري. مان ان لاءِ پڇيو ته ڪيميا خاتون صرف منهنجي ڌيءُ ناهي. مان ان بابت ايترو بااختيار ناهيان. ان لاءِ توهان کان صلاح پڇيم."

"شمس تبريز کان وڌيڪ سٺو رشتو ٻيو ڪنهن جو ٿي سگهي ٿو." سلطان چيو.

"قونيه وارا ڪين پسند نه ٿا ڪن. سندن سخت طبيعت سيني کي ناراض ڪيو

آهي. ڪيميا خاتون بہ خوش نہ رهندي." علاءُ الدين چيو.

"سندن جلالي حالت وڏيڪ آهي، باقي سخت صفا ناهن." سلطان بچاءُ ڪندي چيو.

انهن سوالن جوابن کانپوءِ مولانا اٿي مدرسي ۾ هليو ويو ۽ وڃي شمس تبريز کي خوشخبري ٻڌائي. اهو رشتو قبول ڪرڻ ۾ بہ اهو جڏبو هو تہ شمس تبريز هاڻ قونيہ ۾ ترسي پوندا. ڪيميا خاتون حضرت مولانا جي ڌيءُ نہ هئي، پر سندس زال جي پاليل ضرور هئي. مولانا روم جو پٽ علاءُ الدين ان جي حق ۾ نہ هو، پر هو پنهنجي ڪاوڙ جو اظهار بہ ڪري نہ ٿي سگهيو تنهنڪري چپ ٿي ويو.

سرءَ جا ڏينهن هئا. ڪيميا خاتون جي شادي شمس تبريز سان ٿي وئي. هاڻ هو مدرسي ۾ رهي نہ ٿي سگهيا. ڪين گهر ۾ جاءِ ڏيڻي هئي. مولانا گهر جي ڏيڍيءَ ۾ هڪ پاسي سندس رهڻ جو بندوبست ڪيو. هي اهڙو هنڌ هو، جتان لنگهي گهر اندر وڃڻو پوندو هو. علاءُ الدين جڏهن بہ پنهنجي ماءُ پيءُ سان ملڻ لاءِ ويندو هو، اتان ڪيش لنگهڻو پوندو هو. اهو اچڻ وڃڻ بي وقتو بہ ٿي سگهيو پئي.

حضرت شمس جڏهن ڏٺو تہ هو بي تڪلف ٿي لنگهي ٿو تہ ڪيس سمجهايائون، "اڳي جي ڳاله ٻي هئي، هاڻي خيال ڪر."

" مان پنهنجي ئي گهر ۾ خيال ڪريان؟"

"منهنجو مطلب آهي تہ سڏ ڪري پوءِ اچ."

علاءُ الدين کي اهو ڏک پهرين بہ هو تہ شمس تبريز سلطان کي وڏيڪ پائني ٿو. ان تنبيه کيس ويتر ڏکارو ڪيو. هن اها ڳاله ماڻهن ۾ ڦهلائي. ماڻهو ان جي تاڙ ۾ هئا.

هنن ان کي وڏائي ڪري چيو،"هڪ اوپري ماڻهوءَ گهر ۾ اچي گهر پاتين کي گهر اچڻ کان جهليو آهي. اهو تہ نسورو ظلم آهي."

انهن علاءُ الدين کي بہ پڙڪايو تہ ڪيئن بہ ڪري تبريزيءَ کي گهر مان ڪڍو. حاسدن جو ميڙ علاءُالدين جي گهر آڏو گڏ هو. جڏهن هنن ڏٺو تہ علاءُ الدين ڪاوڙ ۾ آهي تہ سازشون شروع ٿي ويون. وري ساڳي پهرين جهڙي حالت هئي. شمس تبريز ان ڪري ڏکارا ٿي پيا، پر مولانا کي ڪجهہ ڪونہ ٻڌايائون. جڏهن ڳاله گهٽي وڌي وئي ۽ فساد جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا تہ پاڻ مولانا کي اشارن ۾ ٻڌايائون تہ پاڻ اڳ جيان گم ٿي ويندا.

مولانا ڪين ائين ڪرڻ کان روڪيندا رهيا. ڪيميا خاتون جي زنجير پيرن ۾ پيل هئي. ان لاءِ حضرت شمس تبريز ان تي عمل ڪري نہ سگهيو. پر ٿيڻ واري ڳاله ٿيٽي هئي. قدرت ڪين اهو موقعو بہ ڏنو. هڪ ڏينهن حضرت شمس تبريز گهر آيا تہ ڪيميا خاتون گهر ۾ نہ هئي. خبر پئي تہ سلطان جي ڏاڏي ۽ ٻين عورتن سان سير ڪرڻ لاءِ وئي آهي. اهو ٻڌي پاڻ ڏاڍو ڏکارو ٿيو. الله سائينءَ کان پنهنجي وليءَ جو ڏک ڏٺو نہ ٿيو. ڪيميا خاتون جيئن ئي موٽي تہ سور کان ڦٽڪي ڪري پئي ۽ ٽن ڏينهن کانپوءِ لاڏاڻو ڪري وئي. مخالفت ڏينهون ڏينهن وڌي وئي. ڪيميا خاتون جي لاڏاڻي

کين تمام گهٽو ڏکارو ڪيو. قونيه وارن جي بدسلوڪي کين اهڙو بيحال ڪيو جو پاڻ رات جو فائدو وٺي مولانا کان پري هليا ويا.

صبح ٿيڻ تي مولانا مدرسي آيو تہ شمس تبريز گم هو.

ناگهان گم شد ا ميان همہ

مولانا ڏک کان بيحال ٿي ويو. سلطان جي گهر وڃي ڪيس سڏ ڪيو، "سلطان! ڪهڙي ننڊ ۾ پيو آهين. سڳنڌ اڏامي وئي، مان بي مزي ٿي ويس."

"هيڏانهن هوڏانهن هوندا موٽي ايندا."

"نہ! هو ڏکارو هو. ڪيترن ڏينهن کان وڃڻ جو ارادو ڪري رهيو هو. هاڻ هو ڪڏهن ڪونہ ايندو."

"توهان فڪر نہ ڪريو، مان کين ڳولهي لهندس."

سلطان ۽ مولانا روم کين ٻہ ٽي ڏينهن ڳولهيندا رهيا، پر حضرت شمس تبريز نہ ملي سگهين. مخالف ۽ سندن شاگرد خوش هئا تہ اهو جادوگر هتان هليو ويو. هاڻ مولانا ان جادوءَ کان آجو هو. اهو فقط هنن جو خيال هو، نہ تہ مولانا جو اهو حال هو جو شهر جي هر ڪنڊ ڪنڊ شمس تبريز جي ڳولا ۾ لتاڙي هئي. ڪو پوڳ ۾ ٻہ چوندو هو تہ هن شمس تبريز کي ڏٺو آهي تہ مولانا هن جي پنيان هلندو هو. ڪجهہ شرپسندن اها عادت ناهي ڇڏي هئي تہ شمس تبريز بابت ٻڌائي مولانا کان انعام وٺندا هئا. ڪجهہ نہ ٻہ هوندو هو تہ پنهنجو پهراڻ لاهي ڏيندا هئا.

مولانا جا شاگرد اهو سمجهي رهيا هئا تہ مولانا روم ڪجهہ ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندو ۽ جلدئي فقط هنن جو هوندو، پر مولانا بيچين هو. ڪيس صبر ڏيارڻ لاءِ اهو مشهور ڪيو ويو تہ شمس تبريز قتل ٿي ويو آهي. شاگردن جي اها خواهش پوري نہ ٿي. مولانا کي صبر ڇا اچي ها، حالت ويتر خراب ٿي وئي. راتيون بي آرام هيون. شمس تبريز کي ياد ڪري ايڏو تہ روئندو هو جو ماڻهن کي مٿس ترس اچي ويندو هو. اهڙا سوز ڀريا شعر پڙهندو هو جو ٻڌندڙن جون اکيون آليون ٿي ويندیون هيون. هوريان هوريان چرين واري حالت ٿي وئيس. هر طرف شمس تبريس کي ڳوليندا هئا. ڪو ڪوڙ هٽي چوندو هو تہ هن شمس تبريز کي ڏٺو آهي تہ پنهنجا ڪپڙا لاهي ڏئي ڇڏيندا هئا.

هڪ دفعي هڪ ماڻهو آيو ۽ کين اهو ٻڌايو تہ هن شمس تبريز کي دمشق ۾ ڏٺو آهي. پاڻ ايڏو خوش ٿيو جو کين جيڪو پاتل هو، سڀ لاهي ان ماڻهوءَ کي ڏئي ڇڏيو. ويندي جوراب بہ ڏئي ڇڏيائين. اهو ماڻهو ڪوڙو هو. هن انعام جي لالچ ۾ اها خبر ٻڌائي هئي. ان لاءِ جو ان مهل ڪو ٻيو ماڻهو آيو. هن ان ڪوڙي جو اهو ڪوڙ ظاهر ڪيو، "اهو ماڻهو ڪوڙو آهي. هن ڪوڙ ڳالهايو آهي."

"اهو صحيح هجي ها تہ مان ڪپڙن بدران پنهنجو ساهہ ڏيان ها. ان تي جان ڏيان ها." مولانا فرمايو. مولانا کي خبر هئي تہ شمس تبريز جو ڪنهن کي بہ ڏس پتو نہ آهي، پر هو پاڻ کي پاڻ ڪوڙا لاسا ڏئي رهيو هو. هر ماڻهوءَ کين فريب ڏئي رهيو هو. ماڻهن ماشو ٻڌائي ڇڏيو هو.

مولانا جي حالت ڏسي سندن ڪجهہ اگرد شمس تبريز جي ڳولا لاءِ نڪتا. سندن پٽ سلطان شام ڏانهن روانو ٿيو. ان

قافلي جي وڃڻ سان اميد جا ڏيئا ٻريا ضرور پر ڳولڻ وارا ناڪام ٿي موٽي يا. ائين جيئن ڪبوتر پنهنجي منهمتي موتندا آهن. سلطان بہ موٽي آيو. شمس تبريز جي ڪا خبر نہ پئي.

انهن ڏينهن ۾ رومين جي گهرو ويڙهہ، ۽ تاتارين جي تباهيءَ ڪري سڄ ملڪ تباهيءَ جي ڪناري تي هو. حضرت مولانا انهن ڳالهين کان بي خبر نہ هو. ڪين اهو خيال اچي رهيو هو تہ هن مهل شمس تبريز تي ڇا گذريو هوندو. ڪٿي هو قتل تہ نہ ٿي ويو آهي. حالتون بہ اهو ظاهر ڪري رهيون هيون، پر دل نہ ٿي مڃيو.

مولانا اهو سوچي سفر لاءِ نڪتو ۽ شام ڏانهن روانو ٿيو.

سندن ساٿي بہ ساٿس گڏجي روانا ٿيا. دمشق پهچندي ئي ڳولا شروع ڪيائون. هڪ هڪ سراءِ ڳوليائون، مدرسن جا فرش سندن قدمن سان گرم ٿي ويا. آتش عشق جي گرمي کان دمشق وارن جا دل پگهرجي ويا. ماڻهو حيران هئا. اهڙو عالم فاضل انسان ڇو ائين ديوانو ٿيو آهي. شمس تبريز آخر ڪهڙي شيءِ آهي، ڇو اهڙو انسان سندس ڳولا ۾ هوش وڃائي ويٺو آهي. ڳولا جا سڀ ڇار ائين خالي رهيا. شمس تبريز جي سڳنڌ ۽ خبر نہ ملي سگهي. پاڻ مايوس ٿي شام کان روم ڏانهن روانو ٿيو، پر سندن وات تي اهو ئي هو،

"ما عاشق سرگشتہ و شيدائي دمشقيم"

سماع تہ اڳ ۾ ئي شروع ڪيو هئائون. هاڻ اهو حال هو جو سماع ڪانسواءِ گذارو نہ هو. قوال هڪ هڪ ڪري عاجز ٿي ويا، پر مولانا جو جيءُ سير نہ ٿيندو هو. سڄي شهر ۾ هل هو تہ اهڙو عالم دين ۽ عظيم مفتي سماع پئيان ديوانو ٿيو آهي. مخالفن اهو چوڻ شروع ڪيو تہ سندس دين ۽ مذهب ڪجهہ ناهي، جيڪو ڪجهہ آهي، اهو شمس تبريز آهي... اهو گوڙ ايڏو تہ وڌيو جو مولانا هڪ دفعو ٻيهر قونيہ مان نڪري دمشق پهتو.

هن پيري سندن گهر ڀاتي ۽ ساٿي گڏ هئا. اهو سوچي ڪري تہ هان سڄي عمر پرين جي شهر ۾ گهاريندا. حضرت شمس تبريز کي پهريون پيرو دمشق ۾ ڏٺو هئائون. هاڻ ڪنهن سان سندن ڪو واسطو نہ هو. اکيون ڪنهن جي ڳولا ۾ هيون. آسمان تي چنڊ هر رات اپرندو هو، پر جنهن چنڊ جي ڪين ڳولا هئي، اهو ڪٿي بہ نظر نہ ٿي آيو. بازار جي رش ۾ بہ هڪ ئي چهرو ڳولينڊا هئا.

هڪ سال گذري ويو. قونيہ جا رهاڪو ۽ روم جا اڪابر مولانا جي جدائيءَ کان پريشان ٿي ويا. ڪا صورت نہ هئي جو ڪين ٻيهر موٽائي آڻجي. اها حالت روم جي سلطان آڏو پيش ڪئي وئي. وزير ۽ عوام هٿ ٻڌي ٻيئا هئا.

"مولانا جلال الدين قونيہ جي عظمت جو نشان هو. اسان کان رسي ڪري دمشق هليو ويو آهي."

"توهان سندن قدر نہ ڪيو."

"اسان کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس هاڻ ٿي رهيو آهي."

"توهان مون وٽ ڇو آيا آهيو."

"ان جو ازالو توهان جي هٿ ۾ آهي."

"هو اسانجي چوڻ تي بہ نہ ايندو."

" اسان چاهيون ٿا تہ توهان بہ ڪين چئو."

" خط تيار ڪريو. اسان ان تي پنهنجي صحيح ڪيون ٿا."

سلطان روم جي حڪم تي هڪ خط تيار ڪيو ويو. سڀ شيخ، قاضي، وزير ۽ اميرن جون صحيحون ڪري قاضي عقيل حوالي ڪيو ويو تہ جيئن هو ڪٽي دمشق وڃي ۽ حضرت جلال الدين رومي ۽ کي موٽي اچڻ تي راضي ڪري. عقيل دمشق پهچي مولانا جي خدمت ۾ حاضر ٿيو.

خط ڏيکاري ڪين ماڻهن بابت ٻڌايو. ڪيترا ڏينهن ترسي مولانا کي راضي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. مولانا کي بہ پڪ هئي تہ شمس تبريز هاڻ هن دنيا ۾ ناهي رهيو. پاڻ قونيہ موٽي آيو، پر ان خيال سان موٽيو تہ شمس ۾ جيڪو ڪجھ هو، اهو پاڻ مون ۾ آهي.

هر ڪے عاشق ديديش معشوق وان
ڪو بہ نسبت هست هم اين وهم آن!

(جنهن کي تون عاشق ڏسين ان کي معشوق سمجھ، ڇو تہ لاڳاپي جي ڪري هو اهو بہ آهي تہ هي بہ).

چون چراغي نوراً شمع را ڪشيد
هرڪے ديد آن را يقين آن شمع ديد!

(جڏهن ڏيئي شمع جي روشني حاصل ڪئي، تہ جنهن شمع کي ڏٺو ڇڻ ان ڏيئي کي ڏٺو)

پاڻ ڪلم ڪلا چوندو رهيو تہ مان پاڻ عين شمس آهيان. شمس جي ڇا ڳولا هئي، حقيقت ۾ پنهنجي ڳولا هئي. پاڻ اهي سڀ حالتون پاڻ ۾ ڏسي رهيو هو، جيڪي صفتون شمس ۾ هيون. ڏيئي مان ڏيئو ٻريو هو. هڪ گل جي خوشبوءِ ٻئي گل ۾ اوتجي وئي هئي.

هڪ ڏينهن مولانا عجيب خيال ۾ هو. ان حالت ۾ هڪ خاص مريد صلاح الدين زرڪوب جي دڪان ڏانهن نڪري ويو. شيخ صلاح الدين چانديءَ جا ورق ڪٽي رهيو هو. پاڻ ڏٺائون بہ ڪونہ تہ ڪير اچي بيٺو آهي. مولانا هٿوڙي جي آواز تي وجد ۾ اچي ويو. شيخ بہ هٿ ڪونہ روڪيو. تمام گهڻا ورق خراب ٿي ويا. پاڻ پرواهہ نہ ڪيائون. ٿوري دير ڪانپوءِ مولانا ڪيس وٺي ٻاهر آيو. هاڻ حالت اها هئي تہ مريد ۽ مرشد ٻئي نچي رهيا هئا. دڪان ۾ ڪاريگر برابر ورق ڪٽي رهيا هئا. اها حالت ڏسي ڪجھ ماڻهو قوال کي وٺي آيا. مولانا غزل شروع ڪيو.

يڪي گنجي پديد آمد ازين دڪان زرڪوبي
زهي صورت زهي معنيَ زهي خوبي
زهي خوبي

پاڻ ان حالت ۾ ظهر کان عصر تائين رهيا. عصر مهل شيخ صلاح الدين ڏٺو تہ سڄو دڪان چانديءَ جي ورقن سان ڀريل آهي. سڄو سامان سونو ٿي ويو هو. پاڻ ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا ۽ دڪان لٽائي ڇڏي ۽ مولانا سان گڏ روانا ٿي ويا.

صلاح الدين، مولانا جو مريد اڳ ۾ ئي هو، پر هاڻ خاص حالت ۾ ملي هو ۽ هو حضرت شمس جو نعم البدل ٿي ويو. مولانا جي طبيعت ۾ سڪون اچي ويو. جيڪو درجو مولانا جي نظر ۾ حضر شمس تبريز جو هو، اهو درجو هاڻ شيخ صلاح الدين جو ٿي ويو.

"بس هاڻ هي ئي شمس تبريز آهي. انهن کي سڀ ڪجهه سمجهو ۽ هن جي ڪيميا نظر مان فائدو وٺو." مولانا پنهنجن ساٿين کي چيو.

جڏهن صلاح الدين شمس تبريز ٿيو ته مولانا جو سڄو ڌيان هن ڏانهن هو. ڪنهن ٻئي پاسي ڪو ڌيان نه هو. جڏهن مريدن ڏٺو ته سندن سڄو ڌيان صلاح الدين ڏانهن آهي ۽ سندن حد کان وڌيڪ احترام ڪري ٿو ته هڪ دفعو ٻيهر هل مچي ويو. شمس جي وڃڻ کانپوءِ اسان سمجهيو ته هاڻ ڳاله ختم ٿي ويندي، پر توهان اجا ان ۾ قائل آهيو. ڳالهيون ٿيڻ لڳيون،" هاڻ هي جيڪو ماڻهو آيو آهي، اهو اڳين کان به خراب آهي. هن ۾ نه علم به هو. هي نه هتان جو رهاڪو آهي. سوره فاتحه تائين نه ٿو پڙهي سگهي. سڄي عِمر ورق ڪٽيندو رهيو آهي،"

پر مولانا جو جي نظرن ۾ شيخ صلاح الدين جي عزت ۾ ڪا گهٽتائي نه آئي. سيني ماڻهن ملي ڪري اهو طئه ڪيو ته شيخ صلاح الدين کي ختم ڪيو وڃي. هڪ ڏينهن هڪ خيرخواهه صلاح الدين وٽ آيو ۽ سڄي ڳاله کيس ٻڌائي. پاڻ سڪون سان اهو ٻڌو ۽ ڪليو.

" هي نادان اهو نه ٿا سمجهن ته خدا جي حڪم کانسواءِ پن به نه ٿو چري. پهاڙ ڪيئن لڏندو. هي ماڻهو ڪيئن مونکي قتل ڪندا. اها منهنجي رحمت آهي جو مان ماڻ آهيان نه ته خدا جي امر سان هڪ ئي ساهه ۾ ڪين ماري ڇڏيان. هنن ماڻهن کي ڪاوڙ آهي ته مولانا مونکي سيني ۾ مخصوص ڇو ڪيو آهي. اصل ڳاله کي نه ٿا سمجهن ته مولانا پنهنجو پاڻ تي عاشق آهي. مان ته فقط هڪ بهانو آهيان."

هي ڳالهيون مولانا کان لڪل نه هيون. سندن ڪاوڙ وڌي وئي. مولانا، شيخ صلاح الدين کانسواءِ سيني سان ملڻ ڇڏي ڏنو. مولانا منهن ڦيريو ته مخالفن جون دليون نور کان خالي ٿي ويون. مولانا جي زيارت کان محروم ٿي ويا. پوءِ ته ڏاڍا پريشان ٿيا. جي اهڙي حالت رهي ته انجام ڇا ٿيندو. آخر مولانا وٽ اچي توبه تائب ٿيا. مولانا کين معاف ڪيو ۽ سيني شيخ صلاح الدين آڏو ڪنڌ جهڪايو. سندن دليون نور سان ڀرجي ويون. ان کانپوءِ ٻيو ڪو گوڙ نه ٿيو.

ڏينهن تي ڏينهن گذرندا ويا. شيخ صلاح الدين سان سندن عشق وڌندو ويو. اهو عشق مائٽيءَ ۾ بدلجي ويو. جڏهن مولانا، صلاح الدين جي ڌيءُ جي شادي پنهنجي پٽ سلطان سان ڪئي ۽ شيخ جي ٻي ڌيءُ هديه خاتون جي شاديءَ جو سڄو خرچ پاڻ ڪري هڪ مثال قائم ڪيو.

نرم مزاجيءَ ۾ مولانا جو ڪو ثاني نه هو. سندن نرم مزاجيءَ جو اهو حال هو جو هڪ دفعي سماع جي محفل عروج تي هئي. هڪ مست ڪنهن ڪنڊ مان آيو ۽ وجد ۾ اچي مولانا سان ٽڪرايو. ماڻهن کيس پڪڙي مولانا کان پري ڪيو. هن وڙهڻ شروع ڪيو ته ماڻهن کيس ماريو. مولانا انهن ماڻهن کان ڏکارو ٿيو ۽ چيو ته شراب هن پيتي آهي، مست توهان ٿيا آهيو.

مولانا جي نرم مزاجيءَ جو ٻڌي هڪ راهب ساڻن ملڻ لاءِ قسطنطنيه کان آيو. قونيه پهچندي ئي رستي ۾ مولانا سان مليو. راهب لاڳيتو مولانا آڏو تي دفعا ڪنڌ جهڪايو. جڏهن مٿو مٿي کڻي نهاريائين ته

مولانا کنڌ جهڪائي بيٺو هو. هن پريشان ٿي چيو،" آخر نرم مزاجي جي به ڪا حد ٿيندي آهي."

مولانا فرمايو،" جڏهن اسان جي پيغمبر ص جو حڪم آهي ته "طوبـٰ لمن تواضع" ته پوءِ مان ڇو نه تواضع ڪريان."

اهو ٻڌي راهب پنهنجن ساٿين سميت مسلمان ٿي سندن مريد بنجي ويو.

عفو ۽ درگذر ۾ به مولانا پنهنجو مٿ پاڻ هو. هڪ ڏينهن حجري ۾ نماز پڙهي رهيو هو. مولانا مراقبي واري حالت ۾ هو. هڪ ماڻهوءَ اچي چيو، "مان محتاج آهيان."

پاڻ سندن آواز ڪونه ٻڌائين. جڏهن ان ماڻهوءَ ڏٺو ته پاڻ جواب نه ٿا ڏين ته غاليچو سندن پيرن هيٺان ڪڍي هليو ويو. اتفاق سان مولانا جي مريد خواجه فخرالدين ڏسي ورتو. هو، ان ماڻهوءَ جي پٺيان ويو. بازار پهتو ته اهو ماڻهو غاليچو وڪڻي رهيو هو. هن کيس ملامت ڪئي ۽ پڪڙي مولانا وٽ وٺي آيو. مولانا ان ماڻهوءَ ڏانهن نهاريو ته سندس چپن تي مرڪ هئي.

" هن ماڻهوءَ ضرورت ڪري ائين ڪيو آهي. هن کي ڇڏي ڏيو. ٿي سگهي ته هن کان اهو غاليچو خريد ڪري وٺو."

هڪ ڏينهن مولانا روم جي گهر واريءَ نوڪر کي سخت سزا ڏني. اتفاق سان مولانا به ان مهل پهتو هو. زال جي اها حالت ڏسي ڪاوڙيو ۽ ڏڪ ۾ چيائين،" تون خدا جي نعمتن جو شڪر ناهي ادا ڪيو. هي ان جي ذات آهي، جيڪا غلامن کي مالڪ ۽ مالڪ کي غلام ڪري ٿي. هڪ پل لاءِ سوچ ته تون نوڪرياڻي هجين ها ۽ هيءَ عورت تنهنجي مالڪياڻي هجي ها ته پوءِ تنهنجو ڪهڙو حال هجي ها."

مولانا جي ان چوڻ جو ايترو ته اثر ڪيو جو سندس زال ان نوڪرياڻيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيو. جيسين جيئري هئي، نوڪرن کي ساڳيون پاڻ جهڙو ڪاڏو ڪارائيندي هئي ۽ پارائيندي هئي.

مولانا جي نرم مزاجي فقط انسانن تائين محدود نه هئي، پر سندن جانورن لاءِ به ساڳيو حال هو. هڪ دفعي محفل سماع هئي. ڪنهن مٺائيءَ جا ٻه وڏا ٿالهه موڪليا. ڪيترا ماڻهو سماع ۾ گم هئا. اتفاق سان هڪ ڪتو اچي ويو. هن ٿانو ۾ منهن وڌو. ڪنهن ڏٺو ته ڪتي کي هڪل ڪئي، جيئن هو ڀڄي وڃي. مولانا روم جيڪو سماع ۾ گم هو، رڙ ٻڌي حيران ٿيو ۽ ان ماڻهوءَ کي جهليو جيڪو ڪتي کي ڀڄائي رهيو هو. ڪتو مٺائي وات ۾ وجهي ڀڄي ويو.

"هن جي بک توهان ماڻهن جي بک کان وڌ هئي. ان لاءِ هن مٺائي تي هن جو حق وڌيڪ هو. هن کي ڪائڻ ڏيو ها."

هڪ ڏينهن مولانا ساٿين سان گڏ سوڙهي گهٽيءَ مان لنگهاؤ ٿيو. اتي هڪ ڪتو ستل هو ۽ رستو بند هو. مولانا بيهي رهيو. گهٽيءَ جي ٻئي پاسي کان هڪ ماڻهو آيو ۽ هن ڪتي کي پٽر هنيو. ڪتو رڙ ڪندي ڀڄي ويو. رستو صاف ٿي ويو، پر مولانا جي مڪ تي تڪليف هئي. جڏهن اهو ماڻهو ويجهو پهتو ته پاڻ فرمايائين،"اي شخص تو هڪ جانور کي آزاريو آهي. ڪجهه دير هن جي جاڳڻ جو انتظار ڪرين ها ته بهتر هو."

شهر قونيه جي ويجهو گرم پاڻيءَ جو چشمو هو. مولانا اتي وهنجڻ

ويندو هو. هڪ ڏينهن مولانا ان چشمي تي وڃڻ جو ارادو ڪيو. مريدن اڳ ۾ وڃي سندن وهنجڻ جو بندوبست ڪيو. ٻئي ڏينهن مولانا اتي ويو. سندن وڃڻ کان ٿوري دير اڳ ڪوڙهه ۾ ورتل ڪراڙا ان جاءِ تي وهنجي رهيا هئا. خادمن انهن ماڻهن کي پڃائڻ چاهيو تہ مولانا روم کين سختيءَ سان جهليو. جڏهن ڪوڙهي پوڙهيا هليا ويا تہ پاڻ ان جاءِ واري پاڻيءَ ۾ وهنتا ۽ پوءِ خادمن کي چيو،" احتياط سٺي شيءِ آهي، پر بيمارن سان نفرت نہ ڪرڻ گهرجي. هي بہ ڪله تائين توهان جيان سٺي بدن جا مالڪ هئا."

........*

شيخ صلاح الدين کي مولانا جي خدمت ۾ رهندي ڏهہ سال ٿي ويا جو پاڻ اوچتو بيمار ٿي پيو. بيماري ڇا هئي هڪ بيچيني هئي، جيڪا ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي. مولانا سندس لاڳيتو عيادت ڪندو رهيو. شيخ جي تڪليف حد کان وڌي وئي تہ هن مولانا کي عرض ڪيو تہ ڪيس دنيا مان موڪلائڻ جي موڪل ڏني وڃي. مولانا اهو عرض قبول ڪيو ۽ اتي ويو.تي ڏينهن سندن عيادت لاءِ ڪونہ آيو. شيخ سمجهيو تہ هاڻ هن فاني جهان مان سندس لاڏاڻي جو وقت اچي ويو آهي. آخر پهرين محرم 657 ھ تي پاڻ پرسڪون ٿي لاڏاڻو ڪري ويو.

مولانا هڪ دفعو ٻيهر ايئن اداس ٿي ويو جيئن شمس تبريز جي وڃڻ تي ٿيو هو. مولانا جي طبيعت جو خاص جز اهو هو تہ ڪيس هردم ڪنهن ساٿيءَ جي ضرورت هئي. ڪڏهن شمس تبريز همراز ساٿي هو. هن جي گم ٿي وڃڻ تي شيخ صلاح الدين کي همراز بڻايو هئائين.

ان جي وصال کانپوءِ سندس نظر چلپي حسام الدين تي هئي. چلپي اصل رهاڪو ترڪيءَ جو هو ۽ روم جي مشهور بااثر خاندان اخي مان هو. ننڍپڻ کان يتيم هو. سڀ اڪابر ڪيس آٿت ڏيندا هئا، ڇو تہ روم جا سڀ عالم ۽ اڪابر سندس وڏن جا تربيت يافتہ هئا. حضرت حسام الدين، مولانا جي خدمت ۾ آيو تہ سڄي ملڪيت غريبن ۾ ورهائي ڇڏي. مولانا جو ايڏو احترام ڪندو هو جو سندس وضوءَ واري هنڌ تي وضو نہ ڪندو هو. سخت کان سخت سيءُ هوندي، برف ڪرندي بہ گهر وڃي وضو ڪري ايندو هو.

ان احترام ئي کين مولانا جي نظرن ۾ خاص مريد بڻايو هو. شيخ صلاح الدين جي لاڏاڻي کانپوءِ پاڻ حسام الدين کي صحبت سان نوازيو. اڃا اهو وقت نہ آيو هو جو پاڻ حضرت حسام الدين کي پنهنجو خليفو مقرر ڪن ها، پر ٻين مريدن ۾ کين هڪ خاص درجو حاصل هو. حضرت مولانا کي اداس ڏسي حسام الدين هڪ ڏينهن چيو تہ هڪ اهڙو نظم لکو جنهن ۾ سڀ تجربا ۽ خيال سموئجي وڃن. تصور جا مسئلا اهڙي طرح بيان ٿيل هجن جو پڙهندڙ جڏهن پڙهن تہ ان مان فيضياب ٿين. ان سان توهانجي طبيعت بہ سڌرندي ۽ ادب جي خدمت بہ ٿيندي.

حضرت حسام الدين کي آٿت ڏيڻ لاءِ مولانا مثنوي لکڻ شروع ڪئي . اهائي مثنوي آهي جنهن عالم انسانيت تي عظيم احسان ڪيو. عالمي ادب ۾ بي نظير ڪتاب بنجي سامهون آئي. اهو ڪتاب ايڏو تہ پسند ڪيو ويو جو ان آڏو سڀ ايراني ڪتاب هيچ

ٿي ويا. حسام الدين جو احسان آهي ته هن مولانا کان اهڙي بي مثال مثنوي لکرائي. هن جي ان عظيم خدمت جو اعتراف پاڻ مولانا به ڪيو. اجا مولانا مثنويءَ جو پهريون باب مس لکيو جو حضرت حسام الدين جي گهر واري لاڏاڻو ڪري وئي. ان حادثي سندس دل تي ايڏو ته اثر ڪيو جو مولانا اداس ۽ پريشان ٿي ويو. مثنويءَ جي لکڻ جو سبب به هو پاڻ هو. ڪيس اداس ڏسي مولانا به اداس ۽ پريشان ٿي ويو ۽ ٻن سالن تائين ڪا شاعري يا ڪو بيت نه چيائون ۽ نه لکيائون.

جڏهن حضرت حسام الدين ان حالت کان ٻاهر نڪتو ته افسوس ڪرڻ لڳو، "ڪيڏو وقت ضايع ٿي ويو. ڪهڙا ڪهڙا نه موتي لکڻ کان رهجي ويا."

هڪ دفعو ٻيهر مولانا کي منٿون ڪيائين. مولانا ٻيهر لکڻ شروع ڪيو.

مدتي اين مثنوي تاخير شد
مهلتي بايست تا خون شير شد

(ڳپل وقت مثنوي لکڻ ۾ دير ٿي وئي. ڪجهه وقت ڪپي، جيئين رت مان کير ٺهي.)

چون ضياءُ الحق حسام الدين عنان
بازگرد انداز اوج آسمان

(جڏهن ضياءُ الحق حسام الدين آسمان جي بلنديءَ ڏانهن واڳ ڇڪي)

مثنويءَ جو ٻيو باب به پورو ٿي ويو. مولانا ٽيون باب شروع ڪيو ته حضرت حسام الدين جي خدمت جو اعتراف ڪيو.

اي ضياءُ الحق حسام الدين بيار
اين سوم دفترکه سنت شدسه بار

(ضياءُ الحق حسام الدين ٽيون باب ڪٽي اچ ڇو ته ٽي ڀيرا وضو ڪرڻ مهل عضوا ڌوئڻ سنت آهي)

اهڙيءَ طرح باب تي باب لکجندا رهيا ۽ هر باب شروع ڪرڻ مهل پاڻ حضرت حسام الدين جو ٿورو مڃيندا رهيا ۽ ائين مدح ڪندا رهيا جڻ سندن پاڻ مريد هجن.

پنج سال گذري ويا. چلپي حسام الدين سان سندن محبت وڌندي رهي. ايستائين جو پاڻ باقائدي ڪين خليفه ٺاهڻ جو اعلان ڪيو. سيني مريدن کي نصيحت ڪيائون ته سندن اطاعت ڪريو. مريدن کي سرڪشيءَ جو تجربو گهڻو هو. ان لاءِ ڪنهن به بحث نه ڪيو. ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو.

مولانا مثنوي شريف پوري ڪرڻ ۾ رڌل هو ۽ خلافت جو بار حسام الدين سنڀاليو. ان هوندي به مولانا سان حسام الدين جي محبت گهٽ ٿيڻ بدران وڌي وئي. محبت جو هي عروج احترام جي حدن ۾ داخل ٿي ويو هو. ڪنهن مهل ته ڏسندڙ حيران هوندا هئا ته مولانا مريد آهي يا شيخ...

مولانا سندس هڪ پل جي جدائي به نه سهندا هئا. ڪڏهن حسام الدين کي اچڻ ۾ دير ٿي ويندي هئي ته پاڻ ڪنهن مريد کي موڪليندا هئا يا پاڻ سندس گهر هليا ويندا هئا. هڪ دفعي سياري جي رات بيچيني وڌي وين جو ڪين حسام الدين ياد اچي رهيو هو. ان مهل گهران نڪتو. حسام الدين جو در بند هو. سڀ ماڻهو سمهي رهيا هئا ۽ ٻاهر برف ڪري رهي هئي. نه پاڻ موٽيو نه وري در کڙڪايائون. صبح تائين ائين بيٺا رهيو ۽ سندن مٿان برف ڪرندي رهي.

صبح جو نوڪر در کوليو ته سندن حال ڏسي اندر ٻڌايو. حسام الدين ڊوڙندو ٻاهر آيو ۽ مٿو قدمن تي رکي روئڻ لڳو.

پاڻ مريدن جي شان ۾ خسيس بي ادبي بہ سمي نہ ٿي سگهيا. ان لاءِ ڪنهن بہ وڏي کان وڏي ماڻهوءَ جي پرواهہ نہ ڪندو هو. روايت آهي تہ هڪ تمام وڏو بزرگ هو، جيڪو ٻن عبادت گهرن جو شيخ هو. جڏهن پاڻ لاڏاڻو ڪري ويو تہ امير تاج الدين اهو چاهيو تہ هڪ عبادت گهر جو شيخ، حضرت حسام الدين کي مقرر ڪري. سلطان کان ان جي اجازت ورتي هئائين ۽ مولانا کي بہ اهو اطلاع ڏنائين تہ هڪ عبادت گهر حسام الدين جي حوالي ڪيو ويو آهي.

مولانا پنهنجن ساٿين سان گڏ روانو ٿيو. هڪ ماڻهو خواجہ نفيس الدين، حسام الدين جو سجادو ڪلهي تي کنيو پئي هليو. مولانا هن کان اهو وٺي پنهنجي ڪلهي تي رکيو. جڏهن عبادت گهر پهتو ۽ چاهيائين تہ سجادو آڳر ۾ وڇائي تہ حاسدن گوڙ ڪيو، "اسان هڪ نوجوان کي شيخ ٿيڻ نہ ڏينداسين" ۽ اهو سجادو ويڙهي واپس هن کي ڏئي ڇڏيائون.

تمام گهڻو فساد برپا ٿي ويو.

"ماڻهو ناشڪرا آهن. نعمتن جو قدر نہ ٿا ڪن. ڪين ان مان ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. سڀ پامال ٿيندا ۽ منهنجو سلسلو غالب ايندو." مولانا اهو چئي اتان پيرين اڳهاڙو هليو ويو. ماڻهن ڪين روڪيو، پر پاڻ نہ رڪيا. سلطان کي ان ڳاله جي خبر پئي تہ پاڻ ان ماڻهو اخي احمد کي قتل جي سزا ڏيڻ چاهي، پر مولانا ان جي سفارش ڪئي. پر ايڏو ڪاوڙ جو اظهار ڪيو جو ان سان ماڻهن ملڻ ڇڏي ڏنو ۽ اهو ماڻهو آخر ۾ چرين واري حالت ۾ گذاري ويو.

حضرت حسام الدين کي مولانا جي خدمت مان اهو فائدو ٿيو جو مولانا کي جيڪي شيون ملنديون هيون، اهي ڪين موڪلينديو هو، پر سندن اهو حال هو جو هڪ ڊڪ پاڻي بہ ان مان نہ پيئندو هو. سڀ ڪجهہ مريدن تي خرچ ڪري ڇڏيندو هو. عقيدتمندي ۽ احترام جو اهو حال هو جو جڏهن بہ تربت تي زيارت لاءِ ايندو هو تہ پاڻي پاڻ سان گڏ آڻيندو هو. ان مان ئي وضو بہ ڪندو هو ۽ پيئندو بہ هو. ان پاڻيءَ کي استعمال نہ ڪندو هو، جيڪو مزار لاءِ خريد ڪبو هو.

حضرت حسام الدين جي ان خلوص کان متاثر ٿي مولانا هر طرف کان مطمئن ٿي مثنويءَ کي ڊگهو ڪندو رهيو. اسلامي عقيدت ۽ تصور جي مسئلن کي اهڙو تہ سٺي طريقي سان سمجهايو جو عالمن ۽ مشائخن ۾ ان جي ڏوم مچي وئي.

........*

حضرت حسام الدين جي خلافت کي ڏهہ سال گذري ويا هئا. چوڏهن سالن کان وٺي مولانا مثنويءَ کي پورو ڪرڻ ۾ رڌل هو. ان جا ست باب تيار هئا جو مولانا جي بيچيني وڌي وئي. ان بيچينيءَ جو سبب سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. حضرت شمس تبريز جي گم ٿيڻ کانپوءِ پاڻ بيچين هوندو هو ۽ پوءِ شيخ صلاح الدين جي صورت ۾ ان جو ازالو ٿيو هو پر هن دفعي اهڙي ڪا ڳاله نہ هئي. نہ حضرت حسام الدين گم ٿيو هو ۽ نہ ئي وصال ڪيو هئائين. ان هوندي بہ اها حالت؟ مريد ڪجهہ سمجهڻ کان قاصر هئا. پاڻ اڪثر مدرسي ۾ هلندي ٽڏا ساهہ پريندا هئا ڇڻ ڪو ڪانئن وڇڙجي ويو هجي يا وڇڙڻ وارو آهي.

هڪ ڏينهن مدرسي ۾ پسر ڪري

رهيو هو جو گهر جي پاليل ٻلي سندن آڏو اچي روئڻ لڳي. مولانا ويجهو بيٺل مريدن کي مخاطب ٿيو،"خبر اٿو ته هيءَ ٻلي ڇا ٿي چئي؟ هيءَ چئي رهي آهي ته توهان کي واڌايون هجن...جو توهان پنهنجي اصل وطن وڃي رهيا آهيو. مان غريب ڇا ڪندس"

اهو ٻڌي مريد روئڻ لڳا. هنن کي سندن بيچينيءَ جو سبب هاڻ سمجه ۾ آيو هو. هي هڪ اشارو هو ته سندن وصال جو وقت ويجهو آهي.

اڃا ان ڳاله کي هڪ ٻه ڏينهن ٿيا هئا جو قونيه ۾ زلزلو اچي ويو. درياءِ دريون جهولي جيان لڏي رهيا هئا، پر ڪو نقصان نه ٿيو. ماڻهو رڙيون ڪندا گهرن مان نڪري آيا. ڪيترن ڏينهن تائين اهي جهٽڪا محسوس ٿيندا رهيا. ماڻهو پريشان ٿي ان آفت کان ڇوٽڪاري لاءِ مولانا جي خدمت ۾ حاضر ٿيا.

"ڌرتي بڪايل آهي، سڀيو ٽڪر ٿي چاهي. انشاءَ الله پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيندي." پاڻ ماڻهن کي دلاسو ڏنائون،" ڪو ماڻهو نه ڊڄي. جنهن تي گذرندي ان تي ئي گذرندي."

اهو اشارو سمجهڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿي ٿيو. ماڻهو مطمئن ٿي گهرن ڏانهن موٽي ويا. ٻئي ڏينهن زلزلي جو ڪو جهٽڪو محسوس نه ٿيو، پر اهو جهٽڪو ضرور پهتو ته مولانا ڪنهن بيماريءَ ۾ وڪوڙجي ويو آهي. سڄو شهر سندن عيادت لاءِ پهتو. "ڌرتي بڪايل آهي، سڀيو ٽڪر ٿي چاهي." سندن اهو چيل جملو ماڻهن جي ذهن ۾ گونجي رهيو هو ۽ ڪيترا وهم سندن دلين ۾ هئا.

مدرسي ٻاهران ميڙ متل هو. حڪيم اڪمل الدين ۽ حڪيم غضنفر جي اچڻ جو هل متو. هي ٻئي پنهنجي وقت جا حڪيم جالينوس هئا ۽ مولانا جي علاج لاءِ پهتا هئا.

هي ٻئي ڪيتري دير تائين مولانا جي نبض ڏسندا رهيا ۽ سندن هنڌ تان اٿي ڪتابن ڏانهن وڌيا. بيماري سڃاڻڻ لاءِ ٻيهر نبض ڏنائون. هن پيري نبض جي حالت ئي ٻي هئي. هاڻ حيران هئا ته پهرين نبض مطابق دوا ڏين يا ٻي نبض مطابق دوا ڏين. ائين ڪندا رهيا. نبض ڏسي ٻاهر اچي ڪتابن ڏانهن ڊوڙيا ٿي. ٻيهر وڃي نبض ٿي ڏنائون ته نبض جي حالت ٻي هئي. آخر بيماري سڃاڻڻ کان تنگ ٿي پيا.

هڪ ڏينهن شيخ صدرالدين اڪابرن ۽ درويشن سان گڏ مولانا جي عيادت لاءِ آيو. مولانا جي حالت ڏسي ڏاڪارو ٿيو ۽ فرمايائين،"خدا توهان کي شفا ڏي. اميد ته جلد صحتياب ٿيندا."

" هاڻ شفا توهان کي ئي مبارڪ هجي. عاشق ۽ معشوق ۾ وار برابر وٿي آهي. ڇا توهان نه ٿا چاهيو ته هو پاڻ ۾ ملن ته جيئن نور سان نور ملي وڃي."

سڀ ويٺل روئڻ لڳا. سيني کي پڪ هئي ته هاڻ موڪلائڻ وار آهن. ڪا دوا اثر نه ڪندي. سندن پٽ سلطان به تمام گهڻو پريشان هو. هو ڪيترين راتين کان ستو نه هو. هڪ رات مولانا فرمايو ته مان ٺيڪ آهيان، تون وڃي سمجه ٿورو آرام ڪر. پاڻ آرام ڪرڻ لاءِ سمهي پيا ۽ مولانا پنهنجي زندگيءَ جو آخري غزل چيو. پاڻ شعر چوندو رهيو ۽ حسام الدين لکندو رهيو ۽ روئندو رهيو. لاڏاڻي کان ٿورو اڳ قاضي سراج

الدين بہ سندن عيادت لاءِ آيو. ان حالت ۾ حضرت حسام الدين شربت جو پيالو مولانا کي ڏنو تہ جيئن ٿورو پين، پر پاڻ ڏيان نہ ڏنائون. پاڻ شربت جو پيالو قاضيءَ کي ڏنائون تہ جيئن سندن هٿ مان ڪجهہ شربت پين. پر پوءِ بہ مولانا جن نہ پيتو. قاضيءَ جي وڃڻ کانپوءِ مولانا صدرالدين آيو ۽ پيالو حسام الدين جي هٿ مان وٺي کين ڏنو، ان مهل ٿورو پيتائون.

"توهان جي جنازي نماز ڪير پڙهائيندو؟" حسام الدين فرمايو.

"مولانا صدرالدين سيني کان مٿانهون آهي."

لاڏاڻي مهل فرمايائون، "پاڻي ڪڍي اچو."

پاڻي اچڻ کانپوءِ ڪيتري ديـر پيشانيءَ کي پاڻي ءَ سان آلو ڪندو رهيو. انهيءَ حالت ۾ قوال اچي ويا. مولانا فرمايو، "منهنجا ساٿي هيڏانهن ڇڪن ٿا ۽ مولانا شمس الدين تبريز هوڏانهن سڏي ٿو." اهو چئي مريدن کي نصيحت ڪيائون، "مان توهان کي نصيحت ٿو ڪريان تہ خدا کان ڊڄو. ڪائڻ ۽ سمهڻ ۽ ڳالهائڻ گهٽ ڪيو. گناهن کان ڀري رهو. روزا رکو، رات جو جاڳو. نفس تي پابندي وجهو. هر قسم جي ماڻهن جون عداوتون سهندا رهو. نادان ۽ عام ماڻهن جي دوستي ڇڏي ڏيو. نيڪ ۽ بزرگن سان صحبت ۾ رهو. بهترين انسان اهو آهي، جيڪو ماڻهن کي نفعو پهچائي ٿو."

آخر 5 جمادي الآخر 672ھ سج لهڻ مهل حق ۽ معارف کي بيان ڪندي لاڏاڻو ڪيائون. لاڏاڻي مهل مولانا جي عمر اٺهٺ سال ٿي مهينا هئي.

رات جو ئي دفن جو بندوبست ڪيو ويو. مولانا امتياز الدين کين غسل ڏنو. جنازو ٻاهر ڪڍيو تہ تر چٽڻ جيتري جاءِ بہ نہ بچي هئي. جنازي ۾ هر قوم ۽ فرقي جا ماڻهو شامل هئا ۽ اهي ڪپڙا ڦاڙي روئندا رهيا. يهودي ۽ عيسائي توريت ۽ انجيل پڙهندي گڏ هلي رهيا هئا. مسلمان کين پري ڪندا هئا. وري هو اچي ويندا هئا. هنن جو چوڻ هو تہ اسان اڳين نبين جي حقيقت کي انهن جي ڪلام منجهان ڄاتو، پر اولياءِ ڪرام جي روش کي انهن جي روش کي سڃاتو.

. جڏهن جنازو نماز لاءِ رکيو ويو تہ وصيت مطابق شيخ صدرالدين نماز پڙهڻ لاءِ اڳتي وڌيو ۽ رڙ ڪري بيهوش ٿي ويو. ان کانپوءِ قاضي سراج الدين نماز پڙهائي. شيخ صدرالدين کان جڏهن ماڻهن بيهوش ٿيڻ جو سبب پڇيو تہ فرمايائين، "جڏهن مان اڳتي وڌيس ملائڪ صف ٻڌيو بينا هئا. نماز ۽ زيارت ۾ رڌل هئا. ان هيبت ڪري مان بيهوش ٿي ويس."

تابوت مبارڪ کنيو ويو. انسانن جو هڪ وڏو هجوم گڏ هو، جيڪو پنهنجي روحاني پيشوا کي سڏڪن سان قبرستان ڏانهن وٺي وڃي رهيو هو. وقت جو بادشاهہ بہ جنازي ۾ شريڪ هو. مولانا کي سندن والد جي مقبري اندر دفن ڪيو ويو.

........*

علم الدين قيصر الموصلي تمام اعليٰ قسم جو اميرهو. مولانا جي لاڏاڻي کانپوءِ هن ارادو ڪيو تہ مولانا جي مزار اقدس کي اعليٰ نموني سان جوڙائي، پر هن وٽ ٽيه هزار درهم هئا، جنهن ۾ اهو ڪم ٿيڻ مشڪل هو. پاڻ ان مهل ئي مٿي وڃي اهڙا تہ شعر پڙهيا ۽ روئي ڪري دعا گهري جو صبح تائين پنجاهہ

هزار درهم جو بندوبست ٿي ويو. ٻئي ڏينهن تائين ڪين ٻيا پنجاه مليا. اهڙيءَ طرح علم الدين اهو ڪم سرانجام ڏنو. هن ڇه هزار درهم سلطان ولد کي ڏنا ۽ ايترائي حسام الدين کي ڏنا. ان ڪانپوءِ جيئن وقت گذرندو رهيو تيئن ان مقبري جي جاءِ ۽ ان جو شان وڌندو رهيو.

........*

مولانا هڪ دفعو فرمايو هو دوستو! منهنجي تربت تمام اوچي ناهجو. جيئن پري کان نظر اچي. جيڪي ماڻهو منهنجي تربت ڏسي عقيدو آڻيندا، الله تعاليٰ هنن تي رحم ڪندو ۽ هنن جا ديني مقصد پورا ڪندو. هڪ ڏينهن چيائون ته منهنجي تربت کي ست پيرا ناهيو ويندو. آخري پيرو هڪ امير ترڪ ان کي تعمير ڪندو ۽ منهنجي تربت چؤڌاري وڏو شهر آباد ڪندو ۽ تربت وچ شهر ۾ هوندي ۽ ان مهل منهنجي مثنوي شيخ جو ڪم ڏيندي. انسائيڪلوپيڊيا برٽنيڪا ۾ قونيه تعمير جو جيڪو حال ڏنل آهي، ان مان سندن اڳڪٿي سچي ثابت ٿئي ٿي.

انسائيڪلوپيڊيا جون هيٺيون ستون سندس مزار جي باري ۾ لکيل آهن:

"شهر جي ڏاڪٽي پاسي عمارتن جو وسيع پکڙيل آهي، جيڪو مولويه فرقي جي خاص سڃاڻپ آهي. سلجوقي سلطنت کي شڪست هڻڻ ڪري ۽ عثماني سلطنت جي قائم ٿيڻ تي قونيه جو زوال اچي ويو. ان جي آبادي گهٽجي وئي ۽ قديم شاندار عمارتون تباه ٿي ويون. سجو شهر ۽ محل اٺويهين صديءَ جي شروع تائين سٺي حالت ۾ هئا، پر جاين جي تعمير جي ضرورت ڪري ان جو ملبو ڪم ايندو رهيو. ايسيتائين جو 1882ع ۾ پت جو هڪ ننڍڙو حصو وڃي بچيو ۽ محل تباه ٿي ويو. ان مهل ۽ ان ڪانپوءِ قونيه جو هڪ وڏو حصو مردن جي شهر جيان هو.

1895ع ۾ "اناطوليه ريلوي" جي ٺهڻ ڪري هن جي خوشحالي ٻيهر قائم ٿي. فريد پاشا، جيڪو ان مهل ولايت جو والي هو، انهن متبرڪ عمارتن ۽ مسجدن کي تعمير ڪرايو، جيڪي بلڪل تباه نه ٿيون هيون. 05_1904ع ۾ اناطوليه ريلوي جا ڪجهه حصا ٺهڻ ڪانپوءِ شهر جي حالت بهتر ٿي ۽ ان ريلوي جو سلسلو حلب ۽ دمشق کان ٿيندو مديني منوره تائين پهتو ۽ قونيه جو جنڪشن به ٺهي ويو. نقشو ڏسڻ ڪانپوءِ ظاهر ٿئي ٿو ته ريلوي لائن شهر جي ڏاڪٽي پاسي کان اڳتي وڌي رهي آهي ۽ اهڙيءَ طرح جديد آباديءَ ڪري مولانا جي تربت شهر ۾ هڪ پاسي هئڻ بدران آباديءَ جي وچ ۾ ايندي ۽ اها اڳڪٿي ائين سچي ثابت ٿيندي جو تربت چؤڌاري هڪ وڏو شهر آباد ٿيندو ۽ تربت شهر جي وچ ۾ هوندي."

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ (1914ع کان 1918ع) ڪانپوءِ ترڪن مصطفيٰ ڪمال پاشا جي قيادت ۾ ترڪيءَ کي جمهوريت جو ويس پارائي دنيا تي پنهنجي سلڻڻي هئڻ جي پڪ ڏياري. اصلاح جي نالي تي اسلامي تهذيب جي ڪيترين نشانين کي ڊاهڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. انهن ڪوششن ۾ مدرسن کي به ڊاهڻ هڪ ڪوشش هئي. ان تباهيءَ کان مولانا جي مزار به محفوظ نه رهي سگهي. ان مزار پرسان لکن جي ملڪيت هئي. نذراني جي آمدني به سالياڻو ڪيترا لک پائونڊ هئي. پنج هزار درويش ان آمدني

تي گذارو ڪندا هئا. مزار جا سجاده نشين ترڪيءَ جي وڏن رئيسن ۾ ڳڻبا هئا. جڏهن هن جو جلوس نڪرندو هو، ڇڻ ڪنهن بدشاهه جو جلوس هجي. ايستائين جو مدرسن تائين هن جون عدالتون هلنديون هيون. جتي هن جا نائب پنهنجي طريقي سان مقدمن جو فيصلو ڪندا هئا. ان فيصلي ڪانپوءِ ڪو سرڪاري عدالت ۾ وڃڻ چاهيندو هو ته ان جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو ويندو هو.

مصطفيٰ ڪمال پاشا جي اصلاحن مدرسي جي ان حيثيت کي ختم ڪري ڇڏيو. متولين جي لاءِ ڪجهه نذرانا مقرر ڪري ڇڏيا. جن ماڻهن پراڻي شان وشوڪت کي جيارڻ چاهيو ته انهن مٿان سازشن جا مقدما هلايا ويا ۽ سندن وظيفا ضبط ڪيا ويا.

مزار جي عمارت ۾ ڪيترائي عجائب گهر ۽ مدرسا قائم ٿيا. هڪ عجائب گهر ۾ فقط اهي شيون رکيون ويون آهن، جيڪي مولانا روم جون يادگار آهن. جيئن ته سندن استعمال وارو سامان.... سندن پاڻي پيئڻ واري مٽيءَ جي پيالي جو هڪ ٽڪرو اهڙو آهي، جيڪو اجا تائين محفوظ آهي. سندن پهراڻ ۽ ٻيو ان قسم جو سامان...ٻئي عجائب گهر ۾ اهي برڪت واريون شيون آهن، جيڪي سندن مزار بابت نه آهن، پر ڪنهن نه ڪنهن طرح گذريل وقت کان مدرسي سان واڳيل آهن. جيئن اصحابين جا قرآن پاڪ جا سيپارا آهن ۽ ڪجهه نبي ڪريم صه جا يادگار آهن. هڪ ڪتاب گهر به قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو هڪ حصو مولانا روم جي ڪتابن بابت آهي. هڪ مدرسو به قائم آهي، جنهن ۾ ديني ۽ دنياوي علم بابت تعليم ڏني ويندي آهي. تصوف جي تعليم به ڏني ويندي آهي. پر هن تصوف ۽ جنگ کان اڳ واري تصوف ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

........*

حضرت مولانا جلال الدين رومي اڳڪٿي ڪئي هئي ته قونيه کي مدينته الاولياءِ چوندا. جيستائين حضرت بهاءُ الدين جو (سندن والد) جسد خاڪي هتي آهي، هن شهر ۾ تيستائين تلوار نه هلندي ۽ هي شهر فساد ۽ فتني کان محفوظ هوندو. ڪجهه حصو خراب ۽ تباهه ضرور ٿيندو، پر صفا تباهه ڪونه ٿيندو. دنيا جا سڀ ماڻهو هن ڏانهن ڏيان ڏيندا.

ان ۾ هڪ طرح سان چار اڳڪٿيون ڪيل آهن. پهرين ته قونيه جي شهر ۾ جنگ ڪا نه ٿيندي. هي شهر عثماني حڪومت جي هيٺ اچڻ ڪانپوءِ ڪنهن جنگ ۾ نه وڪوڙيو. ٻيو ته تاتارين جي فتني ۾ هي شهر بلڪل تباهه نه ٿيندو. حقيقت ۾ ائين ئي ٿيو. هن شهر ۾ تاتارين اها تباهي نه ڦهلائي، جيتري هنن ٻين شهرن ۾ ڪئي. ٽيون اهو ته سڄي دنيا جا ماڻهو هن ڏانهن ڏيان ڏيندا. اهو به ثابت ٿيو ته مثنويءَ جي ڪري هن شهر کي لازوال شهرت حاصل آهي.

چوٿون اهو ته جيسين مولانا جي خاندان منجهان ڪجهه ماڻهو منڪر هوندا، ايستائين شهر کي سڪ نه ملندو. اهو به سچ ثابت ٿيو. ستين صديءَ جي وچ ڌاري خاص ڪري ربيع جي آخر ۾ هن شهر ۾ پريشاني رهي، پر اٺين صديءَ ۾ سڪون ٿي ويو.

........*

مان تمام تيزيءَ سان ڊوڙندو پئي ويس. اوچتو ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌي بيهي رهيس.

ان وقت مان مارگلا ٽڪرين جي هنج ۾ گهاٽي جهنگ مان ڊوڙندو پئي ويس. مان ان ڪري پئي ڊوڙيس جو موت منهنجو پيچو ڪري رهيو هو. ڊاڪٽرن چيو هو جيستائين ڊوڙندو رهندين، جيئرو رهندين. ڊوڙندين نہ، تہ وقت کان اڳ مري ويندين. مان وقت کان اڳ مرڻ نٿو چاهيان. مان مرڻ کان اڳ ڪليل اکين سان جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جو خواهشمند

سنڌ جي عظيم ڪهاڻيڪار جي لاجواب ڪهاڻي

سنڌ جي عظيم ڪهاڻيڪار جي شاهڪار لکت جيڪا هن خود ڪرزما جي هن شماري لاءِ پسند ڪئي آهي. امر جليل جي ڪهاڻين جو اهو جادو آهي جو سنڌ جو هر سنڌي سندس لکت کي پڙهڻ لاءِ آتو هوندو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ نون نون موضوعن، جبل جيڏي خيالن جي اونچائي ۽ وقت جي مناسبت سان اهڙا تہ واقعا ۽ حالتون بيان ڪيل هونديون آهن جو هڪ سوچ رکندڙ سندس ڪهاڻي پڙهي گهري سوچ ۾ گهيرجي ويندو آهي.

پنجين موسم

امر جليل



آهيان. اصل ۾ هڪ خواب خاطر مان گهاٽي، اونداهي جهنگ ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان. اسلام آباد گڙنگ ڪامورن، سرمائيدارن ۽ اچن ڪارن سفارتڪارن جو شهر آهي. ان قسم جا ماڻهو گهڻو ڪري دل جي بيمارين، مٿن پيشابن ۽ ٽولهه جي مرض ۾ مبتلا هوندا آهن. هو به موت جي ڊپ کان ڊوڙندا رهندا آهن. سندن ڊوڙڻ لاءِ خاص رستا ۽ جهنگ مان گذرندڙ پيچرا ٺاهيا ويا آهن. شام ٿيندي ئي سنهڙين تنگن ۽ پخال جهڙن پيٽن وارا گنجا انهن پيچرن تي ڊوڙندي ۽ سهڪندي نظر ايندا آهن. مان نه ڪامورو آهيان، نه سرمائيدار آهيان ۽ نه ئي سفارتڪار آهيان. مان تنهن هوندي به ڊوڙندو رهندو آهيان. مان سمهي نه سگهندو آهيان. جاڳندو رهندو آهيان. مان ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا ۾ جاڳندو رهندو آهيان. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته مون جهڙا سودائي وقت کان اڳ مري ويندا آهن. مان وقت کان اڳ مرڻ نٿو چاهيان. وقت کان اڳ مرڻ وارا هميشه نه مرندا آهن. هو عارضي طرح مري ويندا آهن. ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جي آرزوءَ ۾ هو ٻيهر جنم وٺندا آهن. مان ٻيهر جنم وٺڻ جي حق ۾ نه آهيان. خواب منهنجو نرواڻ آهي. مان هن جنم ۾ ئي ڪليل اکين سان هڪ خواب ڏسڻ جو خواهشمند آهيان. هڪ خواب خاطر مان ڪامورن جي امير پرور شهر اسلام آباد ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان.

هيءَ گذريل هفتي جي ڳالهه آهي. مارگلا ٽڪرين جي هنج ۾ گهاٽي جهنگ مان گذرندڙ پيچري تان مان ڊوڙندو پئي ويس. وچ جهنگ ۾ جتي بڙن جا قديم وڻ آهن ۽ بڙن جي سڪل ٽارين تي سج لٿي مهل چهرا اچي ويهندا آهن. مون ڪنهن جي روئڻ جو آواز ٻڌو. ڊوڙندي ڊوڙندي مان بيهي رهيس ۽ روئڻ جو آواز ٻڌڻ لڳس. ڪو هنجون هاري روئي رهيو هو سڏڪي رهيو هو. مون هيڏانهن هوڏانهن ڏٺو پر روئڻ وارو شخص مون کي نظر نه آيو. مون دل ۾ الله سائين جا لک ٿورا مڃيا ته روئڻ جو آواز ڪنهن مرد جو هو عورت جو نه هو. عورت جو آواز هجي ها ته پوءِ مان جيڪر هن کن لاءِ اتي نه ترسان ها ۽ ڪيس ڏائڻ سمجهي پڇي ويجي ها. مان ڏانئڻن کان ڏاڍو ڊڄندو آهيان. اسلام آباد ۾ آدمخورن ڪانسواءِ ڏائڻيون به چڱي چوکي تعداد ۾ آباد آهن. جڏهن به مان ڪنهن ڏائڻ کي بيوٽي پارلر ۾ داخل ٿيندي، يا بيوٽي پارلر مان ٻهي ٻڪي ٻاهر ايندو ڏسندو آهيان، تڏهن منهنجو ساهه ويجي پيرن ۾ پوندو آهي ۽ پير ويجي ساهه ۾ پوندا آهن. مون جهنگ ۾ اڪثر چهرن کي موت جي ڊپ کان ڊوڙڻ وارن جي حال تي ڪلندي ڏٺو آهي. جهنگ ۾ روئڻ جو آواز ٻڌي سوچيم، ضرور ڪو دانشور چهرو آهي ۽ ماڻهن جي حال تي ڪلڻ بدران روئي رهيو آهي ۽ اهڙي طرح چهرن جي تاريخ ۾ نئين باب جو اضافو ڪري رهيو آهي.

مون ڪنڌ مٿي ڪري بڙ جي ٽارين تي ويٺل چهرن ڏانهن ڏٺو. چهرا هميشه وانگر ڪلي رهيا هئا. ڪو به چهرو مون کي روئيندي نظر نه آيو.

مون وڏي واڪ چيو "ابا روئڻا، تون

ڪٿي آهين؟ مون کي نظر ڇو نه ٿو اچين؟"

سڏڪن هاڻو آواز آيو "افسوس، اي رحمدل انسان تون مون کي ڏسي نه سگهندين."

"ڇو ڏسي نه سگهندس؟" پڇيم.

"تون جن، يا ٻي غيبات آهين ڇا؟"

"نه، مان جن وغيره نه آهيان،" هن روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو "تون جنهن وٽ جي ٽڙ وٽ بيٺو آهين، مان اُن ٽڙ جي ٻئي پاسي ويٺو آهيان."

هڪڙي چهري زور سان ٿهڪ ڏنو.

مون روئڻي کي چيو "تنهنجو ڏک سور معلوم ڪرڻ ۽ توکي ڏسڻ لاءِ مان ٽڙ جي ٻئي پاسي اچي رهيو آهيان. تنهنجي روئڻ مون کي به روئڻهارڪو ڪري وڌو آهي."

مان ڦيرو کائي ٽڙ جي ٻئي پاسي کان وڃي بيٺس. مون کي تعجب ٿيو. ٽڙ جي ٻئي پاسي ڪو به نه هو. روئڻ جو آواز بدستور اچي رهيو هو. مون کي ڪجهه ڪجهه ڪاوڙ لڳي، چيم "اجايو چرچا نه ڪر، تون ته هتي به موجود نه آهين."

جواب آيو "هينئر مان ٽڙ جي ٻئي پاسي وڃي ويٺو آهيان. مان جهڙي حال ۾ آهيان، تنهنجي سامهون نه ايندس. مان نه ٿو چاهيان ته تون مون کي ڏسين."

"توکي ڇو نه ڏسان!" ڪانئس پڇيم، "يار، تون اُڪهاڙو ته ناهين!"

"نه،" هن روئيندي چيو "مون کي ڏسي تون ڊڄي ويندين."

"ڇو ڊڄي ويندس!" ڪانئس پڇيم، "ٻن بدران چار ٽنگون اٿئي ڇا؟"

هڪندي هڪندي چيائين، "ها."

پڇيومانس، "تون ڪٿي ڪو جانور يا جانورن جو مائٽ مٽ ته نه آهين؟"

هن روئيندي چيو "مان هڪ خونخوار جانور آهيان."

"ته پوءِ مڙئي خير آهي،" چيم، "ٽيليويزن تي روزانو تسمين قسمين جانور ڏسڻ ڪانپوءِ اسان جانورن کان ڊڄڻ ڇڏي ڏنو آهي. توکي ڏسڻ لاءِ مان ٽڙ جي ٻئي پاسي اچي رهيو آهيان. خدا جي واسطي مون کي گوءِ نه ڏجانءِ."

مان هڪدم ڦيرو کائي ٽڙ جي ٻئي پاسي کان وڃي بيٺس. ڏٺم ته، هڪ شينهن ٽڙ کي ٽيڪ ڏئي ويٺو هو ۽ هنجون هاري روئي رهيو هو. مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ڪنهن شينهن کي روئيندي ڏٺو هو. مون کي پنهنجين اکين تي اعتبار نه آيو. هوءَ به مون پنهنجين اکين تي اعتبار ڪرڻ ڇڏي ڏنو آهي. هڪ دفعي اسلام آباد ۾ مون هڪ ٻي انتها سهڻي ڇوڪري گهمندي ڦرندي ڏٺي هئي. هوءَ هميشه پنهنجين ڇهن ڀينرن سان سير سپاٽا ڪندي هئي ۽ هونڊا سوِڪ ڪار ۾ گهمندي رهندي هئي. هوءَ ڇهن ئي ڀينرن کان تمام ننڍي لڳندي هئي. مان مٽس اَکن ڇڪن ٿي پيس. سوچيم، ڪجهه به ٿي وڃي، نه مڙندس، ساٽس شادي ضرور ڪندس! پوءِ، جڏهن پڇا ڳاڇا ڪرايم، تڏهن خبر پئي ته هوءَ ڇهن ڇوڪرين جي ننڍي ڀيڻ نه هئي، هوءَ ڇهن ڇوڪرين جي وڏي ڀيڻ به نه هئي. هوءَ ڇوڪرين جي ماءُ به نه هئي. ڇوڪرين جي ماءُ مري ويئي هئي. هوءَ ڇهن ئي ڇوڪرين جي نانيءَ هئي پر پريان ڇهن ئي ڇوڪرين جي ننڍي ڀيڻ لڳندي هئي. مان سمجهان ٿو ان ۾ سمورو ڏوهه ويچارين اکين جو به نه آهي.

جڏهن پنجين موسم ماحول تي ڇانئجي ويندي آهي، تڏهن اسين جيڪي ڪجهه ڏسندا آهيون، سو اصل ۾ اهو نه هوندو آهي، جيڪي اسان کي نظر ايندو آهي ۽ اصل ۾ جيڪي ڪجهه هوندو آهي، سو اسان کي نظر نه ايندو آهي.

مون کي شينهن جي هئڻ تي شڪ ٿيڻ لڳو. سوچيم، هيءُ ضرور ڪو ٻڪر آهي. ٻڪر جو پٽ آهي، يا ٻڪر جو پيءُ آهي ۽ شينهن جي ڪل پائي ڪاسائين کان بچڻ جي اٽڪل ڪري رهيو آهي. مان سوچ ۾ گم سم هيس، جو شينهن چيو "توکي چيو هوم نه، ته مون کي ڏسي ڊڄي ويندين!"

"اهڙي ڳالهه ڪونهي،" چيم، "اصل ۾ مان تنهنجي باري ۾ سوچي رهيو هوس."

پڇيائين، "منهنجي باري ۾ ڇا پئي سوچيئه؟"

چيم، "سوچيم پئي ته، بظاهر ته تون ڏسڻ ۾ هوبهو ببر شينهن جهڙو آهين، پر اصل ۾ ڪير آهين؟"

گجگوڙ ڪندي چيائين، "مطلب جي ڳالهه ڪر."

چيم، "سمجهان پيو ته تون سچ ڀچ شينهن آهين، يا شينهن جي ڪل ۾ ٻڪر آهين. ٻڪر جو پيءُ آهين، يا گدڙ آهين!"

"اجائي يخي نه هڻ،" شينهن ناراض ٿيندي چيو "مان اصلي ۽ خالص شينهن آهيان، منهنجي ڪلَ ڇڪي ڏس."

"معاف ڪجانءِ يار اصلي شينهن." چيم، "ڏوهه منهنجو به ڪونهي! اصلي شينهن کي مون هميشه پڇرن ۾ بند ڏٺو آهي. تون پهريون شينهن آهين، جنهن کي مون آزاد گهمندي، بلڪ روئيندي ڏٺو آهي."

"مون کي خبر آهي، مون کي خبر آهي." شينهن گجگوڙ سان روئڻ لڳو ڇهرا بڙ جي تارين تان اڏامي ويا.

چيم، "تنهنجي روج راڙي مان ڪجهه هڙ حاصل نه ٿيندو. تون جيڪڏهن سچو پچو شينهن آهين، ته پوءِ هڪ نه هڪ ڏينهن پڇرن ۾ بند ڪيو ويندين، تون وڏيڪ عرصي تائين آزاد گهمي ڦري، بلڪ روئي به نه سگهندين."

"مان پڇرن کان نه ٿو ڊڄان." شينهن پنهنجي چنبي سان نڪ اُگهندي چيو "بس مان سرڪس وارن کان، بلڪ سرڪس وارن جي رنگ ماسٽر کان ڊنل آهيان."

چيم، "ڏاڍي عجيب ڳالهه ڪئي اٿئي!"

شينهن گجگوڙ واري نوع ۾ روئيندي چيو، "مان رنگ ماسٽرن جي اشارن تي ڪرتب ڏيکاري نه سگهندس. مان خودڪشي ڪندس."

ان کان اڳ جو مان شينهن کي دلداري ڏيان، شينهن چيو "تون جيڪڏهن چاهين ته منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو."

"ڪهڙي قسم جي مدد؟" مون کانئس پڇيو.

شينهن چيو "مون کي خدا جي واسطي هڪ ٻڪر، يا ڪنهن گدڙ جي ڪل آڻي ڏي."

"ڇا جي لاءِ؟" مون تعجب وچان پڇيو.

وراڻيائين، "توهان ماڻهن جي معاشري ۾ گدڙن ۽ ٻڪرن جو قدر ڪيو ويندو آهي، شينهن جو نه. مون کي خدا جي واسطي ٻڪر يا گدڙ جي ڪل آڻي ڏي، مان گدڙ يا ٻڪر ٿي جيئرو رهندس. قوم ۽

ملڪ جي خدمت ڪندس."

شينهن جي قومي جذبي کان مان ڏاڍو متاثر ٿيس. چيم، "تنهنجي قومي جذبي کان مان ڏاڍو متاثر ٿيو آهيان. تون دنيا جو واحد شينهن آهين، جنهن ٻڪريا گدڙ ٿي قوم جي خدمت ڪرڻ جو پڪو پهه ڪيو آهي. مان توکي سلام ٿو ڪريان ۽ واعدو ٿو ڪريان ته سياڻي شام تائين توکي ٻڪريا گدڙ جي کل آڻي ڏيندس ته جيئن تون قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهين."

شينهن چڪي مون ڏي ڇاتيءَ سان لاتو. چيائين، "مان تنهنجو انتظار ڪندس، پرديسي بابو."

چيم، "اهو ڊائلاگ تنهنجي واتان بنهه نه ٿو نهي. اهو ڊائلاگ ڪنهن .دردناڪ فلم ۾ پهاڙي حسينه جي واتان نهندو آهي."

ان ڪانپوءِ اسان ٻنهي هڪ ٻئي کان خدا حافظ چئي موڪلايو. مان وري جهنگ ۾ دوڙڻ لڳس. ڊوڙندي ڊوڙندي مان شينهن لاءِ ڪنهن ٻڪريا گدڙ جي کل هٿ ڪرڻ لاءِ ترڪيبون سوچيندو رهيس. اوچتو مون کي ياد آيو ته ڪيترائي ڪاسائي منهنجي مامي جا جگري دوست آهن. ڪانئن هڪ ٻڪر جي کل هٿ ڪري سياڻي شام تائين شينهن کي پهچائيندس. مون سوچيو ان نيڪ ڪم ۾ مون کي دير نه وجهڻ گهرجي. پنجين موسم ۾ شينهن گهڻي وقت تائين آزاد گهمي نه سگهندا آهن. پنجين موسم ۾ شينهن پڇرن ۾ بند ٿي ويندا آهن يا سرڪس وارن جي هٿ لڳي ويندا آهن ۽ پوءِ رنگ ماسٽر جي اشارن تي ڪرتب ڏيکاريندا آهن. مون کي شينهن جي حال تي رحم آيو.

پنهنجي گهر بدران مان ڊوڙندو سڌو پنهنجي مامي جي گهر ويس. منهنجو مامو ٽن ٽنگن واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ آواز بند ڪري ٽيليويزن تان خبرون، يا خبرون ٻڌائڻ واري کي ڏسي رهيو هو.

مون کي ڏسندي مامي پڇيو "اڄ وري ڪهڙي ماليخوليائي خبر کڻي آيو آهين."

"اڄ مون هڪ شينهن کي روئيندي ڏٺو آهي." ان کانپوءِ مون مامي کي شينهن سان پنهنجيءَ ملاقات ۽ سموريءَ گفتگو جو سربستو احوال ڏنو!

"اجائي بڪ ٿو ڪرين." مامي سخت ڪاوڙ وچان چيو "جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا توکي پاڳل ڪري ڇڏيو آهي."

"مان پاڳل نه آهيان، ماما." مون آهستي چيو "جڏهن پنجين موسم ايندي آهي، تڏهن ماڻهو مون وانگر محسوس ڪرڻ لڳندا آهن."

"اڙي ڪهڙي پنجين موسم!" مامي ڪاوڙ وچان ڪنبندي چيو "تون چريو ٿي پيو آهين. تون صفا چريو ٿي پيو آهين. مان توکي گدو بندر موڪلي ڇڏيندس."

"جيڏانهن وڻيو مون کي موڪلي ڇڏيو." چيم، "پر، ڪيڏانهن موڪلڻ کان اڳ هڪ ٻڪر جي کل جو انتظام ڪري ڇڏجو. هڪ مظلوم شينهن سان مون کي واعدو نياڻو آهي."

مامي ساڙ ڪائيندي چيو "اڙي

تنهنجي لاءِ نہ ڪريان هڪ ڪوتي جي ڪل جو انتظام!"

"في الحال هڪ شينهن جي عزت جو سوال آهي." چيم، "ڪيترائي ڪاسائي اوهان جا دوست آهن. روزانہ اوهان سان ڪچهري ڪرڻ ايندا آهن. اوهين ڪين چوندا تہ هو سولائيءَ سان هڪ ٻڪر جي ڪلَ جو بندوبست ڪري ڏيندا."

"اڙي هو سيئي ڊاڪٽر آهن." مامي ميز تي مڪ هڻندي چيو "هو ڪاسائي نہ آهن."

"هو سيئي ڪاسائي آهن." چيم، "الائي ڇو سيئي ڪاسائي اوهان کي ڊاڪٽر نظر ايندا آهن!"

"بدبخت، مان توکي قتل ڪري ڇڏيندس." مامي ڪاوڙ وچان چيو "منهنجي سمورن دوست ڊاڪٽرن چيو هو تہ تنهنجو پاڻيجو چريو ٿي پيو آهي. ڪيس چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ڇڏ."

"اوهان جا ڪاسائي دوست جنهن جاءِ کي چرين جي اسپتال سڏين ٿا، سا جاءِ اصل ۾ چرين جي اسپتال نہ آهي." ماما کي ٻڌايم، "اُن هنڌ اوهان جا ڪاسائي دوست ڳئون، مينهون ۽ ٻڪر ذبح ڪندا آهن. اوهين سولائيءَ سان هڪ ٻڪر جي ڪل مون کي ڏياري سگهو ٿا. هڪ مظلوم شينهن اوهان کي بہ پنهنجي دعائن ۾ شامل ڪندو."

ماما فون ڏانهن ويندي چيو "مان اجهو ٿو تنهنجي لاءِ ٻڪر جي ڪل جو بندوبست ڪريان. تون فڪر ئي نہ ڪر."

ماما ٻہ چار دفعا فون جا مختلف نمبر ڦيرايا. هن رسيور ۾ وات وجهي تمام آهستي ڳالهايو. مان سندس گفتگو ٻڌي نہ سگهيس.

ٿوريءَ دير کانپوءِ ماما جا ڪاسائي دوست، جن کي هو ڊاڪٽر سڏيندو هو، پهچي ويا. ڪين ڏسي مان ڏاڍو خوش ٿيس. زور زور سان تاڙيون وڄايم ۽ پوءِ ڪيتري دير تائين تاڙيون وڄائيندو رهيس. هو مون کي ڪمال شفقت ۽ پيار سان هڪ اهڙي ڪمري ۾ وٺي ويا. جتي بي انتها روشني هئڻ جي باوجود اوندهہ هئي. گهگهہ اوندهہ هئي. ڪپڙا لاهي هنن مون کي اگهاڙو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ اک ڇنب ۾ هنن منهنجي جسم تان منهنجي ڪل لاهي ڇڏي. سڀ ڪجهہ بي انتها هيبتناڪ هو.

اِن کان اڳ جو مان تڪليف وچان صور اسرافيل سان ابدي اوندهہ کي روشنين ۾ بدلي ڇڏيان. هنن منهنجي جسم تي ٻڪر جي ڪل چاڙهي ڇڏي. مان اڪثر وساري ويهندو آهيان تہ ٻڪر خواب نہ ڏسندا آهن. جاڳندي هڪ خواب ڏسڻ جي تمنا ۾ مان گهاٽن جهنگن ۾ ڊوڙندو رهندو آهيان. اهڙا گهاٽا جهنگ، جتي قديم بڙ ۽ پيپر جا وڻ آهن ۽ جن جي تارين تي چهرا ويٺل هوندا آهن. ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ موت منهنجو پيچو ڪري رهيو آهي. مون کي ڊوڙڻ گهرجي. مان ڊوڙندو آهيان. تسلسل جي تتل پيچرن تي مان ڊوڙندو رهندو آهيان ۽ ڪڏهن ڪڏهن جهنگ ۾ هيڪلي روئيندڙ شينهن کي ياد ڪندو آهيان، جنهن ٻڪر جي ڪل پائي زندهہ رهڻ جي تمنا ڪئي هئي.

..........*

راج، ڏس تہ سهين سُشما پنهنجي شڪل صورت، روپ رنگ جي ڪيڏي ٿي سنڀال رکي! ڏس تہ ڪهڙي (سِلم) ۽ سوڏي پئي لڳي! ڪنهن ائڪٽريس کان، شڪل شبيهہ ۾ گهٽ تہ ڪانهي!

"اڙي، پريتي، ان ڳالهہ کي نہ وسار تہ ڪنهن زماني ۾ هوءَ "مس پونا" رهي چڪي آهي ۽ راشٽريہ سطح تي تہ هوءَ انعام ڪٽي چڪي آهي، تنهن ڪانسواءِ هوءَ ماڊل بہ تہ رهي چڪي آهي، ڪنهن وقت!"

"ها، ڪنهن وقت! هن وقت هن جي عمر گهٽي هوندي؟ جوان جماڻ ڏيءَ اٿس. ذري گهٽ سَٺ ٿيڻ واري آهي."

هڪ محفل ۾ اپر ڪلاس عورتن ۽ مڊل ڪلاس عورتن جي وچ ۾ ٿيندڙ ٽيپٽ جو احوال.

اونچي سوسائٽيءَ جا پنهنجا پنهنجا طور طريقا ۽ نرالا وهنوار آهن. اهڙي سوسائٽي ۾ توهان کي ڪوڙي شان عيوض هٽ ٿوڪي نمود ۽ نمائش جا انبار نظر ايندا. جن جي نظر ايندڙ زرخيزي آب ۽ تاب ۽ خوشحالي جا منظر اکين کي چونڪائي ڇڏيندا، جنهن جو ڪو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي پر انهن جي پس منظر ۽ حقيقت ۾ ڇا هوندو آهي ان جي جيڪر اسان کي ڄاڻ پوي تہ اسان کي خبر پوندي تہ ان ڪوڙي شان شوڪت جي پرم کي رکڻ لاءِ اونچي سوسائٽي جي فردن کي ڪيڏيون نہ وڏيون قربانيون ڏيڻون پون ٿيون. اهڙي ئي مصنوعي ۽ ڪوڙي ڏيک ڏيکاءِ جي هڪ جهلڪ ڏيکارينڊڙ ڪهاڻي

چهري مٿان چهرا

ريتا شهاڻي

"هن جي عمر چاليهن پنجيتاليهن سالن جي وچ ۾ هوندي، ضرور."

"پوءِ به ڏس نه، ڪهڙي نه ٺاهوڪي پئي لڳي. چهري تي عمر جا نشان ڪٿي اٿس.؟" پريتيءَ چيو.

"ميجان ٿي، پر هوءَ پاڻ تي محنت به ته ڪيڏي ٿي ڪري! سڄو ڏينهن جيمخاني ۾ پئي آهي. ڊائيٽنگ به زبردست ڪندي رهندي آهي ۽ پارلر ته آهن ئي آهن."

"ها، ان طرح جي اونچي طبقي جون عورتون جيڪي پروفيشنل ناهن يعني اسان وانگر نوڪريون نه ٿيون ڪن، انهن کي ته بس وقت ئي وقت آهي ۽ سهوليتون به ته هر طرح جون ميسر آهن!"

"سندس ڏيراڻي رتو به ته اِن ساڳي قطار ۾ آهي."

"ها، چونا هي سوسائٽيِ ليڊيز ائين ئي آهن. پنهنجي شڪل ۽ فِگر مينٽين ڪرڻ ۾ استاد. هنن ۾ چٽاپيٽي به ته زبردست آهي. هر ڳالهه ۾ ڪپڙن ۾ فيشن ۾، موٽرن ۾ ايتري قدر جو موبائيل فون ۾ بيا ڪنهن جو موبائيل گهٽي ۾ گهٽو ماڻ آهي، مهانگو آهي ۽ بهترين!"

هئي ڪلڻ لڳن ٿيون."Adult. (ائڊلٽ) ٻالڪيون آهن ٿڻ ته" راج چيو.

"چا ٿيون ڪپڙا پائين ۽ چا ٿيون شاپنگ ڪن!"

"مگر شِشما جي گهوٽ پريم جو نالو ته اهڙو سنو ناهي."

"اهڙو سنو ناهي جو مطلب چا؟"

"اڙي سڄو ڏينهن ريس ڪورس تي پيو آهي يا ڪلبن ۾."

"ساهيڙيون به جام اٿس."

"تون ئي ٻڌاءِ ساهيڙيون ڪنهن کي ڪونهن؟ اهو به ته فئشن آهي اسان جي طبقي جو! سشما وري ڪهڙي ڪير ۾ ڌوتل آهي!؟"

"يعني؟"

"چا توکي خبر ناهي؟" هن جا ڪيترا افيئرس پيا هلن لڳاتار! اج هن سان، سياڻ هُن سان!"

"واقعي! ڏاڍيون عجيب ڳالهيون ٿي رهيون آهن. اسان جي سوسائٽيءَ ۾! ڄاڻن سڀ ٿا، پر ڪُچن ڪو نه ٿا. مڙسن کي ساهيڙيون آهن، ته زالون به گهٽ ڪونهن. اهي به ته دوست رکي ويٺيون آهن."

"۽ وقت بوقت بدلين به پيون."

"ٻاهران سڀ ٺيڪ ٺاڪ ۽ نارمل لڳي رهيو آهي، پر اندر وڏا گهوٽالا آهن."

اوڏي مهل سشما ڪلندي ڌڙندي هنن جي گروپ وٽ آئي ۽ هڪ خالي ڪرسي ڇڪي ويهي رهي. "هلو راج، هاءِ رتو! توهين سڀ آرام سان آهيو نه؟ سڀ اوڪي آهي نه؟"

"او يس، بلڪل فرسٽ ڪلاس! نائيس پارٽي!"

"ٿنڪ يُو" توهان سيني کي ڊرنڪس وغيره ته هٿن ۾ آهن نه؟... او گڊ! ويٽر، ويٽر... هتي سنڪس وغيره سَرِوُ ڪر!" هن ويٽر کي سڏيندي چيو.

"سشما! تون اسان جي چنتا نه ڪر، اسين مزي ۾ آهيون. تون پنهنجي ٻين مهمانن کي وڃي ڏس يلي!"

"او ڪي." چئي سشما ٻين مهمانن جي سنڀال لهڻ هلي وئي، اها ئي ڪلندڙ

مشڪندڙ چهه ڀهه ڪندڙ سشما.

ٿوري دير بعد.

"ڪهڙي سوچ ۾ پئجي ويئي آهين، پريتي؟"

"مان سوچڻ لڳي آهيان، راج ته هو صحيح آهن، يا اسين صحيح هيون سين."

"مان سمجهي ويس ته تون ڇا ٿي چوڻ چاهين؟"

"ڏس، هي ڪيئن سمجهوتا ڪري ويٺيون آهن! چهري تي چهرو لڳائي پيون گهمن ڦرن! هنن جا ته گهر ڪو نه ٻنا نه؟ هي سڀ ته ٻنهي جهانن جا سُک ماڻي رهيون آهن. اسان هٿ وٺي پنهنجو سڀ ڪجهه وڃايو."

"اجايو پاڻ تي افسوس نه ڪر. اسان جيڪي ڪيو سوچي سمجهي ڪيوسين. جيڪا ان وقت جي تقاضا هئي. ان کي منهن ڏنوسين. ڇا تون هنن وانگر ٻهروپي جيون گهاري سگهين ها؟ اندران هڪڙي ۽ ٻاهران ٻي؟"

"اصل ٻه نه. هرگز نه. اهو ممڪن ڪو نه هو. اهائي ته اسان جي ڪمزوري آهي!"

"اها ڪمزوري ناهي، اها اسان جي طاقت آهي." راج پختي لهجي ۾ چيو.

"ڏس، اسين ٻئي ساڳيءَ ڪشتيءَ جي ياترا (سفر) ڪري رهيون آهيون. تو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي مڙس کي ڇڏيو. توکي پنهنجا سبب هئا، مون ٻه پتيءَ جو تياڳ ڪيو. مون کي پنهنجا ڪارڻ هئا. اسين برداشت نه ڪري سگهيونسين ۽ الڳ ٿي ويون سين."

"پر ڪيڏو پوڳڻو پيو! اسان کي ته جدوجهد ڪرڻي پئي، پر ٻارن کي ٻه ٻي گهر ٽيڻو پيو. ڪيڏو سڻو آهي هنن ويچارن!" پريتيءَ چيو.

"پر نيٺ پار پيون سين نه؟ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي سوايمان(خودداري) کي قائم رکي سگهيون سين؟ آهي ائين يا نه؟"

"پر اج هنن کي ڏسي، من ۾ ڪي ٻيا ويچار اچي رهيا آهن."

"تون ڇا ٿي سمجهين، هنن جا ٻار ڪو نه پوڳيندا هوندا؟ سڀ اکين سان ڏسندا هوندا، سمجهندا هوندا، هنن جي اڳيان ڪهڙا مثال آهن؟"

"پر اسين فيصلو ڪرڻ وارا ڪير آهيون؟" پريتيءَ تياڳ جي ڀاونا(جذبو) سان چيو.

"ها، سچ ٿي چئين، اسين ڇوٻين جا فيصلا ڪريون؟ اسان پنهنجي جيون جا فيصلا پنهنجي سمجهه مطابق ڪيا."

"اڙي توهين ڪهڙين گنڀير ڳالهين ۾ غلطان آهيو؟" ونيتا جي آواز ٻنهي ساهيڙين کي چونڪائي ڇڏيو.

"ها، ياٽي، ڏسو ٻه پروفيشنل ۽ انتيليڪچوئل ليڊيز ڪنهن پيچيده گنڀير مسئلي جو حل ڳولهڻ ۾ رڌل آهن!" ونيتا جي گهوٽ سنجوءَ هنن کي چيڙائيندي چيو.

"سنجو يُو نائي مين، ڊونٽ بي سارڪئسٽڪ Donot be sarcastic." راج ڪوڙيءَ ڪاوڙ مان چيو.

"چڱو پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ سڦل ليڊيز ٻڌايو. ڪهڙو سنجيده سبجيڪٽ آهي اوهان جو؟"

"سچ ٻڌايانوَ سنجو اسين سشما ۽ اهڙين ٻين عورتن جي زندگيءَ جي پنهنجي زندگين سان پيٽ ڪري رهيون هيون سين."

وِنيتا عجب ڪائيندي چيو: "اڙي سشما ۽ توهان جي زندگين ۾ ڪهڙو تعلق آهي؟ ڪهڙي سمانتا(برابري) آهي آخر."

"آهي نہ؟"

"ڪيئن؟"

"توکي پريم جي ناموس جي تہ خبر آهي نہ؟"

"ڪهڙي ناموس؟"

"اڙي، هن کي ڪيترين ساهيڙيون آهن؟ ڪيڏي فاسٽ لائيف اٿس؟ هي پتنيون ڪيئن برداشت ڪري ويٺيون آهن؟ اسان ڇو نہ ڪيو؟"

سنجو سوچ ۾ پئجي ويو.

"هنن بہ پنهنجي لاءِ ڪي رستا ڳولهي ورتا هوندا."

ٽيئي زالون کلڻ لڳيون.

"لڳي ٿو سنجو تہ تون اسان جي سوشل گاسپ کان چڱيءَ طرح واقف آهين."

پريتيءَ کلندي چيو "لڳي ٿو سشما جي سوشل لائيف جي صحيح رڳ تي هٿ رکيو آهي. سنجوءَ"

"ٿئنڪ يو پريتي، توهان مون کي مورک سمجهيو آهي ڇا؟ پر منهنجي جواب تي ڏيان ڏيو مون چيو "رستا ڳولهي ورتا هوندا" مون کو نہ چيو رستا ڳولهي ورتا آهن."

"ساڳي ڳالهہ آهي. توکي ڄاڻ آهي تہ هنن ڳولهي ورتا آهن."

ٽماٽو ڀاڄي آهي يا ميوو؟

ماهر نباتات botanistءَ بورچي ٽماٽن جي مختلف درجہ بندي ڪن ٿا. ماهر نباتات مطابق ميوو ٻوٽي جو اهو حصو ٿيندو آهي جيڪو ٻچي دان ovary۾ ٿيندو آهي. انهن مطابق نتيجو اهو آهي تہ ٽماٽو ميوو آهي پر بورچين جو چوڻ آهي تہ ٽماٽي جو ذائقو چٽپٽي ۽ نہ ئي مٺيءَ شيءِ وانگر آهي، ان ڪري اهو ميوو نہ ٿو ٿي سگهي.

اسان ٽماٽن کي ڪچو سيڪيل ڪنهن شيءِ ۾ بند ڪري پڪل حالت ۾ سوپ ۾ ۽ گوشت جي ڪيترن حالتن ۾ ڪائون ٿا. ٻيا ميوا جيڪي ڀاڄين ۾ استعمال ٿين ٿا، انهن ۾ مرچ، ونگا، اسڪواش وغيره شامل آهن. دراصل ٽماٽو ايڊن anden علائقي مان يورپ آيو جيڪو اسپيني سياحن ڳوليو هو.

ٽماٽو لفظ ميڪسيڪو لفظ آهي جيڪو tomattمان نڪتل آهي. جنهن کي فرانس ۾ love appleبہ چيو ويندو آهي ۽ اٽليءَ ۾ سنهري ٽماٽو apple of gold ڪري ڪوئيو ويندو آهي.

صدين تائين يورپ ۾ ٽماٽي کي زهريلو تصور ڪيو ويندو هو ۽ ان کي صرف باغن ۾ من موهيندڙ رنگ جي ڪري پوکيو ويندو هو. برطانيہ ۾ وري ٽماٽن جي باري ۾ اهو تصور آهي تہ ان سان سنڌن جو سور ۽ ڪينسر ٿئي ٿو.

1544ع ۾ اٽليءَ ۾ اها سفارش ڪئي وئي تہ ٽماٽو ڪائي سگهجي ٿو ان کي فرائي ۾ گرم ڪري لوڻ ۽ مرچ سان فرائي ڪري سگهجي ٿو ۽ هي صحت لاءِ مفيد کاڌو آهي.

"تہ پوءِ؟"

"مون چيو تہ هي سمارٽ زالون آهن. اسان کان وڌيڪ عقلمند آهن. جيئن تيئن سمجهوتا ڪري، ٻنهي جهانن جا سُک ماڻي رهيون آهن. شايد اسان ئي ڪجهہ غلط ڪيو." پريتيءَ سمجهاڻي ڏيندي چيو.

"مون کي تو سان ان ڳالهہ تي اختلاف آهي پر مان پنهنجو رايو پاڻ تائين محدود رکڻ چاهيندس."

"پر ڪجهہ تہ ڪامينٽ ڪر."

زال ۽ مڙس ۾ لڙائي ٿي وئي، مڙس پاڻ کي مارڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ ان لاءِ بازار مان زهر جي پڙيا وٺي آيو ۽ اهو زهر کائي ورتو پر اتفاق سان ڪجهه ڏينهن بيمار ٿيو ۽ وري ٺيڪ ٿي ويو.

زال چيو "سو دفعه چيو اٿمئي ته ڏسي ڪري شيون وٺندو ڪر، ايترا پئسا به بيڪار ويا ۽ جنهن ڪم لاءِ ويو هئين اهو به نه ٿيو."

..........*.....*

هڪ ماڻهوءَ جو آواز ڏاڍو بيسرو هو پر هو پنهنجو پاڻ کي وڏو ڳائڻو سمجهندو هو. هڪ دفعي هن ڳائڻ شروع ڪيو ته هڪ ڪنيار ڊوڙندو آيو ۽ چوڻ لڳو "منهنجو گڏهه ڪي آهي؟"

"ڪهڙو گڏهه؟" ماڻهوءَ ڪاوڙ مان چيو.

"اهو جيڪو هينئر ئي هينئر هينگون ڏئي رهيو هو. مون هينئر هينئر ان جو آواز ٻڌو آهي."

..........*.....*

"ڏس، هر ڪنهن جون حالتون نراليون آهن، سياوَ نرالا آهن، سور برداشت ڪرڻ جي شڪتي (سگهه) نرالي آهي، پڻ زندگيءَ ڏانهن رويو سڀ کان اهم چيز آهي، رويو يعني انٽيٽيوڊ! ڪن ٻن ڏرم پتنين جي حالتن ۽ فيصلن کي پيٽڻ جي غلطي ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. توهان کي ڇا، ڪنهن کي به نه!"

"تون شايد ٺيڪ چئي رهيو آهين." پريتيءَ جواب ڏنو.

"پر مان سمجهان ٿو ته We are the best هن ونيتا جي گلي ۾ ٻانهن وجهندي چيو "اسان جهڙو ٻيو ڪو جوڙو هوندو ئي ڪونه."

"هيل تائين!" ونيتا هن کي وچ ۾ ٽوڪيو.

"ڇا مطلب؟"

"سو فار سو گڊ So far so good"

"يعني توکي آئيندي تي ڀروسو ناهي؟ توکي شڪ آهي، پاڻ تي ۽ مون تي به!" سنجوءَ عجب وچان چيو.

"ڪجهه چئي نٿو سگهجي." ونيتا ٿهڪ ڏيندي چيو "زمانو تمام تڪڙو بدلجي رهيو آهي. ڊارلنگ!" هن ڊارلنگ تي زور ڏنو.

"هل، هتان، مون کي چيڙائڻ واري!" سنجوءَ زال کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو.

ونيتا ٿهڪ ڏيندي پئي ويئي.

"او ڪي، باءِ ليڊيز!"

راج ۽ پريتي ڪيتري دير تائين، ان ڪلندڙ ۽ مذاق ڪندڙ جوڙي جي پُٺ ڏانهن نهاريندي رهيون.

"سچ پچ اج ڪالهه جي جوڙن تي ڪهڙو بقاءَ آهي؟" راج چيو.

..........*

هي ڪهاڻي ان هنگامن جي پس منظر ۾ لکيل آهي جنهن دوران سنڌ ۾ سالن کان رهندڙ سنڌي ۽ اردو ڳالهائيندڙ لمحن ۾ هڪ ٻئي کان دور ٿي ويا. اها هڪڙي سازش هئي جنهن سنڌ جي رهندڙ ٻنهي ڌرين کي الڳ ڪري ڇڏيو. اها وٺي اڄا تائين نه پرجي سگهي آهي ڇو ته ڪجهه طبقن جو مفاد ان ۾ آهي ته سنڌ جو اهي ٻئي ڌريون ڪڏهن به نه گڏجن ۽ ان نموني سندن مفاد جو بچاءُ ٿيندو رهي.

انبن جهليو پُور

پرويز

هارون کي پنهنجي جاءِ جي اڏاوت جي سلسلي ۾ ڪجهه ٽيئر، گارڊر ۽ شيخون کپنديون هيون. ميرپور بٺوري مان حيدرآباد ويندڙ بس ۾ چڙهي ويٺو. گهٽا ماڻهو پنهنجو عقل، ڏاهپ ۽ دانائي جتائڻ لاءِ هلندڙ بس کي بهترين ذريعو سمجهندا آهن ۽ سيٽ تي ويهڻ سان ئي پرسان ويٺل اڻ سڃاڻو مسافر سان ڳالهائڻ ۾ شروع ٿي ويندا آهن ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پنهنجي تيز ۽ تکي زبان هلائيندي سڄي بس جو توجهه پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺندا آهن. سو به خاص ڪري

ڪهاڻي مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ ماڻهن جي، جن جي اندر پلجندڙ احساس هڪ جهڙا هوندا آهن

عورتن واري سيٽ جي بلڪل پٺئين سيٽ تي ويهي ائين ڪندا آهن. ڪي ماڻهو بس ۾ ويهي ننڊ ڪندا آهن. ڪي ماڻهو دريءَ کان ٻاهر جو نظارو پيا ڏسندا آهن تہ ڪن جون نگاهون ليڊز سيٽن تي ويٺل ڪارين چادرين اندر ڍڪيل چهرن جو طواف ڪرڻ لاءِ سمورو وقت پيون ڦيرا ڏيندیون آهن. ڪي ماڻهو ڪتاب سان پيا وڙندا آهن تہ ڪي وري اخبار پيا چٽيندا آهن ۽ ڪي وري هارون جهڙا ماڻهو پنهنجي نئين ڪهاڻيءَ لاءِ ذهن ۾ ڪا نئين تخليق پيا تلاش ڪندا آهن. هارون دريءَ جي پاسي واري سيٽ تي ويٺو هو. گهڻو تڻو ٻاهرجو نظارو ويٺي ڪيائين پر ڪيڏي مهل بس اندر بہ نگاهہ ڊوڙي ٿي ويس. ڊرائيور ڏنهن منهن ڪري ويهندڙ عورتن واري سيٽ تي ٿي عورتون ويٺل هيون. وچ ۾ ويٺل بنهہ پلوڙ ڇوڪريءَ جي لاڳيتو تڪيندڙ نگاهن جو تعاقب ڪيائين تہ سندس پٺيان واري سيٽ تي ويٺل خوبصورت نوجوان تي نظر پيس جيڪو پڻ تڪ ٻڌي ان ڇوڪريءَ ۾ نهاري رهيو هو. هارون ٿورڙو مرڪيو ۽ وري دريءَ مان ٻاهر جو نظارو ڪرڻ لڳو. بس جي گهرگهران، مسافرن جي پيهوپيهہ. هر اسٽاپ تان ڪو چڙهڻ وارو تہ ڪو بسڪيٽن وارو چڙهيو ٿي يا لٿو ٿي. فقيرن جون صدائون. مٽي جي سور لاءِ بام ۽ ماتليءَ جي جلاب جا هوڪا. "روڪي استاد"، "جاني دو استاد" جا گڏل پيٽل آواز. سڀ ميلن جو فاصلو بس ٽن ڪلاڪن ۾ پورو ڪري اچي حيدرآباد پهتي.

هارون مني ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي اچي نور محمد هاءِ اسڪول وٽ لٿو. نور محمد هاءِ اسڪول جتي پاڻ 1961ع کان 1962ع تائين نائون ۽ ڏهون ڪلاس پڙهيو هئائين. ان وقت حيدرآباد هئي. پاڻ مسلم هاسٽل ۾ ٻہ سال رهيو هو. نہ جهيڙا نہ جهڳڙا، نہ فساد ۽ نہ هنگاما، رڳو امن ۽ آشتي، سڪون ۽ راحت، حيدرآباد جون ٿڌيون راتيون، هيرگهلندڙ شامون، مارڪيٽ، ٽاور، تلڪ چاڙهي، سري گهاٽ، هير آباد، ٽنڊو ولي محمد، جيل روڊ، سول اسپتال، ايلائٽ سئنيما، شيرازين هوٽل، آها! ڇا تہ مزو هو!

هارون مني ٽيڪسيءَ مان لهي گهڙي ڪن ٻيهي نور محمد هاءِ اسڪول جي عمارت کي ڏسڻ لڳو. سندس قدمن کي جڻ ڌرتيءَ پڪڙي وڌو هجي. هو اتان اصل چري نہ پيو سگهي. هن آسپاس نگاهہ ڊوڙائي. جتي اڳي رڳو پنهنجائپ، قربت ۽ پيار جي پالوٽ هوندي هئي، اتي هينئر رڳو اوپرائپ، رڳو ڏاريائپ حيدرآباد جي ماءُ واري شفقت ۽ري مامتا الاجي ڪيڏانهن رُسي ويئي هلي هئي. جڻ حيدرآباد سنڌ ٿي چڪي هئي. ڏاڍو درد محسوس ڪيائين. دل جي خلش ۾ ڦٽ تان رهڙجندڙ ڪڙيءَ جهڙو ايذاءُ محسوس ڪيائين. ڪيس اتي ٻيٽي ٻيٽي، ان وقت ساڻس پيش آيل ڪل جهڙو واقعو ياد اچي ويو. هارون ۽ طاهر مصطفيٰ رسيس مهل مارڪيٽ ۾ اقبال هوٽل جي هڪڙي ڪئبن ۾ ويٺا چانهہ پي رهيا هئا تہ اوچتو بجلي هلي ويئي ۽ پنکو ٻيهي رهيو. (اقبال هوٽل جي جاءِ تي هاڻي ٻيا دوڪان

آهن، هوٽل ڪانهي) پنڪو بند ٿيو ته اچي گرمي ٿي. طاهر ڪيس پوڳ خاطر چيو ته "ڪال بيل وڄائي ته بيرو اچي ته بل ڏيونس." هارون ڪان بجلي هلي وڃڻ جي ڳالهه وسري ويئي ۽ پاڻ اٿي ڪال بيل جي بٽڻ کي زور ڏيڻ لڳو. ٻه ٽي پيرا بٽڻ دبائڻ کان پوءِ به جڏهن گهنٽي ڪا نه وڳي، تڏهن طاهر ڏانهن نهاريائين ته هو ڪل ۾ ٻڏو پيو هو. پنهنجي بدحواسيءَ تي ڏاڍو ڦڪو ٿيو ۽ پوءِ ٻئي جٽا کلڻ لڳا. ڇا ته زمانو هو!

هارون وڏي نور محمد هاءِ اسڪول جي مکيه گيٽ وٽ آيو. ڪتابن جي دڪان تان سندس پٽ لاءِ ٻارهين ڪلاس جا گهربل ڪتاب ٽي ورتائين. پاڻ جيترو سولي سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ٽي ڪيائين، اوترو ئي دڪاندار وري اردوءَ جو لهجو عربيءَ ۾ پئي تبديل ڪيو. هارون قيمت مان ڪجهه رعايت جي گذارش ڪئي ته موٽ ۾ رعايت بدران رکائي ۽ طنز پلئه پيس. پوءِ هن ساڳيا ڪتاب ٻئي دڪان تان ويهن رپين جي رعايت ۽ انتهائي پنهنجائپ سان ورتا. هارون ٽاور وٽان لنگهي پرنس علي روڊ تان ٿيندو سري گهاٽ ۽ شيش محل هوٽل ڏانهن وڃڻ لڳو. انهيءَ روڊ تي گهٽا ئي لوهه جا دڪان آهن. هو هڪڙي دڪان تي اچا چڙهيو ئي مس ته ٽيبل پٽيان ڪرسيءَ تي ويٺل سوٽ ۽ ڪوٽ ۾ هڪڙو همراهه اٿي بيهي رهيو ۽ نج ڪاروباري انداز ۾ آڌرياءُ ڪرڻ لڳو. پر آڌر ياءُ نه بلڪه جڻ خوشامند ڪرڻ لڳو. هارون ٻڌايس ته ڪيس هڪ هزارفوٽ ٽيئر ۽ گارڊر ڪپن ۽ ڪجهه مڻ شيخون به ڪپن. سيٽ ۽ گراهڪ جي اڳهه تي روايتي ريڙهه پيڙهه هلندي رهي. ان وچ ۾هارون محسوس ڪيو ته هي همراهه جهڙوڪر سڃاتل پيو لڳي. پر ڪير آهي؟ اڳي ڪٿي مليو هو؟ سا پڪ ڪانه ٿي رهي. خير اڳهه تي ناهه ٿي نه سگهيو. هارون دڪان تان لهي ويو. ٻن ٽن دڪانن تان اڳهه پڇيائين ۽ مال جي ڪوالٽي ڏٺائين. انهيءَ پڇ پڇان ۾ ڪيس اڌ منو ڪلاڪ لڳي ويو پر اڃا ڪٿي به سودو طئي ٿي ڪونه سگهيو هو. اهو سمورو وقت هارون کي پهرئين سيٽ جو چهرو ذهن تي مترڪا هٽندورهيو ته همراهه ته ڏٺل وائٽل ٽو لڳي. هارون پرواري هوٽل ۾ گهڙي ويو ۽ چانهه جو ڪوپ مان اٿندڙ ٻاڦ جي ڏنڌ ۾ ڪيس هڪڙو ننڍڙو گول گول ڳاڙهو ڳٽول، پنڪڙين جهڙن نازڪ پريل ڳلن وارو چهرو ڏسڻ ۾ آيو. سائين احمد شاهه جي ڪلاس نائين جي IX_B ۾ ساڳي بينچ تي ساٿس گڏ ويٺل طاهر مصطفيٰ جوچهرو. طاهر مصطفيٰ ـ هارون پاڻ تي خفي ٿي لڳو ته هن طاهر کي سڃاڻڻ ۾ ايتري دير چو ڪئي؟ طاهر، جنهن سان گهاٽي ياري هئي سندس. ڪيس ياد آيو ته جيئن ئي هن اسڪول ۾ داخلا ورتي هئي، تنهن ڏينهن استاد سائين احمد شاهه، طاهر کي چيو هو ته: "طاهر! هي چوڪرو نئون آيو آهي ۽ ٻهراڙيءَ مان آيو آهي. هن کي پاڻ وٽ ويهار ۽ ڪلاس جي قاعدن قانونن بابت به سمجهائي ڇڏ ۽ ها، پڙهائيءَ ۾ به سندس مدد ڪجانءِ"

طاهر ڪلاس ۾ هوشيار چوڪرن

مان هڪ هو. طاهر هارون کي ڏاڍو قرب ڏنو. توڙي جو طاهر سنڌي ڪو نہ هو پرسنڌي ڏاڍي سٺي ٻولهائيندو. هن ڪاپين فيئر ڪرڻ ۾ هارون جي مدد ڪئي. ڪلاس جا طور طريقا بہ ٻڌايا. هارون بہ اهي ٻولهيون ذهن نشين ڪيون. ان زماني ۾ هونئن بہ امتحان ۾ ڪاپي جو رواج ڪونہ هو ۽ رڳو پڙهائيءَ تي ئي ڌيان ڏبو هو. استاد ڏاڍا مهربان بہ هوندا هئا تہ ڏاڍا سخت بہ هوندا هئا. ٽن مهينن جي لڳاتار محنت کان پوءِ ساڳئي سائين احمد شاهہ وري هارون کي طاهر جي پارت ڪئي تہ هو پڙهائيءَ ۾ سندس مدد ڪري، ڇو تہ تماهي ٽيسٽ ۾ هارون جون مارڪون طاهر کان وڌيڪ هيون.

اهڙي طرح، وقت گذرندو رهيو ۽ گڏوگڏ هارون ۽ طاهر جا تعلقات بہ وڌندا رهيا. هو رسيس ۾ گڏجي شيون کائيندا هئا. لان ۾ ويهندا هئا. مٿي ڇت تي چڙهي ويندا هئا. ايلائٽ سئنيما جا پوسٽر ڏسندا نيزا ۽ ڪاڇا گڏجي کائيندا هئا. ڪڏهن شيرازين هوٽل ۾ چانهہ پيئندا هئا. سندن ڪچهريون يا بحث مباحثا ڪيڏي مهل اردوءَ ۾ تہ ڪنهن مهل سنڌيءَ ۾ ٿيندا هئا. ڪو بہ ويچو ڪونہ هو. ڪنهن بہ نفرت جي ديوار جي ڪا سر رکيل ڪا نہ هئي. اسڪول وارن ڏينهن ۾ رسيس کان وڌيڪ وقت کين گهمڻ لاءِ ڪونہ ملندو هو. ڇو تہ موڪل ڪانپوءِ هڪدم هارون کي هاسٽل تي پهچڻو هوندو هو. باقي تڏهن آچر تي ٿيندڙ موڪل جي ڏينهن هارون طاهر سان گڏجي سندن گهر ويندو هو. طاهر جو پيءُ نعيم قريشي وڏو ڪامورو هو. سندن گهر ٽنڊو ولي محمد ۾ هوندو هو. طاهر جي ڀيڻ نيلم ائين ڪلاس ۾ پڙهندي هئي. ٻيا ڀائر ۽ ڀينرون ننڍا هئا. ڪڏهن ڪڏهن طاهر ۽ هارون آچر جي ڏينهن واري منجهند جي ماني بہ گڏجي سندن گهر کائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن گڏجي فلم ڏسندا هئا. هارون کي طاهر جي ماءُ نسرين خاص ڪري گهڻو ڀائيندي هئي. بنهہ مٽس ساهہ پئي ڇڏيندي هئي. هوءَ هارون کان سندس گهر جون خبرون چارون پڇندي هئي. سندن زميندراري ۽ ڪاروبار جي باري ۾، ڳوٺ راج جي باري ۾ ۽ رهڻي ڪهڻي جي باري ۾ حال احوال وٺندي هئي. جڏهن هارون ڳوٺ ويندو هو تہ هوءَ گهر وارن لاءِ سوڪڙيون موڪليندي هئي. ڪيترا ڀيرا هارون سان سندس ڳوٺ گهمائڻ جي خواهش بہ ظاهر ڪئي هئائين. موت ۾ هارون بہ گهر جون ٺهيل رليون، تازو مکڻ، نج ماکي ۽ اهڙيون ٻيون شيون تحفي طور ڪٽي ويندو هو. موڪلن ۾ هڪڙو ڀيرو طاهر ۽ سندس گهر وارا گڏجي هارون جي ڳوٺ بہ ويا هئا. اتي نسرين کي ڀهراڙيءَ جو ماحول ڏاڍو وڻيو هو. واهہ جي ڪنڌي تي ڳوٺ. انبن جا باغ. چوطرف چيٽن جي ساوڪ ۽ سونهن جا ڀيلا گل ۽ سنڌين جي جيءَ جايون ڏيندڙ مهمان نوازي ڪيس ڏاڍو متاثر ڪيو. نيلم بہ انبن جي ڦلهاريل ٻور جي مست ڪندڙ مهڪ ۾ مدهوش ٿي ويئي هئي. هن ماحول ۾ واسيل سرهاڻ کي ساهہ ۾ سانڍيو هو. هارون کي نيلم جون اکيون ڏاڍيون وڻنديون هيون، خاص ڪري اوڏي مهل، جڏهن هو گلن جي حسن ۽ سڳنڌ جي تعريف ڪندي وهلورجي

ويندي هئي ۽ سندس اکيون ائين بي خبريءَ ۾ هروپرو پورجي وري کلي پونديون هيون. تڏهن هارون کي پنهنجي دل تي چهڪ پوندا محسوس ٿيندا هئا ۽ سندس دل جي خلش تيز ٿي ويندي هئي.

ائين، ٻه سال اک چنپ ۾ گذري ويا. ڏهين ڪلاس جو امتحان ٿي ويو ۽ هارون هاسٽل مان پنهنجا هنڌ ٽپڙ ڪٽي اچي ڳوٺ وسايو. سال ڪن خط و ڪتابت هلندي رهي، پوءِ خط اچڻ وڃڻ بند ٿي ويا. هارون ميٽرڪ پاس ڪري پنهنجي زميندارياءَ ۾ مصروف ٿي ويو. طاهر يارهين ڪلاس ۾ داخلا ورتي هئي، پر پوءِ جي خبر پئجي ڪا نه سگهي. پوءِ ائين ڪڏهن ڪڏهن وچان هارون ٻه ٽي خط ڪيا هئا پر ڪا به موٽ ڪا نه ملي. ائين ٻن سالن جي قربتن، چاهتن، چلولائين، ڪل پوڳ ۾ ۽ ساڳي بينچ تي ويهڻ واري تعلق سان گڏو گڏ نيلم جي نيٽن جي نيل ڪنولن جهڙي نهار پڻ ڏنڌلي پئجندي ويئي ۽ دلين جي ڦرهيءَ تان ميسارجڻ لڳي ۽ ميسرجندي ئي ويئي. تان جو باقي ڪو نشان به ڪو نه رهيو هو.

زميندارياءَ سان گڏ هارون ڪاربار به شروع ڪيو هو. شادي ٿيس، گهر ٻارٽيا. نوان قصا، نوان معاملا. هرڪو پنهنجيءَ ۾ پورو. انهيءَ دوران هارون ڪهاڻيون لکڻ لڳو هو ۽ هو هاڻ اديبن جي قطار ڳڻجڻ لڳو هو. پراڻا دفتر ئي ڪتا ڪٽي ويا. نئون دور نيون تقاضائون. مهانگائيءَ جي مهرباني ماڻهن جون چيلهيون چهيون ڪري وڌيون هيون. ڪنهن وٽ ڪٽي ايتري مهل ۽ ملهه آهي جو ويهي پراڻا تعلقات جياري. اڳي ته مهمان کي نعمت سمجهيو ويندو هو پر هاڻي "مهمانن جي مهربانين" کي ڏسي ڪير ڪنهن کي لسيءَ لپ پيارڻ تان ئي هٿ ڪٽي ويو آهي ۽ ساڳي طرح زندگيءَ جي ڪن جي ڦيراٽين ۾ گم ٿي هارون به نه صرف پنهنجي گل جهڙين ڳلن واري طاهر مصطفيٰ کي وساري ويهي رهيو پر نيلم جهڙين اکين وري نيلم جي به ڪڏهن ڪا ڪر ڪا نه لڏائين، جنهن جي اکين کي ڏسي ڪيس عجيب قسم جو سرور ملندو هو.

دراصل، طاهر وارن کي وساري ويهڻ جي پڻيان به باقاعده برجستا واقعا به ڪار فرما هئا. ائين نه هو ته ڪواها ويسر ڪا رڳو اتفاقي هئي. ٿيو هيئن هو جو ان وقت تازو تازو بنوري جي هڪڙي انجيئر پنهنجي ڏاڏي پوٽي زال کي طلاق ڏيئي ڪراچيءَ جي هڪڙي پناهگير چوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي ۽ اها ڳالهه ان وقت ڏاڍي ناخوشگوار ۽ معيوب پئي ڳڻي ويئي. تر جي ماڻهن ان عمل کي قطعي جائز ڪو نه ٿي سمجهيو. ڪنهن ڏاريئين عورت طرفان سنڌي عورت جي حق تي لڳل ڏاڙي کي ڪنهن به طرح جائز قبول ڪو نه ٿي ڪيو ويو. شايد انهيءَ پسمنظر جي ڪري به هارون پنهنجا هٿ ڍرا ڪري ڇڏيا هئا، ڇو ته هارون خود به مگيل هو. نه ته نيلم جون اکيون به ڪي وسارڻ جهڙيون هيون؟! ٻئي طرف نسرين کي به جڏهن اها ڄاڻ معلوم ٿي ته هارون جي اڳئي مگڻي ٿيل آهي، تڏهن هنن جي پانڌڻ ۾ به تڏاڻ اچي ويئي هئي.

اڄ، ٽيهن سالن کانپوءِ طاهر سان اوچتو ائين ملاقات هارون جي من ۾ مانڌاڻ مچائي ڇڏيو هو. چانهه پيئندي هو عجيب ڪيفيت مان گذري رهيو هو. ڇا مون کي وري طاهر جي دڪان تي وڃڻ گهرجي؟ هارون سوچيو. طاهر مون کي سڃاڻڻ کان ڇو انڪار ڪري ڇڏيو؟ ڇا واقعي به هن مون وانگر مون کي سڃاتو ئي ڪو نهي! پر ائين نٿو ٿي سگهي، ڇو ته طاهر جي جسماني بناوت ۾ ته حد کان وڌيڪ تبديلي اچي ويئي آهي، تنهن ڪري آئون ڪيس هڪدم ڪيس سڃاڻي ڪو نه سگهيس. پرمنهنجي قدبت ۽ آرڪاٽن ۾ دوستن جي چوڻ مطابق تمام گهٽ ڦيرو آيو آهي. پوءِ ڇو؟ ڇا واقعي هن مون کي ڪو نه سڃاتو آهي؟ ڇو ته ٽيهه سال تمام وڏو عرصو آهي. تڏهن اسين ٻئي اسڪولي ڇوڪرا هئاسين ۽ هينئر ٻنهي جون ڏاڙهيون ۽ مٿا اڇا ٿي چڪا آهن. پر ... پر...! هارون جي نڙيءَ ۾ ڪنڌا چيڻ لڳن ٿا. هو پاڻيءَ جو گلاس ڍڪ ساهيءَ ۾ پي ويو. سندس منهن تي پگهر جا موتي ظاهر ٿيڻ لڳا. پ.....پر هينئن به ته ٿي سگهي ٿو ته سندس سڃاڻڻ کان انڪار نسلي فسادن کان پوءِ جي پيدا ٿيل ماحول جو رد عمل هجي!؟ هارون کان چرڪ نڪري ويو. سندس ساهه منجهڻ لڳو. هو ٿڌو ساهه کڻي ڪرسيءَ جي ٽيڪ تي آهي پيو.

هارون جي ذهن تي 17 جنوري 1987ع تي شهيد فاضل راهو جي شهادت، 27 فيبروري 1987ع تي سندس چاليهي تي سنڌين جي اتحاد جو اعلان. 20 مئي 1988ع تي ٺهندڙ سنڌ قومي اتحاد ۽ تنهن کان هڪدم پوءِ سنڌي پناهگير جهيڙن جي شروعات. 30 سيپٽمبر وارو حيدرآباد وارو واقعو ۽ 1 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ سنڌين جي عام ڪوس کان ويندي فيبروري 1991ع ۾ ٽيل تازن سکر وارن واقعن جي فلم ڦري ويئي. ڪراچيءَ جي ڪارن ڏامر هاٽن روڊن تي سنڌي نياٽين جا ارهه ڪپيل اگهاڙا رت ۾ ٻڌل لاش. حيدرآباد جي منگهن وارين جاين جي اصل وارثن کي گولين جو نشانو بنائي سندن بيواهن ۽ يتيم نياٽين جي اگهاڙين ڇاتين تي خنجر جي نوڪ سان لکيل نسلي دهشتگرد تنظيم جا مونو گرام. عورتون، ٻار ٻڌا جيڪي ڪيمپن ۾ رليون ٽنگيو پنهنجي سترپوشي پيا ڪن. انهن جي بي گهر ٿيڻ وقت به وزيراعل سنڌي هو ۽ اڄ به وزيراعلیٰ سنڌي آهي، پر ڪنهن به وزيراعلیٰ وٽ ايتري قوت ڪانهي جو هو انهن بي گهر ٿيلن کي پنهنجا گهر موٽائي ڏيئي سهي! ڪيس ياد اچي ٿو ته دهشتگردن جون شڪار ٿيل سنڌي نياٽيون جڏهن وفد ڪري مخدوم صاحب طالب المولیٰ وٽ ويون هيون. تڏهن پاڻ اوچنگارون ڏيئي پار ڪڍي رنو هو. پر اڄ جڏهن تازو 22 فيبروري1991ع تي هالا ۾ وٽس نواز شريف هلي آيو. تڏهن هن انهن نياٽين جي ننگن عيوض رڳو پنهنجن پٽن لاءِ سينيٽر ۽ وزارت جي سيٽ ته حاصل ڪئي، پر ڪلئي آسمان هيٺ ويٺل انهن نياٽين جي ڳالهه ئي ڪا نه ڪيائين. هارون کان ٿڌو شوڪارو

نڪري وڃي ٿو. هارون کي ڏارين هٿان ماريل سوين سنڌين جي قتلام تي ته ڏک ٿئي ٿو پر هنن ٽيندڙ وڏيرڪين غدارين تي به ڪيس روئڻ اچي ٿو جيڪي جڏهن ڪڏهن ڏارين وٽ دلال ٿيو سڄي جي سڄي سنڌي قوم جو سودو ڪريو هڪ اڌ سيٽ وٺيو سموريءَ سنڌي قم جا هٿ پير وڍيو دشمن جي حوالي ڪريو ڇڏين.

هارون ٻي چانهه آڻڻ لاءِ چوي ٿو. چانهه پيئندي هو اجا تائين ڪو فيصلو ڪري ڪو نه سگهيو هو. هو طاهر جي دڪان تي وڃي يا نه "ڏريان ئي ڏاريا، مٽ مئيءَ جا نه ٿيا." مرشد لطيف جي انهيءَ سيٽ کي هو آيت جيتري اهميت ڏيندو آهي. پر مرشد لطيف هيئن به چيو آهي ته "دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين." هو سوچي ٿو ته آئون به هڪ قلمڪار آهيان. منهنجو به رشتو ناتو لطيف ۽ سندس ڏرتيءَ سان آهي. تنهن ڪري منهنجو قلم به نه رڳو پاڻ لاءِ پر دنيا جي سمورن انسانن جي پلائي لاءِ ڪتب اچڻ گهرجي. اهو منهنجو ايمان آهي. ها، آئون امن جو داعي آهيان. مون کي امن گهرجي، سڪون گهرجي. امن ۽ سڪون واري دنيا گهرجي. جت گل هجن، گلن جي واس ۾ واسيل ماحول هجي. ٿهڪڙا هجن، قرب هجي، ڪچهريون هجن، تعاون هجي، ٻانهن ٻيلي هجن. نفرت نه ڪپي. ڪروڌ نه ڪپي. جنگ تباهي آهي. جنگ نه ڪپي. جت چنگ وڄن، جت ڪنڌيون ڏين، جت ٻانهياريون جهومر هڻڻ. جت ساريون لين. جت انبن پچن، جت بهار هجي. جت هٿ هٿ ۾ هجي، سو ديس مسافر منهنجو ڙي!

هارون سوچيو ته مون کي اهڙن جذبن جو اظهار ڪرڻ گهرجي جن سان نفرتون مري وڃن، خليج ختم ٿي وڃي، دوري نزديڪ ٿي وڃي. ڏاريائپ پنهنجائپ ۾ تبديل ٿي وڃي. ميٽ محبت جنم وٺي. چاهتون چريون ٿين. مستيون ماڻا ڪن. جوانيون جهول پرين. ڳيروپنهنجن ننگن جا پرجهلا ٿين ۽ وٺيون پنهنجن وينجهارن جو اوسيئڙو ڪن. پر ساڳئي وقت ڪنهن بزدل کي ياڙيائي ڪرڻ جي اجازت نه هجي. ڪنهن دلال کي دلالي ڪرڻ جي جرئت نه ٿئي. پنهنجي ڏرتي ۽ قوم جو سودو نه ڪيو وڃي. قوم آهي، ڏرتي آهي ته، ته سڀ جذبا قائم. قوم جو وجود خطري ۾ ڏئي، ڏرتي داءُ تي لڳائي پوءِ ويهي امن جي مرلي وڄائجي، ڪيتري نه ڪلڻ هاب ڳالهه آهي! "سائينم سدائين ڪرين مٺي سنڌ سڪار دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين." لطيف به ائين چيو آهي. قلمڪار پنهنجي قوم جا نمائندا آهن. ليکڪ پنهنجي ڏرتيءَ سان سڃاتا وڃن ٿا. تنهن ڪري اها حيثيت بحال رکڻي پوندي. ان تي ڪا به سودي بازي ڪا نه ڪبي. پر ڇا موٽ به ساڳي ملندي؟ اهڙا امڪان ته ڪو نه ٿا ڏسجن. عمر جي خبر هجي ته پوءِ ڏنڌ ڏسي ڇا ڪبا!؟ پر پوءِ به امن لاءِ جاکوڙ جاري رکبي. جاکوڙ قلم جي، علم جي ۽ عمل جي جاکوڙ جاري رکبي.

هارون سوچي ٿو ته ٿي سگهي ٿو ته گذريل دور ۾ ٿيل وچوٽيءَ جا اسين ٻئي هڪ جيترا ذميوار هجون. اهي ميارون به ڏبيون وٺبيون. پر هيڪر ته ساٿس سڃاڻپ

ته ڪرائجي. ممڪن آهي ته هنن طويل دوريءَ منجهس سڪ پري ڇڏي هجي. ڏسجي ته سندس ردعمل ڪهڙو ٿو ٿئي. وري به ملڻ ۾ حرج ئي ڪهڙو آهي!

"ڪيئن سائين! بازار جا اڳهه معلوم ڪري ورتا." طاهر هارون کي پري کان ايندو ڏسي چيو.

"ها، اڳهه ته معلوم ڪيا اٿم پر...!"

"پر ڇا سائين! پڪ سان اسانجا اڳهه بازار کان گهٽ هوندا. ڏسو نه سائين جيڪڏهن اسين گراهڪ کي وڏيڪ اڳهه ٻڌائي دڪان تان لهڻ تي مجبور ڪنداسين ته پوءِ اهو گراهڪ ته اسان کان ويو نه سائين! اسين ايئن ڇو ڪريون؟ آخر اسين به واپار ڪنداسين تڏهن ئي ته دال روٽي ملندي نه....!" طاهر نج ڪروباري گفتگو ۾ زبان ايتري ته تيز ٿي هلائي جو هارون جا اصل تاڪ لڳي ويا. نيٺ تنگ ٿي سيٺ جي ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي چيائين:

"سيٺ صاحب! واپار ته ڪريون ٿا، پرهڪڙي ڳالهه ته ٻڌائجو. ڇا توهان ميٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول مان پاس ڪئي هئي؟"

سيٺ جو ڪاروباري لهجو ڍرو پئجي ويو. هن ٿورو غور سان هارون جي منهن ۾ نهاريندي چيو:

"ها. ڇو؟ ڪا خاص ڳالهه آهي ڇا؟"

"ڇا توهان جو نالو طاهر مصطفيٰ آهي؟" هارون ورائي پڇيس.

"ها ها. طاهر مصطفيٰ منهنجو ئي نالو آهي. ڇو خير ته آهي نه؟" سيٺ وراڻيو.

"توهان ڪنهن هارون کي سڃاڻو جيڪو توهان سان گڏ ساڳي بينچ تي ويهي پڙهندو هو؟"

هارون پڻ غور سان طاهر جي منهن ۾ نهاريو لڳو.

"اچا اچا!" طاهر پنهنجيون نگاهون هارون جي چهري تان هٽائي هيٺ جهڪائي ڇڏيون. سندس چهري تي سمجهه ۾ نه ايندڙ ريڪائون ظاهر ٿيڻ ۽ غائب ٿيڻ لڳيون. ڪيئن پل ائين گذري ويا. هارون جي دل جو دڙڪو تيز ٿي ويو. آخرڪار طاهر پاڻ کي جذبات جي

انڌو هاٿي، لشڪر جو زيان

سڪندر اعظم، عيسوي سن کان 723 ورهه اڳ سنڌ تي ڪاهه ڪئي، پر تنهن کان اڳ، پنجاب جي راجا پورس سان لڙيو. هن جي بهادري ڏسي، خوش ٿي، ڪيس پنجابه ملڪ واپس ڪيائين.

سڪندر جو لشڪر، گهوڙن تي هو پر راجا پورس جي لشڪر جو ڪجهه حصو هاٿين تي هو. جڏهن سڪندر جي لشڪر جا تير، پورس جي هاٿين کي لڳا، تڏهن کي انڌا ٿيا، کي زخمي ٿيا ۽ کي ڇرجي ڇتا ٿيا.

"پورس جا هاٿي، هزار ڪوششون ڪرڻ سان به غنيم جي طرف اصلي نٿي وڌيا، بلڪ الٽي پيرن، پنهنجي فوج کي چيپا ٿيندا ونئي ڀڳا"

اهڙي حالت کي ڏسي، ڪنهن ائين چيو.

مطلب: جڏهن ڪنهن شيءِ مان اهو ڪارج نه سري جو پهريائين سرندو هجي ۽ ان مان وري سڄي ڪارج سرڻ جي ڪوشش ڪجي ته فائدي بجاءِ، نقصان ٿيندو.

وهڪري ۾ وهلور جي وڃڻ کان روڪيندي چيو: "هارون! ڇا تو اڄا اسانکي ڪونہ وساريو آهي؟ مون تہ سمجهيو هو تہ تون هاڻ اسان کي ڪڏهن بہ ڪونہ سڃاڻيندين! پر، پر تنهنجي مهرباني جو تون اڄا اسان کي ياد رکيو اچين. مون تہ پهرين توکي سڃاتو هو پر تنهنجي اوپري رويي جي ڪري سمجهيم تہ شايد توتي بہ گذريل سالن ۾ شهرن ۾ ٽيندڙ هنگامن جو اثر ٿيو آهي، تنهن ڪري لاتعلقي پيو ظاهر ڪرين. ان ڪري مون بہ پاڻ کي روڪي رکيو. هونئن، هارون! توکي ڪير ٿو وساري سگهي يارا بس، دنياداريءَ جي اهڙي وٽ وٺان آهي، جو وقت ئي ڪونہ ٿو ملي ملڻ جوا ها، سچي، امان ۽ بابا بہ تو تي ڪاوڙيا ويٺا آهن. چون پيا تہ اهڙو ڪلال ٿيو جو بنهہ منهن ڏيکارڻ کان بہ ويو هليو.....!"

"پلا چاچا ۽ چاچي آهن تہ خوش نہ؟" هارون طاهر جي ڳالهہ اڌ ۾ ڪٽي پڇيو.

"ها ها، بلڪل ٺيڪ آهن. بابا ريٽائر ڪريو گهر ويٺو آهي. هڪڙو ياءُ انجنيئر آهي ۽ هڪڙو ڊاڪٽر آهي. وقت ڏاڍو سٺو پيو گذري."

"۽ .... ۽ ...نيلم!" هارون ڏاڍي مشڪل سان پڇي سگهيو.

"ها. نيلم ڊاڪٽرياڻي آهي. ڄامشوري ۾ نوڪري اٿس ۽ شام جو هيرآباد ۾ ڪلينڪ هلائيندي آهي."

"پر...!" طاهر جملو اڌ ۾ ڇڏي ڏنو.

"پر ڇا؟!" هارون اتاولي‌ءَ مان پڇيو.

"پر هن اڄا شادي ڪا نہ ڪئي آهي. سندس اڪيلائي ڪيس ۽ اسان سيني کي ڏاڍو ايذائيندي آهي. اڪيلائيءَ ۾ ويهي خبر ناهي هوءَ ڪنهن جي ياد ۾ ڪوئجي ويندي آهي. ائين ياسندو آهي جڻ ڪيس ڪنهن جو انتظار هجي. پر ڪنهن جو؟ سا خبر ڪانهي. هن ڪڏهن بہ ڪنهن سان اهڙو اظهار ڪونہ ڪيو آهي جو ڪا خبر پئجي سگهي."

ائين چوندي طاهر ڏاڍو اداس ٿي ويو.

هارون کي جيءَ ۾ وڏو پوڻ لڳا. ڪيس نيلم جون اڪيون اڳيان ڦري آيون، جيڪي،جڏهن موقعو ملندو هو تہ ڪيس گهوري ڏسنديون هيون. جڻ ڪانئس ڪو سوال پڇڻ چاهينديون هجن. جڻ سندس اکين ۾ پنهنجي لاءِ ڪو گوشو تلاش ڪنديون هجن. جڻ پاڻ اڙپڻ چاهينديون هجن. هارون ان وقت انهن معصوم جذبن کي سمجهي ڪونہ سگهيو هو ۽ اڄ جڏهن ڪيس احساس ٿيو هو تڏهن هن کان موقعو هٿان وڃي چڪو هو. هاڻي، هاڻي ڇا ٿي ٿي سگهيو!!

"ڇا چاچا، چاچيءَ ۽ نيلم سان ملي سگهجي ٿو!؟" هارون جڻ ڪوهہ مان ڳالهائيندي پڇيو.

"ها ها، ڇو نہ. بابا ۽ امان تہ گهر ئي هوندا آهن. باقي نيلم، ها نيلم بہ اڄ گهر هوندي، ڇو جو اڄ موڪل جو ڏينهن آهي." پوءِ طاهر ملازم کي سڏي چيو "تورو خيال رکجانءِ. اسين اچون ٿا."

ائين چئي، هارون جي ٻانهن ۾ هٿ وجهي چيائين، "هل تہ گهر هلون."

..........*

ڪائونٽر اٽيڪ

عزيز ڪينجهرائي

جتي ملهه مقرر ٿين ۽ ڏوهارين وارين علائقن ۾ ڊيوٽي حاصل ڪرڻ کي مال ملڪيت ٺاهڻ لاءِ گولڊن چانس جو تصور ذهنن ۾ هجي. اتي هر ڪو آسانيءَ سان اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ آخر انهن علائقن ۾ امن امان جي حالت ڇو نہ ٿي ٺيڪ ٿئي. هاڻي تہ گڙگ وڏيرن ۽ نام نهاد سياسي اڳواڻن پنهنجي پنهنجي پوئتي پيل علائقن ۾ پنهنجا پنهنجا قانون ۽ قاعدا ٺاهي ڇڏيا آهن. هونئن ڏٺو وڃي تہ ان ۾ سڄو سارو قصور اتي جي عوام جو ئي آهي، جيڪي جديد دنيا جي ايڪويهه صديءَ جي نازل ٿيڻ ڪانپوءِ بہ ذات پات ۽ ناجائزپيري مرشدي ۾ غرق ٿيل آهي. اهڙي ئي قسم جي صورتحال جو ذڪر هن ڪهاڻيءَ ۾ بہ پڙهندا.

احوال هڪ ماڻهو جو جنهن کي ڏيڍ لک روپين جي ضرورت هئي.

مهران ڪار کي ڪوارٽر ۾ رائين بيهاريائين جهڙوڪر ڪنهن ڏوهاريءَ کي لاڪپ ۾ بند ڪري رهيو هو. پوليس لائين ۾ ڊيوٽي ڪندي هن کي مهينو پورو ٿيو تہ پگهار وٺي قرضين کي سامهون ٿيو.

پوءِ روحانيت جي ضرورت هن کي بابا ڪرامت شاهہ قادريءَ جي درگاهہ تي وٺي آئي هئي. دعا ڪان واندو ٿي ڏيال ڏي نهاريائين، جنهن ۾ سڪن جي مٿان ڳاڙها ساوا نوٽ پکڙيا پيا هئا. پاڻ ڪيسي ۾ هٿ

وڃي ڏٺائين جيڪو ڪنهن بڪايل جي پيٽ وانگر خالي پيو هو. اٿڻ جي ڪيائين ته خليفي جون رنجايل اکيون هن کي "ڪوارٽر گارڊ" ڏانهن موڪلڻ لاءِ هٿ ڪڍيو بيٺيون هيون! صوبيدار علي اڪبر بارڪاٽي پوليس لائين ۾ ڊيوٽيءَ تي چڙهڻ واري ڏينهن کان وٺي روزانو اڳين نماز پير سخي صابر شاهه واري مسجد ۾ پڙهي پوءِ شام جو درگاهن جي زيارت لاءِ نڪري پوندو هو.

هن بابا قائم علي شاهه جي خاڪ سڄي منهن کي مکي وري مڇن کي وٽ ڏنو جيڪي اڃا تائين ٽاٽيدار پي لڳيون. پوءِ جڏهن سٽيي ٽاٽي لاءِ هن هٿ مٿي کنيا ته چورين، ڦرن ۽ قتلن جون اهي سڀ وارداتون، جيڪي هن صوبيدار ٿيڻ تائين ڪرايون هيون، سي چمڙن جيئن پَرَ پکيڙي هن جي ذهن تي ڦيرا ڏيڻ لڳيون هيون. ڊيوٽيءَ دوران جهوٽا ڪائي، ڪائي سمهي پيل سپاهيءَ جيئن هن جا هٿ ڊرڪي پيا، پر ناميدي هن جي ڊائريءَ ۾ ئي لکيل ڪو نه هئي! هن جو مجيجي يار وڏيرو سهراب خان ناظم چونڊيو ته سندس قسمت ڪرموڙي جاڳي پئي. هي تڪڙا، تڪڙا قدم ڪڍندو سڪپور جي ٽاٽي تي پهچي ويو. ايس ايچ او ته هي ٽي ويو پر جهڙو باهه جي وچ ۾ وڃي بيهي رهيو. ڏوهارين جا ٽولا سمنڊ جي لهرن جيئن اٿي رهيا هئا. ننڍين، ننڍين روڊن تي قبضو ڪري هاڻ قومي شاهه راهه ڏانهن پيشقدمي ڪري رهيا هئا.

آل پوليس اسٽيسن الرٽ...!

آل پوليس اسٽيشنس الرٽ...!!

اوورا... وائرليس جو گوڙ...!

گلستان شگرمل جي مئنيجر کان ڏينهن ڏٺي جو قومي شاهراهه تي ڦرجي واردت ٿي ته پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ ٽرٽلو مچي ويو..!

ڊي پي او جي ڪرسي لاٽونءَ جيئن ڦرڻ لڳي هئي. چو طرف پوليس موبائلن جا لامارا! ڏاڙيلن جا پيو سم نالي اڪري ديويءَ جي گهاٽن وٽن جي جهڳٽي ۾ پهتا ته سج لهي ويو. ٻات اوندهه. ديويءَ جا ڪنڌا جهڙا ڀالا! پوليس قومي شاهراهه کان سنڌو درياءَ تائين سڄو علائقو گهيري ۾ وٺي چڏيو هو. سڪپور جي ايس ايچ او صوبيدار علي اڪبر بارڪاٽي سڄي ڏينهن جي ڊڪ ڊوڙ ۽ چڙهن ڪانپوءِ رات جو وائرليس تي پيشقدميءَ جو مسيج ٻڌو ته لڳ ساهه چڏي ويس، سپاه اڳتي وڌيو پوءِ بيلٽ ڪولي ڪٽي ڪلهي تي رکيائين. ٽڪاوٽ، ذهني دباءُ، ڏاڙيل به جهڙا پوت، سمنڊ تان ايندڙ ٽڏڙي هير ڪمان جا نٽ بولٽ ڍلا ڪرڻ لڳي ته جمعدار رستم علي شيخ جيڪو ڪمان جون اکيون، ڪن ۽ دماغ هو سو راشن سان گڏ وات ون جو بوتلون ڪٽي پهچي ويو پوءِ رات روشن ٿي پئي ۽ ديويءَ جا ڪنڌا هٿي سپاه کي جاءِ ڏيئي رهيا هئا! ڪانٽي واهه تان ويندڙ ٽريڪٽر جهڙن سپاه جي ڪونگرن کان پوءِ جمعدار رستم علي شيخ جي- ٽري لوڊ ڪري سپاه تان پهرو ڏيڻ لڳو هو!

سج مٿي چڙهي آيو زمين ڪوسي ٿي ته ڪمان جي اک کلي پئي. جمعدار رستم علي جون ڳاڙهيون اکيون لا ائنڊ آرڊر کي مٿو ڏيو بيٺيون هيون.

سواري

هڪ ڏينهن وتايو فقير سفر تي ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. نهٽڻ اس ۽ گرميءَ جي ڪري پنڌ هلي هلي ٿڪجي پيو. آسمان ڏانهن منهن ڪري دعا گهريائين:

"اي مالڪ ڏاڍو ٿڪجي پيو آهيان. منزل به پري آهي. سفر لاءِ ڪاسواري ملي وڃي ته ڪيڏو نه سٺو ٿئي."

دعا گهرڻ کان پوءِ ٿورو رستو مس طئ ڪيائين ته سامهون هڪ پوليس واري جي گهوڙيءَ رستي ۾ هڪ ٻچي کي جنم ڏنو. وتائي تي نظر پوندي ئي پوليس واري کيس ڪڙڪيدار آواز ۾ چيو:

"فقير هيڏانهن اچ! هن گهوڙيءَ جي ٻچي کي کڻي اسان سان هل."

وتائي فقير ٿوري چون چان ڪئي ته پوليس واري کيس چهبڪ وهائي ڪڍيو. زور اڳيان زاري سو ويچاري وتائي گهوڙيءَ جو ٻچڙو کنيو ۽ سهڪندي سهڪندي ٽاٽي تي وڃي چڙهيائين. ٽاٽي کان ٻاهر نڪري نرڙ تان پگهر اگهي آسمان ڏانهن منهن ڪندي چيائين:

"مالڪ! مون چيو هو ته سواري ڏيار اهو ڪو نه چيو هئم ته سواري مون تي چاڙهه. پوليس واري جي ٻڌين ٿو پر پنهنجي فقير جي نٿو ٻڌين."

سپاهه جي پيشقدمي جاري ٿي ته ڌرتي تپي تامڙو ٿي ويئي. ماڻهو ڪم ڪاريون بند ڪري گهرن جي حوالي ٿي ويا. پوليس فورس جي فولادي هٿن ۽ ناظمن جي اڳواڻيءَ هيٺ سوين ڳوناڻن جي ڳولا ڪانپوءِ جڏهن ڏاڙيلن جو پاڇو به ڏسڻ ۾ نه آيو ته پوليس فورس جي واپسي شروع ٿي ويئي. ڏاڙيل جهڙو زمين ۾ ٽپي ڏيئي گم ٿي ويا هئا.

ڪمان جو ڳرو بار ڪلهن تان لهڻ کان پوءِ سڪپور جو ايس ايچ او صوبيدار علي اڪبر بارڪاٽي چوٽين پيگ کان پوءِ جڏهن پونت ۾ آيو ته وڏي منشي علي خان سولنگي متفرقه ڪاتن جو رجسٽر آڻي هن جي اڳيان رکيو.

هو حساب ڪرڻ لڳو.

ڪل پنجاهه هزار... بس!

هن جا چار ئي پيگ چٽ ٿي ويا...!

وڏي منشيءَ ۾ اکيو ڪپي ويس!

سر! ٻڌي جا ڏينهن آهن ماڻهو پيٽ ۾ جهليا پيا آهن!

وڏا منشي! ماڻهن جو درد چڏ، پنهنجي پيٽ تي سوچ! گذريل ڏهن ڏينهن کان سڄو عملو وٽ پڪڙ ۾ لڳو آهي، تڏهن وڃي پنجاهه هزار ٿهيا آهن...!

وڏي منشي صفائي پيش ڪئي ته هو اصل پڙڳ ٿي ويو!

ٽاٽو ائين نه هلندو....!!

مون کي ڪنهن به حالت ۾ ڏيڍ لک رپيا پهرين تاريخ تي مٿي پهچائڻا آهن!

اڄ اناويهين تاريخ رجسٽر ڪڍي اچي منهنجي مٿي ۾ هنيو اٿئي...!

ڪجهه ڏينهن اڳ ته واقف ڪرين ها!

سر به ڏينهن ڦر واري آپريشن ۾ هليا ويا!

وڏي مشي رجسٽر بند ڪري هٿ ۾ کنيو صوبيدار علي اڪبر بارڪاٽي جي

ذهن ۾ پوليس لائين وارا ڏينهن ڦرڻ لڳا.

وڏو منشي اٿيو ته صوبيدر علي اڪبر جون "رنجايل اڪيون" بابا ڪرامت شاهه جي خليفي جيئن هن کي بد دعا ڏيئي رهيون هيون!

نااهل ماڻهو ٽريو پلو...! هن دل ۾ چيو.

سڄو ٽاٽو هٽ ۾ اٽس پوءِ به جهڙو پرائمري ماسٽر!

پلا جمعه خان مڪراني! نوڪري پلي تون ڪر. هُن جا عملدار اصل عيش پيا ڪندا هئا. جنهنجي ڪسي تي نظر پوندي هيس ته نوٽ ڪبوترن جيئن ڦڙڪو ڏيئي ٻاهر نڪري ايندا هئا!

اڄ جا هي ڪاليجي ڇورا، نه وڙهڻ جا نه نهڻ جا!

اهيو سُڌا تورو علي خان سولنگي وڏو منشي نه وري پگهار تي پيٽ پاڙيو پوندو...!

"پوليس لائين "وارن ڏينهن کي ياد ڪري" ٽهيءَ ۾ پئجي ويو. پوءِ جڏهن وڏيرو سهراب خان سلام ڪري اندر گهڙي آيو ته صوبيدار علي اڪبر ٽاپڙي، ميز کي هٽ وجهي اٿي هن کي ٻاڪر پائي زور ڏيڻ لڳو.

هن جي اڳيان پيگ رکي پليڪار ڪرڻ لڳو.

جمعدار رستم علي شيخ نان، تڪا ۽ ڪبابن جو ٿيلهيون آڻي ٽيبل تي رکيون. هاڻ سيئي پيگ جاڳي پيا هئا!

پيٽ جي آڳ اجهائڻ کان پوءِ هن وڏيري سان هڪ لک رپين جي ٽڪڙي ضرورت جي ڳالهه ڇيڙي، هو ڳوڙهي سوچ ۾ هليو ويو. رقم ايڏي وڏي ڪونه هئي پر اليڪشن هُن کي رت جي ڏرن تي ويهاري ڇڏيو هو!

شرمساريءَ کان ڪنڌ هيٺ ڪري ميز تي ليڪا ڪيڙڻ لڳو!

ٽن ڏينهن اندر هڪ لک رپيا وڏو مسئلو هئا...!

هن جي ذهن تي گلستان شگرمل جي مئنيجر کان ڇهه لک رپيا ڦر واري رقم تري آئي!

لوٽا هٽي صوبيدار علي اڪبر کي ويجهو تي سرهاڻ ۾ ڳالهه ڇيڙيائين!

صوبيدار بارڪاٽي جي چهري تي رونق مارچ ڪرڻ لڳي! ڏاڙيل پنج هئا، جن مان ٽن جي ته ڪا به جاڻ ڪونهي، باقي ٻن تائين رسائي تي سگهي تي!

صوبيدار بارڪاٽي ڪنهن هوشيار شاگرد وانگر اڪيون ڦاڙي وڏيري سهراب خان ۾ نهارڻ لڳو!

جمعدار رستم علي اصل پنڊ پهڻ تي ويو هو! هي وڏيري جي ڳالهه کي ۽ خود وڏيري کي تورڻ ۽ تڪڻ لڳو!

صوبيدار علي اڪبر! تون به پوليس عملدار آهين!

اهي به ڏاڙيل کي فارمي ڪڪڙ ڪونه آهن جن کي ڪنين کان جهلي ڪٽي ايندا سين...!

ان ڪم لاءِ لاڳاپا، پچ ڊڪ، مقابلو وڏي ڳالهه ته چوطرف جون لالچي نظرون...!!

انهيءَ لاءِ ته هفتا بلڪ مهينا ڪپن؟

صوبيدار بارڪاٽي ڳالهه ڪري وڏيري ۾ نهاريو!

ڳالهه هفتن مهينن جي ناهي!

اصل ڳالهه آهي رقم بنا ڪنهن رڪاوٽ جي پنهنجي هٿن ۾ پهچڻ جي!

جي رقم سرڪاري پراپرتي ٿي وڃي، ته پوءِ.....

ڪتو به ڪاڏو ڪک نه ڀري...!

فائدو ڪهڙو...!

صوبيدار بارڪاٽي ۽ جمعدار رستم علي وڏيري جي ڳجهه جهڙي تيز نظر تي اچرج ۾ پئجي ويا هئا...!

باقي جيستائين ڏينهن جو حساب آهي ته سڄو ڪم وڌ ۾ وڌ ٻه ڏينهن...

وڏيري سهراب خان جي لاڳاپن جي سڄي جهان کي خبر هئي، جيڪي ڪوئي جي ڏر وانگر سمگلرن جي لانچن کان ٿيندا، منسٽرن جي ڪرسين وٽان گذري ٻيلن ۾ رهندڙ ڏاڙيلن تائين وڃي ٿي پهتا!

هن ٻن ڏينهن جي ڳالهه ڪئي پوءِ صوبيدار بارڪاٽيءَ کي جهڙوڪر نئين حياتي ملي وئي هئي.

ڳالهين جي وڍ ڪٽ ڪانپوءِ جڏهن جمعدار رستم علي ٻلو ٻلي سان ملائي، سڀ ڪڙيون ڳنڍي ڪم کي پڪو ڪيو ته سهراب خان جا ٻتيهه ئي ڏند تڙي پيا!

فوجي کي چريا ڪونهي جو جمعدار کي استاد سڏيندا آهن. وڏيري جمعدار رستم علي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

وڏيرا سهراب خان! اسين هنن کي وڏو چوندا آهيون جنهن جو مطلب آهي "وڏو استاد".

ٿئي ٽهڪ ڏيئي ڪلڻ لڳا...!!

وڏيري واري التوڪار يوسف لکيءَ کي ڪٽي آئي ته ٺڪ پور جو ايس ايچ او صوبيدار علي اڪبر بارڪاٽي پوليس فورس جا سڀ پروٽوڪول ٽڏي هن کي ڀاڪر پائي ائين زور ڏيئي رهيو هو جهڙو ڪر هن جي وڇڙي ويل ڀاءُ!

پوءِ جڏهن وڏيري سهراب خان ڊيگهه ويل ڇڏي هن کي سٽئين سڏي ڳالهه ٻڌائي هو سڄو ڇونڪارجي ويو.

پٽڪي جا ور آهستي، آهستي ٿي کلي وڃي ڪلهي تي پهتا هئس. وڏيري سهراب خان هن جو اجهو هو جڏهن به هن لاءِ زمين تنگ ٿيندي هئي هن وٽ وڃي پناهه وٺندو هو. اڄ وڏيري کي هن جي ضرورت هئي. يوسف لکي سوچي، سوچي پوءِ وڏيري سهراب خان سان ڳالهايو. اڳتي ڪير ڪنهن تي اعتبار ڪندو...!

يوسف لکي ڪنڌ هٽ رکي سمجهائڻ لڳو. يوسف لکي آئون اڳ ۾ تنهنجو ابو آهيان پر هاڻ سرڪار به تو سان گڏ هوندي، هن صوبيدار علي اڪبر ڏانهن اشارو ڪندي چيو! ڳالهه سمجهڻ کان پوءِ يوسف لکي هٽ ٻڌي بيهي رهيو. اڃا سنجهو هو ته ڏاڙيل اصغر ملاح يوسف لکيءَ جي ٻيلي واريءَ ڪچي اوطاق تي پهچي ويو.

هن گولين جو ٿيلهو ڪلهي مان لاهي ڪٽ جي سري وٽ رکيو جي-ٽري پاسي ۾ رکي ليٽي پيو. پوءِ ڏاڙيل خادم حسين قمبراڻي يوسف لکي سان گڏ پٽ تي ويهي، گولين جو پٽو کولي، ڪليشن سر پاسي رکي، سگريٽ دکائي سوٽا هڻڻ لڳو.

گلاسن جي ڇڻڪار سان بوتلون کليون، يوسف لکي بہ ٽين پيگ تائين ڪمپني ڪندو رهيو.

ماني آئي تہ يوسف ٽوال ڪلهي تي رکي گلاس پاڻيءَ جو هٿ ۾ جهلي خدمت لاءِ بيهي رهيو هو. پيٽ جي پوڄا کان پوءِ مهمان هٿ ڌوئي ڪتن تي ليٽيا، يوسف لکي ٽانءُ ڪٽي ٻاهر هليو ويو. دل کي ڏڍ ڏيئي موبائيل تي ڳالهايائين. تيستائين ٻئي ڏاڙيل تڙپي، تڙپي ڳاڙهاڻ مان پيلا ٿي ويا. التو ڪار اچي بيٺي، صوبيدار رستم علي جي ڪليشن فائر پوزيشن ۾ هئي. وڏيري سهراب خان جي پهچڻ تائين جمعدار رستم علي هٿيارن ۽ گولين تي قبضو ڪري چڪو هو. صوبيدار علي اڪبر ٻنهي ڏاڙيلن جي ڪيسن مان رقم ڪڍي تہ ڪنهن سڏاتوري ٻار وانگر ننڍ ۾ پيا هئا! هڪ لک سٺ هزار رپيا.....

رقم جي ورهاست ۾ وڏيري سهراب خان کي جڏهن وڏن نوٽن جي ٿهي ملي تہ هن جون مڇون ريلوائي جي سگنل وانگر کڙيون ٿي بيهي رهيون هيون. يوسف لکي هن ڪاروبار ۾ نئون آيو هو. ان ڪري سندس اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا.

ڏاڙيلن جا لاش اوطاق مان ڪڍي ٽانيڪا ڪيا ويا. پوءِ هئا گولين جا ڏڏڪا!

ٽانڊن جا اُماڙ هئا جي مٿي وڃي وري ڪيلن ۾ ڪري پڪڙي ٿي ويا! فجر جي ٻانگ پوري ٿيڻ تي هئي تہ باز جي سوڙهہ وانگر گولي رون ڪري ملان جي مٿان هلي ويئي، هو ڪلمو پڙي هيٺ ويهي رهيو!

اڳهہ پئي بازار تہ بني بہ جوار

چون ٿا تہ ميرن جي وقت ۾ هڪ دفعي جڏهن ڏڪار پيو تڏهن اُن تمام گهڻو مهانگو ٿي ويو. اڳهہ ايتري قدر تہ چوٽ چڙهي ويا، جو سون برابر بہ آن نٿي مليو.

هڪ ڪڙميءَوٽ گندي، بنيءَ (مڪئي) جي ڀريل هئي. ڪنهن پاڙي واري چيس تہ "ادا، ڪهڙي اڳهہ ڏيندين؟"

چيائين، "هيتري ڪم هيتري مڻ."

پاڙيسريءَ چيس تہ "ادا، اهو اڳهہ تہ جوئر جو بہ ڪنهن ڪڏهن نہ ورتو آهي، تون وري نئينءَ مان پنهنجا اڳهہ ويٺو ٿاهين؟"

تنهن تي مڪئيءَ جي مالڪ ائين چيو.

مطلب: جڏهن ڪنهن شيءِ جي قلت هوندي آهي، ۽ ڪاپو زياده هوندو آهي، تڏهن ائين چئبو آهي.

پوليس موبائيل سرڻ وانگر لامارو ڏيئي گذري ويئي!

ڪائونٽر اٽيڪ جي ڪمان سڪپور جو ايس ايچ او علي اڪبر بارڪاٽي ڪري رهيو هو.

پوليس سڄي علائقي کي ڪڙو چاڙهي پيشقدمي ڪري رهي هئي.

سپاهہ جي گولين، تر جي هڪ ننڍي زميندار جي ڪيلن جي باغ جي ايڪڙ سوا جي اصل صفايو ڪري ڇڏيو هو.

ڪيلن جا ٽتل ٽڙ ڏاڙيلن جي پڙ ۾ ٽيل لاشن مٿان ائين وري ويا هئا، جهڙو پوليس فورس جي ڪائونٽر اٽيڪ آڏو هٿ ڏيو بيٺا هئا!

..........*

واچوڙي منجهه تڪنڊو

نرتن نوشاد

ماءُ،پيءُ ۽ ڏيءُ جي وچ ۾ محبتن،نارائضگين ۽ نفرتن جي ڪٿا. ماءُ جيڪا پنهنجي مڙس جي ڊگهي بيوفائي جي ڪري ڏيءُ سان اٿوٽ محبت ڪري ٿي ۽ ان ڪاڻ هوءَ پنهنجي ڏيءُ کي ڪنهن کي به سونپڻ لاءِ تيار ناهي. نه هن کي زمانن جي طعنن ۽ مڙس جي تڪليفن جي پرواه آهي ۽ نه وري ڏيءُ جي فڪرن ۽ امنگن جو احساس. ڏيءُ پنهنجي وڌندڙ عمر ۽ چڙي اڪيلي واري زندگيءَ کان بيزار آهي ۽ پيءُ سان محبت ۽ ماءُ سان نفرت ڪري ٿي. هوڏانهن پيءُ آهي جيڪو پنهنجي مال ملڪيت پنهنجي پياري زال جي حوالي ڪري پاڻ سندس آڏو بيوس بڻيل آهي. هيءُ زال کان خفاءِ ڏيءُ جي مستقبل کان پريشان آهي. جڏهن هڪ ئي خاندان جا سيئي ڀاتي هڪ ٻئي سان ضد ڪيو بيٺا هجن ۽ پنهنجي پنهنجي هوڏ تي قائم هجن ته ان گهر جي ڪهڙي صورتحال وجي ٿيندي ان جو هر ڪو ماڻهو اندازو لڳائي سگهي ٿو. پيچيدگين ۽ نفسياتي مسئلن تي مشتمل ڪهاڻي.

ماءُ،پيءُ ۽ ڏيءُ تي مشتمل تڪنڊي بابت هڪ منفرد ڪهاڻي.



شريف ٽيهن سالن کان پوءِ پنهنجي ملڪ ڏي واپس وريو هو. هن ان عرصي دوران ڪڏهن به گهر جو رخ نه ڪيو. هن جو پنهنجي زال ۽ ڏيءُ سان رابطو صرف فونن ذريعي ممڪن بڻجي سگهيو. ٽيهن سالن کان پوءِ پنهنجي ملڪ ڏي واپس وريو هو. هن ان عرصي دوران ڪڏهن به گهر جو رخ نه ڪيو. هن جو پنهنجي زال ۽ ڏيءُ سان رابطو صرف فونن ذريعي ممڪن بڻجي سگهيو. پرڏيهه ۾ هن تي پئسو ڪمائڻ جو جنون طاري رهيو. ان جنون ۾ هن نه رڳو پنهنجي جواني ۽ خاندان کي وساري ڇڏيو، پر سچ پچو ته خدا کي به اصل وساري ڇڏيو هئائين! ڪمائي ڪمائي جڏهن سندس دل ڪتي ٿي

پئي ۽ جسم ۾ اڳ جيان سگهه نہ هجڻ کي محسوس ڪيائين تہ واپسي جو فيصلو ڪري ورتائين. هن کي پنهنجي زال ۽ ڌيءَ ياد آئي، جن کي هو اڪيلو ڇڏي پرڏيهہ اُسهيو هو. وقت جي ان وهڪري ۾ سندس زال ۽ ڌيءَ ڪيئن زندگي گهاري هوندي، ان جو هن کي شايد احساس نہ رهيو هو.

رات جي پوئين پهر ۾، ايئرپورٽ تي لهندي، هن کي هوا ۾ هڪ عجيب قسم جو ڇهاءُ محسوس ٿيو. زمين تي قدم رکندي هن کي خوشي ٿي رهي هئي. هو پنهنجي زال ۽ ڌيءَ سان ملڻ لاءِ بي قرار هو. هن ايئرپورٽ تي ماڻهن جي انبوهہ ۾ پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي متلاشي اکين سان ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس نظرون پنهنجي پراڻي تصوير تي پيون. هڪ جوان ڇوڪري ان تصوير کي هيڏانهن هوڏانهن ڪندي چؤطرف ڏسي رهي هئي. اها سندس ڌيءَ سعيده هئي، جيڪا ماءُ سان گڏجي هن کي رسيوُ ڪرڻ لاءِ اتي پهتي هئي. هنن وٽ هڪ اهڙي شخص جو فوٽو هو، جيڪو ڪانئن ٿيهہ ورهيہ اڳ گم ٿي ويو. پنهنجو هوندي بہ اجنبي بڻجي ويو هو. شريف جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيا. هو تيز وڪون ڪڍندي پنهنجي زال جي ويجهو آيو، ڪيس سيني سان لڳايو ۽ چميون ڏيڻ لڳو. هو پنهنجي وس ۾ نہ هو.

"راڻي مان تنهنجو شريف آهيان،" شريف ڪيس ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو،"اهو شريف جيڪو توهان کي اڪيلو ڇڏي هليو ويو هو. مان تنهنجو ڏوهاري آهيان. راڻي، تون منهنجي آهين! ۽ صرف منهنجي آهين!". هن ٻارڙن جيان روئڻ شروع ڪيو. هن جي پاسي ۾ بيٺل سعيده بہ پنهنجي جذبن تي ڪنٽرول نہ ڪري سگهي ۽ "بابا" چئي پيءُ سان چنبڙي پئي. ننهي جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها هئا.

"راڻي،" شريف ماڻهن جي ميڙ مان نڪرندي ايئرپورٽ کان ٻاهر طرف ايندي چوڻ لڳو، "مون کي احساس ٿي رهيو آهي تہ پيسي ڪمائڻ جي چڪر ۾ سڀ ڪجهہ وساري ويٺس. منهنجو اصل سرمايو تون ۽ سعيده آهيو!" هن اهو چئي سعيده کي ٻيهر پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري ويٺو. هن سعيده کي بہ ڳل تي مني ڏيئي ورتي.

"چڱو، باقي ڳالهيون گهر ڪنداسين،" راڻيءَ اکين مان وهندڙ خوشيءَ جي ڳوڙهن کي اگهندي چيو، "رات ڪافي گذري چڪي آهي. ذهن تي زور نہ وجهہ. اسان کي خوشي آهي تہ هيتري عرصي کان پوءِ تون اسان وٽ واپس پهتو آهين. اسان کي نہ وساريو اٿئي. اسان کلهہ بہ تنهنجا هئاسون ۽ اڄ بہ تنهنجا آهيون!" راڻي پنهنجن وهندڙ ڳوڙهن تي ضابطو آڻي نہ سگهي ۽ هوءَ شريف جي سيني ۾ چهرو لڪائي روئڻ لڳي. سعيده جي اکين ۾ بہ ڳوڙها تري آيا.

سعيده گاڏي جي ڊرائيونگ ڪندي گهر پهتي.شريف ۽ راڻي پوئين سيٽ تي گڏ ويهي رهيا هئا. گهر پهچندي هن گاڏي جو هارن وڄايو. چوڪيدار بندوق سنڀالي گيٽ جي دروازو کوليو. گاڏي گهر ۾ اندر داخل ٿي ۽ لان جي پاسي ۾ بيهاري وئي.

"راڻي، هيءُ پنهنجو عاليشان گهر آهي!" شريف وڏي ايراضي تي پکڙيل عاليشان بنگلي کي حيرت مان تڪيندي

وراڻيو. "تو واقعي هڪ زبردست محل تعمير ڪرايو آهي."

"هيءُ بنگلو تعمير ڪرائڻ،" راڻيءَ ورندي ڏني،"منهنجي هڪ خواب جي تڪميل هئي. اها منهنجي وڏي خواهش هئي، جيڪا تنهنجي موڪليل رقم جي ڪري ممڪن ٿي سگهي." سعيده مسڪرائڻ لڳي. "چوڪيدار" شريف بندوق جهليل پوڙهي شخص ڏي نهاريندي پڇيو، "تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"سر، ورايو خان" چوڪيدار ادب مان وراڻيو.

"ان نالي جو ڇا مطلب آهي؟"

"سر، مون کي خبر ناهي."

"توکي پنهنجي نالي جي معنيٰ جي به خبر ناهي!" شريف عجب ڪائيندي چيو،"سڄي ڄمار ائين ئي گذاري ڇڏيئي؟ ڀلا، تنهنجو پيءُ ڇا ڪندو هو؟"

"سائين، اهو به چوڪيدار هو." ورايو خان جواب ڏنو.

"معنيٰ ته هن ملڪ ۾ چوڪيدار جو پٽ چوڪيدار ۽ ينگي جو پٽ ينگي! ملڪ سڌريو ڪو نه! اڳتي وڃڻ جي بجاءِ پوئتي پيو وڃي!" شريف وڏي آواز ۾ ڳالهايو. چوڪيدار خاموش رهيو.

شريف، راڻي ۽ سعيده گهر ۾ اندر داخل ٿيا.

........*

سياري جي ان ٿڌي رات جي پوئين پهر ۾ شريف سمهڻ جي پوشاڪ پهري، بستري تي ليٽي، سگريٽ ڪائي، يادن جي وادين ۾ اڪيلو گم ٿيڻ لڳو. هن کي ياد آيو ته جڏهن راڻي کي آخري ڀيرو الوداع ڪري ملڪ ڇڏيو هو، تڏهن هوءَ ڪيڏي نه حسين، سمارت ۽ جوان هئي! وقت جي وهڪري هن کي سندس جيان برش سان اڇو ڪري ڇڏيو هو. چمڙيءَ کي ڊرو ۽ ڪهرو ڪري وڌو هو. جسم ۾ اها اڳ واري سگهه ۽ قوت به نه رهي هئي. ادائن ۽ هلت چلت ۾ به اها شوخي، رواني ۽ حرارت نه هئي. وقت هر شيءِ کي بدلايو ڇڏي. ڪلهه سعديه ٻن ورهين جي مس هئي ۽ هاڻي هوءَ قد ۾ سندن برابر هئي!

"ننڊ نه پئي اچي ڇا؟" راڻي ڪمري ۾ داخل ٿيندي هن کان پڇيو، "لڳي ٿو ته ڪنهن وڏي سوچ ۾ ٻڏل آهيو؟" راڻي سندس پاسي ۾ بستري تي ليٽي پئي.

"سوچيان پيو ته راڻي،" شريف هن ڏي متوجهه ٿيندي وراڻيو، "وقت ڪيڏو نه تيزي سان ڊوڙي رهيو آهي. زندگي محض اک ڇنب آهي. وقت جا ڪانٽا هڪ ئي يڪسان رفتار سان اڳتي هلن ٿا، تان جو هڪ وقت اهڙو اچي ٿو جو انسان محسوس ڪري ٿو ته سندس سوچ جي مقابلي ۾ وقت ڪئي گنا تيز آهي... نه ڄاڻ ڇو اهو خواب محسوس ٿي رهيو اٿم ته ڪالهه هتي هئس ۽ هاڻي واپس اتي ئي آهيان. فرق ڇا ٿيو؟ صرف وقت جي اڳتي وڌي وڃڻ جو!... انسان به ضرور وڏي ٿو ۽ اڳتي وڃي ٿو پر ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته آخر ۾ انسان ئي خسارو ڏسي ٿو."

"واقعي سچ ٿو چوين؟" راڻي سندس تائيد ڪندي چيو، "ڪلهه تائين تون يونيورسٽي ۾ آرڪيٽيڪٽ انجنيئر بڻجڻ واسطي ڏينهن رات مسلسل جدوجهد ڪري رهيو هئين. ڊگري وٺڻ کان پوءِ روزگار جي تلاش ۾ ڀٽڪندو رهين. آخر تو هڪ ڏينهن

پئسي ڪمائڻ لاءِ ملڪ ڇڏيو... سچ پچين تہ هاڻي اها ڪلهوڪي ڪهاڻي لڳي رهي آهي."

"راڻي،" شريف سگريٽ جو ڪش هڻندي چيو، "پر ان عرصي دوران مون کي هڪ شيءِ ضرور حاصل ٿي. پئسو. پئسي ڪانسواءِ ڪجهہ بہ ناهي. اڄ مون وٽ گهر آهي، گاڏي آهي ۽ گهر هلائڻ لاءِ بئنڪ بئلينس آهي. مان هر خواب جي تڪميل ڪري سگهان ٿو. منهنجا ايندڙ ڏهہ نسل بہ زندگي بغير ڪمائڻ جي سڪون سان گهاري سگهن ٿا. ها، پر انهيءَ حاصلات ۾ مون کي قرباني ڏيڻي پئي. جسم جي طاقت ختم ٿي وئي. جواني لٽائي ڇڏيم. زال ۽ ڌيءَ کي پاڻ وانگر تنها ڪري ورتم."

"شريف،" راڻي سندس اکين ۾ نهاريندي سنجيدگيءَ سان وراڻيو، "پئسي حاصل ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي ايترو هيٺ نہ وڃڻ گهرجي. هر شيءِ جي هڪ حد تعين آهي. هر انسان ٽن شين لاءِ جاکوڙ ڪري ٿو. هڪ پيٽ، ٻيو پيٽ ڪان هيٺ ۽ ٽيون سک ۽ آسائش. هر شيءِ جو هڪ پيمانو آهي. هڪ ليول آهي، جنهن ڪان هيٺ يا مٿي وڃڻ خطرناڪ آهي. ان ۾ نتيجو آخرڪار پڇتاءُ ۽ پشيماني ڪان سواءِ ڪجهہ بہ ناهي. تو پئسو تہ ڪمايو پر پنهنجو آرام وڃايو ۽ خاندان واري زندگي جو لطف نہ ورتو. جڏهن انسان هر شيءِ کي توازن ۽ بئلنس ۾ رکي تہ پوءِ انسان جا سڀ مسئلا سڪون ۽ آرام سان حل ٿي سگهن ٿا."

"ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي،" شريف ڪيس قائل ڪندي وراڻيو، "تہ تون صحيح چئي رهي آهين. پر ماڻهو معاشري ۽ ماحول جي پيداوار آهي. ان غير متوازن سماج ۾ هڪ چڱو ڀلو ماڻهو بہ غيرمتوازن ٿيو وڃي. مون کي بہ ان ڳالهہ جو احساس آهي تہ مان بہ ان معاشري جو عڪس بڻيس. پئسو سڀ ڪجهہ تہ آهي، پر هرمسئلي جو حل بہ ناهي. انسان کي پئسي جي بدران رشتن ناتن کي سگهارو ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڌيان ڏيڻ گهرجي."

"پوءِ ڀلا هاڻي سمجهي؟" راڻي موضوع تان ڌيان هٽائيندي چيو، "اڄا ڪافي وقت پيو آهي. زندگي جون ڳالهيون هلنديون رهنديون. بس، هاڻي سمهي پئ."

راڻي بلب وسائي ڇڏيو. ڪمري اندر اونداهي ڦهلجي ويو. ننڍ شريف ڪان ڪافي پري هئي. هو اڄا بہ سوچن جي ڀنور ۾ ڦاٿل هو.

"راڻي!" شريف اونداهہ ۾ پڇڪيو، "هڪ ڳالهہ ڪريان؟"

"چئ!" راڻي ورندي ڏني.

"ٻڌ!" شريف اصرار ڪندي چيو، "اکيون کول. مون کي توسان هڪ اقرار ڪرڻو آهي؟"

راڻي اکيون کولي ڇڏيون. هوءَ شريف ڏي متوجهہ ٿي.

"چئو جان، ڇا ڳالهہ آهي؟" راڻي حيرت مان پڇي ورتو.

"راڻي،" شريف ڌيمي آواز ۾ ڳالهايو، "مون ۾ اها اڳ واري جنسي طاقت نہ رهي آهي!"

راڻيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. هوءَ ٿوري دير لاءِ خاموش رهي. شريف سگريٽ جي رهجي ويل ٽڪري کي ايش ٽري ۾ ڦٽو ڪيو. "ڏس، شريف،" راڻيءَ موت

ڏني،"تو مون سان عشق ۾ شادي ڪئي. منهنجي خاطر پنهنجي ماروت جي رشتي کي به ٺڪرايو. ماءُ پيءُ جي هڪ به نه ٻڌي. مون به توسان زندگي جي آخري پل تائين ساٿ نيائڻ جو قسم کاڌو هو..... شادي کانپوءِ تو مون سان چار سال گڏ گذاريا. جواني جي ڳالهه ٻي هوندي آهي ۽ پوڙهائپ جي ٻي تقاضا. مون نه اڳ ڪا اهڙي گهر ڪئي ۽ نه ئي هاڻي ان شيءِ لاءِ تو تي زور وجهندس. هينئر پاڻ وٽ هڪ ئي سرمايو آهي. سعيده. مان صرف ان جي باري ۾ ئي سوچيندي آهيان... تنهنجي راڻي اڳ به پاڪدامن هئي ۽ هاڻي به اها ساڳي آهي. هوءَ هر وقت صرف تنهنجي ۽ تنهنجي آهي... مون کي خوشي آهي ته تون زنده آهين. منهنجي پاسي ۾ آهين. ڪا بي وفائي نه ڪئي. ڪنهن ٻي عورت سان پرڏيهه ۾ پرٽو نه ڪيو. مون کي ئي پنهنجو سمجهيو ۽ محسوس ڪيو!... بس."

شريف پنهنجي زال جون اهي وفا شماري واريون ڳالهيون ٻڌي ڪري ڪيس پاڪر ۾ ڀري ورتو. ڪيس مٺيون ڏنيون. راڻي اکيون بند ڪري شريف جي سيني سان چنبڙجي سمهي رهي. هو اجا سوچن جي لهر ۾ هو. هن جا والدين ڪيئي سال اڳ مري چڪا هئا. هن کي هڪ پيڻ ئي هئي، جيڪا روڊ ايڪسيڊنٽ ۾ فوت ٿي،جڏهن هوءَ ڪاليج مان پڙهي گهر ڏانهن موٽي رهي هئي. اهو قصو هن جي پرڏيهه روانگي کان اڳ جو هو. دنيا ۾ سندس واحد سهارو راڻي ۽ سعيده هئي، جن کي به هو صحيح وقت ڏيئي نه سگهيو هو. هن جي زال هن سان سچي، وفا شعار ۽ رفيق حيات هئي. هن سندس غير موجودگي ۾ ڪڏهن به غلط راهه کي پنهنجو نه ڪيو... شريف پوءِ گهري ننڊ ۾ سمهي رهيو. ننڊ ۾ هو زور زور سان ڪونگهرا هڻڻ لڳو.

..........*

شريف ننڊ مان جاڳيو ته ڏينهن جا يارنهن وڳا هئا. هن پهرين پنهنجا ڏند برش ڪيا ۽ شيو ڪئي. راڻي ڪمري ۾ گهڙي بستري کي درست ڪيو.

هن جي بيگ مان ڪپڙا ڪڍيا ۽ استري ڪرڻ لاءِ ڪٽي وئي. شريف ڪيس ناشتو ناهڻ لاءِ به چئي ورتو. هو وهنجي سهنجي تيار ٿي، ڊائننگ ٽيبل تي پهتو، جتي سندس لاءِ اڳ ئي راڻيءَ ناشو ناهي رکيو هو. ناشتي ڪرڻ سان گڏوگڏ اخبار به هٿن ۾ جهلي پڙهڻ لڳو.

"السلام عليڪم بابا." سعيده سندس پاسي ۾ اچي سلام ڪيو.

"وعليڪم السلام." شريف پنهنجون نظرون سعيده طرف موڙيندي چيو، "ڌيءَ ڪيئن آهين؟ خوش آهين؟ ويهه، بابا سان گڏجي ناشتو ڪر!"

"جي بابا." سعيده ادب ۽ احترام مان ڳالهائيندي هن جي پير ۾ ويهي رهي. راڻي ڪچن ۾ ٽانوَ ڏوئي رهي هئي. شريف اخبار هيٺ رکي پنهنجو سمورو ڌيان ڌيءَ طرف ڪيو.

"ڌيءَ رات جو ڪافي دير ٿي چڪي هئي،" شريف ناشتو ڪندي ڳالهايو،"توکي وقت ئي نه ڏئي سگهيس. هاڻي توسان دل کولي ڳالهيون ڪندس."

سعيده مسڪرائڻ لڳي. شريف خوشيءَ مان ٻهڪڻ لڳو.

"اڄ ڪلهه ڇا ٿي رهيو آهي؟" شريف وري ڳالهايو، "ڪمڙي ايجنڊا يا اسائنمينٽ تي ڪم پيو هلي؟"

"اڄ ڪلهه ڪجهه به نه پئي ڪريان،" سعيده موٽ ۾ جواب ڏيندي چيو، "توهان جي حڪم ۽ چوٽ تي مون به آرڪيٽيڪٽ انجنيئرنگ ڪئي. ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻن سالن تائين ته پرائيويٽ جاب ڪيم پر مزو نه آيو. ان کان پوءِ فارغ آهيان."

"ڪو به فڪر نه ڪر ڌيءَ!" شريف ڳالهايو، "مان هتي اچي ويو آهيان. مون تنهنجي ماءُ کي ان ڪري توکي اها ڊگري حاصل ڪرڻ لاءِ چيو جو منهنجو خيال هتي هڪ ڪمپني کڻڻ جو آهي. مون اهو پلان ڪافي وقت اڳي ناهيو پر ڪم ۾ وقت ئي نه پئي مليو ته ان خيال کي عملي جامو پهرايان... هاڻي ڪا سٺي جاءِ تلاش ڪري توکي پاڻ سان گڏ اتي ويهاريندس."

"بابا، اهو ته زبردست آئيڊيا آهي." سعيده خوشي ۾ موٽ ڏني.

"تو ڇا سمجهيو هو ته مون توکي ائين ئي اها ڊگري حاصل ڪرائي آهي؟" شريف وراڻيو، "توکي ائين ئي گهر ۾ ضايع ٿيڻ ڏيندس؟ مون جيڪو ڪجهه ٻاهر سکيو آهي، اهو توکي سيکاريندس. پاڻ جلد ئي هڪ ڪمپني لانچ ڪنداسين!"

انهن ڳالهين دوران راڻي به ٽيبل تي اچي پهتي. هوءَ سعيده جي پاسي ۾ ڪرسي تي ويٺي.

"ڀلا سعيده جي شادي بابت ڇا سوچيو اٿئي." شريف راڻي کان سوال ڪري ورتو.

"ڪجهه ڇوڪرا رشتن لاءِ آيا پر،" راڻيءَ جواب ڏنو، "هن جي معيار مطابق ڪو به اهڙو ڇوڪرو نه ملي سگهيو. سٺو ڇوڪرو ملي وڃڻ هاڻي هڪ مسئلو آهي؟"

"هن جي وارن ۾ چاندي اچي ويندي ته پوءِ هن جي شادي ڪرائيندينءَ ڇا؟" شريف ٿوري سخت لهجي ۾ وراڻيو، "ڪو به انسان پرفيڪٽ ناهي هوندو. هن جي عمر به ڪافي وڏي ٿي وئي آهي"

"خير هاڻي تون اچي ويو آهين،" راڻي جو به لهجو ٿورو تلخ هو، "ته پاڻهي ڪو سٺو ڇوڪرو ڳولهي وٺ!" سعيده چپ چاپ ناشتو ڪندي رهي.

"ڇو نه ڇو نه!!" شريف سعيده ڏي نهاريندي ڳالهايو، "الله تعاليٰ اسان کي هڪڙي ئي ڌيءَ ته ڏني آهي، ان جي خوشي نه ڏسنداسين ته ٻيو ڪنهن جي ڏسنداسين!"

..........*

شريف جي آڏو هاڻي ٻه مسئلا هئا. هڪ ته ڪمپني قائم ڪرڻ ۽ ٻيو پنهنجي ڌيءَ لاءِ مناسب رشتو ڳولهڻ. ڪمپني لاءِ هن هڪ اسٽيٽ ايجنسي سان رابطو ڪيو. هڪ سٺي هنڌ تي مناسب پئسن ۾ هڪ جڳهه خريد ڪئي. ان ۾ فرنيچر جو بندوبست ڪيو، پڙدا هنيا، ڪارپيٽ وڇايو ۽ فئنسي قسم جون لائيٽون هنيون. ٻه آفيسون ٺهيون. هڪ پنهنجي لاءِ ۽ ٻي ڌيءَ سعيده لاءِ. هن ڪجهه پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن کان انٽرويو ورتا ۽ انهن کي پگهار تي رکيو. روز وقت جي پابندي سان شريف ۽ سعيده پنهنجي ڪمپني ۾ ايندا هئا، جتي آرڪيٽيڪٽ جي حوالي سان ڪم ٿيندو هو. هن ان ڪمپني کي اڳتي آڻڻ لاءِ چڱو خاصو سرمايو لڳايو.

شريف پنهنجي ڌيءَ جو رشتو طيءِ

ڪرڻ لاءِ خاندان اندر ۽ ٻاهر ڪيترن ئي ماڻهن سان مليو، پر ڪيس پنهنجي معيار جو ڪو به چوڪرو هٿ نه آيو. نيٺ دوستن سان صلح مشورو ڪري هن هڪ اشتهار ان سلسلي ۾ ناهي ورتو ۽ اخبار ۾ ڇپرايو. اشتهار ۾ عمر، قد، پيشو، ڊگري ۽ ائڊريس ٻڌايا ويا. اخبار ڀاران ڪيس هڪ بڪس نمبر الاٽ ڪيو ويو. ڪيترن ئي خواهشمند اميدوارن پنهنجي قسمت آزمائي لاءِ لفافا ان بڪس نمبر ۾ جمع ڪرايا. انهن ۾ ڪجهه اميدوار ٻي شادي لاءِ آرزو مند هئا. دلچسپ صورتحال تڏهن پيدا ٿي جڏهن راٺيءَ سيئي اميدوار هڪ ٻئي پويان ڪنهن نه ڪنهن بنيادن تي رد ڪري ڇڏيا.

سعيده هڪ چوڪرو پسند به ڪري ورتو هو، پر سندس ماءُ جي آڏو هن جي هڪ به نه هلي. هوءَ مائيٽي طبيعت جي مالڪ چوڪري هئي. هن پنهنجي ماءُ سان ڪو به تڪرار نه ڪيو. هوءَ دل ئي دل ۾ ڪڙهڻ لڳي. هن ماءُ کان الڳ ٿلڳ ۽لاتعلق بڻجڻ شروع ڪيو.

"ڏيءَ، ڇا تون ڪاوڙيل آهين." شريف ڪيس سمجهائڻ لاءِ هن جي ڪمري ۾ داخل ٿيندي چيو، "ماءُ سان ناراض ڪو نه ٿبو آهي؟" ماءُ جي پيرن هيٺان جنت هوندي آهي"

"بابا، توهان غلط پيا سمجهو؟" سعيده چوڻ لڳي، "هوءَ ڪنهن به رشتي لاءِ ها نه ٿي ڪري. آخر مان به انسان آهيان. منهنجون به ڪي خواهشون يا تمنائون هونديون. هر ڳالهه مان پئي وڪون ڪڍي!"

"آخر ڇا ڪجي؟" شريف ڪيس قائل ڪندي چيو، "هوءَ تنهنجي ماءُ آهي. هوءَ تو لاءِ ڪڏهن به خراب نه سوچيندي. تون اسان جي اڪيلي ڏيءَ آهين. هن سڄي جائداد جي وارث! اسان جو ڪل سرمايو تون آهين. اسان جي حياتي الائجي ڪيتري؟ هوءَ توکي ڪنهن لالچي يا خود غرض انسان جي حوالي ڪرڻ نه ٿي چاهي. هوءَ توکان وڏي آهي. هوءَ ان عمر ۾ ضرور توکان سٺو سوچيندي هوندي."

"بابا ڳالهه عمر جي ناهي،" سعيده ورندي ڏني، "جيڪو به رشتو اچي ٿو ان مان ڪيڙا ڪڍڻ شروع ڪريو ڏي. منهنجي عمر به وڏي ٿي ويئي آهي. شڪل، عمر، ڊگري، قوميت، علائقي وغيره جي بنيادن تي اميدوارن کي رد ڪندي وتي. ڪنهن کي ملڪ کان ٻاهر نه وڃڻ تي زور ڏيندين خارج ڪريو ڇڏي ته ڪنهن کي وري استخارو ڪري اشارا نه حاصل ٿيڻ تي ملڻ کان انڪار ڪريو ڇڏي!.....بابا، خاندان ۾ به هن ڪنهن چوڪري کي پسند نه ڪيو، جنهن سان اسان جا انهن سان تعلقات به خراب ٿي ويا آهن. خاندان مان ڪير ملڻ به نه ٿو اچي. دعوتن، محفلن ۽ پارٽين ۾ به امان سيني کان الڳ ٿلڳ، پرتي، ڪنڊ ۾ وڃي ويهندي آهي. ڪنهن سان به نه ملندي آهي ۽ پري کان رڳو رُڪو سلام دعا مشڪل سان ڪندي يا وري چُپ ويٺي هوندي... اڳ ۾ به ڪيترن ئي چوڪرن جا سٺا رشتا آيا جيڪي هن رد ڪري ڇڏيا. هوءَ منهنجي شادي جي خيال کان ئي بيزار آهي. انهن سان صرف منهنجي دل رکڻ لاءِ ملندي آهي ۽ پوءِ ڪين ٻيو رستو ڏيکاريندي آهي. هن جو رويو به انهن سان سٺو ناهي."

"ڏيءَ تنهنجي ڳالهه ته صحيح آهي،"

شريف اتفاق راءِ ڪندي چيو، "مان راڻيءَ سان ڳالهايان ٿو. مون کي تنهنجي باري ۾ فڪر آهي. سڀ قدرت جون ڳالهيون آهن. هونئن به رشتا آسمان تي ٺهندا آهن!"

"پر ڏهندا هن ڌرتيءَ تي آهن!" سعيده ٿورو تکي لهجي ۾ ڳالهايو، "جيئن امان ڪري رهي آهي!"

شريف ڪجهه به نه ڪڍيو. هو سوچن ۾ گم ٿي ويو. هو چپ چاپ چوڻطرف نظرون ڦيرائيندي سعيده جي ڪمري مان نڪري ويو.

..........*

شريف کي پرڏيهه مان اچڻ کان پوءِ ملڪ ۾ رهندي ڇهه مهينا ڪن ٿي ويا هئا. هن ان عرصي ۾ هڪ ڪمپني سعيده واسطي قائم ڪئي. شريف ۽ سعيده روزانو آفيس اچي شام تائين ڪم ڪندا رهندا هئا. ڪمپني کو خاص مقام ناهي نه سگهي هئي. شريف ڪمپني ناهڻ جو جيڪو خواب ڏٺو هو، بس صرف اهو پورو ٿيو هو. في الحال، هو ڪمپني جي پروگريس کان مطمئن هو. هن کي هاڻي صرف سعيده جي شادي جي فڪر هئي. هن کي ڏيءَ جي ڳالهين مان اهو ادراڪ ٿي ويو هو ته راڻي هن کي ڪنهن ٻئي جي حوالي ڪرڻ لاءِ راضي نه هئي. راڻيءَ کي سعيده سان انتها درجي جي محبت هئي، جنهن کي هوءَ وڃائڻ يا ٻي سان شيئر ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. هن کي رشتو ڪنهن نه ڪنهن عذر يا بهاني تي نڪرائي ڇڏڻ جي عادت پئجي ويئي هئي.

"ڏس راڻي،" شريف سعيده جي زندگي بابت راڻي سان مڪالمو ڪندي وراڻيو، "ڏيءَ هميشه پرائي امانت هوندي آهي. ان جي خوشي ۾ ئي اسان جي خوشي آهي."

"پوءِ؟" راڻي وڙهڻ جي موڊ ۾ تڪرار ڪندي بحث ڪيو، "ڇا، ان خوشي ۾ مون کان ڪا لاپرواهي ٿي آهي؟ ڇا مان ڪا رڪاوٽ آهيان؟"

"تون ڳالهه کي ٻي پاسي نه وٺي وڃ،" شريف جواب ڏنو، "سعيده ڇيو پئي ته...."

"سعيده ڇا چوي ٿي ۽ ڇا نه،" راڻي جو لهجو اڃا به ساڳيو ئي سخت هو، "مون کي اها چڱي ريت ڄاڻ آهي. توکي سمجهائڻ جي ضرورت ناهي. مون کي پٽي نه پڙهاءِ. جيڪڏهن هن جي مان شادي ڪرائي ڇڏيان ها ته پوءِ پاڻ ڪنهن جي سهاري زنده رهان ها، جڏهن ته تنهنجي واپسي جي ڪا به اميد نه هئي. منهنجي جواني تي تو پاڻي هاري ڇڏيو ۽ هاڻي وري اولاد کسڻ لاءِ زور ٿو وجهين!"

شريف راڻي جا اهي جملا ٻڌي ڏڃي ويو. هن کي هاڻي اندازو ٿيڻ لڳو ته هوءَ سعيده جي شادي ڪرائڻ ۾ خوش نه هئي. هن سڀ رشتا ڄاڻي ٻجهي خراب ڪيا. هوءَ سعيده کي ڇڏڻ لاءِ صفا تيار نه هئي.

"ڏيءَ،" شريف ڪيس التجا ڪندي چوڻ لڳو، "الله جي امانت هوندي آهي، اها هر حال ۾ ٻئي جي حوالي ڪرڻي هوندي آهي. مون سان جيڪي به شڪايتون توکي آهن، ان جو بدلو ڏيءَ کان نه وٺ! مان واقعي تنهنجو ڏوهاري آهيان، پر ڏيءَ جي سلسلي ۾ هوش کان ڪم وٺ. عقل سان ڏس. توکي اها ڳالهه تڏهن سمجهه ۾ ايندي جڏهن هن جي جاءِ تي پاڻ کي رکي غور سان ڏسندينءَ. هوءَ ڪا ڌاري ناهي. تنهنجي پنهنجي ڏيءَ آهي. هن

جي خوشي ئي اسان جي خوشي آهي. اسان پوڙها الائجي ڪيستائين زنده رهون؟"

"ان مسئلي تي تون چپ ڪري ويهه!" راٽيءَ ذري گهٽ ڪيس حڪم ڏيندي چيو، "منهنجي ڏيءَ جي باري ۾ تو کي ڪو به حق نه ٿو پهچي ته تون فيصلا ڪرين. هيءُ گهر ۽ سموري جائداد منهنجي نالي تي آهي. تو کي هيءُ گهر نه ٿو وٺي ته واپس پرڏيهه هليو وڃ! گهر ۾ اهو ئي ٿيندو جيڪو مان چاهيندس! سعيده جي ڪنهن سان شادي ٿيندي ۽ ڪنهن سان نه ٿيندي، اهو فيصلو به مان ئي ڪندس!"

"جي ايئن ئي آهي ته،" شريف به ڪاوڙ ۾ تپندي ڳالهايو، "پوءِ مان سعيده کي پاڻ سان ساڻ ڪري وڃي ٻي جاءِ تي رهندس!"

"سعيده نه پر تون هليو وڃ!" راٽيءَ ورندي ڏني، "تو وٽ هاٿي ڇا آهي؟ سڀ ڪجهه منهنجي حوالي ڪري چڪو آهين. غريبي مان اميري ڏسڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ اميري مان غريبي ڏي وڃڻ ڪير به نه چاهيندو آهي!"

شريف پنهنجي زال جو اهو رويو اڳ ڪڏهن نه ڏٺو هو. هن پاڻ کي سعيده سان ايترو ته جذباتي طور وابسته ڪري ورتو هو جو هوءَ هاٿي هن کي ڇڏڻ لاءِ آماده نه هئي. هن کي اندازو ئي رهيو هو ته راٽي وقت جي مقابلي ۾ ڪانئس اڳتي نڪري ويئي هئي. هن نه رڳو هن جي ڪمايل پوري زندگي جي موڙي تي قبضو ڪري ورتو هو پر اولاد تي به تنها مالڪي جو حق جتائي رهي هئي!

شريف خاندان جي ٽڪنڊي ۾ عجيب صورتحال جنم وٺي ڇڏيو هو. ٽئي ڄڻا ذري گهٽ هڪ ٻئي کان لاتعلق بڻجڻ لڳا. شريف آفيس وڃڻ ۽ واپس ورڻ کان پوءِ ڪمري ۾ چپ چاپ هليو ويندو هو. هن راٽيءَ کان پنهنجو ڪمرو الڳ ڪري ڇڏيو. هو تنها ٿيڻ لڳو. هن کي دلي ڏک هو ته راٽيءَ ساڻس خراب رويو اختيار ڪيو هو. گهر مان نيڪالي ڏيڻ جو به چئي ڇڏيو هئائينس! ڪٿي راٽي اولاد جي حوالي سان نفسياتي مريض ته نه ٿي پئي هئي؟ هو سعيده کي به نظر انداز ڪرڻ لڳو. ڪم سان مطلب رکندو هو. هن ڪيس ماءُ جي خلاف پڙڪائڻ نه ٿي چاهيو. دل ئي دل ۾ هر سو چيندو، سڙندو ۽ پڇرندو رهيو. سعيده به پنهنجي ماءُ کان غير اعلانيه زباني بائيڪاٽ ڪري ورتو هو. هن سندس باري ۾ راٽيءَ سان ڪيل شريف جون ڳالهيون ٻڌي ورتيون هيون. هوءَ سمجهي ويئي هئي ته سندس ماءُ هن جي شادي نه ڪرائيندي. ڪجهه وقت کان پوءِ ماڻهو ڪيس راٽي جي ڏيءَ بدران "پيڻ" تصور ڪندا. هن کي پنهنجي پيءُ سان همدردي هئي. هو گهٽ ۾ گهٽ هن جي زندگي بابت فڪرمند ته هو! هن کي ان ڳالهه جو به ڊپ ورائي ويو ته خدانخواسته سندس پوڙها والدين هن دنيا مان هليا ويا ته هن جو ڇا ٿيندو؟ راٽيءَ خاندان وارن سان به ميل جول نه رکيو هو ۽ رشتا ڦٽائي ورتا هئا. ان کان سواءِ شريف به هڪ خول ۾ مگن هو. راٽي به اصل ضديري هئي. هوءَ پنتي هٿڻ لاءِ راضي نه هئي. پاڻ کي هيٺ ڪرڻ جي چڪر ۾ نه هئي. شريف جي واپسي کان پوءِ، هن جي زندگي ۾ اٽل پٽل ٿيڻ لڳي جيڪا ڳالهه راٽي کي قطعي طور تي پسند نه هئي.

..........*

شريف هڪ رات گهري ننڊ ۾ ستو پيو

هو تہ هن هڪ پوائنٽو خواب ڏٺو. هو چرڪ پري اٿي ڪڙو ٿيو. رات جو پويون پهر هو. هن جي نرڙ تان پگهر ٽمڻ لڳو. ڪمري ۾ گهپ انڌيرو هو. هن همٽ پيدا ڪري زيرو بلب جو سوئچ آن ڪري ورتو. جهڪي روشني ۾ سگريٽ ڏڪائي ڪمري کان نڪري ڊرائنگ روم ۾ آيو. فرج مان ٿڌي بوتل ڪڍي پاڻي پيتائين. هو صوفي تي ويهي، سگريٽ جي دونهين ۾ سوچن جي وهڪري ۾ گم ٿيو. هن کي هڪ عجيب آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هو آواز جي سمت ۾ هڪ ڪمري طرف آيو. اهو ڪمرو سعيده جو هو. دروازو ٿورڙو ڪليل هو. ڪمري اندر هلڪي روشني هئي. بستري تي ٻہ جسم هڪ جان بڻجي ليٽيا پيا هئا. شريف کان هڪ وڏي رڙ نڪتي. ان رڙ جي گونج ۾ ڪمري ۾ هلچل پيدا ٿي. شريف جي اکين جا کوپا ٻاهر نڪري آيا. هن سگريٽ کي ڦٽو ڪيو. ايتري ۾ چوڪيدار ورايو خان، بندوق جهلي، شريف جي پر ۾ پهتو. شريف هن کي حقارت مان ڏٺو. هن هڪ زور دار ٿڦڙ چوڪيدار کي وهائي ڪڍي.

"ماءُ جا....! جوءِ جا....!" شريف چوڪيدار کي چيو، "اها ڏيوٽي پيو ڪرين؟"

ورايو خان احترام ۾ چپ چاپ بيٺو هو. شريف هڪ پاڇولو ڪمري مان نڪرندي پٽ طرف ڇڏندي ڏٺو، جيڪو يڪدم غائب ٿي ويو. سعيده پنهنجي ڪمري جي دروازي تي خاموش بيهي پيءَ کي ڏسي رهي هئي. شريف هن کي نفرت مان گهوريو. هو چپ چاپ واپس پنهنجي ڪمري ۾ هليو ويو.

ٻي ڏينهن صبح جو سوير شريف پنهنجي ڪمري ۾ مئل ڏٺو ويو. هن جو ٻي جان جسم پنکي سان لٽڪي رهيو هو. سندس بستري تي هن جي آخري تحرير ڪيل چٺي رکي هئي، جيڪا هن موت کان ڪجهہ گهڙيون اڳ لکي هئي. ان چٺي ۾ لکيل هو: "زندگي مون کي ان مقام تي وڃي بيهاريندي مون کي ان ڳالهہ جو احساس نہ هو. مان سمجهان ٿو تہ مون پنهنجي خاندان کي صحيح وقت نہ ڏنو. مان وقت جو ڏوهاري آهيان. ڪاش، وقت جا ڪانٽا پوئتي ٿي سگهن ها؟! پر اهو هاڻي ممڪن ناهي. مان هن ڌرتي تي پنهنجي زندگي جو وڏيڪ وزن نہ ٿو رکي سگهان. مان پنهنجي زندگي جو انت پاڻ ڪري رهيو آهيان. پنهنجي موت جو مان پاڻ ذميوار آهيان. ان سلسلي ۾ ڪنهن کي بہ پريشان نہ ڪيو وڃي" (شريف).

راڻي پاڻ کي شريف جي موت جو ذميوار سمجهي رهي هئي. هن جي ذهن ۾ هو تہ شايد هن جي ڪري ئي شريف اڪيلائيءَ جو شڪار ٿيو. هن جي رويي جي ڪري هو ڪانئس بيزار ٿيو ۽ زندگي کان تنگ اچي آپگهات ڪري ورتائين. چوڪيدار ورايو خان بہ هن کي ڪجهہ نہ ٻڌايو. هن سعيده جي راز کي راز ئي رهڻ ڏنو ۽ ان کي راڻيءَ آڏو نہ کوليو. سعيده مختلف چوڪرن کي رات جو دير سان گهر ۾ گهرائي انهن کان پنهنجي جنسي ضرورت پوري ڪرائيندي هئي. ورايو خان نوڪري پڪي رکڻ لاءِ چپ رهڻ تي ترجيح ڏني.

راڻي پنهنجي مڙس جي موت کان پوءِ اڪثر خاموش رهڻ لڳي. هوءَ ڪنهن بي جان پتلي جيان هڪ شيءِ محسوس ٿيندي هئي. هوءَ پنهنجو پاڻ سان ڳالهيون ڪرڻ لڳي. هن

۾ هڪ اندروني خوف بہ جنم ورتو. هوءَ هر ڳالهہ ۾ شيءِ کان ڊڄڻ ۾ ڪنبڻ لڳي. آڏيءَ رات جو اٿي زوردار رڙيون ۾ ڪيڪون ڪرڻ شروع ڪري ڏنائين. سامهون پيل شين کي ٽوڙڻ ۾ اچلڻ لڳي. هن جون اهي دانهون آهستي آهستي وڌڻ لڳيون. ان رڙين جو آواز مفاصلا طيءِ ڪري سعيده جي ڪنن کي ڦاڙڻ لڳو. هن سندس علاج ڪيترن ئي ڊاڪٽرن ۾ نفسياتي ماهرن کان ڪرايو پر ڪو بہ ڪڙتيل نہ نڪتو. آخر ڪار هن ڪيس چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرايو جتي هوءَ هڪ سال کان وڌيڪ زندهہ رهي نہ سگهي.

سعيده جي اڳواٽي ۾ شريف جي قائم ڪيل ڪمپني بہ ڪو خاص ٻوٽو ٻاري نہ سگهي ۾ ترت بند ٿي وئي. هن هڪ مرد سان پرڻو ڪيو، جنهن جي پهرين زال فوت ٿي چڪي هئي. اهو شخص لالچي هو ۾ هن جي ملڪيت ڦٻائڻ جي چڪر ۾ هو. اها شادي ڇهہ مهينا بہ ڪو نہ هلي. هن ٻي شادي ڪئي، جيڪا بہ فلاپ ويئي. هاڻي هن شادي ڪرڻ ڇڏي ڏني. گهر ۾ عياشي جو اڏو قائم ڪيو. موبائل فونن تي چوڪريون سپلاءِ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪري ڏنائين. سگريٽ نوشي، چرس ۾ شراب جو استعمال عام جام هئس. هوءَ دنيا جي بازار ۾ سعيده جي بدران "آنٽي فخر النساءِ" بڻجي وئي. هڪ اهڙي سمارٽ آنٽي جيڪا نہ رڳو اوهان کي عياشي خاطر چوڪريون مهيا ڪري ڏيندي، پر جي اوهان تي خاص وقت دوران دل اچي ويس تہ پوءِ شراب ۾ ڌت ٿي، ڊانس ڪندي، پاڻ کي اوهان جي هٿن ۾ قتو ڪرڻ کان بہ نہ ڪيهائيندي!

.........*

انصاف پسند قاضي

هڪ واپاريءَ جي ٿيلهي وڃائجي ويئي، جنهن ۾ چار سو دينار هئا. هن ڏهل وڃايو تہ "هن جي ٿيلهي گم ٿي ويئي آهي، جيڪو ڳولهي ان وٽ کٽي ايندوان کي ان جوادا حصو ڏيندو."

اها ٿيلهي هڪ غريب مهاڻي کي ملي، جيڪو سڌو کڻي اها ٿيلهي مالڪ ڏي پهچائي پر مالڪ پنهنجي ٿيلهي ڏسي لالچ ۾ اچي ويو ۽ مهاڻي سان ڏوڪو ڪرڻ لڳو.

"هن ۾ قيمتي زمرد پيو هو اهو ڪٿي آهي. ڇا اهو ان ۾ اندر آهي."

مهاڻو اهو ٻڌي گهبرائجي ويو پر هيءَ سمجهي ويو تہ ٿيلهي جو مالڪ هن سان ڏوڪو ڪري رهيو آهي ۽ پنهنجي واعدي تان ڦري ويو آهي ۽ هن کي ڪجهہ بہ ڏيڻ نہ ٿو چاهي.

هاڻي مهاڻي ۽ مالڪ جي وچ ۾ اچي جهيڙو ٿيو ۽ هي وڙهندي وڙهندي قاضيءَ وٽ فيصلي لاءِ آيا. مهاڻي قسم کائي چيو تہ "ٿيلهي ۾ دينارن کان سواءِ هن کي ڪجهہ بہ نہ مليو."

هاڻي قاضيءَ مالڪ کان پڇيو "هاڻي ٻڌاءِ زمرد ڪيئن هئا؟"

مالڪ جواب تہ ڏنو پر بي سروپير جون ڳالهيون ڪرڻ لڳو. قاضي سمجهي ويو تہ ڪوڙ پيو ڳالهائي ۽ ان ڪوڙ جو مقصد ئي اهو آهي تہ ملاڪ کي انعام کان محروم ڪري.

قاضيءَ فيصلو ڪيو "اي شخص جيئن تہ تنهنجي دعويٰ آهي تہ تنهنجي ٿيلهي وڃائجي وئي آهي، جنهن ۾ قيمتي زمرد هئا جيڪي مهاڻي جي آندل ٿيلهي ۾ ناهن، مان ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ هي ٿيلهي تنهنجي آهي ئي ڪونہ. تنهن ڪري تون وڃايل ٿيلهي جو ٻيهر اعلان ڪر. ممڪن آهي تہ توکي پنهنجي وڃايل ٿيلهي ملي وڃي. بهر حال هيءَ تنهنجي ٿيلهي ڪانهي."

۽ پوءِ قاضي مهاڻي سان مخاطب ٿيو "اها 400 سو دينار واري ٿيلهي تون 40 ڏينهن تائين احتياط سان رک ۽ جيڪڏهن ان کان پوءِ بہ ڪو دعويٰ دار نہ اچي تہ اها ٿيلهي تنهنجي آهي."

شريفا

پوپٽي رامچند هيرانندائي

هڪ بدنصيب ماءُ جي سڏڪن ۽ ڏکن سان ڀريل ڪٿا. هيءَ هڪ اهڙي بدنصيب ماءُ جي ڪهاڻي آهي، جنهن غربت جي ڪري پنهنجو ڪير پنهنجي ٻار جي بدران ڪنهن ٻئي جي ٻار کي پياريوءِ ان کي ئي پنهنجو اولاد تسليم ڪيو. هن اهو ويساري ڇڏيو هو ته غير غير هوندا آهن۽ پنهنجا پنهنجا هوندا آهن. هن جي پنهنجي ٻچي جي لاءِ اڻ توجهه ۽ سنڀال نه هئڻ ڪري هن جي ٻچي جي ڪهڙي حالت ٿي ۽ ڪهاڻيءَ ۾ اڳيائڻ ڇا ٿيو سو ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

سچي واقعي جي پس منظر ۾ مفاد پرستي ۽ مطلب پرستي مٿان لکيل دل ڏاريندڙ احوال

حيدرآباد

سنڌ ۾ منهنجو گهر ميرن جي ڦُبن ۾ سان هو. اُتي الله ڏنو ڪير وارو هو جنهن کي گهڻئي گانيون هيون. الله ڏنو جي ٻڍي ماءُ شريفا اسان کي صبوح سويل ڪير ڏيڻ ايندي هئي.

هڪ دفعي منجهند جو پنهنجيءَ ننهن خيرالنسا کي وٺي آئي، چئي، "هن کي سبڻ جي مشين تي سبڻ سيکار ته مان مشين وٺي ڏيانس." ائين هوءَ ٻيو دفعو به آئي ته مون چيومانس، "شريفا اما! ڪير مان ته گهڻوئي ڪمايو اٿئي!" هن اُمالڪ روئي ڏنو! "ننڍي اما! بس ائين سمجهه ته عرفان ڏيئي ناٿو ورتو اٿم."

مون چيو "عرفان؟ عرفان ڪير؟"

"آئي منهنجو لاڏلو... منهنجي جگر جو ٽڪرو... جو منهنجي ڪک جو

پهريون ڦل، جو ڏٺيءَ ڏنو تنهن کي صدقو ڪري منهنجي سس نياڳي هڪ هڪ پٽاري گانءِ گڏي هئي.“

شريفا کي مان شريفا اما ڪري سڏيندي هئس.مون بہ ضد ڪيو”امان شريفا! سموري ڳالهہ ٻڌاءِ نہ؟“

شريفا چيو ”ننڍي اما، مان ڳالهہ ائين ئي ٿي ڪٽان.جڻ مان ڪنهن ٻيءَ شريفا جي ڳالهہ ٿي ٻڌايان. مان پاڻ سان لڳائي چونديس تہ ڦاٽي ٻہ اڌ ٿيو پونديس. تہ ٻڌ.جڏهن پهريون دفعو شريفا جا پير ڀاري ٿيا تڏهن سسٽس وٽ ڪين جو ڪنو ئي چڙهندو هو. شب برات آئي تہ ٻاجهريءَ جي ڍوڍي سان ڳڙ ڏئي ننهن کي چوندي هئي، ”هان! وٺ، ائين نہ چئجہ تہ پيٽ سان ٿيس تہ سسٽم بک ماريم.“

ڳوٺ جو رئيس نواب عاشق علي هو. رئيس جو ٿيو سو گهٽين ئي ڪنوارين سان پنهنجون راتيون سينگاريون هئائين، پر وهانءِ ڪيو هئائين ممتاز سان. ممتاز طبيعت جي ڪا نازڪ هئي سو ٻار جڻڻ جو سور نہ سهي سگهي ۽ ان وقت ئي وڃي الله کي پياري ٿي. پر ٻار کي ملائڪ سنڀالي ونندا آهن، سو ٻار بچيو تہ سهين پر ڪير بنا ڪيئن جيئي؟ ڀلا وڏيرا جو ٿيا سو ڪير ڏيندڙ ۽ پيئاريندڙ ڪا زال ڀاڙي تي ڪپندي هين.

شريفا جي سس جو ٻڌو سو شريفا جي عرفان جو ڪير کسڻ لاءِ تيار ٿي ويئي. شريفا جي مڙس کي ٻہ اجرڪون مليون ۽ سسٽس کي وڳي جو جوڙو مليو ۽ شريفا جي ڪير جي قيمت مهيني ۾ ٻہ سؤ روپيا مقرر ٿي.

شريفا ليلايو” مون وٽ ڪير جهجهو ئي آهي، رئيسزادو هتي اچي تہ مان پهريائين رئيسزادي کي ڪير پيئاريندیس پوءِ باقي جو بچندو تنهن مان ئي عرفان جو پيٽ ڀريندیس.“

پر سسٽس ڇينڀيندي چيو ”چري ڪنهن جاءِ جي! رئيسزادو هن ڏڙ ڀريل ڇني ۾ ڪيئن ايندو؟ عرفان کي ٻڪريءَ جو ڪير پيئارينداسين، تون وڃي رئيس جي حويلي ۾ رهہ. هر روز ٻوڙ پلاءُ ملندءِ، شڪر شڪر ڪر، شڪر کي اِتيون کي هڻجن؟“

ڊاڪٽر آيو ۽ شريفا جو ڪير تپاسيائين، هوءَ دل ۾ پيئي چوي تہ شال ڪير ۾ خرابي نڪري پر هن جي قسمت خراب هئي ڪير تمام سٺو ثابت ٿيو.

آسپاس کان اڳ سسٽس ڪڙي نظر رکي جيئن شريفا گند ڇن نہ ڪائي. تپاس جي ڏينهن مڙس پاڙي ۾ هٽ جوڙي گانءِ جي پس وٺي آيو پوءِ منجهند جو هن کي ڳڙ ڪارائي مٿان گرم گرم ڪيربہ پيئاريو ويو.

صبوح سويل شريفا جي پٽار کيس اُٿاريو”اُٺ شفوا رئيس جو ماٺهو ڪنهن وقت بہ اچي نڪري، پاڻ ڏوئي صاف ڪر، وارن کي تيل لڳائج، سامهون شيشي رکي اٽيئي، ڪالهہ ئي وٺي آيو آهيان.“

شريفا اڃا بہ ليٽي ئي رهي، هوءَ سوچي رهي هئي، ”ممتاز مئي ڇو؟ هي رئيس زاديون هڪ ٻار جڻن جو بہ سور برداشت نہ ٿيون ڪري سگهن! مان جيڪر اهڙا ٻزن ڪن عرفان جڻي وجهان!“

حضرت عمر رضہ ۽ هرمزان

ملڪ فارس جو هڪ ڏوهي هرمزان جيڪو پنهنجي ملڪ جو وڏو اڪابر هو. ان جي قتل جو حڪم صادر ٿي چڪو هو. حضرت عمر رضہ عي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو. هرمزان چيو "يا اميرالمومنين!.... مان ٿورو پاڻي پيئڻ چاهيان ٿو. جيستائين مان اڃايل آهيان، مون کي قتل نہ ڪيو وڃي."

حضرت عمر رضہ هن جي ڳالهہ مڃي ورتي ۽ حڪم ڏنو تہ پاڻي آندو وڃي، جڏهن پاڻي ۽ پيالو هرمزان پنهنجي هٿن ۾ کنيو تہ چيائين، "اي امير المومنين! جيستائين مان هي پيالو نہ نٿو پيان تيستائين مون کي امان آهي؟"

حضرت عمر رضہ فرمايو "ها...!"

هرمزان پيالو اڇلائي ڇڏيو پاڻي وهي ويو ۽ چيو "اي امير المومنين پنهنجو وعدو نڀايو."

حضرت عمر رضہ ارشاد فرمايو "هن کي ڇڏي ڏيو. قتل نہ ڪيو."

ان ورتاءَ تي هرمزان ايڏو تہ متاثر ٿيو جو هن اسلام قبول ڪري ڇڏيو ۽ بعد ۾ حضرت عمر رضہ جو مشير بہ ٿيو.

اِتي سس اچي شريفا کي لت هنئي، "اِئي هاڻ اُٺ بہ ڇاٽون ٿا تہ شهزادو ڇٽيو اٿيئي پر ان ڪري تون راڻي ٿي پئينءَ ڇا؟ اُٺ تہ اويل نہ ٿي وڃي!"

شريفا ڪي ڇڻ وڇونءَ ڏنگ هنيو! هوءَ اُٿي اڃا بت تي پاڻي وڌائين ئي ويئي تہ ٻاهر ٽانگو اچي بيٺو!

شريفا تڙتڪڙ ۾ ٻاهر آئي. هن عرفان کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو ۽ من ئي من ۾ سڏڪا ڀرڻ لڳي. ايتري ۾ سسٽس آئي ۽ هن کان عرفان کسي هلي وئي. شريفا برقعو وجهي ٽانگي ۾ ويٺي. ڳوٺ جي ڪچيءَ سڙڪ کان هلندي ٽانگي پئي ٽپ ڏنا ۽ شريفا جو چولو کير سان آلو پئي ٿيو.

ٽانگو حويليءَ اڳيان بيٺو تہ شريفا اکيون ڦاڙي انکي ڏسڻ لڳي، حويليءَ اندران پهرين هڪ ماڻهو نڪتو ۽ پوءِ هڪ مائي. مائيءَ هڪل ڪئي، "ٽانگي مان لهہ ۽ منهنجي پڻيان اچ."

شريفا حويليءَ جي ڳاڙهين چمڪندڙ سرن واري فرش تان سنڀالي هلڻ لڳي. هن جو سليپر ٻنهي پاسن کان ڪٽريل هو. اڌ منو پير تہ سليپر کان ٻاهر هو. ان ڪري هلڻ مهل ان جو آواز پئي ٿيو.

شريفا ڏاڍو ڊڄي رهي هئي، "منهنجن ميرين گدلين ڪڙين سان فرش ميرو ٿي رهيو آهي." هن ائين پئي سمجهيو. اڳيان هلندڙ مائيءَ ڪيس توڪيو "اڙي هل بہ هاڻ. پيرن ۾ ميندي لڳي اٿيئي ڇا؟"

ٻئي ڇٽيون هڪ وڏي شاهي ڪمري ۾ گهڙيون. هڪ شاهاڻي زال جا ڪرسيءَ تي ويٺل هئي، ان حاڪماڻي ڊنگ سان چيو "هاڻي پڙدو ڪرڻ جي ڪا

ضرورت ڪينهي. هيءَ زنانخانو آهي. ڪو بہ مڙسالو هت نہ ايندو.“

ان حاڪماڻي ڍنگ واريءَ زال ٻيءَ مائيءَ کي اشارو ڏنو. اها مائي شريفا کي پاڻ سان غسل خاني ۾ وٺي ويئي.

”الا! هيڏو وڏو غسل خانو! منهنجو تہ سڄو گهر بہ هن جيترو ڪينهي.“ شريفا جون اکيون عجب مان ڦاٽي ويئون! هوءَ چوڻ پيئي چاهي تہ مون تہ پنهنجو بت اڃا هاڻ ڏوتو آهي، پر حراس وچان هوءَ ڪجهہ چئي نہ سگهي.

شريفا کي ڏوتل صاف ۽ سٺا چٽڪمرا ڪپڙا پهرايا ويا ۽ سندس گود ۾ ٻار رکيو ويو. هڪ ٻي مائي آئي، جنهن شريفا کي هٿ ۾ وڏو کير سان ڀريل گلاس ڏيئي چيو ”پي وڃ.“ اهڙو مصريءَ سان مٺو ڪيل کير شريفا اڳ ڪڏهين بہ ڪين پيتو هو!

ٻار ڏاڍو سهڻو هو. سندس چمڙي ريشم جهڙي نرم هئي. اڃا شريفا ٻار کي هٿ ٽئي لڳايو تہ هڪ مائي پٽل جي پاٽي-داني کڻي آئي ۽ کيس هٿ ڏوئڻ لاءِ چئي هن اڳيان ٽوال بہ رکيائين.

شريفا ٻار کي ڏٺو. جهڙو گلابي گل! سندس وات بہ پنکڙيءَ جيان هو. هو سڄو ئي نازڪ خوشبوئدار تازو ۽ پيارو هو. ننڍڙو وات کولي هن شريفا جي ڇاتيءَ کي پڪڙيو. شريفا جي بدن ۾ بجليءَ جي ڪرنٽ لنگهي وئي. هوءَ فيصلو ڪري ئي نہ پيئي سگهي تہ هوءَ خوش ٿئي يا روئي!

اوُ شاهاڻي ڪرڙوڍ عورت، جا شايد ٻار جي ڏاڏي هئي. شريفا جي هرڪا چرپر جاچي رهي هئي. هن پنهنجا چپ کوليا ۽ چيو ”پنهنجي ئي ٻار جيئان هن کي پيار ڪج.“

”پنهنجو ٻار؟ چو تہ پري ڦٽو ڪريانس؟“ شريفا جي دل چيو پر سندس دماغ چيو پيار ڪرڻ لاءِ پئسا جو ملن ٿا؟ ان ڪري هن کي پيار ڪرڻو ئي پوندو.

ٻار پنهنجين ننڍڙين چمڪندڙ اکين سان شريفا ڏانهن نهارڻ لڳو تہ شريفا جي دل ۾ هن لاءِ خود بہ خود پيار جاڳيو پوءِ جيئن ڏينهن گذرندا ويا، شريفا ان کي پنهنجو سمجهي پيار ڪرڻ لڳي.

شريفا کي شاهوڪاري ٻار سنڀالڻ جي تربيت ڏني ويئي. ”ٻار جو منهن آلي ڪپڙي سان اگهي پوءِ سڪي سان اگهجو هن کي ڪوڙي تيل سان پٽيءَ ۽ ٽنگن تي مالش ڪبي. کير پيئارڻ وقت هن کي ٻچڪاريندو رهجو.“

شريفا سئيٽر مڙهڻ بہ سکي ويئي آهي. ٻالڪ جي ڀڏي مشڪ ٻي گهوري قربان ويندي هئي. ”منهنجو لاڏلو شهزادو“ چئي هوءَ ڪيس گود ۾ ڪٽندي هئي.

ٻار بہ هن سان ڏاڍو هري ويو هو. اڃا هوءَ لنگهندي هئي تہ هو گود ۾ ڪڙڻ لاءِ ٻانهون ڦهلائيندو هو. ڏاڏيءَ وٽ هجي تہ اُمالڪ هن جي گود مان هيٺ گسڪي شريفا وٽ اڻ چاهيندو هو.

ائين ٻار ۽ شريفا جو پاڻ ۾ رشتو جڙي ويو. مهينا گذرندا ويا ۽ ٻار شريفا جي ڪير تي پلجي ڳاڙهو ڳٽلو ٿيندو ويو. هڪ ڏينهن شريفا کي خبر ملي تہ عرفان بيمار آهي. شريفا جي من اندر هلچل مچي وئي! هونئن ٻالڪ کي ڪير

پيئارڻ وقت هوءَ ٻچڪارون ڏيئي پيار ڪندي هئي. منهنجو شهزادو! منهنجو مٺڙو ٽول!" وغيره وغيره پيارا پيارا لفظ ٻڌي ٻالڪ اکيون مچڪائي مشڪندو هو. پر عرفان جي خبر ٻڌي هن ٻار کي چهنڊڙي پاتي. "تنهنجي ڪري ئي منهنجو عرفان مون کان جدا ٿي ويو آهي!" ايئن چئي اهو سارو ڏينهن هن سيني کان لڪائي ٻار کي ملڪا هلڪا ڏڪ هنيا مٿي تي ۽ ڪيس سنهڙيون سنهڙيون چهنڊڙيون پاتيون! ۽ ٻار روئيندو رهيو. ننڍڙو ٻار پيار ۽ ڏڪار جو فرق جلد ئي پاڻپي وٺندو آهي! ٻار کي اچي تپ چڙهيو!

گهر وارن ڊاڪٽر گهرايو. ڊاڪٽر دوا ڏني. ٻار هڏڪندو رهيو.

ٻار کي ڪرڪندو ڏسي شريفا گهڻو پڇتايو. ا"اڙي! ٻار ٿيو ته ملائڪ، هن ويچاري ابهم جو ڪهڙو قصور؟" ائين دل ۾ بار بار چئي هن وري ٻار کي پيار ڪيو ۽ هر هر ڇاتيءَ سان لڳائي هوءَ ٻار تان صدقي وڃڻ لڳي.

هاڻي ٻار کي ڳڙ پيو پت ۽ ڏڌ ڪچڻي به ڪارايو ويندو هو. ٻالڪ جي ڏاڏي ڪانوَ ڪبوتر ڏيکاري يا هڪ به چئي ڊوڙ پائي ڪيس هر ڪائي ڪارائيندي هئي.

هيل تائين گهر جا سڀ ڀاتي شريفا مان خوش هئا. شريفا به جڏهن پڇندي هئي، "تون ڪنهنجو ڪڪو آهين؟" ۽ هو آڳر سان اشارو ڏانهس ئي ڪندو هو. تڏهين هوءَ گدگد ٿي مٿس ٻلهار پيئي ويندي هئي.

پر شريفا کي وسري ويو ته هوءَ صرف پنهنجي ڇاتيءَ جي ڪير ڏيڻ ڪري ئي هتي آيل هئي. جيئن جيئن ٻار سندس ڪير جي عيوض گانءَ جو ڪير ۽ ٻيو ڪاڏو ڪائڻ شروع ڪندو ويو تيئن تيئن شريفا جي حويليءَ ۾ هجڻ جي ضرورت گهٽجندي ويئي.

هڪ ڏينهن حويليءَ ۾ بمبئيءَ کان گهرايل پڙهيل ڳڙهيل اُردو ڳالهائيندڙ گورنيس آئي جا انگريزي به ڳالهائيندي هئي، پوءِ ڏيري ڏيري شريفا جي ٻار وٽ ويجهاڻ گهٽجندي ويئي!

هاڻ ٻار جي ڳچيءَ چوڌار پني- فور پهرايو ويندو هو. ڪيس هڪ ڊگهي گهير واري استول تي ويهاري چمچو هٿ ۾ ڏيئي پاڻيهي ڪائڻ سيکاريو ويندو هو. شريفا پنهنجي شهزادي لاءِ گهڻيئي ٺڪر جا رانديڪا آندا هئا ۽ اهي ميڙي گڏ ڪري رکيا هئا. اهي رانديڪا سڀ گورنيس پري ڦٽا ڪري ڀڃي وڌا. هاڻ چاهيءَ سان هلندڙ موٽرون ۽ تاڙي وڄائيندڙ ٻاندر ٻار جي سامهون رکيا ويندا هئا.

گورنيس گهر جي ڀاتين سان ميز تي ويهي ڪاڏو ڪائيندي هئي، اوچي سٽي ساڙهي پائي ٻار کي هنج ۾ ڪٽي موٽر ۾ حويليءَ کان ٻاهر ويندي هئي ۽ ڪڏهن ڪڏهن مردن جي بئنڪ ۾ ويندي هئي. اهو سڀ ڏسي شريفا ڏنڊين آڳريون وجهندي هئي!

هڪ ڏينهن گورنيس جنهنجو نالو سعيدا هو. ٻار کي اُڙڏوءَ ۾ چيو "تون ڪنهن سان راند ڪندين؟ شريفا سان يا مون سان؟"

هار تڪڙيون ريڙهيون پائي سعيدا ڏانهن هليو ويو!

شريفا جي دل ٽڪر جي راندڪي جيئان ئي پڇي ٽڪر ٽڪر ٿي ويئي! حجت ۽ روسامي مان هن ڏاڏيءَ کي چيو "مان پنهنجي گهر ويندس هاڻي."

ڏاڏي ڄڻ اهو ٻڌڻ لاءِ ئي ترسي ويٺي هئي! چيائين، "ها....ها..... توکي به پنهنجو عرفان آهي. هو تو لاءِ ترسيو ويٺو هوندو. تون جڏهن چئين، منهنجو ماڻهو توکي ٽانگي ۾ چڏي ايندو."

شريفا واڙي ٿي ويئي. "ڇا دنيا سچ پچ ايڏي مطلبي آهي؟ بس، ڪم لٿو ڏکڻ وسريو؟"

هاڻي شريفا جا پير ئي تپي پيا. "رئيس زادو به پنهنجن وڏن جيئان ئي خود مطلبي نڪتو؟" هو هاڻ شريفا ڏانهن صرف پريان پريان نهاريندو هو. ڪڏهن ڏانهس ٻانهون کڻندو به هو ته سعيدا سندس ٻانهون پاڻ ڏانهن ورائيندي هئي ۽ هوءَ پوءِ هن جي گود ۾ هليو ويندو هو.

شريفا جي موڪلائڻ وارو ڏينهن آيو. هن لڪي لڪي ٻالڪ کي خوب چميون ڏنيون. حسرت ڀري نگاهه سان هن جي ڪپڙن ۽ ٻين ننڍين وڏين شين ڏانهن نهاريائين. نيٺ ٽانگي ۾ اچي ويهڻ جو وقت به اچي سهڙيو.

ڏاڏي ۽ ٻالڪ جا لٽل ڪپڙا هڪ هڙ ۾ ٻڌي سندس پير ۾ رکيا ويا. "هي تنهنجي عرفان لاءِ آهن." گهر ۾ جيڪي ڀڳل ٽٽل راندڪا پيل هئا سي پڻ شريفا کي ڏنا ويا ته هوءَ پنهنجي غريب ٻار کي نوان سمجهي ڏي.

پر هاڻ شريفا پنهنجي دل کي سمجهائي رهي هئي ته مون کي پنهنجو عرفان آهي ۽ هو منهنجو ئي آهي.

اوچتو ڪيس خيال آيو ته منهنجو عرفان مون کي سڃاڻندو؟ شاهوڪار ٻار کي پنهنجو سمجهي پنهنجو سمورو پيار ڏنم ته هيتري وقت گذرڻ بعد عرفان مون کي ڪيئن سڃاڻيندو؟

برقعي مٿان اُڏيريل مٿي ڇنڊي هوءَ ٽانگي مان لهڻ تي هئي ته به ننڍڙا ٻار آڳنڊ ۾ ڏٺائين. هوءَ خود ئي نه پيئي سڃاڻي سگهي ته انهن ٻن مان پنهنجو عرفان ڪير آهي؟ يا ٻن مان هڪ آهي به سهين؟

هن جي گلي ۾ ڳوڙها اٽڪي پيا. سڏڪو روڪيندي هن سڏ ڪيو. "عرفان، منهنجا لعل عرفان!"

ٻن مان هڪ ٻار جيڪو تمام سنهڙو هو جنهن کي ڦاٽل چولو پيو هو ۽ جنهن جو نڪ وهي رهيو هو سو ڏڙا پير کڻي اُٿيو ۽ ڊپ ۾ هراسيل اکين سان شريفا ڏانهن نهاري جهوپڙيءَ جي دروازي ڏانهن ڀڄڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو!

سڄي ڳالهه ٻڌائي شريفا اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. سڏڪا پريندي چيائين، "ماءُ بنا ٻار جي سنڀال ڪير ڪندو پلا؟ عرفان جا ڦڦڙ ضعيف ٿي ويا هئا، ان ڪري ايندڙ ٻن مهينن بعد ئي هن کي نمونيا ٿي ۽ منهنجو ٻچڙو گذاري ويو!"

..........*

نئون ليکڪ سلسلو

بيگناهه

ساگر شوڪت علي مهر

عدالت ۾ واقع ٽيندڙ هڪ دلچسپ مقدمي جو احوال پيش ڪجي ٿو جنهن ۾ هڪ مڙس تي سندس زال جي قتل جو الزام آهي. ان کان علاوه هڪ خوبصورت عورت ۽ هڪ همدرد ڊاڪٽر ان مقدمي ۾ اهم ڪردار آهن. اهو خون ڪنهن ڪيو هوءِ ان ڪيس ۾ همدرد ڊاڪٽر مڙس کي ڪيئن ڇالاڪي ڪري وڪيل کي شڪست ڏيئي بچايو تنهن جو دلچسپ احوال هن نئين ليکڪ جي ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

هڪ وڪيل ۽ دل جي ماهر ڊاڪٽر وچ ۾ عدالت ۾ ٽيندڙ مڪالمن ۽ دليلن جو قصو.

عدالت جو دروازو کولڻ کان پوءِ وڏي آواز ۾ دربان چئي رهيو هو.

"ڊاڪٽر ساجد... ڊاڪٽر ساجد... حاضر ٿئي....."

سڄي عدالت ماڻهن سان ڀري پئي هئي. ڊاڪٽر ساجد ڪٺهري ۾ آيو. عدالت جي ڪمري ۾ سامهون ماريه ويٺل هئي، جنهن جي عمر لڳ ڀڳ پنجويهه سال ڪن هئي. هن کي خوبصورت ڪارا وار ۽ خوبصورت اکيون هيون. هن جي سامهون هڪ مرد ويٺل هو جنهن جي عمر لڳ ڀڳ چويهه سال ڪن هوندي، جنهن جو نالو منتظر هو. ماريه خوف مان ڏنل نظر اچي رهي هئي. شايد ماريه کان بيان اڳ ۾ وٺجي چڪو هو. جڏهن ته منتظر جي مٿان سندس زال جي قتل جو الزام هيو. ڊاڪٽر ساجد کي ڪاري پينٽ، سفيد شرٽ ۽ مٿان وري ڪوٽ ۽ ٽائي پاتل هئي. هن ڪٺهري ۾ اچي پنهنجو تعارف ڪرڻ کان پوءِ چيو "جڏهن ته مون وٽ طب جي ڊگري به آهي. جڏهن ته مان پنهنجي زندگي انسان جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي

آهي ۽ ريٽائرمينٽ کان پوءِ مان هڪ ڪتاب لکي رهيو آهيان. جنهن جو نالو آهي،"انساني دل تي جديد طرز معاشرات جا اثرات."

"شڪريه ڊاڪٽر صاحب،"نازش جي وڪيل چيو"ڇا توهان منهنجي سوالن جي جواب ڏيڻ لاءِ تيار آهيو."

"جي ها...."ڊاڪٽر ساجد جواب ڏنو.

"ڊاڪٽر صاحب،ڇا توهين عدالت کي ٻڌائيندو ته توهان مس ماريه کي ڪڏهن کان وٺي سڃاڻيندا آهيو؟"

" تقريبن ڏيڍ سالن کان،" ڊاڪٽر کنگهي ڳلو صاف ڪندي چيو" مس ماريه مون وٽ هفتي ۾ هڪ دفعو ڪمپيوٽر تي ڪجهه ٽائپ ڪرڻ ايندي هئي.ان جي سفارش يونيورسٽي ڪئي هئي."

"منهنجي معلومات.....مطابق... توهان جي ماريه سان گهري دل آهي؟"

"ها،اها ڳالهه صحيح آهي؟"ڊاڪٽر چيو.

هن اها ٻڌائڻ جي ضرورت محسوس نه ڪئي ته هُو هميشه ماريه لاءِ پنهنجي دل ۾ شفقت ۽ محبت محسوس ڪندو هو ۽ هن کي پنهنجا زندگيءَ جا راز ٻڌائيندو هو.هن جي ڏيءَ نئڻپڻ ۾ئي هن دنيا مان فاني ٿي چڪي هئي،جيڪڏهن زندهه هجي ها ته هن جي عمر ماريه جي برابر هجي ها.

"ڊاڪٽر ساجد،توهين ملزم منتظر جي باري ۾ ڇا ٿا ڄاڻو؟"

"منتظر،ڪڏهن ڪڏهن ماريه سان ملڻ منهنجي گهر ايندوهو"

ڊاڪٽر چيو"عمومن شام جو ايندو هو.ان وقت تائين ماريه پنهنجو ڪم ڪار ڪري هلي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ته اسين چانهه ۽ ڪافي گڏ پيئنداهئاسين.جيڪڏهن موڊ ۾ هجون ته تاش جي بازي به هڻندا هئاسين."

"ڊاڪٽر ساجد...." نازش جي وڪيل چيو"هي ڳالهه يقينن توهان جي علم ۾ هوندي ته منتظر جي زال سڙڪ جي ٻئي جانب واقع هڪ عمارت ۾ رهندي آهي؟"

"ها،هوءَ ٽين منزل تي رهندي آهي."

"۽ توهان جو اپارٽمينٽ به ٽين منزل تي واقع آهي؟"

"جي ها،جيڪڏهن توهان جي اپارٽمينٽ جون دريون ڪوليون وڃن ته اندر تائين نظر ويندي آهي؟"

"جي ها." ڊاڪٽر جواب ڏنو.

"ڇا توهان مسز منتظر کي سڃاڻو؟ان سان ڪڏهن ملاقات ڪئي اٿوَ؟"

"منهنجي مسز منتظر سان ڪڏهن به روبرو ملاقات ڪو نه ٿي آهي.مون هن کي پريان کان ڏٺو آهي.اڪثر ايندين ويندين مسز منتظر کي ڏٺو هيم. هن جو انداز ٻين کي متوجه ڪرڻ وارا هئا."

" ڇا توهان هن کي ڪنهن غيرمرد سان ايندين ويندين ڏٺو آهي؟"

"توهان سوال ڪري رهيا آهيو يا وري واقعو بيان ڪري رهيا آهيو؟" ڊاڪٽر چيو.

"مان سوال ڪري رهيو آهيان."وڪيل وراڻيو.

"ها،مان مسز منتظر کي هڪ ٻه دفعا غير مردن سان ڏٺو آهي."

"ڇا توهين انهن غير مردن کي سڃاڻي سگهو ٿا؟"

"مان يقين سان ڪجهه نه ٿو چئي سگهان؟" ڊاڪٽر چيو"مان غور سان ڪڏهن مسز منتظر جي طرف نه ڏٺو هيو. گهر جون دريون ڪليل هونديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن نظر اندر هلي ويندي هئي."

"ڇا توهين مسز منتظر کي ناپسند ڪندا هيو؟"

"منهنجو هن سان ڪو تعلق نه هو."ڊاڪٽر چيو"ان لاءِ پسند، ناپسند جو سوال اجايو بحث آهي ته جيستائين اصول جي ڳالهه آهي ته ڪو مرد ان عورت کي پسند نه ڪندو جيڪا غير مردن سان تعلق رکندي هجي."

"ڇا توهان ماريه يا مسٽر منتظر جي سامهون مسز منتظر جي طرز عمل بابت ڪو اظهار ڪيو هو."

"اسين ڪڏهن به مسز منتظر جو ذڪر ڪونه ڪيو هو. توهان کي هي ڳالهه ضرور علم ۾ هوندي ته مس ماريه ۽ مسٽر منتظر هڪ ٻئي سان محبت ڪندا آهن."

اهو چئي ڪري نازش جي وڪيل عدالت طرف منهن ڪري مسڪرائڻ لڳو.

"هُو ٻئي اڪيلائي ۾ هڪ ٻئي سان خوشي محسوس ڪندا هئا." ڊاڪٽر محتاط انداز ۾ چيو"ان کي محبت چوندا آهن."

نازش جي وڪيل زور سان جوش ۾ چيو"هي ڳالهه ڪيتري نه عجيب معلوم ٿئي ٿي ته هڪ طرف توهين ماريه کي پسند ڪندا هيو ۽ ٻئي طرف ماريه هڪ اهڙي شخص جي حوصلہ افزائي ڪرڻ شروع ڪئي، جيڪو نه صرف ماريه سان محبت ڪندو هو بلڪ ان وقت سندس زال به زنده هئي. ڇا اهي سڀ ڳالهيون توهان محض فرض ڪيون آهن يا ان جو حقيقتن سان به ان جو ڪو تعلق آهي؟"

"ان لاءِ مان ان تي تبصرو نه ڪندس." ڊاڪٽر سڪون واري لهجي ۾ چيو"جيستائين منتظر جي شاديءَ جو تعلق آهي ته هو ڪنهن غلط مشوري جو نتيجو آهي. جيڪڏهن هو مس ماريه سان محبت ڪندو هو ته ان جو مسز منتظر تي ڪو به اثر نه پيو هو ڇو جو هو ماريه سان ملڻ کان هڪ سال پهريان ئي عملي طور تي پنهنجي زال کان الڳ زندگي بسر ڪري رهيو هو."

"هڪ اثر ضرور پيو هوندو"نازش جي وڪيل چيو"ماريه کان ملڻ کان بعد ملزم پنهنجي زال کي طلاق ڏيڻ جي ضرور ڪوشش ڪئي هوندي."

ڊاڪٽر ان ڳالهه تي تبصرو نه ڪيو ڇو جو هو هن صورتحال کان واقف هو. طلاق جي سلسلي ۾ مسز منتظر، منتظر کان هڪ وڏي رقم جو مطالبو ڪيو هو. منتظر پنهنجا بانڊز وغيره وڪڻي ڪري رقم جو بندوبست ڪيو هو ۽ اها رقم زال آڏو پيش ڪئي هئائين، پر هو ان رقم تي راضي ڪو نه ٿي هئي. هن جيڪا رقم گهري هئي اها منتظر جي سوچ کان ڪئي گنا گهٽ هئي. ان کان علاوه هن ماهوار رقم جو به مطالبو ڪيو هو.

"14 اپريل جي رات صورتحال

ڪاڻي بگڙجي چڪي هئي،" نازش جي وڪيل پنهنجي قاتل تي نظر وجهندي چيو "مسز منتظر، طلاق جي صورت ۾ ملزم کان نہ صرف گڏيل رقم جو مطالبو ڪيو هو بلڪ ماهوار رقم جي ادائگي جي شرط به رکي هئي. ملزم پنهنجي مالي حالت ڏسي ڪري ان جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو هو. جيئن تہ عدالت جي ريڪارڊ ۾ هي ڳالهہ موجود آهي تہ 14 اپريل جي رات پوئين ڏهين وڳي ملزم توهان وٽ آيو هو. ڪيئن؟ ڇا هو توهان سان ڪو مشورو ڪرڻ آيو هو. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ ان مشوري جي نوعيت ڇا هئي؟"

ڊاڪٽر کي اها رات چڱي طرح ياد هئي. منتظر انتهائي غصي جي عالم ۾ هيو. هن جوش جي عالم ۾ سڄي ڳالهہ ٻڌائي هئي. هو تمام غصي ۾ هو. ڊاڪٽر ان ڪيفيت جو ذڪر ترڪ ڪري ڇڏيو.

"14 اپريل جي رات منتظر مون وٽ آيو هو ۽ طلاق جي معاملي تي مشورو ڪرڻ آيو هو. مان هن کي مشورو ڏنو تہ جيڪڏهن هن جي زال ان رقم تي رضامند نہ آهي تہ هو ڪنهن پرائيويٽ جاسوس ذريعي ان جي خلاف ڪو ثبوت حاصل ڪري تہ هو غيرمردن سان ملندي آهي."

وڪيل عدالت جي سامهون پنهنجي دلائل پيش ڪرڻ لڳو پر ڊاڪٽر ٻيو ڪجهہ سوچي رهيو هو تہ هن کي چڱي طرح ياد هو تہ ان رات منتظر اچانڪ اٿي ڪري پنهنجي زال جي فليٽ جي طرف وڃڻ لڳو هو. ائين معلوم پئي ٿيو جو جڻ هن کي ڪو سراغ ملي ويو هجي. جنهن تي مسز منتظر کي قائل ڪري سگهي. هن جي وڃڻ کان پوءِ ڊاڪٽر کي فائر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو. مسزمنتظر جي پاڙيسري چيو هو تہ فائر جي آواز کان ٿي چار منٽ بعد هن منتظر کي فليٽ ۾ ڏٺو هو ۽ مسز منتظر کي مرده حالت ۾ ڏٺو. ملزم هن جي بستري جي قريب ويٺو هو. هن جي هٿ ۾ پستول هو. پر پوليس پستول برآمد ڪرڻ ۾ ناڪام رهي هئي. منتظر جيڪو بيان ڏنو هو ان جو ثبوت پيش نہ ڪري سگهيو هو. هن ان ڳالهہ جو اعتراف ڪري ڇڏيو هو تہ هن 14 اپريل جي رات پنهنجي زال جي فليٽ ۾ ويو هو پر نہ تہ هن وٽ ڪو پستول هو ۽ نہ وري هن پنهجي زال کي قتل ڪيو هو. هو صرف هن کي سمجهائڻ چاهي پيو. جڏهن هو فليٽ جي دروازي جي قريب پهتو تہ هن هڪ شخص کي پنهنجي گهر کان اونداهي ۾ ڊوڙندو ڏٺو هو. پر هيءَ هن کي جهلي نہ سگهيو هو ۽ نہ وري هن جي ڪا شڪل ڏسي سگهيو هو. اُهو شخص هن جي زال جي فليٽ مان نڪتو هو. هن ئي ان کي قتل ڪيو هو. جو جو جڏهن هو اندر ويو تہ زال کي مرده حالت ۾ ڏٺائين.

"ڊاڪٽر....." نازش جي وڪيل چيو "توهان پوليس کي جيڪو بيان ڏنو آهي تہ ان ۾ چيو اٿوَ تہ توهان ملزم جي وڃڻ کان پوءِ ٽيڪ ۾ منٽ بعد فائر جو آواز ٻڌو ۽ توهان خود بيان ڏنو آهي تہ توهان گهڙي ڪو نہ پاتي هئي."

"جي ها.. هي درست آهي. توهان کي ڪيئن خبر پئي. ڇا قدرت توهان کي وقت جو اندازو ڪرڻ جي صلاحيت ڏني آهي؟"

"مان اهڙي ڪا به ڳالهہ نہ ڪئي آهي."

"تہ پوءِ ايئن ئي چئي سگهجي ٿو تہ ہہ منٽ واري ڳالهہ محض توهان جو اندازو آهي ۽ اندازو غلط بہ ٿي سگهي ٿو."

"نہ منهنجي اندازي ۾ ڪا غلطي نہ هوندي آهي."

"يوئر آنر، پوليس اهو چيڪ ڪيو آهي تہ ڊاڪٽر جي گهر کان مسز منتظر جي فليٽ تائين پهچڻ ۾ ڪيترو وقت لڳي ٿو." نازش جي وڪيل جج طرف مڙندي چيو "انهن مختلف اندازن ۾ چيڪ ڪيو آهي. تيز هلي ڪري آهستہ هلي ڪري.. ڏاڪٽر جي ڏربعي تہ گهٽ ۾ گهٽ 2 منٽ 20 سيڪنڊ لڳي وڃن ٿا."

"تہ چئبو ڊاڪٽر جي ڳالهہ صحيح ثابت ٿي وڃي تہ منتظر جي پوزيشن صاف ٿي ويندي، پران ڳالهہ جو فيصلو مناسب ٿيندو تہ ڊاڪٽر منتظر جي گهر کان نڪرڻ کان ٽيڪ ہہ منٽ بعد فائر جو آواز ٻڌو يا دير سان ٻڌو هو."

" ڊاڪٽر...." نازش جي وڪيل چيو "مان توهان جي بيان جي تصديق لاءِ هڪ ننڍو تجربو ڪرڻ چاهيان ٿو. اميد تہ توهان کي ڪو اعتراض نہ ٿيندو."

ڊاڪٽر اهڙي ئي ڳالهہ جي توقع پئي ڪئي.

"مون کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهي ٿو." ڊاڪٽر چيو.

نازش جي وڪيل ان کان پوءِ جج کي چيو تہ عدالت مان ڪنهن شخص کي ان ٽيسٽ لاءِ گهرايو وڃي.

جج صاحب وڪيل جي ڳالهہ جي اجازت ڏني ۽ عدالت ۾ ويٺل هڪ ماڻهوءَ کي اڳيان اچڻ جي اجازت ڏني.

نازش جي وڪيل ان ماڻهوءَ سان مخاطب ٿيندي چيو "توهان ديوار طرف منهن ڪري بيهو ۽ جڏهن مان هڪ ہہ چوان تہ توهان منٽن جو اندازو ڪرڻ شروع ڪندو ۽ جڏهن توهان کي اندازو ٿئي تہ ہہ منٽ ٿي چڪا آهن تہ پوءِ اسان کي آگاهہ ڪندا."

اهڙيءَ طرح سان اهو عمل ڪيو ويو.

آخرڪار ڪجهہ وقت کان پوءِ ان ماڻهوءَ ڪنڌ مٿي ڪيو ۽ چيو تہ هاڻي ہہ منٽ ٿي ويا آهن.

عدالت جي ڪمري ۾ موجود تمام ماڻهن جي چپن تي مسڪراهٽ اچي وئي ڇوجوان وقت هڪ منٽ ۽ ٻارنهن ٿيا هئا.

اهڙيءَ طرح سان نازش جي وڪيل پاران جج کي ٻئي ماڻهوءَ کان بہ ساڳيو عمل ڪرائڻ جي درخواست ڪئي جيڪا جج صاحب منظور ڪري ورتي ۽ عدالت جي ٻئي ماڻهوءَ کان بہ ساڳيو عمل دهرايو ويو جنهن وري هڪ منٽ چوويهہ سيڪنڊ کان پوءِ ٻن منٽن جو اعلان ڪيو.

"ڊاڪٽر صاحب، هاڻي توهان جي واري آهي." نازش جي وڪيل چيو "هاڻي ئي خبر پئجي ويندي تہ وقت جي باري ۾ توهان جو اندازو ڪيتري قدر درست آهي. توهان منهن هيٺ ڪيو. اڪيون بند ڪيو ۽ گهڙي لاهي مون کي ڏيو."

ڊاڪٽر گهڙي لاهي نازش جي وڪيل کي ڏني ۽ پنهنجا ٻئي هٿ جهولي ۾ وجهي مٿو هيٺ ڪري جهڪائي ڇڏيائين. ايئن معلوم پئي ٿيو تہ ڇڻ هو ڪنهن عبادت گاهہ ۾ ويٺو هجي.

ڊاڪٽر کي ان آزمائش جي اهميت جو

بي خوبي اندازو هو. وڪيل هن جو اندازو غلط ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ته منتظر جو بچڻ مشڪل هو ۽ هن جو مطلب اهو هوندو ته پوليس اصل قاتل کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو ۽ يقينن هنن جي دوست مان ڪو هڪ هوندو، جيڪو يقينن مسز منتظر سان ملڻ ايندو هو.

ڊاڪٽر منتظر کي چڱي طرح سڃاڻيندو هو. هو پوري يقين سان هي ڳالهه چاڻيندو هو ته منتظر هرگز قاتل نه ٿو ٿي سگهي. هو هڪ نرم مزاج ۽ صلح پسند شخص هو.

پر ڊاڪٽر وٽ هن کي بيگناهه ثابت ڪرڻ لاءِ ٺوس شهادت نه هئي. عدالت جي ڪمري ۾ مڪمل خاموشي هئي. هر شخص ساهه روڪي ڊاڪٽر کي گهوري رهيو هو.

"ٻه منٽ پورا ٿي ويا..." ڊاڪٽر وڏي آواز ۾ چيو.

سڀ ماڻهو بي ساخته ٿي ويا. هن جو اندازو بلڪل درست هو. صرف ٻن سيڪنڊن جو فرق هو. وڪيل جي چهري تي مايوسي اچي وئي. ٿوري دير کان پوءِ منتظر کي بري ڪيو ويو.

"وقت جي باري ۾ توهان جو اندازو حيرت انگيز آهي، ڊاڪٽر،" منتظر چيو "ائين معلوم ٿئي ٿو جڻ مون کي نئين زندگي ملي آهي." رهائي کان هڪ ڪلاڪ کانپوءِ منتظر، ماريه، ڊاڪٽر جي اپارٽمينٽ ۾ ويهي چانهه پي رهيا هئا.

"صرف ٻن سيڪنڊن جو فرق هو" ماريه چيو.

"مان جان بوجهه ڪري ٻن سيڪنڊن جو فرق رکيو هو." ڊاڪٽر مسڪرائيندي چيو.

"جان بوجهه ڪر..."

"ها. تاڪ عدالت کي شڪ نه ٿي پوي"

"ڇا... ڇا. توهان وٽ گهڙي هئي!؟"

منتظر حيرت مان پڇيو

"نه..." ڊاڪٽر جي مسڪراهٽ وڏي ويئي، "منهنجون آڱريون منهنجي نبض تي هيون."

"نبض تي!" منتظر پڇيو "پر ٻڌو آهي ته جذباتي ۽ هنگامي موقعن تي نبض جي رفتار تيز ٿي ويندي آهي."

"عام حالتن ۾ عام ماڻهن جي نبض جي رفتار ۾ واقعي گهٽ وڌ ٿيندي رهندي آهي."

"پر مان عام ماڻهو نه آهيان. مان هارٽ اسپيشلسٽ آهيان. منهنجي زندگي دلين جي دڙڪڻون ڳڻيندي گذري آهي. مان ان گنت مرتبه پنهنجي دل جي دڙڪڻيون ڳڻيون آهن. ان ڪتاب جي تياريءَ دوران مون 32 مرتبه پنهنجي نبض جي رفتار نوٽ ڪئي آهي. جيڪڏهن انسان پنهنجي خيالن ۽ جذباتن کي قابو رکي ته ان جي رفتار نارمل رهندي آهي. منهنجي دل هڪ منٽ ۾ 64 مرتبه ڌڙڪي ٿي. ٻن سيڪنڊن جو فرق مان ان لاءِ رکيم ته ڪنهن کي شڪ نه ٿئي."

ٺيڪ هفتي کان پوءِ ڊاڪٽر کي مسز منتظر جي اصل قاتل جي گرفتاريءَ جي خبر اخبار ۾ پڙهي ڪري ملي ته ان کي نهايت خوشي محسوس ٿي. مسز منتظر جو اصل قاتل ان جي دوستن مان هڪ هو. جنهن ڏوهه به قبول ڪري ورتو هو.....

..........*

دهليءَ جو درشن

الطاف شيخ

هندستان ملڪ بابت سنڌ جي سدا بهارءِ ناميارين ليکڪ جو اڻ ڪٿ معلومات جو سلسلو هلي رهيو آهي. عظيم ليکڪ هن واري هندستان جي هوٽلن ۾ ٿيندڙ دلچسپ قصا ۽ پياري دوست جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ ڄاڻين جي خاندداني رشتن بابت معلومات کان آگاهي ڏني آهي. ان کان علاوه هندستان ملڪ جي مختلف شهرن، ڳوٺن، علائقن ۽ جمرجهنگن ۾ سفر ڪندڙ بس ۾ ساٿين، دوستن سان ٿيندڙ لقاءَ، انهن سان ٿيندڙ واقعن ۽ قصن بابت ٻڌايو آهي. معلومات ڪاڻ مختلف تاريخي جڳهين ۾ پيش آيل واقعن ۽ اتي جي وهنوار کان به بخوبي اسان کي آگاهه ڪيو آهي، تنهن لاءِ ليکڪ تعريف لائق آهي. سنڌ جي مهان ليکڪ امر جليل کي هندستان ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ادبي ايوارڊ عطا ڪرڻ کان پوءِ ٿي سگهي ٿو ته هن سال سفر نامي جي صنف کي نئين طرز تي گامزن ڪندڙ ۽ نيون جدتون ڏيندڙ الطاف شيخ کي هندستان ۾ سنڌ جو وڏي ۾ وڏو ادبي ايوارڊ ڏنو وڃي.

تاريخي معلومات سان جڙيل هندستان جو دلچسپ احوال.

بين جاين تي هلڻ سان گڏ سيني جو ارادو هردوار هلڻ جو به هو ۽ هاڻ اسان جي دوست نولراءِ اوڏ جنهن جي پٽ مڪيش جي شاديءَ لاءِ هو پنهنجن ڀائرن پينرن ۽ انهن جي اولاد کي هتي اڻڻيا وٺي آيو هو، تنهن بس جو بندوبست ڪيو. جيئن ان ۾ هتان گڏ روانا ٿيون ۽ گڏ موٽون. نول بورچيءَ کي صبح جو چئين وڳي اُٿي نيرن تيار ڪرڻ لاءِ چيو جيئن اسان صبح ساڻ نيرن ڪري بس ۾ چڙهي ڇهين وڳي ڏاري هتان دهليءَ مان نڪري پئون.

"جنهن کي وڻي اهو نيرن کائي هلي ۽ جيڪو پوءِ کائڻ چاهي ان کي بورچي پئڪ ڪري ڏيندو." نول رات جو سمهڻ کان اڳ پنهنجي آرگنائيز ۽ ڊسيپلينڊ طبيعت مطابق اسان کي هر هر انسٽرڪشن ڏيندو رهيو. "مهرباني ڪري وقت اندر تيار ٿي وڃجو جيئن وقت تي نڪرون ۽ سج لٿي کان اڳ دهليءَ واپس اچي وڃون جو سج لٿي کان پوءِ دهلي ميونسپل وارا ڊرائيور کان پنج هزار ڏنڊ وٺندا جيڪي ظاهر آهي هو مون کان وٺندو ۽ ٻارنهن هزار مقرر ڀاڙو ته هونءَ ئي ڏيڻو آهي."

نول بورچيءَ کي رات جي ماني پڻ سوير تيار ڪرڻ لاءِ چيو، جيئن پنجين وڳي ڏاري موٽون ته ماني تيار هجي. "ادا رستي تي ماني کائڻ بدران هتي موٽي اچي کائينداسين. اجايو هوٽل جو خرچ ڇو ڪريان." هن مون کي ٻڌايو جيڪا هن جي ڳالهه صحيح هئي جو هتي وٺي اچڻ، رهائش ۽ کاڌي پيتي جا نه فقط خرچ پر انهن جا بندوسبت پڻ هو ڪري رهيو آهي. ظاهر آهي ڄڻ ۾ جيڪي پنجاهه کن ماڻهو شامل آهيون، انهن ۾ سواءِ ادا گلاب راءِ ڊاڪٽر جي جيڪو سندس وڏو ڀاءُ آهي، باقي ٻيا جيڪي آهن، سڀ ننڍا ڀائر، انهن جون زالون، ننڍيون ڀيٽون ۽ انهن جا مڙس (يعني ڀيٽويا) ۽ انهن جو اولاد آهن، جيڪي

ڪراچي، حيدرآباد، ڪنڊيارو، گهوٽڪي، لنڊن، آمريڪا جي مختلف شهرن ۽ ٽورنٽو (ڪئناڊا) کان هتي انڊيا ۾ پنهنجن وڏن پائرن ڊاڪٽر رامچند اوڏ ۽ نولراءِ اوڏ جي پٽن جي شاديءَ تي اچي گڏ ٿيا آهن. منجهن فقط آئون هڪ ڏاريون آهيان، پر اسان جي دوستي اڄ جي نه پر اڌ صديءَ کن اڳ جي آهي، جڏهن 1959ع ۾ هي به پائر ۽ هڪ ٻيو وڏو ڀاءُ ارجن داس اوڏ مون سان گڏ ڪئڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ پڙهندا هئا. پيٽارو مان



پڙهڻ بعد نول ۽ رامچند NED مان B.E ڪئي (جنهن ۾ هنن پهرين ۽ ٻين پوزيشن حاصل ڪئي) ان تعليم دوران ميٺارام هاسٽل ۾ آئون به ساڻن گڏ رهندو هوس. ان بعد نولراءِ سول سروس جو امتحان پاس ڪري انڪم ٽيڪس ڪاتي ۾ آيو ۽ رامچند (۽ سندس هڪ ٻئي ڪلاس ميٽ جهانگار باجارا جي اقبال ترڪ) کي ٿائليند جي هڪ يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽرس ڪرڻ جي اسڪالر ملي ته هن سان ٿائليند ۾ به ملاقات ٿيندي رهي ٿي، جو انهن ڏينهن ۾ جيڪو پاٽيءَ جو جهاز مون هلايو ٿي ان جي روٽ ڪولمبو، بئنڪاڪ، پينانگ، هانگ ڪانگ ۽ جپان جا بندر گاهه هئا. نول سان وري ڪراچي موٽڻ تي هر دفعي ملاقات ٿئي ٿي، جو اسان ٻنهي جڻن ڪراچيءَ جي هڪ سسٽي علائقي ڊفينس سوسائٽيءَ جي فيس فور ۾ پلاٽ وٺي گهر ٺهرايو هو.(هيءَ 1972ع ڌاري جي ڳالهه آهي، جڏهن اهو علائقو سواءِ هڪ ٻن گهرن جي جهنگ هو، هر سال ملير نديءَ ۾ اٿل اچڻ ڪري سال جا ٽي مهينا ڪن گهٽين ۾ پاڻي بيٺو هوندو هو. هن علائقي ۾ رهڻ لاءِ ڪو تيار نه هو پر ڪراچيءَ جو اهو ئي علائقو هو جتي اسان کي ڏهه هزار رپين ۾ پلاٽ ملي سگهيو ٿي ۽ بندر گاهه ۽ صدر جو علائقو به ويجهو پيو ٿي) نول جي پيئيتو ياءِ ۽ رامچند جو سڳو ياءِ ارجن داس ستر جي شروع وارن سالن ۾ هڪ روڊ حادثي ۾ اسان کان جدا ٿي ويو. پاڻ ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ايم بي. اي ڪيائين. بلڪه هو ان پهرين بئچ مان هو، جڏهن 1966ع يا 1967ع ۾ ڪراچي يونيورسٽيءَ ايم بي اي جا ڪورس شروع ڪيا هئا. سندس اُتي هڪ ڪلاس ميٽ اسان جي ڳوٺ هالا جو منور علي ارباب به هو جيڪو پوءِ يو بي ايل بئنڪ جو صدر به ٿيو. ارجن داس اوڏ جي پيٽارو مان نڪرڻ بعد يڪدم شادي ٿي هئي ۽ وفات وقت ڪيس چار ٻار هئا به پٽ، رانا هريش ۽ گنيش ۽ به ڌيئون مايا ديوي (گوري) ۽ روبي اوشا ديوي. سندس ٻارن ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۽ NED مان ڊاڪٽري ۽ انجنيئري ڪئي ۽ مختلف هنڌن تي نوڪري ڪن ٿا ۽ هنن جون مختلف هنڌن تان شاديون ٿيون ۽ اج انهن جو اولاد به شاديءَ لائق ٿي ويو آهي ۽ ڪئناڊا، يو. ايس. اي ۽ انگلينڊ ۾ رهي ٿو.

صبح جو ڇهين وڳي بس کي دهلي چڙڻو هو سو آئون پنجن تي الارم ڪلاڪ ٺاهي ستس ته تيار ٿيڻ ۽ نماز پڙهڻ لاءِ ڪلاڪ ڪافي آهي. گهڙيال گهنٽي وڄائي ان کان اڳ ڊاڪٽر گلاب راءِ جي پٽ وجي دروازا کڙڪائي سيني کي اٿاريو ته پنج ٿي ويا آهن. سخت بارش وسي رهي هئي. لائيٽ به خبر ناهي ڪڏهن کان هلي وئي هئي. ڪنوڻ جي هڪ چمڪات ۾ وقت ڏٺم ته اڃا چار ٿيو هو. سمجهي ويس ته وجي کان وقت ڏسڻ ۾ ڀل ٿي وئي آهي. بهرحال اوندهه ۾ به اٿي تيار ٿجي. ڪنهن به طرح ديرنه ٿيڻ ڪپي جو متان نول کي دهلي ميونسپل وارن کي پنج هزار رپيا ديرسان موٽڻ جو ڏنڊ ڀري ڏيڻو پوي. ٻاهر نڪتس، ته سري چند جو انجنيئر پٽ سنجي وراندي ۾ ٽهلي رهيو هو. سري چند ان ساڳي ماءُ."سوناري" مان آهي، جنهن مان ارجن داس ۽ رامچند آهن. ياد رهي ته ارجن جو پيءُ ڊپٽي ڪمشنر نارائڻ داس جون ٽي زالون هيون. نولراءِ جيڪو اسان جي پاڙي ۾ رهي ٿو ۽ اڃڪلهه

ملتان ۾ انڪم ٽيڪس ڪمشنر آهي، سڀ ۾ ننڍي ماءُ نانڪيءَ جو پٽ آهي.

"انڪل ڏاڍو مينهن وسي رهيو آهي. بس هلندي يا پروگرام ڪينسل ۽ وڃي ننڊ ڪريون؟" سنجي پڇيو.

"چو ڀلا؟" مون وائڙو ٿي پڇيو مانس.

"انڪل ڏسو ڪو نه ٿا ته دهليءَ جي بسين ۽ رستن جو حال ڇا آهي." هن حقڪت ڏي ڌيان ڇڪايو ۽ آئون سوچڻ لڳس ته ڳالهه ته صحيح ٿو ڪري. توڙي ڪٿي اسان فارين(ڌارين) ملڪ ۾ آهيون پر هن ملڪ جا حال به ته اسان جي ملڪ جهڙا آهن. آئون چوندو هوس ته ڪراچيءَ جي رستن ۽ ٽريفڪ جو خانو خراب ٿيل آهي .هر وقت ڪوٽائي پئي هلي پر هاڻ دهلي شهر جي بيڪار، پڳل ۽ چپي چپي تي ڪوٽائي ٿيل رستا، اٿلندڙ گٽر واپارين جي پيڊين ۽ ريڙهن(گاڏن) جي انڪروچ منت ڪري سوڙها ٿيل فٽ پاٿ ۽ ڪتن جي ٽورن ۽ ماڻهن جي مٽڻ جي ڏپن سان واسيل گهٽيون ڏسي پنهنجي ملڪ جي ڪراچيءَ سان پيار ٿيڻ لڳو آهي، جتي هر هنڌ ائين ته زپ ڪولي ماڻهو ڪو نه پيا مٿن ۽ نه ايترا رول ڪتا پيا هنگن. ڇيڻ ۾ ٿڦيل، ڪل گهنجيل ۽ بيمار پوڙهين ڍڳين جي دهليءَ ۾ جتي ڪٿي رستا روڪ الڳ آهي. بهرحال اسان پنهنجي طرفان هردوار شهر ڏي هلڻ لاءِ تيار ٿيڻ لڳاسين.

بورچي پنجين وڳي کان نيرن ڪرڻ لاءِ ڦاٽندو رهيو، ڪن ڪئي ڪن فقط چانهه پيتي پر نولراءِ سيني ماڻهن لاءِ نيرن پئڪ به ڪرائي جيئن رستي تي بک لڳي ته ڪائي سگهجي ۽ هوٽل ۾ ڪائڻ جو اجايو خرچ نه ٿئي پر اسان فقط هلڻ ۾ دير ڪري ڇڏي پر اتان موٽڻ ۾ به دير ڪئي ۽ واپسيءَ تي ماڻيءَ لاءِ پڻ سيني رڙيون ڪيون ۽ نول کي هوٽل ۾ ماني ڪارائڻ جو خرچ هڪ طرف ڀرڻو پيو ته بورچي طرفان تيار ٿيل ماني نه ڪائڻ ڪري اها الڳ ضايع ٿي وئي ۽ دهليءَ ۾ سج لٿي کان پوءِ بس جي موٽڻ ڪري نولراءِ کي بس جو ڀاڙو ٻارنهن بدران سترهن هزار رپيا ڏيڻو پيو. هتي رستا ڪٿي خراب آهن. عوام ڪٿي گهٽو آهي پر ملڪ جو قاعدو قانون سخت آهي. نه فقط سخت آهي پر ان جي پوئيواري هر ڪوشش سان ڪئي وڃي ٿي. رستي تي پوليس ڪٿي ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ٿي اچي پر ضرورت جي حالت ۾ ايمرجنسي نمبر ڊائل ڪرڻ بعد هتي جي پوليس جو رڪارڊ آهي ته پنجن منٽن ۾ پهچي وڃي. چاهي ڏينهن هجي يا رات. ان ڪري ڏوهاري به دل شڪستا رهن ٿا. ملڪ ۾ امن امان آهي، جيتوڻيڪ هيڏي وڏي آدمشماري ۽ پڪيڙ وارو ملڪ آهي. (سرينگر کان ڪيرالا صوبي جي شهر ٿيرووانان ٿپورام هي هڪ ئي نالو Thiruvananthapuram آهي، تائين جو مفاصلو 3671 ڪلوميٽر ۽ اروناچل جي شهر Tiruchchirappalli 4069 ڪلوميٽر مفاصلو آهي) پر سڄي رات توهان پيا گهمو مجال آهي ڪو توهان جو نالو وٺي. ٽورو به ڪو مسئلو ٿئي ته توهان پوليس کان مدد وٺي سگهون ٿا ۽ جي توهان ٻئي ملڪ کان آيا آهيو ته پوءِ هو اجان به توهان تي مهربان ٿيندي نظر ايندي جو هتي جي پوليس، سرڪار، دڪاندار ۽ عوام سمجهي ٿي ته ٽوئرزم سڀ کان وڏي انڊسٽري آهي. گهمڻ لاءِ ايندڙ ڌارين مان نه فقط هتي جي

ملڪ جي ايڪانامي بهتر ٿئي ٿي پر انهن سان سڀ نموني سان پيش اچڻ سان هو انڊيا جي پنهنجن ملڪن ۾ تعريف ۽ ڪن ٿا. منهنجي خيال ۾ اهوئي سبب آهي جو انڊيا ۾ هر سال ٽوئرسٽن جو تعداد وڌندو ئي رهي ٿو. انڊيا جي شهرن ۾ هر ملڪ جا ماڻهو نظر اچن ٿا. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اڪيلا يا ٽولن ۾ رات جو دير تائين مختلف ڪلبن، سينيما هالن ۽ شاپنگ سينٽرن جي اڳيان نظر اچن ٿا. انڊيا جي ننڍن شهرن ۾ ننڍيون وڏيون هوٽلون آهن ۽ وڏن شهرن ۾ ته گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ آهن، تنهن مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هتي ملڪي توڙي غير ملڪي ٽوئرسٽ ايندا رهن ٿا ۽ جتي بين الاقوامي معيار جون پنج هزار رپيا هڪ ڏينهن جي مسواڙ واريون فائيواسٽار هوٽلون آهن اتي ۽ سئو رپيا ڪمري واريون سادين هوٽلون ۽ آهن. جتي ٻن رپين جي "مڇر مار وُيڙهي" ساڙي سڪون جي ننڊ ڪري سگهجي ٿي. سڀ کان وڏو سڪون امن امان جي ڪري آهي. تڏهن ته هن ملڪ ۾ (جيڪو ٻاهرين Look ۾ اسان ئي جهڙو ئي لڳي ٿو) هر قوم جا، ويندي جپاني همراهه تائين ۽ گهمندا ڦرندا رهن ٿا. جپانين جو ائين آزاد گهمڻ هن ملڪ (انڊيا) لاءِ Law & Order برقرار رکڻ جو سرٽيفڪيٽ آهي، جو جاپاني ان ملڪ ۾ توهان کي ائين پسار ڪندي هرگز نظر نه ايندا، جنهن ۾ امن امان جو درجو مٿانهون نه هجي. ڪالهه دهليءَ جي هڪ اهڙي رستي، تان گذر ٿيو جتي ايراني سفارتخانو آهي. آتو رڪشا ۾ رستي تان لنگهندي نالو پڙهي لهي پيس. گيٽ وٽ رڳو تڪلف خاطر يونيفارم ۾ سپاهي بيٺو هو.

"اندر وڃي سگهان ٿو؟" مون کانئس پڇيو.

"ڀلي وڃ." هن ڪنهن ۽ جهل پل جو اظهار نه ڪيو.

اندران وڃي ڪانئن ڪجهه ايران جا بروشر (ڪتابچا) وٺي آيس. هڪ اسان جو ملڪ آهي جنهن ۾ هاڻ (گهڻو اڳ نه هوندو هو) هڪ سفارتخاني ۾ پهچڻ وڏي پلصراط پار ڪرڻ آهي پر ڪراچيءَ ۾ ڪنهن ملڪ جي قونصل خاني ۾ پهچڻ ۽ محال ٿو لڳي. ٻن ٽن دعوتن ۾ ايران جو قونصلر جنرل مليو ۽ منهنجو ايران گهمڻ جي شوق جو ٻڌي هن مون کي پنهنجي آفيس ۾ چانهه لاءِ ۽ گهرايو ۽ چيو ته پاسپورٽ ڪٽي اچ ته ان ئي ڏينهن ويزا لڳرائي ڏين. مون ۽ ڏينهن قونصليٽ جا چڪر هنيا پر اندر وڃڻ ۾ ڪامياب نه ٿيس. فون تي هن سان ڪانٽيڪٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم. آپريٽر يا جيڪو قونصلر سان فون ملائڻ جو انچارج هو،اهو جيتوڻيڪ سنڌي هو ۽ مون کي ليکڪ جي حيثيت سان سڃاتئين ٿي پر اهڙا ڏنڀ ڏنائين جو مون پڇر ئي ڇڏي ڏني" هينئر صاحب ڪونهي، هاڻ صاحب آيو آهي پر ڪهڙو ڪم آهي... وغيره وغيره." هن کي منهنجي ڪم کان وڌيڪ فڪر پنهنجي پٽ جي نوڪريءَ جو ٿي لڳو. هن مون کي ولايت ۾ رهندڙ سمجهي الائي ڇا پئي Expect(اميد) ڪيو ۽ مون نيٺ پڇر ئي ڇڏي ڏني. اسان جي ڳوٺ جي يعقوب پاٽوليءَ(جيڪو اڪثر ايران ويندو رهي ٿو) چيو، "سائين جڏهن وڃڻ جو ارادو ٿئي ته هفتو ڪن اڳ ۾ ٻڌائجو، فلاڻو منهنجو سڃاڻو آهي. توهان

کي گهر ويني ايران جي ويزا وٺرائي ڏيندو.“

بهرحال اهي ڳالهيون آهن، جيڪي اسان جي ملڪ ۽ انڊيا کي ڏسڻ سان فرق صاف ظاهر ٿئي ٿو. اسان وٽ دنيا جو هيڏو وڏو عجوبو موهن جو دڙو آهي، پر ڌارين جي رهائش لاءِ ڪا هوٽل ناهي. سرڪار طرفان ٺهيل واحد هوٽل ۾ ملڪي ماڻهوءَ کي ئي رهندي خوف ٿو طاري ٿئي.

بهرحال پاڻ هردوار شهر جي سفر تي اچون جيڪو دهليءَ کان ايترو پري آهي جيترو ڪراچيءَ کان ڪٽي سمجهو تہ نوابشاهہ آهي. اسان منجهند کان اڳ اتي پهچي ڪلاڪ ٻہ ترسي يڪدم موٽڻ تي چاهيو پر بس ۾ چڙهندي چڙهندي سادا چهہ ٿي ويا ۽ ايتري ۾ خبر پيئي تہ نول جو هڪ ياءُ ڊاڪٽر لڇمڻ جيڪو ڪئنادا کان ڪراچيءَ آيو هو ۽ هن کي اسلام آباد مان انڊيا جي ويزا ملڻ ۾ دقت ٿي رهي هئي، سو دهليءَ جي ايئرپورٽ تي پهچي ويو آهي ۽ هو پنهنجي زال ريڪا ۽ ڌيءَ نوريءَ سان گڏ اسان جي بس ۾ هردوار هلڻ ٿو چاهي ۽ هو هن وقت ايئرپورٽ کان نڪري چڪو آهي. اسان بس ۾ ويهي هنن جو انتظار ڪرڻ سان گڏ رکي رکي وسندڙ مينهن ۽ راتوڪي وسيل مينهن ڪري ٽيل گپ ۽ پاڻيءَ سان ڀريل ڪڏن کي ڏسندا رهياسين. آخر ستين وڳي ڌاري ڊاڪٽر لڇمڻ جي ٽيڪسي پهچي وئي. هڪ دفعو وري ڪيڪار شروع ٿي ويئي. نول رڙيون ڪندو رهيو تہ سيٺن تي ويهي رهو تہ بس هلي پر ڊاڪٽر لڇمڻ بہ سالن کان پوءِ ڪئنادا کان آيو هو. پنهنجن هيترن سارن پائرن پينرن کي هڪ هنڌ ڏسي خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نہ پئي ماپيو. ساڳي وقت سندس زال ريڪا جو ڀاءُ دودو هتي موجود هو جيڪو نول جو پيٽويو بہ ٿئي. مرد هٿ ڏئي يا پاڪر پائي مليا، عورتون جهڪي مليون ۽ لڇمڻ سندن مٿي تي هٿ رکي آسيس ڏني، هر ڪو اوڏڪي زبان ۾ ڪانئس سندس حال ۽ خبر پڇندو رهيو.

”خوش ڇوا... ڪا حال هتي؟“

”ڪڏهن آلي ڇوا ڪئنادا مئون؟“... وغيره وغيره آئون هاڻ سولو ٿي ويئس ۽ دريءَ کان سجو پردو ريڙهي پئيان ڪيم جيئن اڳيان جو نظارو چٽي طرح ڏسندو هلان. هردوار پهچڻ لاءِ اسان جي بس کي ڪيترائي ڳوٺ، شهر، صوبا ۽ ٻهراڙيون لتاڙڻيون هيون ۽ هو ڇا چوندا آهن تہ ملڪ جي آسودي هجڻ جي خبر ٻهراڙيءَ مان پوي ٿي. ڊرائيور بس جي انجڻ اسٽارٽ ڪري اڳيان وڌيو. ان ئي وقت ڪنهن جي موبائيل جي گهنٽي وڳي ۽ بس کي روڪڻ لاءِ چيو ويو. ”ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ سڀ پڇڻ لڳا دير پئي ٿئي هلو ڇو نٿا؟“.

”.. چي پروفيسر بسنت رهجي ويو آهي، پنجن منٽن ۾ پهچڻ وارو آهي.“

”ادا هاڻ هلو، پنجن منٽن ۾ ڪڏهن بہ نہ پهچي.“ نول هلڻ جي ڪئي پر سندس وڏي پٽ جواهر لعل جنهن فون اٽينڊ ڪيو هو تنهن ٻڌايو تہ هتي سامهون ڪالڪا مندر وٽ پهچي چڪو آهي ۽ هن اتان ئي فون ڪيو آهي.

”چڱو پنجن منٽن لاءِ بس بيهاريون ٿا،ان اندر نہ پهتو تہ هليا هلنداسين.“

نولراءِ پڪي فيصلي جو اعلان ڪيو.

بهرحال پنج منٽن يعني ايشيائي اڻ ترقي يافتہ ملڪن ۾ معنيٰ گهٽ ۾ گهٽ

ڪلاڪ ٿيو. پروفيسر بسنت اوڏ جي ٽيڪسي ڏهن منٽن ۾ پهچي ويئي ۽ هو پاڻ، سندس زال ميران ۽ سندن ننڍي ڏيءَ لاجونتي بئگ سميت جلدي جلدي بس ۾ چڙهيا نه فقط بسنت کي سئيٽر هو پر سندس زال ۽ ڏيءَ به لوئيءَ ۾ ڍڪيل هئي. بسنت منهنجي پر واري سيٽ تي اچي ويٺو ته مون يڪدم چيومانس ته ابا توهان سان خير ته آهي، هن اونهاري جي موسم ۾ جڏهن اسان پڪا هلايو وينا آهيون، توهان گرم ڪپڙن ۾؟

"دراصل اسان سرينگر(هندستان جي قبضي هيٺ آيل ڄمون ۽ ڪشمير واري رياست) هليا ويا هئاسين. هتان گهٽ ۾ گهٽ ست اٺ سؤ ڪن ڪلوميٽر پري آهي. اُتي پهچي ڏهه ڪلوميٽر جبل جي رستي کان مٿي هڪ ديويءَ جي مندر ۾ پوڄا ڪرڻ ويا هئاسين. آئون ته پنڌ ڪري نه سگهيس ۽ پاڙو ڏئي خچر تي چڙهي ويس باقي منهنجي زال ۽ ڏيءَ اوٺ موٽ پنڌ ڪيو." ڪنڊياري ڪاليج ۾ فزڪس پڙهائيندڙ ۽ نول جي پيٽوئي پروفيسر بسنت ٻڌايو.

"شاباس هجي يڪ ساهيءَ ايڏو سفر ڪرڻ جي ۽ هينئر هتي دهليءَ ۾ پهچڻ سان وري هن سفر تي پيو هلين. پلا ڪيئن لڳو ڪشمير؟" مون پڇيومانس.

"ڏاڍو سهڻو آهي،واقعي! ڏاڍي پوليس ملي. اسان به ڏکندا رهياسين. زيارت جو ڪم لاهي يڪدم پويان پير ڪياسين."

"ڇو پلا؟" مون تعب ۾ پڇيو.

"ان ڪري جو پاڻ کي ڄمون ڪشمير جي ڪٽي آهي ويزا؟ هر وقت اهو پئي ڊپ لڳو ته ڪو پڇي نه وٺي ته ڪير آهيو.ان ڪري آئون سٽڻ قميص پائڻ وارو به اُتي پينٽ پائي ويس ته ڪو ايڊينٽيفاءِ نه ڪري سگهي ته آئون غير انڊين آهيان." بسنت ٻڌايو.

هتي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ اهو به لکندو هلان ته انڊيا ۾ مردن جي ڊريس قميص پينٽ آهي. انڊيا اچڻ کان اڳ ڪيترا شايد اهو سوچيندا هجن ته هتي هندو مذهب هجڻ ڪري هر مرد ڌوتيءَ ۾ هجي يا شلوار قميص ۾ جو اڃڪلهه انڊين فلمن جا هيرو به شلوار قميص پائين ٿا پر ائين نه آهي. انڊيا ۾ عام پبلڪ جي ڊريس پينٽ آهي. چوڌاري نظر ڪبي ته سڀ پتلونن ۾ نظر ايندا. آفيس وارا، دڪاندار، مزور... ورلي ڪو سياستدان يا مندر سان واسطو رکندڙ ڌرمي ماڻهو ڌوتيءَ ۾ نظر ايندو ۽ سندس نرڙ تي ڳاڙهي يا هئڊي رنگ جو تلڪ به هوندو. ڪن ڪن هنڌن تان گذرندي، خاص ڪري مسلمان ڪالونين مان توهان کي شلوار قميص يا ڪڙتي پجامي ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نظر ايندو نه ته ويندي جامعيه ملي يونيورسٽيءَ ۽ درگاهه حضرت نظام الدين اولياءَ جي آسپاس رهندڙ ۽ دڪاندار به گهٽي ڀاڱي پتلونن ۾ ئي نظر ايندا، بلڪ شلوار قميص ۾ ملبوس ڪجهه ماڻهن کان جڏهن مون پڇيو ته دهليءَ جا آهيو ته جواب ۾ هنن ڪراچي، لاهور يا افغانستان جو ٻڌايو. عورتون البته مختلف ڊريسن ۾ آهن، خاص ڪري پجامي، گهٽ ورن واري هلڪي شلوار ۾، پتلون، اسڪرٽن ۾ ۽ ڪجهه ساڙهين ۾ پڻ ساڙهين ۾ گهٽي ڀاڱي عورتون فقط تڏهن ٿيون نظر اچن جڏهن ڪا شادي جهڙي Ceremonial Function آهي. جيئن

جپاني عورتن جي ڊريس اسان چئون ٿا تہ ڪمونو آهي پر جپان جي شهرن ۾ توهان کي جپاني عورت ورلي ڪا ڪمونو ۾ نظر ايندي نہ تہ مغربي ڊريس اسڪرٽن ۽ پتلونن ۾ ڏسڻ ۾ ايندیون.

سو انڊيا ۾ توهان جي نمايان ٿيڻ نٿا چاهيو ۽ ٿيڻ بہ نہ ڪپي تہ هتي جي عوام جي ڊريس قميص پتلون ۾ گهمڻ نڪرو نہ تہ شلوار قميص ۾ هرڪو سمجهي ويندو تہ توهان مڪاني نہ پر ڌاريان آهيو ۽ پوءِ ٽئڪسيءَ وارا توڙي دڪاندار توهان کي هر شيءِ جو اگهہ بہ ان حساب سان ٻڌائيندا.

تاج محل ڏسڻ لاءِ اڇڪلہ ٽڪيٽ وٺڻي پوي ٿي. "گهٽي جي آهي ڪٿان وٺجي؟" اسان آگري پهچي هتي جي ماڻهن کان پڇيو ۽ جن درين ڏي هتي جا ماڻهو پئي ويا اسان بہ ٽولن ۾ اتي جي قطارن ۾ وڃي بيناسين. ويهہ رپيا في ماڻهو پئي ورتائون. اسان جي ٽولي وارن ان تي بہ گوڙ پئي ڪيو تہ هڪ تہ هيڏو ياڙو پري دهليءَ کان آگري آيا آهيون ۽ هاڻ تاج محل ڏسڻ لاءِ اجا بہ ويهہ رپيا ڏيون يعني اسان جا پاڪستاني ٽيهہ رپيا ڪن ٿيا. هاڻ اندر گهڙياسين تہ خبر پئي تہ اسان جو هڪ ٽولو جنهن ۾ ڊاڪٽر لچمڻ ۽ ان جي فيملي هئي، دودو هو ۽ رامچند جي نندي ياءُ سريچند جو پٽ سنجي هو، اهي نظر ئي نہ اچن، ڪنهن چيو تہ تاج محل جي "ٽڪيٽ گهر" وارن هنن کي اتان ٽڪيٽ وٺڻ نہ ڏني ۽ تاج محل ڏسڻ کان منع ڪئي. اسان جو مزو ئي خراب ٿي پيو تہ آخر هنن کي چو نہ اچڻ ڏنائون جيتوڻيڪ هتي تہ دنيا جي ڀانت ڀانت جي ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو، عورتون توڙي مرد پيا هلن، ٿوري دير تاج محل جي سونهن ڏسڻ بعد پٽيان ڏسون تہ هاڻ اسان جي بچيل ساٿي پيا اچن.

"ڀائي خير تہ آهي ڇا ٿي ويو؟ توهان کي چو نٿي اچڻ ڏنائون؟" اسان سيني هڪ ئي وقت کانئن سوال ڪيا.

"دراصل تاج محل ڏسڻ جي ٽڪيٽ سادا ست سئو رپيا آهي." هنن ٻڌايو.

"پوءِ اسان کان ۽ ٻين کان تہ ويهہ ويهہ رپيا ورتائون." اسان کين پنهنجيون ويهين ويهين رپئي واريون ٽڪيٽون ڏيکاريندي چيو.

"ها. پوليس ٻڌايو تہ ويهہ رپيا آهي پر مڪاني ماڻهن لاءِ يعني انڊين لاءِ باقي سيني فارينرس لاءِ سادا ست سؤ رپيا آهي. توهان

حڪايت

نوشيروان عادل جي لاءِ شڪار گاهہ ۾ شڪار ڪيل هڪ جانور جو ڪباب پچائي رهيو هو ۽ لوڻ نہ هو.غلام کي ڳوٺ ڏانهن ڊوڙايو تہ جيئن لوڻ کڻي اچي.نوشروان چيو تہ قيمت وٺي ڇڏ، تہ جيئن طريقو نہ پئجي وڃي ۽ ڳوٺ ويران ٿي وڃي. ماڻهن چيو تہ اهڙي گهٽ مقدار سان ڪيئن رخنو پوندو تہ پاڻ چيائون."ظلم جو بنياد بہ پهرين ٿورڙي ۾ هو. پوءِ جيڪو ايندو هوان ۾ اضافو ڪندو ويو.هاڻي ايتري حد تائين پهچي ويو آهي جوجيڪڏهن بادشاهہ عوام جي باغ جو هڪ صوف ڪائي ٿو تہ ان جا غلام سڄي وڻ جا صوف هڙپ ڪري وڻن ٿا.جيڪڏهن بادشاهہ اڌ بيدي لاءِ ظلم جائز رکي ٿو تہ ان جا سپاهي هزار ڪڪڙن جا شيخ ڪباب ٺاهين ٿا.

کي ان ڪري نہ جهليائون جو هنن سمجهيو تہ توهان انڊين آهيو." سنجي ٻڌايو.

"پر توهان بہ تہ ساڳيا لڳو پيا ۽ ٻين انڊين جي وچ ۾ ٻيٺا هئائو" اسان چيو.

"هنن اسان کي ڊريس مان سڃاتو. سنجي جي شلوار قميص مان هو سمجهي ويا تہ هي پاڪستاني آهن." ڊاڪٽر لچمڻ ڪلندي ٻڌايو،"سنجي جي سٽڻ قميص پائڻ ڪري اسان جي ٽولي جي هر هڪ ماڻهوءَ سادا ست سئو رپيا ڏنا، سواءِ دودي جي."

"اهو وري ڪيئن؟"

"بس دودوي ڦڏي باز جي تہ خبر اٿانوَ، هن ٽڪيٽ وارن کي اسان لاءِ ڪنفرم ڪندي چيو تہ صحيح تا چئو هي پاڪستان جا آهن، مون وٽ دهليءَ گهمڻ آيا آهن."

"توهان جي ڪاشناخت؟" هنن دودي کان پڇيو تہ دودي رعب مان چين تہ شناخت وري ڇاجي. آئون دهليءَ جي ڪالڪا جي واري علائقي ۾ رهان ٿو. جي اعتبار نہ اچي تہ هلو پوليس وٽ، ان تي هو ٽڏا ٿي ويا ۽ دودو سادا ست سؤ رپيا بچائي ويو.

سنجي کي پنهنجي منهن هڪ دفعو وري صبح واري نصيحت ڪيم تہ ڏارئين ملڪ ۾ ڪڏهن بہ سٽڻ قميص نہ پائجي. اها پنهنجي ڊريس لاءِ سڪ ڳوٺ ئي ڇڏي هلجي. ڪئپٽن بشير وسطڙو تہ چوندو آهي تہ سعودي عرب ۾ بہ انگريزن واري پتلون پائي هلجي توڙي ڪٽي سفر جو مقصد حج ڪرڻ هجي، ڇو جو پتلون ۾ ٺهرايل ايڪسٽرا ڪيسن ۾ هڪ تہ پاسپورٽ، پئسا ۽ ٽڪيٽون سلامت ۽ سوگهيون رهن ٿيون ۽ ٻيو عربن تي بہ رعب پوي ٿو. سٽڻ، قميص وارو هر وقت عربن جي دڙڪي ۾ رهي ٿو.

پتلون واري کي هو ايراني، ترڪ يا برٽش سٽيزن يا انڊين سمجهي ان کي ڇڙپ ڏيندي بہ ڪترائين ٿا.

اسان جي پنجاهہ ڪن ماڻهن سان ٽهيل بس جيڪا دهليءَ مان سادي ستين نڪتي هئي، سا فريدآباد ۽ غازي آباد کان ٿيندي هاڻ ڏهين وڳي ڌاري اتر پرديش جي شهر ميروت پهتي. اتي رستي تي ٺهيل هوٽلن مان هڪ وٽ بس بيهاري سڀ چانهہ پاڻيءَ لاءِ لٿاسين. اتر پرديش هندستان جو هڪ اهم صوبو آهي، جنهن جي آدمشماري سڀ کان گهڻي آهي. اتر ۾ نيپال سان ٿو ملي ۽ منجهس علي ڳڙهہ، لکنئو، الهہ آباد جهڙا اهم تاريخي ۽ مشهور شهر آهن. هوٽل ۾ چانهہ پيئڻ جو ڪم لاهڻ بعد هيڏانهن هوڏانهن ٺهلڻ لڳس. هوٽل جي آڳنڌ وٽ ٽي چار ڪاٺ جون پيڊيون هيون، جن مان هڪ تي تہ اهي ئي شيون هيون، جيڪي اسان وٽ مشهور آهن، يعني ٻيڙي ماچيس، تماڪ، گهٽڪا، مٽي ۽ پيٽ جي سور جون گوريون، سوپاريون ۽ ٽڪيون چاڪليٽ، هڪ پيڊيءَ تي همراهہ پراڻا رسالا ۽ ڪتاب وڪڻي رهيو هو، جن جي Scanning ڪري بہ ٽي اهڙا ڪتاب ڳولي ڪڍيم جيڪي انڊين ليکڪن جا انگريزيءَ ۾ هئا يا انگريزيءَ جا هندستان راج جي بئڪ گرائوند ۽ هستري جا ناول هئا. مون سمجهيو بيوقوف نظر ايندڙ ڳوٺاڻو مالڪ آهي. ڪتاب مون کي ڦلن مٽ ۾ ڏيندو پر دڪاندار بہ انهن جو Worth ڄاتو ٿي ۽ جيڪا وڏي قيمت Quote ڪيائين، ان تان رپيو بہ هيٺ نہ لٿو. مون بہ ور ور ڏيئي وري ٿي اچي، انهن ڪتابن ۾ هٽ وڏو ۽ سوچيو تہ

من ڪجهه گهٽ ڪري پر هو پنهنجي ضد تان هيٺ نه لٿو ۽ مون آخرڪار انهن ڪتابن وٺڻ جو ارادو لاهي ڇڏيو. هڪ پيڊيءَ تي مختلف ڀاڄين ۽ ميون جا آچار وڪامجي رهيا هئا. اسان مان هڪ ٻن همراهن انهن مان هڪ ٻه برني ورتي ۽ پوءِ اچي بس ۾ ويناسين. هردوار جتي اسان کي وڃڻو هو اتي پهچڻ ۾ اسان کي اڃا اڌ کان وڌيڪ فاصلو طئي ڪرڻو هو. رستو ڀڳل ۽ خراب هو. بس به پراڻي ۽ اڀري ملي هئسين ۽ مٿان اهڙو ئي ايرو ۽ مرزيل ڊرائيور هو. آخر هڪ ٻن ٻين منزلن تي بيهندا پنهنجي منزل هردوار پهتاسين، جتي ماڻهن جو عجيب ميلو متل هو. گنگا نديءَ زور سان وهي رهي هئي. اسان جي بس پل ٽپي ٻئي پاسي ويئي ۽ اڌ ڪلاڪ کان اسان کي پارڪنگ ڳولڻ ۾ لڳي ويو پر پرائيويٽ ڪارين، ٽيڪسين، پبلڪ بسين ۽ ٽوئرسٽ لارين سان هر ميدان هر ڪنڊ ڀري پيئي هئي. آخر بس واري کي چيوسين ته اسان کي اتي نديءَ وٽ لاهي تون ڪٿي ڀري وڃي بس کي پارڪ ڪر. اسان کي گهٽ ۾ گهٽ به ڪلاڪ کن لڳندا. ان بعد اسان لاءِ بس هتي ڪاهي اچجانءِ يا اسان توکي اچي ڳولينداسين.

هي شهر هردوار اهو هنڌ آهي جتان کان گنگا ندي Plain (ميدانن) ۾ داخل ٿئي ٿي. ننڍي هوندي جاگرافيءَ پڙهبو هو ته جبلن تي جميل برف گرميءَ جا ڏينهن شروع ٿيڻ تي وٽڙي پاڻي تي جبلن تان هيٺ لهي يا برف جي اڌ گابري صورت ۾ جبلن تان برفاني درياهه هيٺ لهن ٿا. جن کي گلئشيئر سڏجي ٿو. جبلن تان لهڻ وقت ان پاڻي يا اڌ گابري وهندڙ برف ۾ پريشر ٿئي ٿو، جو اها مٿان کان هيٺ لهي ٿي ۽ پوءِ ميدان اچن ٿا، ميدانن مان لنگهندي نديءَ جي رفتار گهٽجڻ لڳي ٿي ۽ هو پاڻ سان گڏ مٽي ۽ Slit روڙيندي هلي ٿي جيڪا فصل لاءِ ڪارائتي هوندي آهي ۽ پوءِ نديءَ جو آخري ڀاڱو ڍيلتا سڏجي ٿو، جنهن ۾ ندي ٽڪنڊي جي صورت ۾ ننڍيون ننڍيون شاخون ٺاهي سمنڊ ۾ داخل ٿئي ٿي.

سو هي شهر هردوار جتان گنگا وهي ٿي، نديءَ جو اهو هنڌ آهي، جتان اها سڌو ميدانن جو سفر شروع ڪري ٿي. دراصل هن شهر(هردوار) ۾ گنگا جي ڪناري تي بيهي جتان ندي اچي پئي اوڏانهن ڏسبو ته جبلن جون قطارون نظر ايندڙيون جتان هيءَ ندي وهندي هاڻ هيٺ پهتي آهي. سندس رفتار ۽ وهڪ تکي ۽ گجگوڙ واري آهي جو ميدانن جو سفر اڃا هاڻ ٿي شروع ڪري ۽ ان ڪري منجهس اڃا مٽي ۽ رڙ به شامل نه ٿيو آهي. پاڻي گهٽو ۽ تکي رفتار ۾ آهي، ان ڪري اهو پاڻي صاف ۽ شفاف آهي، جيڪو پوءِ ميلن جي سفر ۾ مٽي، دز ۽ ڪارخانن مان نڪندڙ گندگيءَ سان ملي خراب ٿئي ٿو. هن هنڌ تي هندو وهنجڻ اچن ٿا، هنن جو عقيدو آهي ته گنگا نديءَ جي هن هنڌ تي وهنجڻ سان گناهه ڌوپيو وڃن ۽ جيڪو ماڻهو هن هنڌ تي گنگا ۾ ست ٽبيون هڻندو اهو ضرور سرڳ ۾ ويندو. هن جي چوڻ مطابق هن هنڌ تي رام وهنجي گنگا نديءَ کي پوتر ڪيو هو. هتان کان ست اٺ ميل اڳتي هڪ ٻي جاءِ لڇمڻ گوڏا مشهور آهي ۽ چار پنج ميل وڌيڪ هلڻ تي گنگوتري آهي.

اسان بس ڇڏي گنگا نديءَ جو ڪنارو ڏيندا ان هنڌ ڏي وڌڻ لڳاسين، جتي لاءِ چيو

وڃي ٿو تہ اتي رام شنان ڪيو هو. چوڌاري سوين ماڻهو(يورپي ۽ آمريڪين گورن سميت) اسان سان گڏ هلي رهيا هئا ۽ اوترائي اتان وهنجي موٽي رهيا هئا. رستي تي پرساد وڪڻڻ وارا فٽ پاٿ تي ويٺا هئا. جن گل، ميون، ناريلن کان علاوه پلاسٽڪ جون خالي بوتلون، برنيون ۽ گهگهيون ٿي وڪيون. اسان جي ٽولي مان بہ ڪيترين اهي تبرڪ طور واپسيءَ تي گنگا جو پاڻي ڪٽي هلڻ لاءِ ورتيون. اڳيان ٿورو پرتي گهٽ ۾ گهٽ سؤ ڪن ٽن جون ٽامي ۽ پتل جو سؤ فٽ ڪن ڊگهو Statue(مجسمو) هو. نديءَ جي ساڄي ڪناري پاسي جبل جي اتاهين چوٽيءَ تي هڪ قديمي مندر نظر اچي ٿو، جنهن لاءِ اتي موجود ساڌن ٻڌايو تہ اهو منشا ديويءَ جو مندر آهي. ٽاور تي پهچڻ لاءِ ڪيبل ڪارون هلن ٿيون.

اسان پنڌ هلندا هلندا اچي ان هنڌ تي پهتاسين جتي سوين مرد عورتون ڪچن ۾ يا پهريل ڪپڙن ۾ ان هنڌ تي نديءَ ۾ گهڙي شنان ڪري رهياهئا، يا ڪناري تي لڳل زنجيرن کي جهلي هيٺ پاڻيءَ ۾ ٽهيون هڻي رهيا هئا، اسان برلا ٽاور وٽ اچي گڏ ٿياسين ۽ جن جن کي گناهہ بخشائڻا هئا،سي نديءَ ۾ لهي پيا ۽ انهن سوين ماڻهن سان گڏ وڃي مليا، جيڪي پهرين نديءَ ۾ موجود هئا. سامهون دڪانن جي وچ ۾ ڪيترين هوٽلن ۽ ريسٽورنٽن جا بورڊ نظر اچي رهيا هئا. هوٽل تيرتت، الڪا هوٽل، هوٽل گنگا ڌام، هوٽل گنگا درشن، هوٽل گيان، چوٽي والا ريسٽورنٽ، شرما لاج، هوٽل راج، هوٽل آر تي درشن... وغيره وغيره رڪي رڪي گهوريئڙا مختلف رنگن ۽ سائيزن جون مالهائون ۽ سندور وڪڻي رهيا هئا. ڪي چندي جون چوپڙيون هٿ ۾ ڪڻي ڪنهن مندر يا ڪنهن خيراتي ڪم لاءِ چندو وٺي رهيا هئا. جيڪو عمل سندن Request واري نموني ۾ نہ پر بيحد Aggressive طريقي جو هو. ڪي عورتون پئسا وٺي ميندي لڳائي رهيون هيون. ڪيترائي فوٽو گرافر ڪئميرائون ڳچيءَ ۾ لڙڪائي Instant (موقعي تي فوٽوءَ جي تصوير) فوٽو ڪڍي رهيا هئا. منهنجي ڪئميرا جي بيٽري ختم ٿيڻ ڪري هڪ فوٽو گرافر منهنجي مٿي لڳي ويو يا شايد آئون هن جي مٿي لڳي ويس. هن ڏهہ فوٽو ڪڍائڻ تي گهٽ پيسا ٿي ورتا.چار پنج فوٽو تہ دريا اڳيان يا شو جي مورتيءَ اڳيان ڪڍرائي ورتم. باقي بچيل فوٽو هڪ سک فيمليءَ سان ، هڪ يا ٻن ساڌو ۽ فقيرن سان گڏ بيهي پورا ڪيم. فوٽو گرافر پئسا اڳ ۾ ئي وٺي ويو تہ اجهو ٿو صاف ڪري ڏيان. رسيد جي ڳالهہ ڪيائين پر ڏنائين ڪو نہ سيني چيو تہ اڳوات پئسا نہ ڏينس ها... رسيد تہ وٺينس ها... اڌ ڪلاڪ ۾ فوٽو صاف ڪري هتي ڪٽي اچڻ ناممڪن آهي.. وغيره وغيره هر ڪو پنهنجي پنهنجي راءِ ۽ نصيحت ڏيڻ لڳو. جڏهن پورو ڪلاڪ ٿي ويو پر فوٽو گرافر نہ موٽيو تہ مون ڪي بہ پڪ ٿي وئي تہ اهي پئسا بہ ويا تہ فوٽا بہ ويا ۽ هاڻ بس موٽڻ ۾ بہ ڪو اڌ ڪلاڪ ڪن وڃي بچيو هو. وهنجڻ وارن پاڻ کي اگهي ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا ۽ هاڻ بس ڏي ٿي وڌياسين تہ اسان وارو فوٽو گرافر فوٽو ڪٽي اچي نڪتو، پورو ڏيڍ ڪلاڪ بعد موٽيو هو.

"ايڏي ديرا" مون شڪايت واري

لهجي ۾ هن کي چيو.

"جناب اڌ ڪلاڪ ڪن تہ لڳندو، جنهن لاءِ مون توهان کي پهرين ئي چيو هو."

دل ۾ چيم تہ فوٽا ملي ويا هاڻ ڪهڙو ويهي بحث ڪيانس جنهن ۾ "سهي جون ٽنگون ٽي" وارو ضد تہ هو وعدي مطابق اڌ ڪلاڪ اندر پهچي ويو آهي.

..........*

اسان جي بس هندن جو پلارو شهر هردوار ڇڏيو تہ بس اندر ويٺل دهليءَ جي رهاڪو اوڏ عورتن نول جي پٽ مڪيش جي شاديءَ جا ڳيچ ڳائڻ شروع ڪيا ۽ جن سان گڏ پيٽارو ڪئبٽ ڪاليج جي دودو ۽ ڪنڊياري جي پروفيسر بسنت جي زالن شانتا ديوي ۽ ميران ۽ انهن جي ٻين پيٽن ۽ ٻارن ڊاڪٽر ڪرن، ڊاڪٽر ارم وغيره ڪين سر ڪڍايو.

مڪيش جي منهن تي ڪارو ڪارو تر آهي

مور جو نہ ملهہ آهي گلاب جو گل آهي
چوڏهينءَ جو چنڊ آهي.

*

الا_ چوڏهينءَ جو چنڊ آهي
پري کان مڪيش پنهنجي ماڙي ڏيکار
ڳاڙهي ماڙي چمڪي واري ڏاڍي مزيدار
مڪيش پنهنجي ماڙي ڏيکار...

ڪا دير ڳائڻ هلندو رهيو. ڪراچي ڇڏڻ مهل منهنجي پيٽ نسيم جيڪا وسطڙن ۾ پرڻي آهي ۽ سندن ڳوٺ مچر هنن اوڏن جي ڳوٺ ڪنڊيارو جي ويجهو آهي تنهن مون تي تعجب ڪائيندي ۽ ايندڙ ڏينهن جي حال تي همدردي ڪندي چيو هو تہ وسطڙن وانگر اوڏ بہ ڪچهري ۽ ڳائڻ جا شوقين آهن. سڄي سڄي رات ڳائيندي گذاريو ڇڏين. تون جلدي سمهڻ وارو ۽ خاموشي پسند ڪرڻ وارو هيترا هفتا هن سان ڪيئن گذاري سگهندين. پر سچ تہ گذريل سڄي رات دهلي، هريانا، اترانچل ۽ اتر پرديش ۾ وسيل طوفاني بارش جي ڪري هن ٽڏڪار ۽ جهڙالي ڏيهہ ۾، سنڌ کان ڏور هي سنڌي راڳ دل کي ڏاڍو پلا لڳي رهيا هئا. چوڌاري چهچ سائي ڪٽڪ ۽ رستي جي ڪنارن تي بي انتها پوکيل پنگ جا فصل سائي رنگ جي وال ٽو وال ڪارپيٽ جو ڏيک ڏئي رهيا هئا جنهن جي ڊگهي بج (Fur) هوا ۾ جهومي رهي هئي. هريانا ۽ اتر پرديش جهڙن ڏوڙانيل صوبن ۾ مينهن ڪري اڄ ڏوڙ ۽ دز بدران اسڪينڊينوين ملڪن وانگر Atmsophere صاف ۽ شفاف لڳي رهيو هو جڻ ايئر ڪنڊيشنر مان هوا فلٽر ۽ ٿڌي ٿي اچي رهي هجي. فضا ۾ عجيب سڳنڌ ۽ سرهاڻ هئي جڻ ڪنهن اعليٰ قسم جي خوشبوءِ چوڌاري اسپري ڪري ڇڏي هجي ۽ ان پر سحر ماحول کي رکي رکي ڇيٽن، سوئرن ۽ مختلف فئڪٽرين مان خارج ٿيندڙ Chemicals جي ڏپ قتل عام ٿي ڪيو.

هڪ هنڌ لکي آيو آهيان تہ انڊيا جي شهرن جي سونهن جي اها نيگيٽو پوائنٽ آهي تہ هر گهٽي ۽ روڊ تي مٽ جي ڏپ آهي. بخيا اڊوڙي ٻاهر نڪرندڙ انڊيا جي آدمشماري لاءِ دهليءَ جهڙي راڄڌانيءَ ۾ بہ Toilet جو بندوبست نہ آهي. هونءَ هتي جا ماڻهو هندو توڙي مسلمان ۽ سک عيسائي ادب آداب قائم رکڻ جا وڏا شوقين آهن پر

مٽ لڳڻ تي جتي ڪٿي پتلون جي زپ کي هيٺ ڪريو بيهيو رهن. بس مان لنگهبو ته رستي تي بيٺل پنهنجا مٿانا خالي ڪندڙن جي اوگهڙ پئي نظر ايندي پر ترجيترو به نه هنن کي ۽ نه ڏسندڙن کي ان ڳالهه جو احساس ٿئي ٿو ته رستي تان لنگهندڙن ۾ جيترا مرد آهن اوتريون عورتون به آهن جيڪي پڻ هي لقاءِ ڏسي رهيون آهن. پر لڳي ٿو ته هن ماحول ۾ جنم وٺندر ننڍي هوندي کان هن نظاري ۽ ڏپ جا عادي ٿي چڪا آهن جيئن اسان وٽ رستن تي پيشاب بعد اڳڻ کي وات ۾ جهلي هٿ ستڻ اندر داخل ڪري وٽ سارڻ جو اجر ڪٽيندڙ فقط ڏارين (يورپين وغيره) لاءِ تعجب جو سبب بڻجي ٿو، ان سان گڏ عرب ملڪن ملائيشيا، انڊونيشيا جهڙن ملڪن جي مسلمانن لاءِ پڻ ته اسان جي ملڪ جا ماڻهو هي ڪهڙي ثواب خير جي ڪم ۾ رڌل آهن. جن کي رستي تان لنگهندڙ عورتن جو به خيال ناهي. بهرحال دهلي جهڙي وڏي شهر جي گهٽين ۽ رستن جو ڪو ڪنڊ پاسو اهڙو نظر نه ايندو جيڪو يورڪ ائسڊ سان چٽڪاريل نه هجي.

انڊيا ۾ مينهن جام پون ٿا پر ڏکڻ ۾ مهاراشٽرا ۽ انڌراپديش ۾ ۽ ان کان هيٺن صوبن ڪرنا ٽاڪا، ڪيرالا ۽ تامل نادو ۾، باقي مٿي وچ وارن صوبن ۾ اسان وارو حال آهي ۽ ڪراچي جي شهر وانگر دهلي جي هر گهٽي ۽ رستي تي ٽيندڙ ڪوٽائي سڄي شهر کي ڏوڙاڻي ڇڏيو آهي. بلڪ ان کان بهتر ڪراچيءَ جي فضا ۽ رستا آهن. لاهور جا ته تمام سٺا آهن.

هتي جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جتي Industrial Revolution آيو آهي ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ جتي فئڪٽرين ۽ ڪارخانن ڪري عوام لاءِ روزگار جا ذريعا ۽ خوشحالي پيدا ٿي آهي اتي انهن ڪارخانن مان نڪرندڙ ڪيميڪلن ۽ زهريات بيماريون به پکيڙيون آهن.

اسان جي سنڌ ۽ پنجاب جي ڳوٺن ۾ به ڇيٽا ٽڦڻ هڪ عام ڳالهه هوندي هئي جيڪي سڪائڻ لاءِ پتين تي هنيا ويندا هئا. ننڍي هوندي هڪ ڇرڇو (يا ٿي سگهي ٿو ته سچ به هجي) ٻڌو هئوسين ته هڪ انگريز سنڌ جو هڪ ڳوٺ گهمڻ بعد پنهنجي حيرت جو اظهار ڪندي پنهنجي معلومات جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڳوٺاڻي کان پڇيو: "مهرباني ڪري اهو ته ٻڌاءِ ته توهان پنهنجين مينهن کي ڪيئن ٽاڙين ڪيو جو هو پٽ تي ڇيٽا لاهڻ بدران پتين تي ٿيون لاهين." بهرحال دنيا جي ملڪن ۾ ڇيٽو هڪ عام ۽ سستو Fuel آهي. منجهس Per Kilogramme ايتريون Calories (گرمائش يا رڌ پچاءُ جي طاقت) نه آهن جيتريون گاسليٽ يا ڪائين ۽ اڳارن ۾. پر جتي ملائيشيا وانگر ڪاٺ جام نه هجي يا جتي ننڍي ڪنڊ وانگر آدمشماري ۽ غربت گهٽي هجي اتي چانهه کان ٻوڙ ماني پچائڻ لاءِ ڇيٽا هڪ سستو، آسانيءَ سان ملندڙ ۽ Environment friendly ٻارڻ آهي. يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڇيٽي کي Direct ٻارڻ بدران وڏن پيپن (Cylinders) ۾ وجهي مجهانئس گئس پيدا ڪئي وڃي ٿي جيڪا Ethylene يا Propane ٽائيپ صاف گئس ٿئي (جنهن کي اسان وٽ عام زبان ۾ گوبر گئس سڏين ٿا) ۽ هيءَ ٻارڻ ۾ ڇيٽي وانگر گهٽو

دونهون نٽي ڪري پر ڪي ڳوناڻا دونهين خاطر ئي ڇيڻا ٻارين ٿا جيئن مڇر ماڻهن ۽ وهتن کي نہ پٽين جن جو آزار هتي هندستان ۾ بہ ڏاڍو آهي. بلڪ اسان کان بہ وڌيڪ جو هتي دهلي، آگري، هردوار توڙي امرتسر، سهارنپور ۽ بنارس ۾ اسان جي شهرن کان وڌيڪ گندگي آهي ۽ وڌيڪ مليريا آهي. فقط انڊين فلمن جي حد تائين انڊيا جا شهر ۽ ڳوٺ بهشت برين نظر اچن ٿا جن ۾ پرٿي زنتا، راني مڪرجي، پرياڪا چوپڙا، سري ديوي ۽ مدوءَ جهڙيون حور پريون نچندي ٽپندي ۽ رومانس ڪندي نظر اچن ٿيون، باقي حقيقت ان فلمي خيال کان مختلف آهي جنهن ۾ اس ۽ ڏوڙ ۾ ڪوجهيون ٽيل ۽ ڏوڙاٽيل، پگهر ۽ ڇيڻ جي چپ واريون ئي عام رستن تي نظر اچن ٿيون جيڪي وقت کان وڌيڪ آفيسن ۾ اوور ٽائيم يا ٻنين ۾ پورهيو ڪرڻ ۽ اڻ پوري خوراڪ ۽ آرام ڪري نہ ٻل ۽ نستيون لڳن ٿيون اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هڪ ڪمزور ۽ ڪاري سنهي عورت هڪ ٿلهي ۽ بي ڊولي صحتمند کان وڌيڪ سمارٽ لڳي ٿي ۽ پري جي ۽ پهرين Look ۾ اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هلندڙ عورتن کان هتي جون وڌيڪ Appealing لڳن ٿيون. خاص ڪري شهرن جون جيڪي نہ فقط ڊگريون هولڊر آهن پر علم بہ اٿن ۽ نہ فقط انگريزي ڳالهائڻ ۾ پر "چا ڳالهائڻ ڪپي" ۾ بہ هوشيار آهن.

بهرحال پاڪستان جي رهاڪن کي الله جو شڪر ڪرڻ ڪپي جو ٻين نعمتن سان گڏ اسان وٽ گئس بہ آهي جيڪا سالن کان نہ فقط بلوچستان جي شهر سئيءَ مان نڪري رهي آهي پر سنڌ ۽ پنجاب جي ڪن ڳوٺن مان پڻ ڳولي وئي آهي ۽ جيستائين زمين هيٺ گڏ ٿيل ان گئس جو ذخيرو هلندو رهندو تيستائين اسان جي ملڪ جا ماڻهو ڇيڻن ٽڦڻ ۽ ڇوڙا ڪرڻ کان بچيا رهندا. وڻ ڪپي ڪائيون ۽ ڇوڙا ڪرڻ بہ آسان ڪم آهي پر اڄ جي هيڏي آدمشماري لاءِ ڪٿي آهن ايڏا وڻ جن جي پينگ ڪئي وڃي. اڄ اسان جي ملڪ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اسان جي رڌڻن ۽ ڪارخانن ۾ ٻارڻ جي گئس نلڪن ذريعي ائين ٿي اچي جيئن پاڻي ۽ ان گئس کان تہ جيان جهڙا ملڪ بہ محروم آهن. گذريل سال جيان ۾ هجڻ دوران ڊبل روٽي جي ڳري قيمت کي نظر ۾ رکي اسان ٽوڪيو مان اٽو گهرايو ۽ چلهہ تي ماني پچائي ڊبل روٽيءَ جو خرچ ٿي بچايو جيڪا ڪٿي بہ ڏيڍ سئو يين (اسي روپين) کان گهٽ ناهي ۽ تنهن ۾ بہ فقط چهہ سلائيس ٿين. خبر پيئي

خليفہ هارون رشيد ۽ سندس پٽ

خليفہ هارون رشيد هڪ دفعي پنهنجي پٽ "مامون" کي چيو "مون مصر جي گورنري جوهر صقلي کي عطا ڪئي آهي، تون ان جو آرڊر ناهي اڄ."

مامون لکيو "اي جوهر صقلي! تلوار پنهنجي ڌار سان سڃاڻي ويندي آهي، قلم لکندڙ سان سڃاتي ويندي آهي، غلام پنهنجي سعادت سان سڃاڻيو ويندو آهي نہ ئي پنهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي جي نسبت سان. مون توکي مصر جي گورنري جي عهدي تي فائز ڪيو."

هارون رشيد اها تحرير پڙهي پنهنجي پٽ جي عقلمندي تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ان کي وڏو انعام ڏنائينس.

تہ ماني پچائڻ تي جيتري گئس تي استعمال ٿئي اها ان ڊبل روٽيءَ جي قيمت کان مهانگي آهي.

جپان ۾ انڊيا ملڪ (۾ ٻيا ڪيترائي) تيل ۽ پيٽرول وانگر گئس به ٻاهرن ملڪن مان گهرائين ٿا ۽ پوءِ سيلينڊر ڀري گهرن لاءِ وڪڻن. اسان وٽ به ڪن هنڌن تي خاص ڪري پڪنڪ وغيره تي رڌ پچاءُ لاءِ سيلنڊر استعمال ٿين ٿا پر اسان جي پنهنجي ملڪ مان نڪرندڙ گئس هجڻ ڪري انهن سيلنڊرن جي قيمت ايڏي ڳري ناهي جيتري جپان ۾ آهي يا هتي انڊيا ۾ اهي. ان ڪري تہ انڊيا ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي تہ ڌارين ملڪن کان پاڻيءَ جي جهازن (LNG ۽ VLCC جهازن) ذريعي گئس گهرائڻ بدران پائيپن ذريعي ايران مان گهرائي وڃي تہ من ڪجهہ سستي پوي، جنهن جي پاڪستان پهرين اجازت نٿي ڏني پر هاڻ پنهنجي ملڪ مان گئس جا پائپ لنگهڻ جي اجازت ڏني آهي. بهر حال هنن ملڪن ۾ اسان وانگر رڌ پچاءُ سستو نہ آهي ۽ اسان وٽ هيڏي سستي گئس هوندي به اسان جو عوام ان کي مهانگو ٿو سمجهي تہ هتي (انڊيا) جي هيٺين طبقي لاءِ جيڪو اسان جي ماڻهن کان به غريب آهي ۽ گهٽ "ڏهاڙي" ٿو حاصل ڪري، اهو ٻارڻ لاءِ ڪيڏي سوچ ويچار ڪندو هوندو. اهو ئي سبب آهي جو انڊيا جي هر هڪ گهر ۾ چيٽا استعمال ڪرڻ عام آهي. بس يا ٽرين ۾ لنگهبو تہ هر گهر جي پرواري ٻهراڙيءَ ۾ چيٽن سڪ جا انبار نظر ايندا. ڪيترن هنڌن تي مينهن پاڻيءَ جي بچاءُ ڪارڻ ان کي کوهہ وانگر گول شڪل ۾ استور ڪري ٻاهران چيٽن سان ليپ ڏنو وڃي ٿو. پوءِ ضرورت مطابق، خاص ڪري سياري ۾، ان گڏ ٿيل استور مان ٿورا ٿورا ڪري ڪڍيا وڃن ٿا.

..........*

اسان جي بس هندن جو پلارو شهر هردوار ڇڏيو تہ بس اندر وينل دهليءَ جي رهاڪو اوڏ عورتن نول جي پٽ مڪيش جي شاديءَ جا گيچ ڳائڻ شروع ڪيا ۽ جن سان گڏ پيٽارو ڪئبٽ ڪاليج جي دودو ۽ ڪنڊياري جي پروفيسر بسنت جي زالن شانتا ديوي ۽ ميران ۽ انهن جي ٻين پيٽن ۽ ٻارن ڊاڪٽر ڪرن، ڊاڪٽر ارم وغيره کين سر ڪڍايو.

مڪيش جي منهن تي ڪارو ڪارو تر آهي

مور جو نہ ملهہ آهي گلاب جو گل آهي
چوڏهينءَ جو چنڊ آهي.

*

الا۔ چوڏهينءَ جو چنڊ آهي
پري کان مڪيش پنهنجي ماڙي ڏيکار
ڳاڙهي ماڙي چمڪي واري ڏاڍي مزيدار
مڪيش پنهنجي ماڙي ڏيکار...

ڪا دير ڳائڻ هلندو رهيو. ڪراچي ڇڏڻ مهل منهنجي پيٽ نسيم جيڪا وسطڙن ۾ پرڻي آهي ۽ سندن ڳوٺ مچر هنن اوڏن جي ڳوٺ ڪنڊيارو جي ويجهو آهي تنهن مون تي تعجب ڪائيندي ۽ ايندڙ ڏينهن جي حال تي همدردي ڪندي چيو هو تہ وسطڙن وانگر اوڏ به ڪچري ۽ ڳائڻ جا شوقين آهن.سڄي سڄي رات ڳائيندي گذاريو ڇڏين.تون جلدي سمهڻ وارو ۽ خاموشي

پسند ڪرڻ وارو هيترا هفتا هنن سان ڪيئن گذاري سگهندين. پرسچ تہ گذريل سڄي رات دهلي، هريانا، اترانچل ۽ اترپردئش ۾ وسيل طوفاني بارش جي ڪري هن ٽڏڪار ۽ جهڙالي ڏيهہ ۾، سنڌ کان ڏور هي سنڌي راڳ دل کي ڏاڍو ڀلا لڳي رهيا هئا. چوڌاري چهچ سائي ڪڏڪ ۽ رستي جي ڪنارن تي بي انتها پوکيل ڀنگ جا فصل سائي رنگ جي والٽ وال ڪارپيٽ جو ڏيک ڏئي رهيا هئا، جنهن جي ڊگهي بج (Fur) هوا ۾ جهومي رهي هئي. هريانا ۽ اترپردئش جهڙن ڏوڙائيل صوبن ۾ مينهن ڪري اڄ ڏوڙ ۽ ڏز بدران اسڪينڊينوين ملڪن وانگر Atmosphere صاف ۽ شفاف لڳي رهيو هو جڻ ايئرڪنڊيشنر مان هوا فلٽر ۽ ٿڌي ٿي اچي رهي هجي. فضا ۾ عجيب سڳنڌ ۽ سرهاڻ هئي جڻ ڪنهن اعليٰ قسم جي خوشبوءِ چوڌاري اسپري ڪري ڇڏي هجي ۽ ان پرسحر ماحول کي رکي رکي ڇيڻن، سوئرن ۽ مختلف فئڪٽرين مان خارج ٿيندڙ Chemicals جي ڏپ قتل عام ٿي ڪيو.

هڪ هنڌ لکي آيو آهيان تہ انڊيا جي شهرن جي سونهن جي اها نيگيٽو پوائنٽ آهي تہ هر گهٽي ۽ روڊ تي مٽ جي ڏپ آهي. بخا اڊوڙي ٻاهر نڪرندڙ انڊيا جي آدمشماري لاءِ دهليءَ جهڙي راڄڌانيءَ ۾ بہ Toilet جو بندوبست نہ آهي. هونءَ هتي جا ماڻهو هندو توڙي مسلمان ۽ سک عيسائي ادب آداب قائم رکڻ جا وڏا شوقين آهن پر مٽ لڳڻ تي جتي ڪٿي پتلون جي زپ کي هيٺ ڪريو بيهيو رهن. بس مان لنگهبو تہ رستي تي بيٺل پنهنجا مثانا خالي ڪندڙن جي اوگهڙ پئي نظر ايندي پر ترجيترو بہ نہ هنن کي ۽ نہ ڏسندڙن کي ان ڳالهہ جو احساس ٿئي ٿو تہ رستي تان لنگهندڙن ۾ جيترا مرد آهن اوتريون عورتون بہ آهن جيڪي پڻ هي لقاءُ ڏسي رهيون آهن. پر لڳي ٿو تہ هن ماحول ۾ جنم وٺندڙ ننڍي هوندي کان هن نظاري ۽ ڏپ جا عادي ٿي چڪا آهن جيئن اسان وٽ رستن تي پيشاب بعد اڳڻ کي وات ۾ جهلي هٿ ستڻ اندر داخل ڪري وٽ سارڻ جو اجر ڪٽيندڙ فقط ڏارين (يورپين وغيره) لاءِ تعجب جو سبب بڻجي ٿو. ان سان گڏ عرب ملڪن ملائيشيا، انڊونيشيا جهڙن ملڪن جي مسلمانن لاءِ پڻ تہ اسان جي ملڪ جا ماڻهو هي ڪهڙي ثواب خير جي ڪم ۾ رڌل آهن. جن کي رستي تان لنگهندڙ عورتن جو بہ خيال ناهي. بهرحال دهلي جهڙي وڏي شهر جي گهٽين ۽ رستن جو ڪو ڪنڊ پاسو اهڙو نظر نہ ايندو جيڪو يورڪ ائسڊ سان ڇڻڪاريل نہ هجي.

انڊيا ۾ مينهن جام پون ٿا پر ڏکڻ ۾ مهاراشٽرا ۽ انڌرا پرديش ۾ ۽ ان کان هيٺين صوبن ڪرنا ٽاڪا، ڪيرالا ۽ تامل نادو ۾، باقي مٿي وچ وارن صوبن ۾ اسان وارو حال آهي ۽ ڪراچي جي شهر وانگر دهلي جي هر گهٽي ۽ رستي تي ٿيندڙ ڪوٽائي سڄي شهر کي ڪوٽائي سڄي شهر کي ڏوڙائي ڇڏيو آهي. بلڪ ان کان بهتر ڪراچيءَ جي فضا ۽ رستا آهن. لاهور جا تہ تمام تمام سٺا آهن.

هتي جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جتي Industrial Revolution آيو آهي ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ جتي فئڪٽرين ۽ ڪارخانن ڪري عوام لاءِ روزگار جا ذريعا ۽ خوشحالي پيدا ٿي آهي اتي انهن ڪارخانن مان

نڪرندڙ ڪيميڪلن ۾ زهريات بيماريون به پکيڙيون آهن.

اسان جي سنڌ ۾ پنجاب جي ڳوٺن ۾ به ڇيٽا ٽڦڻ هڪ عام ڳالهه هوندي هئي جيڪي سڪائڻ لاءِ پٽين تي هنيا ويندا هئا. ننڍي هوندي هڪ چرچو (يا ٽي سگهي ٿو ته سچ به هجي) ٻڌو. هئوسين ته هڪ انگريز سنڌ جو هڪ ڳوٺ گهمڻ بعد پنهنجي حيرت جو اظهار ڪندي پنهنجي معلومات جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ هڪ ڳوٺاڻي کان پڇيو: "مهرباني ڪري اهو ته ٻڌاءِ ته توهان پنهنجين مينهن کي ڪيئن ٽا ٽرين ڪيو جو هو پٽ تي ڇيٽا لاهڻ بدران پٽين تي ٿيون لاهين." بهرحال دنيا جي ملڪن ۾ ڇيڻ هڪ عام ۽ سستو Fuel آهي. منجهس Per Kilogramme ايٽريون Calories (گرمائش يا رڌ پچاءُ جي طاقت) نه آهن جيٽريون گاسليٽ يا ڪائين ۾ اڳارن ۾ پر جتي ملائيشيا وانگر ڪاٺ جام نه هجي يا جتي ننڍي ڪنڊ وانگر آدمشماري ۽ غربت گهٽي هجي اتي چانهه کان ٻوڙ ماني پچائڻ لاءِ ڇيٽا هڪ سستو، آسانيءَ سان ملندڙ ۽ Environment friendly ٻارڻ آهي. يورپ ۽ ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ڇيڻ کي Direct ٻارڻ بدران وڏن پيپن (Cylinders) ۾ وجهي منجهانئس گئس پيدا ڪئي وڃي ٿي جيڪا Ethylene يا Propane ٿائيپ صاف گئس ٿئي (جنهن کي اسان وٽ عام زبان ۾ گوبر گئس سڏين ٿا) ۽ هيءَ ٻارڻ ۾ ڇيڻي وانگر گهٽو دونهون نٿي ڪري پر ڪي ڳوٺاڻا دونهين خاطر ئي ڇيٽا ٻارين ٿا جيئن مڇر ماڻهن ۽ وهڻن کي نه پٽين جن جو آزار هتي هندستان ۾ به ڏاڍو آهي. بلڪ اسان کان به وڌيڪ جو هتي دهلي، آگري، هردوار توڙي امرتسر، سهارنپور ۽ بنارس ۾ اسان جي شهرن کان وڌيڪ گندگي آهي ۽ وڌيڪ مليريا آهي. فقط انڊين فلمن جي حد تائين انڊيا جا شهر ۽ ڳوٺ بهشت برين نظر اچن ٿا جن ۾ پريتي زنٽا، راني مڪرجي، پريانڪا چوپڙا، سري ديوي ۽ مڌوءَ جهڙيون حور پريون نچندي ٽپندي ۽ رومانس ڪندين نظر اچن ٿيون، باقي حقيقت ان فلمي خيال کان مختلف آهي جنهن ۾ اس ۽ ڏوڙ ۾ ڪوجهيون ٽيل ۽ ڏوڙائيل، پگهر ۽ ڇيڻ جي چپ واريون ئي عام رستن تي نظر اچن ٿيون جيڪي وت کان وڌيڪ آفيسن ۾ اوور ٽائيم يا ٻنين ۾ پورهيو ڪرڻ ۽ اڻ پوري خوراڪ ۽ آرام ڪري نٻل ۽ نستيون لڳن ٿيون. اها ٻي ڳالهه آهي ته هڪ ڪمزور ۽ ڪاري سنهي عورت هڪ ٿلهي ۽ ٻي ڊولي صحتمند کان وڌيڪ سمارٽ لڳي ٿي ۽ پري جي ۽ پهرين Look ۾ اسان جي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ هلندڙ عورتن کان هتي جون وڌيڪ Appealing لڳن ٿيون. خاص ڪري شهرن جون جيڪي نه فقط ڊگريون هولڊر آهن پر علم به اٿن ۽ نه فقط انگريزي ڳالهائڻ ۾ پر "چا ڳالهائڻ ڪپي" ۾ به هوشيار آهن.

بهرحال پاڪستان جي رهاڪن کي الله جو شڪر ڪرڻ ڪپي جو ٻين نعمتن سان گڏ اسان وٽ گئس به آهي جيڪا سالن کان نه فقط بلوچستان جي شهر سئيءَ مان نڪري رهي آهي پر سنڌ ۽ پنجاب جي ڪن ڳوٺن مان پڻ ڳولي وئي آهي ۽ جيستائين زمين هيٺ گڏ ٿيل ان گئس جو ذخيرو هلندو رهندو تيستائين اسان جي ملڪ جا ماڻهو

چيٽن تڦڻ ۽ ڇوڏا ڪرڻ کان بچيا رهندا. وڻ ڪپي ڪائيون ۽ ڇوڏا ڪرڻ بہ آسان ڪم آهي پر اڄ جي هيڏي آدمشماري لاءِ ڪٿي آهن ايڏا وڻ جن جي پيئنگ ڪئي وڃي. اڄ اسان جي ملڪ جي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ اسان جي رڌڻن ۽ ڪارخانن ۾ ٻارڻ جي گئس نلڪن ذريعي ائين ٿي اچي جيئن پاڻي ۽ ان گئس کان تہ جيان جهڙا ملڪ بہ محروم آهن. گذريل سال جپان ۾ هجڻ دوران ڊبل روٽي جي ڳري قيمت کي نظر ۾ رکي اسان ٽوڪيو مان انو گهرايو ۽ چلهہ تي ماني پچائي. ڊبل روٽيءَ جو خرچ ٿي بچايو جيڪا ڪٿي بہ ڏيڍ سؤ ين (اسي روپين) کان گهٽ ناهي ۽ تنهن ۾ بہ فقط ڇهہ سلائيس ٿين. خبر پيئي تہ ماني پچائڻ تي جيتري گئس ٿي استعمال ٿئي اها ان ڊبل روٽيءَ جي قيمت کان مهانگي آهي.

جپان ۽ انڊيا ملڪ (۽ ٻيا ڪيترائي) تيل ۽ پيٽرول وانگر گئس بہ ٻاهرن ملڪن مان گهرائين ٿا ۽ پوءِ سيلينڊر ڀري گهرن لاءِ وڪڻن. اسان وٽ بہ ڪن ڪن هنڌن تي خاص ڪري پڪنڪ وغيره تي رڌ پچاءُ لاءِ سيلينڊر استعمال ٿين ٿا پر اسان جي پنهنجي ملڪ مان نڪرندڙ گئس هجڻ ڪري انهن سيلنڊرن جي قيمت ايڏي ڳري ناهي جيتري جپان ۾ آهي يا هتي انڊيا ۾ آهي. ان ڪري تہ انڊيا ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي تہ ڌارين ملڪن کان پاڻيءَ جي جهازن (LNG ۽ VLCC جهازن) ذريعي گئس گهرائڻ بدران پائيپن ذريعي ايران مان گهرائي وڃي تہ من ڪجهہ سستي پوي، جنهن جي پاڪستان پهرين اجازت نٿي ڏني پر هاڻ پنهنجي ملڪ مان گئس جا پائپ لنگهڻ جي اجازت ڏني آهي. بهرحال هنن ملڪن ۾ اسان وانگر رڌ پچاءُ سستو نہ آهي ۽ اسان وٽ هيڏي سستي گئس هوندي بہ اسان جو عوام ان کي مهانگو ٿو سمجهي تہ هتي (انڊيا) جي هيئين طبقي لاءِ جيڪو اسان جي ماڻهن کان بہ غريب آهي ۽ گهٽ "ڏهاڙي" ٿو حاصل ڪري، اهو ٻارڻ لاءِ ڪيڏي سوچ ويچار ڪندو هوندو. اهو ئي سبب آهي جو انڊيا جي هر هڪ ڳوٺ ۾ چيٽا استعمال ڪرڻ عام آهي. بس يا ٽرين ۾ لنگهبو تہ هر ڳوٺ جي پرواري ٻهراڙيءَ ۾ چيٽن سڪڻ جا انبار نظر ايندا. ڪيترن هنڌن تي مينهن پاڻيءَ جي بچاءُ ڪارڻ ان کي کوهہ وانگر گول شڪل ۾ استور ڪري ٻاهران چيٽن سان ليپ ڏنو وڃي ٿو. پوءِ ضرورت مطابق، خاص ڪري سياري ۾، ان گڏ تيل استور مان ٿورا ٿورا ڪري ڪڍيا وڃن ٿا.

.....هلندڙ

دور

هڪ دفعو امام جعفر صادق امام حنيفي کان سوال ڪيو تہ "توهان وٽ عقل منديءَ جي ڇا تعريف آهي؟" امام فرمايو تہ "جيڪا ڀلائي ۽ برائيءَ ۾ فرق محسوس ڪري سگهي" امام جعفر صادق چيو تہ "اهو فرق تہ جانور ۾ بہ آهي ڇو تہ جيڪي ان جي خدمت ڪن ٿا اهي انهن کي تڪليف ڪونہ پهچائيندا آهن ۽ ان کي چڪ نہ پائيندا آهن." امام ابو حنيفہ رح فرمايو تہ "پوءِ توهان ويجهو عقل مندي جي ڇا نشاني آهي؟" تہ امام جعفر صادق جواب ڏنوءِ تہ "جيڪو هن پائرن سان وڙيڪ ڀلائيءَ کي اختيار ڪري ۽ ٻنهي برائين ۾ جيڪو مصلحتن گهٽ برائيءَ تي عمل ڪري"

صفائي پسند

فيڊرڪ مسترال
سنڌيڪار: عاطف علي ميمڻ

اسان جو معاشرو اهڙن ڪوڙ سارن ماڻهن سان ڀريو پيو اهي جيڪي پنهنجي پاڻ کي پڌائڻ لاءِ اهڙا تہ ڪم ڪندا آهن جو حيرت سان اسان جا وات ڦاٽي پوندا آهن. اصل ۾ اهي پاڻ پڌائڻ جا جيوڙا اسان جي معاشري ۾ هر چوٽين پنجين ماڻهوءَ ۾ توهان کي ملندا. ماڊرن دور جو انسان جيتري جيت جهڙي اسپيڊ سان ترقي ڪري رهيو آهي اوتري وري سندس اخلاق ڪرڻ جي بہ اسپيڊ ۾ بہ واڌ آئي آهي. اهي ڏينهن هاڻي خواب ٿي ويا جڏهن پنهنجن جو احترام، ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ، پاڻ تڪليف ۾ رهي ڪري ٻين کي آرام پهچائڻ ۽ رشتن جو تقدس ڪيو ويندو هو. هاڻي بس هر هنڌ مفادن جي جنگ آهي فقط مفادن جي جنگ آهي. اهڙي ئي قسم جي پنهنجو پاڻ پڌائڻ واري صورتحال تي لکيل ڪهاڻي.

اُن صفائي پسند عورت جو سچو قصو، جنهن جو مڙس جنگ ۾ مارجي ويو هو.

ليکڪ جو تعارف:

1904ع..... فيڊرڪ مسترال

فيڊرڪ مسترال (1914ع-1830ع) مشهور ڄاتل سڃاتل شاعر ۽ اديب هو. هن علائقائي صوبائي ٻوليءَ کي نئين سر ناهيو ۽ وڏي احترام ۽ وقار حاصل ڪيو هو. هن ڪيترائي مشهور گيت پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکيا هئا جيڪي بعد ۾ فرانسيسي ٻوليءَ ۾ ترجما ٿيا هئا. هن جو خاص ادبي ڪم "مائرلي" ڪافي ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي جن ۾ رومانيہ، چيڪو سلاويڪا ۽ رشين ٻوليون خاص طور تي شامل آهن. هن جا ڪافي شعر انگريزيءَ ۾ بہ ترجمو ٿي چڪا آهن. هن کي 1904ع ۾ ادب جو نوبل انعام سان نوازيو ويو. اهو انعام هن کي اسپيني

ڊرامہ نويس ايچ گيري سان مشترڪ طور تي ڏنو ويو هو.

ان کان علاوه هن پنهنجي علائقائي لوڪ ادب ۾ نمايان خدمتون انجام ڏنيون هيون. آڪاڊيون، قصا، پهاڪا ۽ مشهور ڊرامن ۾ هن جون لکڻيون تمام گهڻو مقبول آهن. هن جون لوڪ ادب ڪهاڻيون لوڪ ادب کي پسند ڪندڙ اديبن ترجما ڪيا آهن جن هن جي لوڪ ادب کي ڪافي ملڪن ۾ ڦهلايو جنهن جي ڪري هن جي مشهوري تمام گهڻي وڌي. هن جون ڏاڪٽي فرانس جي لوڪ ادب ۾ به وڏي خدمت ڪيل آهي. هن جون مشهور ڪهاڻيون "صفائي پسند" ۽ "ڪارمارگ جي ڊيڻ جي شڪايت" مشهور ترين ڪهاڻيون آهن.

..........*

آرلينس ڳوٺ جون عورتون ملڪ فرانس ۾ ٻين عورتن کان تمام گهڻو مشهور آهن. نه فقط خوبصورتيءَ ۾ مشهور آهن پر پنهنجن رهائش گاهن کي صاف رکڻ ۾ به مشهور آهن. فرانس ۾ ڪو به ڳوٺ ايڏو صاف ستڪو ناهي، جيترو هيءُ ڳوٺ آهي. اهو ڳوٺ هر وقت چمڪندو رهندو آهي.

آرلينس ڳوٺ جي هر عورت پنهنجي گهر جي فرش کي هر روز مهٽي ٿي ۽ ان کي چمڪدار بڻائي ٿي ۽ هفتي ۾ ڪهت ۾ گهت هڪ ڏينهن ضرور ڇڻ سان پنهنجي گهر جي اندران ۽ ٻاهران صفائي ڪرائي ٿي. هنن جا بسترا، ڪپڙا، ڪرسيون، در، دريون ۽ ڪپڙن جي الماڙي هر وقت پالش ٿيل آهن ۽ اهي ايئن نظر ايندا جڻ بيداغ آئينا. ٽامي جا ٽانوَ، بستري جون چَهون، ڪٽليون، ڏونگا، نندڙيون صندوقون، پاٽيءَ جو ڪوڙرو به ايئن پيا چمڪندا جڻ سون ۽ لوهه جا اوزار جن ۾ سيءَواري باهه جي بٽيءَ ۾ ڪوئلا وجهندڙ بيلچو، ڪوئلو وجهندڙ چمٽو، اهي به ائين پيا چمڪندا هئا جڻ چاندي.

اهڙيءَ طرح سان ڪو به چئي سگهيو پئي ته سڄي ملڪ ۾ ڪو ڳوٺ ڪو صفائيءَ ۾ اڳيان آهي ته اهو آرلينس ڳوٺ آهي. ان ڳوٺ ۾ صفائي ماڻهن جي نسن ۾ رچيل هئي. اهو صفائيءَ جو سلسلو هڪ نسل کان ٿيندو ٻي نسل تائين منتقل ٿيندو پئي ويو. هڪ ماءُ کان ڌيءَ ۾ ۽ ڌيءَ کان ان جي ڌيءَ ۾ ۽ ايئن اهو سلسلو نسل درنسل پيو هلندو هو.

هي ڪهاڻي سچ ۽ حقيقتن تي ٻڌل آهي، جيڪا ظاهر ڪري ٿي ته آرلينس ڳوٺاڻا ڪيڏو نه پنهنجي صفائيءَ جو خيال رکن ٿا ۽ انهن لاءِ صفائي ئي هر ڳالهه کان مٿيرو آهي. اهي ڳوٺاڻا پنهنجي صفائيءَ تي فخر ڪندا آهن. هي ڪهاڻي اصل ۾ اتي جي هڪ رسالي ۾ ڇپجي هئي جيڪا مان اوهان کي ٻڌائي رهيو آهيان. اها اصل ۾ هڪ خاندان جي ڪهاڻي آهي. اچو ته اها ٻڌون ٿا.

جولاءِ 1977ع ۾ فرانسيسي نيوي جي هڪ جنگ دوران فرانسي شهزادي اسٽيڊنگ پنهنجو پاڻ کي برطانيا جي حوالي ڪري ڇڏيو. انهيءَ بحري جي جنگ ۾ هڪ مهاڻو پيري برنٽ به مري ويو هو. جيئن توهان کي ته خبر آهي ته انهن ڏينهن ۾ علائقي جو پادري ئي جمَ ۽ موتَ جا رڪارڊ رکندا هئا. قدرتي طور تي برنٽ جي موت

جو نوٽس بہ پادري ڪوسٽيءَ کي اچي ملیو،جيڪو برنٽ جي علائقي آرلينس جو ئي سرپرست هو. جناب ڪوسٽي پادريءَ رجسٽرڊ ۾ موت جو اندراج ڪيو،پوءِ اها هن جي فرض ۾ شامل هو تہ هاڻي هي ذاتيءَ طور تي برنٽ جي خاندان کي اها اندوناڪ خبر ٻڌائي ۽ تعزيت ڪري. تنهنڪري هن کي هاڻي جناب برنٽ جي موت جي خبر هن جي بيواهہ کي ٻڌائڻي هئي،جنهن جو نالو ماريانہ ڪبوتي هو.

"الله توکي سلامت رکي منهنجي سهاجهڙي ماريانہ ڪبوتي!" پوڙهي پادريءَ هن کي چيو،" آلا، آئون ان ڪري تو وٽ آيو آهيان، جو توکي ان غمگين واقعي جي رپورٽ ڏيان... اهو غلط نہ چيو ويو آهي تہ مهاڻي جي زال جي زندگي نہ شادي شده تي سگهي ٿي ۽ نہ ئي اڌ شادي ڪيل!پر ياد ڪر تہ عظيم ديوي، ديوتا بہ موت جي حوالي ٿيا... ۽ اسان سڀ جيڪي هن دنيا جي گولي تي رهون ٿا ۽ ان کان علاوه سمنڊ تي بہ هر جيوت کي موت اچڻي آهي ۽ اسان سيني کي آخر هن وٽ ئي رسڻو آهي."

"آه! تون هتي آخر مون کي ڇا چوڻ آيو آهين؟" عورت سنهي آواز ۾ چيو،" تہ منهنجو مڙس قتل ٿي ويو آهي؟"

"ها مريانہ،روءُ مريانہ! تو وارو مڙس واقعي جنگ ۾ مارجي ويو آهي."

"خاموش رهہ! فادر! خدا جي واسطي خاموش رهہ! هينئر وري نہ چئج تہ منهنجو مڙس مارجي ويو آهي...تون سمجهين سگهي ٿو تہ صدمو، خوف،حملو.... ڇا ٿيندو آهي.تون اٿن ڏينهن کان پوءِ مون وٽ واپس اچجَ، مهرباني ڪري اٿن ڏينهن کان پهرين نہ پهچجَ.... مان تنهنجي وڏي شڪر گذار رهندس."

نيڪ دل پادري گهڻي ڳالهہ جو تہ مقصد ئي نہ پئي سمجهيو جيڪو ڪجهہ مائي چيو پر هڪ بيوهہ جي ڏک جي احترام ڪري هن هِن کي ڇڏي ڏنو ۽ هن واعدو ڪيو تہ هي اٿن ڏينهن کان پهرئين واپس نہ ورندو.

۽ توهان کي خبر آهي تہ ماريانہ ڇا ڪيو؟. هن پنهنجي پاڙيسري عورتن کي گهرائي ورتو. انهن کي چيو،"اچو، منهنجا دوستو! اچو تہ منهنجي ننڍي گهر کي صاف ڪيون." ايئن چئي انهن ست ڏينهن جي وقفي ۾ ڪلندي، ڪڏندي ۽ ڳائيندي گهر کي صاف ڪيو، جڏ ڪجهہ ٿيو ئي نہ هجي. انهن گهر جي سڄي سامان کي مهٽيو ۽ رگڙيو.پراڻن سامان کي پالش ڪيو ۽ وري پاليش ڪيو.هر ڪنهن شيءِ کي چمڪايو! پوءِ وري گريس سان پالش ڪيو.ان کانپوءِ هن پنهنجي پاڙيسري عورتن کي چيو،"هاڻي ڪجهہ صابڻ جا ٽڪرا ڪٽو، ڪجهہ چڪي مِٽي ڪٽو ۽ پيلي رنگ جو رنگ بہ سامان تي ڪيو." ۽ هڪ دفعو وري سامان کي چنڊيو ويو،ان تي نئون ڪلر ڪيو ويو،جنهن کانپوءِ هن باقاعده سان هر سامان کي چيڪ ڪيو ۽ آخرڪار هر شيءِ مان مطمئن ٿي ويئي."هاڻي،" مريانہ پنهنجو پاڻ کي چيو،"فادر ڪوسٽي ڀلي اچي."

پادري پورن اٿن ڏينهن کان پوءِ وري اچي پهتو.

"الله توکي بخش ڪري منهنجي پياري مريانہ،" شريف پادريءَ هن کي ٻيهر چيو،"الا! مان هتي ان ڪري آيو آهيان تہ

توڪي ان ڳالهه کان آگاهه ڪري سگهان ٿه تنهنجو مڙس جنگ ۾ مارجي ويو آهي....“

مريانه ايتري ته وڏي رڙ ڪئي، جيڪا سڄي آرلينس ڳوٺ ۾ ٻڌڻ ۾ آئي..

”اوپاڪ مريم، اوپاڪ مريم. منهنجو پيارو مڙس مري ويو! هاڻي آئون اڪيلي ڇا ڪندس؟ هاڻي منهنجو ڇا ٿيندو؟ هاڻي بس تڪليف منهنجي قسمت ۾ لکيل آهي، بس منهنجي زندگي ۾ هاڻي سڪ ناهي ۽ هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀري آيون. هن هٿ پنهنجي مٿي تي رکي ڇڏيا. پريشاني ۽ پڇتائي ۾ هن انگريزن جي فوج کي هزارين پاراتا ڏنا. سيئي پاڙيسري هن جي ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هن وٽ آيا ۽ هر هنڌ اهائي ڳالهه هئي. ڪجهه ماڻهن جو هجوم ته اچي مريانه جي گهر آڏو گڏ ٿيو.

”ڇا اهو ممڪن آهي..... ته منهنجا پيارا مڙس ته آئون توکي ٻيهر ڪين ڏسي سگهندس. الا، الا!“

”ويچاري مريانا“ پاڙيسرين هڪ ٻئي کي چيو پئي، ”هو ايتري ڏکايل آهي، جو توهان يقين به نه ڪري سگهندو؟ هن جو گهر ته ڏسو ڪهڙو نه چمڪي پيو، جڻ ڪو پيالو، ايتري صفائي واهه سائين واهه هيءَ ڪيڏي نه سگهڙ ۽ سليقو رکندڙ عورت آهي؟.....“

ڪنهن ٻئي پئي چيو، ”توهان اهو چئي سگهو ٿا ته اهڙيون عورتون هن دنيا ۾ ڪٿي ٿيون ملن! واقعي شاندار عورت آهي.....“

”تعريف جي لائق ته اها عورت آهي، آخر ڇو هن جي تعريف نه ڪجي، واقعي هيءَ تعريف لائق آهي. هن جو چمڪندار گهر ته ڏسوس.“

اهي ڳالهيون هر هنڌ ٿي رهيون هيون.

جيتوڻيڪ پنهنجي ڳوڙهن ذريعي برطانوي فوجين کي پاراتون ڪڍڻ باوجود هو ٿيڏي اک سان هر هڪ کي ڏسي ۽ ٻڌي رهي هئي. اتي وري هڪ ٻي به حيرت انگيز ڳالهه اها به ٿي ته اتي جون عورتون هن جي تعريفن کان حسد کائي رهيون هيون. هڪ مڪمل اداڪار وانگر مريانه دانهون ڪيون ۽ ان خوش قسمت ڏينهن تي سوڳ ملهايو جنهن ڏينهن تي هن کي آرلينس ڳوٺ جي سڀ کان وڏيڪ صفائي پسند عورت قرار ڏنو ويو.

..........*

واڳون

واڳون پنهنجي حواس کي مڪمل طور تي استعمال ڪري پنهنجي شڪارن کي ڦاسائي ٿو سائنسدان اهو ٻڌائين ٿا ته واڳون کي سونگهڻ ۽ ڏسڻ جي حيرت انگيز صلاحيت آهي. انهن جون اکيون انهن جي مٿي تي هونديون آهن. جيڪي پاڻيءَ ۾ اندر ٻڌڻ کان پوءِ وري چوڌاري ڏسڻ جي وڏيڪ صلاحيت رکن ٿيون. واڳون اڪثر ڪري شام جو جانورن جو شڪار ڪري ٿو. واڳون کي حيرت انگيز طور تي ٻڌڻ وارا ڪن آهن. جيڪي پاڻيءَ ۾ اندر پنهنجي شڪار جي هلڪي ڪڙڪي کي به ڪيچ ڪري وٺندا آهن. اهڙي ٻڌندڙ حس ڪنهن به ريڙهيون پائيندڙ جانور کي ناهي سواءِ واڳوءَ جي.

انهن کي اڄ ڏينهن تائين 20 ڪروڙ سالن کان شڪار ڦاسائڻ جو ساڳيو طريقو آهي. جڏهن شام ٿيندي آهي ۽ پکي پرندا جانور وغيره پاڻي پيئڻ لاءِ ڪناري تي ايندا آهن ته واڳوانهن جو شڪار ڪري وٺندو آهي.

پرڏيهي

فرانس استيگميولر

سنڌيڪار: محرم علي مغيري

يورپ جي اڪيون پٽرائي ڇڏيندڙ حيرت انگيز ترقيءَ جو راز ان جي انصاف ڀري عدالتي نظام ۾ سمايل آهي جتي ڪيسن جا اڪلاءَ بغير ڪنهن وقت زيان جي ڪيا وڃن ٿا جتي بغير ڪنهن رنگ، نسل ۽ رشتي ناتي، اونچ نيچ ۽ سفارش سان هر فيصلو ڪيو وڃي ٿو. پلي ڪٽي وزير هجي، وزيراعظم هجي، صدر هجي يا معمولي سرون ڪٽندڙ مزور. انهن جي نظر ۾ ڪو به ڪنهن کان به مٿانهون ناهي ۽ هر ڪو برابر آهي. فرانس ملڪ منجهان هن پيش ڪيل ڪهاڻيءَ ۾ به اهو ئي ڏيکاريو ويو آهي. اميد ته اوهان کي هي ڪهاڻي پسند ايندي.

ٽيڪسي ڊرائيور ۽ پرڏيهي گراهڪ جي وچ ۾ ڪشمڪش جو احوال

جيڪڏهن ٻاهر برسات نه پئجي رهي هجي ها ته آئون سينيما مان نڪرڻ کان پوءِ آسانيءَ سان پنهنجي گهر رسي وڃان ها ڇو ته منهنجو

گهر سينيما کان تمام ويجهو هو پر ان جو رستو منجهيل ۽ پيچيده وروڪڙن وارو ضرور هو. ڪنهن به ٽيڪسيءَ لاءِ سڏو به يا ٽي گهر ڇڏي ڪري چوٽين يا پنجين دڳ تي ريوڊي گرينلي جڳهه هئي جتي منهنجو گهر واقع هو. مون گهر رسڻ لاءِ ٽيڪسي واري کي هٿ ڏنو ۽ ٽيڪسيءَ ۾ چڙهي ڪيس ٻڌايو ته ٻه يا ٽي گهٽيون ڇڏي منهنجو گهر آهي اوڏانهن هلي پر ڪجهه ئي وقت مس گذريو هو جومون محسوس ڪيو ته گاڏي جي ڊرائيور جيڪو هڪ بدتميز پوڙهو ماڻهو هو ان هٿ ڏرميءَ ۽ هوڏ منجهان ڇڻ غصي وارو دورو پيو هجيس، جڏهن مون هن کي رڙ ڪندي چيو "نه، نه، به ٻيون گهٽيون ڇڏي ڪري منهنجو گهر آهي." اصل ۾ هو پهرين گهٽيءَريو استريٽ ڊومنڪ ڏانهن مڙي رهيو هو.

هن پنهنجي منهن ئي منهن ۾ ٻڙ ٻڙ ڪئي. هن هڪ دفعووري پنهنجي بايو ليوارڊ گاڏيءَ کي ڦيرايو ۽ پوءِ هي فورن ٻي گهٽيءَ ريولاس ڪيسن ڏانهن هلڻ لڳو.

"نه، نه" مون وري رڙ ڪئي، "مهرباني ڪري ٻي گهٽيءَ ڏانهن هل، ٻي گهٽي شايد منهنجي گهر جي گهٽي آهي. ريوڊي گرينلي!" ان وقت هن مڙي مون ڏانهن بدسوڻ نموني مون کي ڏٺو ۽ تيزيءَسان بايو ليوارڊ گاڏيءَکي هلائڻ لڳو.

"هاڻي ته مون واري گهٽي به گذري ويئي." مون وري رڙ ڪندي چيو "توکي ساڄي طرف مڙڻو هو جيئن مون توکي چيو هو!مهرباني ڪري گاڏيءَکي موڙ ۽ ريوڊي گرنيلي جي نمبر 36 ڏانهن گاڏيءَ کي هلاءِ."

جڏهن پوڙهي ماڻهو سخت غصي جو اظهار ڪيو ته مون کي خوف ورائي ويو. هن گاڏيءَ کي يوٽرن تي فٽ پاٽ تي تيزيءَ سان ترڪندڙ رستي تان موڙيو ۽ گاڏيءَ جي رفتار گهٽائي. گاڏي کي هڪ سائيڊ کان پارڪ ڪري، منهنجي گهر کان تمام پري گهٽيءَ ۾ جهٽڪي سان گاڏيءَکي بند ڪري ڇڏيو.

"نڪر، منهنجي گاڏيءَ منجهان!" هن تقريبن رڙيون ڪندي چيو. "هن جو منهن ڪاوڙ مان تپي ڳاڙهو ٿي ويو هو. "يڪدم مون واري گاڏيءَ مان نڪر! هاڻي مان توکي وڌيڪ اڳيان ڪٽي وڃڻ لاءِ انڪار ڪيان ٿو. تو مسلسل ٽي دفعا مون سان بيوقوفن وارو سلوڪ ڪيو آهي. ٻڌي، ٽي دفعا مجموعي طور تي تو منهنجي بيعزتي ڪئي آهي! منهنجي گاڏي غير ملڪين لاءِ ناهي. مان توکي ٻڌايان ٿو ته تون يڪدم منهنجي گاڏيءَ مان لهي وڃ."

"هڻي برسات ۾" مون سندس بي واجبيءَ ۽ ڪريل حرڪت تي رڙ ڪندي چيو "مون ڪجهه به نه ڪيو آهي. مون تنهنجي هڪ دفعو به بيعزتي نه ڪئي آهي ۽ تون چوين ٿو ته ٽي دفعا. تون ڄاڻين ته مون تو تي صرف زور ڀريو ته مون کي پنهنجي گهر رساءِ پرمنهنجو اهو سڀ ڪجهه چوڻ بيڪار ويو آهي پرهاڻي مهرباني ڪري مون کي پنهنجي گهر پهچاءِ. مان توکي ڪجهه اضافي پاڙو به ڏيندس ۽ اسان ٻنهي کي خوشگوار دوستاني ماحول ۾ جدا ٿيڻ گهرجي."

هن رڳو مون کي ڳالهه ختم ڪرڻ جي اجازت ڏني. "گاڏيءَ مان نڪر." هن رڙ ڪئي. "نڪر، مان توکي چوان ٿو ته نڪر! تو منهنجي ٽي دفعا بي عزتي ڪئي آهي ۽ توکي گاڏيءَ مان نڪرڻ گهرجي."

مون پوندڙ برسات تي نگاهه وڌي "ڪنهن به صورت ۾ نه، آئون گاڏيءَ مان نه لهندس." مون چيو.

هن جو هاڻي انداز ئي انتهائي خراب ٿي ويو. "يا ته توکي منهنجي ٽيڪسي ڇڏڻي پوندي." هن چٽي نموني گهري آواز سان چيو "يا وري آئون توکي پوليس ڪمشنر ڏي وٺي هلندس جتي مان تنهنجي پاران ڪيل بي عزتي جي هرجاڻي جو مطالبو ڪندس. هاڻي اها تنهنجي پنهنجي مرضي تي آهي ته تون ڇا ٿو پسند ڪرين!"

"هڙي مينهوڳي واري حالت ۾" مون ورندي ڏيندي چيو "مون ڏي ٻي ڪا به واهه نه بچي آهي سواءِ پوليس ڪمشنر وٽ هلڻ جي. ٺيڪ آ، تون هن وٽ هل!"

۽ پوءِ اسان پوليس ڪمشنر جي آفيس ڏانهن وڃڻ لڳاسون.

اتفاق سان ڪمشنر جو گهر، منهنجي گهر کان گهڻو پري نه هو. هن جو گهر منهنجي گهر کان به گهر ڇڏي ڪري هو: مان ڪمشنر کي ذاتي طور تي سڃاڻيندو هوس. مان ڪيترائي دفعا ڪجهه معمولي نوعيت جي جهڳڙن جي ڪري هن جي آفيس ۾ پڻ ويو هوس ۽ هاڻي مان ۽ ڊرائيور هن جي آفيس ڏانهن وڃي رهيا هئاسون.

جيئن ئي مان ۽ ڊرائيور هن جي خالي پيل ڪمري ۾ گڏوگڏ هلندين گهڙياسين ته هي پنهنجي ڊريس سان، مڪمل اختيارين سان ڊيسڪ تي ويٺل هو. هن مون کي سڃاڻپ سان ڪيڪاريو.

"هيلو" هن چيو. پوءِ هن مون کي منهنجي نالي سان پڪاريندي چيو "آئون اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟ تون ڇا ٿو چاهين؟" پوڙهي ماڻهوءَ کي ڪمشنر صرف ڪنڌ لوڏيو.

ڊرائيور مونکي ڳالهائڻ جو موقعو نه ڏنو ۽ هن رڙ ڪندي چيو "اهو مان ئي آهيان، جيڪو ڪجهه چاهيان ٿو! اهو مان ئي آهيان جيڪو هن پرڏيهيءَ خلاف شڪايت درج ڪرائڻ لاءِ آيل آهيان." هن مجموعي طور تي ٽي دفعا منهنجي بي عزتي ڪئي آهي. جناب، مان انصاف جي گهر ڪريان ٿو."

ڪمشنر هن کي منهن ۾ چتائي ڏٺو. ڪمشنر جو منهن تاثر کان خالي هو. مون محسوس ڪيو ڪمشنر به مون ئي وانگر حيران هو ته آخر هي پوڙهو ماڻهو ايتري قدر تيز ڇوپيو ڳالهائي ۽ سندس ايتري خراب حالت ڇو ٿي رهي آهي ۽ پوءِ هن مون ڏانهن منهن موڙيندي چيو "مهرباني ڪري پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي."

هن هڪ پين کڻي ورتي ۽ هڪ وڏو نوٽ بڪ کولي ورتو ۽ پوءِ مون جيئن ئي ڳالهايو پئي، هن منهنجي هر ڳالهه کي پنهنجي پرن جهڙن هٿن سان لکندو ويو. منهنجي ڊرائيور کي ڏٺل ايڊريس، به غلط موڙ ڪاٽڻ، هن جي پنهنجي منهن ۾ پڻ، منهنجي گهر واري گهٽيءَ جو گم ٿيڻ، ڪاوڙ جو اظهار ڏمڪي، ڪمشنر سڀ

ڪجهه نوٽ بڪ جي ڪاغذن تي چاڙهيو. هن هڪ يا ٻه دفعا منهنجي ڳالهه کي ڪٽيندي ڊرائيور کي دڙڪا ڏمان ٻه ڏنا، جيڪو مون سان لڳو لڳ بيٺو هوءِ منهنجي بيان رڪارڊ ڪرائڻ مهل ڪيترائي پيرا پڻ پڙهي ڪئي. جڏهن منهنجو بيان ختم ٿيو ته ڪمشنر ڪجهه وقت تائين ته لکڻ جاري رکيائين ۽ آخر ۾ مخصوص تصوراتي انداز ۾ آخري لائين لکيائين ۽ منهنجو شڪريو ادا ڪيائين ۽ پوءِ هيءَ ڊرائيور ڏي مڙيو "۽ هاڻي،" هن بي مروتيءَ سان ڊرائيورکي چيو "تون ٻه پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرائي ته جيئن مان هن منجهندڙ ڪيس جو فيصلو ڪري سگهان."

جيتوڻيڪ پوڙهي ڊرائيور کو خاص بيان ته نه ڏنو "ٽي دفعا!" هن ڪاوڙ ۾ ٽلهي آواز ۾ هٿن ۽ پيرن کي لوڏيندي اشارن سان ڳالهه ڪندي چيو ۽ پوءِ مون کي تڪڙ لڳو "ٽي دفعا جناب، ها ٽي دفعا هن مون سان بي وقوفن وانگر سلوڪ ڪيو آهي ۽ مجموعي طور تي ٽي دفعا منهنجي بي عزتي ڪئي آهي. هن پرڏيهيءَ! اهو ڪنهن ٻه صورت ۾ برداشت جوڳو ناهي جناب!"

ڪمشنر پنهنجي نوٽ بڪ تان نظرون ڦيرائي اسان کي ڏنو پئي ۽ پوءِ وري لکڻ ۾ لڳي ٽي ويو "پر ڪهڙن حالتن تحت، تون هن تي اهو الزام مڙهي سگهين ٿو مهرباني ڪري تفصيل سان ٻڌاءِ ته ڇا ڇا واقع ٿيو هو جڏهن تون هن جينٽلمين سان گڏ هئين جيڪڏهن اهي حالتون جيڪي هن بيان ڪيون آهن، اهي اگر صحيح ناهن ته ان کي صحيح ڪر."

ڪمشنر نوٽ بڪ ۾ لکندي هن کان پڇا ڳاڇا ڪئي.

پرهن ان جي جواب ۾ پوڙهي ڊرائيور صرف ايترو چيو "ٽي دفعا!"

ڪمشنر پنهنجي پين ڦڙتيءَ سان رکي ڇڏي "هاڻي هر ڪا ڳالهه ظاهر ٿي ويئي آهي."

ڪمشنر صاف لهجي ۾ چيو "ته هن ڪيس ۾ پرڏيهي ئي اصل نقصان ڪاڻ ڏر آهي ۽ مون کي ڏاڍي خوشي آهي جو مان اهو فيصلو ڪري رهيو آهيان ته ڊرائيور هن کي پنهنجي گهر تائين پهچائيندو ۽ ان جو هن کان ڪنهن قسم جو ڀاڙو ڀتو نه وٺندو ۽ هاڻي جناب پرڏيهي صاحب الله توکي نيڪي ڏي، مان تنهنجي ضروري ڪاغذاتن تي هڪ نظر وجهڻ چاهيندس جيڪا هڪ رسمي ڪارروائي آهي. جيڪا هن ڪيس جي قانون جي تقاضائن کي پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي... ته جيئن آئون هن مقدمي کي فورن اڪلائي سگهان. توهان جو شناختي ڪارڊ پليز."

ڏور ۾ ٻڌل ننڍڙي وزن دار اوزار وانگر منهنجو دل ٻڌي ويو. منهنجي دماغ جي وهڪري ۾ مون کي ڪجهه ماضي جو عڪس نظر اچڻ لڳو. مون ڏٺو ته مان پنهنجي پڙهائي واري ڊيسڪ تي ويٺو آهيان ۽ اتي منهنجو شناختي ڪارڊ پيل آهي، جيڪو مان گهرڪان ٻاهر نڪرڻ مهل وساري ويٺو هئس. جيڪو هتي فرانس جي قانون مطابق هر پرڏيهي تي لازم هو ته هو هر وقت پاڻ سان ساڻ رکن.

"جيئن تہ تيزبرسات جي ڪري ڪمشنر صاحب،" فقط اهي ئي اکر هئا جيڪي آئون ان موقعي تي چئي سگهيس ٿي، مون چيا، "مان پنهنجو شناختي ڪارڊ گهر ۾ رکي آيو آهيان تہ جيئن اهو خراب برساتي موسم ۾ گهر ۽ پاڻي ۾ پسڻ ڪري خراب نہ ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن مان ان کي برسات جي هن ڏينهن تي ڪٽي هلان ها تہ ٿي سگهيو ٿي تہ اهو مڪمل طور تي تباهہ ٿي وڃي ها. صبح جو سوير آئون اهو اوهان وٽ ڪٽي ايندس. مون کي اميد آهي تہ جناب اها اوهان جي ضروريات کي مطمئن ڪري ڇڏيندي. جيڪو آئون سمجهان ٿو تہ قاعدن تي عمل ڪرڻ لاءِ اشد ضروري آهي"

"تنهنجو اهو عمل ناقابل معافي آهي پر ڏيهي ۽ ان سان ڪيس جي سڄي صورتحال تبديل ٿي ويئي آهي ۽ تون ضروري رسمي ڪارروائي کي پورو نہ ڪري سگهيو آهين." ڪمشنر سختيءَ سان چيو. هن جو منهن هاڻي پٿر وانگر سخت ٿي پيو هو "اهو صحيح آهي تہ تون سياڻي هتي پنهنجو شناختي ڪارڊ ڪٽي ايندين پر موجوده حالتن جي پيش نظر آئون مجبور آهيان تہ هن معاملي ۾ پنهنجو فيصلو تبديل ڪريان. جيئن تہ حقيقتن جي پيش نظر ٻاهر برسات پئجي رهي آهي. آئون عزت مآب جناب ڊرائيور کي عرض ڪندس تہ هو توکي پنهنجي گهر تائين رسائي پر آئون پرڏيهيءَ کي حڪم ٿو ڏيان تہ تو کي هن کي نہ صرف مڪمل طيءَ ٿيل مسافت لاءِ پاڙو ادا ڪرڻو پوندو. جيڪو شروعات کان وٺي آخر تائين هوندو پر ان سان گڏوگڏ ان وقت جو به پاڙو به ادا ڪرڻو پوندو جيڪو هن، هن دفتر ۾ پهچڻ لاءِ خرچ ڪيو آهي "مون کي اندازو آهي تہ جناب ڊرائيور صاحب،" هن پوڙهي کي مخاطب ٿيندي چيو "تہ تو پنهنجي ميٽر کي هلندي ڇڏيو هوندو."

ڊرائيور "ها" ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ ڪمشنر اٿي ڪڙو ٿيو. "۽ تون پرڏيهي،" هن بغير مسڪرائڻ جي چيو "سياڻي صبح جو پنهنجو شناختي ڪارڊ هتي آڻڻ نہ وسارجئين"

فيصلي کان پوءِ مان ۽ ڊرائيور ڪمشنر جي آفيس مان ٻاهر نڪتاسين تہ مون ڊرائيور جي منهن ۾ چمڪ ڏٺي، جيڪا فيصلي جي ابتڙ ٿيڻ تي هن جي منهن تي ظاهر نظر اچي رهي هئي. پر ان باوجود هن ۾ فتح جو ڪو به نشان نہ هوءِ نہ وري هن پنهنجي فتح جي ڪا ڳالهہ به ڪئي. هن مون کي منهنجي گهر طرف خاموشيءَ سان هڪ لفظ به نہ ڪچندي پهچايو. مان گاڏيءَ مان لهندي هن کي فيصلي مطابق پاڙو ادا ڪيو. هن ڏيان سان پئسا ڳڻيا ۽ وڃڻ کان پهرين چيو "مان سمجهان ٿو تہ جناب توهان پنهنجي واعدي تان نہ ڦرندا ۽ هڪ دوستاڻہ نموني خوشگوار طريقي سان مون کان جدا ٿيندا."

..........*

شطرنج جي بازي

منشي پريم چند

سنڌيڪار : ذيشان ميمڻ

جڳ مشهور عظيم هندوستاني اديب منشي پريم چند جو شمار انهن چند هندوستاني اديبن منجهه ٿئي ٿو جنهن هنڌوستان جي ابتدائي اردو ادب جي ترقي واڌ ويجهه اوسر ۽ اشاعت ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. پاڻ ڪنهن به تعريف جا محتاج ناهن. سندس لکڻين کي تمام گهڻي مڃتا مليل آهي. سندس لکڻين کي هندوستان جي اردو ادب جي تاريخ ۾ اهم سرمايو تصور ڪيو وڃي ٿو. سندس لکيل ناولن ڪهاڻين ۽ ناولن تي ڊراما ۽ فلمون ناهيون ويون آهن. سندس لکڻيءَ جو هڪ منفرد اسٽائيل آهي. سندس ڪهاڻين ۾ اڪثر ڪري سماجي ۽ سياسي مسئلن جي نشاندهي ٿيل هوندي آهي. ڪرزما جي صفحن تي پيش ڪيل هن "شطرنج جي بازي" ڪهاڻيءَ تي به هندوستان ۾ فلم ٺهي چڪي آهي جنهن ڪيترائي ايوارڊ ماڻيا.

هندستان مٿان انگريزن جي قابض ٿيڻ وقت جي سياسي صورتحال جي جهلڪ

حاڪم وقت نواب واجد علي شاهه جو زمانو هو. لکنئو عيش ۽ عشرت ۾ ٻڏل هو. ننڊا وڏا، اميرغريب سڀئي عياشيءَ ۾ مصروف هئا. ڪٿي محفلون، سينگاريل هيون ته ڪٿي ڪو پينگ، آفيم پي رهيو هو. يعني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ موج ۽ مستي ڇانيل هئي. آيا اها مستي سياسي مامرن ۾ هجي، شعر ۽ شاعريءَ جي رنگين محفلن ۾ هجي، معاشري جي طرز عمل ۾ هجي يا تجارت جي ڏي وٺ واري وهنوار ۾ ڇو نه هجي، هر هنڌ، هر جڳهه تي نفسانفسي ۽ اناپرستي عروج تي هئي. سلطنت جا امير ڪبير ۽ وزير شراب جا غلام هئا. شاعر قصيدا چوڻ ۾ اهل هنرمند عيش ۾ ٻڏل، بهادر تترن جي شڪار ڪرڻ ۾ محو اهل روزگار سرمي، عطر ۽ عنبير خريد ڪرڻ جي فڪر ۾ رڌل، يعني سڄو ملڪ مادي



پرستيءَ جي زنجيرن جي ٻيڙين ۾ جڪڙجي ويو هو. هر هڪ جي نگاهه ۾ زندگي شراب، ڪباب، مستيءَ ۽ موجون ماڻڻ هئي. دنيا ۾ ڇاڇا وهي واپري رهيو هو. علم ۽ حڪمت بدولت هرروز نت نيون ڪهڙيون ايجادون ٿي رهيون هيون، ملڪن مٿان ڪيئن اولهه وارا ملڪ قابض ٿي رهيا هئا، ان ڳالهه جي ڄاڻ ڪنهن کي به نه هئي. هر هنڌ ڪڪڙ وڙهائڻ، تترن کي پالڻ، ونجهه وٺي راند کيڏڻ ۽ چوسر راند سجائڻ ته ڪٿي شطرنج جون بازيون لڳي رهيون هيون. ملڪي فوجون شڪستون کائي رهيون هيون.

سڀ کان خراب حالت، وقت جي حڪمران نواب واجد علي شاهه جي هئي. سندس محل ۾ شراب، ڪباب، ناچ، گانو عام هئا. هر ڪو امير توڙي وزير عياشيءَ ۾ سرسري ڪٽڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. روز نت نوان عياشيءَجا طريقا ڳوليا پئي ويا. ٻنهي هٿن سان دولت لٽائي پئي ويئي. ايتري قدرجو فقيرن ۽ محتاجن کي جيڪو پئسو خيرات ۾ ملي رهيو هو اهو به اهي ٻک کي مٽائڻ بجاءِ عياشيءَ جا رنگين مزا وٺڻ لاءِ خرچ ڪري رهيا هئا. گهٽا نواب، امير، رئيس ۽ جاگيردار ذهني قوت کي وڌائڻ لاءِ ۽ عقل کي تيز ڪرڻ لاءِ شطرنج راند کي ئي سڀ ڪجهه سمجهي رهيا هئا. انهن ۾ اهڙا به ماڻهو موجود هئا جيڪي ان شطرنج واري ڳالهه کي دل سان مڃيو ويٺا هئا.

جيڪڏهن مرزا سجاد علي ۽ مير روشن علي پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو شطرنج راند ئي کيڏندي گذارين ٿا يعني بقول انهن جي ته عقل کي تيز ڪرڻ لاءِ وقت کپائين ٿا ته ان لاءِ ڪنهن کي به اعتراض نه ٿيڪرڻ گهرجي. ها، جيڪڏهن ڪو جاهل جيڪر ان ڳالهه کي جيئن سمجهي، اهو بيوقوف ٻلي پيو ايئن سمجهي.

ٻنهي نوابن وٽ خانداني جاگيرون هيون. ڪاڏي پيتي يا معاش جي فڪر کان آزاد هيا. آخر اهي ٻئي ڇا ٻيو وري ڪن به ته ڇا ڪن؟ ٻئي ڇا صبح جو سانجهر ناشتو ڪري شطرنج جا مهرا لڳايو عقل کي تيز ڪرڻ لاءِ اچي ويهندا هئا ۽ راند شروع ڪندا هئا ته پوءِ ڪين ڪنهن به ڳالهه جي ڪل نه پوندي هئي ته ڏينهن ڪنهن مهل ٿيو شام ڪنهن وقت ٿي، گهر کان گهڙي گهڙي ملازم اچي ڪين آگاهه ڪندو هو ته "سائين ڪاڏو تيار آهي." هن کي هميشه جواب ملندو هو. "تون هل. اسان اچون ٿا." پر شطرنج آڏو قورمو ۽ پلاءُ به بي مزو هو. ايتري قدر جو بورچي مجبور ٿي ڪري ڪاڏو ڪمري ۾ ئي رکي ڇڏيندو هو. ٻئي يار شطرنج ۾ رڌل، گهري سوچ ۾ ٻڏل، هڪ ٻئي کي شڪست ڏيڻ لاءِ پيا چالن تي سوچيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪاڏو جيئن جو تيئن ئي رکيل پيو هوندو هون ۽ ٻنهي کي انهيءَ جي ياد ئي نه ايندي هئي.

مرزا سجاد علي جي گهر ۾ ڪو پوڙهو ماڻهو به ڪونه هو جو گهر ۾ ٽڪراءَ يا جهيڙو جهتو ٿئي پر ان جي اها معنيٰ نه ٿي نڪري ته مرزا جي گهروارا سندس ان شطرنج راند واري شوق مان خوش هئا.

بلڪل نہ. ملازمن جي سينن ۾ تہ ساڙجا ڪيئي انبار سانديل هئا. اهي اڪثر چوندا هئا، " هيءَ شطرنج راند ڏاڍي نياڳي راند آهي. گهر کي ڦوڪي تباهہ ڪري ڇڏيندي. ا نہ ڪري ڪنهن کي ان جي چوس پوي. ماڻهو نہ دين جو ۽ نہ وري دنيا جو ٿو رهي. بس ان کي ڏوهيءَ جو ڪتو سمجهيو. نہ گهر جي ڪم جو ۽ نہ وري گهاٽ جي.

مرزا جي زال بيگم مرزا صاحب تہ تقريبن هر روز پئي هن جي شوق ۽ راند جي خلاف احتجاج ڪندي نظر ايندي هئي، باوجود ان جي تہ هن کي ان جو موقعو گهٽ ملندو هو. هُو اڪثر ستل ئي رهندي هئي ۽ مهمان خاني ۾ شطرنج جون بازيون پيون ٿينديون هيون. رات مرزا صاحب ان وقت گهر موٽندو هو جڏهن هوءَ ستل هوندي هئي.

بيگم مرزا صاحب پنهنجي ڪاوڙ ڪڏهن ڏوهيءَ تي لاهيندي هئي تہ ڪڏهن وري گهرجي نوڪرن تي. اڪثر ملازمن کي پئي دڙڪا ڏيندي هئي، " ڇا؟ ميان مير صاحب پان گهرايا آهن؟ ان کي چؤ تہ پاڻهي ڪٽي وڃي. سندس پيرن ۾ مهندي لڳل آهي ڇا؟ ڇا چيئي؟ اجا تائين راند کان واندڪائي ناهي. ڪاڏوڪٽي وڃي مٿي ۾ هڻيس. خود ڪائي يا ڪتن کي ڪارائي. هتي ڪير هن جي انتظار ۾ رويو رهندو." پر مزي جي ڳالهہ اها هئي تہ هن کي ڪڏهن بہ پنهنجي مڙس مرزا صاحب سان ايڏي شڪايت ڪو نہ هوندي هئي، جيتري ان سان راند ڪيڏندڙ مير صاحب سان. هيءَ مير صاحب کي هڏحرام بگڙيل، مفت خور وغيره جي نالن سان سڏيندي هئي. شايد مرزا صاحب بہ پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ سڄو الزام مير صاحب تي ئي مڙهيندو هو.

هڪ ڏينهن بيگم مرزا صاحبہ جي مٿي ۾ ڪو سور پيو. نوڪرياڻيءَ کي چيائين، " وڃ. مرزا کي ٻڌاءِ ۽ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي اچ تہ جئين ڪنهن حڪيم صاحب کي ڏيکاريان. سور ۾ مٿو ٽوٽائي."

نوڪرياڻيءَ جڏهن بيگم صاحب جو پيغام مرزا صاحب کي پهچايو تہ مرزا صاحب ڪيس چيو "تون هل. مان اجهو ٿو اچان "

بيگم صاحبہ کي وري ايڏي سهپ ڪٿي؟ جو مٿي ۾ سور هجيس ۽ سندس مڙس مرزا وري شطرنج ڪيڏڻ ۾ مصروف هجي! نوڪرياڻيءَ جي واتان مرزا صاحب جو جواب ٻڌي منهن تپي ڳاڙهو ٿي ويس ۽ نوڪرياڻيءَ کي چيائين، " مرزا صاحب کي وڃي چئہ تہ اصل هيئنر ئي هلي اچي نہ تہ هوءَ پاڻ اڪيلي سر حڪيم صاحب ڏي علاج واسطي نڪري ويندي. ڪيس ٿورڙي گهڻي رستي جي ڄاڻ آهي."

مرزا صاحب کو وڏي دلچسپيءَ سان راند ڪيڏي رهيو هو. فقط ٻن وارين ۾ مير صاحب کي شڪست ڏيڻ جي پڪ هئس. چوڻ لڳو "ڇا ٿيو آهي. موت اچڻ واري اٿس جو ٿورڙو بہ صبر نہ ٿي ڪري سگهي. حڪيم صاحب کو ڇو منتر پڙهندس جو هن جي اچڻ سان ئي سور غائب ٿي ويندس؟"

مير صاحب چيو " اندر زنان خاني وڃي ٻڌي اچ! عورتون هوئنن بہ نازڪ

طبيعت جون ٽينديون آهن.“

مرزا: ”جي ها! چو نہ هليو وڃان. توکي جو هاٿي ٻن وارين ۾ شڪست جو نظر اچي رهي آهي.“

مير: ”ان ڀروسي تي نہ رهجو. جيڪا چال توهان سوچي آهي ان جو مون توڙ بہ ڳولي ورتو آهي. ايئن نہ ٿئي جو ماڳيئي توهان جا مهرا مرن ۽ توهان کي ئي شڪست ملي. وڃو... وڃو... اندران بيگم صاحبہ جي ڳالهہ ٻڌي اچو. هروپرو ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تان سندس دل نہ رنجايوس.“

مرزا: ”دل تي چوي تہ توکي شڪست ڏيئي پوءِ وڃان.“

مير: ”بس. هاٿي آئون بلڪل ڪو نہ ڪيڏندس. توهان وڃو. ڳالهہ ٻڌي واپس اچو“

مرزا: ”اڙي يار وڃڻو ئي پوندو. مون کي بہ سور ڇڏي ئي ڪونہ ٿو. دل ۾ اڪثر سور ٿيندو رهندو آهي. انهيءَ بهاني مان بہ حڪيم کي ڏيکاري ڇڏيندس.“

مير: ”ڪجهہ بہ هجي. اوهان کي بيگم صاحبہ جي خدمت چاڪري تہ ڪرڻي ئي پوندي.“

مرزا: ”اچا! ڀلا هڪ چال ٻي هلي وٺون؟“

مير: ”بلڪل نہ. جيستائين توهان اندران ٿي نہ ٿا اچو مان مهرن کي آگر بہ نہ لڳائيندس.“

مرزا صاحب مجبورن گهر اندر ويا. بيگم مرزا صاحبہ ڪنجهندي چيو ”توکي اها نياڳي شطرنج ايتري پياري آهي جو ڪير جئي يا مري پر تون اٿڻ جو نالو ئي نہ ٿو وٺين. شطرنج آهي يا منهجي پهاج آهي.“

مرزا: ”چا ڪيان؟ مير صاحب مڃي ئي نہ پيو. وڏي مشڪل سان جان ڇڏائي آيو آهيان.“

بيگم مرزا صاحبہ: ”چا؟ جهڙو پاڻ آهي هڏ حرام. ايئن ئي ٻين کي بہ ٿو سمجهي. هن جا ٻار ٻچا آهن يا سيني جو صفايو ڪري ڇڏيو اٿس؟“

مرزا: ”ڏاڍو ضدي شخص آهي. جنهن ڳالهہ جو پوت سوار ٿئيس ٿو تہ پوءِ ان کي ڇڏي ئي ڪين ٿو. مجبورن مون کي بہ هن سان کيڏڻو پوي ٿو.“

بيگم صاحبہ: ”ڪتي وانگر چو نہ ٿو ڏکا ڏيئي ڪڍينس.“

مرزا: ”سبحان ا ! توهان وري هي ڪهڙي ڳالهہ ڪئي. منهنجي برابر جو ماڻهو آهي. عمر ۾ بہ تہ رتبي ۾ بہ مون کان بہ آگريون اڳيان آهي. ڪجهہ نہ ڪجهہ خيال تہ رکڻو پوي ٿو.“

بيگم مرزا: ”تہ پوءِ مان ٿي ڏکا ڏيئي گهر کان ڪڍانس. ناراض ٿي ويندو تہ ڀلي پيو ٿئي. ڪهڙو منهنجي لاءِ ماڻيءَ تڪر جو بندوبست ٿو ڪري.“

راڻي صاحبہ ڪاوڙ ۾ نوڪرياڻيءَ کي چيائين. ”وڃ مهمان خاني منجهان شطرنج راند کڻي اچ. مير صاحب کي چئي ڇڏج تہ مرزا صاحب هاٿي نہ ڪيڏندو. توهان هليا وڃو. هاٿي وري ڪڏهن بہ منهن نہ ڏيکارجو!“

مرزا: ”هائي..... هائي.... اهو غضب نہ ڪر. تون ڇا هاٿي مون کي ذليل ڪرائيندينَ؟ ترس ماسي نياڳي

ڪيڏانهن پئي ڊوڙندي وڃين."

بيگم مرزا: "وڃڻ ڇو نه ٿو ڏيئنس. تنهنجو دوست مير صاحب منهنجو ئي پيو رٽ پئي. نوڪرياڻيءَ کي جهلي سٺو نه ڪيو اٿوَ. هنا مونکي روڪي ته ڏس ته مڃيان."

ايئن چئي بيگم صاحبه خود مهمان خاني طرف وڃڻ لڳي.

مرزا صاحب جي منهن جو رنگ ئي ڦڪو ٿي ويو. سندس چهري تي هوائون اڏامڻ لڳيون. زال کي منٿون ڪرڻ لڳو "خدا جي واسطي، توکي شهيد ڪربلا جو قسم اٿئي! منهنجو جنازو ڏسندئينءَ جو ان طرف پير رکيو اٿئي."

پر بيگم صاحبه سندس هڪ به نه ٻڌي. مهمان خاني جي دروازي کي پار ڪرڻ واري هئي جو ڪيس احساس ٿيو ته هوءَ بغير پردي جي آهي ۽ مهمان خاني ۾ نامحرم مرد ويٺل آهي. ان ڪري اتي ئي ترسي پئي. اتان بيهي ڪري اندر ليئو پائي ڏٺائين، اتفاق سان ڪمرو خالي هو. مير صاحب حسب ضرورت ٻه چار مهرا هيڏانهن هوڏانهن ڪري پنهنجي حق ۾ راند تبديل ڪري ڇڏي هئي ۽ ان وقت پنهنجي صفائيءَ جتائڻ لاءِ گهر کان ٻاهر پريرو نڪري مهمان خاني جي ٻاهران ئي ڪبوترن جي لاءِ ٺهيل ڄارن واري هنڌ وڃي چهل قدمي پئي ڪئي.

بيگم صاحبه کي ته صرف موقعي جي تلاش هئي. فتافت وڃي اندران شطرنج راند کڻي ڪاوڙ ۾ اڇلايائين. ڪجهه مهرا وڃي تخت پويان ڪريا ۽ ڪجهه گهر کان ٻاهر. پوءِ ته دروازي کي اندران ڪنڊي لڳائي بند ڪري ڇڏيائين. مير صاحب دروازي وٽ ئي بيٺو هو. مهرن کي ٻاهر ڪرندي ڏٺائين ۽ پوءِ چوڙين جي جهنڪار جو آواز ٻڌائين ته سمجهي ويو ته بيگم مرزا صاحبه بگڙيل آهي. چپڙي ڪري پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

مرزاصاحب بيگم مرزا صاحبه کي چيو "تو غضب ڪري ڇڏيو."

بيگم: "جيڪڏهن مئو هاڻي هتي آيو ته بيٺي بيٺي ڪڍي ڇڏيندئيمانس. گهر ناهي ڪو ڪوٺو (چڪلو) ڪٽي سمجهيو اٿس. ايڏي لو (محبت) خدا سان لڳائي ها ته ولي نه ٿي وڃي ها. توهان ماڻهو شطرنج کيڏندا رهو ۽ هوڏانهن مان چولهي چڪيءَ جي فڪر ۾ مٿو کپائيندي وتان. مون کي زرخريد غلام سمجهيو اٿو. هلو ٿا حڪيم وٽ يا ان ۾ به اڃا دير آهي؟"

مرزا صاحب گهر کان ٻاهر نڪتو. حڪيم صاحب کان فارغ ٿي، بيگم صاحبه کي گهر ڇڏي مير صاحب جي گهر پهتا ۽ معذرت واري لهجي ۾ ڪيس سڄي دڪدائڪ ڪهاڻي ٻڌائي.

مير صاحب کلي چيو "ايترو ته مان ان وقت ئي سمجهي ويو هئس جنهن وقت نوڪرياڻي سور جو پيغام کڻي آئي هئي ته اج آثار ڪجهه ٺيڪ ناهن. ڏاڍي غصي واري عورت آهي. اف! ايڏو غصو! توهان خوامخواهه ڪيس مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آهي. مرزا صاحب ايئن مناسب نه آهي. هن کي ان ڳالهه سان ڪهڙو مطلب ته توهان گهر کان ٻاهر ڇا ٿا ڪندا وتو. گهر عورت جو آهي. بيشڪ ان جو انتظام

عورت ئي سنڀاليندي رهي. مردن جي ڳالهين ۾ دخل اندازي جي هيءَ مجاز نه آهي. مون وٽ ڏس! منهنجي گهر مان ڪڏهن ڪو چُون جو آواز به ٻڌئين؟"

مرزا: "خير،ان ڳالهه کي ڇڏ،هاڻي مون کي اهو ته ٻڌاءِ ته هاڻي بازيون ڪٽي ٿيندين؟"

مير: "ان ڳالهه جو تون الڪو نه ڪر. هيءَ هيترو ساروگهر جو پيو آهي. بس هاڻي هتي ئي ڪيڏنداسين"

مرزا: "پر بيگم صاحبه کي ڪيئن مڃرائيندس. جڏهن گهر ۾ هوندو هئس، تڏهن به ڪاوڙ ڪندي هئي ۽ هاڻي ته گهر کان ٻاهر نڪتس ته شايد جيئرو نه ڇڏي."

مير: "ڇڏ ان ڳالهه کي. بڪڻ ڏيس. ٻن ٽن ڏينهن ۾ پاڻيهي ئي ٿڌي ٿي ويندي. ٺيڪ آ، بس، تون هاڻي بازيءَ لاءِ تيار ٿي وڃ."

..........*

مير صاحب جي بيگم ان ڳالهه ۾ خوش هوندي هئي ته مير صاحب گهڻو وقت گهر کان ٻاهر رهي ته سنو. ان لاءِ هوءَ هن جي شطرنج راند جي مخالفت نه ڪندي هئي پر ڪڏهن ميرکي گهر اچڻ ۾ دير ٿيندي هئي ته ماڻهو موڪلي مير صاحب کي يادگيري ڏياري گهر گهرائي وٺندي هئي. ان ڪري مير صاحب کي اهو يقين ٿي ويو هو ته بيگم مير صاحبه سندس همدرد، بردبار خيال رکندڙ ۽ رحمدل عورت، آهي. پر جڏهن کان سندس گهر ۾ شطرنج جون بازيون شروع ٿيون ته جيڪا آزادي هن کي مير صاحب جي غيرموجودگيءَ ۾ ملي رهي هئي ان ۾ هاڻي رنڊڪون پئجي ويون ته هن کي ان ڳالهه جو سخت اونو ٿيڻ لڳو. ايتري قدر جو هيءَ ڏينهن جو به گهر کان ليئو پائڻ لاءِ پئي ترسندي هئي. اڪثر سوچڻ لڳندي هئي ته مارپيس مئي مرزا صاحب کي. ڪيئن به ڪري اها بلا هتان ٽري.

هاڻي ته مير صاحب جي نوڪرن ۾ به اچي ڦڙڦوٽ پئي هئي. پهرئين اهي سڄو ڏينهن ستا پيا هوندا هئا. گهر ۾ ڪير اچي يا وڃي، انهن جو ان سان ڪهڙو واسطو. مشڪل سان ٻه ٽي دفعا بازار وڃڻو پوندو هون. هاڻي ته اٺ ئي پهر هنن تي حڪم ٿي هلايو ويو. ڪڏهن پان لڳائڻ جو حڪم ٿي ڏنو ويو ته ڪڏهن پاڻي ڪڍڻ جو حڪم. ڪڏهن برف آڻڻ جو ته ڪڏهن چلم ۾ تماڪ وجهڻ جو. هاڻي چلم ۽ حقو ڪنهن دل سڙيل عاشق وانگر هر وقت پيا ٻرندا هئا.

سيئي نوڪر وڃي شڪايت نموني بيگم مير صاحبه کي چوندا هئا، "صاحب جي شطرنج ته اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. سڄو ڏينهن ڊوڙي ڊوڙي پيرن ۾ لڦون پئجي ويون آهن. هي به ڪا راند آهي! ماڻهو صبح جو ويئو شام ٿي ويئي. راند ته اها ٿيندي آهي. جيڪا چند گهڙين ۾ ٿي وڃي ۽ جان ڇٽي. بيگم صاحبه کي ته خبر آهي ته هيءَ ڪيڏي نه نياڳي راند آهي. جنهن کي ان جي چوس لڳي، اهو ڪڏهن به نه چڙهيو. ضرور گهر تي ڪا نه ڪا آفت ڪرندي. ان راند سان ته پاڙن جا پاڙا برباد ٿيو وڃن. پاڙي وارا هر وقت اسان مٿان چٽرون پيا ٿا ڪن. شرم

وچان ڪنڌ هيٺ ڪرڻا ٿا پون."

بيگم مير صاحب وري ڪين جواب ڏيندي چوندي هئي، "مون کي خود ٻڌاها راند هڪ اک نہ ٿي وٺي پر مان ڪيان بہ تہ ڇا ڪيان؟ منهنجو وس نہ ٿو هلي."

پاڙي ۾ بہ چار پوڙها قسمين قسمين جا شڪ ۽ شبها ظاهر ڪري رهيا هئا.

"هاڻي خيريت ڪونهي ڪا."

"جڏهن اسان جي رئيسن جي اها حالت آهي تہ پوءِ ملڪ جو ڇا حال ٿيندو. بربادي صاف پئي نظر اچي."

"هيءَ سلطنت شطرنج هٿان تباهہ و برباد ٿي ويندي. لڇڻ جو ٺيڪ ناهن."

ملڪ ۾ واويلا متي پئي هئي. عوام ڏينهن ڏٺي جو لٽجي ڦرجي رهيو هو. نہ ڪو داد نہ ڪو فرياد ۽ نہ وري ڪو ٻڌڻ وارو. ڳوٺن جي دولت لڪنئو ڇڪي آندي پئي ويئي ۽ هتي سامان عيش ۽ عشرت ۾ غرق ٿي رهي هئي. عياشي زورن تي هئي. خريدارن جي ابتر حالت هئي. انگريز ڪمپنيءَ جو قرضو وڌندو پئي ويو. ان جي ادائيگيءَ جي لاءِ ڪنهن کي بہ ذرو فڪر نہ هو. حالتون سنگين ٿي ويون هيون. قرض جي رقم تہ هڪ طرف، هاڻي ان تي چڙهيل وياج بہ ادا نہ پئي ٿي سگهيو. قرض جي ادائيگيءَ لاءِ ڪمپنيءَ پاران گهڙي گهڙي خط اچي رهيا هئا. ڏمڪيون ملي رهيون هيون، پر هنن ماڻهن تي عياشي جو اهڙو تہ نشو سوار هو جو ڪنهن جي مٿي ۾ جوءِ بہ ڪو نہ ٿي چري.

ميرصاحب جي مهمان خاني ۾ شطرنج ڪيڏندي ڪيڏندي ٻنهي نوابن کي ڪافي مهينا گذري ويا هئا. ڪيڏندي ڪيڏندي ڪيترين ئي چالون هليون هئائون، ڪيترائي قلعا ڦاهيا ۽ ڌاهيا هئا. ڪڏهن ڪڏهن راند ڪيڏندي ڪيڏندي ٻنهيءَ جي وچ ۾ جهيڙو ٿي پوندو هو. پر اها ڪاوڙ رنج ۽ معمولي نوعيت جا جهيڙا جهٽا سٽت ئي ختم ٿي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ائين بہ ٿيندو هو جو مرزا صاحب ڪاوڙ ۾ پنهنجي گهر هليو ويندو هو ۽ مير صاحب شطرنج راند ڪٽي وڃي پنهنجي گهر ويهندو هو ۽ ٻئي ڄڻا قسم ڪٽندا هئا تہ هاڻي اهي وري شطرنج جي ويجهو نہ ويندا. پر پوءِ وري نئين صبح ٿيڻ تي اهي ٻئي دوست ڪير ڪنڊ ٿي وري راند ۾ جُتي ويندا هئا. رات گذرڻ سان سندن گذريل ڏينهن وارو جهيڙو وسري ويندو هئن.

هڪ ڏينهن ٻئي ڄڻا شطرنج راند ۾ گهري سوچ ۾ ٻڏل هئا تہ اوچتو شاهي فوج جي وردئ پاتل ۽ هٿيارن سان ليس ٽيل هڪ گهوڙيسوار ميرصاحب جو پڇندو ڳاڇندو اچي ميرصاحب جي حويلي وٽ رسيو.

مير صاحب جا تہ هوش ئي اڏامي ويا. "خدا کي خبر. الائي ڪهڙي مصيبت اچي نازل ٿي آهي." گهر جون سيئي دريون ۽ در بند ڪيا ويا. نوڪرن کي چيو ويو تہ ڪيس چويس تہ گهر ۾ ڪير بہ ناهي.

گهوڙي سوار سپاهي: "گهر ۾ ناهن تہ پوءِ ڪاڏي ويو آهي. ضرور ڪٿي لڪل هوندو؟"

نوڪر: "ان جي مون کي خبر ناهي. مون کي گهر مان اها ورندي ملي آهي. توهان جو مير صاحب ۾ ڪهڙو ڪم آهي؟"

گهوڙيسوار سپاهي: "تو کي ڇا ٻڌايان تہ ڪهڙو ڪم آهي؟ بادشاهہ جي درٻار ۾ طلبي ٿي اٿس. شايد فوج جي ڪجهہ سپاهين جي ضرورت پوي. هي جاگيردار آهن."

نوڪر: "ٺيڪ آ، توهان هلو. مان ڪين ٻڌائي ڇڏيندس."

گهوڙيسوار سپاهي: "مان سيٺي وري ايندس ۽ ڪيس ڳولهي پاڻ سان گڏ وٺي درٻار ۾ پيش ڪندس."

گهوڙيسوار سپاهي تہ هليو ويو پر مير صاحب جي جسم مان جڻ ساهہ نڪري ويو هجي. ڊڄندي، ڪبندي مرزا صاحب کان پڇيائين، "هاڻي ڇا ٿيندو؟"

مرزا: "شايد وڏي مصيبت نازل ٿيل ٿي ڏسجي. ڪٿي منهنجي بہ طلبي نہ ٿئي؟"

مير: "نياڳو سيٺي اچڻ جو بہ چئي ويو آهي."

مرزا: "خدا پاران آسماني قهر نازل ٿيل آهي. قهر ناهي تہ ٻيو وري ڇا آهي؟ الائي ڪيترن سپاهين جي گهرج پئي هوندي؟"

مير: "مرزا سمجهہ تہ اڄ ڪانپوءِ هتي اسان جو داڻو پاڻي حرام آهي!"

مرزا: "مون کي هڪ اٽڪل سجهي آهي. اها هيءَ آهي تہ پاڻ هن گهوڙيسوار سپاهيءَ سان ملون ئي نہ ٿا. پاڻ ڪٿي غائب ٿي وڃون ٿا. پلي پيا اسان کي سڄو شهر ڳولين. سيٺي کان گومتي ندي پار جي ويجهو پنهنجي شطرنج جي بازي هلندي اتي ڪنهن کي ڪهڙي خبر. گهوڙيسوار ايندو بہ سهي پر ساڳيو ئي نسورو منهن ڪٽي واپس ورندو."

مرزا: "واهہ..سائين..واهہ. ڇا تہ تدبير سوچي اٿئي. سيٺي کان پاڻ گومتي پار هلي ڪري بازي کيڏنداسين."

هوڏانهن بيگم مير صاحب گهوڙيسوار سپاهيءَ کي داد ڏيندي چئي رهي هئي. "واهہ جو تو ناٽڪ ڪيو."

گهوڙيسوار سپاهيءَ جواب ڏنو "اهڙن ڪائنرن کي مان چپٽين تي نچائيندو آهيان. انهن ٻنهيءَ جي سموري همت ۽ عقل شطرنج ڳهي ورتي آهي. هاڻي ڏسجو! مجال آهي جو گهر ۾ هڪ منٽ لاءِ بہ ٽڪن. صبح جو ويندا ۽ رات جو دير سان واپس ورندا."

..........*

ٻئي ڏينهن جو... ٻئي دوست گهپ اونڌاهيءَ ۾ گهران نڪتا ۽ بغلن ۾ چادر ڪٽي گومتي پار جي هڪ ويران مسجد ۾ وڃي ويٺا، جيڪا شايد مغلن جي دور جي ٺهيل ڪا يادگار هئي. رستي ۾ چلم ٻاريندا، ڳالهيون ڪندا آيا هئا. چادر وڇائي، حقو پيري، شطرنج جي راند رکي ان تي وڃي ويٺا. پوءِ انهن کي دنيا جي ڪا بہ پرواهہ نہ رهي "هاڻي ويو.... گهوڙو ڪڻ... هي وٺ شهہ" انهن لفظن کان سواءِ انهن جي واتان ٻيو ڪو بہ لفظ نہ نڪرندو هو.

ڏينهن جو جڏهن هنن کي بک ستائيندي هئي تہ گهٽين مان گهمندا ڦرندا وڃي ڪنهن نان واري دڪان تان ڪاڏو ڪائي وٺندا هئا ۽ پوءِ حقي مان ڪش پريندا وري اچي شطرنج جي بازي ۾ لڳي ويندا هئا. . ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪين ڪاڏي جو بہ هوش نہ رهندو هو.

هوڏانهن ملڪ جون سياسي حالتون خراب کان خراب تر ٿي رهيون هيون. انگريزن جي ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جون فوجون لکنئو طرف وڌي رهيون هيون. شهر ۾ هلچل متل هئي. ماڻهو پنهنجي اهل و عيال کي وٺي ڪري حفاظت واسطي ڳوٺن طرف لڏ پلاڻ ڪري رهيا هئا پر هنن ٻنهي دوستن کي دنيا جي ڏکن ۽ سکن سان ڇا؟ اهي گهر کان نڪرندا هئا ۽ رش وارين گهٽين ۾ پنهنجو پاڻ کي گم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا تہ متان ڪوڪين سڃاڻي نہ وٺي. پاڙي وارن کي بہ انهن جي شڪل نظر نہ ايندي هئي.

ايتري ۾ انگريزي فوجون بہ اچي لکنئو پهتيون.

هڪ ڏينهن ٻئي دوست وينا شطرنج جي بازي کيڏي رهيا هئا. ميرصاحب جي بازي ڪجهہ ڪمزور هئي. مرزا صاحب هن کي گهڙي گهڙي "بادشاهہ بچاءِ....بادشاهہ بچاءِ...." جو آواز ڏيئي رهيو هو تہ اوچتو انگريز ڪمپنيءَ جي فوج سامهون ايندي نظر آيون. ڪمپنيءَ لکنئو کي پنهنجي زير اثر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. قرض جي مد ۾ سلطنت کي هضم ڪرڻ ٿي چاهيو.

ميرصاحب: "انگريزي فوجون اچي رهيون آهن"

مرزا: "اچڻ ڏين. پنهنجي "بادشاهہ کي بچاءِ..... بادشاهہ کي....."

ميرصاحب: "تورو ڏسڻ تہ گهرجي. چير مان ڏسو. سپاهين کي ڪهڙا نہ مضبوط جسم آهن! انهن کي ڏسي ڪري ڇاتي ٿي ڏکي."

مرزا: "ڏسي وٺج. ڪهڙي تڪڙ آ. هيئنر تہ "بادشاهہ کي بچاءِ..."

ميرا: "گولابارود بہ اٿن. پنج هزار تہ ٿيندا. ڪهڙا نہ ڳاڙها منهن اٿن جهڙا پولڙا."

مرزا: "جناب، حيلا بهانا نہ ڪر. هي وٽ وزير..... بچاءِ راند کي....."

ميرا: "توهان بہ عجيب ماڻهو آهيو. ڪجهہ تہ خيال ڪيو. شهر کي مڪمل گهيراءُ ڪيو ويو آهي. گهر ڪيئن پهچنداسون؟"

مرزا: "جڏهن گهر هلڻ جو وقت ايندو پوءِ سوچينداسين. هي وٺو شهہ ۽ ٿي اوهان کي شڪست!"

فوج هلي ويئي. ٻئي دوست وري اچي شطرنج جي بازيءَ تي ويٺا. مرزا چيو "ٻڌاءِ. اڄ جي شڪست ڪيئن رهي؟"

ميرا: "اڄ روزوآهي. ڇا توهان کي بک تہ نہ لڳي رهي آهي؟"

مرزا: "جي نہ شهر ۾ الائجي ڇا ٿي رهيو هوندو؟"

ميرا: شهر ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿي رهيو هوندو. ماڻهو ڪاڏو ڪائي آرام ڪندا هوندا. حضور بادشاهہ سلامت تہ راحت واري محفلن ۾ هوندو يا وري شراب وغيره جو دور پيو هلندو هوندو."

هاڻي وري ٻئي دوست راند تي ويٺا تہ ٻارنهن ٿي وئين. هن مهل مرزا جي بازي ڪمزور هئي.

انهيءَ دوران فوج واپس وڃي رهي هئي ۽ انهن جا آواز ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. نواب واجد علي شاهہ کي برطرف ڪيو ويو هو ۽ فوج ان کي گرفتار ڪري وٺي

وڃي رهي هئي. شهر ۾ ڪو به هل هنگامو نه ٿيو. نه رت وهيو ۽ نه وري ڪو جهيڙو ٿيو. ايتريقدر جو ڪنهن هڪ به وفادار محب وطن سپاهيءَ جي رت جو هڪ ڦڙو به نه وهيو. نواب واجد علي گهر کان ايئن رخصت ٿيو جيئن شاديءَ وقت ڇوڪري روئيندي پٽيندي پنهنجي ساهرن جي گهر ويندي آهي. سندس بيگمون رنيون. نواب به رنو. ڪنيزون ۽ ڪم ڪندڙ نوڪراڻيون به رنيون ۽ بس. سلطنت جو خاتمو ٿي ويو.

ڪنهن به بادشاهه جي برطرفي ايتري امن سان، بغير ڪنهن نقصان ٿيڻ جي ٿئي، گهٽ ۾ گهٽ تاريخ ۾ ان جو مثال نه ٿو ملي. هي اهڙي اهنسا نه هئي جنهن تي خوش ٿجي اها بزدلي ۽ نامرادنگي جي حد هئي، جنهن تي قومون روئنديون آهن. لکنئو جو حڪمران قيدي بنجي ويو هو ۽ لکنئو عيش ۽ عشرت جي نند ۾ مست هو. اها سياسي زوال جي انتها هئي!"

مرزا چيو: "بادشاهه سلامت کي ظالمن قيد ڪري ڇڏيو آهي!"

مير: "ڪيو هوندو. ڇا توهان قاضي آهيو؟ هي وٺو.... پنهنجي بادشاهه کي بچايو!"

مرزا: "حضرت ٿورو صبر ڪندا. هن وقت بازي طرف طبيعت مائل نه آهي. بادشاه رت جا ڳوڙها ڳاڙيندو هوندو! لکنئو جي روشني اج وسامي وئي!"

مير: "ها روئيندو ته هوندو. قيد ۾ عيش ۽ عشرت جو سامان ڪٿي ميسر هوندس. ها! .....پنهنجي بادشاهه کي بچاءِ."

مرزا: "ڪنهن جا به ڏينهن هميشه ساڳيا نه رهندا آهن. ڪيڏي نه مصيبت آيل آهي. لڳي ٿو ته آسماني بلائون لٿل آهن!"

مير: "ها، اهو ته آهي. .... بچاءِ بادشاهه کي.... بس هاڻي ٻئي واري ۾ توهان کي شڪست آهي. توهان بچي نه ٿا سگهو."

مرزا: "ڏاڍو ڪو بي قياسو آهين! هيڏو وڏو واقعو ٿي ويو آهي. ڏسي ڪري به توهان کي صدمو نه ٿو رسي. هائي. حضور عالم کان پوءِ ٻيو ڪوبه فن جو قدردان نه بچيو آهي. لکنئو ويران ٿي ويو."

مير: "پهرئين پنهنجي راند جي بادشاهه کي بچاءِ.... پوءِ نواب واجد علي جو ماتم ڪر. هي وٺ .....بادشاهه بچاءِ.... ۽ هيءَ ٿي توهان کي شڪست."

نواب کي گرفتار ڪري انگريز فوج سندن سامهون مارچ ڪندي هلي وئي. انهن جي ويندي ئي مرزا هڪ نئين بازي به وڃائي ورتي. هار جو ڏڪ ڏاڍو خراب هوندو آهي. مير صاحب چيو. "اڄ ته نواب صاحب جي بدتر حالت تي هڪ مرثيو چئون."

پر مرزا صاحب جي ملڪ ۽ قوم سان وفاداري سندس شطرنج جي بازي هارائڻ سان گڏ غائب ٿي ويئي هئي ۽ هو شڪست جو بدلو وٺڻ لاءِ بي صبرو ٿي رهيو هو ۽ ٻيهر راند ۾ جنبي ويو.

..........*

شام ٿي ويئي. مسجد جي ڪنڌراتن مان چمڙن آواز ڏيڻ شروع ڪيا.

جهرڪيون ۽ ٻيا پڪي پنهنجن آڪيرن ۾ هليا ويا پر ٻئي شطرنج جا راندگر راند تي ئي ڄميل رهيا.

مرزا لاڳيتو تي راندڀون هارائي چڪو هو ۽ هن جي چوٽين بازيءَ جو به سٺو سنوڻ نه هو. هيءَ گهڙي گهڙي ڪٽڻ جو پڪو ارادو ڪري سنڀالي سنڀالي ڪري طبيعت تي بار رکي ڪري ڪيڏي رهيو هو پر سندس ڪا نه ڪا چال اهڙي خراب هوندي هئي جو سڄي بازي ئي تبديل ٿي ويندي هئي. هوڏانهن وري ميرصاحب ڪيس چيڙائڻ لاءِ غزلون به پڙهندو پئي ويو ته نمريون به پيوڳايائين. چسڪيون به پئي ورتائين ته مذاقي آواز به پئي ڪڍيائين. هو اهڙو خوش پئي نظر آيو جڻ ڪو پوريل خزانو هٿ اچي ويو هجيس. مرزا صاحب هن جي اهڙي خوشي وچان حرڪتن تي گهڙي گهڙي ٻي زار پئي ٿيو. گهڙي گهڙي اکيون مٽي تي چاڙهي پئي چيائين، "توهان گهڙي گهڙي چال تبديل نه ڪندا ڪريو..... هيءَ ڇا..... هي وري ڪهڙي چال هلي تبديل ڪيو..... هڪ دفعو سوچي سمجهي.....غور ڪري پوءِ چال هلندا ڪريو..... توهان مهري تي آڳريون ڇو رکيو وينا آهيو؟ مهرن کي ڇڏي ڏيو. جيستائين سوچي چال هلڻ جو فيصلو نه ٿا ڪريو تيستائين مهرن کي هٿ نه لڳايو..... حضرت توهان هڪ هڪ چال اڏاڏ ڪلاڪ ۾ ڇو ٿا هلايو؟ ان جي اجازت ناهي. جنهن جي چال ۾ پنج منٽ کان وڌيڪ وقت لڳي ته انهيءَ جي شڪست مڃي وڃي.....وري توهان چال بدلائي..... مهرو اتي ئي رکي ڇڏيو."

مير صاحب جو پيادو مري رهيو هو. چوڻ لڳو. "مون ڪڏهن چال هلي؟"

مرزا: "توهان جي چال ٿي چڪي. خيريت ان ۾ اٿو ته مهرو پنهنجي ساڳي جاءِ تي رکي ڇڏيو."

مير: "ان گهر ۾ ڇو رکان؟ مون ڪنهن مهري کي هٿ لڳايو؟"

مرزا: "توهان مهري کي قيامت تائين نه ڇڏيندو ته ڇا ٻي چال نه هلندي پيادو مرندي ڏٺو ته ڏانڊليون ڪرڻ لڳا آهيو."

مير: "ڏانڊلي توهان ڪندا آهيو. جيت ۽ هار تقدير سان ٿيندي آهي. ڏانڊلي ڪرڻ سان ڪير به ڪٿي نه سگهندو آهي."

مرزا: "هن بازي ۾ توهان کي شڪست ٿي آهي."

مير: "مون کي ڇو شڪست ٿي؟"

مرزا: "ته پوءِ توهان مهري کي پنهنجي جڳهه تي رکو جتي پهرين رکيل هو."

مير: "اتي ڇو رکان؟ نٿو رکان"

مرزا: "توهان کي رکڻو پوندو!"

مير: "بلڪل نه."

مرزا: "رکندا ته توهان جا وڏا به. توهان جي ڇا مجال آهي نه ڪرڻ جي؟"

ڳالهه وڌي ويئي.

ٻئي پنهنجي ڳالهه مجرائڻ جا ضدي هئا. نه مير صاحب مڃيو نه وري مرزا صاحب هٿيو. تڪرار ۾ هرويرو اجايون سجايون ڳالهيون ٿيڻ لڳيون. جنهن جو مطلب هو هڪٻئي کي ذليل ڪرڻ.

مرزا فرمايو:"جيڪڏهن تنهنجي خاندان ۾ ڪنهن شطرنج کيڏي هجي ها ته توکي ان جي قائدي قانون جي خبر هجي ها. تنهنجن ابن ڏاڏن هميشه جانورن لاءِ گاهه پوکيو هو. توهان ڇا ڄاڻو شطرنج جي راند مان. جاگير ملڻ سان ڪو رئيس نه ٿي وڃي."

ميرا: "گاهه توهان جو بابو پوکيندو هو هتي ته شطرنج کيڏندي نسل جا نسل گذري ويا."

مرزا:"اڙي هل! نواب غازي الدين وٽ باورچيءَ جو ڪم ڪندي ڪندي تنهنجي پيءُ کي عمر گذري ويئي. ان خدمت بدولت جاگير مليس. اڄ رئيس پيا سڏايو. اڙي رئيس ٿيڻ ڪو سولو ڪم ناهي."

ميرا: "چو پيو بزرگن جي منهن تي ڪارنهڻ ملين. تنهنجو پيءُ ئي باورچي رهيو هوندو. اسان جا بزرگ ته نوابن سان گڏ ڪائيندا پيئندا هئا. اهي ته سندن هم پيالا هئا."

مرزا: "اهو چوندي بي حيائن کي شرم به نه ٿو اچي."

ميرا: "زبان سنبالي ڳالهايو نه ته ڏاڍو برو ٿيندو. اسان اهڙين ڳالهيون ٻڌڻ جا عادي ناهيون. اسان کي ڪنهن اک ڏيکاري ته اسان سندس اک ڪڍائي ڇڏي آهي."

پنڌارو ڪلي پيو.

مرزا: "ٺيڪ آهي. اسان جو حوصلو ڏسڻ تا چاهيو ته پوءِ سنبالي وٺو پنهنجو پاڻ کي. ٿي وڃي تقدير آزمائي. هيڏانهن يا هوڏانهن."

ميرا: ها!..ها! چونه. توکان وري ڪير ٿو ڊڄي. مان مقابلي جي لاءِ تيار آهيان؟"

ٻنهي دوستن تلوارون مياڻن مان ڪڍي ورتيون. انهن ڏينهن ۾ ننڍو وڏو هر ڪو خنجر يا تلوار پاڻ سان رکندو هو. ٻئي عيش ۾ پليل هيا. بي غيرت نه هئا. قومي دليري انهن منجهه ڪو نه هئي، پر ذاتي دليري سان اهي ٽمتار هئا.

انهن جا سياسي جذبا فنا ٿي چڪا هئا. اهي بادشاهه جي لاءِ، سلطنت جي لاءِ ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ ڇو مرن؟ پر پنهنجي اڪيلي ذات لاءِ انهن وٽ ڪجهه ٻيا جذبات هئا.

ٻنهي پاسو بدلايو.

تلوارون چمڪيون، ڇپاڇپ جا آواز ٿيا ۽ ٻئي ڄڻا زخمي ٿي ڪري پيا.

ٻنهي اتي ئي وڙهي تڙپي تڙپي ساهه ڏنو. پنهنجي بادشاهه جي لاءِ هنن جي اکين مان هڪ به ڳوڙهو نه ڪريو هو پر ٻنهي ڄڻن شطرنج راند جي مهري وزير جي لاءِ پنهنجا سر ڪپائي ڇڏيا.

اونڌاهه وڌي ويئي هئي. بازي وڃائيل هئي. ٻئي شطرنج جي راند جا بادشاهه پنهنجي پنهنجي جاءِ تي بيٺا هئا. انهن تي حسرت ڇانيل هئي، جڙ مرندڙن جو ماتم ڪندا هجن.

چئن ئي طرفن کان موت جو عالم طاري هو. ڪنڌرات جي پراڻين ڊنل پٿين منجهان آڪيرن ۾ ويٺل پکي انهن ٻنهين لاشن کي گهوري رهيا هئا ۽ انساني موت جي ائين زيان تي افسوس ڪري رهيا هئا.

..........*

ڏاڙيلن جا ڪنورَ پٽردل عام طور تي ميڻ تہ نہ ٿيندا آهن پر اُهو وقت ڪيڏو نہ حسين ۽ لطف انگيز هوندو آهي، جو دل ڏارينڊ ڏاڙيلن جي سردار ظالم سنگهہ جهڙي بي رحم شخص جو دل بہ پگهرجي ويو هو.

ڳالهہ صرف ايتري هئي تہ جيڪو ٻارَ هن جا ماڻهو اغوا ڪري ڪٽي آيا هئا، ان

ڏاڙيلن جي سردار جو قصو جنهن کي اغوا ٿيل هڪ ٻار تي ڪهل اچي ويئي هئي

هر جاندار جي پنهنجي ڪرت ۽ نفسيات هوندي آهي، جيڪا ان جي اندر ۾ سمليل هوندي آهي. جنهن کي نہ هو تبديل ڪري سگهي ٿو ۽ نہ وري ڪو ٻيو. جاندارن ۾ چاهي اهو جيت جڻو هجي، پکي پرند هجي، جن پوت هجي يا انسان ذات. هر ڪو پنهنجي پنهنجي نفسيات آڏو بيوس ۽ مجبور آهي، جنهن جي چوگرد سندس زندگي گامزن هوندي آهي. هيءَ ڪهاڻي بہ ڏاڙيلن جي هڪ سک سردار جي نفسيات تي لکيل آهي. ڇرڪائيندڙ نتيجي تي ختم ٿيندڙ هيءَ ڪهاڻي اميد تہ توهان کي پسند ايندي.

هڏ ڏوکي

رتن سنگهہ

سنڌيڪار: نور بوزدار



روئي روئي پنهنجو بروحال ڪري ڇڏيو هو، پر ڏاڙيلن لاءِ اها ڪا نئين ڳالهه ته نه هئي! شروع شروع ۾ ته سيئي اغوا ٿيندڙ روئيندا رڙندا رهندا آهن پر روئي روئي نيٺ وڃي حالتن سان سمجهوتو ڪري صبر ڪري وٺندا آهن ۽ حالتن جو پيا انتظار ڪندا آهن. ان سان ڏاڙيلن کي به اطمينان ٿيڻ لڳندو آهي. اهي به صبر ۽ تحمل سان ڀنگ ملڻ جي اوسئيڙي ۾ هوندا آهن.

پر هن ڀار جو مامرو ئي ڪجهه پريشان ڪندڙ هو.

هن کي ايندي اڃا مس چوويهه ڪلاڪ ڪن ٿيا هئا. انهن چوويهه ڪلاڪن ۾ هن هڪ به منٽ ننڊ نه ڪئي هئي. وڏيڪ ظلم وري اهو ته جڏهن هن روئڻ بند ٿي ڪيو ته وري زخمي ٽيل پڪيءَ وانگر زمين تي ليٽڙون ٿي پاتيون. ريڙهيون پائيندي پائيندي هن جو گوڏو ۽ ٻانهون ڇلجي پيون هيون. سندس منهن تي ڪيترائي ريڙهين جا نشان پئجي چڪا هئا، جنهن ڪري سندس منهن ڪجهه عجيب ۽ ڀوائتو ٿي پيو هو. هيترن سارن چوويهه ڪلاڪن ۾ ڪاڏي جو هڪ گرهه ته ڇڏيو پر پاڻيءَ جو هڪ ڦڙو به نه پيتو هئائين جنهن جي ڪري هن جي نڙي سڪي ويئي هئي ۽ هن جو چهرو وسامي ويو هو. اهڙين ڳالهين جو ڏاڙيلن تي ڪو خاطر خواهه اثر نه ٿيندو آهي. ڀار روئي ٿو ته روئڻ ڏئيس، انهن جو ڀا ٿو وڃي. هوڏانهن وري ڏاڙيلن جي جاسوسن اطلاع ڏنو ته ڀار جي ماءُ کي ٻي هوشيءَ جا دورا پيا پون. هن جي منهن تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي هن کي هوش ۾ آندو پيو وڃي ۽ وري جڏهن هوش ۾ اچي ٿي ته ڀار جو نالو کڻي وري ٻي هوش ٿي وڃي ٿي. اغوا ٿيندڙ ڀارڙن جي گهر ۾ اهڙي قسم جي صورتحال سان ڏاڙيلن جو ڪم ويتر سولو ٿي پوندو آهي. گهر وارا مقرر وقت تي منهن چيل رقم کڻي ٻڌايل پتي تي پهچي وڃن ٿا پر هن دفعي اغوا ٿيل ڀار جو تڙپڻ، روئڻ، ڪڏڻ ۽ ڪاڏي پيتي کان پاسيرو رهڻ جي ڪري ڏاڙيلن لاءِ وڏي پريشانيءَ جو سبب هو.

ڀار جي پيدا ڪيل مصيبت کان علاوه هڪ ٻيو به عجيب واقعو پيش آيو.

ٿيو هيئن جو جنهن وڻ جي هيٺان ڀار سردار جي پيرن ۾ پيو هو ۽ ريڙهيون پائي رهيو هو، ان وڻ جي ڪنهن ٽاريءَ تي جهرڪين جو ڪو آڪيرو ٺهيل هو. ان آڪيري منجهان ڪجهه ڏينهن کان جهرڪين جي ڀڃن ڇُون ڇُون پئي ڪئي. شام جي وقت جڏهن ماءُ ۽ پيءُ جهرڪين جي اچڻ جو وقت اچي رسندو هو ته ماءُ، پيءَ پنهنجي ٻچن کي ڏسي خوش ٿي ويندا هئا ۽ زور زور سان پيا چهڪندا هئا.

خبر ناهي ته ظالم سنگهه جو ڏيان ڪيئن جهرڪين جي خاندان طرف هليو ويو هو. هيءُ روز شام جو جهرڪين جي جوڙيءَ کي پنهنجن ڀارڙن کي ڏاڍو ڪارائيندي پيو ڏسندو هو. هنن کي پنهنجن ٻچن سان محبت کي ڏسي ڪري الائي ڇو هن کي ڏاڍو عجيب لڳندو هو.

هڪ ڏينهن هڪ سرڻ جي نظر وڃي ڪا انهن جهرڪين جي ڀارڙن تي پئي ۽ هن پنهنجو پنجو کولي جهتي هڻي جهرڪين جي هڪ ٻچي کي پنهنجو پاڻ سان گڏ اڏائي ڪڍي هليو ويو. ان شام جو جهرڪين جي جوڙيءَ جو پريشانيءَ ۽ صدمي کان بروحال

عجيب عدالتون!

پراڻي قبل مسيح ۾ يونان ۾ ڪورٽون عجيب قسم جون هيون.
انهن ڪورٽن ۾ ڪو جج نه هوندو هو ۽ نه وري ڪو وڪيل. دعويٰ ڪندڙ ۽ الزام هيٺ آيل ڏوهاري پنهنجا ڪيس هلائيندا هئا. هڪ جيوري هوندي هئي جيڪا ٻنهي ۽ جي ڳالهين کي نوٽ ڪندي هئي. الزام لڳائيندڙ پنهنجو الزام لڳائيندو ۽ الزام هيٺ آيل پنهنجون دفاع ڪندو هو ۽ اهي سيئي ڳالهيون جيوري نوٽ ڪندي هئي. اها جيوري 101 کان 1001 ماڻهن تي مشتمل هوندي هئي. جڏهن الزام ثابت ٿي ويو ته سزا به الزام لڳائيندڙ چونڊيندو هو پر جيڪڏهن پنهنجو بچاءُ ڪندڙ ڏوهاري ان سزا جي تبديلي جي گهر ڪندو هو ۽ الزام لڳائيندڙ اها ڳالهه نه مڃي ته پوءِ آخري فيصلو جيوري ئي ڪندي هئي. ڪيسن جي ڪا به اپيل نه ٿيندي هئي.

هو. جڏهن انهن پنهنجن آڪيرن ۾ هڪ ٻچي کي ڏٺو ۽ ٻئي ٻار کي گم ڏٺو. رات جو ڪافي دير تائين اهي پنهنجي آڪيرن جي اردگرد چڪر ڪاٽڻ لڳا. جهرڪين جي جوڙي جون ڏک ۾ ڀريل رڙيون ٻڌي ٻڌي ڪري ڏاڙيلن جي سردار جو دل ڀرجي آيو. سڄي رات هيءُ سڪون جي ننڊ نه سمهي سگهيو. صبح ٿيندي ئي هن هڪ ڏاڙيل جي اها ڊيوٽي لڳائي ته هو بندوق کڻي ان وڻ جو پهرو ڏيئي ۽ ڪنهن به سرڻ کي ان جهرڪين جي آڪيري ڏي وڃڻ نه ڏي.

هاڻي توهان ان کي اتفاق ئي سمجهيو، جنهن وقت اغوا ٿيل ٻار روئي روئي پنهنجو بروحال ڪري ڇڏيو، ٺيڪ ان مهل جهرڪين جو ٻيو ٻچو مٿان آڪيري مان ڪري اچي ڏاڙيلن جي سردار ظالم سنگهه جي هنج ۾ ڪِريو. ڪيتري دير تائين ته ظالم سنگهه ان جهرڪيءَ جي پتڪڙي وجود کي پنهنجي هٿ ۾ رکي تڪيندو رهيو. جهرڪيءَ جو ٻچو گهڙي گهڙي پنهنجي چهنب کولي ۽ بند ڪري رهيو هو.

جهرڪيءَ جي وجود کي پنهنجي هٿ جي تريءَ تي محسوس ڪندي سردار ظالم سنگهه کي وڏي راحت محسوس ٿي رهي هئي. هن کي لڳي رهيو هو ته ڄڻ اها گرمي هن جي جسم ۾ ڪُپي روح جي گهرائين تائين پهچي ويئي آهي.

اُن وقت شام ٿي رهي هئي. ٻارڙي جهرڪيءَ جي ماءُ ۽ پيءُ جي اچڻ جو وقت ٿي رهيو هو. خبر ناهي ته سردار جي دل ۾ جهرڪين جي جوڙي جي پريشانيءَ جو ڏک هو يا پنهنجي روح کي سڪون ڏيڻ جو جذبو هو. هن ڪنبندي ڪنبندي جهرڪيءَ جي ٻچي کي ڏٺو ۽ پوءِ هڪ جوان کي حڪم ڏنو ته هو وڻ تي چڙهي هن کي پنهنجي آڪيري ۾ رکي ڇڏي.

جيئن ئي اهو جوان وڻ تي چڙهي جهرڪيءَ جي ٻچي کي پنهنجي آڪيري ۾

رکي واپس وريو تہ ستت ئي جهرڪيءَ جو جوڙو بہ وڻ تي پنهنجي آڪيري تي پهچي ويو. چهڪندي جهرڪيءَ جي ٻچي پنهنجي ماءُ ۽ پيءَ جو آڌر ڀاءُ ڪيو تہ سردار ظالم سنگهہ ڪي ڏاڍي دلي مسرت محسوس ٿي.

اُن وقت اغوا ٿيل ٻار جنهن جو دل جهرڪيءَ جي ٻار کي ڏسي ڪري بهلجي ويو هو اُن وري زور زور سان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيون. سردار ظالم سنگهہ پنهنجون نظرون جهرڪين جي آڪيري کان هٽائي روئيندڙ ۽ ليٽڙيون پائيندڙ ٻار تي وڌيون، جيڪو روئي روئي هلڪو ٿي رهيو هو. هن جي دل ۾ جيڪا نرمي ۽ رحم دلي جهرڪيءَ جي ٻچي کي ڏسي ڪري ٿي رهي هئي، ان ۾ ويتر شدت اچي ويئي. هن جو پٿر جهڙو ڪٺور دل ٿورو اڃا بہ نرم ٿيڻ لڳو ۽ هن پنهنجي جوانن کي مهم تي وڃڻ لاءِ حڪم ڏيڻ جي لاءِ مخصوص تاڙي وڄائي.

ڏسندي ڏسندي ئي هٿيارن سان سجيل ڏهہ گهوڙي سوار گهوڙن جون لغامون جهلي اچي هن آڏو حاضر ٿيا. اهي سيئي ٿورڙي دير پهرين جهرڪين جي ٻچي جو سردار جي هنج ۾ ڪِرڻ ۽ ان کي واپس پنهنجي آڪيري ۾ پهچائڻ وارو سڄو واقعو پنهنجي اکين سان ڏسي چڪا هئا، ان لاءِ انهن سوچيو تہ سردار جو دل ميڻ تي چڪو آهي ۽ هي ٻار کي پنهنجي ماءُ پيءَ وٽ واپس ڇڏڻ جو حڪم ڏيڻ وارو آهي.

هڪ اعتبار سان اهو اندازو ٺيڪ بہ هو. سردار ظالم سنگهہ جو دل واقعي نرم بہ ٿي رهيو هو ۽ هن جي منهن تي ڪنهن بہ سختيءَ قسم جا ڪي بہ آثار نہ هئا. ها اهو ضرور هو تہ هيءُ ٻئي ٻانهون پنهنجي پٺ پٺيان ٻڌي تيز تيز وکون وڌائي ڇهل قدمي ڪري رهيو هو جڻ ڪو اهم فيصلو ڪرڻ وارو هجي.

پوءِ اوچتو ئي هيءُ ڪنهن فيصلي تي پهچي ويو ۽ پنهنجي جوانن ڏانهن مڙيو ۽ چوڻ لڳو، "مون کي هن ٻار تي رحم اچي رهيو آهي. مون ٻار کي ماءُ کان جدا ڪري سٺو ڪم ناهي ڪيو، ان ڪري فورن وڃو ۽ هن جي ماءُ کي بہ اغوا ڪري اچو تہ جيئن ماءُ ۽ ٻار هڪ ٻئي سان گڏجي رهي سگهن ۽ سيٺ کي ٻڌائي ڇڏجو تہ هاڻي ڀُنگ جي رقم هڪ لک بجاءِ سوا لک هوندي. ٻن جانين جو معاوضو ڪجهہ تہ وڌيڪ هجڻ گهرجي. اهو حڪم ڏيئي سردار دل ئي دل ۾ ڏاڍو خوش ٿيو تہ اڄ هن ٻہ نيڪ ڪم ڪيا آهن.

..........*

ڏيک مولهي دا توڏا

هڪڙي جت کي نياپو آيو تہ تنهنجي ڏاڇي(مولهي) ويائي آهي. جنهن توڏو ڏنو آهي. جست تيار ٿيو تہ ڏاڇيءَ(جا واهہ جي ٻيءَ پر تي، جهنگ ۾ ويائي هئي) کي ڏسي اچان، پر سندس لاڏالو نينگر چوي تہ، "مان بہ مولهيءَ جو توڏو ڏسان" آخر ٻئي تيار ٿيا. جڏهن واهہ جي ڪناري تي آيا، تڏهن پٽ کي چيائين تہ، "تون منهنجي ڪلهي تي چڙهي ويهہ تہ پار هلون." جڏهن واهہ جي وچ تي آيو تڏهن پاڻيءَ جي زور کان، تري تري ٽڪجي پيو ۽ چڙَ وچان پٽ کي چيائين تہ، "ڏيک مولهي دا توڏا" توکي مون جهليو تہ نہ مڙئين، هيئر ٻنهي جو سرُ ٿو وڃي، آخر ٽڙي ڦٽڙي ڪناري تي آيو.

ادبي دنيا ۾ ادب ۾ نرالي انداز ۾ ٽوٽڪا پيش ڪرڻ هڪ وڏي ڳالهه آهي. اميد ڪجي ٿي ته ڪرزما ۾ پهريون دفعو پيش ٿيل انهن ٽوٽڪن ۾ توهان ليکڪ جي ڏن موضوعن ۽ عجيب طريقي بيان ٿيل قصن ۾ موهجي ويندو. آسان جي دعويٰ آهي ته هڪ دفعو توهان هي ٽوٽڪا پڙهڻ شروع ڪيا ته پوءِ آخر تائين ختم ڪرڻ بنان رهي نه سگهندو.

نرم گرم ٽوٽڪا

سنڌيڪار: فهيم ميمڻ

(1) ياداشت

مان جيڪا واحد خبر واري ڪهاڻي تلاش ڪري سگهيو آهيان، اها هيءَ آهي ته روسي به هاڻي مهانگائي ۾ مبتلا رهندا.

حڪومت عوام کي اطلاع ڪيو آهي ته شين جي قيمتن ۾ اضافو پيو ڪيو وڃي. تيل جي قيمتن ۾ ٻيٽي واڌ پئي ڪئي وڃي، ڪاڏي جي غير رسمي راشننگ، تماڪ ۽ وُوڊڪا شراب جي قيمتن ۾ سترنهن کان پنجاهه سيڪڙو واڌ ۽ ڪوڙ سارين واهپي جي شين جي

گول مول مزيدار ڳالهين جو چٽپٽو احوال

حڪومت قيمت وڌائي رهي آهي تہ جيئن روسي شهرين لاءِ ان جي خريداري ناممڪن ٿي وڃي.

توهان تصور ڪري سگهو ٿا تہ روسي پنهنجي گهرن ۾ ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ڪري رهيا هوندا.

"مشيا! تو ٻڌو تہ شين جون قيمتون طيءِ ڪرڻ واري اداري جي سربراهہ ڪامريڊ گلشخوف اج رات جو پنهنجي تقرير ۾ ڇا چيو آهي؟"

"شروعاتي ٽن ڪلاڪن جي تقرير ٻڌڻ کانپوءِ تہ مون کي ننڊ اچي ويئي هئي. ڇا چيو هِئَ؟"

"اهي هر شي جي قيمت وڌائي رهيا آهن. هاڻي مهانگي وڌندي اهو هڪ ڪنوڙ ظلم وارو قدم آهي. منهنجو خيال آهي تہ پارٽي ليڊرن کي خط لکي گهٽ وڌ ڳالهايان."

"تون چريو ٿي پيو آهين ڇا؟"

"مون اهو ڪو نہ چيو تہ مان خط پوسٽ جي حوالي ڪندس، پر مون اهو چيو آهي تہ مان صرف خط لکندس."

"پر اهو خط ڪنهن جي ور چڙهي ويو تہ ... تو سوچيو آهي تہ تون ڪهڙي مشڪل ۾ پئجي سگهي ٿو؟"

"تون ٺيڪ پئي چئين، پوءِ منهنجو خيال آهي تہ اهو معاملو آئينده يونين ميٽنگ ۾ اٿاريان."

"پر اسان وٽ يونينون تہ آهن ئي ڪو نہ!"

"پر اسان ائين هٿ تي هٿ رکي تہ ڪو نہ ويٺا رهنداسين ان جو مطلب ٿيندو تہ اسان حڪومت کي مڪمل آزادي ڏيئي ڇڏيون تہ هو بي ڊپو ٿي تيل جون قيمت هيٺي ڪري ڇڏين."

"ڇو نہ؟"

"ان لاءِ تہ هي هڪ آزاد ملڪ آهي ۽ لينن چيو آهي تہ پنهنجي خيالن جو ڀرپور اظهار ڪرڻ گهرجي."

"مان ڪيترا دفعا تو کي ٻڌائي چڪي آهيان تہ لينن مري چڪو آهي؟"

"ڪا ڳالهہ ڪانهي، ان جي ڏنل تعليم تہ زندهہ رهندي جيڪڏهن ايئن هر شيءِ جي قيمت وڌندي رهي تہ پوءِ سوويت يونين ۾ عام ماڻهو ڪيئن ڪر زندهہ رهي سگهن ٿا؟ مان ٿو توکي ٻڌايان تہ هيتري مهانگائي ڇا لاءِ ٿي رهي آهي. انهيءَ ڪري تہ سڄو پيسو هٿيارن تي خرچ ٿي رهيو آهي. فوج کي جيڪي ٿي شيءِ گهرجي، اها ان کي مليو وڃي. فوج جي ڪنهن بہ درخواست جي ڪا بہ پڇا ڳاڇا ناهي. پولٽ بيورو جو خيال آهي دفاع جو هر مسئلو اهڙي نموني حل ڪري سگهجي ٿو جو ان تي صرف پيسا ئي اڇلايا وڃن. منهنجو خيال آهي تہ اسان کي ڪريملن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪرڻ گهرجي ۽ فوج جي خرچن ۾ گهٽتائيءَ جو مطالبو ڪرڻ گهرجي."

"تہ پوءِ احتجاج ڪريو ڇو نہ ٿا بلينوف؟ تو تہ ڪڏهن لوبيانڪا جو قيدخانو بہ نہ ڏٺو آهي."

"منهنجي مذاق پئي اڏائين جاهل عورت! پر مان توکي اصل حقيقت ٿو ٻڌايان تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جا اڳواڻ بيوقوفن جو هڪ گروهہ آهي. اهي اسان کي ڪا بہ شي ڏيڻ جا قابل نہ ٿي سگهيا

آهن،جنهن جو انهن اسان سان واعدو ڪيو هو. ايندڙ چونڊن ۾ مان اهو چوندس تہ انهن بدمعاشن کي ٻاهر اڇلائي ڇڏيو.“

”بلينوف! هي ووڊڪا جي تنهنجي ٻي بوتل آهي. نين قيمتن جي حساب سان تو هينئر هينئر ٻن هفتن جو شراب پي ڇڏيو آهي.“

”بس هاڻي گهڻو ٿي چڪو.اسان ماسڪو کي پيغام موڪلي ڇڏينداسون. جيڪڏهن اهي صحيح معنيٰ ۾ ملڪ جي معاشيات کي نہ ٿا هلائي سگهن تہ پوءِ اسان کي ٻيو ڪجهہ تلاش ڪرڻ گهرجي جيڪو اهو ڪم ڪري سگهي.“

”بلينوف! ڇا تون مون کي ٻڌائي بغير وائس آف آمريڪا ٻڌندو رهندو آهين؟“

”توکي تہ خبر آهي تہ هن ملڪ ۾ ڪهڙي خرابي آهي. اسان وٽ نوڪر شاهيءَ جو هڪ ٽولو پنهنجا پڇ ڏهائي لڪيو ويٺو آهي ۽ هر هڪ کي اهو جتائي رهيو آهي تہ هن لاءِ اهو صحيح هو. اهي ڪجهہ بہ نہ ٿا سمجهن تہ اسان لاءِ ڇا بهتر آهي. اهي حڪومت جا ئي خرچ آهن. جهنجي ڪري مهانگائي وڌي رهي آهي ۽ اهي سيئي سوشلسٽ تجربا آهن جنهن سان اهي ماڻهن کي هروپرو پيا تحفن سان نوازين.“

”بلينوف!ڇا تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪا ٻي عورت آهي؟ جيڪڏهن آهي تہ مون کي ان جي خبر هجڻ گهرجي؟“

”ناهي، پر تون اهو ڇو پڇي رهي آهين؟“

”ان ڪري جو تنهنجي ڳالهين مان لڳي رهيو آهي تہ تون مون کي ڇڏڻ چاهين ٿو ۽ ڪنهن ٻي هنڌ بيگار ڪيمپ کڻي وڃڻ جو ارادو رکين ٿو.“

”آل رائيٽ،تہ تون شايد اهو چوڻ چاهين پئي تہ اسان اهڙي مهانگائي ۾ معمولي پگهار تي گذارو ڪيون ۽ اسان انهن بيوقوف معاشي منصوبا بازن جي خلاف ڪجهہ بہ نہ ڪريون جيڪي اسان کي روسي تاريخ جي عظيم ترين منديءَ ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن.“

”ضروري تہ ناهي. اسان سائيبريا ڏانهن بہ هجرت ڪري سگهون ٿا.“

..........*

(2) شادي خانہ آبادي

جولائي جي وچ واري عرصي دوران ٽيندڙ شاديون اچڻ واريون آهن.مان هڪ دفعو وري اهو اندازو ڪري رهيو آهيان تہ نئين گهوٽ ڪنوار لاءِ ڪهڙي قسم جو تحفو خريد ڪرڻو پوندو.ڪافي دوست شادي ڪرڻ وارا آهن جنهن ۾ فلپ ۽ جيڪولين بہ شامل آهن.انهن جي والدين کان پڇا ڪريون ٿا تہ فلپ ۽ جيڪولين کي ڪهڙي قسم جي شيءِ جي ضرورت آهي؟

فل ۽ شيريءَ پنهنجي وڏي پٽ جي شاديءَ جو مامرو نهايت ئي عملي انداز سان طيءِ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

مان ان وقت انهن جي گهر ۾ موجود هيس،جنهن وقت فونون اچي رهيون هيون. ڇوڪري جي پيءُ منهنجي سامهون سڀ کان پهرئين فون ڪندڙ کي چيو”اهي هڪ ڪاڪ جي دريءَ کي ئي پسند ڪندا... ها... بلڪل .... هڪ دري .... نہ

نہ .... ان ۾ لوهي شيخون هجڻ ضروري ناهي. ڪنهن به ڪاٺ واري دريءَ مان ڪم ٿي ويندو."

فل هئي نمبر فون ڪنڊڙ کي هڏايو"ٻارَ اهڙي چمني پسند ڪندا، جيڪا بئيءَ جي ويڪر جي حساب سان هجي."

ٽئي فون ڪنڊڙ کي چيو ويو ته"اهي سنگ مرمر جي ٽائيلن لاءِ پيا مرن. مون وٽ ماپ جو ڪو اوزار ته ناهي، بهرحال مان توکي هڪ ٻن ڏينهن ۾ ماپ وغيره جي سامان وغيره فراهم ڪري ڇڏيندس."

هر فون ڪرڻ کان پوءِ فل هڪ نوٽ بڪ تي ڪجهه درج به ڪري رهيو هو. مون هن کان پڇيو ته هي اهو ڇا ڪري رهيو آهي.

"ڏس،ماڻهو اهي تحفا پيش ڪرڻ چاهين ٿا،جنهن جي ٻارڻن کي ضرورت هجي.اصل ۾ جيڪا انهن کي ضرورت آهي اها آهي هڪ بنگلي جي.تنهنڪري ڪو به شخص فون ڪري پڇي ٿو ته مان يا شيري ان کان گهر ۾ ڪم ايندڙ ڪا شيءَ جي گهرَ ڪيون ٿا. هاڻي تائين اسان ٻارنهن دريون، لائبرري جي ڪمري لاءِ چٽ، بيڊ روم ۽ باٿ روم لاءِ بجلي جا بلب،تارون ۽ سوئچ بورڊ وغيره هٽائڻ لاءِ واعدو ٿي چڪا آهيون. جيڪڏهن چاچو ولسن ٻاهريون دروازو ۽ چاچي ايوانز رڌڻي لاءِ دروازو ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ اسان دوستن کي اهو چوڻ شروع ڪنداسين ته ٻارڻن کي هاڻي چٽ جي ضرورت آهي."

"چٽ ته شاديءَ جو هڪ مهنگو تحفو آهي." مون چيو.

"اسان ڪنهن هڪ دوست، يا عزيز کان اهو توقع نه پيا ڪريون ته ڪو هو اهي انهن کي هڪ چٽ عطا ڪندا،پرفرض ڪرجيڪڏهن اسان پنهنجي ڏهن دوستن سان ڳالهيون ڪري انهن کي ان باري ۾ راضي ڪري وٺون ته پوءِ اسان فلپ جي آنٽيءَ کي اها ڳالهه چئي سگهون ٿا ته هو تحفي ۾ چٽ تي لڳندڙ ڪاٺين جي ڪا چٽ يا وري ٽائيلون ئي ڏيئي."

"هي ته زبردست آئيڊيا آهي،پر جيڪڏهن شاديءَ جو ڪو تحفو تو کان بغير مشورو ڪري ڏنو وڃي ته پوءِ؟"

"ته پوءِ ان تحفي کي دڪان تي وڪڻي ان جي جاءِ تي سيمينٽ جي ٻوري وٺي ايندا سين."

ايتري دير ۾ فون جي گهنٽي وري وڄڻ لڳي."ها،...ڪيئن آهين؟.....اُنهنُ کي ڇا گهرجي؟ ڪجهه ڏينهن ٿيا آهن جو مون جيڪولين کي اهو چوندي ٻڌو آهي ته انهن کي رڌڻي جو سِنڪ ڏاڍو پسند آهي.... ڪهڙي نموني جو؟ ان جي ڪا به پرواهه ناهي. اڃا رڌڻي جا خانا باقي آهن...بهرحال اهي به اچي ويندا... تنهنجي وڏي مهرباني!"

فلپ پنهنجي ڪتاب ۾ ڳالهيون نوٽ ڪندي چيو "اسان بلڪل ٺيڪ وڃي رهيا آهيون."

"هڪ دفعو جيڪڏهن سڄو سارو سامان ملي وڃي ته پوءِ گهر ڪير تعمير ڪرائيندو؟"

"فلپ جي گهاٽن يارن اهو چيو آهي ته اهي اهو ڪم ڪندا. منهنجو ٻارڙن کي اهو تحفو آهي ته جيڪي ماڻهو انهن جي گهر جي تعميرات جي نگراني ڪندا، انهن جي ادائيگي مان ڪندس. ان ڪم ۾ ٺيڪ ٺاڪ هوشياري ۽ عقل گهرجي. ڇو ته ڪافي اهڙا تحفا آهن جن ۾ هڪ جهڙائي نه ٿي ملي."

"ڇا اڃا تائين ڪنهن گهر لاءِ ڪاٺ جي پيش ڪش ڪئي آهي؟"

"ڪئي ته آهي، پر اسان جو اصرار ان ڳالهه تي آهي ته ڪاٺ ڳاڙهو هجي. منهنجو خيال آهي ته اها ضرورت جيڪولين جو چاچي پوري ڪندي. آخر هوءَ به ته هن جي اڪلوتي ڀائٽي آهي. ڊمبر اسان کي پلائي وڏ جي هڪ لات موڪلي آهي. شيري ڏاڍي لڄي ٿي رهي آهي ڇو ته جڏهن هن جي پٽ جي شادي ٿي هئي ته اسان انهن کي رڌڻي جي لاءِ هڪ پينٽنگ ڏني هئي."

فون جي گهنٽي هڪ دفعو وري وڄڻ لڳي.

"ٽريسا!" فل چيو "واهه، ڪهڙي نه موقعي تي تو فون ڪيو آهي... نه، ٻارڙن وٽ چادرون ۽ ٽوال آهن. ڪافي ميڪر ۾ توڪي ڪير مات ڏيئي ويو آهي. هن وٽ بجليءَ جو اوون به آهي.... مون کي سوچڻ ڏي ته انهن کي واقعي ڪهڙي شيءِ جي ضرورت آهي... ها ... مون کي ياد اچي ويو... گيس جو چلهو. انهن مون کي چيو هو ته ڪير پڇي ته ان کي هڏايان ته اها ئي شي انهن کي ڪپي. اهو گيس جو چلهو انهن جي پيار ۾ واڌارو ڪندو. تنهنجي فون ڪرڻ جي مهرباني ٽريسا! جوزف کي منهنجا سلام ڏجان."

"مان نه ٿو سمجهي سگهان ته ڪا ٽريسا اهو تحفو ڏيئي سگهي ٿي."

فل پنهنجي نوٽ بڪ ۾ لکندي چيو "خاص طور تي ان لاءِ ته جڏهن انهن جي ٻارڙن جي شادي ٿي هئي ته اسان هنن کي ڪتاب تحفي ۾ ڏنا هئا. اڙي... مان ته اهو ويساري ويٺس تون هتي ڪيئن آئين؟"

"اين، مون کي چيو هو ته مان تو طرف ٿي اچان ۽ اهو معلوم ڪري اچان ته فلپ ۽ جيڪولين کي ڪنهن شيءِ جي

قول

* اسان جنگ ان ڪري ڪندا آهيون جو اسان امن سان رهي سگهون. (ارسطو)
* جنگ ۾ جسماني طاقت کان ڪيئي گناهه وڌيڪ اخلاقي طاقت جي ضرورت پوندي آهي. (نپولين)
* جيڪو ماڻهو جوانيءَ ۾ علم حاصل نٿو ڪري اهو ماضيءَ کي وڃائي ويهي ٿو ۽ مستقبل جي لاءِ مري وڃي ٿو. (يوري پيڊيز)
* وقت جو استعمال زندگي آهي ۽ وقت جو زيان محض وجود جي برقراريت آهي. (لڊورڊينگ)
* جيڪو پنهنجو خدا سان واعدو نٿو پاڙي سگهي اهو انسانن سان ڪيل واعدن جو پاس نٿو ڪري. (نامعلوم)
* اسان جنهن شيءِ تي خواهش ڪريون ٿا، ان تي فوران يقين ڪري وٺون ٿا. (اوين ينگ)
* ڪنهن مرونءَ کي ڪرسي پيش ڪيو اهو ميز تي چڙهي ايندو. (يدش چوٽي)
* محبت ۽ بک گڏ نه ٿا رهي سگهن. (يدش چوٽي)

ضرورت آهي، پر مان ڏسان پيو تہ انهن وٽ تہ سڀ ڪجهہ آهي، تنهن ڪري اسان انهن کي ميڻ بتيءَ جو ڪو عمدو سيٽ ئي ڏيندا سين.“

”انهن کي انهيءَ شيءِ جي ضرورت ناهي،“ فل چيو ”انهن کي لاٽ جي ضرورت آهي.“

”ڪنهن شيءِ جي لاٽ؟“

”لاٽ مطلب پلاٽ، جنهن تي گهر تعمير ٿي سگهي. اهو وڏو نہ هجڻ ڪپي. فلپ کي گاهہ ڪترڻ کان نفرت آهي.“

”ڇا مون کي ان باري ۾ سوچڻ جي مهلت ملي ويندي؟“

”بي شڪ، اين سان بہ تون ان باري ۾ ڳالهہ ڪري ڇڏجان. مردن جي مقابلي ۾ عورتون بهتر ڄاڻين ٿيون تہ نئين گهوٽ ۽ ڪنوار کي ڪهڙي قسم جي پلاٽ جي ضرورت هوندي آهي.“

..........*

(3) لباس

هر ڪو ان حقيقت کان آگاهہ آهي تہ جيڪي ڪپڙا اسان استورن ۾ ڏسندا آهيون، انهن مان اڪثر تائيوان، هانگ ڪانگ يا وري ڏکڻ ڪوريا جا ٺهيل هوندا آهن. البت انهن ڪپڙن جي معيار ۾ تہ ڪا ڪوٽ ناهي پر انهن جي ويڪر ماپ يا سائيز ۾ ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ گڙبڙ هوندي آهي.

مثال طور تي ڪلهہ رات مون هڪ گنجي خريد ڪئي جنهن تي لارج سائيز لکيل هو. مون جڏهن ان کي پائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پتو پيو تہ منهنجي بدن تي اها فٽ ناهي. مون کي پهريون خوف اهو محسوس ٿيو تہ منهنجي ڪلهن جي وڏڻ جي ڪري مان ايڪسٽرا لارج ٿي ويو آهيان. پر ان کان اڳ جو آئون ويتر خوف ۾ ورائجي ويان. مون پنهنجي پٽ کي هڪ ميڊيم گنجي پائڻ لاءِ ڏني تہ اها ان کي بلڪل فٽ اچي ويئي. اها ڳالهہ ظاهر ٿي ويئي هئي تہ اها غلطي هانگ ڪانگ جي ماڻهن کان ٿي آهي. خوش قسمتيءَ سان گنجي جي هيٺين حصي تي هڪ چٽ لکيل هئي، جنهن ۾ لکيل هو تہ جيڪڏهن گنجي ۾ ڪا خرابي هجي تہ مهرباني ڪري انسپيڪٽر ست سان رابطو ڪريو.“

مون فورن ئي فون ڪيو. هانگ ڪانگ جي فيڪٽريءَ جو پتو لڳايو. پوءِ انسپيڪٽر ست کي بہ ٻڌائيل ڪيو. انسپيڪٽر ست تہ اتي موجود نہ هو پر اتي جو انچارج مون کي ملي ويو. جيڪو خوش قسمتيءَ سان انگريزي ڳالهائي سگهيو ٿي. مون هن کي پنهنجي مسئلي کان آگاهہ ڪيو. هن ٻڌايو تہ انسپيڪٽر ست نهايت ئي اعتماد وارو شخص آهي ۽ پندرنهن سالن کان فيڪٽريءَ ۾ ملازم آهي. پهريون دفعو ٿيو آهي جو سندس شڪايت سامهون آئي آهي. توڙي جو آمريڪا مان بہ هن اسان کي ٻڌايو آهي تہ هڪ شڪايت جو فون آيو آهي.

مون هن کي چيو تہ مان انسپيڪٽر ست لاءِ ڪا پريشاني پيدا ڪرڻ نہ ٿو چاهيان. مون کي تہ بس اهو ئي تجسس آهي تہ هو پنهنجي انهن گنجين جو معائنو ڪيئن ٿو ڪري جيڪي آمريڪا ڏانهن

اماڻيون وڃن ٿيون. مون هن کي ٻڌايو ته منهنجي ڪيترن دوستن کي هانگ ڪانگ جي گنجين جي سائز ۾ ڪجهه مشڪلاتن جو مسئلو درپيش آهي.

"توهان انسپيڪٽر ست جي باري ۾ ڇا ٿا ڄاڻڻ ڇاهيو؟" هن مون کان پڇيو.

"ها... پهرين ڳالهه ته... هن جو قد ڪيترو آهي؟"

"مون کي پڪ آهي ته هن جو قد چار فٽ يارنهن انچ آهي." ان شخص جواب ڏنو.

"۽ ان جو وزن ڪيترو آهي؟" مون پڇيو.

"اسان پنهنجي انسپيڪٽرن کي ڪڏهن به ماپيندا ناهيون." ان شخص جواب ڏنو "پر منهنجو اندازو آهي ته نه ته، نه ته گهٽ ۾ گهٽ اسي پائونڊ ته هوندو."

"تڏهن توهان جو مسئلو اهو ٿي سگهي ٿو.ڇا توهان وٽ اڪثر انسپيڪٽرن جو قد ۽ وزن اهڙي پيمائش جو هوندو آهي؟"

"ها، پر مان نه ٿو سمجهان ته ان ڳالهه جو تعلق توهان جي گنجين جي مسئلي سان ڪيئن ڪر ٿي سگهي ٿو؟"

"هاڻي ڳالهه واضع ٿي ويئي.انهن کي هڪ ميڊيم، لارج سائز ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ لارج ايڪسٽرا لارج سائيز نظر اچي ٿي ۽ ايڪسٽرا لارج سائيز انهن لاءِ ته تمام گهڻي هوندي اهي جڏهن توهان جي گنجين جو معائنو ڪن ٿا ته اهي پنهنجي قد بت جي لحاظ کان سوچين ٿا. ڇا اهي ڪڏهن پاڻ به ان جي ترائي ڪن ٿا؟"

"ڪڏهن ڪڏهن."

"اها ڪئي نه ڳالهه.انسپيڪٽر گنجيون پائي ٿو ۽ پنهنجي سائيز ۽ وزن مطابق توهان جي ڪپڙن جي ڊائون سائيزنگ (گهٽتائي) ڪري رهيو آهي. ممڪن آهي ته هن پنهنجي زندگيءَ ۾ لارج يا ايڪسٽرا لارج سائيز پئي ڪڏهن به ڏٺي نه هوندي."

ٻئي طرف کان بلڪل خاموشي ڇانئجي ويئي. ان کان پوءِ چيني ٻوليءَ ۾ ڪجهه تيز تيز ڳالهائڻ جا آواز اچڻ لڳا. نيٺ اهو شخص وري فون تي آيو ۽ چوڻ لڳو "جيڪڏهن توهان پنهنجي سائز اسان کي ڏيئي ڇڏيو ته توهان جون گنجيون تيار ڪندين اسان کي خوشي ٿيندي."

"توهان جي وڏي مهرباني!" مون ان کي چيو"مون فون صرف ان ڪري نه ڪيو هو پر مون آمريڪا جي سيني لارج سائيز ماڻهن جي ڳالهه ڪئي هئي."

"اسان جا سيئي ڪم ڪندڙ ننڍي سائيز جا آهن." ان ماڻهو چيو.

"ته پوءِ توهان کي آمريڪا ۾ پنهنجي ساک برقرار رکڻ لاءِ منهنجي ته اها صلاح اٿو ته توهان ڪجهه ڊگهن قدن واري آمريڪي ٽوئرسٽن کي پنهنجي فيڪٽريءَ ۾ اچڻ جي دعوت ڏيو ۽ پنهنجي انسپيڪٽرن کي ڏيکاريو ته گنجين ۾ لارج سائيز ۽ ايڪسٽرا لارج سائيز ڇا ٿيندي آهي؟"

"پر جيڪڏهن اسان اهو ڪيو ته انسپيڪٽرسٽ پنهنجي بيعزتي محسوس ڪندو."

"ان مرحلي مان ته هن کي گذرڻو

پوندو يا تہ هيءَ پوءِ پنهنجو وزن وڌائي چڏي جيڪڏهن توهان اسان جي استورن ۾ هانگ ڪانگ جي ڪپڙن جا ڍير لڳائڻ چاهيو ٿا تہ توهان کي پنهنجي سوچ جي انداز کي بہ وڏو ڪرڻو پوندو.“

..........*

(4) مشورو

” هيلوايجنسي برائي بچاءَ ماحوليات.....فرمايوماڻ توهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو؟“

”جناب،ڪي ماڻهو منهنجي گهرجي اڳئين اڳڻ ٻاهران زهريلو ڪيميائي مواد اڇلائي ويا آهن.“

”ماڻ ان سلسلي ۾ توهان جو رابطو گندگي صاف ڪندڙ شعبي جي اڳواڻ مسٽر ڊڪنگ سان قائم ڪرائڻ چاهيان ٿو.“

”گندگي شعبو نہ،ماڻ تہ زهريلي مادي بابت ڳالهہ ڪرڻ چاهيان ٿو.“

”اسان معاشي قدم کڻي زهريلي مواد،گندڪچريءَ قاتل ماڪوڙين کي تباهہ ۽ برباد ڪرڻ لاءِ مختلف ادارن کي هڪ اداري ۾ ضم ڪري چڏيو آهي.مسٽر ڊڪنگ لائين تي آهي.“

”مسٽر ڊڪنگ گڊ مارننگ، ڪنهن صاحب يا ڪنهن ميم صاحب پاران زهريلو ڪچرو منهنجي گهر جي اڳئين اڳڻ ٻاهران اڇلائجي رهيو آهي.تہ پوءِ ماحول بچاءَ بند ادارو ان سلسلي ۾ ڪهڙو قدم کڻندو؟“

”ڪيتري مقدار ۾ زهريلو ڪچرو اڇلايو پيو وڃي؟“

”هيل تائين ٽن ٽرڪن زهريلو مادو اڇلائي بہ چڏيو آهي.ڊرائيورن جو چوڻ آهي تہ وڏيڪ گندو مواد کڻڻ لاءِ وڃي رهيا آهن.“

”پر اهو زهريلو مادو ڪٿي نہ ڪٿي تہ اڇلايو تہ هونئين وڃي ها نہ.“

”منهنجي خيال ۾ اهڙي صاف ستري علائقي کي زهريلي مادي کان بچائڻ اوهان جي ذميواري آهي؟“

”يقينن، اوهان صحيح آهيو اوهان ڪٿي رهندا آهيو.“

”اتر ڪيرو لينا ۾.“

”ڇا توهان شڪايت رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ ڊينور کي فون ڪيو آهي؟“

”ماڻ اتي فون ڇو ڪيان؟“

”اهو دفتر اتر ڪيرولينا جي متعلق زهريلي مادي جي رپورٽ درج ڪندو آهي.گهٽ ۾ گهٽ ان وقت تائين تہ ڪندو رهندو جيستائين اسان اِن کي ڪفايتي پروگرام تحت بند نہ ٿا ڪيون.“

”مون کي ڊينور کي فون ڪرڻ سان ڇا حاصل ٿيندو؟“

”اتي توهان کي ٽيليفون رڪارڊنگ ماڻ خبر پئجي پوندي تہ توهان کي ٻين علائقن جي ڪهڙين آفيسن سان رابطو رکڻ گهرجي.“

”پر اتفاق سان فون تي اوهان سان سڌو سنئون رابطو ٿيو آهي. ڊينور وارو دفتر بند ٿي ويو آهي. مهرباني ڪري منهنجي رهنمائي ڪندا. ماڻ ڪٿي فون ڪريان؟“

”ماڻ ڏسان ٿو سينٽ پال،مني سوٽا بہ بند ٿي چڪا آهن. پورٽ لينڊ ۽ ريگن بہ بند ٿي چڪا آهن.البو ڪرڪي، نيو

ميڪسيڪو ۾ بند ٿي ويا آهن. هتي هڪ ئي دفتر آهي جيڪو ڪليل آهي.....بيٽن زوگ، لوئيزيانا ۾."

"مون کي اتان جو نمبر ڏيو."

"توهان پنهنجي ڪال ضايع ڪندو. اهي صرف ڪوئلي جي گندي ڍڳ کي هٽائڻ جي متعلق معاملا نپٽائيندا آهن."

"توهان ماڻهو واشنگٽن ۾ ڇا ڪندا آهيو؟"

"اسان عوام جي پٽ کان حڪومت جو ٻوجهه هٽائڻ ۾ مصروف آهيون. اسان صنعتن کان وصولي ۽ ماحولياتي تحفظ تي ٿيندڙ خرچن جو ڪاٽو لڳائيندا آهيون ۽ پوءِ لاڳت ڏسي قاعدا ۽ قانون ٺاهيندا آهيون."

"مان سمجهي رهيو هئس ته توهان ماڻهن کي ملڪ جي ماحول جي تحفظ لاءِ اختيار ڏنا ويا آهن."

"يقينن ڏنا ويا آهن. پر اسان جا ڪجهه تارگيٽ هوندا آهن."

"ڪهڙي قسم جا تارگيٽ؟"

"مثلن صاف پاڻي جي قانون کي ئي وٺو اسان اجازت ڏيئي ڇڏي آهي ته ماحول گندلائڻ جو درجو گهٽائي پنجاهه سيڪڙو ڪيو وڃي. هاڻي اسان گندي پاڻي جي وهڪري کي مختلف ڍنڍن ۽ چشمن طرف ڪري ڇڏيندا آهيون، نتيجو اهو نڪتو آهي ته ان مد ۾ اسان کي ٽيڪسن جي ڪري ٻن ارب ڊالرن جي بچت ٿي آهي ۽ ايئن ماڻهن کي به گهٽ نقصان ٿيو آهي."

"اهو اندازو توهان ڪيئن ڪري لڳايو."

"اسان جي نئين تحقيق جي مطالعي کان پوءِ ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻي ۾ ڪٿي ڪٿي گندي پاڻيءَ جا مهلڪ اثر اڃا رهجي ويا آهن."

"تيزاب واري پاڻيءَ بابت اوهان ڇا چوندو؟"

"تيزاب جي پاڻيءَ جي باري اسان جي جيوريءَ اڃا تائين ڪا حتمي فيصلو نه ڪري سگهي آهي. افواهون ته اهي آهن ته برساتن وٽن کي طبعي طور تي ڦل ڏيڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان کان علاوه جهنگلي جيوت کي به نقصان ٿيو آهي پر اهو صرف انهن ماڻهن جو وهم آهي جيڪي ماڻهو مڊ ويسٽ، نارٿ ايسٽ ۽ ڪئناڊا ۾ رهن ٿا."

"ٺيڪ آهي جناب! مان صورتحال کان ڪجهه ڪجهه واقف ٿي رهيو آهيان، پر منهنجو مسئلو پنهنجي جڳهه تي موجود آهي، توهان ان زهريلي مواد اڇلائڻ وارن جي خلاف ڪهڙو قدم کڻندا، جيڪي ماحول کي گدلو ڪري رهيا آهن."

"ڇا توهان ڪڏهن پنهنجو گهر وڪڻڻ تي سوچيو آهي؟"

"ها، پر مون کان اهو گهر ڪير خريدڻ چاهيندو جتي چوطرف زهريلو مادو ڦهليل هجي؟"

"غور سان ٻڌندا، جيڪڏهن توهان اها شڪايت تحفظ براءِ ماحوليات ۾ درج نه ڪرائيندا ته ڪنهن کي ڪهڙي نموني خبر پئجي سگهجي ٿي؟"

..........*

تاريخ جي آئيني منجهان

ڪشمير جي بدنصيب شاعره راٽيءَ جي عشقيہ ڪهاڻي هيءَ عشقيہ داستان ڪشمير جي رومانوي داستانن مان هڪ آهي جيڪا اڄ ڏينهن تائين مقبول آهي. بدنصيب راٽيءَ جو قصو ڪجهہ هن ريت آهي تہ هن جي مائٽن هن جي شادي ننڍي هوندي ئي ڪري ڇڏي هئي ۽ جڏهن هي جوان ٿي تہ هن جي مڙس ۽ هن جي عليحدگي ٿي ويئي. اهڙي مشڪل وقت ۾ هو ٽورو پريشان ۽ اداس هئي پر قسمت ڪيس اونچو مقام ڏيڻ واري هئي جنهن جو هو تصور بہ نہ پئي ڪري سگهي. ان وقت ڪشمير جي بادشاهہ جي نظر هن تي پئي جيڪو هن جي خوبصورتيءَ کان متاثر ٿي هن کي پنهنجو ڪيو پر سندس قسمت ۾ ڪجهہ ٻيو لکيل هو. معلومات سان ڀريل هڪ دلچسپ احوال.

ڪشمير جي بدنصيب مشهور شاعره جو عشقيہ داستان

حبہ خاتون

تحريرۍ تحقيق: تابنده گيلاني
سنڌيڪار: نثار آزاد ٻرڙو



شاعري ۽ ادب سان دلچسپي رکڻ وارا ماڻهو حبہ خاتون کي هڪ شاعره جي حيثيت سان تہ ضرور سڃاڻيندا هوندا، ليڪن هيءَ حقيقت، گهٽ ماڻهن کي معلوم هوندي، تہ منڙا ۽ رسيلا گيت لکڻ واري هيءَ خوبصورت شاعره، ڪشمير جي راڻي بہ رهي چڪي آهي. هوءَ هڪڙي هاري جي ڌيءَ هئي. ليڪن پنهنجي حسن جي باعث، هڪڙي بادشاهہ جي تير نظر جو شڪار ٿي ڪري

محلن جي راڻي بڻجي وئي.

بدقسمتيءَ سان ڪشمير جي ان حسين ۽ جميل عورت ۽ خوبصورت شاعره جي باري ۾ تاريخ ۾ تمام گهٽ تفصيل ملن ٿا. مختلف ليکڪن پنهنجي پنهنجي انداز ۾ ان جو ذڪر ڪيو آهي. ڪجهه ڪيس راڻي چون ٿا ۽ ڪجهه ليکڪن هن جو تعارف صرف هڪڙي شاعره جي حيثيت سان ڪرايو آهي، جنهن کي بلبل ڪشمير چيو ويندو هو.

جب خاتون 16 عيسوي صديءَ ۾ چندر هار نالي ڳوٺ ۾ پيدا ٿي. سندس اصل نالو زڙن هو. يا ان کي ان نالي سان پڪاريو ويندو هو. ان کي سنڌيءَ ۾ زون ۽ انگريزيءَ ۾ Zoon چئي سگجي ٿو.

زڙن خالص ڪشميري جو لفظ آهي ۽ ان جي معنيٰ چنڊ آهي. هوءَ زعفران جي فصل ۽ چنار جي وڻن جي هيٺان وڌي ويجهي ۽ جوان ٿي. ليڪن هاريءَ جي اولاد هئڻ جي باوجود به سندس پرورش مقامي رسم ۽ رواج مطابق نه ٿي. ڳوٺ جي مولوي کان هن لکڻ پڙهڻ سکيو ۽ نئين جوانيءَ ۾ ئي ان جي پيءُ ان جي شادي هڪ هاري ڇوڪر سان ڪري ڇڏي.

سندس مڙس اڻ پڙهيل هو. ان ڪري هو ڪيس خوش رکي نه سگهيو. هو نه ئي زڙن جي دل جا ارمان سمجهندو هو ۽ نه ئي انهن کي پورو ڪرڻ تي قادر هو. نتيجتن هوءَ ڏکي رهڻ لڳي. اهو معاهن جي بدنصيبي اجها ملو ايتري حد تائين ته وڌي ويو جو هن مڙس کان طلاق ورتي ۽ ڪشميري زبان ۾ گانا ڳائڻ شروع ڪيا.

عام طور تي هوءَ چنار جي وڻ هيٺان ويهي ڪري ڳائيندي هئي. هڪ ڏينهن ڪشمير جو بادشاهه يوسف شاهه چڪ گهوڙي تي سوار ٿي، شڪار ڪندي ڪندي اتي اچي نڪتو. سندس گذر چنار جي ان وڻ جي ويجهڙ کان ٿيو جتي زڙن ويٺي پنهنجي مٺڙي آواز ۾ ڪشميري گيت ڳائي رهي هئي. يوسف شاهه کي سندس آواز ڀلو لڳو ته هو ان آواز جي مالڪ کي ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌيو. جڏهن هن چنار جي وڻ هيٺان ويٺل هڪ خوبصورت ڇوڪريءَ کي ڏٺو ته هو انجي حسن جي جادوءَ ۾ گم ٿي ويو. زڙن پڻ پنهنجون خوبصورت اکيون کڻي ان گهوڙي سوار ڏي ڏٺو ڪيس ان وقت اها خبر ڪو نه هئي ته ايندڙ شخص ڪير هو. ليڪن هوءَ پهرين ئي نظر ۾ ڪيس پنهنجي دل ڏيئي ويٺي. بعد ۾ هن يوسف شاهه سان شادي ڪري ڇڏي ۽ پنهنجو نالو بدلائي جب خاتون رکي ڇڏيو.

هڪ روايت هيءَ به آهي ته جڏهن يوسف شاهه ۽ زڙن جي ملاقات ٿي هئي، ان وقت يوسف شاهه ڪشمير جو بادشاهه نه هو. ليڪن اها خوبصورت ڪشميري ڇوڪريءَ ڀاڳ ڀري هئي، جو سندس مڙس بعد ۾ ڪشمير جو بادشاهه ٿيو.

ليڪن سندس اها خوشگوار زندگي، گهڻو وقت نه هلي سگهي. دهلي ۾ مغل شهنشاهه اڪبر تخت تي ويٺو ته هن يوسف شاهه کي پاڻ وٽ گهرايو. پهريان ته هن انڪار ڪيو ليڪن بالآخر بادشاه اڪبر جي طاقت جي سامهون ڪيس مجبور ٿيڻو پيو ۽ ڪيس 1586ع ۾ دهلي وڃي ويا. اتي پهچندي ئي ڪيس گرفتار

ڪيو ويو ۽ بهار جي هڪڙي جيل ۾ موڪليو ويو ۽ ائين حبہ خاتون پنهنجي محبوب کان جدا ٿي ويئي. هاڻي سندس گيتن ۾ محبوب سان ميل ميلاپ جي جاءِ تي ڏک ۽ وڇوڙي جي اداسي اچي ويئي هئي.

تاريخ اهو تہ ٻڌائي ٿي تہ حبہ خاتون يوسف شاهہ کي بيحد عزيز هئي. هن پنهنجي پياري محبوبہ لاءِ گل مرگ، سونا مرگ ۽ ٻين جاين تي جيڪي خوبصورت هيون، پهاڙي تفريح گاهون ٺهرايون. جتي هو ان سان گڏ ويندو هو. ليڪن جڏهن هو قيد ٿيو تہ حبہ خاتون سان ٻيهر ملاقات جي اميد بہ ختم ٿي وئي. ان صدمي جي ڪري سندس ذهن مائوف ٿي ويو ۽ ان ئي عالم ۾ 22 سيپٽمبر 1592ع ۾ بهار جي قيد خاني ۾ گذاري ويو. ليڪن يوسف شاهہ ڪانپوءِ حبہ خاتون ڪيترو عرصو زنده رهي. ۽ ان تي ڇا ڇا گذريو ان باري ۾ ڪوبہ حوالو ڪونہ ٿو ملي.

حبہ خاتون جي باري ۾ ڪشميري مصنفن، تحقيق ڪندڙن ۽ ليڪڪن جو رويو ڪافي تعصب وارو ۽ غير حقيقت پسنداڻو آهي. تاريخ مان حبہ خاتون جو ذڪر غائب ٿيڻ جون ڪيتريون ئي وجهون بيان ڪيون ويون آهن. ڪجهہ مصنفن جو چوڻ آهي تہ يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جي تعلق جي باري ۾ وتن ڪا بہ پڪي يا تصديق ٿيل شاهدي موجود نہ آهي ۽ هو صرف پاڻي ۾ هٿ ڦيرائي رهيا آهن. ڪن جو چوڻ آهي تہ قديم کان جديد دور تائين لکيون ويندڙ تاريخون هميشہ حڪمرانن جي دٻاءَ ۽ ڇڪ ڇڪان جي ماحول ۾ تحرير ڪيون ويون. ان دليل جي تائيد ۾ هو 1857ع جي واقعن جو حوالو ڏين ٿا. جنهن کي انگريز مصنف ۽ ليکڪ بغاوت ۽ مسلمان ۽ هندو ليکڪ جنگ آزاديءَ جو نالو ڏين ٿا. ان فڪري طبقي جي ماڻهن جو خيال آهي تہ حبہ خاتون ۽ يوسف شاهہ جي تعلق جو ذڪر ان ضد ضداڻي جو شڪار ٿي ويو آ.

ليڪڪن جو هڪ ٻيو قبيلو چوي ٿو تہ عام طور تي تاريخ بادشاهن ۽ حڪمرانن جا ڪارناما بيان ڪرڻ لاءِ لکي وئي. حڪمران يا بادشاهہ يقينن هي نہ چاهيندا هوندا، تہ سندن عشق جي داستانن کي تاريخ جو حصو بڻايو وڃي. ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ بہ سؤ سالن تائين يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جو عشق صرف ڪهاڻين ۽ روايتن ۾ دفن رهيو ۽ جڏهن ان کي تاريخ جو حصو بڻايو ويو تہ ان واقعن جا اکين ڏٺا شاهد موجود نہ هئا. جيڪي ان جي حقيقي پهلوئن کان ماڻهن کي آگاهہ ڪن ها.

ڪجهہ ليڪڪن جو خيال آهي تہ اهي تاريخي شاهديون جيڪي ايڏا تائين صرف داستانن جي صورت ۾ آهن ۽ انهن کي عوام جي سرپرستي ۽ تائيد حاصل ناهي ٿي سگهي. ڪين تاريخ جو حصو نہ ٿو ڪري سگهجي. ڪشمير جي پراڻي تاريخ سڀ کان پهريان سنسڪرت، پوءِ فارسي ۽ ڊگهي عرصي کان پوءِ اردو ۾ لکي وئي. ان جو ڪجهہ حصو ماڻهن جي ذاتي تجربن ۽ مشاهدن جي مشتمل هو. جنهن ڪري ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ يقيني يا تصديق ٿيل تاريخ قرار ڏيئي نہ ٿو

سگهجي. سندن چوڻ آهي تہ ڪشمير جي ڪجهہ گهراڻن جو پس منظر علمي، ادبي رهيو آهي. انهن وٽ پنهنجون روايتون، حقيقتون ۽ داستان موجود آهن. جي نسل در نسل منتقل ٿينديون پيون اچن. ليڪن انهن مان ڪا هڪ بہ ڪشمير جي تاريخ ۾ شامل ناهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪشمير جي تاريخ جا ڪيترائي پهلو نامڪمل يا مڪمل انڌيري ۾ آهن.

يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جو قصو بہ اهڙي ئي ڪنهن داستان يا ڪهاڻي جو حصو رهيو آهي ۽ وڏي عرصي تائين ان معاملي جو فيصلو ناهي ٿي سگهيو تہ ان کي صرف لوڪ داستان چيو وڃي يا اڌ تاريخي حصو قرار ڏنو وڃي. يا تاريخ تسليم ڪيو وڃي!

ليڪن ان ڳالهہ کان انڪار ممڪن ناهي تہ يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جا پاڻ ۾ تعلق بہ هيا ۽ انهن جو وجود بہ هو. ليڪن ان قصي جي ظاهر ٿيڻ کان فورن بعد ڪنهن بہ ان جي تفصيل حاصل ڪرڻ يا ان جي صحيح يا غلط هجڻ جي باري ۾ تحقيق ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي.

هتي ان نقطي جي وضاحت بہ بيحد ضروري آ تہ ليڪڪن ۽ مصنفن جي وچ ۾ يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جي تعلق جي حوالي سان واضح ۽ شديد اختلاف موجود آهن. ڪن حبہ خاتون کي يوسف شاهہ جي راڻي تہ ڪن ڪيس سُريت قرار ڏنو آهي.

هڪ هندو محقق پروفيسر ڪي اين ڏر حبہ خاتون تي لکيل پنهنجي هڪ مقالي ۾ يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جي عشق ۽ تعلق جي باري ۾ ليڪڪن جي خاموشي کي هڪ ٻي وجهہ بيان ڪيو آهي. سندس چواڻي تہ "زڻن يا حبہ خاتون هڪ سني چوڪريءَ هئي، جڏهن تہ يوسف شاهہ شيعہ عقيدو رکندڙ هو. چڪ دؤر ۾ حڪومت ۾ ڪشمير سني ۽ شيعہ عقيدو رکندڙ فرقن ۾ ڇڪتاڻ وارو ماحول رهي چڪو هو. ان ڪري ممڪن آهي تہ سني عقيدي واري ليڪڪن ۽ تحقيق ڪندڙن ان کي پنهنجي لاءِ باعث توهين سمجهيو هجي، تہ هڪ سُني چوڪريءَ شيعي چوڪري جي سُريت ٿي وئي. ان ڪري انهن ان واقعي کان لنوايو آ.

ساڳئي ريت، شيعہ مسلڪ جي تحقيق ڪندرن کي پنهنجي شيعي بادشاهہ جو هڪ سُني چوڪريءَ سان والهانہ عشق پسند نہ آيو هجي ۽ انهن ان ڳالهہ جو ذڪر ڪرڻ مناسب نہ سمجهيو هجي، جيئن تہ ڪشمير ۾ حڪومت مسلمانن جي هئي ۽ اهي الاهي اڪثريت ۾ بہ هئا. ان ڪري ڪنهن هندو ليکڪ بہ ان تنازعي واري معاملي تي قلم کڻڻ جو خطرو نہ ڪنيو هوندو.

ليڪن اهي اختلاف جڏهن ٻاپر ۾ اچي ويا تہ بيربل ڳچرو ۽ حسن خوبامي اهي پهريان واقع نگار هئا. جن حبہ خاتون جو باقاعده ناالو وٺي ذڪر ڪيو. جيتوڻيڪ ٻنهي ليڪڪن انهن لافاني ڪردارن جو ذڪر سرسري انداز ۾ ڪيو. ليڪن انهن جي ان لکت جا ٽڪرا جوڙي ڪري يوسف شاهہ ۽ حبہ خاتون جي تعلق جو هڪ اهڙو خاڪو تيار ڪري سگهجي

ٿو جنهن کي رد ڪرڻ يا تاريخ جي حوالن کان اختلاف جي گنجائش نہ رهي.

انهن ٻنهي ليکڪن جي مطابق، حبہ خاتون، زعرفران جي فصل جي مشهور علائقي پام پور جي هڪ نزديڪي ڳوٺ چندر هار ۾ پيدا ٿي. هوءَ هڪ هاريءَ جي ڌيءَ هئي. ليڪن سندس گهراڻي جو شمار اميراڻي طبقي ۾ ٿيندو هو.

سندس والدين سندس شادي رشتيدارن ۾ ويجهي رشتيدار لون، نالي هڪ شخص سان ڪرائي. ليڪن سندس سس ڪجهہ نامعلوم وجهن جي ڪري سندس زندگي اجيرڻ ڪري ڇڏي جنهن جو اثر زڻن جا سندس مڙس جي ذاتي زندگي تي بہ پيو. آخرڪار پهريان تہ زبردستي ڪيس والدين جي گهر اماڻيو ويو ۽ بعد ۾ سندس مڙس ڪيس طلاق ڏيئي ڇڏي.

زڻن پڙهيل لکيل هئي ۽ هاڻي عمر جي نئين نئين جوانيءَ مان گذري رهي هئي. هن واقعي ڪيس ذهني طور تي وڏو متاثر ڪيو. هن پنهنجي ڏکن جو اظهار پنهنجي گيتن جي ذريعي ڪرڻ شروع ڪيو جنهن جي شهرت يوسف شاهہ جي ڪنن تائين پهتي، جيڪو ان وقت ڪشمير جو سلطان هو ۽ هن زڻن کي پنهنجي سُريت طور پنهنجي خاندان ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ليڪن راڻي جو رتبو نہ ڏنو. انهن ٻنهيءَ ليڪڪن حبہ خاتون جي لاءِ هي جملو استعمال ڪيو آهي تہ "هوءَ يوسف شاهہ سان همبستر ٿي."

مٿي ذڪر ڪيل مصنفن زڻن کي پنهنجي تحريرن ۾ حبہ خاتون لکيو آهي ۽ سندن چواڻي، اهو ئي سندس اصل نالو هو. ليڪن محمد دين فوق ۽ عبدالاحد آزاد سندس نالو زڻن قرار ڏنو جنهن جو مطلب چنڊ آهي. مهجور پڻ بغير ڪنهن اعتراض جي سندس ان نالي سان اتفاق ڪيو آهي. حبہ خاتون جيڪو بهرحال زڻن جي بنسبت وڏيڪ قابل احترام مخاطب ڪرڻ آهي. ان جي يوسف شاهہ جي حرم ۾ داخل ٿيڻ ۽ شاهي اعزاز ملڻ کانپوءِ اختيار ڪيو ويو.

ان سلسلي ۾ حيران يا پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي تہ هڪ ڪشميري عورت جا بہ نالا ڪيئن ٿي سگهن ٿا. گذريل ڏينهن ۾ ڪشميري ڇوڪريون شادي کانپوءِ پنهنجي سهريچن جي مرضيءَ سان نئون نالو رکرائيندڙيون هيون، ڪشميري پنڊتن ۾ اڄ بہ اهو رواج عام آهي.

حبہ خاتون جي باري ۾ هڪ عام تاثر هي بہ آهي تہ، هوءَ غوريز جي رهواسڻ هئي. جتي هڪ پهاڙ ۽ هڪ واديءَ کي ان جي نالي سان جوڙيو ويو آهي.

ڪجهہ ليڪڪن حبہ خاتون جي ڪردار جي ڀرپور حمايت ڪئي آهي. سندن چوڻ آهي تہ نئين جوانيءَ ۾ مڙس کان طلاق ملڻ جي ڏک کي صرف محسوس ڪري سگهجي ٿو. ان کي لفظن ۾ بيان نہ ٿو ڪري سگهجي.

حبہ خاتون ڪهڙي زماني ۾ زندهہ هئي. ان باري ۾ بہ ڪا بہ يقيني شاهدي دستياب ناهي. محمد دين فوق ۽ سندس حمايت ۾ عبدالاحد آزاد، سندس زمانو 1552ع کان 1641ع تحرير ڪيو آهي.

سندن معلومات جو بنياد "تاريخ بهار ستانِ شاهي" آهي. ليڪن شري امين ڪامل ان ڪان انڪار ڪن ٿا. سندن موقف آهي تہ ان عرصي ۾ اهڙي ڪا بہ خاتون ٿي نہ گذري آهي.

بهرحال يوسف شاهہ سان سندس تعلق، ان جي عهد ۾ حبہ خاتون جي زندهہ رهڻ جي شاهدي ڏئي ٿو. يوسف شاهہ 1579ع ۾ ڪشمير جو بادشاهہ ٿيو. 1586ع ۾ ڪيس دهلي ۾ پوءِ قيدي بڻائي بهار وٺي ويا. جتي 1592ع ۾ هو گذاري ويو. ان مان صاف ظاهر آ تہ، حبہ خاتون 1579ع کان 1592ع دوران لازمي طور تي زندهہ هئي.

جيئن تہ ليڪڪن جو چوڻ آهي تہ حبہ خاتون پنهنجي مڙس يوسف شاهہ سان واقعي محبت ڪندي هئي. ان ڪري ڪيس محبوب جي قيد، جدائي ۽ موت سندس جيءُ جهوري وڌو.

ان جو مطلب تہ يوسف شاهہ جي فوتگي وقت بہ هوءَ زنده هئي ۽ اهڙي طرح يوسف شاهہ جي موت کان پوءِ حبہ خاتون جي شاعري رومانوي انداز جي بجائي سوڳواري جو روپ ڪري وئي هئي.

حبہ خاتون جي باري ۾ چيوويجي ٿو تہ ڪشميري گيت سندس جي ايجاد آهن. هن پنهجي شاعري ۾ پنهنجي زندگيءَ جا سنہ وغيره تہ ناهن لکيا. ليڪن هن ڪافين جاين تي پنهنجي مٿان گذريل وارن حالتن ۽ ڏينهن جو ذڪر ضرور ڪيو آهي.

حبہ خاتون جي مٿان هڪ الزام اهو بہ آهي تہ هن شهوت انگيز انداز ۾ بار بار جسماني محبت ۽ تعلق جو ذڪر ڪيو آهي.

هڪ هنڌ هوءَ لکي ٿي تہ "مان پنهنجي جسم تي بي داغ چمڪندڙ چاندي ورق ۽ ڪيرٽي رنگ جي چڪني سفيدي سجائيندس، پوءِ صندل جي پاٽيءَ سان پاڻ کي راج تِر لڳائيندس ۽ پنهنجي محبوب جي ڪنيز بڻجي ڪيس لطف ۽ سرور جي وادين ۾ گم ڪري ڇڏيندس. ليڪن هي رڳو الزام ئي آهن. ڇاڪاڻ تہ حبہ خاتون جيڪو بہ لکيو آ، صرف پنهنجي محبوب جي حوالي سان ئي لکيو آ ۽ جڏهن ڪا بہ عورت پنهنجي محبوب جي تصور ۾ ڪجهہ لکندي آهي تہ ان کي محبت جي معراج تہ قرار ڏيئي سگهجي ٿو پر شهوت نہ!

هن پنهنجي مختلف شعرن ۾ پنهنجي زندگي جي بہ حوالي سان ڪجهہ ڳالهيون ٻڌايون آهن مثال طور: منهنجي والد جو گهر چندر هار جي واديءَ ۾ واقع آهي. هڪ هنڌ هوءَ لکي ٿي تہ، "منهنجي نڙيءَ مان ڏکن جي ڪري دانهون نڪرن ٿيون ۽ ايئن ٿو لڳي جڻ زڙن (ڪشميري چنڊ) هاٿي گرهڻ جي زد ۾ آهي."

هوءَ لکي ٿي تہ منهنجي والدين هر ممڪن دلچسپيءَ سان منهنجو خيال رکيو ۽ منهنجي پرورش ڪئي. منهنجي هڪڙي سڏ تي ملازم منهنجي خدمت ۾ حاضر ٿي ويندي هئي. مون ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو تہ اچانڪ منهنجا خوبصورت خواب ٽٽي ڪري ذرا ذرا ٿي ويندا، منهنجي دعا آهي تہ ڪنهن جو بہ نئون شباب، جيڪو اڃا معصوميت جي

دائري کان ٻاهر نہ نڪتو هجي. مون وانگر برباد نہ ٿئي.

هڪ ٻي جاءِ تي هوءَ لکي ٿي تہ منهنجي والدين مون کي لکڻ پڙهڻ لاءِ هڪ هنڌ موکليو. اتي هڪ ڏينهن منهنجي استاد مون کي لکڻ هنيو ۽ منهنجي جلد کي داغي وڌو. اهڙي طرح ماڻهن مون کي ننڍپڻ کان ئي ڏک ڏيڻ شروع ڪيا. مون هڪ ئي ويهڪ ۾ ويهي ڪري قرآن شريف جا 30 سيپارا پڙهيا آهن. ڇاڪاڻ اهڙي ڪنواريءَ جنهن جو انگ انگ ڏکن ۾ جڪڙيل هجي. ايتري نوجهہ سان اهو ڪم ڪري سگهي ٿي؟. منهنجي سس مون کي مٽي جي وارن کان پڪڙيو جنهن سان مون کي موت کان بہ وڌ تڪليف ٿي. مان اڌ بيهوشيءَ جي حالت ۾ چرخي تي ڪري پيم. جنهن سان چرخي جو ڦيٿو ٽٽي پيو.مان پنهنجي ساهرن جا ظلم ۽ ستم برداشت نہ ٿي ڪري سگهان. سو اي پڌدا ڪرڻ وارو منهنجي مدد لاءِ اچو.

ٻي هنڌ هوءَ لکي ٿي تہ "منهنجا پرين، مون تنهنجو ڏاڍو انتظار ڪيو آهي. منهنجا محبوب جلدي آ. تنهنجو چنڊ، تنهنجي راهہ ڏسي رهيو آهي. مون کي پاڻ کان پري نہ ڪر. مون پنهنجو پاڻ کي تنهنجي نانءَ ڪري ڇڏيو آهي. اڄ ۽ منهنجي جوانيءَ مان لطف حاصل ڪر. مان تنهنجي لاءِ هڪڙو گل آهيان. رس پريو ۽ خوشبودار گل، اڄ ۽ ان گل جي خوشبوءِ کي پنهنجي ساهہ ۾ ساندي ڇڏ."

تحقيق ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ حبہ خاتون سڀي شاعره هئي. ليڪن مختلف ڪتابن ۾ ان جي صرف ويهن گيتن جي تصديق ٿئي ٿي. جي شاعري جو هڪ انمول نمونو آهن. سو حبہ خاتون ڪشمير جي راڻي هئي يا نہ هئي. ليڪن ڪشميري شاعري جي راڻي ضرور هئي.

..........*

ڏسجي تہ اُٺ، ڪهڙيءَ ڪڙيءَ تو ويهي.

ڏسجي تہ ڇا ٿو ظاهر ٿئي.معاملو ڪهڙي صورت ٿو وٺي ۽ نتيجو ڪهڙو ٿو نڪري.

ڪنهن سبزي فروش ۽ ڪنيار گڏجي، پاڙي تي هڪڙو اُٺ ورتو.هڪڙي پاسي،سبزيءَ واري پنهنجون ترڪاريون رکيون،تہ ٻئي طرف وري ڪنيار پنهنجا برتن پريا.رستي تان هلندي هلندي اُٺ پنهنجي گردن موڙي، پاڇيون ڪائيندو پئي ويو جنهن ڪري ڪنيار دل ۾ خوش پئي ٿيو.ڪنيار دل ۾ چيو ٿي تہ، "ڏاڍو چڱو ٿيو جو مان تہ نقصان کان بچي ويس، ڇاڪاڻ تہ بازار ۾ ٻنهي کي، پنهنجو پنهنجو مال وڪڻڻو هو.

جڏهن بازار جي منهن وٽ پهتا ۽ جتي اُٺ کي ويهاريو ٿي، تڏهن سبزيءَ واري چيو تہ، ڏسون تہ اٺ، ڪهڙيءَ ڪڙيءَ تو ويهي!" هوڏانهن ويهڻ لاءِ اُٺ، پهريائين بدن کي انهيءَ پاسي کي اُچل ڏني، جنهن ڏانهن مٽس ڪنيار جا برتن رکيل هئا، اُٺ جي ويهڻ سان، ڪنيار جا ڪيترائي ٿانو پڄي پرزا پرزا ٿي پيا.

سبزيءَ واري، جڏهن پنهنجي ۽ ڪنيار جي نقصان جو اندازو لڳايو تڏهن ڏٺائين تہ ڪنيار جو وڏيڪ نقصان ٿيو آهي. انهيءَ وقت کان اها چوٽي مشهور آهي.

هڪ پيءُ ۽ پٽ جو قصو جن جي وچ ۾ آزادي جو جذبو اچي ويو هو.

آزاديءَ جي قيمت

آزاديءَ جي قيمت ڳري هوندي آهي پر اُن جا متوالا ان قيمت کي بہ چڪائڻ لاءِ بہ تيار هوندا آهن. آزاديءَ جي ويڙهاڪن جي هر ڪاشيءَ آزاديءَ سان ڳنڍيل هوندي آهي. انهن جي لاءِ سڀ کان مٿانهين شيءِ قوم هوندي آهي. هڪ اهڙي آزادي پسند پيءُ جو احوال جنهن جي آڏو آزاديءِ پٽ اچي ويا هئا. هن کي ان مان ڪنهن هڪ جي چونڊ ڪرڻي هئي. هن ڇا چونڊيو سو اوهان هن ڪهاڻيءَ ۾ پڙهندا.

سنڌيڪار: جمشيد خان

اٺاويهين صديءَ ۾ اٽليءَ جي حالت نهايت ئي بدتر هئي. اٽلي ان وقت آسٽريا جي زيراثر هو. اٽليءَ جي دور دراز (پرانهن) علائقن جو هڪ ٻئي سان ڪو بہ رابطو نہ هو. جيتوڻيڪ عام ماڻهن ۾ قومپرستيءَ جا خيالات پکڙجي چڪا هئا. مگر اجان هنن کي پاڻ ۾ ملي جلي ڪم ڪرڻ جي سگهہ نہ هئي. اگر وطن پرستيءَ جي جوش ۾ ڪوئي نوجوان پنهنجي وطن جي خدمت ڪرڻ جي ڪابہ ڪوشش ڪندو هو تہ آسٽريا جا ظالم فوجي آفيسر ان کي پڪڙي قيد ڪندا هئا يا وري ڦاسيءَ تي چاڙهي ڇڏيندا هئا. بهرحال تمام گهٽ ماڻهو ان خطرناڪ رستن تي هلڻ جو حوصلو رکندا هئا.

پر اٽليءَ جي اتر ۾ جابلو علائقي

جي رهڻ وارا ماڻهو ڪجهه وڌيڪ ئي آزادي پسند هئا ۽ انهن جي ويجهو ئي جبل "الپس" ۽ اوسي پاسي جا جهنگ انهن وطن پرستن کي پناهه ڏيڻ جي لاءِ هميشه تيار رهندا هئا. اهي پرسڪون زندگيءَ کي ڇڏي آزاديءَ جي ديويءَ جي پوڄا ڪندا هئا.

انهن جبلن جي ويجهو گهاٽو جهنگ هو ۽ انهيءَ جا رستا ايترا سوڙها هئا جو هرڻ به انهن ۾ گهڙڻ کان گهبرائيندا هئا. جيڪڏهن ڪوئي وطن پرست ڪنهن موڊي فوجي آفيسر کي ماري پنهنجي جان بچائڻ لاءِ ڀڄندو هو تہ هو انهيءَ جهنگ جو رخ ڪندوهو جيڪي نهايت ئي پيار سان هن کي پنهنجي هنج ۾ پناهه ڏيندو هو. اگر ڪوئي وطن پرست هڪ ڀيرو انهن جهنگ ۾ هليو ٿي ويو تہ پوءِ آسٽريا جي فوج لاءِ ان کي پڪڙڻ ناممڪن ڳالهه هئي. اٽليءَ جي انهن وطن پرستن انهن جهنگلن ۽ جبلن جي آس پاس جي ڳوٺن ۾ پنهنجا اهڙا مددگار رهاڪو ٺاهي ڇڏيا هئا جيڪي مشڪل وقت ۾ انهن کي پناهه به ڏيندا هئا ۽ ڪاڏو به پهچائيندا هئا. ڪوهه الپس جا غار ۽ خوفناڪ جهنگ انهن وطن پرستن جا گهر بڻجي چڪا هئا.

انهن مان هڪ ڳوٺ ۾ هڪ سچو ديش ڀڳت رهندو هو جنهن جو نالو فرنينڊو هو. ان کي هڪ زال ۽ هڪ پٽ هئا ۽ هو نهايت خفيہ طريقي سان ديش ڀڳتن جي مدد ڪندو رهندو هو. ان جي پٽ جونالو "انتونيو" هو جنهن جي عمر نو ڏهه سال ڪن هئي. اهو پنهنجي ماءُ پيءُ جو سڪيلڌو پٽ هو. فرنينڊو پهرين درجي جو نشاني باز ۽ جنگجو مشهور هو. ويجهن ڳوٺن ۾ ان جي وڏي عزت هئي. هو ڪلي عام اهڙي ڪا به حرڪت نہ ڪندوهو جنهن سان حڪمرانن جي نظر ۾ باغي سمجهيو وڃي، ليڪن هن ۾ هڪ خوبي هيءَ هئي تہ جيڪڏهن ڪوئي ديش ڀڳت هڪ دفعو هن وٽ اچي ويو تہ پوءِ ڪوبہ ان کي گرفتار ڪري نہ سگهندو هو. هن کي جبلن جي سيني غارن ۽ جهنگ جي سيني خفيہ رستن جي خبر هئي. هن جي زندگي ڳوٺ جي ٻين ماڻهن جي لاءِ هڪ مثال هئي.

هڪ ڏينهن هن پنهنجي زال کي چيو "سيانٽي پاڻ جهنگ مان ڪائيون وڍڻ هلنداسين. پنهنجو پٽ پنهنجي گهر جي سنيال ڪندو."

زال به راضي ٿي وئي. ٻئي ڏينهن ٻئي زال مڙس جهنگ مان ڪائيون ڪپڻ لاءِ نڪري ويا ۽ گهر جي سنيال لاءِ انتونيو کي ڇڏي ويا.

انتونيو صبح جي ناشتي کانپوءِ پاڙي جي ٻارن سان کيڏندو رهيو. بعد ۾ ڏاندن کي گاهه ڏئي گهر جي ٻاهران هڪ چاڙهيءَ تي ساهه پٽڻ لاءِ ويهي رهيو ۽ پنهنجي ڏن ۾ گيت ڳائڻ لڳو... سندس گهر مٿاهينءَ تي هو جنهن جي ڪري هن جي نظر پري پري تائين وئي پئي. اوچتو هن جي ڪنن ۾ "ٺا... ٺا" جا زوردار آواز اچڻ لڳا. هن اکيون کڻي ڏٺو تہ پري کان هڪ ماڻهو ڀڄندو نظر آيس. ڀڄندڙ ماڻهوءَ جنگهه ۾ گولي لڳڻ جي ڪري منڊ ڪائي رهيو هو ۽ تيز ڀڄي نہ پئي سگهيو.

ان جي باوجود به فوجي ان کي پهچي نه پئي سگهيا ۽ پري کان "پڪڙيو" "پڪڙيو" جا آواز ڏئي رهيا هئا. اهو ماڻهو هن ڏانهن ڀڄندو پئي آيو.

نيٺ اهو ماڻهو فرنينڊو جي گهر ويجهو پهچي ويو ۽ ان سهڪندي انتونيو کي چيو، "پٽ مون کي ڪٽي لڪاءِ."

انتونيو ان جي مجبوريءَ جو فائدو وٺندي پڇيو" مون کي تنهنجي مدد ڪرڻ مان ڪهڙي فائدو ٿيندو."

ديش ڀڳت کي غصو ته ڏاڍو آيو ته فرنينڊو جو پٽ ان سان ايئن ڪري رهيو آهي. هن ڪيسي ۾ هٿ وجهي هڪ سڪو ڪڍيو ۽ انتونيو جي هٿ تي رکيائين.

انتونيو سڪو پنهنجي ڪيسي ۾ رکيو ۽ ان شخص کي گهر ۾ اندر وٺي ويو ۽ ان کي هڪ غار يعني ڪڏي ۾ لڪايو ۽ ان جي مٿان ردي سامان گاهه گند وغيره رکي ڇڏيو. ان جي مٿان ٻلي ۽ جا ٻچا به ويهاري ڇڏيا. هاڻي ان کي ڏسي ڪوئي به ايئن نه پئي سوچي سگهيو ته اتي ڪوئي لڪل آهي.

ٿوري ئي دير ۾ ان شخص جي پويان ايندڙ فوجي اچي پهتا. انهن جي اڳواڻي ڪندڙ سارجنٽ انتونيو کان پڇيو. "تو هتان ڪنهن ڀڄندڙ ماڻهوءَ کي ته نه ڏٺو آهي؟"

انتونيو ڪنڌ لوڏي انڪار ۾ جواب ڏنو.

ان فوجيءَ کي ڇوڪري جو جواب ٻڌي ڏاڍو غصو آيو ۽ ان انتونيو کي چيو" ڇورا اگر تو سچ نه ٻڌايو ته مان تنهنجي ڪل لاهي ڇڏيندس. مون کي خبر آهي تو هڪ قاتل کي پناهه ڏني آهي."

انتونيو تي ان ڌمڪيءَ جو ڪوئي اثر نه ٿيو چيائين، "هل... هل مان ڏسان ٿو ته ڪير ٿو منهنجي ڪل لاهي. جيڪڏهن منهنجي گهر ۾ ڪوئي قاتل لڪل آهي ته انکي ڳولهيوچو نه ٿا...؟ ان کي زمين ته نه ڳهي وئي هوندي."

فوجين جي اڳواڻ ڪاوڙ ۾ گهر جي تلاشي وٺڻ جو حڪم ڏنو. انهن گهر جو چپو چپو ڪري جاچيو پرانهن کي اهو شخص نه مليو. هو ٽڪجي ٻاهر آيا ۽ پنهنجي باس کان چيائون، "گهر ۾ ڪو به ڪو نهي."

ڪاوڙ ۾ ٻاهه جيان تپي سندن باس چيو "اهو ڪاڏي ٻي هنڌ ڀڄي نٺو سگهي. هن بدمعاش چوري کي سڀ خبر آهي. هي اسان کان ڪجهه لڪائي رهيو آهي."

وري ان انتونيو کي ڏسي چيو" توکي خبر آهي مان ڪير آهيان."

انتونيو هڪ ٿهڪ ڏنو ۽ چيو" تون ڪير آهين. مون کي خبر هجي نه هجي پر توکي خبر آهي ته مان ڪير آهيان؟ مان فرنينڊو جو پٽ آهيان ۽ تو جهڙا آفيسر ته ان جي نالي کان به ڊڄندا آهن."

نه ڄاڻ فرنينڊو جي نالي ۾ ڪهڙي ڪرامت هئي، ان جو نالو ٻڌندي ئي فوجين جو غصو ٿڌو ٿي ويو. ان جي ساٿي فوجين پنهنجي باس کي چيو." هلو هاڻي. قصو ختم ڪيو."

فرنينڊو جي منهن چڙهڻ سٺي ڳالهه نه هئي. فوجي سربراهه به ٿڌو ٿي ويو. پر هو وڏي فڪر ۾ هو. هن کي خبر هئي ته جيڪڏهن اهو محب وطن گرفتار نه ٿيو

تہ نہ صرف هن جي بدنامي ٿيندي بلڪ ساٿي آفيسرن ۾ هُو ڏاڍو ذليل ٿيندو. جيتوڻيڪ هو خود به اتالين هو. پر آسٽريا جي فوج ۾ ڪم ڪندي انهن کان به وڌيڪ ستمگر ٿي چڪو هو. هو خود ئي پنهنجي هم وطن جو ڪنڌ ڪٽي رهيو هو. ان سوچيو انتونيو اجان ٻار آهي. ان کي ڪا لالچ ڏيڻ گهرجي. ان پنهنجي ڪيسي ۾ هٿ وجهي سون جي هڪ گهڙي ڪڍي ۽ ان کي انتونيو جي اکين جي اڳيان نچائيندي مڪارا نہ لهجي ۾ نهايت پيارسان پڇيو" پيارا ٻارا! تنهنجو نالو ڇا آهي؟"

"منهنجو نالو انتونيو آهي."

"تون آهين به وڏو بهادر. مون کي تنهنجي همٿ ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي. پر تو کي ان ڀڳوڙي کي لڪائي ڇا ملندو. جيڪڏهن تون مون کي ان جو پتو ٻڌائين تہ مان توکي هي سوني گهڙي انعام ۾ ڏيندس."

انتونيو سوچ ۾ پئجي ويو. فوجيءَ ڏٺو تہ پڪي ڄار ۾ ڦاسڻ اچي رهيو آهي. ان وري خوشامند جو داڻو اڇلايو. هو ٻار جي تعريف ڪرڻ لڳو. ٻار آخر ٻار هو. وڪڙ ۾ اچي ويو. هن هڪ هٿ سان سون جي گهڙي ورتي ۽ ٻي هٿ سان اشارو ڪري لڪل جاءِ جي نشان دهي ڪئي. فوجين هڪدم ان غار تي حملو ڪيو ۽ ان لڪل شخص کي ڳچيءَ کان وٺي ٻاهر ڪڍيو. سپاهين ان ماڻهوءَ جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ چيلهه ۾ رسو ٻڌو ۽ مارينڊا پاڻ سان گڏ وٺي وڃڻ لڳس.

قيديءَ جنهن وقت انتونيو کي ڏٺو تہ کيس نهايت ڪاوڙ لڳي. هن غصي ۽ غيرت مان ڏڪندي چيو "اي وطن جا دشمن تو ٿوري لالچ جي ڪري جيڪا وطن سان دشمني ڪئي آهي. اها توکي ڪٿان جو به نہ ڇڏيندي. ڇا تنهنجي نيڪ پيءُ توکي اهو سيکاريو هو تہ تون ديش ڀڳتن جو قاتل بنجين. سوني گهڙيءَ جي لالچ ۾ تو هڪ ديش ڀڳت کي دشمن جي حوالي ڪري سٽو نہ ڪيو آهي....."

اجان ان ايترو ئي چيو هو تہ هڪ فوجيءَ پنهنجي ساٿين کي چيو"جلدي هلو. سامهون فرنينڊو اچي رهيو آهي."

انهن جي سامهون ٿوري ئي پنڌ تي فرنينڊو پنهنجي زال سان ڪائين جو گڏو ڪنيو اچي رهيو هو. جيئن ئي فوجين کي هن پنهنجي گهر جي سامهون ڏٺو سمجهي ويو تہ دال ۾ ضرور ڪجهہ ڪاراڻ آهي. ان هڪدم ڪائيون هڪ طرف اڇلايون ۽ پنهنجي گهر طرف تيز تيز وکون ڪڍندو اچڻ لڳو.

فوجين جي باس جڏهن ان کي ڏٺو تہ ڊڄي ويو. هن ان جي ويجهو وڃي خوشامندي لهجي ۾ فرنينڊو جي پٺ انتونيو جي تعريف ڪرڻ لڳو جنهن هڪ ملڪ دشمن کي گرفتار ڪرڻ ۾ هن جي مدد ڪئي هئي. فرنينڊو اهو ٻڌي ڪجهہ به نہ چيو ۽ چپ چاپ گهر اندر گهڙي ويو. هو خود فوجين کي ملڪ دشمن سمجهندو هو. قيديءَ جڏهن فرنينڊو کي ڏٺو تہ هو ان کي به بددعا ڏيڻ لڳو. فرنينڊو سڀ ڪجهہ صبر سان ٻڌو ۽ زهر جو پيالو پي خاموش رهيو.

فوجي قيديءَ کي وٺي هليا ويا انهن ويندي ويندي هڪ پيرو وري فرنينڊو کي سلام ڪيو ۽ انٽونيو جي وفاداريءَ جي تعريف ڪئي. پٽ جي تعريف فرنينڊو جي دل ۾ ڪنڊي وانگي چيندي رهي پر هو پوءِ به چپ رهيو.

فوجين جي وڃڻ کانپوءِ ان پٽ کي گهرايو ۽ جيئن ئي هن جي نظر پٽ جي هٿ ۾ هڏل سوني گهڙيءَ تي پئي ته هو سڀ ڪجهه سمجهي ويو. ان جي دل ۾ جيڪو سوال هو ته سندس پٽ ايئن ڇو ڪيو ان جو جواب ڪيس بغير پڇڻ جي ئي ملي ويو. جيتوڻيڪ ان فوجي اڳواڻ جي مڪار چال هئي پر پٽ جي لالچ به ته سامهون هئي.

ان رڙ ڪري پٽ کان پڇيو. "توکي هي گهڙي ڪنهن ڏني؟"

پيءُ جو لهجو ڏسي ٻار روئڻ لڳو. ان روئيندي جواب ڏنو" فوجين ..."

فرنينڊو ڪاوڙ مان ان کي چماٽ هڻندي چيو' حرامزاده تون منهنجو پٽ ناهين. سون جي گهڙيءَ جي لالچ ۾ تو ملڪ سان دشمني ڪئي آهي."

انٽونيو روئيندي چيو" ابا مون کي معاف ڪر."

فرنينڊو ان جي هٿ مان گهڙي لاهي زور سان زمين تي اڇلائي. گهڙيءَ جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويا. اهو سون جيڪو انسان جي مذهب ۽ فرض جو دشمن هو مٽيءَ ۾ ملي ويو.

فرنينڊوجي زال سڀ لڪاءُ گهڻي دير کان ڏسي رهي هئي. اها به بيوسيءَ جي عالم ۾ خاموش هئي. ان جي اکين مان ڳوڙها جاري هئا. هوءَ پنهنجي مڙس جي عادتن ۽ اصولن کان چڱي طرح واقف هئي. ان کي خبر هئي ته هن جو مڙس هڪ سچو وطن پرست هو. ان کي اها به خبر هئي ته فرنينڊو جي اڳيان ملڪ دشمني ۽ بيوفائي کان وڌيڪ ڪوئي گناهه نه هو. هو وطن پرستن جو سچو ۽ مخلص دوست هو ۽ سندس پٽ قومي غداري ڪئي هئي ۽ اها به هڪ وطن پرست سان. ان گناهه جي ڪابه معافي نه هئي. ان گناهه ۽ بيوفائي جي سزا صرف ۽ صرف موت ئي هئي. پر انٽونيو ته اڃان ٻار هو. هو فوجين جي چالاڪين ۽ چالبازين کي پلا ڇا ڄاڻي. هڪ پيرو ته ان کي معاف ڪرڻ گهرجي.

اڃان هوءَ انهن ئي خيالن ۾ گم هئي ته فرنينڊو ان کي غور سان گهوري ڏنو ۽ چيو."سچ ٻڌاءِ. ڇا هي گناهگار منهنجي ئي تخم مان آهي. اهڙولالچي ۽ وطن دشمن منهنجو پٽ ٿي نه ٿو سگهي."

وفادار زال پنهنجي مٿان ايڏو وڏو الزام لڳندي ڏسي غصي ۾ پرجي وئي. هوءَ پنهنجو غصو روڪي ئي نه سگهي، "سرتاج! مون کي معاف ڪر. توکي ته سڀ خبر آهي. هي ٻار تنهنجو ئي آهي. مان قبول ٿي ڪيان ته هن کان خطا ٿي آهي. تنهنجي هيءَ زال تنهنجي فرض جي ادائيگي ۾ ڪا رڪاوٽ نه ٻڌي. تو کي جيڪو مناسب سمجهه ۾ اچي، تون ڪر... مان خود ۽ منهنجو پٽ تنهنجي اصولن تي قربان ٿيڻ لاءِ تيار آهيون."

فرنينڊو هي ٻڌي پٽ کي جلدي اٿڻ لاءِ چيو ۽ پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ چيو. ٻار

روئيندو پيءَ جي پويان هلڻ لڳو. ان هڪ پيرو مڙي ماءُ کي ڏٺو. ان پٽ سان نظرون ملايون ۽ ماءُ جو جگر زخمي ٿي پيو. مامتا جي اکين مان لڙڪ وهڻ لڳا. پر هوءَ روئڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه پئي ڪري سگهي. ان کي خبر هئي ته سندس مڙس هاڻي ڇا ڪرڻ وارو هو.

"سرتاج! هي تنهنجو ئي پٽ آهي. هيءَ ان جي پهرين غلطي آهي." هن روئڻهارڪي آواز ۾ چيو پر پيءُ ڪوبه جواب نه ڏنو. ماءُ روئيندي ڪري پئي ۽ بيهوش ٿي وئي. پيءُ ۽ پٽ گهر کان ٻاهر نڪري ويا.

ويجهوئي هڪ ندي وهندي هئي. فرنينڊو پٽ کي ساڻ وٺي ان نديءَ جي ڪناري پهتو ۽ پوءِ آهستي پنهنجي پٽ کي چيو" جيڪا آخري دعا گهرٽي اٿئي، اها گهري وٺ."

هيءُ چوندي هڪ پل لاءِ ته پيءُ جا چپ به ڦڙڪڻ لڳا. انتونيو روئيندي روئيندي زير لب ڪائي دعا گهري. جڏهن هو خاموش ٿيو ته پيءُ ٻيهر پڇيس..." ٻيهر ڪجهه چوٽو اٿئي."

ٻار ڪنڌ لوڏي انڪار ۾ جواب ڏنو.

فرنينڊو پنهنجي بندوق سڌي ڪئي. "ٺا" جو هڪ زوردار آواز نڪتو. ٻار زپڪو ڪري زمين تي ڪري پيو. ان جو روح پرواز ڪري ويو.

فرنينڊو پٽ جو لاش کنيو ۽ ان کي درياءَ داخل ڪري ڇڏيو. هو ٽڪل ٽڪل قدمن سان واپس گهر موٽيو. ماءُ جون اکيون اڃان به پٿر بڻيل هيون. ان جا لڙڪ به سڪي ويا هئا.

ڏيک ياران دي ڦيري، ماءُ تيري ڪي ميري.

هڪڙا به زال مڙس هئا. هڪڙي ڏمي زال پنهنجي مڙس جي ٻاهر سان محبت جي آزمائش وٺڻ جي خيال کان ڪوڙڪري بيمار ٿي پئي. ويچاري مرد ڪيس سچ ڀچ بيمار سمجهي سندس گهڻائي علاج ۽ ستيون لڪيون ڪرايون مگر زال اهڙيو مڪر رچيو هو جو مرد کي ڪوبه فرق نظر نه آيو آخر هڪ ڏينهن زال چيس ته "مون کي هڪڙي درويش جوڙس مليو آهي ته جيڪڏهن تون پنهنجي سس جي مٿي جا وار پنهنجي مٿي هيٺان رکي سمهندين ته يڪدم چڱي پلي ٿي پوندين، ٻي صورت ۾ مري ويندين."

مرد اها ڳالهه ٻڌي تاڙي ويو ته "بيماري وغيره ڪانه آهي مگر منهنجي آزمائش لاءِ مڪر ڪيو اٿس ته آئون سندس لاءِ پنهنجي ماءُ جي مٿي جا وار آڻي سگهان ٿو يا نه؟" سو پنهنجيءَ سس وٽ ويو جيائينس ته "تنهنجي ڌيءَ جي چڱي پلي ٿيڻ لاءِ هڪڙي درويش جوڙس مليو آهي ته جي تنهنجي سس پنهنجي ڌيءَ کي سندس مٿي جا وار مٿي هيٺان رکي سمهڻ لاءِ ڏيندي ته پوءِ يڪدم چڱي پلي ٿي پوندي، ٻي صورت ۾ سندس بچڻ محال آهي." ويچاريءَ ماءُ اهو حال ٻڌي، پاڪيءَ سان پنهنجو مٿو صاف ڪرائي هڙ جا هڙ وار پنهنجي ڌيءَ ڏي، ڏياري موڪليا.

جڏهن مرد پنهنجي سس جا وار آڻي پنهنجي زال کي ڏنا، تڏهن هو خوشيءَ کان مٿي هيٺان رکي سمهي پئي ۽ هڪدم چڱن پلن جهڙي ڏيکاري ڏيڻ لڳي.

اِهو حال ڏسي اُهو شخص ٻوڙندو پنهنجي ماءُ ۽ سس ٻنهي کي زال وٽ وٺي آيو. اُن وقت انهن ڏي اشارو ڪري، زال کي چيائين ته "ڏيک ياران دِي ڦري، ماءُ تيري ڪي ميري؟"

فرنينڊو زال کي چيو. "هاڻي پنهنجي بيوفا ۽ غدار پٽ کي وساري ڇڏ ۽ منهنجي پيڻ جي پٽ الفونسو کي هنج ڪٽي وٺ. هاڻي اها ئي پنهنجي قسمت آهي."

جڏهن هو پنهنجي زال سان ڳالهائي رهيو هو ته خدا ئي ڄاڻي ٿو ته اندر ۾ ان جي دل ڪيتري ڪٽجي رهي هئي.

..........*

زينت

محمد وحيد / سنڌيڪار: طفيل مگسي

انسان جي ارد گرد جيڪي شيون موجود هونديون آهن ان جو ڪيس ڪو قدر نه پوندو آهي ان ڪري ته چوندا آهن ته گهر جي مرغي دال برابر. پر جڏهن اهي شيون ڪائنس ڪسجي ويندیون آهن ته پوءِ ڪيس ان جو قدر پوندو آهي. اهڙي صورتحال تي لکيل هڪ ڪهاڻي. جنهن ۾ هڪ مڙس پنهنجي زال ۽ ڌيءَ کي ڇڏي ڪري هڪ غير عورت سان واسطا رکيا هئا. پر پوءِ ڪيس احساس ٿيو ته سندس اصلي خوشيون ۽ رونقون پنهنجي زال ۽ ڌيءَ سان آهن. وڏيڪ ڪهاڻي ۾ ڇا ٿيو سو پاڻ پڙهي معلوم ڪندا.

مالديپ مان چونڊيل ڪهاڻي، جنهن ۾ عورت مڙس ۽ نياڻيءَ جي وچ ۾ قاتل هئي

سج لهڻ کان پهرين آ سمان تي ڪڪر ڇانئجي ويا هئا. جيئن ئي اونداهيءَ زور ورتو ته ڪنوڻ جي چمڪ به وڌي وئي. مهاڻا ڪم ڇڏي واپس گهرن ڏانهن موٽيا ۽ اهڙيءَ ريت سومهٽيءَ جي نماز کانپوءِ سڄي ڳوٺ جي صورتحال ائين ٿي محسوس ٿي ته جڻ اتي انساني آباديءَ جو ڪو نانءُ نشان ئي نه هجي!

زوردار ڪنوڻ جي خوف کان ڊنل هڪ ٻلي گهر جي اڳڻ کان جڏهن لنگهي ته زينت جي ٽن سالن واري نينگريءَ رڙ ڪئي ۽ پنهنجي ماءُ جي ڇاتيءَ سان چنبڙي پئي. زينت پنهنجي نينگريءَ کي آئت ڏيندي چيو..."تنهنجي بابا کي اچڻ ۾ دير ٿي سگهي ٿي...بهتر ٿيندو ته تون سمهي پئو."

زينت چاهيو ٿي ته نينگريءَ جو بابا تڪڙو واپس وري، پر هن کي معلوم هو ته نينگريءَ جو بابا ۽ هن جو مڙس اڄ رات ڪنهن به صورت ۾ واپس نه ايندو. بلڪ هو ڪنهن ٻئي گهر ۾ ڪنهن نئين بستر تي، ڪنهن ٻيءَ عورت جي گرم هنج ۾ هوندو.

نينگريءَ کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي زينت، نينگريءَ جي وارن کي هٿڙن سان سنوارينديءَ نينگريءَ کي سمهاري ڇڏيو ۽ پاڻ کي انهن زوردار موجن (چولين) ۽ هوائن جي سيني تي تاريندي گم ٿي وئي، جن جي باري ۾ ڪيس به ڪا خبر نه هئي ته اهي چوليون ۽ هوائون ڪيس ڪيڏانهن ڪڍي ويندیون.

زينت پنهنجي مڙس ۽ ننڍڙي نينگريءَ سان رهندي هئي. سندس مڙس ابراهيم، جيڪو چڙواڳ انسان نه هو، پر هن ابراهيم کان سندس اوقات کان وڌيڪ اميد لڳائي رکي هئي. ايتري

قدر ۽ ٿئين سمجهه ۾ ايندو هو ته ڇڻ ابراهيم، زينت جو ذاتي غلام هجي. ان قسم جي اميد اڳتي هلي ٻنهي زال مڙس ۾ محبت جي بجاءِ نفرت جي يوار (پت) ڪڙي ڪري ڇڏي ۽ جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، تيئن تيئن نفرت وڌندي ٿي وئي. ايستائين جو سندن شادي هاڻي هڪ واپاري ناهه واري سطح تي اچي بيٺي هئي ۽ بس....

حالانڪه ابراهيم جي دلي خواهش هئي ته هو هڪ پڙهيل لکيل ماڻهو ٿئي، پر افسوس جو هن کي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پهرين ئي اسڪول ڇڏڻو پيو هو. ايستائين جو مجبورن هن کي ميربحر جو ڌنڌو اختيار ڪرڻو پيو. ڇو ته سندس پيءُ معذور هو ۽ ماءُ جي مرڻ کانپوءِ هن تي سڄي گهر جو بار اچي پيو. جيتوڻيڪ ابراهيم کي اڄ به اهي سموريون ڳالهيون ياد هيون، جيڪي سندس پيءُ هن سان روا رکيون هيون. هن بدلي وٺڻ جي بجاءِ درگذر ڪري ڇڏيو ۽ چوڻ وارا چون ٿا ته ڏس پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪي ڪجهه ڪيو، فرض سمجهي ئي ڪيو.

زينت جو چوڻ هو ته ابراهيم جيڪي ڪجهه ڪمائي ٿو، صرف پنهنجي پيءُ ۽ پائرن تي خرچ ڪري ٿو، پر پنهنجي زندگيءَ جي معيار کي وڌائڻ ۽ سنوارڻ ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ٿو ڏئي. هڪ دفعي انهيءَ مامري نيءَ ٻنهي ۾ منهن ماري به ٿي، پر ابراهيم، زال کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ هنن لفظن جو ورجاءُ ڪيو..."زينت! ڳالهين جي ڳنڍي نه ناهه... مان جيڪو ڪم ڪريان ٿو، اهو اسان سيني جي لاءِ آهي. مون کي هر شيءِ جنهن جي هڪ مرد کي ضرورت هوندي آهي، تو جهڙي عورت کان ملي وڃي ٿي. هرويرو ڳالهه کي ڇو ٿي وڌائين ۽ اجايو ملڪ جي طلاق واري ريشي ۾ واڌارو ڪرين ٿي."

جڏهن ته زينت جو چوڻ هو ته "اهي سڀ ڪهاڻيون مونکي بي مقصد خوش ڪرڻ واريون آهن. ٻار جي ڄم جو چئي ڪري مون کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪر. ٻار ڄمڻ کانپوءِ مان پوڙهي ٿي ويندس. ايترو انتظار ڇو ڪريان؟ جيڪڏهن تون مونکي هينئر طلاق ڏين ٿو ته بهتر ٿيندو ته جيئن مان زندگيءَ جو ڪو ٻيو رستو وٺي سگهان."

وقت گذرندو ويو ۽ انهيءَ دوران ئي هڪ ڏينهن ابراهيم تي اچي وڏي مصيبت ڪڙڪي. يعني هن جي پيءُ جي حالت تمام گهڻي بگڙجي وئي. اهڙيءَ ريت جيڪي پئسا هن پنهنجي ٻار جي پيدائش جي لاءِ گڏ ڪري رکيا هئا، سي مجبورن پنهنجي پيءُ جي بيماريءَ تي خرچ ڪرڻا پئجي ويس. گڏوگڏ اهو به ته هو هاڻي گهڻو پنهنجي گهر ۾ نه ٿي رهيو. زينت سوچيو ته ابراهيم هاڻي هن جي ڪابه پرواهه نه ٿو ڪري. هنن کي گڏجي نه سمهندي به عرصو ٿي ويو. زينت پڪ سمجهي ته هو هن کي طلاق ڏئي ڇڏيندو.

انهن ٻنهي ماڻهن کي، جن گڏجي وقت گهارڻ جا وعدا ڪيا هئا، نہ ڄاڻ ڇا ٿي ويو هو؟ اها خاص دنيا، جيڪا ٻنن ناهي هئي، هوريان هوريان سندن اکين جي اڳيان برباد ٿي رهي هئي. ڇا ان جو سبب سندن معاشري ۾ موجود بيڪار ريتون رسمون هيون يا زندگيءَ جي متعلق سندن نامناسب رويو ۽ فطرت ۾ لاپرواهي هئي. ايستائين جو ڪنهن به پاڻ کي قصور وار سمجهيو ئي نہ پئي. ۽ نہ ئي انهن روين کي بدلائڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي.

چوڻ وارا چون ٿا تہ زينت جي ٻار جي پيدائش جي ٺيڪ هڪ سال گذرڻ کانپوءِ ابراهيم هڪ ٻيءَ زال ئي گهر وٺي آيو هو، جنهن تي زينت واويلا نہ ڪئي، بلڪ ان کي پنهنجو ڏک سمجهي ورتائين. ابراهيم، زينت ۽ نينگريءَ جو انهيءَ طرح خيال ڪيو، جيئن هو پنهنجي پيءُ جو ڪندو هو. جيڪڏهن ابراهيم جي دل زينت ڏانهن ميرڙي ٿي هئي تہ نينگريءَ کي ڪهڙي ڳالهہ جي سزا ملي؟ اها ننڍڙي نينگري پنهنجي پيءُ جي ان محبت کان محروم رهي، جيڪو سندس حق هو. بهرحال وقت گذرندو ويو.

هڪ ڏينهن زينت ڏٺو تہ ڪيترائي ماڻهو ابراهيم کي ڪنيو هن ڏانهن اچي رهيا آهن ۽ ان کان پهرين جو هوءَ ڪجهہ چوي ها، هوءَ انهن جي مهاندن منجهان ڄاڻي وئي تہ ابراهيم کي ڇا ٿيو هو. روئيندي نينگريءَ کي ڇاتيءَ سان لائي ميڙ ڏانهن وڌي ۽ جيئن ئي ابراهيم کي ڇهيائين تہ هو بلڪل ٺڏو پئجي ڇڪو هو.

هڪ شخص چيو، "زينت! توکي معلوم هئڻ گهرجي تہ هن جي موت جي ذميوار تون آهين."

"نہ..." هن روئندي وراڻيو، "مون ٻن کي اداس ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ ناهي ڪيو. هو ايترو سٺو آهي تہ مان ڪانئس بنا رهي نہ ٿي سگهان . مان هن کي بي انتها چاهيان ٿي. حقيقت ۾ حالتون ان ڪري خراب ٿيون تہ مان ساڻس لازوال پيار ڪندي هيس."

هڪ ٻئي شخص چيو، "اهو ڇئہ تہ تون ان سان تمام گهڻي محبت ڪندي هئين."

ابراهيم بستر تي ويهي رهيو ۽ زينت کي پرسان ڪندي چيو، "مون مريم کي طلاق ڏئي ڇڏي آهي. اڄ رات مان پل کن به ناهيان ستو. منهنجي ذهن ۾ خيال آيو تہ اسانجا بگڙيل لاڳاپا سڌري سگهن ٿا. مان اجايو پنهنجي سٺي زال ۽ نينگريءَ کان پري رهان ٿو."

"پنهنجي ڳوڙها اگهندي زينت مرکي ۽ وعدو ڪيائين "مان هاڻي ڪڏهن توکان بيزار نہ رهنديس."

اهي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ هئا تہ ڪڙن دس ڏنا ۽ پڪين جي چين چين سڄي ماحول کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ورتو.

زينت چيو، "هاڻي سڀ ڪجهہ ٺيڪ آهي ۽ اسان ٻئي زال مڙس ڪڏهن به جدائيءَ جو تصور ئي نہ ڪنداسين."

گڏمڊ ٽيل هڪ مسلمان ٻار ۽ هڪ هندو ٻار جي چوڳرد گهمندڙ ڪهاڻي.

هو ڪير هو؟

عصمت چغتائي
سنڌيڪار: بلقيس بانو

شايد ئي ڪو ادبي چاه رکندڙ شخص عصمت چغتائي جي نالي کان اڻ واقف هوندو. عظيم ليکڪا عصمت چغتائيءَ جو شمار هندستان جي هٿين آگريون ڳڻجندڙ چند عورت اديبن ۾ ٿئي ٿو جنهن جي ادبي ڪمن کي وڏي ميتا ملي آهي. خاص ڪري هن ڪافي انقلابي ڪهاڻيون لکيون آهن. ڪرزما جي صفحن تي پيش ٿيل سندس هيءَ ڪهاڻيءَ ۾ هڪ شاهڪار ڪهاڻي آهي جيڪا هندستان جي فرقيوارانا فسادن ۽ جهڳڙن تي لکيل آهي. هڪ يادگار اٿوسرندڙ ڪهاڻي.

قدرت جڏهن قهر ڪرڻ تي لهي ايندي آهي ته انسان تماشو بڻجي پوندو آهي. ٺاڪر هرنام سنگهه ڪڏهن خواب ۾ به نه سوچيو هو ته اهڙي ڪڙي امتحان مان ڪيس گذرڻو پوندو. يا ته اولاد ڏيڻ ۾ الله ديرپئي ڪئي ۽ پوءِ جڏهن ڏنا ته هڪ ئي ڏڪ سان به پٽا پُٽُ ته خير هن کي هڪ ئي ڄائو هو پر هڪ مان به ڪيئن ٿيا؟ اهو به هڪ عجيب ۽ غريب قصو آهي.

ٺاڪراڻي جڏهن پرڻي هئي، ان وقت مشڪل سان سندس عمر پنڌرنهن سال ڪن هوندي. راجستاني حسن جو شاهڪار مجسمو. ٺاڪر صاحب اُن کان ٻارنهن سال وڏا هئا. هو خود به سڪيلڏو پٽ هو ۽ اڪيلو ئي وڏي جائيداد جو وارث

پڻ. هن جو پيءُ فوت ٿي چڪو هو.

پوڙهي ماءُ کي پوٽي کي پالڻ ۽ ان سان دل وندرائڻ جو وڏو چاهه هو. پر سيئي اميدون،منتون، مرادون خام خيال ئي رهجي ويس. جڏهن ٺاڪراٽيءَ جي هنج نه پري هن پنهنجي سڪيلڏي پٽ جو ٻيو دفعو نڪاح ڪرائڻ چاهيو ٿي پر ٺاڪراٽيءَ تي پهاج آڻن جو خيال سندن من ۾ به نه هو. اڃا ڪنوار جي عمر ويهه سال ڪن به نه ٿي هوندي جو خدا کي هنن تي رحم اچي ويو.

ٻار جي اچڻ جون تياريون زور و شور سان شروع ٿي ويون. ڏاڏيءَ ايترا ته ڪرتا ۽ پوتڙا سبرايا جو چئن ٻارڻن کي به گهٽ پون. هڪ الڳ ڪمرو سينگاريو ويو جنهن جي ڇت تي هلڪي نيري رنگ جا تارا سجايا ويا هئا.جنهن منجهه ڇاج جهڙا ليس دار پڙدا ۽ اڇي رنگ جو پينگهو جنهن جي پاين جي پٽين تي گنگا جمنيءَ جا نقش اڪريل هئا. ان پينگهي ۾ ننڍيون ننڍيون گهنٽيون ٻڌل هيون. اهي اهڙي نموني هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هيون جو جيڪڏهن ٻار پاسو به ورائي ته اهي گهنٽيون وڄڻ لڳنديون هيون ۽ انهن مان ساز وڄڻ لڳندا هئا ۽ ڪجهه اهڙي قسم جي سريلي آسماني موسيقي ايرندي هئي جو لڳندو هو ته فرشتا لوريون ڳائي رهيا هجن. ان کان علاوه قسمين قسمين جا رانديڪا به هئا. ڏاڏيءَ ته ٻار جي ڪمري ۾ ائين پئي ڪيڏندي ڪڏندي هئي جيئن ننڍڙا پتڪڙا ٻار گڏين سان ڪيڏندا آهن. ڪمري ۾ هڪ طرف کان ميز تي ڪرشن جي گوڏن ۾ هلندي مجسمو ۽ ان سان گڏ ديوُين جي ننڍي قطار هئي. ان ڪمري ۾ هڪ طرف کان بلب لڳل هو.

ٺاڪراٽيءَ جي طبيعت خراب رهڻ لڳي هئي. ڏاڏيءَ هن لاءِ انبڙيون پٽرائي انهن جو آچار ٺهرائي ڇڏيو هو. اهو انبڙين جو وڻ رحمت مائيءَ جي ننڍي اڳڻ ۾ هو جيڪا ڪٽيون مٺيون انبڙيون هر روز پٽي رنگ برنگي ٽوڪرين ۾ وجهي ڪٽي ايندي هئي. خود هن جي ڏيءَ به پيٽ سان هئي. هن جو نائي ڪنهن فساد ۾ مارجي ويو هو. ٺاڪر صاحب هن کي پنهنجي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ اجهو مهيا ڪري پناهه ڏني هئي. رحمت مائيءَ کي ڪجهه مڙئي گهٽ ٻڌڻ ۾ ايندو هو. هن جي بدنصيب ڏيءَ صغيرا دنيا جهان کان منهن موڙي ڳوڙها ڳاڙيندي ڪٽ تي ئي پيل رهندي هئي. ڏينهون ڏينهن هن جي صحت خراب ٿيندي پئي وئي.

جنهن وقت ٺاڪر صاحب جي جنم ورتو ان ئي ڏينهن تي ڪوئيءَ جي ڪنڊ ۾ ماتم جي صدا بلند ٿي. صغرا ٻار پيدا ٿيڻ جي ڏهه منٽن کانپوءِ مري وئي. ڪنهن به دائي يا نرس گهرائڻ جي به ضرورت پيش نه آئي. اوچتو ئي ٻار پيدا ٿي پيو. رحمت مائيءَ کي ڪجهه به سمجهه ۾ نه پئي آيوته ناڙ ڪيئن ڪٽجي. ينگياٽيءَ کي هن هٿ به لائڻ نه ڏنو. بس ائين ئي ٻار کي هنج ۾ رکي ٺاڪرصاحب ڏي وڃي پهتي.

ٺاڪر صاحب ان وقت خود به منجهيل هو. "هن کي فورن ڊاڪٽرياٽيءَ ڏي وٺي وڃ، ناڙو ته ڪٽيس، ڪٽي ٻار کي نه ڪجهه ٿي پوي!" هن جلديءَ ۾

مائيءَ رحمت کي حويلي اندر موڪليو.

اهڙي وقت ڏاڏيءَ کي رحمت مائيءَ جو اندر اچڻ سنو تہ نہ لڳو پر ان کان پهرين جو هُو هن کي اندر اچڻ کان جهلي، هُو اندر اچي چڪي هئي. نرس ٻار کي ٽوال ۾ ويڙهي ميز تي ليٽائي ڇڏيو. ڇو تہ مائيءَ جيئن ئي ڪمري ۾ قدم رکيو هو تہ ٻار جو ناڙو ڪٽڻ وقت نرس مائيءَ جي ٻار جو بہ ناڙو ڪٽيو هو. ڇا تہ گول مٽول ٻار هئا!

ڊاڪٽرياڻيءَ ٺاڪر صاحب جي ٻار کي وهنجاري سهنجاري اڇو فراڪ پارايو. هن کي ٻڌي ڪري سندس ڏاڏيءَ جي هنج ۾ ڪٽي وڌو. جنهن جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا. ستت ئي هٿن مان ڏهہ تولن جو سون لاهي ڊاڪٽرياڻيءَ کي پارائي ڇڏيائين ۽ پوٽي جي آرتي لاهڻ لڳي. ٺاڪر صاحب بہ اتي بيٺو هو ۽ ڪلي رهيو هو.

نرس ڊاڪٽرياڻيءَ کي ڪجهہ چيو. هوءَ ٻار کي ٻانهن ۾ ڪٽي ڪري تيزيءَ سان اندر گهڙي آئي. ٺاڪراڻيءَ پنهنجي ٻچي کي پنهنجي پاسي ۾ ليٽائي ڪلي رهي هئي. ٿوري دير تائين تہ ڊاڪٽرياڻي حيرت منجهان پٿر ٿي وئي. اهو قدرت جو وڏو مذاق هو، ڇو تہ ان کان پوءِ هڪ ٻيو طوفان ڪڙو ٿي سموري گهر مٿان اچي ڪڙڪيو. ٺاڪراڻي چئي رهي هئي تہ جيڪو ٻار نرس هن جي هنج ۾ ڏنو آهي، اهو هن جو پٽ آهي، پر ڏاڏيءَ جنهن پوٽي لاءِ ڊاڪٽرياڻيءَ کي سوني ڪڙو ڏنو هو اهو ان کي ئي پنهنجو پوٽو مڃڻ لاءِ راضي هئي. اهو سڀ ڪجهہ ائين ڪيئن ٿيو؟ اهو ڪنهن کي بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو.

ڊاڪٽرياڻيءَ پنهنجي پوري يقين سان چيو پئي تہ جيڪو ٻار هن ڏاڏيءَ جي هنج ۾ ڏنو هو اهوئي تہ ٺاڪر صاحب جو پٽ هو. پر نرس چئي رهي هئي تہ هن کي ٺيڪ طرح سان ياد آهي تہ هن ٺاڪر صاحب جي پٽ کي گلابي ٽوال ۾ ويڙهيو هو ۽ مائي رحمت جي ڏوهتي کي وري فيروزي ٽوال ۾ ويڙهيو هو.

"واهہ! ڇا هاڻي مان پنهنجي پوٽي کي بہ ڪو نہ سڃاڻيندس؟" ڏاڏيءَ فيروزي رنگ جي ٽوال جي چڪر ۾ نہ پئي پوڻ گهريو ۽ هن جي هنج ۾ پيل ٻار بلڪل پنهنجي پيءُ تي ويو هو. ها هن جي ڪاڏي ماءُ تي ضرور وئي هئي. پر ٺاڪر صاحب کي تہ ٻئي ٻار گوشت جي ٻوٽيءَ جي مورت پئي لڳا.

ڏاڏيءَ چئي رهي هئي تہ هن جي هنج ۾ پيل ٻار ئي دراصل هن جو پوٽو آهي، ڇو تہ هن جو جگر هن طرف ڇڪجي رهيو آهي پر پوءِ سيئي چپ ٿي ويا.

رحمت مائيءَ ٽٽيي سان لڳو لڳ ويهي پٽرايل اکين سان نهاري رهي هئي. مسجد کان ماڻهو سندس ڏيءَ جي ڪفن دفن لاءِ آيل هئا. هوءَ ڏوهتي کي وري ڪهڙو ڏيان ڏئي. هوءَ تہ خود ڏکن جي ٻار سان جوان جمال ڏيءَ جي موت جو ٻار برداشت ڪرڻ ۾ جتيل هئي. ٺاڪراڻيءَ جڏهن مائي رحمت جي ڏوهتي کي ڏٺو تہ حيرت جي سمنڊ ۾ ٻڏي وئي. الاهي ڇا ٿيس جو روئي روئي پنهنجو برو حال ڪري ڇڏيئي. "ماڻهو ڇو پيا هن کي ڏوکو ڏين. ڏاڏي صحيح پئي چوي، ان

جي هنج ۾ پيل پٽ ئي هن جو پٽ آهي“ پر جڏهن نرس هن جي هنج جي پاسي منجهان ٻار کي کنيو ته سندس دل جهٽڪو کاڌو.

پوءِ سيئي وائڙاٽي پيا، سيني چيو پئي ته ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪير جو ڪير ۽ پاٽيءَ جو پاٽي ٿي ويندو. پلا پنهنجو ٻار به ڪو لڪي سگهي ٿو رت جي ڪشش ئي ڪجهه ٻي ٿيندي آهي، پر جنهن وقت به ڪو ٻار هن جي پرپاسي مان کنيو ٿي ويو ته هن(ناڪراٽيءَ) پنهنجو فيصلو تبديل ٿي ڪيو. ناڪراٽيءَ جي حالت ايتري ته خراب ٿي وئي جو ڊاڪٽر کي گهرائڻو پئجي ويو ۽ پوءِ سڄي اوڙي پاڙي ۾ اها خبر ڦهلجي وئي ته ٻار گڊمڊ ٿي ويا آهن. اها خبر پاڙي مان شهر ۾ ڦهلجي ويئي. جيترا هئا منهن، اوتريون هيون ڳالهيون. ڪنهن ڪجهه چيوٿي ته ڪنهن وري ڪجهه.

”رحمت مائي چالباز آهي. ڄاڻي واڻي ڪٽي ڊرامو رچايو اٿس ته جيئن هن جو ڏوهتو عيش ڪري ۽ ويچاري ناڪر صاحب جو ٻار پنندو وتي.“

”اڙي ظلم ٿي ويو گناهه ٿي ويو. هاڻي هڪ هندوءَ جو ٻار مسلمان جي گهر ۾ پلجندو ته مذهب کي نقصان نه رسندو!“ اها ٻئي ٽولي جي رائي هئي.

ٽئي ٽولي جو خيال هو ته ناڪر صاحب ڄاڻي واڻي غبن ڪيو آهي، اهڙي طرح سان هو هڪ مسلمان ٻار کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ چاهي ٿو.

ڏاڍا بحث و مباحثا ٿيڻ لڳا. ڪيترن ئي پاڙن ۾ فساد ۽ ڪروڌ ڦهلجڻ لڳو هڪ هندو ڇوڪري هڪ مسلمان کي ٽڦڙ وهائي ڪڍيو. بس پوءِ ته چاقو هلڻ لڳا. رتو ڇاڻ ٿيڻ لڳو. پوليس چيڪ پوسٽون قائم ڪري ورتيون. مشڪل سان وڃي فساد تي ڪنٽرول ڪيو ويو. پوءِ خبر پئي ته هندوءَ جنهن ڇوڪري کي ٽڦڙ هنئي هئي، اهو مسلمان نه پر هندو هو!

”سڀ ڪوڙا!“ فساد ۾ دلچسپي وٺندڙ ٽولي ڳالهايو ۽ ائين فساد وڌندو پئي ويو. ٻنهي فرقن جا جلسا ۽ ميٽنگون ٿيڻ لڳيون. وفد اعليٰ آفيسرن جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. فورن سپرنٽينڊنٽ صاحب سارجنٽن سان گڏ فسادن کي روڪڻ لاءِ وٺي ڊوڙيو.

”ٻنهي ٻارن جو فيصلو ٿيڻ تائين ڪين سرڪاري اسپتال موڪليو وڃي.“

”ڇو مان پنهنجي سڪيلڙي پٽ کي خيراتي اسپتال موڪليان؟“ ناڪر صاحب ضد ڪري بيهي رهيو.

پر سوال اهو هو ته هن جو ٻار ڪهڙو هو؟ ناڪراٽيءَ جو ته روئي روئي برو حال ٿي پيو. ڪڏهن هڪڙي ٻار کي ڇاتيءَ سان ٿي لڳايو ته سندس دل ٻئي ٻار طرف ٿي ڇڪجي. هن چئي ڇڏيو هو ته ”ڪنهن به هڪ ٻار کي ڪنهن هٿ لڳايو ته ان جو حشر نشر ڪري ڇڏيندس، پوليس کي همت آهي ته ٻار کي ڪٽي ته ڏسي!“

ظاهر آهي ته ههڙي وقت ۾ ناڪراٽيءَ سان ضد ڪرڻ ائين هو جڻ هن کي قتل ڪرڻ. هن جي دماغي توازن بگڙجڻ جو خطرو هو.

هونئن ته سيني جو دماغي توازن

بگڙجڻ وارو هو. خدا سالن کانپوءِ ہار ڏنو هو ۽ اهو بہ ڏچي بہ پئجي ويو هو. هن جي وجهہ سان رتو ڇاڻ ٿي رهيو هو. ٺاڪر صاحب الڳ حيران ، پريشان ۽ بي وس هو.

"ہارڙن کي ٿورڙو وڏو تہ ٿيڻ ڏيو. هفتي ٻن هفتن ۾ ڪجهہ نڪ نقش ظاهر ٿيندا تہ پاڻهي سڃاڻجي ويندا." ماڻهن رائي ڏني.

رحمت مائي ٺاڪر صاحب جي دروازي جي چائنڻ تي الڳ روئي رهي هئي، "مهرباني ڪري مون کي منهنجو ڏوهتو ڏنو وڃي تہ جيئن آئون هن کي پنهنجي وطن پيلي ڀيت وٺي وڃي ڪري ڪنهن اکين واري عورت، جي هنج ۾ وجهان. بنان ماءُ پيءَ جي ہار پلجي تہ ويندو." هاڻي هي ئي هن جو دنيا ۾ سڀ ڪجهہ هو سڪيلڏي ڏيءَ جي آخري نشاني!

جڏهن پوڙهيءَ کي حقيقت سمجهائڻ جي ڪوشس ڪئي وئي تہ هوءَ رڙيون ڪري روئڻ لڳي. مجبورن ٺاڪر صاحب چيو "ڏئي ڇڏيو نياڳيءَ کي هن جو ہار. تہ جيئن گناهہ گهٽجي!"

پر سوال اهو هو تہ ڪهڙو ہار؟

"مون انڌي کي تہ ڪجهہ بہ نٿو سُجهي پر توهان اکين وارن جا ماڻڪ بہ ڦاٽي پيا آهن ڇا!" رحمت مائيءَ ٽپ ٽپ ڪري رهي هئي!" غريب پوڙهيءَ جو ڳلو دبائڻو اٿوَ تہ ہي ڳالهہ آهي."

وڏي بڪ بڪ کان پوءِ هڪ ہار جي حق ۾ فيصلو ٿيو تہ اهو پوڙهيءَ جو ڏوهتو آهي پر هڪدم ئي ڏاڏيءَ کي پنهنجي ان ہار ۾ ڏاڏي جي هڪجهڙائي نظر اچڻ لڳي. هوءَ زور سان ڇاتي پٽڻ لڳي.

هاڻي تہ مائي رحمت کي بہ يقين ٿي ويو تہ هي ماڻهو هن کي ڪوڙا دلاسا ڏئي رهيا آهن. هن اهڙيون تہ ڪوڪون ۽ دانهون ڪيون جو ماڻهن جا هينان ٿي ڦاٽا.

ڊڄندي ڊڄندي وري ہئي ہار جي حق ۾ فيصلو ڏنو ويو. ان کي اڃا مس مائي رحمت کي وٺي ويندي چند وکون ٿيون هيون جو ٺاڪراڻيءَ جا ڏند پڇجي ويا، منهن مان ڳڻ وهڻ لڳس.

"ٿورو سوچيو تہ سَهي، جنهن کي پوڙهي وٺي وڃي رهي آهي، واقعي هن جو اهوئي پٽ آهي يا ہيو." ڪنهن چيو تہ وري معاملو الجهي ويو.

وڏي سوچ ۽ ويچار کانپوءِ ٺاڪر صاحب رحمت مائيءَ کي سمجهايو"تون ہار کي پالي تہ سگهين ڪونہ ٿي، ڪنهن کان پالرائيندينءَ. مون کي ہار نپائڻ ڏي. تون جيئن رهندي هيئنءَ، تيئن رهہ. تنهنجو ہار تنهنجي آڏو ئي رهندو."

ٺاڪر صاحب کي خبر هئي تہ ہئي ہار هن جي نظرن آڏو رهندا پر هن جو ہار تہ وڃائجي چڪو هو. هو هن کي ٺيڪ طرح سان ڏسي نہ ٿي سگهيو تہ پوءِ شڪ ۽ شبها ڪيئن دور ٿيندا. "وڏا ٿي پاڻيهي سڃاڻپ ۾ اچي ويندا. ڀلا عادتون ۽ خصلتون ڪٿي لڪي سگهيون آهن ڇا."

رحمت مائي چپ چاپ ٻڌي رهي هئي ۽ پوءِ چيائين، "ڳالهہ صاف آهي ٺاڪر صاحب تہ ہار جيڪڏهن توهان وٽ پليو تہ پوءِ توهان جي مذهب تي هلندو.

اهو ڪيئن ڪر ممڪن ٿي سگهي ٿو! قيامت جي ڏينهن مان خدا کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس ته هڪ مومن جي ٻار کي ڪافر ٺاهي ڇڏيم. منهنجي ته عاقبت خراب ٿي ويندي. جيئري جاڳندي منهنجي متي پليت ٿي ويندي. خدا جو اٿو واسطو منهنجو ٻار مون کي ڏيئي ڇڏيو.“

”تنهنجو ٻار مان توکي ڏيڻ به چاهيان ته به نه ٿو ڏئي سگهان. ها، جيڪڏهن تون سمجهي ٿي ته تون پنهنجي ڏوهتي کي سڃاڻين سگهين ٿي ته پوءِ مان تنهنجو شڪر گذار رهندس. منهنجي مشڪل به اُها ئي آهي، جيڪا تنهنجي آهي. مون تي به مٿيان ماڻهو دباءُ وجهي رهيا آهن. سمجهن ٿا ته مان اهو سڀ ڪجهه ڄاڻي واڻي ڪري رهيو آهيان. مسلمانن جو ٻار هڙپ ڪرڻ چاهيان ٿو. مون کي چون پيا ته مون دولت جي لالچ ۾ ڄاڻي واڻي اهو ڊونگ وارو ڊرامو رچايو آهي، توهان کي بي وقوف ٺاهي رهيو آهيان.“

پر شهر ۾ طوفان متل هو. اخبارن ذريعي خبرون ڦهلجي رهيون هيون. ان سان گڏوگڏ باهه به ڦهلجي رهي هئي.

اسلام خطري ۾!

هندو مذهب تباهيءَ جي ڪناري تي!

نعرا لڳي رهيا هئا. هاڻي مذهبي پارٽين ڪان ڳالهه ٽپي وئي هئي. سياسي پارٽين ان ڳالهه کي ڪٽي ورتو هو ۽ جلسن مٿان جلسا ٿي رهيا هئا. فنڊ جمع ٿي رهيو هو. هڪ ٻئي مٿان ڪن اڇلايو پئي ويو.

”ملڪ سان ناانصافي ۽ ظلم!“

”ملڪ جو ٽڪڙ ٽڪڙ ٿي ڪاڻي ناهي. هاڻي هر گهر ۾ ايجنٽ ڇڏيا پيا وڃن! مسلمانن جا ٻار ڪافر پيا ٺاهيا وڃن.“

”هي سڀ ڪجهه نڪسلائيٽ جو ڪيل آهي.“

”جمهوريت تي زبردست ڏڪ!“

”ان ۾ چين جو هٿ آهي، جيڪو اسان جي نظام کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ چاهي ٿو.“

”اهو سي. آءِ. اي وارا ڪري رهيا آهن.“

”ڪرسي ڇڏي ڏيو!“

۽پوءِ پارٽين ۾ ان سوال تي جوتا هلڻ لڳا. هلچل ڦهلجڻ لڳي. وزارتن ۾ گوڙ ٿيڻ لڳو.

هوڏانهن ڪڏهن ماڻهن رحمت مائيءَ کي ٿي پڙڪايو ته هوءَ فورن خدا جو قهر بڻجي ٿي ويئي. نه سٺي طرح ٻڌي ٿي سگهي، نه ڏسي ٿي سگهي. نه ئي وري هٿ پير قابو ۾ هيس. هڪدم گاريون ڏيڻ تي اچي ٿتي ٿي. ٺاڪر صاحب ايڏو ته وائڙو ۽ پريشان ٿي ويندو هو جو ڪيس هڪ جي بجاءِ ٻئي ٻار ڏيڻ لاءِ به راضي ٿي ويندو هو. پر جڏهن هو خود مطمئين نه ٿي سگهندي هئي ته آخر هن جو ڏوهتو ڪهڙو آهي ته ڪاوڙ ۽ بيزاريءَ ۾ ٺاڪر صاحب جي دروازي جي چانئٽ تي مٿو پٽڻ لڳندي هئي.

”الله جي واسطي مون کي پنهنجو ڏوهتو واپس ڪري ڇڏيو!“ هوءَ روئي روئي چوندي اهڙي نموني چوندي هئي جو سيئي ميڻ تي پوندا هئا.

ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو

جو ماڻهن جو ڏيان ڪنهن ٻئي گرما گرم معاملي طرف ٿي پوندو هو تہ اهي هندوءِ مسلمان ہارن جي سوال کي وساري ڪري ڪنهن ٻئي مسئلي تي وڃي وڙهندا هئا، تڏهن رحمت مائي دعائون پڙهي پڙهي ٻنهي ہارڙن جي مٿان ڦوڪيندي هئي، "الله تعالىٰ سڀ حساب سمجهي ٿو. دعا يقينن! هن جي ڏوهتي جي ڪاتي ہر ئي جمع ٿيندي، انشاءَ الله ڪا بہ امانت ہر خيانت نہ ٿيندي."

ٺاڪراڻي بہ سڀ ڪجهہ وساري سِڌي ساڌي ماءُ بنجي وئي هئي. هن جي اڃايل دل ہر ٻنهي ہارڙن لاءِ پيار جو سمنڊ هوندو هو.

بس ڏاڏيءَ ئي عجيب و غريب مصيبت ہر هئي. هونئن تہ هوءَ ٻنهي ہارن تي پنهنجو بي پناهہ پيار گهورڻ لاءِ تيار هئي پر اڃا تائين هن پنهنجي پوٽي کي ڳچوان جي پيرن ہر نہ وڌو هو. ڪيئن ڪر وجهي ها؟ ڪهڙو هو هن جو پوٽو! ۽ ٺاڪر صاحب ڪيترا دفعا تہ ڪيسي مان سڪو ڪڍي ٽاس بہ ڪري چڪو هو پر سندس دل کي ڪو بہ سڪون ۽ يقين نہ ٿي مليو. سڪي جي ٽاس کي مڃي ڪري هن هڪ دفعو هڪ ہار مائي کي ڏيڻ جو ادارو ڪيو پر پوءِ وري ڦري ويو "ڪهڙي خبر اهوئي هن جو پٽ هجي؟"

هن کي بلڊ ٽيسٽ تي پروسو هو. رت جي چڪاس کانپوءِ ضرور معاملو حل ٿي ويندو. ان ڪري هن کي ہارڙن جي وڏي ٽيڻ جو انتظار هو. ايتري ننڍن ہارڙن جي رت ٽيسٽ ڪرائڻ جي خيال سان ئي ٺاڪراڻي طوفان مچائي سگهي پئي.

هونئن سيئي هن کي ڏوهي ڪوٺي رهيا هئا. اهڙي بہ ڇا! جو ماءُ پنهنجي ہار کي نہ سڃاڻي سگهي. ڳئون، ٻڪري، ڪتي، ٻلي تائين پاڻيهي ماءُ کي خبر پئجي ويندي آهي پنهنجي ہار جي پر ٺاڪراڻيءَ.....

پهرين تہ ڏاڏيءَ پنهنجي ننهن کي گهٽ وڌ ڳالهايو پر جڏهن هن سڏڪي سڏڪي، روئي روئي قسم کاڌا تہ واقعي هن ڏاڍو زور لڳايو آهي پر خبر ئي نہ ٿي پويس ۽ نہ ئي ڪا وري اميد آهي تہ ڪا خبر پئجي سگهندس تہ انهن ٻنهيءَ مان تہ هن جو ڪهڙو اصلي پنهنجو پٽ آهي، تڏهن ماڻ ٿي. .

هوڏانهن شهر ہر صوبائي اليڪشن شروع ٿي رهيا هئا.. مختلف گروهہ هڪ ٻئي تي ڇوه ڇنڊي رهيا هئا. انهن ٻنهي ہارڙن جو سوال وري اٿي ڪڙو ٿيو. جڏهن بہ ڪو سياستدان پنهنجي ڪارگذارين تي ياشن ڏيڻ لاءِ اٿي ڪڙو ٿيندو هو تہ ہارڙن جو ان المي کي ضرور وچ ہر ڪٽي ايندو هو ۽ جيڪي تباهہ ڪاريون انهن ہارڙن جي رلجي ملجي وڃڻ جي ڪري شهر ہر ڦهلجي رهيون هيون، اهي ان تي باقائده سان رائي ڏيندا هئا ۽ وڏي زور وشور سان واعدو ڪندا هئا تہ جيڪڏهن هو اليڪشن ہر ڪامياب ٿي ويا تہ اهڙي قسم جا خوفناڪ غبن وري نہ ٿيندا، ڇو تہ اهي پنهنجي فرقي جي حقن خاطر پنهنجو رت پگهر هڪ ڪري ڇڏيندا.

مخالف بہ انهن کان گهٽ ڪو نہ هئا. هنن ٺاڪر صاحب جي قوم پرستي ۽ دوراندیشي جي ساراهيندي چيو تہ، "ڪهڙي نہ هوشياريءَ سان هن مخالف

فرقي جي ٻار کي ڦهائي ورتو آهي. جيڪڏهن اهڙي قوم پرستي سڄي قوم ۾ ڦهلجي وڃي ته هوندَ سڄي ملڪ جا ڏک درد ختم نه ٿي وڃن."

ان بيان سان مسلمانن ۾ ڪهرام مچي ويو. جيڪڏهن اهڙي طرح مسلم ٻارڙن کي ڦهايو ويو ته تمام جلدي اسلام جو نالو ونندڙ ئي ختم ٿي ويندا. قومي رهنما وفدن جي صورت ۾ حڪمرانن وٽ وڃي زور وجهڻ لڳا. ٻنهي طرفن کان جنهن جي به اليڪشن مهم تڏي پئجڻ لڳندي هئي ۽ ماڻهو پڇنن ۽ ٻين مذهبي ڳالهين ڪري جلسن ۽ جلوسن کان پري ٿي ويندا هئا ته يڪدوم اهو ٻارڙن واري غبن جو سوال اٿاريو ويندو هو ۽ هڪدم ماڻهن ۾ سياسي هلچل مچي ويندي هئي. جلسن ۾ ماڻهن جي رش وڌڻ لڳندي هئي.

نيٺ اهو وقت به آيو جو ٻارڙن جو بلڊٽيسٽ ٿيڻو هو. سڄي رات ٺاڪراٽيءَ پاسا ورائيندي رهي، "رام کي خبر آهي ته الاهي ڪهڙو ٻار هن کي ملي، ڪهڙو رحمت مائي ڪٽي ويندي."

هن جي سالن جي ممتا، ٻنهي ٻارڙن تي طوفان وانگر مچي رهي هئي. هن گهڙي گهڙي اٿي ڪري ٻارڙن کي ٿي تڪيو. ٻئي ڇٽا گول متول ٿي ويا هئا. ٻنهيءَ جو رنگ اڇو هو. ٻنهي جا نقشا صاف هئا. هڪ راجپوت هو ٻيو پٺاڻ! ڪنهن وقت ٻنهيءَ جا ڏاڏا پڙ ڏاڏا هڪ ئي وڻ جا پن رهيا هوندا. ٿورو اڳا وڏا ٿين ته خبر پئجي ويندي، هينئر ته بس چينيءَ جا گڏا آهن. سمهندي جاڳندي، ڪير پيارڻ وقت بلڪل جاڙا پائر وانگر لڳندا هئا.

ٻنهيءَ مان هوءَ هڪ کي چونڊي نه پئي سگهي.

ٺاڪر صاحب جڏهن بلڊ ٽيسٽ جي معنيٰ سمجهائي ته ٺاڪراٽيءَ زمين ۽ آسمان کي هڪ ڪري ڇڏيو.

"هاڻي مان پنهنجي جگر جي ٽڪري جو رت ڪيڻ ڏيندس. ڊاڪٽر کي چئو ته هو نبض ڏسي ڪري فيصلو ڪري. ننڍي وڏي ڪهڙي بيماري آهي جيڪا ڊاڪٽرن کان لڪيل آهي. اوير سوير سيني مرضن جي سڃاڻپ ڪري وٺندا آهن."

"پر ڪير آهي ڪو مائي جو لال جيڪو نبض ڏسي ڪري مذهب يا عقيدي کي سڃاڻي وٺي!"

پر ٺاڪراٽيءَ جي دماغ ۾ اها ڳالهه وجهڻ جو ڪو رستو به نه هو. ڊاڪٽرن چيو ته ضروري ناهي ته ڪو فيصلو ٿي وڃي.، اهو ضروري ناهي ته پيءَ پٽ جي رت جو گروپ هڪ جهڙو هجي. ٺاڪراٽي گروپ سروپ ڇا سمجهندي، بس اهو ئي پئي چيئين ته جيڪو ڊاڪٽر نبض ڏسي سڃاڻي نٿو سگهي، اهو بس ٺڳ آهي، جوتا هڻي ڪڍي ڇڏيوس. پوءِ هيءَ ٻنهي ٻارڙن کي وٺي ڪري ڪنڊي لڳائي ڪمري ۾ ويهي رهي. هن جي روڀي تي ايڏا به وڏيڪ افواهون اڏامڻ لڳيون.

"اصل ۾ ٺاڪراٽيءَ جو ٻار ٺاڪر صاحب جو آهي ئي ڪين، ٻئي ڪنهن جو آهي، ان ڪري هو بلڊ ٽيسٽ کان لهرائي پئي."

ان افواهه ٺاڪر صاحب کي هلائي ڇڏيو. پٽ جي خوشيءَ ته متيءَ ۾ ملي وئي

سمنڊ جي اندوني عجيب دنيا!

سمنڊ جي تهہ ۾ اُن جي اونداهيءَ واري فرش تي هتي صرف رات ئي هوندي آهي. هتي ڏينهن ڪڏهن بہ نہ نڪتو آهي. هتي هميشہ اونداهي ئي ڇانيل هوندي آهي. اها سمنڊ جي دنيا اسان جي دنيا کان بلڪل ئي مختلف دنيا آهي. سمنڊ جي گهراين تائين روشني نہ ٿي پهچي ۽ ان جو مطلب پوءِ اهو ٿيو تہ اتي ساموندي گاهہ نہ ٿو ٿئي ڇو تہ ان کي روشنيءَ جي ضرورت پوندي آهي. سمنڊ جي تهہ ۾ هڪ ڪشادو قبرستان آهي جتي جانور ۽ ٻوٽن جي بقايات مٽان کان هيٺ تائين ڏهيل آهي. ان ۾ ڏهہ پيرن وارا ۽ ڏگها چنبن وارا ڪيڪڙا گند ڪچري ۾ رهن ٿا. ويڪريون منهن واريون مڇيون اونداهي ۾ ترنديون رهنديون آهن. ڪن کي تہ اکيون ئي ناهن، ڪنهن کي بہ اکيون آهن، جيڪي دوربين وانگي ٻاهر نڪتل آهن. انهيءَ ۾ اهڙيون مڇيون بہ آهن، جنهن جي جسم ۾ ٻرندڙ گل هوندا آهن. اهي ننڍين ننڍين جهازن وانگر محسوس ٿينديون آهن، جن ۾ ڇڻ تہ روشن دريون ڪليل هجن. اهڙيون مڇيون بہ سمنڊ ۾ هونديون آهن، جنهن کي پنهنجو روشنيءَ جو مينار هوندو آهي، جيڪو هن جي مٿي تي ٻاهران نڪتل هوندو آهي. هيءَ دنيا اسان جي دنيا کان ڪيترو نہ مختلف دنيا آهي!

هئي، هاڻي دل ۾ گندي شڪ ڏنگ هنيو. هن ڏڃي ڏڃي ڪري پاڙي وارن تي نظر وڌي.

"ناڪراڻيءَ جو يار ڪير آهي؟"

دل ۾ آيس تہ انهن ننهي ڄڻن کي موت جي ننڊ سمهاري ۽ پوءِ پنهنجي مٿي ۾ گولي هڻي ڪڍي.

هوڏانهن رحمت مائي عاقبت کي سنواري رهي هئي. هن ٻار جي ڪن ۾ اذان ڏيارڻ لاءِ جيئن مولويءَ کي گهرايو تہ ڏاڏيءَ ۽ ناڪراڻيءَ هڪ ئي وقت رام رام چيو. وڏي بحث ۽ مباحثي کانپوءِ اهو فيصلو ٿيو تہ في الحال ٻنهيءَ جي ڪنن ۾ اذان ڏني وڃي. الله جو نالو ڪن ۾ پوڻ سان ڪو نقصان تہ ڪونهي. جڏهن مولويءَ صاحب اذان ڏئي اڏائي رهيا في ٻار وٺي هليو ويو تہ ڏاڏيءَ، رحمت مائي جي تڪي جي بہ پرواهہ ڪرڻ بنان، ٻارن جي مٿان گنگاجل ڇڙڪيو ۽ انهن جي آرتي لاٿي.

هاڻي رحمت مائي کي اهو خيال اچي رهيو هو تہ ٻار جو طهر ڪرائي. ان کي مسلمان ڪري ڇڏجي. وڏو ٿيو تہ ڪيس وڌيڪ تڪليف ٿيندي. پر ناڪراڻيءَ ٻارڙن متعلق ڪا بہ چاقوچريءَ واري خبر ٻڌڻ لاءِ بہ تيار نہ هئي. هن صاف صاف چئي ڇڏيو تہ جيڪڏهن رحمت مائيءَ ڪنهن بہ ٻارڙي کي هٿ بہ لاٿو تہ رحمت مائي جو ڪنڌ ڪپي ڇڏيندي.

ٻار تہ بچي ويا، پر هاڻي ان ڳالهہ تي هل هنگامو وڌي ويو. ڪنڌ ڪپجڻ لڳا. ڳالهہ وڌندي رهي، ڪجهہ من موجين رحمت مائيءَ جي ڪوٺيءَ کي باهہ ڏئي ڇڏي ۽ هوءَ پنهنجو سامان ٻڌي اچي ناڪر جي ڪوٺيءَ ۾ رهڻ لڳي. مخالف ڪيئن ٿي چپ رهي سگهيا. لٺ مار تہ ڪجهہ ماڻهن جي آمدني جو ذريعو هوندي آهي. ڪم جون شيون لٽي ورتيون ۽ پراڻو ردي جو سامان ساڙي ڇڏيو.

ان وقت ٻن پارٽين ۾ وڏي زور جو مقابلو هلي رهيو هو. حڪومت جي خلاف ماڻهن کي پڙڪائڻ ۾ دير نٿي لڳي. هونئن به ماڻهو مهانگائي، بيروزگاري ۽ گهرن ۾ کاڌ ۽ خوراڪ جي کوٽ کان بگڙيا ويٺا آهن. ڳالهه ڳالهه تي استرائيڪ (هڙتال) ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا آهن.

فرقيوارانه فساد شروع ٿين ته سڀ هڙتال، مظاهرا وساري ماڻهو فرقي پرستن کي گاريون ڏيڻ ۾ مصروف ٿيو وڃن. اهڙي طرح سان ڪجهه ماڻهو مجبورن مارجي وڃن ٿا. ان سان ڪجهه آباديءَ جي مسئلي تي به خوشگوار اثر پوي ٿو پر هاڻي انهن ٻن ٻارڻن جي مسئلي خطرناڪ پيچيده صورتحال اختيار ڪري ورتي هئي. رحمت مائي جو گهر ساڙيو ويو. ان جي جواب ۾ ٺاڪر صاحب جي ڪوٺي به ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، جيتوڻيڪ ان گهر ۾ به مائي رحمت به رهي رهي هئي پر بدلي جي ٻاهه ۾ عقل کي ڪير استعمال ڪري.

مسلمانن جو هڪ وڏو جلوس اچي ٺاڪر صاحب جي ڪوٺيءَ وٽ ٻيٺو. نعرا لڳڻ لڳا. جواب ۾ ريڪدم ٻئي پاسي کان هندن جو ميڙ اچي گڏ ٿيو ۽ باقاعده مورچا قائم ٿي ويا. رحمت مائي وساريل آيتون پڙهي ڪري ٽوڪڻ لڳي ۽ ٺاڪراڻيءَ ٻارڻن کي ڪٽي هنج ۾ ڪنيو ۽ ڇت تي وڃي ڄمي بيهي رهي. ڏاڪٽن تي ٺاڪر صاحب بندوق کٽي بيهي رهيو. نوڪرن دريون، دروازا کٽي بند ڪيا. ٻاهر ٻنهي ڌرين مورچا قائم ڪري ورتا.

"رحمت مائي کي قيد مان آزاد ڪيو وڃي ۽ هن جي ڏوهٽي کي هن جي حوالي ڪيو وڃي."

اها مسلمانن جي گهر هئي.

"رحمت مائي ۽ ان جي ڏوهٽي کي ٺاڪر صاحب جو گهر گندو ڪرڻ جي ڏوهه ۾ سزا ملڻ گهرجي." هندو چئي رهيا هئا.

"رحمت مائي زنده باد."

"رحمت مائي مرده باد."

۽ رحمت مائي خوشقسمتيءَ سان وڏيءَ آواز ۾ ٻڌندي هئي. هوءَ صرف ان گجگوڙ جو هلڪو آواز ٻڌي رهي هئي. زوردار ڳالهين ۽ نعرن کانپوءِ ٻنهي ٽولن جي وچ ۾ پٿر ۽ سرون اڇلائجڻ لڳيون ۽ پوءِ ڇريون هلڻ لڳيون. ٺاڪر صاحب فون تي فون ڪري رهيو هو. ڌڙ ڌڙام ۾ هن هوا ۾ ڪجهه فائر ڪيا، حملو ڪندڙ هڪ دم وائڙاٽي وئي ڀڳا.

"ٻڌو ڀائرو! ٻڌو!" ٺاڪر صاحب رڙ ڪئي ته مجموعو حيران ٿي ويو. هن پوري مجموعي تي هڪ نظر وڌي، ماڻهو اڄ ڪلهه اهڙو لباس پائي رهيا آهن، جو اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته ڪهڙو هندو آهي ۽ ڪهڙو مسلمان! گهٽي ڀاڱي ماڻهن کي ميرا، گندگيءَ واريون چڊيون ۽ گوڏون پاتل هيون. ماڻهو وري دانهون ڪري رهيا هئا.

"رحمت مائيءَ کي آزاد ڪريو! ٻار واپس ڏيو!!

"رحمت مائي ڏائڻ آهي! ٻار ڪافر آهي. ٻنهيءَ کي تڙي ڪڍ!"

"ٺيڪ آ، ٺيڪ آ، مون ٻڌي ورتو آهي. مان وعدو ٿو ڪيان. سيٺاڻي توهان

اچجو. توهان جيڪو فيصلو ڪندو مان سيني آڏوان کي قبول ڪندس، ٺيڪ آ؟"

ٿورڙي دير تائين تہ هل مچي ويو. ماڻهو پنهنجا پنهنجا تبصرا ڪرڻ لڳا. هنن چا پئي چوڻ چاهيو جو ٺاڪر بہ نہ پئي ٻڌي سگهيو. چو تہ ان وقت پوليس جون جيپون زوزاٽ ڪري پهچي ويون هيون. هنن ايندي ئي فائرنگ ڪري ڏني، جيئن شرپسندن کي شرپسندي ڪرڻ بجاءِ بي ايمانيءَ سان سمجهوتو ڪندي ڏسي پوليس چڙي پئي هجي. سٽت ئي ميدان صاف ٿي ويو. ٺاڪر صاحب کين سڄي حقيقت ٻڌائي ۽ عين موقعي تي پهچڻ تي سندن شڪر مڃيو.

"ٺاڪر صاحب، توهان ٻاهہ سان ڪيڏي رهيا آهيو. ختم ڪيو اهو مذاق. رحمت مائيءَ کي ۽ ان جي ڏوهتي کي اسان پوليس حفاظت ۾ وٺي وڃي رهيا آهيون."

ٺاڪر صاحب مٿو جهڪائي سوچيندا رهيا. واقعي هاڻي هن کي فيصلو ڪرڻو ئي پوندو. ائين تہ ڪم نہ هلندو. امن امان ۾ رخنو پئجي رهيو هو"هي باهہ نهايت ئي خطرناڪ صورت اختيار ڪري سگهي ٿي!"

"جي، مان سمجهي ويس، توهان بلڪل فڪر نہ ڪريو جيئن توهان چئو ٿا تيئن ئي ٿيندو."

"تہ پوءِ دير نہ ڪريو!"

"اڄ رهڻ ڏيو رحمت مائيءَ جي طبيعت بہ ٺيڪ ناهي .ٻار بہ سمهيا پيا آهن. ننڍ مان اٿارينڊوسانُ تہ وري روئي روئي ماندا ٿي پوندا. مٿان وري ٺاڪراڻي ڪي بہ سمجهائڻو آهي."

"ڇا هو سمجهي ويندي؟"

"چو نہ سمجهندي، هڪ ڏينهن تہ فيصلو ڪرڻو ئي آهي نہ!"

پوليس جي وڃڻ کانپوءِ هو اندر نہ ويا، ٻاهر ئي هلندا رهيا. سڄي لان تي ماڻهن جي پٽراءُ ڪرڻ ڪري گهر ۾ سرون ۽ پٽر پيل هئا. هو پير بچائيندا بچائيندا هلندا رهيا.

پوءِ پاڻ اندر ويا، ٻار جي ڪمري ۾ زيرو بلب ٻري رهيو هو. نيرو ڪمرو نيرا پڙدا، نيري روشنيءَ ۾ ڄڻ آسمان جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ٻئي ننڍا ننڍا فرشتن جهڙا ٻار مٺي ننڊ ۾ هئا. اڇي بستري تي ٻئي ٻار اندر ڊيل ستل هئا. ٺاڪراڻي ڪيترن ئي ڏينهن کان چئي رهي هئي تہ ٻارڙن جي لاءِ هڪ ٻيو بہ بيڊ گهرايو وڃي. ٻار وڏا ٿي رهيا آهن. هو ٻارڙن کي ڏسي رهيو هو ڄڻ ٻارڙن کان پڇي رهيو هجي، "توهان ڪير آهيو؟" ڄڻ واقعي ٻار ڳالهائڻ شروع ڪندا.

ٺاڪراڻي پهرين تہ ڏاڍي ڪاوڙي پر جڏهن هن کي خبر پئي تہ هاڻي ڪو بہ ٻيو چارو ناهي تہ هوءَ ٻنهي ٻارڙن کي پنهنجي گوڏن تي رکي سڄي رات روئيندي رهي. صرف رحمت مائي ئي هئي جيڪا گهوگهرا هڻي ستل هئي، ڄڻ هن کي هن جو ڏوهتو ملي ويو هجي. باقي سيني ياتين سڄي رات اکين ۾ ڪٽي.

صبح جو سيني جا منهن پيلا هئا. ٺاڪراڻيءَ جون اکيون سُڄيل هيون هيون.

پوءِ فيصلي جو بہ وقت اچي ويو. سڄي دربار ۾ ماڻهو تماشو ڏسڻ لاءِ

جسم ٽيل هئا. پوليس جو انتظام قابل تعريف هو. ٺاڪر صاحب وراندي ۾ ويٺل هو. ٺاڪراٽيءَ ٻنهي کي وهنجاري سهنجاري تيار ڪيو. ڪين ڪرتا پارايا ويا هئا. ٻنهيءَ کي سرمو پارائي نظر جو ٽڪو مٿي تي ۽ پيرن جي تريءَ تي لڳايو ويو هو. پوءِ ٺاڪراٽيءَ روئندي چيو.

"رحمت مائي، پنهنجو ڏوهتو ڪٽي وٺ."

"هنڙ." رحمت مائيءَ ڪنگهيو "تون ئي ڏئي ڇڏ ٽُنهَن!"

"مان پنهنجي هٿ سان انهن ٻارڙن جو گندو پوتڙو به نه ڏيندس!" راجپوتاڻي دانهن ڪئي.

"جلدي ڪر مائي ، ٻاهر ماڻهو انتظار ڪري رهيا آهن."

"انتظار ڪري رهيا آهن ته ڪرڻ ڏين. خدا جي مار پوَين !" رحمت مائي اطمينان سان ڪنجهي رهي هئي. گوڏن ۾ منهن ئي منهن ۾ ڪنهن کي گهٽ وڌ پئي ڳالهايو.

رحمت مائيءَ هڪ ٻار کنيو ۽ ٻاهر نڪري وڃڻ لڳي.

"اي مائي، ٻڌ ته سهي ."

"ڇا لاءِ؟" هن لمندي چيو.

"سڃاڻي ورتئيس؟" ٺاڪراٽيءَ مريل آواز ۾ پڇيو.

"ها،ها، ڇو نه سڃاڻيندياس. منهنجو ڏوهتو جو آهي." اهو چئي رحمت مائي ٻاهر نڪتي.

ٺاڪراٽيءَ جو دل ڇڪجي ويو. هن بيڊ تي لٽل ٻار کي ڏٺو! جڻ هن اجنبيءَ کي ڏٺو هجي. اج جڏهن هن ٻار سان هن جو پهريون دفعو ملاقات ٿي ته هن ان کي پنهنجي هنج ۾ ڪٽي ورتو هو پر لڳس ته هنج وري به خالي هئس.

ٻاهر وڃي رحمت مائيءَ مجمعي کي ٻڌايو ته هن جو ڏوهتو هن کي ملي ويو آهي. سڀئي خوش خوش هليا ويا. رحمت مائيءَ فخر سان ويندڙ ميڙ کي ڏٺو ۽ پوءِ هنج ۾ پيل ٻار کي ڏٺو ۽ پوءِ ڏاڪٽين تان لهي بيهي رهي. ڪجهه دير ڪانپوءِ ڏنڊلي ڏنڊلي اکين سان ڏسندي رهي، پوءِ ائين وري جڻ هن کي ڪا شيءِ وسري وئي هجي.

"نه، ننهن نا مان ان نياڳي کي نه ٿي سڃاڻان."

واپس وڃي مائيءَ رحمت ٻار ٺاڪراٽيءَ جي هنج ۾ وجهي ڇڏيو.

..........*

شهر منجهه شهر

نيويارڪ جي گرانڊ سينٽرل ريلوي اسٽيشن ۾ دنيا جي حيرت انگيز جڳهه ٺاهي وئي آهي. ان کي شهر منجهه شهر جو خطاب ڏنو ويو آهي ۽ اهو چيو پيو وڃي ته توهان ان تي (48 ايڪڙن تي) مشتمل زمين جي ٽڪري تي سالن جا سال گذاري سگهو ٿا. ان شهر منجهه هر شيءِ مهيا ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ جوتن جا دڪان، ڏوبي جا دڪان، ڪاڏي پيتي جا دڪان، هوٽلون، پوسٽ آفيس، سينيما، هاسپيٽل پوليس اسٽيشن وغيره جون هر سهولتون استعمال ڪيو ويون آهن.

شيطاني جنت

سلسلي وار ناول جي چوٿين قسط

ڊاڪٽر منظور ميمڻ

هيءَ ڪهاڻي ان شيطان جي زندگيءَ جي باري
۾ آهي جنهن ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ واسطي ڪوڙي جنت
ٺاهي ۽ هزارن لڪن ماڻهن کي بدي جي راهه تي هلايائين. ان
شيطاني جنت ۾ حشيش، عورت ۽ مذهب جو استعمال
ڪيو ويندو هو. ان شيطاني جنت جو احوال

بديءَ جي خدا جو اڻ وسرندڙ داستان

حسن بن صباح، هڪ امڙ ونالو آهي، جنهن کان شايد ئي ڪو تاريخ پڙهندڙ ناواقف هوندو. سندس نالي سان گڏ اهو بهشت (جنت ارضي) به ياد ايندو جيڪو هن وادئ الموت ۾ ٺاهيو هو جڏهن به ڪو شخص هن بهشت ۾ داخل ٿيندو هو اهو پنهنجي دين ايمان دنيا ۽ ٻار ٻچا سڀ وساري ڇڏيندو هو. هن جي لاءِ، هن جو خدا ۽ پيءُ فقط حسن بن صباح هوندو هو.

جيڪڏهن حسن بن صباح ڪيس چوندو هوس ته هن خنجر سان پنهنجو پيٽ چيري ڇڏيا هن محل جي چٽ تان ٽپوڏي ته اهو فدائي (حسن بن صباح جي مجيندڙن کي فدائي سڏيو ويندو هو) ائين ڪرڻ ۾ ڪا به دير نه ڪندو هو ڇاڪاڻ ته ڪيس پڪ هئي ته سندس انتظار ۾ جنت ۽ اتي جون حورون موجود آهن. اهو سڀ ڪيئن ٿيو ۽ ڪيئن هڪ انسان هيترن ماڻهن جي دلين کي مسخر ڪيو اها ڳالهه سمجهڻ ڪا مشڪل نه آهي. حسن بن صباح هڪ ذهين ۽ چالاڪ انسان هو ان انساني ڪمزورين کي استعمال ڪرڻ لاءِ نفسيات، هيپناٽزم ۽ حشيش (نشو) جي ذريعي انسانن کي پنهنجي قابو ۾ ڪيو.

هن جي جنت اصل حقيقت حشيش ۾ لڪل هئي حشيش پينگ سان ملندڙ هڪ بوٽو آهي جنهن ۾ ڪجهه وڌيڪ خاصيتون پينگ جي مقابلي ۾ موجود آهن (ڪن جو خيال آهي ته پينگ کي ئي حشيش چيو وڃي ٿو). هن جي پيئڻ کان پوءِ انسان نهايت دلفريب خيالن ۾ گم رهي ٿو هن جنت ۾ هن نشي کي مڪمل ڪرڻ ۾ نهايت خوب صورت چوڪرين جو به وڏو هٿ هو. چوڪرين کي تربيت ڏئي هن جنت ۾ آندو ويندو هو. عورت، نشو حقيقتن کان فرار هي اهي انساني ڪمزوريون آهن، جن آدم کي جنت نيڪالي ڏياري.

ڇا اسان اڄ جي خودڪش بمبارن کي به حسن صباح جي حشيشن يا فدائين وانگر سمجهون يا پوءِ ڪو اتفاق. بهر حال جنت جا طلبگار ٻئي آهن هاڻي اچو ته تاريخ جي هن پراسرار ڪردار بابت ڄاڻ حاصل ڪيون جنهن وقت جي بادشاهن سان ٽڪر کاڌي ۽ ڪيترن ئي مسلمان شخصيتن کي قتل ڪرايو.

ڪجهه به چئجي پر حسن بن صباح هڪ امڙي تاريخ ناهي ويو آهي جنهن جو مثال گهٽ ملي ٿو. اڪيلي سر هن پراسرار شخص حڪومتن کي لوڏي وڌو ۽ هڪ بي مثال جنت ناهي جيڪا شايد هن زمين تي "فردوس ابليس" هئي.

گذريل ٽن قسطن جو تت

اسلام ڪمزور ٿي رهيو هو ان جون حدون صرف بغداد تي وڃي محدود رهيون هيون. امڙي نازڪ وقت ۾ خدا تبارڪ وتعالىٰ مسلمانن جي مدد ڪئي ۽ سلجوقي حڪمرانن کي حڪومت جون واڳون عطا ڪيون، جن اسلام جي ڪرندڙ حالتن تي اڃا مس ٿورو ڪنٽرول ڪيو هو ته اسماعيلي فرقي سان تعلق رکندڙ حسن بن صباح جي روپ ۾ اسلام کي ٻيهر واڌ ويجهه ۾ خطري جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ان وقت ٻي ملڪ نيشاپور ۾ خواجه حسن بن طوسي نظام الملڪ جي خطاب سان وزيراعظم هو. نظام الملڪ، عمر بن خيام ۽ حسن بن صباح نئين ڀڙ ۾ گڏ مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي ۽ انهن ٽنهيءَ جي پاڻ ۾ سنگت هئي ۽ هنن هڪ ٻئي سان واعدا اقرار ڪيا هئا ته اهي مصيبتن جي وقت ۾ هڪ ٻئي جي مدد ڪندا. حسن بن صباح "ري" شهر ۾ سني حڪومت تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري ٿو پر اتي جي سني حڪمران ابو مسلم زاري کي هن جي ناپاڪ ارادن جي ڄاڻ ملي وڃي ٿي ۽ هن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پنهنجي فوج موڪلي ٿو. حسن بن صباح کي خبر پئجي وڃي ٿي ۽ اتان فرار ٿي نيشاپور ۾ وزيراعظم نظام الملڪ وٽ پهچي ٿو ۽ ڪانئس نئين ڀڙ ۾ ڪيل مدد واري قول ۽ اقرار کان آگاهه ڪري ٿو. هن جي مدد ڪندي وزيراعظم نظام الملڪ هن کي سلطان وٽ موڪلي ٿو جيڪو هن جي قابليت کي ڏسي هن کي مشير اعليٰ مقرر ڪري ٿو. حسن بن صباح جو حسب و نسب ڪجهه هن ريت آهي ته هن جو پيءُ علي بن احمد پنهنجي دور ۾ شيطاني ڪم ڪرڻ ۾ بدنام هو ۽ اسماعيلي فرقي جي حڪومت تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندو هو ۽ هن جي خواهش هئي ته هن جو پٽ حسن بن صباح به اسماعيلي فرقي جي واڌ ويجهه لاءِ ڪم ڪري ۽ سني حڪومت تي قبضو ڪري. جيتوڻيڪ هاڻي هي فوت ٿي چڪو آهي پر ويهه سال پهرئين جي ان وقت جي اسماعيلي فرقي جي مشهور جاد و گر ابن عطاش سان ملي ٿو ۽ هن کي

پنهنجي پٽ جي مستقبل جي باري ۾ پڇي ٿو. عبدالملڪ ابن عطاش حسن بن صباح جي پيءُ کي ٻڌائي ٿو تہ حسن بن صباح مستقبل ۾ ابليسي روپ اختيار ڪندو ۽ حد کان وڌيڪ طاقت ابليسي نشي ۾ چور ٿي اهڙن ڪمن جو مرتڪب ٿيندو جو ايندڙ صدين ۾ سندس نالو گونجندو رهندو. نيٺ هن ڪاري جادو ڪندڙ کان متاثر ٿي پنهنجي پٽ کي هن وٽ سکيا وٺڻ لاءِ ڇڏي ٿو. هاڻي (حسن بن صباح جي تربيت شروع ٿئي ٿي. سڀ کان پهرئين عبدالملڪ ابن عطاش هن کي دماغي تربيت ڏيئي ٿو. ان کان پوءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٽنگن تي بيهڻ لاءِ ورزشون ڪرائي ٿو. ڪڏهن ٽي ٽي ڏينهن بکيو رکي ٿو تہ ڪڏهن هن کي اڪيلي ڪمري ۾ بنا ڪپڙن جي فرحي نالي عورت جي اڳيان ڪري ڪلاڪن جا ڪلاڪ نفس تي ڪنٽرول لاءِ تربيت ڏيئي ٿو جنهن ۾ هي ڪامياب ٿي وڃي ٿو. ان کان پوءِ هن کي خوف تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قبرستان ۾ پوريل مردن جون هڏيون آڻڻ واري سکيا ڏيئي ٿوان ۾ بہ هيءُ ڪاميابي ماڻي ٿو. هوڏانهن من مهٽي فرحي هن کي پنهنجو دل ڏيئي ويهي ٿي. حسن بن صباح پنهنجي استاد کان پڇي ان سان عشق ڪري ٿو. اصل ۾ عبداملڪ ابن عطاش خفيہ منصوبي تي عمل ڪرائڻ لاءِ حسن بن صباح کي استعمال ڪرڻ چاهي ٿو. هن کي ٽريننگ ڏيئي جابلو علائقن ۾ قلعا ٺاهي حڪومت سان وڙهائڻ چاهي ٿو. ان خطرناڪ منصوبي جي تڪميل لاءِ هي حسن بن صباح کي خواب ڏياري ان ۾ هڪ بزرگ پوڙهي شخص کي آڻي حسن بن صباح کي پهاڙين علائقن ڏي وڃڻ لاءِ چوي ٿو. صبح جو ننڊ مان اٿڻ تي حسن بن صباح اهو خواب پنهنجي استاد کي ٻڌائي ٿو تہ ابن عطاش هن کي نقشا فراهم ڪري فرحي کي هن ساڻ ڪري پهاڙن طرف وڃڻ جو حڪم ڏيئي ٿو.

حسن بن صباح فرحيءَ سان گڏ پهاڙن طرف وڃي ٿو. هڪ موقعي تي فرحي هن کان جدا ٿي وڃي ٿي. ان کي ڳولي ڳولي جڏهن حسن بن صباح ٿڪجي پئي ٿو تہ پوءِ ڪاري علم ذريعي عمل ڪري ٿو ۽ نيٺ هڪ درويش وٽ پهچي وڃي ٿو جيڪو هن جي ذهانت کان متاثر هن کي فرحي واپس موٽائي ڏي ٿو ۽ هن کي ٻڌائي ٿو تہ سني حڪمران کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ هن کي پهاڙن ۾ موڪليو ويو آهي. هتي پهاڙن ۾ موجود قلعن کي ڪيس فتح ڪرڻو آهي. ان مقصد کي ماڻڻ لاءِ حسن بن صباح فرحيءَ کي غريب عورت زرين نالي سان بهروپ ڪري قلعي شاهدر جي سني امير ذاڪر کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ موڪلي ٿو جيڪو هن سان همدردي ڪري ٿو ۽ هن سان شادي ڪري ٿو. فرحي قلعي ۾ هن کي ڪير پيارڻ جو ڪم ڪري ٿي ۽ هيءَ احمد ابن عطاش کي پنهنجو همدرد ظاهر ڪري ذاڪر سان ملائي ٿي جيڪو هاڻي قلعي ۾ هر روز باقاعدي سان اچي رهيو آهي.

هاڻي اڳتي پڙهندا

اجازت ملي وئي ۽ احمد بن عطاش اڪثر ذاڪر جي گهر اچڻ وڃڻ شروع ڪيو. ذاڪر کي اهو شڪ بہ نہ ٿيو تہ احمد بن عطاش ڪٽر باطني آهي ۽ باطنيہ فرقي جو پيشوا ۽ هن فرقي جي زمين دوز تنظيم جو هڪ وڏو خطرناڪ ليڊر پڻ آهي. هو جنهن بستي ۾ رهندو هو، اتي هو باقاعده خطيب هو ۽ هر ڪو ماڻهو ڪيس اهل سنت جو سمجهندو هو.

تاريخ نويس ابوالقاسم رفيق دلاوري، تاريخ جي مختلف مورخن جي حوالي سان لکيو آهي، تہ هڪ طرف هڪ نوجوان ڇوڪري ذاڪر جي دل ۽ دماغ تي ڇانئجي ويئي تہ ٻئي طرف احمد بن عطاش مذهب جي پردي ۾ پنهنجي زبان جو جادو هلائڻ شروع ڪيو. ذاڪر هن کي ايترو تہ متاثر ڪيو جو سرڪاري معاملن ۾ بہ هن کان مشورا وٺڻ شروع ڪيا. زرين

کي خاص تربيت ڏني ويئي هئي، جنهن جي وسيلي هوءَ ذاڪر کي هيپناٽائيز ڪري رکندي هئي.

حقيقت ۾ زرين جو ذاڪر کي پاڻ رات جو ڪير ڏيڻ جي آڇ به سازش جي هڪ ڪڙي هئي. هوءَ ڪير ۾ روز رات جو ڪا شيءِ ملائي پيارينديِ هئي، جنهن جو فوري طور تي اثر ڪونه هو پر اندر ئي اندر اها پنهنجو اثر ڪري رهي هئي. هن دوا ۾ ڪجهه نشي جو اثر به هو. ذاڪر جي مذاج ۾ خوشگوار تبديلي اچي ويندي هئي. هڪ دفعي ذاڪر جي هڪ زال زرين کي ڪير ۾ دوا ملائيندي ڏسي ورتو. هن زرين کان پڇيو به، پر هن وڏي اعتماد سان انڪار ڪري ڇڏيو. ذاڪر جي زال ذاڪر کي ٻڌايو ته هن زرين کي ڪير ۾ ڪا نقصان واري شيءِ ملائيندي ڏٺو آهي. ذاڪر جو رد عمل اهو هو ته هن زال کي طلاق ته نه ڏني باقي، پاڻ کان بالڪل الڳ ڪري ڇڏيائين.

تن مهينن کانپوءِ ذاڪر بيمار رهڻ لڳو پر هو ٻڌائڻ کان قاصر هو ته هن کي بيماري ڇا آهي. آخر سندس حالت ايتري ته خراب ٿي ويئي جو ذاڪر هڪ قدم به هلڻ کان قاصر هو. هن جي بستري وٽ احمد بن عطاش ۽ زرين هر وقت موجود رهندا هئا. هن ڪيفيت ۾ مريض کي اهو شخص فرشتو لڳندو آهي، جيڪو سندس تيمارداري ڪري ۽ ڪيس اهو احساس ڏيارينديو هجي ته هو جلد ٺيڪ ٿي ويندو. آخر اهو وقت به اچي ويو جڏهن ذاڪر چيو ته هو هاڻي زنده رهي نه سگهندو. هن سلطان ملڪ شاهه جي نالي هڪ پيغام لکرايو. هن پيغام ۾ هن احمد بن عطاش جي دانشمندي ۽ علم و فضل جو ذڪر ڪيو. هن پيغام ۾ اهو به لکرايو ته هن جي آخري خواهش آهي ته احمد بن عطاش کي قلعي جو امير مقرر ڪيو وڃي. ذاڪر مرڻ گهڙي تائين احمد بن عطاش کي ٻُني سمجهندو رهيو. ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هن جو وصال ٿي ويو.

هن جي مرڻ جي اطلاع جڏهن سلطان ملڪ شاهه کي ملي ته هن پهريون حڪم جاري ڪيو ته احمد بن عطاش قلعي شاه در جو امير هوندو.

هن وقت تائين ڪافي باطني فرقي جي ماڻهن کي جيل ۾ وڌو ويو هو. سلجوقي ڇاڪاڻ ته اهل سنت وجماعت هئا، تنهن ڪري ڪين جيئن ئي خبر پوندي هئي ته فلاڻو شخص اسماعيلي يا باطني آهي ته ان کي جيل ۾ وجهي ڇڏيندا هئا. ان ڪري گهڻا باطني پاڻ کي سني سڏيندا هئا، پر خفيه طريقي سان خوفناڪ سازشون تيار ڪري رهيا هئا.

..........*

احمد بن عطاش امير قلعه ٺهڻ کانپوءِ پهريون ڪم هنن باطنين کي قيد سان آزاد ڪرڻ جو ڪيو. هن خفيه نموني باطنين کي قلعي جي اندر ورسائڻ جو ڪم شروع ڪيو. باطنين مٿان جيڪي پابنديون هيون، اهي ختم ڪيون ويون.

هن کانپوءِ هڪدم قافلا لتجڻ لڳا ۽ ڦرن جون وارداتون به وڌڻ لڳيون. وارداتن جو مقصد پيسو ڪٺو ڪرڻ هو.

هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿيندو ته احمد بن عطاش علم نجوم ۽ ڪاري علم

(جادوءَ جو علم) جو بہ ماهر هو. خطابت اهڙي جو ٻڌڻ وارن مٿان ڄڻ طلسم طاري ٿي پوندو هو.

هي هو قلعو شاهہ درا! جنهن ۾ حسن بن صباح، فرحي ۽ پنهنجي رهبر سان گڏ داخل ٿيو هو. رهبر کيس سڌو احمد بن عطاش جي گهر وٺي ويو.جيڪو هاڻي امير جو قلعو هو. هي گهر محل وانگي هو. احمد بن عطاش کي خبر ملي تہ ري شهر کان حسن بن صباح آيو آهي. هن کيس فورن گهرائي ورتو.

"نوجوان!" احمد بن عطاش حسن بن صباح کي پنهنجي سامهون ڏسي چيو"مون تنهنجون تمام گهڻيون تعريفون ٻڌيون آهن، اڄ آرام ڪر. سياڻي صبح توکي ٻڌايو ويندو تہ ڇا ڪرڻو آهي ۽ هينئر تائين ڇا ٿي چڪو آهي."

حسن بن صباح نوڙي سلام ڪيو ۽ ٻاهر نڪري آيو.

اهل سنت سلطان ملڪ شاهہ جي وهم و گمان ۾ بہ نہ هو تہ سندس سلطنت تي ابليس (شيطان) لهي آيو آهي.

حسن بن صباح آخر ان جڳهہ تي پهچي ويو جتان هن کي پنهنجي تاريخي سفر جو آغاز ڪرڻو هو. شيطان (ابليس) هن جو همسفر ۽ شيطان ئي سندس امير ڪاروان هو.حسن بن صباح هڪ انسان هو. اڪيلو انسان. سلاطين سلجوق جي سلطنت اسلاميہ جو هڪ فرد، جنهن جي حيثيت هڪ عام ماڻهو کان وڌيڪ ڪا نہ هئي. هو ڪنهن قبيلي جو سردار نہ هو هن وٽ ڪا فوج، ڪو لشڪر نہ هو. هن وٽ فقط هڪ طاقت هئي. اها هئي ابليسيت (شيطانيت). هن هڪ ماڻهو اسلام جي عمارت کي زلزلي جي لوڏن وانگي لوڏي ڇڏيو ۽ ثابت ڪيائين تہ ابليسي طاقتون، خدائي طاقت کي بہ چئلينج ڪري سگهن ٿيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ خدائي طاقت کي چئلينج ڪرڻ وارن جو انجام ڪيترو نہ ذلت وارو ۽ خوفناڪ ٿيو.

اڄ مسلمان شيطاني (ابليسي) طاقتن جي گهيري ۾ آهن. هنن جو قتل عام ٿي رهيو آهي. اسلام کي ختم ڪرڻ جا جتن ٿي رهيا آهن پر هي تہ اهو نور (روشني) آهي جنهن کي جيترو وسائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، اهو ايترو وڌيڪ روشن ٿيندو رسول اڪرم صلي الله عليہ وسلم جي هن دنيا مان پردي ڪرڻ کانپوءِ نبوت جا گهڻا ئي دعويدار پيدا ٿيا. ڪي وري سندن زندگيءَ ۾ ئي موجود هئا. هنن سيني ۾ جنهن وڌيڪ شهرت حاصل ڪئي، اهو هو مسليمہ بن ڪذاب (هن جو اصل نالو رحمان يمام هو) پر تاريخ ۾ هي مسليمہ ڪذاب جي نالي سان مشهور ٿيو ڇاڪاڻ تہ هي ڪوڙ ڳالهائڻ ۾ يڪتا هو. هن حضور صلعم جي خدمت ۾ هڪ خط لکيو تہ هو نبوت ۾ سندن برابر جو شريڪ آهي ۽ عربستان جي زمين ۾ بہ اڌ جو ڀائيوار آهي.

تاريخ ۾ آهي تہ جڏهن هي خط حضور صلعم وٽ پهتو تہ پاڻ صلي الله وسلم قاصد کي چيو تہ، "جيڪڏهن قاصد جو قتل جائز هجي ها تہ مان توکي قتل ڪري ڇڏيان ها." ان کانپوءِ هي لفظ مسلمانن لاءِ قانون بڻجي ويا. ڪڏهن بہ

ڪنهن قاصد يا ايلچي مسلمانن حڪمرانن آڏو ڪا بدتميزي ڪئي تہ انهن کي معاف ڪيو ويندو هو. اهڙي نبوت جي دعويدار هڪ عورت بہ هئي. سندس نالو سجاح بنت حارث هو. سجاح بنت حارث تہ آخر ۾ ايمان آندو پر مسليمہ ڪذاب آخر ۾ "وحشي" نالي شخص هٿان قتل ٿيو. اهو انجام ٿيو ڪوڙن نبين جو. انسان جڏهن پنهنجي ڪردار ۾ شيطاني خاصيتون پيدا ڪندو آهي تہ خدا کيس انجام کان بيخبر ڪري ڇڏيندو آهي. کيس سزا لاءِ فرشتا نہ لهندا آهن. هي ماڻهو پنهنجي انجام ڏانهن پنهنجي قدمن سان ويندا آهن. پر ڪو بہ عبرت حاصل نٿو ڪري.

حسن بن صباح بہ پنهنجي ذهن ۽ دل ۾ نبوت جي عزم جي پرورش ڪري رهيو هو.

"اسان کي مصر جي عبيدين جي مدد وٺڻي پوندي." قلعہ شاهہ در ۾ احمدبن عطاش حسن بن صباح کي چئي رهيو هو "پر اهو يقين ڪرڻ ضروري آهي تہ هو اسان جي مدد ڪندا بہ يا نہ."

"ڇو نہ ڪندا؟" حسن بن صباح چيو "هو اسان جي فرقي جا آهن."

"ڪجهہ شڪ واري ڳالهہ آهي،" ابن عطاش چيو "هڪ تہ اها خبر وٺڻي تہ هو اسماعيلي بہ آهن يا نہ. خبر پئي آهي تہ ظاهري طور هو اسماعيلي آهن پر اندران هو پنهنجو ڪو نظريو رکن ٿا."

"جيڪڏهن اها خبر وٺڻي آهي تہ مون کي مصر وڃڻو پوندو." حسن بن صباح چيو.

"ها حسن،" ابن عطاش چيو "مان توکي مصر موڪليندس. اسان جو پهريون مقصد اهل سنت جو تختو اونڌو ڪرڻو آهي. سلجوقين جو خاتمو ضروري آهي."

حسن بن صباح ابن عطاش کان پڇيو تہ استاد محترم عبيدين متعلق ٻڌايو.

تاريخ ۾ عبيديت جي باري ۾ آيو آهي تہ هي فتنو ٽين صدي هجري ۾ اٿيو. هيءَ اسماعيلن جي شاخ هئي، پر حقيقت ۾ هي باطني فرقو هو. هنن جي مذهبي پيشوائن ۾ بہ شيطاني خاصيتون موجود هيون. عبيدي فرقي جو باني عبيدا هو جنهن جي باري ۾ يقين سان نٿو چئي سگهجي تہ هو اصل ڪٿان جو رهاڪو هو. ڪجهہ مورخن لکيو آهي تہ هو ڪوفہ جو رهاڪو هو. ڪن لکيو آهي تہ هو حمص جي علائقي جي هڪ ڳوٺ مسلميہ جو رهاڪو هو. سندس پيءُ جو نالو حبيب هو. هنن پنهنجي پٽ اندر ابليسي اوصاف محسوس ڪيا. هن اعلان ڪيو تہ هن جو پٽ مهدي آخرالزمان آهي. هي هڪ وڏي داستان آهي تہ عبيدالله ۽ سندس پيءُ ڪهڙا ڪهڙا رنگ رچايا ۽ اهڙي نموني سندن پيروڪارن جي تعداد وڌندي ويئي. عبيدالله 270 هجري ۾ مهديت جو اعلان ڪيو هو. هن پنهنجي فرقي کي فرقہ مهديہ جو نالو ڏنو هو. 872 هجري ۾ حج ڪيو ۽ پنهنجي مهدي هجڻ جو اعلان اهڙي انداز ۾ ڪيو جو بنو ڪنانہ جي سڄي قبيلي کيس امام مهدي تسليم ڪيو.

سندس پيءُ حبيب پنهنجي پٽ کي مهدي تسليم ڪرائڻ لاءِ قبيلن جي

سردارن کي خوبصورت ڇوڪرين ۽ سون چاندي ذريعي بہ ترغيب ڏني هئي. جڏهن هن فرقي جو تعداد وڌندو ويو تڏهن هنن خفيہ ۽ پراسرار نموني قتل ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو. قتل عام صرف اهل سنت جي علماءَ جو ڪيو ويندو هو چاڪاڻ تہ مخالفت بہ اهل سنت جي طرفان گهٽي ٿيندي هئي. تاريخ الخلفا ۾ آيل آهي تہ هڪ دفعي هڪ شخص ابن طباطبا علوي عبيدالله سان ملڻ آيو. عبيدالله درٻار سجائي ويٺو هو.

"اي عبيدالله،" علوي چيو "مان توکي مهدي آخرالزمان تسليم ڪندس، جيڪڏهن تون پنهنجو حسب ۽ نسب ٻڌائين؟"

عبيدالله پنهنجي تلوار مياڻ مان ڪڍي ۽ چيو "هي آهي منهنجو نسب." ۽ وري اشرفين جي ٿيلهي درٻارين ڏانهن اڇلائي ۽ چيائين" ۽ هي آهي منهنجو حسب." درٻاري اشرفين تي ڪري پيا ۽ طباطبا علوي خاموشيءَ سان ٻاهر هليو ويو. هيءَ هئي عبيدالله جي ڪاميابي جي اصل وجہ. هن کان علاوه هن جا ڪجهہ عقيدا هئا تہ هڪ ماڻهو هڪ وقت ارڙهن عورتن سان شادي ڪري سگهي ٿو. هن جو هي عقيدو بہ هو تہ حڪومت جو سربراهہ ۽ امام گناهن کان پاڪ هوندو آهي. هو ڪنهن عورت لاءِ چوي تہ هوءَ فلاڻي جي زال ٻڌجي وئي آهي. ان عورت تي فرض ٿي ويندو هو تہ هوءَ ان شخص جي زال ٿي وڃي. ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري جمع ڪرڻ لاءِ هن اهڙا ڪيئي عقيدا تخليق ڪيا هئا. عبيدالله جي پيءُ حبيب خيال ڪيو تہ حڪومت سنڀالڻ لاءِ هڪ هوشيار ۽ ذهين ماڻهو هئڻ ضروري آهي. هن کي عبيدالله جي پيروڪارن ۾ هڪ ماڻهو نظر آيو جيڪو تمام چالاڪ ۽ ذهين هو. هن جو نالو ابو عبدالله هو. محمد حبيب هن کي پاڻ سان گڏ رکيو. تربيت ڏنائين. پوءِ ڪيس ٻڌايو تہ هن جو اصل مقصد ڇا آهي. يعني هڪ حڪومت قائم ڪرڻ. ابو عبدالله پنهنجي هڪ ياءُ ابو عباس کي بہ پاڻ سان وٺي آيو. حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ هنن کي اتر افريقا بهترين جڳهہ نظر آئي. هن علائقي ۾ بربر آباد هئا. بر بر اعتماد جي لحاظ سان ڪمزور هئا ۽ جنگجو پڻ هئا. ابو عبدالله ۽ ابو عباس ٻئي ڀائر اتر افريقا روانا ٿيا. هنن اُتي جي ماڻهن کي لالچ ڏئي هڪ فوج تيار ڪئي. اتي جا ماڻهو مال غنيمت جي لالچ ۾ هنن سان گڏ ٿي ويا. اهڙي نموني اتر افريقا ۾ هنن پنهنجي سلطنت قائم ڪئي.

عبيدالله بہ اتر افريقا پهچي ويو. هيءَ شخص مڪمل ابليس بڻجي چڪو هو. هن سلطنت تي قبضو ڪري ورتو ۽ اتي جو حاڪم بڻجي ويو. ٻئي ڀائر ابو عبدالله ۽ ابو عباس هنن جا مخالف ٿي ويا. ابو عباس تہ ڪلي نموني چوڻ شروع ڪيو تہ عبيدالله مهدي نہ آهي. اُتي موجود هڪ شخص جيڪو شيخ المشائخ هو تنهن عبيدالله کي چيو تہ جيڪڏهن هُو مهدي آهي تہ ڪو معجزو ڏيکاري. عبيدالله پنهنجي تلوار ڪڍي ۽ اُن عالم دين جي ڳچي ڪپي ڇڏي. ابو عبدالله ۽ ابو عباس هڪ منصوبو ٺاهيو تہ عبيدالله کي قتل

ڪرڻ ڪپي. جنهن محفل ۾ هي منصوبو ٺهيو اُتي عبيدالله جا جاسوس به موجود هئا. اهو فيصلو هڪ وڏي طاقتور شخص ابوزاڪي جي گهر ۾ ٿيو هو.

عبيدالله ابو زاڪي کي طرابلس جو گورنر بنائي موڪليوءِ ڪجهه ماڻهو پڻ موڪليا. هنن کي چيو ويو ته جڏهن ابو زاڪي پنهنجي گهر ۾ ستل هجي ته ڪيس قتل ڪيو وڃي. ابو زاڪي گورنر هو. هن جي خيال ۾ خواب ۾ به ڪو نه هو ته عبيدالله، جنهن ڪيس گورنر ٺاهي موڪليو آهي، ڪيس قتل ڪرائيندو. عبيدالله جي حڪم جي تعميل ٿي. محافظ دستي مان هڪ شخص هن جي ڪمري ۾ ويو ۽ سندس سسي لاهي ڇڏيائين. سندس سسي عبيدالله ڏانهن موڪلي ويئي.

ان کان پوءِ عبيدالله ٻنهي پائرن کي، جن هي سلطنت قائم ڪئي هئي، قتل ڪرائي ڇڏيو. عبيدالله پنهنجي بيعت لاءِ هر طرف ماڻهو موڪلي ڇڏيا. گهٽ ماڻهن سندس بعيت قبول ڪئي. مخالفت وڌي ويئي. عبيدالله ماڻهن کي قتل ڪرائڻ شروع ڪيو جن ۾ اهل سنت جي اڪثريت هئي. جنهن گهر متعلق خبر پوندي هئي ته هي اهل سنت جو گهر آهي، ان گهر جا سڀ ماڻهو قتل ڪيا ويندا هئا. عبيدالله طاقت حاصل ڪري مصر تي حملو ڪيو. پهرين حملي ۾ ست هزار عبيدي ماريا ويا، پر عبيدالله همت نه هاري، ٻئي دفعي سندس لشڪر ۾ اهڙي وبا ڦهلجي وئي جو ماڻهو ۽ گهوڙا ٻئي مرڻ لڳا. نيٺ آخر 356 هجري ۾ هن مصر فتح ڪري ورتو. مصر جي وڏي شهر قاهره جي بنياد عبيدالله ئي رکي هئي.

عبيدا ته مري ويو پر سندس خاندان 567 هجري تائين مصر تي حڪومت ڪندو رهيو. هتي اهو ضروري محسوس ٿئي ٿو ته هڪ ٻئي فرقي يا فتني جو ذڪر ڪجي. ڇاڪاڻ ته مسلمانن جي تاريخ ۾ فرقا پرستي جيڪا تباهي آندي آهي. ان ڪري اج جي دور ۾ اهو ضروري آهي ته اسان کي خبر پوي ته ڇاهي ماضي هجي يا حال، مسلمانن کي فرقه پرستي مان وڏو نقصان پهتو آهي.

هن فرقي جو نالو قرامطي هو. هن فرقي جو باني طاهر سليمان قرامطي هو. هن ۾ حسن بن صباح واريون خاصيتون موجود هيون. هن جي پيءُ کي هڪ خادم قتل ڪيو. هن يعني طاهر پنهنجي وڏي ڀاءُ تي ظلم ڪري پنهنجي پيءُ جو جانشين بڻجي ويو. هن خاندان جي هڪ سلطنت هئي، جيڪا طائف، بحرين ۽ هجر جهڙن اهم علائقن کي مشتمل هئي. ابو طاهر قرامطي نبوت جو اعلان ڪري ڇڏيو. هن شخص لاءِ تاريخدانن لکيو آهي ته هي شخص تاتارين ۽ عبيدالله کان به وڌيڪ اسلام ۽ اهل سنت جو مخالف ثابت ٿيو.

ڏهه سالن تائين ابو طاهر نبوت جي تبليغ ڪندو ۽ فوج تيار ڪندو رهيو. هن جو ارادو بصره تي قبضو ڪرڻ جو هو. هڪ رات هڪ هزار ست سئو سپاهين سان هن بصره تي حملو ڪيو. سڄي رات هن شهر ۾ قتل و غارت ۽ لٽ مار ڪئي ۽ بصره شهر ۾ رت جو درياءَ وهائي واپس پنهنجي شهر هجر هليو ويو.

انهيءَ سال ابو طاهر حاجين کي لٽڻ شروع ڪيو. قرامطي نہ فقط لٽيندا هئا پر قتل پڻ ڪندا هئا. اهڙي طرح هزارها حاجي قتل ٿي ويا.

خليفہ وقت قرامطين کي دٻائڻ لاءِ لشڪر موڪليا پر قرامطي ايترا طاقتور ٿي چڪا هئا جو خليفہ جي هر لشڪر کي شڪست ڏني ۽ شهرن ۾ داخل ٿي قتل عام ڪندا رهيا. قرامطين جي جانثاري جو سبب اهو هو تہ ابو طاهر سڄو مال غنيمت هنن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. جيڪي عورتون هٿ ايندیون هيون، هنن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. شراب پيئڻ جي اجازت هئي. قرامطي پاڻ کي اهل اسلام چورائيندا هئا ۽ ابو طاهر پاڻ کي نبي.

مسلمانن يعني خلافت جي ڪمزوري اها هئي هو خلافت راشده وانگر دين دار نہ هئا. خلافت بادشاهت بڻجي چڪي هئي. خلافت جي لشڪر ۾ خلافت راشده وارو جذبو ۽ خدا جي راهہ ۾ شوق شهادت ڪو نہ هو. هڪ وقت هو تہ مجاهدن جي چاليهہ هزار جي لشڪر باه جي پوجا ڪندڙن جي هڪ لک ويهہ هزار فوج کي شڪست ڏني، پر هاڻي خليفہ جا ڏهہ هزار فوجي هڪ هزار قرمطين کي شڪست نہ پئي ڏيئي سگهيا. ابليسي (شيطاني) طاقتون اسلام کي مٽائڻ لاءِ طوفان وانگر اٿي چڪيون هيون. هتي بہ شيطان جو رقص جاري هو.

ابو طاهر هجر شهر کي پنهنجي گاديءَ جو هنڌ ٺاهيو. اُتي هڪ وڏي عاليشان مسجد ٺهرائي. هن مسجد جو نالو دارالجرات رکيو ويو. جڏهن مسجد مڪمل ٿي تہ ابو طاهر قرمطي مسجد ڏسڻ آيو.

"منهنجا قرامطيو" هن منبر تي اعلان ڪيو "اصل اسلام جا علم بردار توهان آيو. اهي مسلمان نہ آهن، جيڪي قرامطي نہ آهن ۽ مون کي نبي نٿا مڃن. خدا مون کي حڪم ڏنو آهي تہ هاڻي حج مڪي ۾ نہ پر هتي هجر شهر ۾ ٿيندو. ان لاءِ ضروري آهي تہ حجراسود مڪي مان آڻي هن مسجد ۾ رکيو وڃي."

"اسان تنهنجا شيدائي آهيون،" هڪ ماڻهو اٿي چيو "اسان کي ٻڌائي تہ اهو پٿر ڪيئن آڻجي. اهل سنت اسان کي اهو آڻڻ نہ ڏيندا. پوءِ اسان ڇا ڪيون؟"

"ڇا توهان جون تلوارون مڏيون ٿي ويون آهن،" ابوطاهر چيو "اسان هر هنڌ اهل سنت جو رت وهايو آهي تہ پوءِ ڇا توهان خانہ ڪعبہ ۾ هنن منڪرن جو رت نہ وهائيندا؟"

"اسان هن سال حج تي ويندا سين ۽ خانہ ڪعبہ جي اها حالت ڪندا سين جو اهل سنت ڪڏهن بہ مڪي ڏانهن نهاريندا بہ نہ."

319 هجري ۾ ابو طاهر قرامطي مڪي پهتو. حاجي پهچي چڪا هئا ۽ بيت الله جو طواف ڪري رهيا هئا. ڪجهہ نماز پڙهي رهيا هئا. ابو طاهر گهوڙي تي سوار تلوار هٿ ۾ ڪڻي مسجد الحرام ۾ داخل ٿيو. هن شراب گهرايو ۽ گهوڙي تي ويهي شراب پيتو.

تاريخ ۾ آهي تہ جڏهن هو گهوڙي تي ويهي شراب پيءَ رهيو هو تہ هن جي گهوڙي مسجد ۾ پيشاب ڪري ڇڏيو.

"ڏٺو توهان،" ابو طاهر وڏو ٺهڪ

ڏيندي چيو" منهنجو گهوڙو به مون کي ۽ منهنجي عقيدي کي سمجهي ٿو."

مسجد حرام ۾ ڪجهه نمازي موجود هئا.شور شروع ٿي ويو.ٻئي پاسي کان حاجي ڊوڙندا آيا.اهي سڀ احرام ۾ هئا ۽هٿيارن کانسواءِ هئا.قرامطين قتل عام شروع ڪري ڏنو.

هتان ابو طاهر خانه ڪعبه ۾ ويو.اتي به حاجين جو قتل عام شروع ٿي ويو.ابو طاهر جي حڪم سان خانه ڪعبه جو دورازو ڪڍيو ويو.

"مان خدا آهيان." ابو طاهر جيڪو گهوڙي تي سوار هو.اعلان ڪيو.

ڪعبي شريف جي مٿان سون جو ميراب نصب هو.ابوطاهر حڪم ڪيو ته اهو لاهي منهنجي گهوڙي جي قدمن ۾رکيو وڃي.هڪ قرامطي ڪعبي معلي تي چڙهيو.تاريخ ۾ هڪ شخص محمد بن ربيعه بن سليمان جو نالو آيو آهي،جيڪو اُتي موجود هو ۽ جنهن پوءِ مسلمانن کي اهو واقعو ٻڌايو.

محمد بن دبيع چيو ته جڏهن هن قرامطي کي مٿي چڙهندي ڏٺو ته آسمان ڏانهن پنهنجو هٿ کڻي چيائين،"يا الله تنهنجي بردباري جي ڪا حد نه آهي.ڇا تنهنجي ذات باري هن شخص کي به بخش ڪندي؟" محمد بن ربيع جي چوڻ مطابق اهو شخص مٿان ڪريو ۽ مري ويو.

ابو طاهر ڪاوڙ ۾ ٻئي قرمطي کي چيو.اهو به مٿي چڙهيو ۽ مٿان اچي هيٺ ڪريو ۽ مري ويو.ابو طاهر هاڻي سخت ڪاوڙ ۾ اچي ويو ۽ ٽئين شخص کي حڪم ڪيو ته هو مٿي وڃي.تاريخ دانن لکيو آهي ته هو شخص ايترو ته ڊڄي ويو ۽ ڏڪڻ لڳو ۽ آخرڪار هڪ پاسي ڀڄي ويو.

ابو طاهر تي خاموشي ڇانئجي ويئي.لڳو پئي ته هن جي سوچ ۾ ڪجهه فرق آيو هو پر شيطانيت جو اثر ايترو وڌيڪ هو جو هن ڪاوڙ ۾ حڪم ڪيو ته ڪعبي جي غلاف جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا وڃن.

قرامطي غلاف ڪعبي تي ٽٽي پيا ۽ ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري سڄي لشڪر ۾ ورهائي ڇڏيائون. آخرڪار ابو طاهر ڪعبي شريف جو سڄو خزانو لٽي ۽ حجراسود کڻي هجر شهر ڏانهن روانو ٿيو.هي واقعو 317 هجري جو آهي.

ابو طاهر مڪي ۾ ڇهه ڏينهن رهيو.ڪجهه تاريخدان لکن ٿا ته يارنهن ڏينهن اتي رهيو.هي اهو دور هو جڏهن مصر ۾ عبيدالله جي حڪومت هئي.هو پاڻ کي مهدي سڏائيندو هو.هي هن جي عروج جو زمانو هو.عجب ڳالهه آهي ته ابو طاهر به هن جي مهدي هجڻ جي دعويٰ کي تسليم ڪندو هو.شايد هن جي طاقت کان ڊڄندو هو.

ابو طاهر حجراسود پنهنجي مسجد الجرت ۾ رکيو ۽ عبيدالله کي پيغام موڪليائين ته "هن حڪم ڪيو آهي ته خطبي ۾ توهان جو نالو ورتو وڃي." هن پيغام ۾ عبيدالله سان وڏي عقيدت جو اظهار ڪيو ۽ لکيائين ته مڪي ۾ هن اهلِ سنت جو رت وهايو ۽ ڪعبي ۾ رت جون ندين وهايون آهن. هن پنهنجي پيغام ۾ اهل سنت کي اهل فساد ۽ اهل ذلت لکيو.

هن کي اميد هئي تہ عبيدالله هن جي پيغام مان ڏاڍو خوش ٿيندو پر جڏهن قاصد پيغام جو جواب ڪٽي آيو تہ ابو طاهر حيران ٿي ويو.عبيدالله لکيو هو تہ "تون چاهين ٿو تہ مان تنهنجي انهن برن ڪمن تي توکي شاباس ڏيان تہ تو خانہ ڪعبہ جي توهين ڪئي آهي.حاجين جو خون وهايو آهي. تو اهو بہ نہ سوچيو تہ حجراسود خدا جي امانت آهي.جماعت عبيديہ تو تي ڪفر جو فتوو هنيو آهي."

ابو طاهر پيغام پڙهي باهہ ٿي ويو ۽ اعلان ڪيائين تہ ڪو بہ قرامطي عبيدالله کي مهدي آخرالزمان نہ مڃي.

..........*

پورا ڏهہ سال 317 هجري کان 327 هجري تائين حج نہ ٿيو. ڪو بہ حج تي نہ ويو.هڪ تہ ماڻهو قرامطين کان ڊنل هئا، ٻيو تہ حجراسود بہ موجود ڪونہ هو.

هڪ شخص ابو علي بن يحيٰ علوي، ابو طاهر جو دوست هو. هڪ ڏينهن ابو طاهر کي صلاح ڏني تہ ڏهہ سالن کان حج بند آهي.تنهنجي ظلم جي سبب مسلمان حج تي نٿا اچن. ماڻهو تنهنجي خلاف ٿي رهيا آهن.تون اعلان ڪر تہ جيڪو بہ پنج دينار في اٺ محصول ڏيندو،ان جي حفاظت جو ذمو ابو طاهر کڻندو.

ابو طاهر کي اها ڳالهہ وڻي.هن ڏٺو تہ ڪيس دولت بہ ملي پئي ۽ سندس ساک بہ وري قائم ٿيندي،سو هن اهو اعلان ڪرايو تہ آئيندہ حج تي ڪا بہ روڪ نہ ٿيندي ۽ امن هوندو ۽ هن محصول جو اعلان بہ ڪيو. ابن خلدون لکيو آهي تہ خليفہ وقت حاجب بن ياقوت بہ ابوطاهر کي لکيو تہ حاجين تي ظلم نہ ڪر ۽ حجراسود واپس ڪري ڇڏ. ان جي عيوض خليفہ فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪو علائقو تنهنجي قبضي ۾ آهي، تنهنجو رهندو ۽ خلافت توکي پنهنجو دشمن نہ سمجهندي.

ابوطاهر حج جي اجازت نہ ڏني پر حجراسود واپس ڪرڻ کان انڪار ڪيو.خلافت ايتري تہ ڪمزور هئي جو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهي. آخرڪار ٻيو خليفو مطيع باالله جڏهن خلافت تي آيو تہ هن ٽيهہ هزار دينار ابوطاهر کي پيش ڪيا. ابو طاهر اهو سودو قبول ڪيو.ان جو ٻيو سبب اهو هو تہ حجراسود هجڻ جي باوجود ڪو بہ ماڻهو هجر شهر حج لاءِ ڪونہ آيو هو.

10 محرم 339 هجري تي ابو طاهر جو هڪ ماڻهو جنهن جو نالو تبسيرين حسين قرامطي هو.حجر اسود کڻي مڪي شريف پهتو.حجر اسود 22سال ابو طاهر جي قبضي هيٺ رهيو.چون ٿا تہ جڏهن حجراسود مڪي کان هجر شهر ڏانهن کنيو ويو هو تہ چاليهہ اٺ هن جي وزن ڪري مري ويا هئا،يعني ٿوري ٿوري فاصلي تي اٺ وزن ڪري ڪري ٿي پيا. جڏهن هجر شهر کان حجراسود مڪي شريف ڏانهن آندو ويو تہ فقط هڪ اٺ تي آندو ويو.هن مان اندازو ٿئي ٿو تہ الله جي نظر ۾ هن پٿر جي اهميت ڪيتري نہ وڌيڪ هئي.

خدا ابو طاهر کي ڊگهو رسو ڏنو هو.حجر اسود جي موٽڻ کانپوءِ اهو رسو ختم ٿي ويو.هيڏانهن حجراسود مڪي

شريف پهتو. هوڏانهن ابو طاهر ماتا جي مرض ۾ وڪوڙجي ويو. هن جي حالت ڏسي ڪو به هن وٽ نه ويندو هو. آخر ڪار رڙيون ڪندي ۽ تڙپندي اڪيلائي ۾ هن ساهه ڏنو. ڪيترائي قرامطي اهو ڏسي واپس اهل سنت ۾ اچي ويا.

اج به دنيا ۾ ڪٿي ڪٿي قرامطي ملن ٿا. ڪنهن وقت ملتان کي هنن مرڪز ٺاهيو هو. محمود غزنوي جڏهن ملتان تي چڙهائي ڪئي ته سندس مقابلي ۾ قرامطي به آيا. محمد غزنوي آيو ته هندن سان مقابلو ڪرڻ پر جڏهن ڪيس خبر پئي ته هتي ملتان ۾ قرامطي وڏي تعداد ۾ آباد آهن ته هو پاڻ هڪ سپاهي وانگر هنن جي خلاف وڙهيو. ملتان جي گهٽين ۾ مينهن جي پاڻي وانگر رت وهيو. محمود غزنوي هنن کي بالڪل ختم ڪري ڇڏيو. ان ڪانپوءِ ملتان ۾ وري قرامطي ڪڏهن نه اپري سگهيا.

..........*

حسن بن صباح شاهه دور قلعي ۾ احمد بن عطاش وٽ ويٺو هو. احمد بن عطاش ڪيس ٻڌايو ته هن قلعي تي ڪيئن قبضو ڪيو.

"پرحسن،" احمد بن عطاش چيو "ماڻهو چوندا هوندا ته احمد وڏو فريبي آهي جو قلعي جو والي بڻجي ويو آهي. پر مان چوان ٿو ته جيڪا طاقت تو ۾ آهي اها مون ۾ نه آهي. تون انهن ماڻهن مان آهين جن کي خدا هڪ خاص طاقت ڏيئي موڪليندو آهي. مون توکي عبيدالله جي ڳالهه ٻڌائي. هن وٽ ڪجهه به نه هو. فقط هڪ پيءَ جي پٽ هئي. ڏس هو مصر جو حاڪم ٿيو ۽ اڄ به مصر عبيدين جي قبضي ۾ آهي. ابو طاهر قرامطي بيوقوف ماڻهو هو. پنهنجي عقل جي حد کان اڳتي هليو ويو هو."

"استاد محترم" حسن چيو "اهو ته مان ڄاڻان ٿو ته مون ۾ ڪا قوت موجود آهي پر مان رهنمائي چاهيان ٿو ته جيئن مون کي خبر پوي ته اها طاقت ڇا آهي ۽ ڪيئن استعمال ڪبي."

"اها طاقت تون پاڻ سان گڏ ڪٽي آيو آهين." احمد بن عطاش چيو.

"اهو ته مان ڄاڻان ٿو" حسن بن صباح چيو" اها منهنجي اندر موجود آهي."

"حسن،" احمد بن عطاش چيو "مان تنهنجي اندر جي طاقت جي ڳالهه نٿو ڪيان. مان ان چوڪريءَ جي ڳالهه ڪريان ٿو جيڪا توسان گڏ آئي آهي. ڇا نالو اٿس. فرحي. ڇا تو اهو محسوس نه ڪيو آهي ته تون هن کان سواءِ هڪ قدم به نٿو هلي سگهين؟"

"ها استاد محترم مان هن چوڪري کانسواءِ نٿو رهي سگهان."

"چوندا آهن ته عورت مرد جي وڏي ڪمزوري آهي،" احمد بن عطاش چيو "اهي غلط نٿا چون. حسين عورت وڏي طاقت آهي. دلڪش عورت هڪ نشو آهي. عورت جي دلربائي پٿردل بادشاهن جا تخت اونڌا ڪيا آهن. تون اها طاقت استعمال ڪندين."

مون توکي سجاح بن حارث ۽ مسليمه جي ڪهاڻي ٻڌائي آهي. سجاح هيڏو وڏو لشڪر ڪيئن ٺاهيوان ڪيترن

قبيلن جي سردارن کي پنهنجو پيروڪار ٺاهيو هو.فقط ان لاءِ تہ هوءَ هڪ حسين عورت هئي.هوءَ نشو بڻجي ماڻهوءَ کي طاري ٿي ويندي هئي."

"مگر استاد محترم" حسن بن صباح کلندي چيو"پر هوءَ ٽہ هڪ مرد کان مار کائي ويئي هئي."

"نہ حسن،" احمد بن عطاش چيو"مسليمہ هن کي ٽن ڏينهن تائين زال بڻائي پنهنجي خيمي ۾ رکيو هو.اها هن جي وڏي ڪمزوري هئي.جيڪڏهن غور ڪرين تہ ان ڪانپوءِ مسليمہ جو زوال شروع ٿيو هو.مان توکي اهي طريقا ٻڌائيندس، جنهن وسيلي توکي ان طاقت کان پاڻ کي بچائڻو آهي ۽ ڪيئن استعمال ڪرڻو آهي."

"ڇا توهان مون کي علم سحر (ڪارو علم) بہ سيکاريندا؟"

"ها." احمد بن عطاش چيو "هي علم تہ مون کي سيکارڻوئي آهي پر حسن علم سحر کان علاوه ٻيا بہ ڪجهہ پراسرار علم آهن.جيڪڏهن تون انهن مان ڪنهن هڪ علم جو ماهر ٿي وڃين تہ معجزا ڏيکاري سگهين ٿو.پر پروسو توکي انهيءَ طاقت تي ڪرڻو آهي، جيڪا تنهنجي اندر آهي.پنهنجي شيطاني قوتن کي جاڳائي. پوءِ ڏس تہ ڪيئن معجزا ٿين ٿا، پر في الحال اسان کي هڪ ٻي طاقت جي ضرورت آهي.هن علائقي ۾ جيڪي ننڍا وڏا قلعا آهن انهن تي قبضو ڪرڻو آهي. مان توکي ڪجهہ تربيت ڏيندس. هن تربيت وسيلي توکي سلجوقين جي حڪومت ۾ داخل ٿيڻو آهي ۽ اتي پنهنجا هم خيال ٺاهڻا آهن. جيئن اسان سلجوقين جون پاڙون ڪٽي ڇڏيون".

..........*

تربيت جي دوران فرحي ڪجهہ شرمايل شرمايل پئي لڳي.

"ڏس ڇوڪري،" احمد بن عطاش فرحيءَ کي چيو"اسان توکي هر مرد جو راندڪو تہ ٺاهيندا سين.ٿوروسوچ، گل ٻوٽي سان جڏهن گڏ هوندو آهي، تڏهن نہ ڄاڻ ڪيترائي ماڻهو هن گل کي سونگهيندا آهن پر گل جي خوشبو ۽ تازگي ختم نہ ٿيندي آهي.اسان توکي اهڙو ئي گل ٺاهڻ چاهيون ٿا.اسان ڪڏهن بہ توکي ان گل وانگر نہ بنائيندا سين، جيڪو پنهنجي شاخ کان ٽٽل هجي.شاخ کان نڪتل گل ڪومائجي ويندو آهي.مان توکي اهڙا طريقا ٻڌائيندس، جنهن جي وسيلي تون شاخ سان گڏ بہ رهندئ ۽ تنهنجي تازگي ۽ خوشبو هميشہ زندهہ رهندي."

..........*

اسلام جو قافلو چار صدين کان مٿي جو سفر پورو ڪري چڪو هو. هن قافلي صحرا، بيابان ۽ رت جا درياهہ پار ڪيا هئا.وڏا جبل جاڳيا هئا، هن قافلي تيرن ۽ برڇين جي وسڪاري ۾ طلسمات جي سمنڊن ۾ پنهنجا گهوڙا ڊوڙايا هئا ۽ ڪفر جي پوڄارين هن قافلي جي مرد مجاهدن جي قدمن ۾ پنهنجون سلطنتون رکي ڇڏيون هيون.

هن قافلي تيز وتند طوفانن جا منهن موڙي ڇڏيا هئا پر ڪوڙن نبين ۽ مرتدن ايڏو تہ زبردست واچوڙو آندو هو جو هاڻي

هي قافلو ٽٽڻ ۽ وکرجڻ لڳو. حسن بن صباح هن زبردست طوفان ۽ واچوڙي جو اول دستو هو.هي خطرو ڏينهون ڏينهن وڌندو پئي ويو. ڪير ٿي ٻڌائي سگهيو ته اچڻ وارو وقت ڪنهن جي عروج ۽ ڪنهن جي زوال جي داستان ٻڌائيندو.

..........*

ثواب ۽ گناه جي هي داستان هاڻي قلعي شاه در تي اچي پهتي هئي.هن قلعي کي احمد بن عطاش نالي هڪ اسماعيلي هڪ حسين ۽ خوبصورت ڇوڪري وسيلي فتح ڪيو هو.قلعا فوجون فتح ڪنديون آهن.قلعن تي حملا ٿيندا آهن.قلعن تي گهيرائو ٿيندا آهن.خون ريزيون ٿينديون آهن. رت جا درياءَ وهائي قلعن تي قبضا ٿيندا آهن پر قلعو شاهه در هڪ ڇوڪري نهايت پياري انداز ۾ قلعي جي واليءَ جي زال بڻجي فتح ڪيو هو. قلعو شاه در هاڻي احمد بن عطاش جي قبضي هيٺ هو. هن حسن بن صباح ۽ فرحيءَ کي تربيت ڏيڻ شروع ڪئي.هتي تربيت زمين دوز ڪارروائين لاءِ ڪارآمد هئي.هنن جو اصل مقصد هو ته اسلام کي نالي وارو اسلام رهڻ ڏنو وڃي، پر حقيقت ۾ هن الله جي دين جي اصل روح کي پنهنجي نظرياتن ۽ نفسياتي خواهشن جي سانچي ۾ بدلائي ڇڏجي. هيءَ هڪ اهڙي جنگ هئي،جيڪا هنن کي زمين جي هيٺ وڃي وڙهڻي هئي.ڪنهن عمارت کي ڪيرائڻو هجي ته ان کي مٿان کان ناهي ٽوڙبو عمارت جي بنيادن کي تباهه ڪبو آهي.اسلام جي هن شاندار عمارت کي ڍاهڻ لاءِ به هنن ساڳيو طريقو اختيار ڪيو هو. جنگ ۾ هٿيارن جي ايتري ضرورت ڪا نه هوندي آهي،جيتري مال دولت جي هوندي آهي. هن جنگ ۾ انسان خريد ڪيا ويندا آهن.دينداران جي دين ۽ ايمان جي قيمت ڏني ويندي آهي.احمد بن عطاش دولت ڏيڻ لاءِ قافلن کي لٽڻ شروع ڪيو.سلطنت اسلاميه ۾ قافلن جي لٽجڻ جو سلسلو ڪڏهن کان ختم ٿي چڪو هو.ڪو به رهزن قافلي کي لٽڻ جي همت نه ڪري سگهندو هو.هر ماڻهو بي خوف ۽ خطري مال ۽ دولت گڏ ڪٽي سفر ڪندو هو.

سلجوقي ته هن معاملي ۾ تمام سخت هئا،پرسلجوقي سلطان الملڪ شاهه جي دور ۾ اچي قافلا ڦرجڻ لڳا. هن ڳالهه جي خبر ئي ڪا نه ٿئي پئي ته اهي رهزن آيا ڪٽان ٿي، پر قافلن جو اچڻ وڃڻ بلڪل بند ٿي ويو.

هڪ ڏينهن هڪ ماڻهو احمد بن عطاش سان ملڻ آيو.دربان جي اطلاع تي احمد بن عطاش فورن چيو ته ڪيس جلدي وٺي اچ.حسن بن صباح به ان وقت احمد بن عطاش وٽ ويٺو هو."خوش آمديد منهنجا ياءَ." احمد بن عطاش ان ماڻهو کي ڏسي خوشيءَ وچان چيو"ويهڻ کان اڳ ٻڌاءِ ته ڪا خوشخبري آهي؟"

"وڏي خوشخبري آهي." ان ماڻهوءَ چيو"هڪ وڏو قافلو اچي رهيو آهي. جيئن جيئن قافلو اڳتي وڌي رهيو آهي، اهو وڌندو پيو وڃي."

"معني ته دولت ۾ به وڌي رهي آهي."حسن بن صباح مرڪندي چيو.

ان ماڻهو ٻڌايو ته قافلو ڪٽي ۽

ڪهڙي رستي تي آهي. هي رستو شاهه در قلعي کان ڪافي پري هو. رستو قلعي کان پري هئڻ سبب ڪنهن کي به ڪڏهن شڪ نه ٿئي ٿي سگهيو ته قافلا لٽڻ ۾ هن قلعي جا ماڻهو به شامل ٿي سگهن ٿا ۽ سڄي دولت احمد بن عطاش جي قبضي ۾ وڃي پئي.

"ڇا تون ٻڌائي سگهين ٿو ته قافلي ۾ ڇا ڪجهه آهي؟" احمد بن عطاش پڇيو.

"ڇو نه. مون هن قافلي سان گڏ سفر ڪيو آهي."

"اسان کي توجهڙن ماڻهن جي ضرورت آهي." حسن بن صباح چيو" هاڻي ٻڌائي ته قافلي ۾ ڇا ڏنو اٿئي؟"

"گهڻو ڪري واپاري آهن." ان شخص جواب ڏنو"انهن ۾ گهڻا ته ايڏا امير آهن جو هنن جو سامان ويهه ويهه اٺن تي مشتمل آهي."

"مال ڇا آهي؟"

"اناج آهي،ڪپڙو،چمڙو ۽ سون چانديءَ جا زيور آهن.ڪجهه خاندان به قافلي ۾ آهن."

"نوجوان ڇوڪريون به هونديون؟" حسن بن صباح پڇيو.

"وڏيڪ ته نه آهن،پرست اٺ ڪن نوجوان ڇوڪريون آهن، جيڪي نهايت خوبصورت آهن ۽ ڪجهه ننڍي عمر جون ڇوڪريون به آهن." ان شخص وراڻيو.

"اهو ته اچا به بهتر آهي." احمد بن عطاش چيو"اسان کي قلم ئي (پنيري) ڪپن ته جيئن ۽ جتي به چاهيون، پنهنجي انداز ۾ پوک پوکي سگهون."

"سوچڻ جي ڳالهه آهي،" حسن بن صباح چيو" هيترا قافلا لٽجي چڪا آهن، پوءِ هنن واپارين اها جرائت ڪيئن ڪئي ته ايترو مال دولت ۽ قافلو ڪٽي نڪتا آهن.ڇا هنن جي خيال ۾ ته ڪافي وقت کان قافلا لٽجڻ بند ٿي ويا آهن۽ شايد لٽيرا ٻئي ڪنهن علائقي ڏانهن هليا ويا آهن."

"منهنجو خيال ٻيو آهي،" خبر آڻڻ واري شخص چيو"قافلي ۾ شامل ٿيڻ واري کي چيو وڃي ٿو ته ان وٽ تلوار ۽ برچي هئڻ لازمي آهي. ٻيو ته هنن ۾ وڙهڻ جو جذبو به هئڻ ضروري آهي. مون اهو به ڏٺو آهي ته جتي قافلو بيهي ٿو ته نوجوانَ اِن قافلي جي حفاظت ڪن ٿا.قافلي ۾ نوجوان ماڻهن جي تعداد وڏيڪ آهي.مان توهان کي اهائي ڳالهه ٻڌائڻ سمجهان ٿو ته اسان کي وڏيڪ ماڻهن جي ضرورت آهي ۽ خبرداريءَ جي پڻ!".

"بالڪل، هي سوچڻ جي ڳالهه آهي،" احمد بن عطاش چيو۽ گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.

" اسان هن قافلي کي محافظ ڏيندا سين،"حسن بن صباح چيو"۽ استاد محترم، توهان پريشان نه ٿيو. اهو ڪو وڏو مسئلو نه آهي."

هن شخص ٻڌايو ته قافلي جي تعداد هڪ هزار تائين پهچي چڪي آهي.جتان به اهي قافلو گذري ٿو ماڻهو هن ۾ شامل ٿيندا وڃن ٿا. "مان هن جو سبب ڄاڻان ٿو" احمد بن عطاش چيو "ڪافي وقت کان پوءِ ماڻهن قافلو ڏنو آهي. تنهنڪري هو قافلي ۾ شامل ٿي رهيا آهن."

"هي قافلو منزل تي نه پهچڻ

گهرجي؟" حسن بن صباح چيو.

"اِن لاءِ تہ آئون ايڏو پري کان آيو آهيان." قافلي جي خبر آڻڻ واري چيو "مون کي ٻڌايو تہ مون کي ڇا ڪرڻو آهي. مون کي وري جلدي روانو بہ ٿيڻو آهي."

احمد بن عطاش ۽ حسن بن صباح کيس هدايتون ڏيڻ شروع ڪيون.

..........*

ٻئي ڏينهن شاهہ در کان ست اٺ کن ميل پري پنجاهہ گهوڙي سوار گڏ ٿيا.هنن احمد بن عطاش جي چوڻ مطابق پنهنجو هڪ امير مقرر ڪيو ۽ قافلي واري رستي ڏانهن روانو ٿيا.هنن جي سامهون ٻن ڏينهن جي مسافري هئي.

هن وقت قافلي جي ماڻهن جي تعداد ڏيڍ هزار کان بہ مٿي پهچي چڪي هئي.هن قافلي ۾ پوڙها بہ هئا،نوجوان بہ هئا،نوجوان ڇوڪريون ۽ ٻار بہ هئا ۽ نوجوان ماڻهن جو تعداد گهڻو هو. اٺ بيشمار هئا. ڪافي ماڻهو گهوڙن تي سوار هئا.

هڪ صبح قافلو پنهنجي منزل ڏانهن وڌيو.اڃا چار ميل کن مس هليا هئا تہ قافلي جي اڳيان هلڻ وارا رُڪجي ويا."ڏاڙيل،ڏاڙيل." قافلي جي اڳيان کان وڏي آواز ۾ اعلان ٿيو"هوشيار ٿي وڃو.ڏاڙيل اچي ويا.مقابلي جي لاءِ تيار ٿي وڃو."

قافلي جي ٻيگهہ تقريبن هڪ ميل ڪان وڌيڪ هئي.اعلان وري وري ڪيو ويو.هن اعلان جي جواب ۾ نوجوان ۽ وڏي عمر جا ماڻهو تلوارون،برڇيون ۽ تيرڪمان سنڀالي قافلي کي چوڌاري وڪوڙي ويا. "نوجوان ڇوڪرن ۽ ننڍن ٻارن کي وچ ۾ ڪري ڇڏيو."اعلان ٿيو. "ڪجهہ ماڻهو هنن سان گڏ رهن." هڪ پاسي. کان پنجاهہ کن گهوڙي سوار قافلي ڏانهن اچي رهيا هئا.سندن انداز مان نہ پئي لڳو تہ هو ڪنهن حملي ڪرڻ جي نيت سان اچي رهيا هئا. هنن وٽ تلوارون موجود هيون، پر اهي ميانڻن ۾ هيون. ڪجهہ سوارن وٽ برڇيون ۽ ڪجهہ وٽ جنگي ڪهاڙا هئا.گهوڙن جي رفتار بہ حملي واري ڪا نہ هئي. هو جڏهن ويجهو آيا تہ سندن اڳيان جيڪي بہ سوار هئا.انهن هٿن سان اشارو ڪيو.جيڪو امن وارو اشارو هو.

قافلي ۾ موجود تيرانداز هڪ صف ۾ بيهي رهيا. ڪمان سڌا ڪري هڪ هڪ تير ڪمان ۾ وجهي ڇڏيائون.

"اسان دوست آهيون." اچڻ واري هڪ سوار چيو"اسان کي دشمن نہ سمجهو."

"پوءِ اُتي ئي بيهي رهو" قافلي وارن مان هڪ ماڻهو کين چيو"فقط هڪ ماڻهو اڳيان اچي ۽ ٻڌائي تہ توهان ڇا ٿا چاهيو.اسان جي تيراندازن،تلوار بازن ۽ برڇي وارن کي ڏسي ونو.توهان ايترا ٿورا آهيو جو پنهنجي رت ۾ ٻڏي ويندو ۽ توهان جا گهوڙا ۽ هٿيار اسان وٽ هوندا."

اڳيان اچڻ وارن ٻن گهوڙن سوارن هٿ سان پنهنجي پويان وارن کي اشارو ڪيو تہ هو بيهي رهن.هي ٻئي قافلي جي ويجهو اچي ويا. "هاڻي ٻڌايو تہ توهان جا ارادا ڇا آهن؟" قافلي جي امير پڇيو.

"ڏجو نہ،دوستو" هڪ سوار

چيو"اسان پيشہ وَر ماڻهو آهيون. اسان جو ڪم امير ماڻهن جي حفاظت ڪرڻ آهي.اسان ايتري جرائت نٿا ڪري سگهون جو هن هيڏي وڏي قافلي تي حملو ڪيون. اسان کي خبر پئي تہ هڪ قافلو وڃي رهيو آهي ۽ هن رستي تي قافلا لٽڻ وارا بہ موجود آهن.تنهنڪري اسان دوستن کي گڏ ڪيو تہ هلي هن قافلي جي حفاظت ڪيون ۽ حلال روزي ڪمايون. توهان جو سفر اجا ڊگهو آهي. قافلي کي ڪنهن بہ وقت ۽ ڪهڙي بہ جاءِ تي حملو ٿي سگهي ٿو.اسان جي التجا آهي تہ اسان کي قافلي جي حفاظت لاءِ پاڻ سان وٺي هلو. اسان راتن جو بہ پهرو ڏينداسين."

"ڇا توهان کي نظر نٿو اچي تہ قافلي سان گڏ ڪيترا ماڻهو آهن." امير ڪاروان چيو"ڇا توهان نٿا سمجهو تہ هو پنهنجي حفاظت نہ ڪري سگهندا."

"نہ." هڪ سوار چيو" هنن پراسان کي هڪ بہ اهڙو نظر نٿو اچي، جنهن ڪڏهن ڪا لڙائي لڙي هجي. ڇا توهان کي خبر نہ آهي تہ قافلا لٽڻ وارا مارڻ ۽ مرڻ جي مهارت رکن ٿا. توهان جا هي ماڻهو جڏهن پنهنجن ساٿين جي جسمن منجهان رت جا ڦوهارا نڪرندي ڏسندا تہ سڀ ڀڄي ويندا."

"توهان اسان کي پنهنجو محافظ بنائي هلو.اسان توهان کان ايتري وڏيڪ اجرت ڪو نہ گهرنداسين.جيڪا توهان نہ ڏيئي سگهو.توهان سان گڏ وڏا وڏا امير واپاري آهن.نوجوان ڇوڪرين جا پيءُ بہ آهن.ننڍا ٻار بہ آهن.توهان سڀ ملي اسان کي ايتري اجرت تہ ضرورت ڏيئي سگهندا.جنهن مان اسان جا ٻچا پنهنجو پيٽ پالي سگهن."

هڪ ڳالهہ مان بہ چوندس." ٻئي سوار چيو"جيڪڏهن توهان اسان کي حلال روزي ڪمائڻ نہ ڏيندا ۽ اسان کي ڪٿان بہ حلال روزي نہ ملي تہ پوءِ هڪ ڏينهن اسان بہ ڏاڙيل بڻجي ويندا سين ۽ قافلا لٽڻ شروع ڪندا سين."

"روزي ڏيڻ وارو خدا آهي." هڪ بزرگ اڳتي وڌي چيو"منهنجا همسفرو لڳي ٿو تہ هنن جي روزي خدا اسان جي ذمي ڪئي آهي.هي ويچارا الائي ڪيترو پري کان اسان جي پويان آيا آهن.هي حلال روزي جي پويان آيا آهن. هنن کي مايوس نہ ڪيو.هنن جي اجرت ڳالهائي وٺو."

هنن کان اجرت پڇي ويئي، جيڪا هنن ٻڌائي ۽ معاملو طيءِ ٿي ويو.سوارن بہ شرطون رکيون.هڪ تہ اجرت پيشگي ڏني وڃي،ٻي تہ هنن جو کاڌو پيتو قافلي وارن جي ذمي هوندو. اهي ٻئي شرطون قافلي وارن قبول ڪيون ۽ قافلو هلي پيو. هن پنجاهہ سوارن پاڻ کي اهڙي نموني ورهايو. جو ڪجهہ قافلي جي اڳيان ٿي ويا ۽ ڪجهہ قافلي جي پويان. باقي قافلي جي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي ورهائجي ويا.هنن جو انداز ٻڌائي رهيو هو تہ محنت مزدوري ڪرڻ وارا ماڻهو آهن، جيئن پيشہ وَر ڇوڪيدار يا محافظ هوندا آهن. پهرين منزل آئي تہ هنن ماڻهن سڄي رات پهرو ڏنو.قافلي وارا مطمئن ٿي ويا.ٻي رات بہ هنن ساڳئي نموني قافلي جي چوڌاري

سڄي رات پهرو ڏنو. قافلو هلندو رهيو. ماڻهوايندا رهيا. ٻين منزل. وري ٽين منزل. قافلو وري هڪ منزل تي پهتو. سج لهي چڪو هو. ماڻهو رات گذارڻ لاءِ پنهنجن پنهنجن انتظامن ۾ مشغول ٿي ويا. عورتون ماني تيار ڪرڻ لڳيون. پاڻي جي کوٽ ڪا نه هئي. پرسان هڪ ندي وهي رهي هئي. ميدان سائو ۽ گاهه سان ڀريل هو. ڪجهه پري پهاڙ موجود هئا. قافلي جي منزل لاءِ هي جاءِ تمام موزون هئي. قافلي وارا ٽڪل هئا. ماني کائڻ کانپوءِ سمهي رهيا. محافظ سوار گذريل راتن وانگر قافلي جي چوڌاري پهرو ڏيڻ لڳا.

اڌ رات جو پريان کان چهري جو آواز آيو. اهي آواز قافلي جي ويجهو کان آيا. وري هڪ دفعو پريان کان چهري جو آواز آيو.

قافلي وارا گهري ننڊ ۾ هئا. پنجاهه سٽ جي ويجهو گهوڙي سوار پهاڙن کان قافلي جي طرف آيا. جڏهن کين قافلو نظر آيو ته هو گهوڙن تان لهي، تلوارون هٿن ۾ ڪري قافلي ڏانهن وڌيا. ڪن وٽ برچيون به هيون.

محافظ سوارن مان ڪجهه ستل هئا ۽ ڪجهه پهرو ڏيئي رهيا هئا. پهري تي بيٺل محافظن ستلن کي اٿاريو. ستل محافظ ۽ پهري ڏيڻ وارا سڀ هڪ جاءِ تي گڏ ٿي ويا. هوڏانهن پهاڙن وٽان اچڻ وارن کي ڏٺايو ويو ته ڪير ڪٿي آهي، يعني امير ڪبير ڪٿي آهين. دولت ڪٿي آهي. جوان ڇوڪريون ڪٿي آهن.

پهري ڏيڻ وارا ۽ نوان اچڻ وارا اصل ۾ ڏاڙيل هئا، جن قافلي وارن کي ڏوڪو ڏيڻ لاءِ هي منصوبو ٺاهيو هو ڇاڪاڻ ته احمد بن عطاش کي جنهن شخص قافلي جي اطلاع ڏني هئي، ان ٻڌايو هو ته حملو ناڪام به ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته قافلي ۾ وڙهڻ وارن جي تعداد تمام گهٽ آهي. جنهن ڪري احمدبن عطاش سوچ ۾ پڙي ويو هو پر حسن بن صباح هيءَ ترڪيب سوچي هئي.

جڏهن حملو ٿيو ته قافلي وارن کي سمجهه ۾ نه آيو ته ڇا ٿي رهيو آهي. جن کي هنن محافظ سمجهيو هو اهي لٽيرا نڪتا. هنن سؤ کان مٿي ڏاڙيلن قتل عام شرع ڪري ڏنو. هنن کي هدايت هئي ته نوجوان ڇوڪرين، معصوم ٻارن کي زنده آٽلو آهي. جڏهن قتل عام شروع ٿيو ته هڪ قيامت هئي. جنهن اٿڻ جي ڪوشش پئي ڪئي، يا ته ان جي ڪنڌ کي تلوار سان ڪٽيو يا وري برچي سندس جسم ۾ لهي ٿئي ويئي. هنن جي مدد لاءِ اچڻ وارو هتي ڪير به نه هو. ٻارن ۽ ڇوڪرين جي دل ڏاريندڙ رڙين رهزنن ۽ لٽيرن جي دل ته ڪو به اثر نه ڪيو. ڪا وڏيڪ دير ڪا نه لڳي. قافلي جو صفايو ٿي ويو. لٽيرن سامان گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. هي سامان اٺن، ڍڳي گاڏين ۽ گهوڙي گاڏين کي رکيو ويو. ننڍين ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن کي ڏکي هڪ پاسي وٺي وڃڻ لڳا. قيامت مانند هن قتل و غارت ۾ شايد ڪو گهوڙو يا اٺ ڇڏائي ڀڳو هجي يا وري ڪو انسان زنده نچيو هجي هجن. رهزن ڏاڍي تڪڙ ۾ هئا ۽ جلدي ٿي پهاڙن جي پويان هليا ويا.

..........*

ٻئي ڏينهن جڏهن پرهه جي باڪ ڦٽي ته آسمان هن ميدان ۾ لاش ئي لاش ڏٺا. لاشن کانسواءِ ڪجهه به نه هو. ويجهو هڪ دڙي تي هڪ پوڙهو ستل هو. هن آهسته آهسته مٿو مٿي ڪري هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. لڳو پئي ته هن پنهنجي عمر ۾ اهي منظر پهريان به ڏٺا هئا. هي ڪوتجربيڪار شخص لڳو ٿئي. رات جو جڏهن قتل عام شروع ٿيو ته هي اتان ڀڄي، ويجهو هڪ دڙي تي گاهه ۾ لڪي ويهي رهيو هو. سڄي رات هن جي ڪنن ۾ عورتن، ٻارن ۽ ٻين همسفرن جون دانهون گونجنديون رهيون. هي پوڙهو شخص اٿي آيو ۽ لاشن جي وچ ۾ هلڻ لڳو. ائين پئي لڳو جيئن هو خواب ۾ هلي رهيو هجي. هن هڪ ننڍي ٻار جي لاش ڏٺي جيڪو اڃا مس ڪجهه مهينن جو هو جو ڪيس زندگيءَ کان آزاد ڪيو ويو هو. ڪجهه پري هڪ اٺ هن سيني شين کان بي نياز گاهه چري رهيو هو. پوڙهي شخص آسمان ڏانهن نهاريو. جڻ خدا کي ڳولهي رهيو هجي. اوچتو ڪيس ڪو خيال آيو. هن اٺ کي پڪڙي مٿان ويهڻ وارو سامان رکي، ان ۾ ڪجهه مهينن جي رت ۾ ڀريل ننڍڙي ٻار جي لاش رکيائين ۽ پوءِ پاڻ به اٺ تي سوار ٿي ويو. هن اٺ جو رخ "مرو" شهر ڏانهن ڪيو.

.....

ان وقت مرو سلجوقي سلطنت جو گاديءَ جو هنڌ هو. سلطان ملڪ شاهه اتي ئي رهندو هو.

ملڪ شاهه سلجوقي روايتي بادشاهه کو نه هو پر جتي هو رهندو هو اهاڻا جاءِ به ڪنهن محل کان گهٽ ڪا نه هئي.

"مان خدا جو شڪر ڪيان ٿو" ملڪ شاهه چيو. ڪجهه دير سوچڻ کانپوءِ چيائين، "قافلن جي لٽجڻ وارو خطرناڪ سلسلو ختم ٿي ويو آهي. اسان ڪنهن کي پڪڙي ته نه سگهياسين پر پڪڙڻ ۽ سزا ڏيڻ وارو خدا آهي. هي خدائي آهي جنهن منهنجي مدد ڪئي ۽ قافلا محفوظ ٿي ويا."

"سلطان محترم" دربار اندر اچي چيو "هڪ پوڙهو اٺ تي سوار توهان سان ملڻ چاهي ٿو."

"ڪٿان کان آيو آهي؟" سلطان پڇيو "ڇا چاهي ٿو؟ تو ڪجهه معلوم ڪيو اٿس."

"نه سلطان عالي مقام" دربارن جواب ڏنو "هن جي حالت بهتر نه آهي. لڳي ٿو ته ڪنهن وڏي سفر کان آيو آهي. هڪ ننڍي ٻار جي لاش هٿن ۾ کنيل اٿس. جيڪا رت ۾ ٻڏل آهي."

"لاش!" سلطان ملڪ شاهه ڇرڪجي چيو "ننڍي ٻار جو لاش! هن کي هڪدم اندر وٺي اچو. فريادي لڳي ٿو."

پوڙهو سهڪندو ٽاهڙجندو هٿن ۾ ڪجهه مهينن جي ٻار جو رت ۾ ٻڏل لاش کڻي سلطان ملڪ شاهه جي سامهون آيو. هن جا چپ ڏڪي رهيا هئا. اکين جو نور وسامي چڪو هوس.

"اچو منهنجا بزرگ" ملڪ شاهه اٿي بيٺو "ڪهڙي مشڪل توهان کي هتي وٺي آئي آهي."

"هڪ ٻار جي لاش آندي اٿم

سلطانَ." پوڙهي چيو "هيءَ توهان جو ٻچو آهي." هن لاش سلطان جي قدمن ۾ رکي ڇڏيو." اُٿ تي تي ڏينهن ۽ تي راتيون سفر ڪيو اٿم. نہ اٿ ڪجهہ ڪاڏو آهي ۽ نہ وري مون ئي ڪجهہ ڪاڏو آهي. هي الله جي امانت هئي، جنهن ۾ سلجوقي سلطان خيانت ڪئي آهي. ڏس سلطان ڏس. هن مکڙي کي ڏس. هن ننڍڙي ٻار ۾ اڃا اهو احساس ٻہ ڪو نہ پيدا ٿيو هو تہ ڪو هو زندهہ آهي ۽ مرڻ وقت هن کي اهو احساس ٻہ نہ ٿيو هوندو تہ موت هن کي ماءُ جي هنج مان ڪڍي، پنهنجي هنج ۾ ورتو آهي."

سلطان ملڪ شاهہ ڪجهہ درٻارين کي گهرايو ۽ چيو تہ ٻار جي لاش کڻي وڃي ۽ ڪيس غسل ڏئي ڪفن ڏنو وڃي.

"اي بزرگ انسان، ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو تہ شڪوه شڪايتن کان اڳ توهان اهو ٻڌايو تہ هي ڪنهن جو ٻار آهي ۽ ڪيس ڪنهن قتل ڪيو آهي؟"

"هي منهنجي ڪنهن همسفر جو ٻار هو" پوڙهي چيو "مان هن جي پيءُ کي نٿو سڃاڻان. مان هن جي ماءُ کي ٻہ نٿو سڃاڻان ۽ مان ڪڏهن ٻہ ڄاڻي نہ سگهندس. هُو ٻہ قتل ٿي ويا آهن، هو ڪير هئا؟ ڪٿان آيا هئا؟ ڪٿي وڃي رهيا هئا؟ مون کي خبر ڪا نہ آهي. بس هيترو ڄاڻان ٿو تہ اسان جي قافلي سان گڏ هئا. قافلي تي ڏاڙيلن حملو ڪيو هو."

پوڙهي سڄي تفصيل ٻڌائي تہ قافلو ڪٿان هليو ۽ ڪٿي حملو ٿيو.

سلطان نهايت ڪاوڙ ۾ اٿي بيٺو. هن گهڙيءَ گهڙيءَ پنهنجي هڪ تريءَ تي ٻي هٿ جي مڪ سان ڏڪ پئي هنيا. هن جي چهري تي قهر ۽ غضب جا آثار گهرا ٿيندا پئي ويا.

"ڪجهہ وقت اڳ ۾ قافلن تي حملا ٿيا،" پوڙهي چيو "پوءِ هي حملا خودبخود ختم ٿي ويا. ان جو سبب اهو نہ هو تہ توهان انهن جو ڪو بندوبست ڪيو هو. پر اصل ڳالهہ اها هئي تہ ماڻهن سفر ڪرڻ ڇڏي ڏنو هو."

(هن ناقابل يقين پر سچي داستان جو باقي احوال آئنده مهيني پڙهندا)

اهو ڪير آهي؟

جنهن جا هٿ اهڙا آهن جو هو
آساني سان انجڻ کي کڻي سگهي ٿو.
هن جا پير اهڙا آهن، جو هيءَ هزارين
ميلن جو سفر هڪ ڏينهن ۾ ڪري سگهي ٿو.
هن جا پر اهڙا آهن جو هيءَ
ڪرن جي مٿان ٻہ وڃي سگهي ٿو جتي
ڪو پکي نہ ٿو وڃي سگهي.
هن کي ترڻ جو لباس پاتل آهي،
جيڪو ڪنهن مڇيءَ کان ٻہ بهتر ڪم سر
انجام ڏئي ٿو.
هن جون اکيون اهڙيون آهن جو
غائب ٿيل شيءِ کي ٻہ ڏسي سگهي ٿو.
ڪن اهڙا اٿس جو دنيا جي هڪ
ڪنڊ جي ڳالهہ ٻي ڪنڊ ۾ ٻڌي سگهي ٿو.
اها هستي ايتري تہ طاقتور آهي جو
جبلن جي اندر سرنگهہ ٺاهي ٿي ۽ آبشارن
جي پاڻي کي هوائن ۾ اڏرائي سگهي ٿي.
اها هتي پنهنجي مرضي جي مطابق دنيا
جا خد خال بدلائي ٿي، زمين کي بر ۽ بر کي
جهنگ بنائي ٿي، سمنڊن کي هڪ ٻئي سان ملائي
رهي آهي، بيابانن کي آباد ڪري رهي آهي.
اها عظيم هستي ڪهڙي آهي؟
يقينن، "انسان"

حڪيم ابن مقنع ..... نقاب پوش پيغمبر

محبوب سمون

تاريخ ۾ اسان کي عجيب ڪردار ملن ٿا. انهن ۾ حڪيم ابن مقنع به هڪ آهي. هي پنهنجي وقت جو هڪ وڏو فتنو هو. هن پنهنجو پاڻ کي خدا ڪوٺيو. هن جو "معجزو" هڪ مصنوعي چنڊ هو جيڪو هر رات جو آسمان ۾ ڪڙندو هو. اهو چنڊ اڄ ڏينهن تائين تاريخ ۾ هڪ ڳجهارت بڻيل آهي. ڪافي ماڻهو انهيءَ ڳالهه تي يقين ڪونه ٿا رکن ته اها ڳالهه ڪا ممڪن آهي ۽ ان کي صرف مبالغو سمجهن ٿا. پر تاريخ ۾ گهڻائي ذريعا ان ڳالهه جي ثابتي ڏين ٿا ته واقعي حڪيم ابن مقنع اهڙو چنڊ ٺاهيو هو. ان فتني جو حال هيٺين صفحن ۾ پڙهندا.

هڪ ڪوڙي خدا جو قصو جنهن هٿرادو چنڊ ٺاهيو هو.

مختلف تاريخ جي ڪتابن ۾ حڪيم ابن مقنع نالي سان نقلي خدا جو ذڪر ملي ٿو. هن ڏيڍ صدي هجري کان هڪ سؤ ٽيهن هجري دوران خلافت عباسيه کي ڪنهن حد تائين پريشان ڪري ڇڏيو.

هن نام نهاد خدا جي باري ۾ تاريخ ۾ چڱو خاصو اختلاف ملي ٿو. ڪن جي چوڻ موجب سندس نالو "هاشم" هو. ڪي چون ٿا ته "هشام" هو ۽ ڪجهه چون ٿا ته "عاءَ" هو پر اڪثريت ڪيس "حڪيم يا "ابن مقنع" جي نالي سان ياد ڪري ٿي. هي شخص هر وقت پنهنجي منهن تي نقاب پائي هلندو هو تنهن ڪري ماڻهو ڪيس "ابن مقنع" چوندا هئا ۽ انهيءَ نالي سان ئي مشهور ٿيو.

ابن مقنع ايران جي هڪ مشهور شهر "مرو" جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ "ڪازا ڪيمن دات" ۾ هڪ ڏوبيءَ جي گهر ۾ پيدا ٿيو. جيتوڻيڪ ابن مقنع هڪ ننڍڙي واهڻ ۾ پيدا ٿيو پر سندس چالاڪين ۽ حرفتن جي ڪري هن ڳوٺ کي تاريخي حيثيت حاصل ٿي ويئي. جڏهن هيءَ شخص ڪتين جي گهر ۾ ڄائو ته ڪين هيءَ ڪوجهو ٻار هر گز پسند ڪين آيو ڇاڪاڻ ته سندس ٻيا گهر جا ڀاتي سڀ شڪل وارا هئا. پر هيءَ ٻالڪ تمام گهڻو ڪنو ڪوجهو ۽ بيڙو هو. هن ٻار جو نالو سندس ماءُ پيءُ جيڪو به رکيو پر سندس مشهوري "نقاب پوش پيغمبر" "حڪيم" ۽ "ابن مقنع" جي نالي سان ٿي.

سندس ڳوٺ جي آبهوا ڏاڍي سڀ

هئي، جنهن ڪري اتان جا ماڻهو قدرتي طور تي موچارا ملوڪ هئا. انهيءَ خوبصورت ماحول ۾ هن ٻار جي ڪوجهائي هڪڙو مثال بڻجي وئي. سندس ڄمار وارا ٻار سندس بچڙي منهن تان ٺٺوليون ۽ ٽوڪون ڪندا هئا. سندس اهو احساس ڄمار سان گڏوگڏ وڌندو ويس. هڪ ته سندس سڄي گهراڻي سان تعلق هو ۽ ٻيو ته پاڻ تمام گهڻو بدصورت هو. جيئن جيئن سندس ڄمار وڌندي ويئي، سندس احساس ڪمتري وڌندي ويئي.

جڏهن پاڻ سمجهه ۾ ريو ٿيو ته هن ڏٺو ته سندس اباڻي ڏنڌي ۾ معاشري کي ڪومان ڪونه هو. جيتوڻيڪ هي نهايت بدصورت هو پر سندس خيال تمام گهڻا بلند هئا. هو دلي طور تي ڄاهيندو هو ته سڄي دنيا سندس اڳيان جهڪي پوي. مگر نه ته ڪيس خانداني طرح معاشري ۾ اهڙو مقام حاصل هوءِ نه ئي وري جسماني طرح سان اهڙو سگهارو ۽ مضبوط هو جو هڪڙو عظيم الشان ۽ طاقتور لشڪر تيار ڪري ٿي سگهيو.

ڪافي سوچ ۽ ويچار کان پوءِ هيءَ فيصلو ڪيائين ته اهڙا علوم حاصل ڪيا وڃن، جن جي مدد سان ماڻهن جون متيون منجهائي ڇڏجن. ان سلسلي ۾ هن پهريائين پنهنجي ڳوٺ ۾ موجود استادن کان علم پرايو. ان کانپوءِ ماهرن استادن کان ڪيميا ۽ طبعيات جو علم حاصل ڪيائين. طبعيات ۾ تمام گهڻي محنت ڪيائين، پر پاڻ ڪيميا جي علم ۾ خاص شهرت حاصل ڪيائين. سڀ کان گهڻا پاري تي تجربا ڪيا هئائين.

هڪ طرف ته هيءَ نوجوان علم ۽ هنر ۾ مهارت حاصل ڪري رهيو هو ته ٻئي طرف سندس گهر وارا سندس ڪرت ۽ حرڪتن کي ڏڪارينداٿي رهيا. ڇاڪاڻ ته سندن خيال پٽاندر سندن پٽ انهن تجربن تي هر وير و پئسا وڃائي رهيو هو پر هو ڪنهن نه ڪنهن طرح سان مائٽن کان تجربن واسطي ڏوڪڙ وٺي ويندو ويو.

ابن مقنع انهيءَ دوران ذڪر ڪيل علمن ۾ چڱي مهارت حاصل ڪري چڪو هو. سندس ڏينهن رات نون نون تجربن ۾ گذرندا رهندا هئا. هڪ پيرو هي ماتا جي موڏي مرض ۾ وچڙجي ويو. انهيءَ زماني ۾ ماتا جو مرض انت آٿيندڙ ليکيو ويندو هو. ڪي ٿورا مريض انهيءَ ڪان بچي سگهندا هئا. ابن مقنع به ڪافي عرصو انهيءَ بيماريءَ ۾ گذاريو ۽ نيٺ سندس جان بچي ويئي. هيئن به چيو وڃي ٿو ته هن بيماريءَ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ واسطي پاڻ تي به ڪافي تجربا ڪيائين ۽ انهن مان ئي ڪيس چڱيلائي حاصل ٿي.

جڏهن هي صحتياب ٿي ويو ته ڏٺائين ته سندس چهرو اڃا به هيڪاري وڌيڪ بچڙو ٿي چڪو هو. پهرين ته هو فقط ڪوجهو هو پر هاڻي ته سندس منهن تي ماتا جا بچڙا ڏاڻ موجود هئا. انهيءَ حالت ۾ هو اڃا به وڌيڪ احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي ويو. هي پهرين به ماڻهن سان ملاقاتون وغيره ڪونه ڪندو هو پر ماتا کان پوءِ ته بلڪل ڪنڌ پاسو وٺي ويهي رهيو.

انهيءَ دوران هن حاصل ڪيل

علومن تي تجربا جاري رکيا. سندس گهروارن کي اهو هر گز پسند ڪو نه هو. هو چاهيندا هئا ته سندن پٽ ڪو ڏنڌو ڏاڙي ڪري کين ڪمائي ڪارائي. پر هن جي اندر ۾ ڪو ٻيو ڪجهه هو. هاڻي هن پنهنجن تجربن ۾ ڪجهه ٻين ماڻهن کي به شامل ڪيو جيڪي سندس هٿ وندائيندا رهندا هئا. هاڻي سندس اعتماد ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو هو. سندس ڳوٺ جا گهڻائي ماڻهو ڪانئس پهريائين ڪناره ڪش ٿي چڪا هئا. هاڻي هيءُ هفتن جا هفتا پنهنجي تجربيگاهه ۾ رڌل رهندو هو. ڪو به سندس لاءِ پريشان ڪو نه ٿيندو هو. هاڻي هن سوچيو ته سوچيل سجهيل رٿائن تي عمل ڪرڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي.

هڪڙيءَ رات پاڻ پنهنجي منصوبي تي عمل ڪرڻ جو ارادو ڪيائين. هن هڪڙو نقاب تيار ڪيو جيڪو سندس منهن کي لڪائي رکي. هيءُ نقاب ڏاڍو خوبصورت هو. منجهس ريشمي ۽ سونهري تار استعمال ٿيل هئي. پنهنجي وستي واهڻ کان گهڻو پري هڪ اهڙو پرهڳو چونڊيائين، جتي سندس ڪو به سڃاڻو نه هوءِ پنهنجي ڳوٺ مان نڪرڻ وقت مڙيئي ٽپڙ تاڙي پاڻ سان کنيائين ۽ پنهنجي وڃڻ جي ڳالهه ڪنهن سان ڪو نه ڪيائين.

ابن مقنع جڏهن منتخب ڪيل علائقي ۾ وارد ٿيو ته ان وقت هو نه رڳو علم ڪيميا ۽ طبيعات جو ماهر هو پر هڪ اعليٰ قسم جو عامل پڻ هو. وٽس هيپناٽائزم ۽ مسمريزم جا علوم به هئا، جن جي مشق پنهنجن ساٿين سان وڏي ڪاميابيءَ سان ڪئي هئائين. پنهنجن منصوبن تي عمل ڪرڻ واسطي تجربا ته ڪيا هئائين، پر گذريل نبين، رسولن ۽ عظيم شخصيتن جي زندگين کي به سامهون رکيو هئائين. ڪيس خبر هئي ته لوڪ ڪنهن جي پٺيان ائين نٿو لڳي، پر پنهنجي پويان لڳائڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻو پوندو آهي. جنهن ڪري هن اهڙن علمن ۽ هنرن ۾ ڪمال حاصل ڪيو جنهن سان نئين علائقي "ڪش" جي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري سگهي.

هيءُ ڳالهه حيرت ۾ وجهندڙ آهي ته جڏهن ابن مقع "ڪش" ۾ آيو ته هو ڪو غريب شخص نه هو پر وٽس جام دولت به هئي. هن دولت لٽائي "ڪش" جي قلعي کي پنهنجو مسڪن بڻايو. اتي هن مقامي ماڻهن کي پاڻ وٽ خادم ڪري رکيو. جيڪي قلعي جو سمورو ڪم سرانجام ڏيندا هئا. انهن ماڻهن جي هيءَ به ذميواري هوندي هئي جو اهي ٻين ماڻهن کي ابن مقنع طرف راغب ڪندا رهن. عام طرح سان ماڻهو سندن ڳالهين کي ٻڌي ڪنَ ٽار ڪري ڇڏيندا هئا، پر ڪيترائي اهڙا اٻوجهه به هئا جيڪي انهن ڳالهين کي ڪنَ ڏئي ٻڌندا هئا. "ڪش" جي عوام لاءِ عجب جهڙي ڳالهه هئي جو سندن ئي شهر ۾ هڪ اهڙو شخص موجود هو جنهن پنهنجو پاڻ کي "خدا" (ڪوڙي) جي درجي تي فائز ٿي ٻڌايو. ماڻهن جڏهن هيءَ ٻڌو ته "ڪش" جي ڪوٽ اندر هڪ اهڙو ماڻهو موجود آهي، جيڪو پاڻ کي ا (ڪوڙو) چورائي ٿو ۽ عجيب ڪرشما

ڏيکاري ٿو تہ اهي وڏي شوق سان قلعي ڏانهن اچڻ لڳا. پر ڪين ابن مقنع جي زيارت نصيب نہ ٿيندي هئي هئي. اها ڳالهہ بہ ابن مقنع جي چال هئي تہ جيئن ماڻهن جو اشتياق وڌندو رهي.

هوريان هوريان ماڻهن جو چاهہ وڌندو ويو. هڪ دفعي قلعي ۾ اعلان ڪرايو ويو تہ فلاڻي ڏينهن تي خدا (ابن مقنع) ڪين پنهنجو ديدار ڪرائيندو. ماڻهن کي اچو ويس پهرايو ويو. جڏهن تمام گهڻا ماڻهو ڪوٽ ۾ ڪٺي ٿي ويا تہ ابن مقنع سامهون آيو. ماڻهن کي ڏاڍي حيرت ٿي ڇو تہ انهن ڏٺو تہ انهن جي سامهون هڪ ڪرسيءَ تي سندن ئي جهڙو ماڻهو پنهنجي منهن تي نقاب پاتل ويٺل هو. ابن مقنع جي خادمن مڙني ماڻهن کي هڪڙي خاص فاصلي تي بيهاري ڇڏيو ۽ ماڻهن کي ٻہ ٻہ ۽ چار چار ٽوليون ناهي هن وٽ اچڻ جي اجازت ڏني. ماڻهن جڏهن سندس ڳالهيون ٻڌيون تہ دنگ رهجي ويا. ابن مقنع سندن دل جون ڳالهيون ڪين ٻڌائي رهيو هو ۽ ٻيا ڀڙ راز پڌرا ڪيائين. اهو لڳاءِ ڏسي ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا ۽ سندن وات ڦاٽي ويا.

هاڻي هر روز ابن مقنع سان مخصوص وقت تي ملڻ شروع ڪيو. انهن ماڻهن لاءِ قلعي اندر هر وقت ڪائڻ پيئڻ جي سهولت ميسر هئي. جيڪو بہ هڪرو پيرو اندر ٿي ويو تہ ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ هو ابن مقنع جا ڳڻ ۽ ڳالهيون ڳائيندو رهندو هو. سندس ٻڌايل ڳالهيون بلڪل سچ ۽ صحيح ثابت ٿيندڙيون هيون. انهيءَ وچ ۾ ابن مقنع جي هڪڙي پيشنگوئي بہ غلط ثابت ڪا نہ ٿي. اهڙي طرح هن عام ماڻهن جي دلين کي خريد ڪري ڇڏيو هو ۽ ماڻهو سندس مطيع بنجي ويا.

ان وقت جي ملن ۽ مولوين جڏهن سادن سودن ماڻهن کي جڏهن اهڙي "ڪش" جي ڪوٽ جي خدا جي طرف مائل ٿيندي ڏٺو تہ انهن ماڻهن کي سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر ڪين ڪاميابي ڪا نہ ٿي. تنهن تي انهن عالمن ۽ فاضلن هيءَ فيصلو ڪيو تہ ڪنهن بہ طريقي سان انهيءَ من گهڙت خدا سان ملاقات ڪري سندس پول پڌرا ڪيا وڃن!

ابن مقنع کي جڏهن اها سڌ پيئي تہ "ڪش" شهر جا مولوي ساڻس مناظرو ڪرڻ گهرن ٿا، تہ هن پڻ راضپو ڏيکاريو. هن مناظري لاءِ وقت ڪافي پوءِ جو ڏنو. انهيءَ وقت ۾ انهيءَ مناظري جي تمام گهڻي مشهوري ڪئي وئي، جنهن ڪري انهيءَ مناظريءَ جو پڙلاءُ هر ڪنهن جي ڪن پئجي ويو. هر ماڻهو ان جي انتظار ۾ هو. ملن، مولوين ۽ عالمن جو خيال هو تہ ان مناظري دوران قلعي ۾ ساڻن ڪو سهڻو ورتاءُ ڪو نہ ڪيو ويندو. پر جڏهن قلعي ۾ داخل ٿي ٿيا تہ سندن اهڙو زبردست آڃيان ۽ آڏرياءُ ڪيو ويو جو هو دنگ رهجي ويا.

جيڪڏهن مولوين انهيءَ مناظري لاءِ چڱي خاصي تياري ڪئي هئي تہ ابن مقنع بہ ماٺ ڪري نہ ويٺو هو. هن مڙئي سوالن جي باري ۾ چڱيءَ طرح سوچي ويچاري ڇڏيو هو تہ مولوين کي ڪهڙا جواب ڏيڻ گهرجن. جڏهن هي علماءَ ڪوٽ اندر داخل ٿيا تہ ڪين هڪڙي هال

۾ پهچايو ويو جتي چوڌاري ابن مقنع جا ويجها دوست ۽ احباب موجود هئا ۽ مڙني جون اکيون انهيءَ مهل مولوين ۽ عالمن ۾ کتل هيون.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ابن مقنع انهيءَ هال ۾ داخل ٿيو. مڙني ماڻهن اُٺي ادب سان سندس آجيان ڪئي. ابن مقنع ڪين هٿ جي اشاري سان ويهڻ واسطي چيو ۽ پاڻ پنهنجي عاليشان ڪرسي تي ويهي رهيو.

هڪڙي مولوي همت ڪري چيو" سائين! ڇا اوهان اسان کي اهو ٻڌائڻ پسند ڪندو ته اوهان هتي ڪٿان ڪان تشريف فرما ٿيا آهيو ۽ اوهان جو اسم گرامي ڪهڙو آهي؟"

ابن مقنع مرڪندي انهيءَ عالم ڏانهن ڏٺو ۽ انهيءَ عالم کي جواب ڏنائين." مان ڪٿان آيو آهيان؟ اوهان مون ڪان منهنجو نالو پڇو ٿا! پلا انهن ڳالهين پڇڻ جو ڪهڙو لاچار؟ مان توهان جو خدا آهيان! منهنجي رهڻ جي ڪا هڪڙي جاءِ ڪا نه هوندي آهي ۽ نه وري منهنجو ڪو نانءُ آهي! نالا ته انسانن جا ٿيندا آهن. ڪڏهن رب جو به ڪو نالو ٿيندو آهي؟ مڙئي نبين کي مون دنيا ۾ موڪليو هيو. هينئر به دنيا ۾ جيڪي ماڻهو آهن، تن مان ڪنهن جو به ڪو عمل چڱو ڪونهي. جنهن ڪري مون کي پاڻ دنيا ۾ اچڻو پيو آهي."

هڪڙي ٻئي مولوي پڇيو" جيڪڏهن اوهان چئو ٿا ته مڙني نبين سڳورن کي اوهان ئي دنيا ۾ موڪليو هو ته ٻڌايو ته اوهان هاڻ ڪهڙو دين کڻي آيا آهيو ۽ اوهان جو پيغام ڪهڙو آهي؟"

ابن مقنع چيو" ها! ها! مون ئي ته مڙني پيغمبرن کي موڪليو هو ۽ ڪين مون ئي تعليم ڏني هئي پر اهي هڙئي ناڪام ٿيا آهن. جنهن ڪري مون کي ئي انساني ويس ۾ دنيا ۾ اچڻو پيو آهي."

اهي ٽئي مولوي توبهه توبهه ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا."اي شخص! توبهه ڪر. الله تعاليٰ جو عذاب ڏاڍو سخت اٿئي. تو ته شرڪ کان به وڏيڪ بيڙا ۽ ڪفر وارا ڪلمات پنهنجي زبان مان ڪڍيا آهن."

ٿوري وقت ڪانپوءِ هڪ ٻئي مولوي چيو"اي نقاب پوش! اسان کي پنهنجي صورت جو ڀلا ديدار ته ڪرائي ته ڏسون خدا ڪهڙو ٿيندو آهي؟"

ابن مقنع اکيون ڦوٽاريندي چيو" اي ملان! ڇا مان نٿو ڄاڻان ته تون مون مٿان طرح چٽر ڪري رهيو آهين. ڀلا توکي ڪهڙي طاقت جو تون خدا کي ڏسي سگهين؟ توکي خبر ڪانهي ته موسيٰ پنهنجي ساٿين ۽ ارادتمندن سان گڏ اهائي خواهش ڪئي هئي. نتيجو اهو نڪتو نه رڳو سندس اراتمندن ڦلهيار ٿي ويا پر موسيٰ پاڻ پڻ بيهوش ٿي ويو جيتوڻيڪ هن رڳو هڪڙي جهلڪ ڏٺي هئي. ڇا تون به سڙي رک ٿيڻ چاهين ٿو؟"

ٽنهي مولوين هڪڙي آواز ۾ چيو"ها! اسان کي جلڻ قبول آهي تون رڳو اسان کي هڪڙي جهلڪ ته ڏيکار!"

اهو ٻڌي ابن مقنع انهن عالمن کي اتان اُٺي وڃڻ لاءِ چيو.

اهي عالم جيڪي وڏي اهتمام ۽ آجيان سان ڪوٽ ۾ داخل ٿيا هئا نهايت ئي مايوس ۽ نراس ٿي اُتان موٽيا. واپسيءَ

۾ اهي سوچن ۾ ٻڏل ۽ منَ ۾ منڊل ڪنڊ جهڪائيندي نماڻا ٿي نڪتا، جنهن تي ابن مقنع جي چيلن اهو مشهور ڪري ڇڏيو ته ابن مقنع انهن عالمن کي لاجواب ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهي منهن ڦيلڙو ڪري ٻاهر نڪتا آهن. تنهن ڪري ٻين مسلمانن تي انهيءَ جو اثر پوڻ لڳو.

انهن مولوين جي ماڻ تي ٻيا عالم ماڻ ڪري نه ويٺا. انهن پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ ڪانپوءِ گاديءَ جي هنڌ هڪڙو خط موڪليو ته "اي خليفا مهديءَ! اسان وٽ هڪ اهڙو شخص ظاهر ٿيو آهي، جيڪو پاڻ کي خدا" چورائي ٿو. مهرباني فرمائي ترت هن ڏڦير کي ٻنجو ڏنو وڃي نه ته هيءَ ڏڦير سڄي ملڪ ۾ پکڙجي ويندو" اهڙي قسم جو خطا ماورالنهر جي پرڳڻي مان پڻ خليفي کي موصول ٿيو. تنهنڪري خليفي هڪ فوجي جٿو انهيءَ علائقي ڏانهن روانو ڪيو.

ابن مقنع جا پيروڪار هاڻي، ڪيترن ئي شهرن ۾ پکڙجي چڪا هئا. جڏهن ابن مقنع ڏٺو ته بغداد کان هڪ فوجي جٿو سندس پوئلڳن جي خلاف روانو ٿيو آهي ته هن به پنهنجن خاص ماڻهن کي گهرائي حڪم ڏنو ته هاڻي اهي به هڪ سگهارو لشڪر تيار ڪري وٺن ته جيئن ڪنهن به اٽوٽندڙ واقعي کي منهن ڏئي سگهجي، تنهنڪري انهن هڪ چڱي فوج تيار ڪئي ۽ پنهنجي سر هٿيار به هٿ ڪري ورتائون.

انهيءَ وچ ۾ عقيدتمندن پنهنجي خواهش ظاهر ڪئي ته "رب جيڪو چنڊ آسمان تي پيدا ڪيو آهي، سو گهٽجندو ۽ وڌندو رهي ٿو ۽ رڳو به تي ڏينهن پوري آب ۽ تاب سان چمڪي ٿو. ڇا اهو ممڪن نٿو ٿي سگهي ته هڪ اهڙو چنڊ پيدا ڪيو وڃي جيڪو گهٽ وڌ نه ٿيندو هجي." دراصل ابن مقنع لاءِ هيءَ هڪ تمام وڏي آزمائش هئي.

ابن مقنع پنهنجن ويجهن ماڻهن کي چيو" هو ڪجهه عرصو ڪيس بلڪل تنگ نه ڪن، هو ضرور سندن واسطي هڪڙو عاليشان ۽ سهڻو چنڊ آسمان ۾ بيهاري ڏيکاريندو!"

مسئلو هيءَ هو ته اهو هڪ اهڙو علائقو هو جتي وڻڪار لڳي پئي هئي ۽ اتي رات جي وقت اونداهه ٿي ويندي هئي، پر چانڊوڪي وارين راتين ۾ ڪجهه سهاءَ ۽ سوجهرو ٿيندو هو. تنهن ڪري ماڻهن ابن مقنع کان اهڙي چنڊ جي گهر ڪئي هئي، جنهن ۾ عروج ۽ زوال نه هجي.

پنهنجن ارادتمدن کي به ابن مقنع چڱيءَ طرح سمجهائي ڇڏيو هو ته هو ڪجهه وقت خاموش ويهن ۽ سندس ڪم ۾ اٽڪاءَ نه وجهن. سگهوئي سندس معجزو ظاهر ٿيندو جنهن تي دنيا دنگ رهجي ويندي ۽ ٿيو به ائين. ٻن ٽن مهين اندر هو هڪڙي عاليشان چنڊ ناهڻ ۾ سوپارو ٿي ويو. هن اهو خوبصورت چنڊ "ڪش" ۽ "نخشب" پرڳڻن جي وچ تي نصب ڪيو جيڪو 30 ميلن جو مفاصلو هو. اهو رستو هن خوبصورت چنڊ جي تيز روشنيءَ سان منور ٿي ويو. وستيون واهڻ وڻ ۽ جهرجهنگ هن عاليشان چنڊ جي جوت سان جرڪي رهيا هئا. هاڻي ڄڻ آسمان تي به چنڊ چمڪي رهيا هئا.

هيءَ خوبصورت چنڊ نماشام جو روشن ٿيندو هو ۽ پرهه ڦٽي تائين چمڪندو رهندو هو. ڪجهه مورخن جو خيال آهي تہ ابن مقنع انهيءَ خوبصورت چنڊ کي سمرقند جي ويجهو "نخشب" جي پرڳٽي ۾ هڪي کوهه جي اندر پاري ۽ ٻين ڪيميائي جزن کي پاڻ ۾ ملائي تيار ڪيو هو. چانڊوڪين ۾ تہ هڪڙي ئي وقت ۾ ٻہ چنڊ آسمان تي چمڪندا رهندا هئا پر چانڊوڪي راتين کان سواءِ ٻين اونداهين راتين ۾ هڪڙوئي چنڊ يعني "ابن مقنع وارو چنڊ" چمڪندو رهندو هو.

بعض مورخن جي راءِ موجب ابن مقنع واري چنڊ جي روشني 15 ميلن جي مفاصلي کي منور ڪري ڇڏيندي هئي. ڪن جو خيال آهي تہ انهيءَ چنڊ جي چانڊاڻ هڪ مهيني جي مسافري تائين نظر ايندي هئي. هيءَ چنڊ لڳاتار ٻن مهينن تائين جرڪندو رهندو هو. پرپاسي وارن علائقن جا رهاڪو ۽ پري پري کان ماڻهو ڪهي انهي عاليشان چنڊ کي ڏسڻ ايندا هئا. اهڙي طرح ابن مقنع جي ناموس ۽ ناماچار ڏينهون ڏينهن وڌندي وئي ۽ سندس پيروڪارن جي تعداد ۾ پڻ تيزيءَ سان اضافو پئي ٿيو.

ابن مقنع جا عقيدتمند انهيءَ چنڊ کي سندس معجزو ۽ تصرف چوندا هئا. هن چنڊ واقعي ماڻهن کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو هو. اونداهين راتين ۾ هڪڙو خوبصورت ۽ چمڪندڙ چنڊ ڏسي سندس وات ڦاٽي ويا. ڪن کي ڏندين آڱريون اچي ويون. ابن مقنع واقعي ڪمال ڪري ڏيکاريو هو. جيڪي ڪجهه هن ڪيو سو پنهنجي جاءِ تي حيرت ۾ وجهندڙ هو. جديد دور جي محققن جي نزديڪ "نخشب مان نروار ٿيندڙ انهيءَ چنڊ جو ايرڻ ۽ لهڻ" هڪ مبالغو ئي هو. انهن جي چوڻ پتاندر ابن مقنع انهيءَ چنڊ کي وڏيءَ مهارت سان ڪنهن بلند پهاڙ جي چوٽيءَ تي نصب ڪيو هوندو. اهو چنڊ ٿورو مٽي ٿي وري هيٺ بيهي رهندو هوندو!

ابن مقنع جي شهرت هاڻي پري پري تائين پکڙجي چڪي هئي. اهي ماڻهو جيڪي ٻڌتر ۾ هئا، سي هاڻي سندس مطيع ٻڌجي ويا. جن ماڻهن کي ٿورو شڪ ۽ وهم هو سي بہ هاڻي اکيون پوري سندس پوئلڳ ٿي پيا. چنڊ واري معجزي کان پوءِ تہ ابن مقنع کي تبليغ جي ڪا ضرورت ئي نہ پئي ٿي. ماڻهو پاڻيهي سندس طرف مائل ٿي رهيا هئا. سندس ڳالهہ کي هاڻي "حڪم" جو درجو ملي چڪو هو.

ابن مقنع هاڻي وڃي سک جو ساه کنيو هو. انهي ڪري پنهنجن ويجهن دوستن کي چيائين تہ هاڻي هو شادي ڪرڻ چاهي ٿو. سندس خدمت ۾ شهر جون موچاريون ملوڪ نينگريون پيش ڪيون ويون. هي انهن سان پرڻجي سک ۽ آرام سان زندگي گذارڻ لڳو. انهن نوجوان ڇوڪرين مان ڪيس اولاد پڻ ٿيو. پر هن ڪڏهن بہ ڪنهن کي پنهنجو منهن نہ ڏيکاريو. ايتري قدر جو سندس ٻارن ٻچن بہ ڪڏهن پنهنجي پيءُ جو چهرو ڪونہ ڏٺو.

ابن مقنع هاڻي تحريري طور پنهنجو پيغام مخلوق تائين پهچائڻ شروع ڪيو. جنهن جو تت هيءُ هو تہ "خدا آدم

کان اڳي بلڪل جدا هو. پر جڏهن خدا دنيا ۾ اچڻ گهريو ته هن آدم کي خلقيو. اهڙيءَ طرح خدا آدم ۾ منتقل ٿي جهان ۾ آيو. جڏهن پاڻ آدم کي پيدا ڪيائين ته عزازيل، جيڪو ملائڪن جو معلم هو تنهن کي حڪم ڪيائين ته هو آدم کي سجدو ڪري. پر عزازيل سجدي ڪرڻ کان نابري واري بيٺو. جنهن تي خدا ڏڪار ۽ ڦٽڪار جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيس ڇو ته خدا پاڻ آدم ۾ موجود هو. تنهن ڪري عزازيل يعني ابليس اڄ ڏينهن تائين مردود سڏجي ٿو ۽ قيامت تائين ملعون ڪوٺبو رهبو."

ابن مقنع هيئن پڻ چيو ته "آدم کان پوءِ خدا حضرت نوح ع ۾ ظاهر ٿيو پوءِ حضرت ابراهيم ع، پوءِ حضرت موسيٰ ع ۾، پوءِ حضرت عيسيٰ ع ۾ ۽ تنهن کان پوءِ حضرت محمد مصطفيٰ صلي ا عليه آله وسلم ۾ ظاهر ٿيو. ان کان پوءِ "ابو مسلم خراساني" جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. جنهن کان پوءِ خدا منهنجي روپ ۾ آيو آهي. ان ڪارڻ مان خدائيءَ جي دعويٰ ڪريان ٿو. انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ۽ وهم ڪرڻ نه گهرجي. جيڪو ويساهه ڪندو اهو ئي حقيقت ۾ چوٽڪارو حاصل ڪندو."

ابن مقنع اسلامي خلافت کان به بي خبر نه هو. ڪيس سڏ هئي ته جيئن ئي اها خبر بغداد ۾ پهچندي ته بنا دير جي هتي مسلمانن جو لشڪر پڄي ويندو. تنهن ڪري پاڻ ڦڙتائي سان فوج کي منظم ڪيائين. ابن مقنع کي معلوم هو ته خلافت سان ٽڪر کائڻ اکريءَ ۾ مٿو ڦاسائڻ وانگي آهي. فوج ۾ پرتي ٿيڻ وارن نوجوانن کي گهڻو ڪري چوندو هو" ياد رکو! جنهن جنت جو توهان سان وعدو ڪيو ويو آهي، اها اوهان کي ضرور ملندي پر جنت جي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي مسلمانن سان جنگ ڪرڻي پوندي. انهن سان وڙهندي جيڪڏهن توهان شهيد ٿي ويا ته توهان هميشه موجود رهڻ واري بهشت ۾ رهندا جتي پوءِ توهان کي ڪڏهن به موت ڪونه ايندو."

ابن مقنع جا ارادتمند هاڻي مسلمانن جي لشڪر جو ئي انتظار ڪري رهيا هئا. جيئن مسلمانن جو ٽڪل ۽ اجايل لشڪر پهتو ته هنن مٿن زورائتو حملو ڪرڻ جو سوچيو. اڃا اسلامي لشڪر پنهنجا تنبو کوڙي رهيو هو ته ابن مقنع جي چيلن اوچتو مٿن چڙهائي ڪري ڏني. جڏهن ته انهيءَ دور ۾ اهو رواج ڪونه هو. انهيءَ اوچتيءَ ڪاهه مسلمانن کي ڏاڍو نقصان رسايو. ٻنهي فوجن ۾ چتي ويڙهه لڳي پر جنگ جي آخر ۾ ابن مقنع جي فوج کي سرسي حاصل ٿي.

ابن مقنع جي خوشيءَ جي حد ئي ڪا نه هئي. هو هر هر ائين چوندو هو ته "جنهن پاسي خدا هوندو، انهيءَ طرف وارو ٽولو سوپارو ٿيندو." جڏهن ڪيس اطلاع مليو ته مسلمان اتان پڄي ويا آهن ته ماڻهن کي چيائين ته "اي لوڪو! خدا توهان کي هيءَ خوشخبري ٻڌائي ٿو ته توهان مان جيڪي مومن ۽ مجاهد شهيد ٿي چڪا آهن، تن کي هڪ ڀيرو وري حياتي عطا ڪئي ويندي."

ماڻهو اچرج مان پڇڻ لڳا ته "ڇا ڪين ٻيهر زندگي ملندي؟"

ان سوال جي وراڻي هڪڙي ٻئي شخص ڏني، "اي! اٿجاڻو! ائين ناهي. جيڪو توهان کي اولاد ٿيندو تن ۾ شهيدن جا روح هوندا. جڏهن اهي ٻالڪ جوان جماڻ ٿيندا تہ ڪين بلند مرتبن سان سرفراز ڪيو ويندو."

هيءَ اعلان بيعقلن کي بيحد خوش ڪندڙ هو. انهن پنهنجن مئلن جو سوڳ بہ ڪو نہ ملهايو پر انهيءَ سوچ ۾ گم هئا تہ مري ويل سگهوئي وٽن موجود هوندا. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ڪيترائي ٻار جاوا، انهن ۾ هڪڙو ڪن ڪٽيل بہ هو. اتفاق هي هو تہ انهي نئين جاول ٻار جي چاچي جا ٻئي ڪن جنگ ۾ ڪپجي ويا هئا. ماڻهن کي ويساهہ ٿي ويو تہ سندن چاچو منجهن موجود آهي. اهڙي طرح ٻين ٻارن جي جمڻ تي پڻ ساڳئي نموني يقين ڪيو ويو. انهن ٻالڪن کي شفقت ۽ محبت جي نگاهہ سان ڏٺو ويو ۽ ڪين لاڏ ڪوڏ سان نپايو ويو.

ابن مقنع جا ارادتمند نهايت ئي عاجزيءَ سان چوندا هئا تہ "اي خداوند اسان کي پنهنجو ديدار تہ ڪراءِ" پر هو وراڻيندو هو تہ "پلا توهان خدا جو ديدار ڪيئن ڪري سگهندو. توهان جون اکيون انهيءَ لائق ناهن، جو سندس ديدار جي هڪ جهلڪ بہ جهلي سگهو ۽ نہ ئي توهان جا دماغ ۽ دليون ايتريقدر مضبوط آهن، جو اها جهلڪ سهي سگهو."

هن جنگ کان پوءِ ابن مقنع ڪنهن بہ طرح ساهہ پٽي نہ سگهيو ڇاڪاڻ تہ هو ڄاڻندو هو تہ اها ڪا آخري جنگ ڪا نہ هئي. هو چڱي طرح ڄاڻندو هو تہ خلافت جا والي ۽ واڳ ڌڻي ڪنهن بہ طرح خاموش ويهي نہ رهندا ۽ آئنده جيڪو بہ لشڪر سندس فوج سان مقابلي لاءِ ايندو، اهو پهرين کان بنهہ مختلف هوندو ۽ اهي تمام گهڻي تياريءَ سان ايندا.

ابن مقنع پنهنجن پيروڪارن کي حڪم ڏنو تہ ايندڙ ڏينهن ۾ مسلمانن سان تمام وڏو مقابلو ٿيڻ وارو آهي. تنهن ڪري جيترو ممڪن ٿي سگهي مضبوط ڪوٽ ٺهرايا وڃن. تہ-ير کان اڳيئي ابن مقنع ٻنهن ڪوٽن جا نالا بہ رٿي ڇڏيا هئا. جن مان هڪ جو نالو "صيام" ۽ ٻئي جو نالو "وثيق" رکي ڇڏيو هئائين. قلعن لاءِ جيڪو هنڌ تجويز ڪيو ويو سو جابلو علائقو هو ۽ اتي پٽرن کي گهڙي گهڙي لڳايو ٿي ويو.

قلعن جي اڏاوت جو ڪم تمام گهڻي تيزيءَ سان شروع ڪيو ويو. انهن جي اڏاوت ۾ تمام گهڻي ناڻي جي ضرورت هئي. ان لاءِ ابن مقنع هيءَ تدبير ڳولي لڌي جو پنهنجن معتقدن کي حڪم ڏنائين تہ وڃي مسلمانن جي شهرن ۾ ڦرڻ لٽڻ شرع ڪري ڏين جو ناڻو گڏ ڪري سگهجي. ابن مقنع جو حڪم ملندي ئي سندس ارادتمندن ڦرلٽ شروع ڪري ڏني. هاڻي ٿيو هيئن جو نہ رڳو ڦرلٽ پئي ٿي پر ماڻهن جا قتل بہ پئي ٿيا. لوڙها بہ لتاڙجي رهيا هئا ۽ لڄون بہ لتجي رهيون هيون.

انهي هلندي ابن مقنع حڪم جاري ڪيو تہ مسجدون گهڻيون اڏيون وڃن ۽ انهن ۾ ٻانگون پڻ ڏنيون وڃن. تنهن تي ماڻهن پڇيو "اوهان پاڻ ئي تہ نمازن پڙهڻ

کان جهلي ۽ روڪي ڇڏيو آهي پوءِ مسجدن جي تعمير جو ڪهڙو فائدو؟"

انهيءَ جي جواب ۾ ابن مقنع چيو ته "منهنجي موجودگيءَ ۾ پلا نمازن پڙهڻ جو ڪهڙو لاچار آهي؟ توهان جي نماز ته منهنجي پيروي، اطلاعات ۽ اتباع آهي. باقي مسجدن ۾ صرف ٻانگون ڏنيون وڃن."

مسجدون ۽ قلعا هڪ ئي وقت ۾ ٺهي راس ٿيا. ابن مقنع حڪم ڏنو ته هر مسجد سان گڏ هڪڙو وڏو ۽ ويڪرو مسافر خانو پڻ تعمير ڪيو وڃي. جڏهن سڀ جهڙي راس ٿيا ته ابن مقنع ان جي انتظام ڪندڙن کي پاڻ وٽ گهرايو. سڀئي حاضر ٿيا. ابن مقنع حڪم ڪيو ته مسجدن لڳ جيڪي مسافر خانا تعمير ڪرايا ويا آهن، انهن ۾ موجود مڙني مسافرن، نمازين، واپارين ۽ ڪاروبارين کي ڦريو لٽيو وڃي. ابن مقنع جي حڪم پٽاندر هاڻي ائين ئي ٿيڻ لڳو ۽ مڙني واٽهڙوئن ۽ مسافرن کي بيدرديءَ سان قتل ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

..........*

اسلامي خلافت جي ڪيترن ئي شهرن ۾ خلافت جا مخالف پڻ موجود هئا. انهن جڏهن ٻڌو ته "ڪش" ۾ هڪ ماڻهو پيدا ٿيو آهي جيڪو پاڻ کي خدا ٿو ڪوٺي ته انهي فيصلو ڪيو ته ابن مقنع سان رابطو ڪيو وڃي ته جيئن گڏجي خلافت جي خلاف موثر ڪارروائي ڪئي وڃي.

اهي باغي جڏهن ابن مقنع جي علائقي ۾ پهچندا هئا ته سندن چڱيءَ طرح ڪيڪار ۽ خدمت چاڪري ڪئي ويندي هئي ۽ هي اتي جو انتظام ۽ اهتمام ڏسي ڏاڍا متاثر ٿيندا هئا. هڪڙي ڀيري باغين جو هڪڙو وفد ابن مقنع سان ملڻ لاءِ سندس قلعن ۾ آيو. انهيءَ وفد جي اڳواڻ ابن مقنع سان ملاقات دوران پنهنجي امداد ۽ اعانت جو پيغام پهچايو. پرجڏهن ڪين هيءَ ٻڌايو ويو ته "ابن مقنع نبي ناهي، پر خدا آهي" ته هنن چيو ته "جيڪڏهن هو خدا آهي ته پوءِ ڪيس اسان جي مدد جو ڪهڙو لاچار آهي؟"

ابن مقنع جي چيلن ڪين چيو ته جڏهن اهي هيستائين آيا آهن ته پوءِ ڪين خدا جو ديدار پڻ ڪرڻ گهرجي.

هڪڙي ڏينهن انهن باغين کي هڪ قلعي ۾ ابن مقنع سان ملاقات واسطي آندو ويو. ڪين هڪ وڏي ۽ ويڪري ڪمري ۾ ويهاريو ويو. گهڻي دير کان پوءِ ابن مقنع پنهنجن چئن غلامن سان گڏ هڪ عاليشان ڪرسيءَ تي خوبصورت نقاب ۾ اچي سندن سامهون ويٺو.

وفد جا اراڪين ابن مقنع جي آمد کي ڏسي ڏاڍا متاثر ٿيا. ابن مقنع جي هڪڙي ارادتمند وفد جي سربراهه کي چيو" هو ۽ سندس اراڪين ابن مقنع کي سجدو ڪن."

انهن چيو"اسان ڪيس سجدو ڪرڻ لاءِ ڪونه آيا آهيون. اسان چاهيون ٿا ته ساڻس اتحاد ڪريون ته جيئن خلافت جي خلاف موثر ڪاروائي ڪري سگهجي. پر اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته هيءَ پاڻ خدا آهي. جيڪڏهن هيءَ خود

خدا آهي تہ پوءِ ڪيس اسان سان اتحاد ڪرڻ جو ڪهڙو لاچار آهي. ڇاڪاڻ تہ خدا پنهنجي هڪڙي ئي اشاري سان پنهنجي دشمن کي تباهہ ڪري سگهي ٿو. پوءِ اسان هن جي ڪهڙي ڪم جا؟"

ابن مقنع وفد جي سربراهہ جون سيئي ڳالهيون غور سان ٻڌيون. جڏهن هن ڳالهائي بس ڪيو تہ ابن مقنع چيس "اي شخص! تو جيڪو ڪجهہ چيو اهو بلڪل درست آهي. مان هڪ اشارو ڪريان تہ ڇا ٿي نٿو سگهي. پر مان نٿو چاهيان تہ منهنجا ئي ٻانها منهنجي مٿان سواءِ ڪنهن حيلي بهاني جي مارجي وڃن. اهو انصاف ناهي. دنيا ۾ ذريعا ۽ وسيلا ڪتب آڻبا آهن. حيلن بهانن تي دنيا هلي رهي آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ پوءِ مان دنيا ۾ پيغمبر ڇو موڪليان ها ۽ مون کي خود زمين تي اچڻ جو ڪهڙو لاچار هو. اهو ڪم تہ مان عرش عظيم تي ويهي بہ ڪري سگهيس ٿي. پر ڇاڪاڻ جو مان هنيئر انسان جي روپ ۾ آهيان. تنهنڪري مون کي انساني تقاضائون بہ پوريون ڪرڻيون پونديون. تنهنڪري توهان مون سان اتحاد جون ڳالهيون ڪري سگهو ٿا."

وفد جي سربراهہ چيو "اسان اوهانجي خدائي تي ڪڏهن بہ ويساهہ ڪونہ ڪنداسون. اسان هتي انهيءَ لاءِ آيا آهيون تہ پاڻ ٻئي پنهنجي گڏيل دشمن خلاف مشترڪ لائحہ عمل تيار ڪري سگهون. ڇاڪاڻ تہ پنهنجو دشمن هڪڙوئي آهي ۽ اهو آهي "بغداد جو خليفو."

وفد جي سربراهہ جي ڳالهہ ٻڌي ابن مقنع ڏيرج سان چيو "هڪڙي ڳالهہ مان ضرور چوندس تہ توهان کي هن ڳالهہ لاءِ بلڪل مجبور ڪونہ ڪيو ويندو تہ توهان مون کي خدا تسليم ڪريو. پر جيڪڏهن پنهنجو جوڙ ٿي وڃي ٿو تہ پوءِ توهان کي وچن ڪرڻو پوندو تہ توهان منهنجي خدائيءَ تي ڪو بہ اعتراض ڪو نہ ڪندا."

وفد جي سربراهہ چيو "ها! اهو ٺيڪ آهي، پر جڏهن پاڻ گڏجي جنگ ڪنداسين ۽ جيڪڏهن شهر فتح ڪياسين تہ پوءِ انهن تي حڪومت جو اصول ۽ طريقو ڪهڙو هوندو؟"

ابن مقنع چيو "پهرين اهو ڏسڻو پوندو تہ شهر ڪيترا آهن. پوءِ اڌ شهر اوهانجي حوالي ڪيا ويندا ۽ اڌ اسان جي قبضي ۾ رهندا."

هيءَ رٽ واقعي زبردست هئي. تنهن ڪري اهو معاهدو طئي ٿي ويو. هي بہ فيصلو ٿيو تہ ابن مقنع جا سپاهي جنگ دوران سفيد لباس پهريندا ۽ اهائي سندن سچائپ هوندي.

معاهدو طئي ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ وفد کي خصوصي مهمانن جو درجو ڏنو ويو ۽ سندس سڀي مهمان نوازي ۽ خدمت چاڪري ڪئي وئي ۽ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ هڪڙي ئي جهنڊي هيٺ جنگ ڪئي ويندي. ان کان پوءِ انهيءَ وفد کي ٽن ڏينهن تائين مهمانن جي حيثيت ۾ ترسايو ويو. سندن تمام گهڻي خاطر ڪئي ويئي. ڪين عيش ۽ آرام جون سڀ شيون مهيا ڪيون ويون ۽ سندن واسطي وڏو

انتظام ۽ اهتمام ڪيو ويو.

اهڙي قسم جي خبر خليفي کي پڻ پهچي ويئي. جنهن تي خليفي مهدي پنهنجي هڪ قابل ۽ لائق سردار "زيد بن يحيٰ" کي انهيءَ ڏڦير کي ٻنجو ڏيڻ واسطي مقرر ڪيو. ٿورن ئي ڏينهن ۾ زيد بن يحيٰ پنهنجي پلٽڻ تيار ڪري ورتي ۽ پلٽڻ کي ٽولين جي شڪل ۾ ابن مقنع جي قلعن ڏانهن روانو ڪيو.

زيد کي خبر هئي تہ ابن مقنع جي ڪوٽن جي ويجهو مسجدون ۽ مسافر خانا ٺهيل آهن. جتي هڪ پيرو قافلو وڃي ٿو تہ وري واپس نٿو اچي. زيد پنهنجن بهادر سپاهين جي ٽولي واپارين جي ويس ۾ اتي جي هڪ مهمان سراءِ ۾ موڪلي. اهي سپاهي لڳ ڀڳ سو ڪن هئا. انهن مهمان سراءِ ۾ پنهنجو سامان رکيو ۽ نماز پڙهڻ لاءِ مسجد ۾ هليا ويا. مسجد ۾ جڏهن اهي ويا تہ انهن ڳالهين ۾ اهو ٻڌايو تہ وٽن اشرفين سان ڀريل ڳوٿريون پڻ آهن. مسجد جي ٻانگي کين مسجد ۾ ويهاريو ۽ پاڻ پنهنجن ماڻهن کي ٻڌائڻ هليو ويو. هن پائنئيو تہ واقعي واپارين ۽ وڻجارن وٽ اشرفين جون ڀريل ڳوٿريون آهن. جڏهن تہ انهن ڳوٿرين ۾ رتي ۽ ننڍا ننڍا پاهڻ ۽ پٿر پيل هئا. سانجهي نماز کان اڳي ئي ٻانگو واپس اچي چڪو هو.

سپاهين سانجهي نماز انهيءَ مسجد ۾ پڙهي. هنن ڏٺو تہ سومهٽي جي نماز ۾ نمازين جو انگ وڌي ويو هو. سپاهين پهريائين انهن ڦورن ۽ لٽيرن کي اک ۾ رکي ڇڏيو هو ۽ انهن سان سومهٽي نماز گڏ پڙهيائون ۽ سندن چرپر کي اک مان ڪڍندا رهيا. جڏهن رات ٿي تہ واپارين مهمان سراءِ ڏانهن منهن ڪيو جتي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ۾ سمهڻ لاءِ هليا ويا. آڌيءَ رات جو هڪڙو سپاهي لڪي ڇپي پنهنجي ڪوٺيءَ مان نڪتو ۽ مسجد جي ڇت تي هليو ويو جتان هو چورن ۽ ڦورن جي سموري چرپر ڏسي رهيو هو. اوچتو هن ڏٺو تہ ڪي مشڪوڪ ماڻهو مسجد مان نڪري مهمان سراءِ ڏانهن وڃي رهيا آهن. هن جهٽ پٽ وڃي پنهنجن ساٿين کي ٻڌايو. انهن ڦورن هوريان هوريان مهمان سراءِ جي ڪمرن ۾ گهڙڻ شروع ڪيو. جڏهن هڙئي ڪمرن ۾ گهڙي ويا، تڏهن تاجر سپاهين دروازا بند ڪري ڇڏيا. ڦورن جڏهن ڳوٿريون کوليون تہ هو ڪڪا وڪا ٿي ويا. جان ڪٽي ڏسن تہ منجهن ريتي ۽ پاهڻ پٿر پيا آهن. هيڏي هوڏي ڏٺائون تہ ڪمرن ۾ واپاري ڪاروباري آهن ئي ڪونہ! وائڙا ٿي ويا، ٻاهر نڪرڻ لاءِ دروازو کولڻ چاهيائون تہ دروازن کي ٻاهران ڪرف ڪڙا لڳل هئا.

مسلمانن هاٿي هڪ هڪ ڪمرو کولي چورن ڦورن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو. انهن ۾ مسجد جو امام ۽ موذن پڻ شامل هئا. سيني کي زيد بن يحيٰ جي سامهون پيش ڪيو ويو.

هيءَ صبح ساجهر جي مهل هئي. جڏهن زيد ابن يحيٰ کانئن پڇا ڳاڇا ڪئي. تڏهن هنن ٻڌايو "هو جيڪي ڪجهہ ٻڌن ٿا اهو سندن خدا يعنيٰ ابن مقنع جي حڪم سان ڪن ٿا."

ابن يحيٰ چيو تہ "انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو تہ توهان جو خدا توهان کي ماڻهن

کي ڦرڻ لتڻ ۽ قتل جي تعليم ڏئي ٿو. هيءَ توهان جو ڪهڙو خدا آهي، جيڪو پلائيءَ جي بدران بيڙائي جي تعليم ڏئي ٿو."

مسجد جي امام وراڻيو "مسلمانن جو عقيدو آهي ته خير ۽ شر خدا جي طرفان آهي. زندگي ۽ موت هن جي هٿ ۾ آهي. هو مرضيءَ جو مالڪ آهي. جيئن وٽيس تيئن ڪري. ڪو به ڪائنس نٿو پڇي سگهي ته تون ائين ڇو ۽ ڇا لاءِ ٿو ڪرين. ڪير به سندس فعل ۾ انڪاءِ وجهي نٿو سگهي. "خيره و شره من الله تعالىٰ" يعني چڱائي ۽ سنائي خدا پاران آهي."

مسجد جي امام وڌيڪ وراڻيو "اي سردار! اسان ڪنهن کي نٿا ڦريون ۽ لتيون. جڏهن اسان ڪنهن کي قتل ڪريون ٿا ته اهو اسان جي واسطي جهاد هوندو آهي. انهي وچ ۾ اسان کي جيڪي هڙ حاصل ٿيندي آهي سا اسان جي واسطي غنيمت جو مال هوندو آهي."

ابن يحيىٰ کيس گهڻو ئي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هو ڪهڙيءَ ريت به کيس قائل ڪري نه سگهيو. تنهن ڪري ابن مقنع جي انهن پوئلڳن کي هڪ پڪي ۽ پختي گهر ۾ قيد ڪيو ويو. هاڻي ابن يحيىٰ پنهنجو لشڪر منظم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. پر انهيءَ واقعي جي سُڌ سگهي ابن مقنع تائين پڻ پهچي ويئي. جنهن ڪري هن سيني مسجدن ۾ پنهنجون بانگون بند ڪرائي ڇڏيون ۽ مسلمانن جي لشڪر جي ڪنهن به ڪارروائيءَ جو انتظار ڪرڻ لاءِ حڪم جاري ڪيائين.

زيد ابن يحيىٰ ايا پنهنجو لشڪر منظم ئي ڪري رهيو هو ته ايتري ۾ خليفي هڪڙو لشڪر سندس ڀاءُ جبرئيل بن يحيىٰ سان گڏ روانو ڪيو ته وڃي "بخارا" واري پرڳڻي ۾ خلافت جي باغين جي سرڪوبي ڪري معاهدي مطابق باغين ۽ ابن مقنع جي ماڻهن کي گڏ ڪري هر دشمن جو مقابلو ڪرڻو هو پر ڪن سببن ڪري انهن جو پاڻ ۾ رابطو ٿي نه سگهيو.

جبرئيل بن يحيىٰ انهن باغين سان چتي ويڙهه ڪئي ۽ ڪيترن ئي مهينن جي جنگ ڪرڻ کان پوءِ انهن کي چڙوچڙ ڪرڻ ۾ سوپارو ٿي ويو. باغين ڀاڄ کائي "ڪش" ڏانهن منهن ڪيو. جتي ڪين معلوم ٿيو ته ابن مقنع پنهنجي مضبوط قلعي "صيام" ۾ موجود آهي. هي به انهيءَ ڪوٽ ۾ گهڙي پيا.

انهيءَ وچ ۾ زيد بن يحيىٰ ابن مقنع جي قلعن تائين پهچي چڪو هو. ابن يحيىٰ سندس نظرين ۽ عقيدن کان آگاهه ٿي چڪو هو. تنهنڪري هن پنهنجي پلٽڻ ڪيترن ئي حصن ۾ تقسيم ڪري ڇڏي هئي. ايا اسلامي لشڪر ڪوٽ جي دراوزي تي مس پهتو هو ته اوچتو ابن مقنع جي ڇاڙتن مٿن حملو ڪري ڏنو جنهنڪري اسلامي لشڪر ۾ اچي ٽاڪوڙو پيو ۽ اهو پوئتي هٽي ويو. ايتري ۾ اسلامي لشڪر جي ٻئي جتي امالڪ ابن مقنع جي لشڪر تي حملو ڪري ڏنو. هيءَ حملو تمام گهڻو سخت ۽ چتو هو. هن خطرناڪ حملي ۾ ابن مقنع جي لشڪر جا اٽڪل 1000 (هڪ هزار) ماڻهو مارجي ويا.

ابن مقنع جي پيروڪارن کي هيءَ ڳڻتي وڪوڙي وئي تہ آخر سندن خدا جي هوندي ڪين ڪوٽ ۾ بند ٿيڻ جو ڪهڙو لاچار آهي؟ پر ڪين ٻڌايو ويو تہ اونداهيءَ ڪوٺيءَ ۾ بہ خدا ساڻن گڏ هوندو آهي.

جڏهن ابن مقنع پنهنجي فوجي آفيسرن کان شڪست جا ڪارڻ معلوم ڪرڻ گهريا، تڏهن سندس هڪ سپاهيءَ کيس چيو "سائين! اوهان کي ڀليءَ ڀت پروڙ آهي تہ اسان وٽ سکيا ورتل سپاهين جي سخت ڪوٽ آهي. ڇا اجان اهو وقت ويجهو نہ آيو آهي تہ اوهان فرشتن کي حڪم ڪريو تہ اچي اسانجي واهر ڪن."

ابن مقنع ان اعتراض تي ٺهہ پهہ جواب ڏنس، "انسانن کي ملائڪن هٿان مارائڻ ڪٿي جو انصاف آهي ڇو تہ انسان فرشتن کي ڏسي نہ سگهندا. فرشتا انسانن کي ڏسي سگهن ٿا ۽ ان کان سواءِ فرشتا رڳو عبادت واسطي پيدا ڪيا ويا آهن. جنگيون وڙهڻ تہ انسانن جو ڪم آهي."

"سائين! چڱو جنگيون وڙهڻ انسانن جو ڪم آهي تہ اوهان پوءِ مسلمانن جي مدد ڇو ٿا ڪريو؟ جڏهن هر ڪم اوهان جي مرضي ۽ منشا سان ٿئي ٿو تہ پوءِ اسان جي هيءَ شڪست ۽ هار بہ اوهانجي مرضيءَ سان ٿي هوندي!"

ابن مقنع چيو "مان نہ رڳو توهان جو خدا آهيان پر سڀني انسانن جو خدا آهيان. مڙيئي مخلوق مون ۾ اميدون رکي ٿي."

انهيءَ اعتراض ڪندڙ جو اهو حال ڪيو ويو جو صبح جو ڏسن تہ ان جو لاش پيو هو. ان جو منهن ڏڪيل ۽ ڇچريل هو. ايتريقدر جو ڪيس سجاڻڻ ئي ڏکيو ٿي پيو هو. سندس ڪپڙن لٽن سان ئي ڪيس سجاتو ويو هو. ابن مقنع جي پوئلڳن انهيءَ اعتراض ڪندڙ جي لاش جي چڱي طرح تشهير ڪئي ۽ چيائون "ڏسو! خدا تي چڙرون ۽ ٺٺوليون ڪرڻ وارن جو انجام!"

ابن مقنع جي حڪم سان ٿورن ئي ڏينهن ۾ ڪوٽ جي چوڌاري هڪ اونهي خندق (کڏ) کوٽي ويئي. انهيءَ کاهيءَ ۾ پاڻي وهائي ڪوٽ کي محفوظ ڪيو ويو. ابن مقنع ۽ سندس فوجي آفيسرن کي هن فوري ڪاروائيءَ سان چڱو خاصو اطمينان ٿي ويو. پر ان هوندي بہ ويچارا ويساهہ سوڙيل پيروڪار اجا فرشتن جي مدد ۽ واهر جو انتظار ۽ اوسيئڙو ڪري رهيا هئا.

ابن مقنع کي انهن ڳالهين جي ڄاڻ پڻ ملي رهي هئي. هن هاڻي ماڻهن کي پاڻ وٽ گهرائي کين سمجهايو تہ "اي منهنجا ٻانهائو! توهان هي ڪهڙيون مايوسيءَ واريون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو. هنن دنيائي لڙاين سان ڀلا ڪهڙو فرق پوي ٿو. يقين ڪريو تہ اصل جنگ تہ هاڻي ٿيڻ واري آهي. جڏهن هيءَ لڙائي لڳندي تہ پوءِ توهان ڏسندا تہ هڪڙو مسلمان بہ جيئرو نہ بچندو. هن جنگ کانپوءِ توهان لازوال فتح حاصل ڪندا. هاڻي توهان کي هن وڏي ويڙهہ جي چڱيءَ طرح تياري ڪرڻي پوندي."

ابن مقنع جي ڀاڄ ڪاڏل فوج ۾ جڻ هڪ نئون حوصلو پيدا ٿي پيو. هاڻي ڪين يقين ٿي ويو تہ سندن خدا يعني ابن مقنع

ڪين بي يارو مددگار ڪو نہ ڇڏيندو.

انهيءَ دوران ابن مقنع پنهنجي عقيد تمدنن کي هڪ وڏي هال ۾ جمع ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪين پنهنجي زيارت ڪرايائين ۽ ڪين مخاطب ٿيندي چيائين تہ "اي منهنجا ٻانهائو! مسلمانن کان توهان کي هرگز گهبرائڻ ۽ ڊڄڻ جي ضرورت ڪونهي. توهان کي ڄاڻ آهي تہ هر ڪم منهنجي ئي وس ۾ آهي. جيتوڻيڪ توهان جا 700 ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن. پر اهي 700 ماڻهو توهان جي گهرن ۾ ٻيهر جمندا."

"منهنجا ٻانهاؤ! توهان پوروپروسو رکو. ڀلي سڄي دنيا جا ماڻهو توهان سان مقابلي ڪرڻ واسطي اچي وڃن، تڏهن بہ توهان جو ڪو وارو ونگو ڪري نہ سگهندا. منهنجي طاقت توهان سان هر وقت ۽ هر هنڌ گڏ آهي پر توهان کي بہ پنهنجي ست ۽ سگهہ ۾ واڌرو آڻڻو پوندو. ماڻهن کي پنهنجي عقيدن ڏانهن مائل ڪريو. ياد رکو تہ مڙيئي ڪم مان تہ نہ ڪندس. ڪجهہ توهان کي بہ هٿ پير هڻڻا پوندا."

هوڏانهن بغداد ۾ تمام گهڻي ڳڻتي وکوڙي ويئي تہ ايا تائين ابن منقع جو فتنو ڪچلي نہ سگهجيو آهي. انهيءَ لاءِ سڀ کان وڏو لشڪر "ابو عون" جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ ٻيو لشڪر ڄاتل سڃاتل سردار "معاذ بن مسلم" جي سرڪردگيءَ ۾ روانو ڪيو ويو. انهن ٻنهي وڏن لشڪرن کي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو. هن گڏيل لشڪر کي وڏيڪ مضبوط ۽ سگهارو بڻائڻ واسطي ٽيون لشڪر پڻ "عقبہ بن مسلم" جي هٿ هيٺ روانو ڪيو. هيءُ لشڪر بہ "معاذ بن مسلم" سان وڃي مليو.

هن گڏيل لشڪر جي مقدمتہ الجيش جو امير معروف سردر "سعيد بن عمرو حريشي" کي بڻايو ويو. معاذ بن مسلم هيءُ حڪم ڏنو تہ سفر شروع ڪيو وڃي ۽ سفر هلندي ابن مقنع جا جيترا بہ قلعا اچن، تن کي هر حالت ۾ فتح ڪيو ويندو. سڀ قلعا قبضي ۾ ڪرڻ کان پوءِ ابن مقنع جي مرڪزي قلعي "صيام" ڏانهن رخ ڪيو وڃي.

مسلمانن جي لشڪر جو پهريون مقابلو "واپس" نالي هڪ هنڌ تي هڪڙي ڪوٽ ۾ ٿيو. هن ڪوٽ ۾ ابن مقنع جي چڱي خاصي فوج موجود هئي، تنهن

دوڌ کا دوڌ، پاني کا پاني

مٿرا (هندستان) شهر ۾ هڪ حلوائي رهندو هو جو ڪڏهن بہ خالص ڪير نہ وڪڻندو هو ۽ نہ وري مٺائي خالص ناهيندو هو. هڪ دفعي، ان حلوائيءَ جي دڪان تان، هڪڙي باندر پيسن جي ڳوٿري (جنهن ۾ پئسا، آنا، ٻيانيون پائليون وغيره هيون) کڻي، واهہ جي پر واري وڏي وڻ جي چوٽيءَ تي وڃي ويٺو. ڳوٿريءَ مان پئسا ڪڍي هڪ پئسو پاڻيءَ ۾ تہ هڪ پئسو هيٺ پيو اُڇلي. اهڙيءَ طرح ڳوٿري جي اڌ رقم پاڻيءَ ۾ اڇلايائين ۽ اڌ رقم هيٺ. حلوائي دانهون ڪوکون ڪري چوڻ لڳو تہ "اڙي ظالم اهو ڇا ٿو ڪرين؟" ڏسندڙن مان هڪ شخص چيو تہ "دوڌ کا دوڌ اور پاني کا پاني، الگ ڪر رها هي!" يعني ڪير ۾ جيڪي پاڻيءَ وجهڻ ڪري توکي وڌيڪ پئسا مليا هئا، سي پاڻيءَ ۾ وجهي رهيو آهي.

ڪري اتي تمام زورائتو مقابلو ٿيو. نيٺ فتح مسلمانن کي ٿي. ابن مقنع جا تمام گهڻا ماڻهو مارجي ويا ۽ رهيل چارٽن پنهنجي جان ڀڄي بچائي ۽ وڃي ابن مقنع جي مرڪزي قلعي "صيام" ۾ پناهه ورتي. هن هنڌ مسلمانن ڪجهه ساهي پٽي ۽ پوءِ ٻين قلعن کي فتح ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيا. مسلمانن وڏي همت ۽ دليريءَ سان ڪيترائي ڪوٽ ڪيرائي وڌا ۽ ابن مقنع جي پيروڪارن کي هيسائي ڇڏيائون.

ڪجهه وقت کان پوءِ خليفي، سعيد بن عمرو حريشي کي گذريل لشڪر جو امير بڻائي معاذ بن مسلم وغيره کي ان جي هٿ هيٺ ڪارروائي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. سعيد هوريان هوريان ڪري سيني قلعن کي فتح ڪندو ويو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ابن مقنع جي مڙني پوئلڳن جو اجتماع ابن مقنع جي مرڪزي قلعي "صيام" ۾ ٿيڻ لڳو. هن قلعي ۾ زخمي چارٽن جو به وڏو تعداد موجود هو. انهن جي علاج ۾ حڪيم طبيب رڌل هئا.

هاڻي ابن مقنع مسلمانن سان آخري مقابلي ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيو هو. اسلامي لشڪر جي مرڪزي امير سعيد حريشيءَ پانئيو ته هيءَ مهم ڪجهه مهينن ۾ ئي ختم ٿي ويندي. پر سندس گمان غلط ثابت ٿيو. چاڪاڻ ته ابن مقنع جو مرڪزي قلعو تمام گهڻو مضبوط هو ۽ انجي حفاظت لاءِ وڏي ۽ ويڪري، ڊگهي ۽ اونهي خندق (ڪڏ) کوٽيل هئي جنهن ۾ پاڻي پريل هو. ان کي ڪنهن به طرح سان پار ڪرڻ سولو ڪم ڪو نه هو.

جڏهن مسلمان سپاهين انهيءَ خندق کي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ته قلعي جي فصيل تان تيرن جو وسڪارو ٿي ويندو هو ۽ منجنيقن سان مٿن پهڻ ۽ پٿر وسايا ويندا هئا. انهي صورتحال کي آڏو رکندي امير سعيد حريشي ڏاڪٽيون ناهڻ جو حڪم ڏنو. وڏي سخت پورهيي کان پوءِ به ڏاڪٽيون ڪارائتيون ثابت نه ٿيون چاڪاڻ ته جڏهن انهيءَ کي خندق جي مٿان رکيو ويو ته ننڍي ٿي پيئي. جنهن ڪري اسلامي لشڪر جو هنيئون هارجي ويو.

اسلامي لشڪر ڪوٽ جو گهيرو ته ڪيو پر ڪين فتح ڪرڻ ۾ وڏو وقت لڳي ويو هو. هاڻي اسلامي لشڪر کي ڪائڻ پيئڻ جي ڏکيائي ٿيڻ لڳي. ائين لڳو پئي جڻ ابن مقنع پنهنجي ڪوٽ ۾ هر شيءِ جو انتظام ڪري ڇڏيو هو. جنهن ڪري قلعي جي اندر ماڻهن کي ايتري پريشاني ڪا نه هئي.

سعيد حريشي هڪ سڄاڻ دماغ سردار هو. هاڻي هن فيصلو ڪيو ته ڏاڪٽين سان خندق کي پار ڪرڻ ته تمام گهڻو ڏکيو آهي تنهن ڪري ڇو نه انهيءَ کي ڪنهن طريقي سان پري گس ناهجي. ان لاءِ هن خندق ۾ ريتيءَ جا پريل هورا اڇلڻ جو منصوبو بڻايو. پر انهيءَ ۾ اهو خطرو هو ته ڪپڙي جون هوريون ته ڦاٽي ٿي سگهيون. تنهن ڪري هن هوريءَ جي بدران وٽن ۽ ڊورن جون ڪلون انهيءَ مقصد واسطي واپارائڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ لاءِ تمام گهڻيون ڪلون گهربل هيون.

ٽوٽڪا

- مان سمجهان ٿو تہ عمر بابت ڳالهائڻ بي وقوفي آهي، ڇو تہ هر سال ڪانپوءِ آئون جڏهن هڪ سال وڌيڪ عمر ۾ وڌان ٿو تہ هر ڪو بہ هڪ سال وڌي وڃي ٿو.
- رٽائرڊ لائيف گذاريندڙ مڙس زال جي فل ٽائيم ملازم هوندو آهي.
- ضرورت آهي رسيپشن جي لاءِ عورت جي جيڪا ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ جي صلاحيت رکندڙ هجي.
- گاڏيءَ جي سفر دوران هڪ مڙس پنهنجي زال کي چيو "مهرباني ڪري مون تي ڪرڪ،مون کي ننڊ جا جهٽڪا پيا اچن."

آسپاس جي ڳوٺن مان بہ ڪلون گهرايون ويون ۽ گاديءَ جي هنڌ ڏانهن ماڻهو موڪلي ڪلن جي سلسلي ۾ درخواست ڪئي ويئي.

جڏهن وهٽن ۽ ڊورن جي ڪلن جا ڊير لڳي ويا. تڏهن انهن کي مضبوطيءَ سان سبڻ جو فيصلو ڪيو ويو. قلعي جي چبوتري تي ويٺل محافظن جڏهن اهو ڏٺو تڏهن هو سمجهي ويا تہ هاڻي مسلمان ڇا ڪرڻ وارا آهن. تنهنڪري هنن ترت اها خبر ابن مقنع تائين پهچائي. جيڪو سمجهي ويو تہ سندس پڇاڻي ٿيڻ واري آهي. ان لاءِ حڪم ڏنائين تہ قلعي ۾ جيترين بہ ڪائيون ٿي سگهن سي هڪ وڏي ميدان ۾ گڏ ڪيون وڃن. پاڻ پنهنجن زالن ۽ ٻارن ٻچن کي پاڻ وٽ گهرايائين. جڏهن ڪيس ٻڌايو ويو تہ قلعي جون سموريون ڪائيون گڏ ڪيون ويون آهن تہ حڪم ڏنائين تہ انهن ڪائين کي باهہ ڏني وڃي. اهي سُڪل ڪائيون، پُنڊ، لاهہ، چوڏا وغيره سڀ ملائي ساڙيا ويا تہ پيڙ پڙڪي پيا ۽ شعلا آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا.

باهہ ٻارڻ ڪانپوءِ ابن مقنع حڪم ڏنو تہ مڙيئي ماڻهو ڊو ڪري شراب پيءُ پنهنجو پاڻ کي وندرائين تہ جيئن مٿن ڇانيل مايوسي ختم ٿي وڃي. انهي ڪري اتي موجود سيني ماڻهن دل کولي شراب پيئڻ شروع ڪيو. هر شخص مدهوش ٿي ويو. ماڻهو پنهنجي حال کان بي خبر هئا. ابن مقنع سان گڏ سندس سيئي زالون ۽ لاتعداد ٻار ٻچا پڻ شامل هئا.

ابن مقنع محافظن کي حڪم ڏنو تہ سندس زالن ۽ ٻارن ٻچن کي انهيءَ آڙاهہ ۾ اڇليو وڃي. ان کان پوءِ حڪم ڏنائين تہ سيني ٻالڪن کي پڻ انهيءَ مڇ ۾ وڌو وڃي. ماڻهو وٽائس پري هٽي ويا. انهن جڏهن ڏٺو تہ ابن مقنع پنهنجو اهل وعيال ۽ گهرٻار آڙاهہ ۾ اڇلي ڇڏيو آهي تہ هنن قلعي کان ٻاهر نڪري هٿيار ڦٽا ڪرڻ ۾ ئي پنهنجو ڇوٽڪارو سمجهيو.

هڪڙي ڪراڙي مائي، جيڪا ڪوٽ ۾ موجود هئي، ان اسلامي لشڪر جي امير کي بعد ۾ ٻڌايو تہ ابن مقنع جي اٽڪل 2500 (اڍائي هزار) عقيدتمندن ۽ ارادتمندن پنهنجو پاڻ ۽ اهل وعيال کي آڙاهہ ۾ اڇلي موت قبول ڪيو ۽ آخر ۾ ابن مقنع پنهنجو پاڻ کي هڪ تيزاب جي تلاءَ ۾ ڪيرائي پنهنجو انت آندو...!!!

..........*

ٻن مختلف انسانن جي پاڻ ۾ موتمار ڪشمڪش جو داستان

هابيل ۽ قابيل

ٽين قسط

جيفري آرچر
سنڌيڪار: نصرالله عباسي

"وليم لؤويل ڪين" بوسٽن جي هڪ ارب پتي ماڻهوءَ جو پٽ آهي ۽ "آبيل روزنوسڪي" هڪ ڪنگلو آهي جيڪو پولينڊ مان آيل آهي..... ٻئي هڪ ئي ڏينهن پيدا ٿيا آهن، پر اهي ٻئي هڪٻئي کان مختلف آهن. انهن ٻنهي کي پنهنجو مقدر ٺاهڻ لاءِ اڻ ٿڪ جستجو ڪرڻي آهي. انهن ٻنهي جي زندگي هڪ حيرت ڪندڙ ڪهاڻي آهي، جيڪا اصل ۾ سٺ سالن تائين ٻن طاقتور ماڻهن جي وچ ۾ نفرت جي داستان آهي. قسمت انهن کي هڪ ٻئي کي بچائڻ لاءِ منتخب ڪري ٿي..... ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ ٻئي کي تباهه ڪرڻ ۾ جتجي رهن ٿا. هيل تائين 30 لک ڪاپيون هن ناول جون ڇپجي چڪيون آهن.

گذريل ٻن قسطن جو تت

آبيل روزنوسڪي جڏهن پيدا ٿئي ٿو تہ سندس ماءُ ويم جا سور نہ سهي مري وڃي ٿي ۽ هيءَ انتهائي غربت واري زندگي گهارڻ لڳي ٿو. هن کي هاٿي هڪ نئين ماءُ آهي، ڪجهہ پائر آهن ۽ هڪ وڏي پيڻ آهي، جيڪا هن کي ننڍي هوندي کان ئي ديواني جي حد تائين محبت ڪري ٿي. جڏهن تہ هن جو نئون پيءُ جاشو هن کان سخت نفرت ڪري ٿو. هي هاٿي ڳوٺاٽي زندگيءَ جا ننڍا وڏا ڪم ڪري ٿو. پر حيرت انگيز طور تي ڳوٺ جو ذهين ترين چوڪرو ثابت ٿئي ٿو. سندس اسڪول ۾ هن جي ذهانت جا چرچا آهن. هاٿي هن جي زندگي هڪ نئون موڙ وٺي ٿي. هن جي ذهانت کي ڏسندي علائقي جو امير ترين شخص هن کي پنهنجي پٽ جي ذهني نشرونما لاءِ پنهنجي بنگلي تي وٺي اچي ٿو، هن سان سندس وڏي پيڻ فلورنٽائنا بہ گڏ آهي ۽ هاٿي هي اميراڻي ماحول ۾ زندگي بسر ڪري رهيو آهي. هوڏانهن آمريڪا جي شهربوسٽن ۾ وليم ڪين ڪروڙپتيءَ جي گهر ۾ جنم وٺي ٿو. هن جي نصيب ۾ ڪار، بنگلا، موٽرون ۽ عاليشان مستقبل آهي. هن جو ننڍپڻ اميراڻي ماحول ۾ ٿي رهيو آهي.

هاٿي آبيل روزنوسڪي موڪلون مهلائڻ لاءِ پنهنجي وڏي پيڻ فلورنٽائنا سان گڏ پنهنجي اصلي گهر ۾ اچي ٿو ۽ اتي ئي وقت گذاري ٿو، جتي ڪيس خبر پئي ٿي تہ هيءُ هنن جي سڳن رشتن منجهان نہ آهي پر ڪٽان وڇڙجي هنن وٽ پهتو آهي تہ هن کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. آخر هي پنهنجي نواب جي گهر واپس اچي ٿو ۽ ايئن هن جو دل بهلجي ٿو ۽ وري خوب مزن ۾ وقت گذريس ٿوتہ اوچتو جرمنيءَ جون فوجون هن جي ملڪ تي حملو ڪري وجهن ٿيون ۽ جرمن فوجون نواب جي گهر تي بہ ڪنٽرول حاصل ڪري وٺن ٿيون ۽ مزاحمت ڪرڻ تي نوڪرن سميت نواب جو اصلي پٽ لي اون بہ مارجي وڃي ٿو.

هوڏانهن وليم ڪين عيش ۾ پلجي رهيو آهي. ڊاڪٽر هن جي پيءُ کي ٻڌائن ٿا تہ هن جي زال هاڻ وڌيڪ اولاد پيدا نٿي ڪري سگهي.

ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ رچرڊ ۽ اڻي وليم ڪين سان گڏ ڪاروبار جي سلسلي ۾ نيويارڪ وڃن ٿا جتي رچرڊ جو ٻيڙيءَ جي جهاز جي ٻڏڻ ڪري موت ٿي وڃي ٿو. هن جي پيءُ هن لاءِ 21 سالن جو ٿيڻ تائين سڄي جائداد سونپي ڇڏي ٿو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي پئسي جي بچت بابت سبق ڏيارڻ لاءِ هن کي هلڪا ڦلڪا شيئر جا ڪاروبار ڪرايا وڃن ٿا.

هاٿي اڳتي پڙهندا

زنده بچي ويلن مان رڳو ولادڪ کي ئي تهہ خاني جي هر رستي ۽ ڪنڊ ڪڙڇ جي ڄاڻ هئي، لي اون سان لڪ لڪوٽي ڪيڏڻ وارن ڏينهن دوران هن ڪيترائي خوشگوار پل اتي گذاريا هئا.

ٻن منزلن تي ٻڌل ڪل چار ڪمرا تهہ خاني ۾ موجود هئا. هڪ وڏو ۽ هڪ ننڍو ڪمرو هيٺ ٺهيل هو. ننڍو ڪمرو قلعي جي پٽ جي پرسان ٺهيل هو، ان ڪمري ۾ اوڃائي تي جڙيل هڪ روشندان مان هلڪي روشني ايندي هئي. پنج قدم هيٺ ٻہ ٻيا بہ ڪمرا جڙيل هئا، جنهن ۾ هر وقت گهپ اوندهہ ۽ ٿورڙي هوا هوندي هئي.

ولادڪ، نواب کي مٿي جڙيل ننڍڙي ڪمري ۾ وٺي ويو جتي هو چپ چاپ، ڪنڊ ۾ ويهي خلا ۾ گهورڻ لڳو. بعد ۾ هن فلورنٽائنا کي هن جو ذاتي نوڪر مقرر ڪيو.

جيئن تہ ولادڪ اهو واحد شخص هو جنهن نواب سان گڏ ساڳي ڪمري ۾ رهڻ جي جرائت ڪئي، ان ڪري نوڪرن ڪڏهن بہ هن جي حڪم عدولي نہ ڪئي. اهڙي طرح نون سالن جي عمر ۾ هن قيدين جي روز مرهہ جي ڪمن جي ذميداري سنڀالي ورتي ۽ تهہ خاني ۾ هي سندن مالڪ هو. هن چوويهہ نوڪرن کي اٺن ڇٽن جي ٽن ٽولين ۾ ورهايو

۽ اهو خيال رکيو تہ هڪ ڪنڊب جا ماڻهو ساڳي ٽولي ۾ هجن.

ٽنهي ٽولين جو ڪم ورهايائين. پهريان اٺ ڪلاڪ هو تهہ خاني ۾ روشني، هوا ۽ ڪاڏي لاءِ ڪم ڪندا هئا، پي ۽ سڀ کان وڌيڪ مشهور شفٽ ۾ قيدي قلعي ۾ فوجين جي خدمت ۾ گذارينداهئا ۽ آخري اٺ ڪلاڪ هنن کي هيٺين ڪمرين ۾ ننڊ ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا.

سواءِ نواب ۽ فلورانائنا جي ڪنهن کي بہ خبر نہ هوندي هئي تہ ولادڪ ڪهڙي وقت ننڊ ڪندو آهي، ڇو تہ هو شفٽ جي ختم ٿيڻ تي قيدين کي هدايتون ڏيڻ لاءِ اتي موجود هوندو هو. هر ڀارنهن ڪلاڪن کان پوءِ ڪاڏو ورهايو ويندو هو. پهريدار هنن کي ٻڪريءَ جو کير، روٽي، ٻاجهري ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڪجهہ خشڪ ميوا ڏيندا هئا. ولادڪ سدائين ڪاڏي جا اناويهہ حصا ڪندو هو. سدائين ڪاڏي جا ٻہ حصا نواب کي ڏيندو هو. نواب کي ان ڳالهہ جي خبر ڪو نہ پوندي هئي.

جڏهن ولادڪ شفٽون منظم ڪري وٺندو هو تہ واپس نواب وٽ موٽي ايندو هو، جيڪو ننڍڙي ڪال ڪوٺڙي ۾ هو.

شروعات ۾ هو هن کان ڪنهن صلاح جي اميد ڪندو هو، پر هن جي مالڪ جون هڪ ٽڪ ٽيل اکيون ڪيس ائين ئي ڪنور نظر ايندیون هيون، جيئن ٻاهر جرمن فوجين جون. نواب جنهن ڏينهن کان پنهنجي ئي قلعي ۾ قيدي بڻجي ويو هو، هن هڪ لفظ بہ ڪو نہ ڳالهايو هو، هن جي ڏاڙهي سيني تائين وڌي ويئي هئي ۽ سندس مضبوط جسم ڪمزور ٿي ويو هو. سندس پر اعتماد ۽ فخر سان ڀريل چهرو هاڻي هيٺو ٿي لڳو. ولادڪ کي تہ هاڻي هن جا پيار ڀريا سڀاجها لفظ بہ ٻڌڻ ۾ ڪونہ ايندا هيا ۽ هن اهو سوچي ورتو هو تہ شايد هاڻي هي هن جا ٻيهر اهڙ پيار ڀريا لفظ نہ ٻڌي سگهي. ڪجهہ عرصي کانپوءِ هن نواب جي موجودگيءَ ۾ خاموش رهي هن جي اڻ چيل خواهشن جو احترام ڪيو. قلعي ۾ رهندي ولادڪ کان جڻ پراڻا ڏينهن وسري ويا هئا. هينئر هو ڪم ۾ ايترو مصروف هوندو هو جو ڪيس گذريل ڪلاڪ جي ياد بہ ڪو نہ رهندي هئي ڇو تہ حالاتن ۾ ڪا بہ تبديلي نہ اچي رهي هئي. اناامید لمحا ڪلاڪن ۾ هفتا، هفتا ڏينهن ۾ ۽ ڏينهن مهينن ۾ تبديل ٿيندا رهيا، ايتري قدر جو ڪيس وقت گذرڻ جو بہ احساس ڪو نہ ٿيندو هو. صرف ڪاڏو پهچڻ وقت، اونداهي يا روشني سان ڪيس خبر پوندي هئي تہ ٻيا ڀارنهن ڪلاڪ گذري ويا آهن..

ڪال ڪوٺڙي جي ٻر ۾ قلعي جي ديوار ٻاهران ايندڙ طوفانن ۽ وري برف جمڻ،جيڪا نئين سج جي نڪرڻ سان پگهرجندي هئي، ولادڪ کي موسم جو هڪ قدرتي سبق پڙهايو جيڪو هو ڪنهن ڪتاب ۾ ڪو نہ پڙهي سگهي ها. ڊگهين راتين ۾ چئني ڪال ڪوٺڙين ۾ ايندڙ لاش جي ڏپ کان هاڻ ولادڪ چڱيءَ ريت واقف ٿي چڪو هو. صبح جي سج جو پهريون ڪرڻو ،ٿڌڙي هير يا وري ڪڏهن برسات جي ڪري ان ڏپ مان جان ڇٽندي هئس.

اهڙيءَ ئي هڪ طوفاني ڏينهن جي خاتمي تي ولادڪ ۽ فلورانائنا، مٽي ڪمري جي فرش تي بيٺل برسات جي پاڻيءَ سان

پاڻ کي ڏوئي رهيا هئا. انهن مان ڪنهن به ڌيان نه ڏنو ته نواب ولادڪ کي غور سان ڏسي رهيو آهي، جنهن پنهنجي ميري شيرٽ لاهي پنهنجي جسم کي ان پاڻيءَ ۾ ان وقت تائين مهٽي رهيو هو جيستائين مٽيءَ جا داغ صاف نه ٿي وڃن. اوچتو نواب ڳالهايو، "ولادڪ." لفظ مشڪل سان ٻڌڻ ولادڪ کي ٻڌڻ ۾ آيو. "مان توکي چتو ڪو نه ٿو ڏسي سگهان" هن ٽٽل آواز ۾ چيو، "هيڏي اچ."

وڏي عرصي کان پوءِ پنهنجي سرپرست جو آواز ٻڌي هيءَ ذري گهٽ بيهوش ٿي ٿيو.

"هيڏي اچ، ڇوڪرا"

ولادڪ ڊڄندي ڊڄندي نواب جي اڳيان بيٺو، جيڪو پنهنجن ڪمزور اکين سان ولادڪ کي جانچي رهيو هو. هن ولادڪ جي سيني تي پنهنجي آگر ڦيرائي ۽ بي يقيني سان ڪيس ڏسڻ لڳو.

"ولادڪ، ڇا تون هن عيب بابت ٻڌائي سگهين ٿو؟"

"سائين،" ولادڪ شرم ڪندي چيو، "اهو عيب مون کي ڄائي ڄم کان آهي، منهنجي ماٽيلي ماءُ چوندي هئي ته اها خدا جي نشاني آهي."

"بيوقوف عورت، اهو تنهنجي پيءَ جو نشان آهي." نواب چيو.

۽ اهو ٻڌي هي ڪجهه پل لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ ايئن ڪافي دير تائين هي ايئن ئي بيٺل رهيو.

آخرڪار نواب جو آواز ٻيهر گونجيو، "ويهي رهه، ڇوڪرا." ولادڪ جلد ئي حڪم مڃيو. ويهڻ سان ئي هن ٻيهر نواب جي ٻانهن ۾ چانديءَ جو ڪڙو ڏٺو جيڪو هينئر ڊلو ٿي سندس ٻانهن ۾ لڙڪي رهيو هو، ڪال ڪوٺڙي جي انڌيري ۾ ڀت جي ڏار مان ايندڙ روشني جڏهن روسو وسڪي جي هٿيارن واري ڪوٺ تي پئي ته اهو چمڪي پيو.

"مون کي خبر ڪونهي ته جرمن اسان کي ڪيتري وقت تائين هتي قيد ۾ رکن. پهريان ته مون سوچيو پئي ته هي جنگ ڪجهه هفتا مس هلندي، پر مان غلط هئس ۽ اسان ان امڪان بابت سوچيون به ڪو نه ته جنگ ايڏي وڏي عرصي تائين جاري رهندي. اها سوچ ذهن ۾ رکندي ته اها جنگ ڪجهه وقت ئي هلندي، اسان پنهنجو گهڻو وقت ڪنهن تعميراتي ڪم ۾ لڳايون ها، چو ته مان ڄاڻان ٿو ته مون وٽ تمام ٿورو وقت وڃي بچيو آهي."

"نه،نه" ولادڪ احتجاج ڪرڻ شروع ڪيو پر نواب هن جي ڳالهه کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري پنهنجي ڳالهه جاري رکي.

"منهنجا ٻچا، تنهنجي زندگيءَ اڃا شروع ٿيڻ واري آهي، ان ڪري هاڻي توکي وڌيڪ تعليم مان ڏيندس."

نواب ان ڏينهن وڌيڪ ڪجهه نه ڳالهايو ڄڻ هو پنهنجي چيل ڳالهه جي نتيجي تي غور ڪري رهيو هجي. اهڙي طرح ولادڪ کي نئون استاد مليو. جيئن ته هنن وٽ نه ته لکڻ لاءِ ڪجهه هو ۽ نه پڙهڻ لاءِ تنهنڪري ولادڪ کي نواب جي چيل هر ڳالهه ورجائڻي هئي. هن کي ايڊم مڪي وکز ۽ جان ڪوچانوسڪي، جهڙن عظيم شاعرن جا نظم پڙهايا ويا ۽ ڪيس "اينيڊ" جا ڊگها مضمون ياد ڪرايا ويا. ولادڪ پوءِ

جيوگرافي ۽ حسابن سان گڏ چار ٻوليون، روسي، جرمن،فرانسيسي ۽ انگريزي بہ سکي. ولادڪ کي تاريخ جو علم ڏاڍو وٽندو هو. هن تاريخ ۾ گهڻو ڪجهہ پڙهيو جنهن ۾ هن جي قوم جي ورهاڱي جي سئو سالن جي تاريخ، پولينڊ کي متحد ڏسڻ جي اميد ۽ 1812ع ۾ روس ۾ نپولين بونا پارٽ تو جي شڪست سبب پولينڊ واسين جي پيڙاءُ آهستي آهستي هن کي تاريخ جي انهن سيني سچاين جي خبر پئجي رهي هئي. هن ماضي جي جرائت مندي جا قصا پڙهيا. جڏهن جان ڪاسيمير بادشاهہ، سويڊن جي فوجين کي چيسٽو ڪووا جي مقام تي شڪست ڏيئي پولينڊ کي بچايو ۽ شڪار جو شوقين ۽ وڏي جاگيردار عظيم شهزادي رازي ول وارسا ۾رسان عظيم قلعي ۾ پنهنجي دربار لڳائي هئي. هر ڏينهن جي ڀڃاڻي تي ولادڪ جو آخري سبق، روزانو وسڪي خاندان جي تاريخ بابت هوندو هو. نواب باربار ڪيس اهو ٻڌائيندي نہ ٿڪبو هو تہ ڪيئن سندس وڏن 1794ع ۾ جنرل ڊابروسڪي جي ڪمان هيٺ وڙهيا ۽ وري 1809ع ۾ خود نپولين جي ڪمان هيٺ. جنهنڪري عظيم شهنشاهہ ڪين مڃڻا طور وڏي جاگيردار جو خطاب ڏنو. ولادڪ کي اها بہ خبر پئي تہ ڪيئن نواب جو ڏاڏو وارسا جي ڪائونسل جو ميمبر بڻيو ۽ نئين پولينڊ جي ناهڻ ۾ هن جي پيءُ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هو. ولادڪ کي اها خوشي هئي تہ هن ڪال ڪوٺريءَ ۾ هڪ ڪلاس روم جهڙي ماحول ۾ هيءُ گهڻو ڪجهہ سکي رهيو آهي.

ڪال ڪوٺڙي جي ٻاهران بيئل پهريدار هر چئن ڪلاڪن کان پوءِ تبديل ٿيندا ٿي ويا. هنن ۽ قيدين جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي هئي، جنهن مان ولادڪ کي جنگ بابت خبر پوندي رهندي هئي. ڪيس هنڊنبرگ ۽ لنڊنڊورف، جي عمل، روس ۾ ايندڙ انقلاب ۽ ان جي ڪري بريسٽ ليوسڪ، معاهدي ذريعي جنگ مان ٻاهر ٿيڻ بابت معلوم ٿيو.

ولادڪ کي يقين ٿيڻ لڳو تہ صرف موت ئي هتان چوٽڪارو ڏياري سگهي ٿو. چو تہ هن کي ان ڳالهہ جو احساس هو تہ گذريل ٻن سالن ۾ نوَ پيرا دروازو ڪليو هو. ولادڪ کي حيرت ٿيڻ لڳي تہ ڇا هي پنهنجي زندگي جا باقي ڏينهن هن دوزخ ۾ ناميدي جي خلاف وڙهندي گذاريندو، جتي پنهنجي دماغ ۾ بيڪار معلومات سٽيندو ٿو وڃي،ڇا هن کي آزادي نہ ملندي. نواب جي آهستي آهستي گهٽجندڙ نظر ۽ ٻڌڻ جي صلاحيت باوجود هو ولادڪ کي پڙهائيندو رهندو هو، جنهن ڪري هر ايندڙ ڏينهن ولادڪ کي نواب جي اڃا بہ ويجهو ويهڻو پوندو هو. فلورا، هن جي پيڻ، ماءُ ۽ ويجها دوست، هر وقت بدبودار ڪال ڪوٺڙي ۾ ٽڪائيندڙ جسماني محنت ۾ رڌل هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پهريدار هن جي پيڻ کي تازي واريءَ جي بالٽي ڀري ڏيندا هئا، جيڪا هوءَ ڪمري جي گندي فرش تي وڃائيندي هئي،جنهن سان ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڏپ گهٽجي ويندي هئي، زمين تي ڪرندڙ ڪاڏي جي ذرن جي ڪري ڪيڙا مڪوڙا پيدا ٿي پونداهئا، جنهن ڪري بيماريون پکڙجڻ لڳيون ۽ گند ۾ اڃا بہ اضافو ٿيڻ لڳو، جانورن ۽ انسان جي پيشاب ۽ گندگيءَ جي سخت ڏپ هر وقت هنن جي ناسن ۾ واسو ڪندي رهندي هئي،

جنهن جي ڪري ولادڪ کي هر وقت اوڪارا ۽ التيون ايندڙيون رهنديون هيون، هن بيهر پاڻ کي صاف ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ڪال ڪوٺڙي جي چت تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي پراڻا ڏينهن ياد ڪندو هو، جنهن ۾ هي لي اون، سان گڏجي گرم پاڻي جي ٽپ ۾ صابڻ سان گڏ وهنجندا هئا ۽ اگر ڪڏهن سندن ڪپڙا ٽورڙا به ميرا هوندا هئا ته سندس نوڪرياڻي وڏي اهتمام سان ڪين ٻيهر وهنجاريندي هئي. 1918ع جي بهار جي مند تائين چوڻهن مان فقط ارڙنهن قيدي زنده بچيا. نواب کي سڀ هميشه پنهنجي مالڪ جيان سمجهندا هئا، جڏهن ته ولادڪ هن جو تسليم ٿيل نائب بڻجي چڪو هو. ولادڪ کي پنهنجي پياري فلورا لاءِ ڏک هو جيڪا هاڻي ويهن سالن جي ٿي چڪي هئي. هو گهڻو اڳ پنهنجي زندگيءَ مان ناميد ٿي چڪي هئي ۽ هن کي يقين ٿي چڪو هو ته باقي حياتي هن قيد ۾ گذاريندي. ولادڪ هن جي سامهون ڪڏهن همت نه هاري هئي پر جيئن ته هي فقط ٻارنهن سالن جو هو ان ڪري ڪيس مستقبل جي باري ۾ پڪ ڪو نه هئي. سروءَ جي هڪ شام جو فلورا، وڏي ڪال ڪوٺڙي ۾ ولادڪ جي پير ۾ اچي ويٺي.

"نواب توکي گهرايو آهي."

ولادڪ تڪڙو اٿيو. پراڻي نوڪر کي ڪاڏي جي ذميواري ڏئي پاڻ جهور ماڻهو سان ملڻ هليو ويو. نواب ڪافي پيڙاءُ ۾ هو. ولادڪ پهريون پيرو چڱي طرح ڏٺو ته بيماري سب نواب جو جسم ڪنهن هڏائن پڇري جيان پئي لڳو. نواب پاڻي گهريو، جيڪو فلورا کيس، هڪ اڌ پريل جڳ مان ڀري آڻي ڏنو. پاڻي پيئڻ کانپوءِ هن عظيم شخص وڏي تڪليف سان آهستي چوڻ شروع ڪيو، "ولادڪ توکيترائي دفعا ڏٺو موت ڏٺو آهي هڪ وڏيڪ موت تنهنجي لاءِ معنيٰ ڪو نه ٿو رکي. مان اعتراف ڪريان ٿو ته مون کي هن دنيا مان فرار ٿيڻ جوڪو ڊپ ڪونهي."

"نه، نه، ائين نه ٿو ٿي سگهي" ولادڪ روئڻ شروع ڪيو ۽ زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس چنبڙي ويو، "اسان ڪاميابي جي ويجهو پهتا آهيون، همت نه هار نواب. فوجين مون کي پڪ ڏياري آهي ته جنگ ختم ٿيڻ واري آهي ۽ اسان کي آزاد ڪيو ويندو."

"ولادڪ، اهي مهينن کان اسان سان اهڙا واعدا ڪري رهيا آهن، اسان وڏيڪ هنن تي اعتبار نه ٿا ڪري سگهون، بهرحال هو جيڪا نئين دنيا جوڙيندا مون کي ان دنيا ۾ رهڻ جي ڪا خواهش ڪونهي" هو ڪي پل خاموش رهيو ۽ ولادڪ کي روئيندي ڏسندو رهيو. نواب چاهيو ته هن جا ڳوڙها پي ڇڏي پر اهو سوچي پاڻ تي ڪنٽرول لڳو ته ڳوڙها لوٽائيا هوندا.

"ولادڪ، منهنجي خاص نوڪر ۽ پيادي کي سڏ ڪر" ولادڪ ترت حڪم بجا آندو، پر ڪيس خبر ڪو نه هئي ته اهي ڇاجي لاءِ گهرايا ويا آهن. ٻنهي نوڪرن کي اگهور ننڊ مان جاڳايو ويو. ٻئي ڇٽا نواب جي سامهون بيٺا. ٽن سالن جي قيد کانپوءِ هنن کي ننڊ هاڻي آرام سان اچي ويندي هئي. ٻنهي کي هينئر به پرت پريل پوشاڪ پهريل هئي پر هينئر ڪير اهو نه ٿي ٻڌائي سگهيو ته ڪنهن دور ۾ ان پوشاڪ جا رنگ،

قابل فخر هئا. هي ٻئي خاموشي سان بيٺا پنهنجي مالڪ جي ڳالهائڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا.

"ولادڪ، ڇا هي اچي ويا آهن؟" نواب پڇيو.

"هائو سائين، ڇا توهان انهن کي نٿا ڏسي سگهو" ولادڪ کي پهريون ڀيرو احساس ٿيو تہ نواب مڪمل انڌو ٿي چڪو آهي.

"انهن کي اڳيان آڻ تہ جيئن مان کين ڇهي سگهان، ولادڪ ٻنهي کي اڳتي آندو ۽ نواب کين ڇهرن کان ڇهيو.

"ويهو،" هن حڪم ڏنو. "لدوڪ، الفونس، ڇا توهان ٻئي منهنجو آواز ٻڌو پيا."

"جي ها سائين."

"منهنجو نالو نواب رونسو وسڪي آهي."

"اسين ڄاڻون ٿا سائين." خاص نوڪر معصوميت مان وراڻيو. "ڳالهائڻ ۾ مداخلت نہ ڪريو،" نواب چيو، "مان مرڻ ڪنڌي تي آهيان."

موت هتي اهڙو عام ٿي چڪو هو ٻنهي نوڪرن کو احتجاج نہ ڪيو. "مان نئين وصيعت کو نہ ٿو لکي سگهان ڇو تہ مون وٽ ڪاغذ، قلم ۽ مس ڪونهي، ان ڪري مان پنهنجي وصيت توهان ٻنهي جي موجودگيءَ ۾ ڪريان ٿو ۽ توهان ٻئي منهنجا شاهد آهيو. جنهن کي پولينڊ جو قديم قانون تسليم ڪري ٿو. توهان سمجهو ٿا. مان ڇا چئي رهيو آهيان."

"جي ها سائين،" ٻنهي ڄڻن هڪ آواز ۾ چيو، "منهنجو پهريون ڄاڻو پٽ، لي اون، مري چڪو آهي." نواب ساهي پٽي. ۽ هاڻي مان پنهنجي سڄي جاگير ۽ مال ملڪيت هن ڇوڪري ولادڪ ڪوسڪي وڪز جي حوالي ٿو ڪريان."

ولادڪ ڪيترن سالن کان پنهنجو خاندائي نالو ڪو نہ ٻڌو هو، تنهن ڪري نواب جي ڳالهہ جي اهميت کي جلد سمجهي نہ سگهيو. "منهنجي ان ڳالهہ جي ثبوت طور،" نواب پنهنجي ڳالهہ جاري رکي، "مان پنهنجو خاندائي ڪڙو هن ڇي حوالي ٿو ڪريان."

ان پوڙهي شخص هوريان پنهنجي سڄي ٻانهن مٿي کئين، ڪرائي مان چاندي جو ٻانهوٽو لاٿو ۽ خاموش بت بڻيل ولادڪ ڏانهن وڌايو، جنهن کي هن مضبوطي سان جهلي سندس سيني تي آڙ ڦيرائي رهيو هو، جڻ پڪ ڪندو هجي تہ اهو ولادڪ ئي آهي.

"منهنجا پٽ،" هن ٻار جي ڪرائي ۾ خاندائي ڪڙو پارائيندي چيو.

ولادڪ ڏاڍو رُنو ۽ سڄي رات ان وقت تائين نواب جي ٻانهن ۾ ليٽيو رهيو، جيستائين هن جي دل ڌڙڪڻ بند نہ ٿي. صبح جو پهريدار جي مدد سان نواب جو لاش اتان هٽايو ويو، جن ولادڪ کي اجازت ڏني تہ نواب کي سندس پٽ لي اون جي پير ۾ گرجا گهر آڏو ٺهيل خاندائي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏي. ، ولادڪ جي هٿن سان کوٽيل قبر ۾ لاش لاهيندي نواب جي قاتل شرٽ کلي وئي.

ولادڪ فوتيءَ جي سيني کي چٽائي ڏنو.

نواب جي سيني تي هڪڙي ببڙي هئي.

اهڙي طرح ولادڪ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ چوويهه هزار ايڪڙ زمين، هڪ قلعو، جاگير تي ٺهيل به عاليشان گهر، ستاويهه ننڍا گهر ۽ ڪافي تعداد ۾ پينٽينگز، فرنيچر ۽ زيور ورثي ۾ حاصل ڪيا پر ان باوجود به هي هن زمين تي هڪ ننڍڙي پٽر جي ٺهيل ڪمري ۾ رهي رهيو هو. ان ڏينهن کان وٺي قيدين هن کي پنهنجو قانوني مالڪ تسليم ڪيو. هن جي سلطنت چار ڪال ڪوٺڙيون، تيرهن ڪمزور نوڪر ۽ هن جي محبت فلورا هئي. 1918ع جي سياري تائين جي لڳاتار پنهنجي روزانه واري ڪرت ۾ مصروف رهيو. هڪڙي ڏينهن قيدين جي ڪنن تي ٺڪاڻن جا ڪجهه آواز پيا ۽ ٿوري ويڙهه جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. ولادڪ کي پڪ هئي ته پولينڊ جي فوج ڪيس بچائڻ آئي آهي ۽ هاڻي هي جلد ئي پنهنجي قانوني وراثت تي پنهنجي دعويٰ جمائيندو. جنهن جرمن سپاهي ڪال ڪوٺڙين جي دروازن کي ويران ڇڏي ويا ته قيدي اندر ساهه مٽ ۾ ڪيون، خوفناڪ خاموشي سان وينا رهيا. ولادڪ اڪيلو دروازي جي سامهون بيٺو، چانديءَ جي ٻانهوٽيءَ کي هٿيندي پنهنجي آزاد ڪندڙن جو انتظار ڪرڻ لڳو، آخرڪار جرمن فوجين کي شڪست ڏيندڙ اتي پهتا ۽ سخت لهجي ۾ سلاوڪ ٻولي ڳالهائڻ لڳا. جنهن کان ولادڪ کي جرمن ٻوليءَ کان وڌيڪ خوف ايندو هو.

ولادڪ کي هن جي خاص نوڪر سان گڏ وڏي بدتميزي سان گهلي ٻاهر آندو ويو. قيدين جي جاچ ڪرڻ کانپوءِ ڪين ٻيهر ڪال ڪوٺڙين ۾ قٽو ڪيو ويو. نوان فاتح ان ڳالهه کان بلڪل بيخبر هئا ته هي ٻارنهن سالن جو چوڪرو سندس حد نظر تائين ايندڙ جاگير جو مالڪ هو. هو هن جي ٻولي ڪو نه ڳالهائيندا هئا. هنن جا حڪم بلڪل چٽا ۽ سوال نه ڪرڻ جوڳا هئا، يعني هر ان شخص کي قتل ڪريو جيڪو ان معاهدي جي مخالفت ڪري جنهن تحت پولينڊ جو هي حصو هنن کي مليو هو ۽ جيڪي مخالفت نه ڪن، انهن کي ڪيمپ نمبر 201 ۾ موڪليو، جتي هو پنهنجا باقي ڏينهن پورا ڪري.

جرمن فوجون حڪمت عملي تحت پنهنجي نئين سرحد تي پنتي هلي ويون هيون، جڏهن ته ولادڪ ۽ ساٿي پنهنجي مستقبل کان بلڪل بيخبر هڪ نئين زندگي جي اميد ڪندي انتظار ڪري رهيا هئا.

ٽين ڏينهن صبح جو ولادڪ کي ڏاڍي حيرت ٿي، جڏهن هنن جي پندرهن سنهن ۽ گندن جسمن کي ڇڪي، قلعي جي آگر تي گاهه مٽان اڇليو ويو.

ٻه نوڪر، وڏي عرصي کانپوءِ سج جي روشني ڏسي زمين تي ڪري پيا. ولادڪ کي پڻ تمام گهڻي روشني پريشان ڪرڻ لڳي. هن پنهنجون اکيون ڍڪي ڇڏيون. قيدي چپ چاپ بيٺا، سپاهين جي ڪجهه ڪرڻ جو انتظار ڪرڻ لڳا. سپاهين ڪين حڪم ڏنو ته پنهنجا ڪپڙا لاهيو ۽ ير ۾ وهندڙ ندي مان وهنجي اچو. ولادڪ چانديءَ وارو ٻانهوٽو لاهي پنهنجي ڪپڙن ۾ لڪايو ۽ ندي ڏانهن ڊوڙ پاتي. ڪيس پنهنجون ٽنگون ڪمزور محسوس ٿيون. هن نديءَ ۾ ٽپو ڏنو. پاڻي جي ٺڏاڻ ڪجهه پل هن جو ساهه منجهائي ڇڏيو پر ڪيس اهو ڏاڍو وڻيو. ٻين قيدين به هن جي پٺيان ڊوڙ پاتي ۽

ٽن سالن جي مٽيءَ ڪچرو صاف ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳا. جڏهن ولادڪ ٽڪجي نديءَ مان ٻاهر نڪتو تہ هن ڏٺو تہ ڪجهہ سپاهي فلورا کي عجيب نظرن سان گهوري رهيا هئا. جيڪا نديءَ ۾ وهنجي رهي هئي. هو فلورا ڏي اشارا ڪري ڪلي رهيا هئا. ٻين عورتن شايد هن جو ڌيان ڪو نہ ڇڪايو هو. هڪ ڊگهي بدصورت همراهہ، جنهن هڪ پل بہ فلورا مان اک نہ ڪڍي هئي. واپسي تي پنهنجي پرسان گذرندين فلورا کي ٻانهن مان پڪڙي زمين تي ڪيرائي وڌو ۽ جلدي جلدي پنهنجا ڪپڙا لاهڻ شروع ڪيائين، ساڳي وقت ڪپڙن کي صفائي سان ويڙهي گاهہ مٿان رکڻ لڳو.

ولادڪ غير يقيني منجهان ان وحشي سپاهي کي ڏسي رهيو هو،جنهن فلورا کي مضبوطي سان پڪڙي رکيو هو. ان وقت ولادڪ سپاهي ڏانهن تيزيءَ سان ڊوڙي پوري طاقت سان پنهنجو مٿو سپاهي جي پيٽ ۾ وهائي ڪڍيو. سپاهي پوئتي وڃي ڪريو. ان وقت هڪ ٻئي سپاهي ٽپو ڏئي ولادڪ کي ڪنڌ کان پڪڙي بيهي رهيو. ان جهيڙي کي ڏسندي ٻيا سپاهي اچي گڏ ٿيا. ولادڪ کي پڪڙيندڙ شخص هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. هڪ اهڙو ٽهڪ جنهن ۾ ڪو مذاق ڪو نہ هو. ٻين سپاهين جا جملا ولادڪ جي ڪاوڙ وڌائي رهيا هئا. "اڳتي وڌ عظيم محافظ" هڪڙي سپاهي چيو.

"اڳتي وڌي پنهنجي قوم جي عزت بچاءِ" ٻي چيو. "سڀ گول دائرو ناهي بيهو." ولادڪ کي جهلي بيهيندڙ همراهہ چيو.

وڏن ٽهڪن جي وچ ۾ ڳالهايا ويندڙ جملا ولادڪ کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيا. هن ٿلهي ۽ مضبوط جسم سپاهي کي فلورا ڏانهن وڌندڙ ڏٺو جيڪا رڙيون ڪري رهي هئي. ولادڪ ٻيهر ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ هن ظالم سپاهي جي جڪڙ مان پاڻ ڪي آجو ڪرائي پر ان ۾ ناڪام رهيو. سپاهي فلورا جي مٿان چڙهي ويو ۽ ڪيس چميون ڏيڻ لڳو. فلورا منهن پاسي تي ورائي پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي تہ سپاهي ڪيس چماٽون هڻڻ لڳو. آخرڪار فلورا جي ڪا بہ ڪوشش ڪامياب نہ وئي ۽ سپاهي پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو. ٻيا سپاهي هوڪارا هڻندا ۽ ٽهڪ ڏيندا رهيا.

"هاڻي منهنجو وارو آهي." هڪ ٻي سپاهي چيو. وڌيڪ ٽهڪ، فلورا جيئن ئي ولادڪ جي اکين ۾ چتائي ڏٺو تہ ولادڪ کي الٽيون اچڻ لڳيون. هن کي جهلي بيهندڙ سپاهي ان جي ڪا بہ پرواهہ ڪا نہ ڪئي سواءِ ان جي تہ هن جي الٽي سان سندس بوٽ يا يونيفارم خراب نہ ٿئي. پهرين سپاهي، فلورا کي رتو رت ڇڏي. نديءَ ۾ وهنجڻ هليو ويو. ٻيو سپاهي پنهنجو وارو وٺڻ لاءِ فلورا جي مٿان پهتو. اڄ فلورا جنهن طرح سان رڙيون ڪيون هيون. ولادڪ پنهنجي حياتي ۾ اڳ ڪڏهن بہ اهڙيون رڙيون ڪو نہ ٻڌيون هيون.

"والدي، هاڻي جان ڇڏ، ٻي ڪي وارو ڏي" هڪ سپاهي چيو. ان وقت ان سپاهي فلورا جي جان ڇڏي ۽ پنهنجي پهرين ساٿي سان گڏجي نديءَ ۾ وهنجڻ لڳو. ولادڪ فلورا ڏانهن ڏسڻ جي همت ڪئي، جنهن جي ٻنهي ٽنگن جي وچ مان رت وهي رهي هئي. "بورس، اچي هن حرامي کي پڪڙ تہ مان پنهنجو وارو وٺان." پهريون سپاهي نديءَ

مان ٻاهر آيو ۽ ولادڪ کي مضبوطيءَ سان جهلي بيٺو، ولادڪ ٻيهر هن تي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي سپاهي وري وڏو ٽهڪ ڏنو.

"هاڻي اسان کي پوليس جي فوج جي اصل طاقت جي خبر پئي آهي." برداشت کان ٻاهر ٽهڪ.

جيئن ئي ٽيون سپاهي ڪپڙا لاهي فلورا جي مٿان پهتو، جيڪا هن وقت هنن جي حوس کان لاتعلق بڻجي چڪي هئي، ان سپاهي پنهنجو پورو مزو وٺڻ کانپوءِ پنهنجا ڪپڙا کنيا ۽ نديءَ تي هليو ويو، ان وقت ٻيو سپاهي وهنجي پنهنجا ڪپڙا پائي واپس اچي پنهنجي ساٿين جو مزو ڏسڻ لڳو.

چوٿون سپاهي فلورا وٽ پهچي وحشي انداز ۾ هن جو جسم مهٽڻ لڳو. هاڻي فلورا جون رڙيون ڪو نه ٿي آيون. ولادڪ ڏٺو ته سورنهن سپاهين هن جي پيٺ جي لڄالت ڪئي هئي،جڏهن آخري سپاهي پنهنجي ڪم مان فارغ ٿي واپس آيو ته هن چيو"منهنجي خيال ۾ مان مئل عورت سان زنا ڪري آيو آهيان."

اهو چئي اهو سپاهي به ندي ڏانهن وڌيو، جڏهن ته ٻيا سپاهي ٽهڪ ڏيڻ لڳا. آخرڪار سپاهي ولادڪ مان هٿ ڪڍيو. هن فلورا ڏانهن ڊوڙ پاتي جڏهن ته سپاهي نواب جي ڪمري مان ڪنيل شراب ۽ وود ڪا پيئڻ لڳا ۽ ماني کائڻ لڳا.

ٻن نوڪرن جي مدد سان،ولادڪ، فلورا جو جسم نديءَ ڪناري ڪٽي وڃي هن جي جسم تان رت ۽ رهڙيون صاف ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ۽ روئندو رهيو. هاڻي اهو فلورا لاءِ بلڪل بيڪار هو.سندس سجو جسم ڳاڙهو ۽ ڪارو ٿي چڪو هو. فلوراڪنهن به مدد کان بيحس ۽ ڳالهائڻ جي قابل به نه رهي هئي، ولادڪ جيترو ڪري ٿي سگهيو،ڪيو ۽ پوءِ هن جي جسم کي پنهنجي جئڪيٽ سان ڍڪي پاڪر ۾ جهلي ويٺو. هن فلورا جي منهن تي چمي ڏني. اها پهرين عورت هئي، جنهن کي هن چمي ڏني هئي. هو هن جي ٻانهن ۾ ليٽي رهي پر هن ڄاتو پئي ته فلورا ڪيس ڪونه سڃاتو آهي ۽ جنهن وقت هن جي چهري تان ڳوڙها ويهي فلورا جي رهڙيل جسم تي ڪريا، هن محسوس ڪيو ته هو بي جان ٿي چڪي آهي. هيءَ هن جي لاش کي ندي ڪناري ڪٽي روئيندو رهيو.هي لاش کي ڪٽي جڏهن گرجا طرف وڃڻ لڳو ته سپاهي بلڪل ماڻ هئا.هن ڪيس نواب جي قبر جي پر ۾ رکي پنهنجي هٿن سان زمين کوٽڻ لڳو.جڏهن سج جي آخري ڪرڻي سبب قلعي جو ڍگهو پاڇو قبرستان مٿان ڇانئجي ويو ته هن کوٽائي مڪمل ڪئي.هن فلورا کي "لي اون" جي پر ۾ دفنايو ۽ ٻن ڪاٺين جي مدد سان صليب ٺاهي هن جي مٿي کان ٽنبي ڇڏيائين.

ولادڪ فلورا ۽ لي اون جي قبرن جي وچ ۾ ڪري پيو جتي ڪيس ننڊ اچي وئي. ڪيس ان ڳالهه جي ڪا پرواهه ڪو نه هئي ته هو وري ٻيهر جاڳندو به يا نه.

........*

وليم سپيٽمبر ۾ سائر اڪيڊمي واپس موٽيو ۽ جلد ئي پاڻ کان علاوه ٻين شاگردن وچ ۾ مقابلو ڏنائين.هي جو ڪجهه به پڙهندو هو، ان وقت تائين مطمئين نه ٿيندو هو، جيستائين ان ۾ بلڪل پڙ نه ٿيندو هو ۽ هن جا هم عمر هميشه هن جا ڪمزور

مخالف ثابت ٿيندا هئا. وليم کي احساس ٿيڻ لڳو تہ هن جي برادري وارن امير ماڻهن جا ٻار مقابلو ڪرڻ جي سگهہ گهٽ رکندا هئا. جڏهن تہ هن کان گهٽ حيثيت وارا ٻار وڌيڪ هوشيار هوندا هئا.

1915ع ۾ سائر اڪيڊميءَ ۾ ماچيس جا ڏها گڏ ڪرڻ جي شوق واسو ڪيو. وليم هڪ هفتي تائين ان جنون جو وڏي چاهہ مان مشاهدو ڪيو پر بعد ۾ چڏي ڏنو. ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ هڪ جهڙي تصوير وارا گهڻائي ۾ موجود ڏها ڏهہ سينيٽ ۾ خريد ۽ وڪرو ٿيڻ لڳا، پر جيڪي اٿلپ هئا، انهن جي قيمت پنجاهہ سينٽ تائين پهتي. وليم صورتحال تي غور ڪيو ۽ اهو فيصلو ڪيو تہ هو جمع ڪندڙ نہ پر خريد ۽ وڪرو ڪندڙ بڻجندو. ايندڙ ڇنڇر تي، هي بوسٽن جي مشهور تماڪ وڪرو ڪندڙ ڪمپنين مان هڪ ليوت ۽ پئرس وٽ پهتو ۽ منجهند تائين، دنيا جي وڏن ماچيس ناهيندڙ ڪمپنين جا پتا لکڻ لڳو. خاص ڪري انهن جا جن جو پاڻ ۾ جهيڙو ڪو نہ هو.

هن پنج ڊالرن جي سيڙپ ڪري ڪاغذ، لفافو ۽ ٽپال ٽڪيٽون ورتيون ۽ انهن ڪمپنين جي صدر يا چيئرمين کي خط لکيا. هن جو خط بلڪل سادي انداز ۾ هو، حالانڪہ هن ست ڀيرا ڦاڙي ٻيهر خط لکيو هو.

پيارا محترم چيئرمين يا صدر

مان ماچيس جا خالي ڏها گڏ ڪرڻ جو تمام گهڻو شوقين آهيان، پر مان سڀ ماچيس خريد نہ ٿو ڪري سگهان. مون کي هفتي ۾ صرف هڪ ڊالر خرچي ملندي آهي، پر مان هن سان گڏ ٽن سينٽن جي ٽپال ٽڪلي موڪلي توهان کي اها پڪ ٿو ڏيارڻ چاهيان تہ مان پنهنجي شوق ۾ ڪيڏو نہ سنجيده آهيان. توهان جو وقت ضايع ڪرڻ لاءِ مان معذرت خواهہ آهيان، پر صرف توهان جو ئي اهو نالو آهي، جنهن کي مون خط لکڻ لاءِ مناسب سمجهيو.

توهان جو دوست

وليم ڪين (عمر نوَ سال)

نوٽ: توهان جا ماچيس منهنجا پسنديده آهن. ٽن هفتن اندر، وليم کي پنجونجاهہ في سيڪڙو جواب مليا، جنهن سان هن کي هڪ سئو اٺهتر مختلف ڊزائين جا ماچيس مليا. تقريبن سيني جواب ڏيندڙ وليم کي ٽي سينٽ واري ٽپال جي ٽڪلي پڻ واپس موڪلي ڏني. جنهن جي هن کي اڳ ئي اميد هئي تہ هو ائين ڪندا، ايندڙ ستن ڏينهن ۾ وليم اسڪول دوران ماچيس جي مارڪيٽ کولي ورتي. خريداري ڪرڻ کان اڳ ئي هي هميشہ ڏسندو رهندو هو تہ هو ڇا وڪرو ڪري سگهي ٿو. هن کي تجربي مان خبر پئي تہ ڪجهہ ڇوڪرا اٿلپ ماچيس جا ڊزائين ڪو نہ پيا پسند ڪن، بلڪہ هنن خوبصورت ڊزائين کي پسند پئي ڪيو. اهڙن ڇوڪرن سان هن اٿلپ ڊزائين جو سودو پئي ڪيو تہ جيئن اهي اصل خريدار کي وڏي اگهہ وڪرو ڪري سگهجن. وڌيڪ ٻن هفتن جي خريد ۽ فروخت ڪانپوءِ هن محسوس ڪيو تہ مارڪيٽ پنهنجي چوٽ تي آهي. اسڪول جون موڪلون ويجهون هيون. هن سوچيو تہ اگر مارڪيٽ ۾ ڏيان سان ڪم نہ ڪيو تہ ڇوڪرن جو هي شوق بلڪل ختم ٿي ويندو. وليم ڪجهہ پنا ڇپرايا. جنهن تي هن تي اڏ سينٽ في

پرچو خرچ ڪيو. ان ۾ هن اعلان ڪيو تہ هو ماچيس جي ڊزائين جي نيلامي ڪندو. اهي پنا هن هرچوڪري جي بينچ تي لڳايا. هن وٽ ڪل ٻہ سئو يارنهن ماچيس هئا، جنهن جي نيلامي هن اسڪول جي واش روم ۾ ڪئي. ان نيلامي ۾ اسڪول جي هاڪي ميچ ڪان وڌيڪ ٻار شريڪ ٿيا.

وليم ان نيلامي مان ستونجاهہ ڊالرن ۾ ٻتيهہ سينٽ حاصل ڪيا، ڪيس اصل سيڙايل رقم تي ٻاونجاهہ ڊالر ۽ ٻتيهہ سينٽ نفعو حاصل ٿيو. وليم، ان رقم مان پنجويهہ ڊالر ادائي في سيڪڙو وياج تي هڪ بئنڪ ۾ جمع ڪرايا. يارنهن ڊالرن ۾ هڪ ڪيـ مرا خريد ڪئي. پنج ڊالرنوجوان عيسائي ماڻهن جي ايسوسيئيشن کي ڏنا، جيڪا ان وقت ايندڙ پناهگيرن جي لوڻ جي مدد ڪري رهي هئي. پنهنجي ماءُ لاءِ ڪجهہ گل خريد ڪيا ۽ بچيل ڪجهہ ڊالر پنهنجي ڪيسي ۾ وڌا. ماچيس ڊزائين جي مارڪيٽ موڪلون شروع ٿيڻ ۽ ان اڳ ئي وڏي وئي. اهو انهن ڪيترن پيرن مان پهريون پيرو هو جڏهن وليم مارڪيٽ مان ڀرپور فائدو ورتو هو. هن جي ڏاڏي ۽ ناني هن تي فخر ڪن ها، ڇو تہ ساڳي طرح 1873ع جي گهوٽالي ۾ هنن جي مڙسن ملڪيت ڏاهي هئي.

جڏهن موڪلون شروع ٿيون تہ وليم ڪين کي ان ڳالهہ جي خبر پئي تہ بئنڪ جي ڪاتي مان ادائي في سيڪڙو وياج ڪان وڌيڪ ٻي جڳهہ تي سيڙپ ڪري ڪمائي سگهجي ٿو. ايندڙ ٽن مهينن ۾ هن پنهنجي ڏاڏي ذريعي، وال اسٽريٽ جنرل جي سفارش ڪيل اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ سيڙپ ڪندو رهيو. اسڪول جي ايندڙ ٽرم دوران هن ماچيس مان ڪمايل اڌ رقم وڃائي ڇڏي. اهو هن جي زندگيءَ جو پهريون ۽ آخري پيرو هو جو هن وال اسٽريٽ يا ٻي اهڙي ڪنهن رسالي تي ڀاڙيو هو.

وليم کي پنهنجي ويهہ ڊالرن جي نقصان تي ڪاوڙ هئي. هن فيصلو ڪيو تہ ايسٽر جي موڪلن کان اڳ اهو نقصان پورو ڪرڻ گهرجي. واپس گهر پهچڻ تي هن حساب لڳائڻ شروع ڪيو تہ سندس ماءُ طرفان ڏنيون ويندڙ ڪهڙين خاص پارٽين ۾ هن کي شرڪت ڪرڻي هئي. هن کي خبر پئي تہ هن وٽ چوڏنهن ڏينهن اهڙا آهن جن ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪرڻو هو. اهي ڏينهن هن جي ڪم لاءِ ڪافي هئا. هن پنهنجا وال اسٽريٽ جنرل وارا سڀ شيئرز وڪرو ڪيا جن مان ڪيس صرف ٻارنهن ڊالر مليا. ان رقم مان هن ڪاٺ جو هڪ تختو ڦيٽن جا ٻہ جوڙا، هڪ سرائي ۽ رسي جو ٽڪرو خريد ڪيو، جن تي ڪجهہ لاهو ٿاهو ڪرڻ ڪانپوءِ پنج ڊالر خرچ آيو. بعد ۾ هن ڪپڙي جي هڪ ٽوپي مٿي تي رکي، پراڻو سوٽ پاتو ۽ ريل اسٽيشن ڏانهن هلڻ لڳو. هي اسٽيشن ڪان ٻاهر نڪرڻ واري جڳهہ تي بيهي رهيو. هن پنهنجي شڪل ڪنهن بڪايل ۽ ٽڪل ٻار جهڙي ٺاهي ۽ اتان گذرندڙ خاص مسافرن کي ٻڌائڻ لڳو تہ بوسٽن جا اهم هوٽل اسٽيشن جي بلڪل ويجهو واقع آهن سو ٽئڪسي يا ٽانگو ڪرڻ جي ڪا ضرورت ڪونهي، وليم هنن جو سامان ڪاٺ جي تختي تي رکي، سندن هوٽل پهچائيندو هو جڏهن تہ ڪرايو ٽيڪسي جي ڪرائي جي ويهہ في سيڪڙو برابر وٺندو هو. هن کين اهو بہ ٻڌايو تہ پنڌ ڪرڻ سان سندن صحبت سٺي ٿيندي. ڇهہ

ڪلاڪ روزانو ڪم ڪندين هن اندازو لڳايو ته هو چار ڊالر آرام سان ڪمائي ٿي سگهيو.

اسڪول جي نئين ٽرم شروع ٿيڻ کان پنج ڏينهن اڳ تائين هن نه صرف پنهنجو نقصان پورو ڪيو پر ڏهه ڊالر نفعو پڻ ڪمايو. ٽيڪسي ڊرائيور هن کان چڙڻ لڳا. وليم انهن کي يقين ڏياريو ته هو نوَ سالن جي عمر ۾ رٽائر ٿي ويندو. اگر هر ڊرائيور ڪيس پنجاهه سينٽ ڏئي ته جيئن هو پنهنجي گاڏي جي قيمت ڪڍي وٺي. سڀ ان ڳالهه تي راضي ٿيا ۽ هن وڏيڪ اٺ ڊالر ۽ پنجاهه سينٽ ڪمايا. پنهنجي بيڪن هل واري گهر ڏانهن واپس موٽندي هن اهو گاڏو پنهنجي اسڪول جي هڪ دوست کي پنج ڊالرن ۾ وڪرو ڪيو، جيڪو ڪائنس ۾ سال وڏو هو. هن جي دوست کي بعد ۾ خبر پئي ته اها مارڪيٽ پڻ ٽڏي ٿي چڪي آهي ۽ ٻيو ته ايندڙ سڄو هفتو برسات پوندي رهندي.

موڪلن جي آخري ڏينهن وليم پنهنجي رقم بينڪ ۾ اڍائي في سيڪڙو وياج تي جمع ڪرائي، ايندڙ ٽرم دوران هن کي ڪا پريشاني ڪو نه هئي ڇو ته هن جي رقم هڪ ئي اگهه تي وڌي رهي هئي. "لوسيطانيا" جي ٻڏڻ ۽ اپريل 1917ع ۾ ولسن جي جرمنيءَ خلاف جنگ جي اعلان سان ڪيس ڪا پريشاني ڪو نه ٿي. ڪا به شيءِ ڪڏهن به آمريڪا کي هارائي نه ٿي سگهي. هن پنهنجي ماءُ کي پڪ ڏياري.

وليم پنهنجي ڳالهه ثابت ڪرڻ لاءِ آزادي بانڊز ۾ ڏهه ڊالر سيڙايا.

وليم جي يارهين جنم ڏينهن تائين هن جي ليجر بڪ بقايا واري خاني ۾ چار سؤ ٻارنهن ڊالر نفعو ڏيکاريل هو. هن پنهنجي ماءُ کي هڪ فائونٽين پين ۽ پوڙهين کي مقامي جوهري جي دڪان تان هڪ ننڍڙو زيور تحفي ۾ ڏنو. ماءُ لاءِ هن پارڪر پين خريد ڪئي هئي، جڏهن ته پوڙهين لاءِ زيور، هن مشهور ڪمپني جي دبن ۾ بند ڪري انهن جي گهر موڪليا هئا. اهي ڏٺا هن ان ڪمپني جي هڪ دڪان ٻاهران پيل ڪچري جي ڊبي مان ڳوليا هئا.

ٻنهي پوڙهين عورتن وليم جي هر ڪم جو خيال پئي رکيو. هنن فيصلو ڪري ورتو ته جڏهن هي ٻارنهن سالن جو ٿيندو ته ڪيس اڳواٽ سوچ هيٺ ڪو نڪرڻ ۾ سينٽ پال جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويندو. ٻار جي محنت ڪري هي حسابن ۾ پهريون نمبر آيو ۽ ڪيس اسڪالر شپ ملي جنهن سان غير ضروري طور خاندان کي ساليانو ٽي سئو ڊالرن جي بچت ٿي. وليم اسڪالر شپ قبول ڪئي. اينٿي کي ان سوچ کان ئي نفرت هئي ته وليم هن کي ڇڏي بورڊنگ اسڪول ويندو پر پوڙهين ان تي زور ڏنو ۽ وڏيڪ اهم ڳالهه هن ڄاتو پئي ته اها رچرڊ جي خواهش هئي. اينٿي نوڪرن کي هٽائي پاڻ ئي وليم جي نالي جون پٽيون سبيون. جوتن تي نشان لڳايا. هن جا ڪپڙا جانچيا ۽ آخرڪار صندوق ۾ سامان وڌو. جڏهن وليم جي وڃڻ جو وقت آيو ته ماٽس پڇيس ته ڪيس نئين ٽرم لاءِ ڪيتري خرچي گهرجي.

"ڪجهه به نه" هن وڏيڪ ڪجهه ڳالهائڻ کانسواءِ چيو.

وليم پنهنجي ماءُ کي ڳل تي مٺي ڏني. هن کي ڪا خبر ڪو نه هئي ته سندس ماءُ ڪيس ڪيترو نه ياد ڪندي. هي هيٺ رستي ڏانهن وڌيو. ڊگهوٽرائوزرپاتل، وار

ننڍا ڪٽيل،پنهنجي ننڍي پيٽي ڪٽي پنهنجي شوفر رابرٽ ڏانهن وڌيو. هي رولس رائس جي پوئين سيٽ تي ويٺو ۽ ڪار ڪيس جد ئي ڏور ڪٽي وئي.

ماءُ ڪيتري دير تائين هٿ لوڏي خدا حافظ چوندي روئي ڏنو. وليم پڻ روئڻ چاهيو پر هن کي خبر هئي ته پٽس ان ڳالهه کي ڪڏهن به قبول نه ڪري ها.

هن اسڪول ۾ هن کي سڀ کان وڌيڪ حيرت انگيز ڳالهه اها لڳي ته ٻين چوڪرن کي ان جي پرواهه بلڪل ڪو نه هئي ته هي ڪير آهي. هڪ ٻار ته هن کان هنَ جو نالو پڻ پڇيو ۽ حيرت جهڙي ڳالهه ته ٻار هن جي نالي کان خاص متاثر ڪو نه ٿيو.ڪجهه ٻار هن کي بل جي نالي سان سڏڻ لڳا، جنهن کي هن ان وضاحت سان صحيح ڪيو ته ڪنهن به هن جي پيءُ کي ڊڪ ڪو نه سڏيو هو. وليم جي نئين سلطنت ۾ هڪ ننڍڙو روم هو.جنهن ۾ ڪتاب رکڻ لاءِ ڪاٺ جا خانا،به ميزون، به ڪرسيون ۽ به بسترا هئا.ٻيا ڪرسي ميز ۽ بسترو نيويارڪ مان آيل "ميٽيو" نالي چوڪري جي استعمال هيٺ هو، جنهن جو پيءُ پڻ بئنڪار هو.

وليم جلد ئي اسڪول جي ٽائيم ٽيبل کان واقف ٿي ويو.صبح جو سادي ستين وڳي اٿي وهنجي سهنجي، وڏي ڪاڏي واري هال ۾ سڄي اسڪول سان ڪيس گڏجي ناشتو ڪرڻو پوندو هو. ڪين ناشتي ۾ بيدا، ڀڳل گوشت ۽ ڪش ملندو هو. ناشتي ڪانپوءِ گرجا گهر،ٽيونجاهه منٽن جا ڪلاس جا پيريڊَ، پوءِ منجهند جي ماني ۽ بعد ۾ به وڌيڪ ڪلاس، ان بعد موسيقي جو ڪلاس، جنهن کانِ وليم کي سخت نفرت هئي ڇو ته، نه ته ڪيس ڪو ساز وڄائڻ ايندو هو ۽ نه وري ڪيس ان جو شوق هو.

اونهاري ۾ فٽبال، سياري ۾ هاڪي ۽ اسڪوائش. بهار ۾ ٽينس ۽ ٻيڙيون هلائڻ سکڻ جي ڪري هنن وٽ واندڪائي گهٽ هئي. حسابن ۾ ماهر هئڻ ڪري وليم کي اسڪول جي استاد "جي راگلن"، طرفان هفتي ۾ ٽي ڀيرا خاص طور پڙهايو ويندو هو.ٻار ان استاد کي چيڙاڪ سڏيندا هئا.پڙهائي جي پهرين سال، وليم پنهنجي وظيفي تي پورو لٿو. هيءُ تقريبن سيني موضوعن ۾ چند هوشيار ٻارن مان هڪ هو،جڏهن ته حسابن ۾ پنهنجي ڪلاس ۾ مٿانهون هو. صرف هن جو نئون دوست منٽيوليسٽر، ئي حقيقت ۾ هن جو مقابلو پئي ڪيو.اهو به ان ڪري جو ٻئي هڪٻئي جي ڪمري ۾ رهندا هئا.پڙهائي ۾ پاڻ کي هوشيار ثابت ڪرڻ سان گڏوگڏ وليم پاڻ کي مالڀات جي ماهر طور پڻ مڃرايو. حالانڪ شروع ۾ هن کي اسٽاڪ مارڪيٽ جي سيڙپ ۾ نقصان پهتو هو پر هن ڇاتو پئي ته مارڪيٽ ۾ نالو ڪيرائڻ لاءِ نفعو حاصل ڪرڻ لازمي آهي. هي وال اسٽريٽ جنرل ۽ ڪمپني رورٽن تي تنقيدي نظر رکڻ لڳو ۽ ٻارنهن سالن جي عمر ۾ مختلف ڪاتن ۾ سيڙپ ڪرڻ جو تجربو ڪرڻ لڳو. هي اندروني طور تي ڪيل خريد ۽ فروخت جو رڪارڊ رکڻ لڳو ته جيئن انهن مان سٺي ۽ خراب جو اندازو لڳائي.وليم پنهنجي سيڙپ مان چار فائدا حاصل ڪرڻ تي چاهيا. ڪمائي ۾ آهستي واڌارو، ترقيءَ جي تيز رفتار، مضبوط اثاثن جي پئيرائي ۽ واپار جو مناسب مستقبل.هن کي چند اهڙا شيئر نظر آيا. انهن چئن اصولن تي پورا لهن پيا ۽

جڏهن هن سيڙپ ڪئي تہ هن کي فائدو ٿيو. جنهن پل هن کي خبر پئي تہ هن جي اندروني سيڙپ سان هي ڊوجونز انڊيڪس کي باقاعدگي سان مات ڏئي. رهيو آهي. هن سمجهي ورتو تہ هاڻي هو اڳي وانگر صحيح طريقي سان سيڙپ ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هن سئو ڊالرن سان شروعات ڪئي ۽ پنهنجي طريقي کي سڌارينڊو رهيو. هي سدائين گهٽو نفعو ۽ گهٽ نقصان ڪٽندو هو، جڏهن شيئر ٻيڻا ٿيندا هئا تہ اڌ کپائي ڇڏيندو هو ۽ باقي اڌ جيڪي هن جو بونس هوندا هئا، اهي اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رکندو هو. هن جي اندازي جي عين مطابق ايستمين ڪوڊڪ ۽ اين سي آر جهڙيون ڪمپنيون ٽاپ ڪمپنين ۾ شمار ٿيڻ لڳيون.

هن جي پهرين سال جي پوري ٿيڻ وقت هي پنهنجي اسڪول جي اڌ ملازمن ۽ ڪجهہ والدين کي مشورا ڏئي رهيو هو. وليم ڪين اسڪول ۾ خوش هو.

اني ڪين، وليم جي اسڪول وڃڻ تي اڪيلي ٿي پئي هئي، هينئر هن جي ماءُ ۽ سس ئي هن جو خاندان هو، جيڪي ٻئي پوڙهيون ٿي چڪيون هيون، اني کي شدت سان احساس ٿيڻ لڳو تہ سندس عمر ٽن جي ڏهي کي ٽپي وئي هئي ۽ سندس جواني پنهنجا آثار ڇڏڻ بنان گذري چڪي هئي، رچرڊ جي موت کان پوءِ هي جن دوستن کان پري ٿي وئي هئي تن کي ياد ڪرڻ لڳي. جان پريسٽن ۽ ان جي زال مِلي جنهن کي هي گهٽي ئي عرصي کان سڃاڻيندي هئي، سا هن کي ڊنر ۽ ٿيٽر ڏسڻ لاءِ دعوت ڏيندي رهندي هئي ۽ سدائين اني کي پسند ڪرائڻ لاءِ هڪ نئون ماڻهو پاڻ سان گڏ آڻيندي هئي. اني کي سدائين هن جي آندل ماڻهن تي کل ايندي هئي. اهڙي ئي طرح جنوري 1919ع جي هڪ ڏينهن اني کي هڪ ڊنر جي دعوت ڏني وئي. ان وقت وليم سياري جو ٽرم ختم ڪري واپس گهر پهتو هو. ملي اينيءَ سان اعتراف ڪيو تہ هو پنهنجي ٻئي مهمان هينسري اوسبورن، سان اڳ ڪو نہ ملي آهي پر شايد هي سندس مڙس جان سان گڏ هارورڊ ۾ هو.

حقيقت ۾ مِلي ڪيس فون ڪري ٻڌايو تہ جان کي هن بابت وڌيڪ ڄاڻ ڪونهي سواءِ ان جي تہ هو خوبصورت آهي. اني ۽ ملي، جان جي ان ڳالهہ جي تصديق ڪئي. جڏهن اني پهتي تہ هينسري باهہ جي مچ پرسان ويهي پاڻ کي سيڪي رهيو هو. هنن جي اچڻ تي هي اٿي بيٺو تہ جيئن ملي ساڻس اني جو تعارف ڪرائي. ڇهہ فٽ قد، ڪاريون اکيون ۽ ڪارا وار، هن جو جسم سنهو پر مضبوط هو. اني هن کي ڏسندي ئي دل ۾ هڪ عجيب مزو محسوس ڪيو ڇو تہ اڃوڪي شام هن جو جوڙيوال هڪ مضبوط ۽ جوان شخص هو، جڏهن تہ ملي کي پنهنجي اڏوت مڙس تي ئي گذارو ڪرڻو هو.

اها دعوت، اني لاءِ وڏي عرصي کانپوءِ ٿيندڙ انهن دعوتن مان هڪ هئي جنهن ۾ وقت گذرڻ جو ڪو احساس نہ ٿيندو آهي. هينسري، اني جي تجسس ڀريل سيني سوالن جا جواب ڏنا. هارورڊ ڇڏڻ کانپوءِ هن شڪاگو ۾ جيڪو هن جو هڪ آباڻي شهر پڻ هو. رئيل اسٽيٽ مئنيجمينٽ لاءِ ڪم ڪيو هو، پرجڏهن جنگ لڳي تہ هي پاڻ کي روڪي نہ سگهيو ۽ جرمني خلاف وڙهڻ لاءِ

فوج ۾ شامل ٿيو. هن وٽ فوج ۾ نوجوان ليفٽيننٽ طور ڪم ڪندي ۽ يورپ ۾ زندگي گذارڻ بابت ڪيترين ڪهاڻيون هيون. ملي کي جان رچرڊ جي موت ڪانپوءِ اڃا کي ڪلندي ڪو نه ڏٺو هو ۽ ان وقت هڪ ٻئي کي ڏسي مرڪيا، جڏهن هينسري، اڃا کي پنهنجي گاڏي ۾ سندس گهر ڇڏڻ جي صلاح هنئي. "جوڊن جي هن ڏرتيءَ تي واپس اچي هاڻي توهان ڇا ڪندو." اڃا کانئس پڇيو. هينري ان وقت چارلس اسٽريٽ تي گاڏي هلائي رهيو.

"اجان فيصلو نه ڪيو آهي" هن وراڻيو "خوشقسمتيءَ سان مون وٽ ڪجهه رقم باقي آهي ان ڪري ڪجهه ڪرڻ جي ڪا جلدي ڪونهي، شايد هتي بوسٽن ۾ مان پنهنجي رئيل اسٽيٽ جي هڪ ڪمپني کوليان. مان هارورڊ وارن ڏينهن کان وٺي هن شهر کي پنهنجو گهر سمجهندو آهيان."

"تہ پوءِ توهان شڪاگو واپس نہ ويندو؟"

"نہ، اتي منهنجي لاءِ ڪجهہ بہ ڪونهي، منهنجا والدين فوت ٿي چڪا آهن ۽ مان ڪين هڪ ئي اولاد هيس ان ڪري منهنجي لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي مان ڪٽان بہ پنهنجو ڪم شروع ڪري سگهان ٿو. گاڏي ڪٽان موڙيان."

"اوهہ، سڄي پاسي پهرين ڳلي ۾"

"توهان بيڪن هل تي رهندا آهيون؟"

"جي، تقريبن ڏيڍ سئو گز سڄي پاسي، لوئيز برگ چوڪ جي ڪنڊ تي واقع ريڊ هائوس منهنجو گهر آهي."

هينسري گاڏي پارڪ ڪري اڃا سان سندس گهر جي دروازي تائين گڏجي آيو. ڪيس گڊ نائيٽ چيائين ۽ واپس هليو ويو. اڃا کيس واپس ويندي ڏسندي رهي. سندس من ۾ ڪيس ٻيهر ملڻ جي خواهش جاڳي. ٻئي ڏينهن صبح جو جڏهن هن ڪيس فون ڪيو تہ هيءَ تعجب ۾ تہ نہ پر خوش ضرور هئي.

"ايندڙ سومر تي بوسٽن ۾ موزارٽ ۽ ماهلر جو پروگرام آهي. ڇا خيال آهي؟"

اڃا ايندڙ سومر تائين جي مصروفيتن بابت سوچڻ لڳي. گهڻي عرصي ڪانپوءِ ئي ڪنهن اهڙي شخص سندس لاءِ واجهايو هو، جيڪو هن کي وٺي رهيو هو. هينسري پابنديءَ سان هن کي ٻاهر وٺي وڃڻ لڳو.

"لوئز برگ چوڪ تي رهڻ ۾ پنهنجو مزو آهي. توهان خوشنصيب آهيو."

"ها ائين ئي آهي، پر مان ان بابت ڪڏهن نہ سوچيو آهي. مان ڪامن ويلٿ آوينيو ۾ پيدا ۽ وڏي ٿيس."

"اگر مان بوسٽن ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو تہ هتي ئي گهر وٺندس."

"هتي آسانيءَ سان گهر ڪو نہ ٿو ملي." اڃا چيو، "پر توهان کي اگر گهر ملي ٿو تہ توهان خوش نصيب هوندو، اسان کي هاڻي هلڻ نہ گهرجي؟ مون کي ڪانسرٽ ۾ دير سان پهچڻ ڪان نفرت آهي، چو تہ پوءِ ٻين ماڻهن کي لتاڙيندو پنهنجي ڪرسي تي پهچڻو پوندو آهي."

هينسري پنهنجي گهڙي تي نظر وڌي، "ها بلڪل" من ليائيندڙ موسيقي ۾ مسحور هينسري جڏهن اڃا سان گڏ ويجهي هوٽل ۾ ويو تہ هن سندس ٻانهن جهلي

ورتي. رچرڊ کانپوءِ اگر ڪنهن ائين ڪيو هو ته اهو وليم هو. هڪ پيرو ٻيهر وقت گذرڻ جو ڪنهن کي احساس ڪو نه ٿيو، ڇا اهو ذائقي دار ڪاڏي جي ڪري هو يا هينريءَ جي ڪري؟ هن پيري هينري هن کي هارورڊ جون ڪهاڻيون ٻڌائي ڪلايو ۽ جنگ جون تباهه ڪارروائين ٻڌائي روئاڙيو.

جيتوڻيڪ هي پوري طرح باخبر هئي ته هو هن کان ننڍو ٿو لڳي، پر هن پنهنجي زندگيءَ ۾ ايترو ڪجهه ڪيو هو جو هيءُ جڏهن به هن سان گڏ هوندي هئي ته پاڻ کي ناتجربيڪار جوانيءَ سان ڀرپور تصور ڪندي هئي. اينڊي ڪيس پنهنجي مڙس جي موت بابت ٻڌايو ۽ ڪجهه وڌيڪ رُني. هن اينيءَ جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو ۽ اينڊي ڪيس پنهنجي بابت پيار ۽ فخر وچان ٻڌايو. هن چيو ته ڪيس سدائين هڪ پٽ جي خواهش رهي آهي. هينسري، شڪاگو يا پنهنجي گهريلو زندگيءَ بابت گهٽ ٻڌائيندو هو پر اينڊي کي پڪ هئي ته هو پنهنجي ڪنڊب کي ضرور ياد ڪندو هوندو. ان رات جڏهن هي ڪيس واپس گهر چڙهڻ آيو ته ڪجهه وقت ترسيو ۽ ڪجهه پيتائين. ويندي مهل هن اينڊي جي ڳل تي هڪ ننڍڙي چمي ڏني. اينڊي سمهڻ کان اڳ ان شام سيني واقعن کي هڪ ڪري غور سان جانچڻ لڳي.

هن ايندڙ سڄو هفتو گهمڻ ۾ گذاريو. ڪڏهن ٿيٽر ۾ ڪڏهن ساحل تي ۽ ڪڏهن قديم شين جي خريداري ڪندين. هفتي جي آخري رات ٻنهي گڏجي گذاري. ايندڙ هفتي کان ٻئي ڇٽا هر وقت گڏ هئا. مِلي جان کي ان ڳالهه جي خوشي هئي ته آخرڪار ڪين هنن جي محنت جو ميوو ۽ اينڊي کي هڪ سٺو ساٿي مليو. ملي سڄي بوسٽن ۾ هر ڪنهن کي ٻڌائڻ لڳي ته ٻنهي کي ملائڻ ۾ هن جو هٿ آهي.

اونهاري ۾ جڏهن ٻنهي مڱڻي جو اعلان ڪيو ته ڪنهن کي به حيرت ڪو نه ٿي سواءِ وليم جي. وليم کي هينسري کان ان ڏينهن کان وٺي سخت نفرت هئي جڏهن ته شروع ۾ اينڊي ٻنهي جو هڪ ٻئي سان تعارف ڪرايو. ٻنهي وچ ۾ ٿيندڙ پهرين ڳالهه ٻولهه دوران هينسري هن کان ڊگهو سوال پڇندو رهيو ته جيئن ڪيس احساس ڏياري ته هو هن جو دوست بڻجڻ ٿو چاهي ۽ جواب ۾ وليم صرف ها يا نه چوندو رهيو ته جيئن ڪيس ٻڌائي ته هي دوست بڻجڻ نه ٿو چاهي ۽ وليم پنهنجي ڳالهه تي هميشه قائم رهيو. اينڊي، وليم جي ان رويي کي ٻار جو ساڙ سمجهيو، ڇو ته رچرڊ جي گذري وڃڻ کانپوءِ وليم، اينڊي جي نگاهن جو مرڪز هو. وڌيڪ ته وليم بلڪل ٺيڪ هو ته سندس پيءُ جي جڳهه ڪير به والاري نٿو سگهي. اينڊي هنري ۽ پاڻ کي اها خاطري ڏني ته وقت سان گڏ وليم جي ڪاوڙ ٿڌي ٿي ويندي. ان سال آڪٽوبر مهيني ۾ اينڊي ڪين، اولڊ نارٿ چرچ ۾ مسز هينري اوسبورن بڻجي وئي. ڪين پهريون ڀيرو ملڻ کي ڏهه مهينا گذريا هئا، ان وقت وٽن جا سونهري ۽ ڳاڙها پن چڙهڻ شروع ٿي ويا هئا. وليم شادي ۾ شامل نه پئي ٿيڻ چاهيو ان ڪري بيماري جو بهانو ڪيو ۽ اسڪول ۾ ئي رهيو. پوڙهين شاديءَ ۾ ته شرڪت ڪئي پر هن جي ٻيهر شاديءَ کي دل سان نه قبوليو، خاص ڪري اينڊي جي پاڻ کان ننڍي عمر جي

مرد سان شادي ڪرڻ ڪين نہ وٺيو.

"ان جو نتيجو سنو ڪو نہ نڪرندو."

اڻي جي سس چيو.

شادي شده جوڙو ٻئي ڏينهن ئي يونان هليو ويو ۽ ڊسمبر جي ٻي هفتي ۾ مريڊ هائوس واپس آيو، ڇو تہ ان وقت وليم ڪرسمس جون موڪلون گذارڻ لاءِ اچڻو هو. وليم کي صدمو رسيو تہ گهر کي نئين طريقي سان سجايو ويو هو. جنهن ۾ هن جي پيءُ رچرڊ جي ڪانشاني ڪو نہ بچي هئي.

هينري طرفان تحفي ۾ ڏنل نئين سائيڪل باوجود جنهن کي وليم رشوت سمجهيو. وليم جي پنهنجي ويڳي پيءُ سان رويي ۾ نرمي ڪو نہ آئي. هينري ٻار جي رويي کا تنگ ٿي پاسيرو ٿي ويو. اڻي کي ان ڳالهہ تي ڏک رسيو تہ هن جي شاندار مڙس، هن جي پٽ جي دل ۾ جڳهہ ناهڻ لاءِ بلڪل ٿورڙي ڪوشش ڪئي.

وليم جو هن قبضي ڪيل گهر ۾ دم گهٽجڻ لڳو ۽ سڄو ڏينهن غائب رهڻ لڳو. جڏهن بہ اڻي ڪانئس پڇندي هئي تہ هو ڪيڏانهن ٿو وڃي تہ وليم ننڍڙو يا بلڪل ڪو بہ جواب ڪو نہ ڏيندو هو. اهو رويو ناني ۽ ڏاڏي سان ڪو نہ هو، جڏهن ڪرسمس جون موڪلون پوريون ٿيون تہ وليم اسڪول واپس ٿيڻ تي تمام گهڻو خوش هو ۽ هنيري کي هن جي وڃڻ جو ڪو ڏک، ڪو نہ هو، فقط اڻي پنهنجي زندگي ۾ ايندڙ هنن ٻنهي ڄڻن جي ڪري پريشان هئي.

........*

"اُٺ، ڇوڪرا، اُٺ."

هڪ سپاهي رائفل جي قنداق سان ولادڪ کي اٿارڻ لڳو. هي اٿيو ۽ پنهنجي پيڻ لي اون ۽ نواب جي قبرن کي ڏسڻ لڳو ۽ هن جڏهن سپاهيءَ ڏانهن نهاريو تہ هن جي اک ۾ ڪو ڳوڙهو ڪو نہ هو.

"مان زنده رهندس، تون مون کي ڪو نہ مارينديں،" هن پولش زبان ۾ چيو، "هي منهنجو گهر آهي ۽ تون منهنجي ڌرتي تي آهين."

سپاهي ولادڪ مٿان ٽڪ اڇلائي ۽ هن کي پوئتي ان ڏانهن ڌڪيو جتي ٻيا نوڪر انتظار ڪري رهيا هئا. سيني کي خاڪي پتلون پاتل هيون ۽ پٺيءَ تي نمبر لکيل هئا. ولادڪ اهو نظارو ڏسي ڊڄي ويو. هن سمجهي ورتو تہ هن سان ڇا ٿيڻ وارو آهي. سپاهي هن کي قلعي جي اترئين پاسي وٺي ويو ۽ ڪيس گوڏن ۾ جهڪڻ جو چيو. هن پنهنجي مٿي تي چاقوءَ سان ڪاشئي ڪٽجڻ جو آواز محسوس ڪيو ان وقت هن جا گهاٽا ڪارا وار هيٺ گاهہ تي ڪريا. ڏهن ڊگهن منٽن ڪانپوءِ ڪم مڪمل ٿي ويو. مٿو ڪوڙيل ڪيس خاڪي وردي پهرڻ جو حڪم ڏنو ويو. ولادڪ ڪوشش ڪري پنهنجي چانديءَ وارو ٻانهوٽو لڪائي ڇڏي ۽ قلعي جي سامهون موجود اڇي ٻين نوڪرن وٽ پهتو. هي اڃا اتي ئي بيٺا هئا تہ ولادڪ کي پري کان آواز ٻڌڻ ۾ آيو. اهڙو آواز هن اڳ ڪڏهن نہ ٻڌو هو. هن جون نظرون ان آواز طرف ڪڍي ويون. وڏن لوهن دروازن مان هڪ گاڏي اچي رهي هئي، جنهن کي نہ تہ ڏاند ۽ نہ وري گهوڙا ڇڪي رهيا هئا. سڀ قيدي ان چرندڙ شئي کي بي يقيني مان ڏسڻ لڳا، جڏهن گاڏي بيهي رهي تہ سپاهي سيني قيدين کي ڌڪي ان ۾ سٽيو پوءِ بغير گهوڙن واري اها گاڏي گول چڪر ڪاٽيو ۽ ساڳي

لوهي دروازي مان ٽپي ٻاهر هيئين رستي ڏانهن هلي وئي. ڪنهن کي به ڳالهائڻ جي همت ڪو نه ٿي. ولادڪ ٽرڪ جي پوئين حصي ۾ ويٺو ۽ پنهنجي قلعي کي ان وقت تائين ڏسندو رهيو، جيستائين اهو هن جي نظرن کان ڏور نه ٿي ويو.

اها بغير گهوڙن واري گاڏي پاڻهي سلونم ڏانهن وڌندي رهي. ولادڪ کي اگر اها پريشاني نه هجي ها ته اها گاڏي هنن کي ڪيڏانهن وٺيون پئي وڃي ته جيڪر ان ڳالهه جو فڪر ٿئي ها ته هي گاڏي هلي ڪٿي ٿي. اسڪول وارن ڏينهن دوران ڏنل رستا هن کي سڃاتل پئي لڳا پر ٽن سالن تائين تهه خاني ۾ رهڻ ڪري گهڻيون ئي شيون هن جي ذهن مان ميسارجي ويون هيون. ان ڪري هن کي اهو ياد اچي نه سگهيو ته اهو رستو ڪيڏانهن ويندو. ڪجهه ئي ميلن کانپوءِ گاڏي بيهي رهي ۽ هنن سيني کي ڇڪي لاٿو ويو. اها هڪ مقامي ريلوي اسٽيشن هئي. ولادڪ پنهنجي زندگي ۾ هڪ ڀيرو اڳ ۾ اها اسٽيشن ان وقت ڏٺي هئي، جڏهن هيءَ لي اون نواب کي وارسا مان واپس اچڻ وقت وٺڻ ويا هئا. هن کي ياد هو ته اڳ ۾ جڏهن هو پليٽ فارم تي ويا هئا ته پهريدار هنن کي سلام ڪيو هو پر هن ڀيري ڪنهن به ڪين سلام نه ڪيو. قيدين کي ڪاڏي ۾ ٻڪري جو ڪير، بند گوبي جو سوپ ۽ ڪاري ماني ڏني وئي. وري به ولادڪ ذميداري سنڀالي ۽ باقي بچيل چوڏنهن قيدين ۾ برابر ڪاڏو ورهايو. هي ڪاٺ جي هڪ بئنچ تي ويٺو. سمجهي ويو ته هو ريل جو انتظار ڪري رهيا آهن. اها رات هو ڪلي آسمان هيٺان زمين تي ستا، گهٽ ۾ گهٽ

چهڪ

نفسيات جي هڪ پروفيسر ڪلاس ۾ ليڪچر ڏيندي هڪ ڇوڪريءَ کان پڇيو" تنهنجو شادي جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟"

ڇوڪري شرمائي ڇوڻ لڳي، "ائين! مان ڇا ڇوان. توهان پاڻ ئي منهنجي شاديءَ جي لاءِ منهنجي گهر وارن سان ڳالهائيو.

معلومات

سقراط جو شهر بابت عجيب نظريو هو ته شهر ۾ صرف 5 هزار ماڻهو هجن جن جي هڪ الڳ رياست واري حيثيت هجي. جڏهن ته ارسطو چيو ته هر شهر جو هر ماڻهو اڪين سان ٻئي شهري کي ڄاڻڻ ضروري آهي.

حيرت آهي ياءَ حيرت!

قارون مري ويو جنهن چاليهه گهر خزاني جا ڇڏيا هئا.

نوشيروان ڪو نه مئو ڇو ته ان نيڪ نالو ڇڏيو.

تهه خاني کان ته هي جنت پئي لڳو، هلڪي سياري جي ڪري هن خدا جو شڪر ادا ڪيو.

پوءِ سڀ ڊير ٿي ويا، هن باقي بچي ويلن جا نالا دهرائڻ شروع ڪيا. تهه خاني ۾ موجود ستاويهن مان باقي يارنهن مرد ۽ ٻه عورتون بچيا هئا، اهي ڇو بچيا هئا، هن سوچيو هنن پنهنجو سڄو ڏينهن ريل جو انتظار ڪيو، جيڪا ڪو نه آئي، هڪ ريل آئي ضرور هئي پر ان مان پڻ ڪجهه سپاهي لٿا جيڪي اها زهريلي ٻولي ڳالهائي رهيا هئا.

اها ريل ولادڪ جي منظلوم فوج کي ڪٽڻ ڪانسواءِ ئي هلي وئي.

(باقي اڳين قسط ۾ پڙهندا)

موت جي مشاهدي جو حالتون ۽ ان جي درجه بندي

ڊاڪٽر خالد نوراني

موت کان پوءِ ماڻهن سان پيش آيل عجيب لقائن بابت عجيب ڪتابون پڙهندا. ليکڪ هيءَ حيرت ڀريو احوال اهڙي نموني ته ڪولي بيان ڪيو آهي جو پڙهندڙ وقت کان بيخبر ٿي، پٽرائجي حيرتن جي سمنڊ ۾ هليو وڃي ٿو. ليکڪ هن لکت ۾ موت جي مشاهدي جو حالتون ۽ ان جي درجه بندي نهايت چٽي نموني واضع ڪئي آهي. انساني زندگيءَ متعلق عجيب مخفي دنيا جي اسرارن جي آگاهي بابت لکيل هڪڙيون لکتون روز روز پڙهڻ لاءِ ناهن ملنديون. اميد ته ڪرزما ڊائجسٽ ۾ پيش ٿيندڙ هن سلسلي جي من موهيندڙ عجب اسرار ۽ مخفي راز افشان ڪندڙ تحرير توهان کي ضرور پسند ايندي.

زندگي کان پوءِ موت اچڻو آهي پر موت بعد ڇا آهي؟ ان سوال جو جواب انسان کي "موت جي مشاهدن" جو موضوع ڏيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. موت جو مشاهدو ماڻهو ان وقت ڪري ٿو، جنهن وقت هن جو سامهون موت سان ٿئي ٿو ۽ سندس زندگي انتهائي خطري سان دوچار آهي. گهڻن ئي واقعن ۾ اهڙن ماڻهن کي طبي طور مردو قرار ڏنو وڃي ٿو ۽ بعد ۾ اهي ماڻهو دوائن يا طب جي مشينن ذريعي ٻيهر زندگيءَ ڏانهن موٽي اچن ٿا. انهن موت کي ڇهندڙ ماڻهن جو گهڻو تعداد اهڙن ماڻهن جو به آهي جن کي ڊاڪٽرن ڏهن کان پندرهن منٽن تائين طبي طور مردو قرار ڏنو آهي. ڪي اهڙا به واقعا ريڪارڊ تي آهن جنهن ۾ انهن مرڻ واريءَ ڪيفيت جو وقفو هڪ ڪلاڪ يا ان کان به وڌيڪ آهي. اهو ڏٺو ويو آهي ته اهو موت جو مدو ڇاهي نٿو هجي يا وڏو، ماڻهو انهيءَ مهل جي واقعن کي نهايت صاف ۽ چٽي نموني ڏسي ٿو ۽ دنيا ۾ موٽي واپس اچڻ کان پوءِ انهن لقائن کي ترتيب وار ٻڌائي ٿو.

۾ آمريڪا ۾ "موت جي مشاهدي "جي لقائن کي ڏسندڙن جي ڳڻپ ڪرڻ لاءِ هڪ سروي ڪرايو ويو. ان سروي مان اها خبر پئي ٿي ته تقريبن اهڙن ٽن ماڻهن منجهان هڪ ماڻهوءَ ضرور ان موت جي مشاهدي جي لقائن کي پسيو آهي. جيڪي ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن وقت مرڻ جي حالت کي ويجهو وڃي پهتا هئا. اها ڳڻپ صرف بالغ ماڻهن منجهه ڪرائي وئي هئي.

1980ع ۾ ميلون مورس ٻارن اندر اهڙي ڳڻپ ڏسڻ لاءِ ڪم ڪيو. ان علمي ڪم اهو ظاهر ڪيو ته اٽڪل 70 سيڪڙو ٻار ان "موت جي مشاهدي جو لقاءَ" پنهنجي موت جي حالت ۾ ڏسن ٿا. عام حالت ۾ آڪسيجن جي ڪمي ڪري مئل ماڻهوءَ جو دماغ ٽن کان پنجن منٽن ۾ ختم ٿي ويندو آهي يا ان

کي طبي طور اهڙو مستقل نقصان پهچندو آهي جنهن جو علاج ممڪن نہ آهي،جڏهن تہ موت جي مشاهدي واريءَ ڪيفيت ۾ طبي طور ڏهن کان پندرهن منٽن تائين مرده حالت ۾ رهندي بہ اهڙن ماڻهن جي دماغ کي ڪو بہ نقصان ڪو نہ پهتو آهي. هن ڪيفيت جي هيءَ حيران ڪندڙ ڳالهہ آهي. ڪن واقعن ۾ تہ ان جي ابتڙ انهيءَ مشاهدي کان پوءِ دماغ اڃان بہ وڌيڪ ڪلي وڃن ٿا ۽ ماڻهو وڌيڪ ذهين ٿي وڃن ٿا.

ڪنهن کي بہ ان ڳالهہ جو پتو ناهي تہ ڪجهہ ماڻهن کي اهي موت جا مشاهدا ڇو نصيب ٿا ٿين ۽ ڪجهہ ماڻهو ان موت واريءَ حالت ۾ وڃڻ جي باوجود بہ ان کان محروم ڇاجي ڪري رهجي وڃن ٿا،پر تنهن هوندي بہ هن علم جا ڪجهہ ماهر اهڙين ڪجهہ حالتن کي ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهن،جنهن ۾ گهڻو ڪري ماڻهو انهيءَ موت جي مشاهدي جي لقاءَ کي ڏسي سگهن ٿا. اهي حالتون هيٺيون آهن:

1).ماڻهن کي حادثن يا بيماري وغيره ڪري جيتري قدر ڪين سندن مرڻ جو پورو يقين ٿئي ٿو، ايترو گهڻو انهن ماڻهن موت جي مشاهدي جي لقاءَ کي پسيو آهي. (هن حالت مان مراد اڌ بيهوشي.بي سڌ هجڻ، ڊپ يا خوف ڪري سن ٿي وڃڻ وغيره شامل نہ آهن). انهن حالتن ۾ ماڻهو گهڻو ڪري زندگي کان مايوس ٿي پنهنجو پاڻ کي ذهني طور موت جي حوالي ڪري ڇڏين ٿا.

2 . جيتري دوائون گهٽ استعمال ڪيل هونديون آهن، اوترو وڌيڪ موت جو مشاهدو پسڻ جو موقعو ملي ٿو. ڇاڪاڻ تہ دوائون گهڻو ڪري جسم مٿان منفي اثر وجهي موت جي مشاهدي جي ڪيفيت کي ڏسڻ کان روڪين ٿيون. دوائن جي ڪري موت جي مشاهدي جي حقيقي ڪيفيت جي لقاءَ کي پسڻ بجاءِ ماڻهو سوداءَ (Hallucination)جي حالت ۾ اچي وڃي ٿو. موت جي مشاهدي ۾ ماڻهن کي اهي لقاءَ نهايت چٽا ۽ صاف پسجڻ ۾ ايندا آهن. جڏهن تہ سوداءَ واري حالت ۾ اهي لقاءَ خوابن وانگر ننڊاڪڙا هوندا آهن.

3. جيڪڏهن ماڻهو زندگي جي ڪنهن نازڪ موڙ تي پهتل آهي يا هن روحاني معاملن کي وساري، پنهنجو پاڻ کي پوريءَ ريت دنيا جي مادي آسائشن ۾ گم ڪري ڇڏيو آهي تہ پوءِ اهڙن ماڻهن کي هن لقاءَ ڏسجڻ جو وڌيڪ موقعو مليو آهي. جيڪي ماڻهو متوازي حياتي گذارين ٿا، خوش باش آهن يا وري سندن روحانيت يا مذهب ڏانهن وڌيڪ لاڙو آهي، يا وري اهي ٻين ماڻهن جي ڪم اچن ٿا ۽ انهن جي مدد ڪن ٿا تہ اهڙن ماڻهن کي موت جو مشاهدو ڪرڻ جو موقعو تمام گهٽ ملي ٿو.

هن موضوع جي تحقيق ٻڌائي ٿي تہ گهٽ ۾ گهٽ ڇهہ اهڙيون حالتون آهن جنهن ۾ ماڻهن کي موت جي مشاهدي ڪرڻ جو موقعو وڌيڪ مليو آهي. اهي ڇهہ حالتون هيٺيون آهن جن وسيلي مٿانهين دنيا ۾ جهاتي پائي ڏسي سگهجڻ جا وڌيڪ امڪان آهن:

1. جسماني حادثا

جسماني حادثن جا شڪار ماڻهو گهڻي ۾ گهڻا موت جي مشاهدي ڏسجڻ جا دعويدار آهن. انهن حادثن ۾ گاڏين جا حادثا ۽ پاڻي ۾ ٻڏي وڃڻ وغيره شامل آهن. انهن

واقعن ۾ اهڙن ماڻهن جي زندگي کي ختم سمجهي کين مردو قرار ڏنو ويو هو.ڪن حالتن ۾ تہ اهي ماڻهو اڃا موت جو شڪار ڪونہ ٿياهئا، پر صرف سندن ذهن پنهنجي موت جي عمل کي پل ڪن ۾ يقيني ڄاڻو هو.

پيٽرول پمپ تي ڪم ڪندر ٽيٽيهہ سالن جي هڪ شخص ٻڌايو آهي تہ:

"آئون وهنجڻ واري تلاءَ (Swimming Pool) ۾ ٻڏي ويو هئس. آئون پنهنجو پاڻ کي بچائڻ جون ڪوشسون ڪندي نهايت ئي ٿڪجي پيو هوس ۽ نيٺ زندگيءَ جي بچڻ جي اميد لاهي ويٺس.ان وقت مون کي صرف موت جو انتظار هو.ايتري ۾ مون کي ايئن لڳو جڻ مون کي ڪو ماڻهو سڏي رهيو هجي. آئون ان مهل پنهنجي بدن کان ٻاهر نڪري آيو هئس ۽ مون اهو محسوس ڪيو تہ آئون انتهائي مطمئن حالت ۾ هوا منجهہ تري رهيو هئس.مون ان حالت ۾ ماڻهن کي ڏٺو جيڪي پاڻيءَ مان منهنجي لاش کي ٻاهر ڪڍي رهيا هئا."

مٿئين واقعي ۾ ان ماڻهوءَ زندگي جي بچڻ لاءِ پهرين هٿ پير هنيا هئا ۽ جڏهن هن پنهنجي بچڻ جي ڪا اميد نہ ڏٺي تہ پوءِ هو هار مڃي ويهي رهيو.تنهن بعد هن کي اطمينان جو احساس ٿيو،ڇو تہ هن پنهنجي ايندڙ موت کي ذهني طرح قبول ڪري ڇڏيو هو ۽ تنهن کان پوءِ ئي هن کي موت جو مشاهدو ٿيو.

موٽر گاڏين جا حادثا ٻيو اهڙو ذريعو آهن،جيڪي موت جي مشاهدي جي ڪيفيت ۾ ماڻهن کي وٺي وڃن ٿا.ان کانسواءِ ڪافي ماڻهو اهڙا بہ آهن جن کي مختلف قسمن جا حادثا پيش آيا آهن ۽ انهيءَ دوران انهن موت جي مشاهدي کي ڏٺو آهي.اهڙن حادثن ۾ ڪاڏي جو نڙيءَ ۾ ڦاسي پوڻ ڪري ذري گهٽ ساهہ جو رڪجڻ،زهريلو ڪاڏو کائڻ ڪري موت جي ڪنڌيءَ ويجهو پهچي وڃڻ ۽ ڪاريان مونو آڪسائيڊ گئس جو اندر جسم ۾ وڃڻ وغيره شامل آهن.

2.ويم جي وقت

طبي سائنس جي ترقي سبب هونئن تہ ٻار جي جم کي ڪافي محفوظ سمجهيو وڃي ٿو،پرتنهن هوندي بہ ويم جي وقت جيڪو ذهني دباءُ(Tension) ۽ ان سان لاڳاپيل خطرا ويم واريءَ عورت کي هوندا آهن،سي هن حالت کي موت جي مشاهدن لاءِ نهايت سازگار ناهين ٿا.

سٺ سالن جي هڪ عورت ٻڌائي ٿي تہ،"آئون پنهنجي پهرين ويم جي وقت ذري گهٽ موت جي بلڪل ويجهو پهچي وئي هئس.ان وقت مون کي هڪ اڇي رنگ جو ڪڪر نظر آيو ۽ آئون ان ڏانهن ڇڪجي رهي هئس.ان وقت مون کي بي انتها سڪون ۽ فرحت پئي محسوس ٿي ۽ آئون ان وقت واقعي سخت ناخوش ٿيس،جڏهن ڊاڪٽر مون کي واپس هن دنيا ۾ وٺي آيا هئا."

انٽيهن سالن جي هڪ ماءُ ٻڌائي ٿي تہ، "ويم جي دوران مون نياڻيءَ کي جنم ڏنو هو، تنهن ڪانپوءِ ويم جي طبي پيچيدگين جي ڪري منهنجو موت واقع ٿي ويو ۽ ڊاڪٽرن مون کي طبي طور مردو قرار ڏيئي ڇڏيو. مون کي لڳو جڻ آئون مرڻ بعد جنت ۾ هلي ويئي هجان.مون کي ان ڪمري مان

ماڻهن جي ڳالهائڻ ۽ منهنجي حياتي لاءِ رب کي ٻاڏائڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پئي، تنهن کانپوءِ آئون جنت ڏانهن وڌي ويس، جيڪا اتي هڪ ڪڪر جي شڪل ۾ موجود هئي. اتي هڪ فرشتو مون ڏانهن وڌي آيو ۽ مون کي چيائين. آئون پنهنجي رب سان ڳالهائي ڪيس عرض ڪري سگهان ٿي ته هو مون کي واپس زميني دنيا ڏانهن موڪلي ڇڏي. ڇاڪاڻ جو هيٺ منهنجو ڄاول ابهم ٻار هو. جنهن جي مون کي پرورش ڪرڻي هئي. آئون ڪجهه قدم هلي فرشتي جي هٿ ۾ هٿ ڏنو ته اچانڪ منهنجي اک کلي وئي. ان دوران ايترو وقت گذري چڪو هو، جو اسپتال وارا منهنجي دفنائڻ لاءِ جنازي جي انتظام ڪرڻ وارن کي اطلاع پڻ ڏئي چڪا هئا."

اسپتال منجهه آپريشن ۽ دوائن وغيره جو واپرائڻ وغيره.

هن موضوع تي تحقيق ڪندڙن ڪيترائي دفعا ان ڳالهه جو جائزو ورتو آهي ته ڪهڙن مريضن کي ڪهڙين دوائن جي زير اثر جراحي واريءَ ميز (operation table) مٿان موت جو مشاهدو ٿئي ٿو. ان سان گڏوگڏ هنن اهڙن مريضن بابت اها به گهري ڄاڻ حاصل ڪئي آهي ته آيا اهي ماڻهو آپريشن ڪرائڻ کان پهرين کي نشي واريون دوائون ته استعمال ڪو نه ڪري رهيا هئا. ڪين ان وقت سخت حيرت لڳي، جڏهن هنن ڏٺو ته جيتوڻيڪ آپريشن جي ميز تي مختلف مريضن کي بيهوش ڪرڻ لاءِ مختلف دوائون مٿانهن استعمال ڪيون ويون هيون پر تنهن هوندي به هر قسم جي دواجي زير اثر هر ماڻهوءَ جي ٽولي مان ڪجهه نه ڪجهه ماڻهو موت جو مشاهدي جي ڪيفيت جو لقاءُ ضرور ڏٺو هو. هنن کي ان تحقيق مان اها به خبر پئي ته نشي جي دوائن جي استعمال يا غير استعمال سان موت جي مشاهدي ڏسڻ تي ڪو به اثر ڪو نه ٿيو هو. ٻنهي قسمن جي ماڻهن ۾ موت جي مشاهدي ڪرڻ وارن جو تناسب ساڳيو هو. پنجاهه سالن جي هڪ شخص کي سندس پتي جي اچانڪ ڦاٽي پوڻ ڪري سندس وارث ترت اسپتال کڻي ويا. اتي ڊاڪٽرن هن کي تپاسي ڪيس طبي طور مردو قرار ڏئي ڇڏيو. هن جو لاش آپريشن جي ميز مٿان پيل هو ۽ ڊاڪٽرن هن کي مردو قرار ڏئي ٻئي ڪمري ڏانهن هليا ويا هئا. ان مهل هن کي موت جو مشاهدو ٿيو. هي ماڻهو پنهنجي ان ڪيفيت کي هيٺينءَ ريت پيش ڪري ٿو:

"مون پنهنجي ماءُ جو روح کي ڏٺو، جنهن جو ڪجهه وقت اڳي موت ٿي چڪو هو. منهنجيءَ ماءُ جي روح هڪ نهايت ئي خوبصورت جڳهه تي موجود هو. چوڌاري روشني پکڙيل هئي. هرطرف گل ڦل ٽڙيل هئا ۽ نهرون وهي رهيون هيون. منهنجيءَ ماءُ مون کي ٻڌايو ته هوءَ اتي تمام خوش هئي ۽ ان سان گڏ هن اهو به چيو ته آئون واپس زميني دنيا ڏانهن موٽي وڃان، ڇاڪاڻ جو منهنجو هن دنيا مان لاڏڻي جو وقت اجان نه آيو هو ۽ منهنجي خاندان کي منهنجي سخت گهرج هئي. منهنجي ماءُ ان وقت اڇي رنگ جي هڪ سمٿي پل مٿان بيٺل هئي، جنهن هينان پاڻي ڏيرج سان وهي رهيو هو. ان مون کي خدا حافظ چيو ۽ مون واپسي جي سفر لاءِ هاڻ شروع ڪيو.

اچانڪ مون کي لڳو جڻ آئون پنهنجي جسم ۾ واپس پهچي ويو هجان، بعد ۾ ڊاڪٽرن ۽ نرسن مون کي ٻڌايو تہ آئون ڪافي مهل تائين ان موت واري حالت منجهہ پيل هئس.“

وچين وهيءَ جي هڪ گهريلو عورت پنهنجي تجربي کي هيٺينءَ ريت ٻڌائي ٿي، ان عورت کي تيزابيت(السر) جي بيماري هئي،جنهن سبب ڪري آپريشن وسيلي سندس آنڊي جو ڪافي حصو ڪاٽيو ويو هو. سندس حالت تمام نازڪ هئي ۽ ڪيس انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ چئن ڏينهن لاءِ رکيو ويو هو:

”ان نگهداشت واري وارڊ ۾ پهرين ڏينهن مون کي ڪجهہ بہ محسوس نہ ٿيو.بعد ۾ ائين لڳو جڻ ڪو تيز هوا جو جهونڪو لڳو هجي، جنهن مون کي اڏائي ڪٽي وڃي ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي پهچايو هو. جتي آئون عبادت ڪرڻ ۽ پالڻهار جي تعريف ۾ حمد چوڻ لڳس.اتي هر قسم ۽ هر رنگ جا گل ڦل موجود هئا.هڪ ڏينهن انتهائي خوبصورت ۽ دلڪش نور جو تجلو منهنجي آڏو ظهار ٿيو.مون کي ائين پئي محسوس ٿيو جڻ آئون چمڪندڙ ۽ ٻرندڙ شيشي جي گلن ڦلن مٿان هلندي هجان. اهو نور جو تجلو منهنجي وڌيڪ ويجهو آيو.آئون سمجهان ٿي تہ اهو نور جو تجلو حضرت عيسيٰ عليہ السلام جن جو هو.مون کي ان جو چهرو نظر نہ ٿي آيو ۽ آئون صرف نور جو تجلو پسي رهي هئس.ان نور جي تجلي مون کي چيو،”ڪو ڊپ نہ ڪر، تون جلد تندرست ٿي ويندين.“ ۽ آئون واقعي بلڪل تندرست ٿي ويس.اسپتال وارن کي منهنجي اهڙيءَ صحتيابيءَ مٿان يقين ئي نہ پئي آيو.انهن مون کي ”معجزاتي نموني بچڻ واري عورت“ جي نالي جو خطاب ڏئي ڇڏيو.“

هن واقعي ۾ عورت ان نور جي تجلي کي جيڪو حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڪوئيو آهي سا ڳالهہ صرف سندس ذهني پيداوار آهي، ڇاڪاڻ جو ان نور جي تجلي ڪنهن بہ مهل هن عورت وٽ پنهنجو پاڻ کي حضرت عيسيٰ جي حيثيت سان متعارف نہ ڪرايو هو.اهو هن عورت جو خيال هو، ڇاڪاڻ تہ هيءَ عورت خود عيسائي مذهب سان واسطو رکندڙ آهي.جڏهن تہ ڪافي ماڻهن انهن نور جي تجليءَ کي پنهنجن پنهنجن مذهبي عقيدن مطابق سڃاتو آهي.ڪافي ماڻهن ان نور جي تجلي کي ”فرشتي“ جي حيثيت ۾ بہ ڪوئيو آهي.

4_ اسپتال کان ٻاهر جي حالت ۾ اچانڪ ڪنهن بيماري جو حملو

هي اهڙيون بيماريون آهن،جنهن ۾ ماڻهوءَ کي اچانڪ موت جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو. هتي اسان اسپتال کان ٻاهر جي بيمارين کي الڳ حالت ۾ درجو ان ڪري ڏنو آهي جو هن حالت ۾ مريض کي اسپتال ۾ رهندڙ مريض وانگر دوائن جو واهپو نہ هوندو آهي.جڏهن تہ اسپتال جي مريض لاءِ تہ ڪو ائين بہ چئي سگهي ٿو تہ اُتي دوائن جي استعمال ڪري مريض موت جو مشاهدو ڪن ٿا.جڏهن تہ اسپتال کان ٻاهر جي موتمار بيمارين جي شڪار مريض لاءِ هن موضوع جا مخالف يا شڪي ماڻهو اهڙي ڳالهہ جي ڪا بہ دعويٰ ڪري ڪو نٿا سگهن.

هڪ چڱيءَ عمر جي عورت ٻڌائي ٿي:

"مون کي پنهنجي سيني ۾ شديد سور جو احساس ٿيو. آئون ان وقت بستري تي ليٽيل هئس. مون کي لڳو جڻ آئون پنهنجي سڌ وڃائي ويٺي هجان. ان مهل منهنجي گڏاري ويل ماءُ جو روح مون وٽ آيو ۽ مون کي پاڻ سان هلڻ لاءِ چيائين. مون ان جي پٺيان هلڻ شروع ڪيو. مون تمام گهڻي ڪوشش پئي ڪئي ته جئين آئون تکا قدم کڻي ان جي رفتار سان ساٿ ڏيان، پر ائين ممڪن نه هو ۽ آئون ڪانئس نهايت پٺتي رهجي ويس. نيٺ ٿڪجڻ ڪري آئون فرش تي ڪري پيس. منهنجي ماءُ اڳيان وڌندي رهي. مون ڏٺو ته اها کاڏي واري ڪمري (Dining Room) منجهه گهڙي ان جي پٺ وچان گذري منهنجي اکين کان غائب ٿي وئي هئي. آئون ڪنهن نامعلوم سبب ڪري محسوس ڪريان ٿي ته هوءَ جيڪر اتي نه اچي ها ته شايد آئون هن وقت مري چڪي هجان ها."

5_ ڏوهي نيت سان حملن جو شڪار ٿيل ماڻهو:

ڪافي اهڙن ماڻهن کي به موت جو مشاهدو ٿيوآهي،جن مٿان ڏوهي حملا (Criminal Attacks) ڪيا ويا هئا. انهيءَ حالت ۾ ڪين يا ته موت جو يقين اچي ويو هو يا وري هو ذهني طرح موت جو استقبال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا.

آمريڪا جي نيويارڪ شهر جي هڪ رستي تي هڪ عورت مٿان هڪ ڦوروءَ حملو ڪيو ۽ سندس پرس چني ورتو. هوءَ عورت ٻڌائي ٿي:

"هي لٽيرو منهنجي پويان آيو ۽ هن مون کي ڏکو ڏئي هيٺ ڪيرائي منهنجو ٻٽون منهنجي هٿن کان چني ورتو. ان وقت مون کي سخت ڊپ ۽ خوف وکوڙي ويو. لڳو ٿي جڻ آئون مرڻ واري هئس. مون ان وقت رب کي پنهنجي انتهائي ويجهو محسوس ڪيو ۽ ائين پئي لڳو جڻ هو منهنجي حفاظت ڪندو هجي. اهو ڦورو مون کان پرس ڦري ڀڄي رهيو هو ته ڪيس پوليس وارن پڪڙي ورتو ۽ مون کي منهنجو پرس واپس موٽائي ڏنو.

ان پوري واقعي منهنجي وجود کي ايترو ته جهنجهوڙي ڇڏيو جو آئون بستري تي آرام سان سمهي به نه ٿي سگهيس. مون خدا کي ٻاڏايو ته مون کي ننڊ واپس ڪر. ايتري ۾ هڪ عجيب لقاءُ مون کي ڏسڻ ۾ آيو. آئون پنهنجي بستر تي ليٽيل هئس ۽مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ آئون هوا ۾ مٿي کڄي رهي هجان. مون هيٺ نهاريو ته مون کي پنهنجو جسم بستر تي پيل نظر آيو. ان وقت مون کي ائين پئي لڳو جڻ منهنجو هرڪو غم، پريشاني ۽ مٿي تي پيل دٻاءُ وغيره ختم ٿي ويو هجي. مون کي پنهنجو وجود انتهائي هلڪو ڦلڪو پئي محسوس ٿيو ۽ گڏوگڏ بي پناهه خوشيءَ جو احساس پڻ پئي اپريو. مون چاتو ٿي ته اهڙو سڪون، خوشي ۽ اطمينان جو احساس صرف ان وقت ٿيندو آهي،جنهن وقت اوهان مري چڪا هجو. جيڪڏهن آئون مري ويل هئس ته پوءِ اهو نهايت پلو ڪم هو، ڇو ته مون کي ان وقت انتهائي آزاديءَ جو احساس پئي ٿيو. مون جنهن جڳهه تي وڃڻ چاهيو پئي،اتي پهچي ٿي ويس،جيتوڻيڪ مون واپس زميني دنيا ۾ وڃڻ نه ٿي گهريو،پرمون کي ائين پئي محسوس ٿيو ته مون کي هيٺ

وڃڻو ئي پوندو، ڇاڪاڻ جو منهنجو مٿانهين دنيا ۾ وڃڻ جو وقت اڃا نہ آيو هو ۽ ڪو مون کي چئي رهيو هو تہ،"توکي واپس زمين تي وڃڻو آهي." مون کي لڳو جڻ منهنجي مٿان پالڻهار جي رحمت ٿي هئي جو مون کي اهو لڳاءِ پسڻ ۾ آيو هو."

6ـ طبعي موت جو وقت.

ڪيترن ئي ماڻهن کي بيمارين جي ڪري ڊگهي عرصي لاءِ بستري تي رهڻو پوي ٿو. اهڙن ڪيترن ئي ماڻهن کي ان نراسيت ۽ ناميدي واري حالت ۾ بہ موت جو مشاهدو ٿيو آهي.

هڪ ماڻهو ٻڌايو آهي تہ سندس ماءُ پنهنجي موت کان ڪجهہ گهڙيون اڳ منهن مٿي ڪري خلا ۾ ڏسندين چيو هو،"اوهہ... اهو منظر ڪيڏو نہ خوبصورت آهي." ۽ مري وئي.

هڪ ٻئي واقعي ۾ هڪ عورت پنهنجي موت کان ڪجهہ پل پهرين منهن مٿي ڪيو ۽ چيائين..."اوهہ هتي... بل(Bill) بيٺوآهي." ۽ انهن لفظن چوڻ کان پوءِ اها مري وئي. ڊاڪٽرن کي بعد ۾ پتو پيو تہ بل ان عورت جو سڳو ڀاءُ هو،جنهن جو موت هڪ هفتو کن اڳ ٿي ويو هو، پر ان عورت کي سندس ڀاءُ جي موت بابت نہ ٻڌايو ويو هو تہ متان پنهنجي ڀاءُ جي مرڻ جو ٻڌي سندس بيماريءَ جي حالت ۾ ويتر خراب ٿي نہ وڃي.

جن مشهور ماڻهن موت جو مشاهدو ڪيو آهي. تن ۾ پادري بلي گرهام(Billy Graham) جو نالو بہ اچي ٿو. جنهن ڏينهن سندس ڏاڏيءَ جو موت ٿيو، ان وقت هي سندس سيراندي ۾ ڪان بيٺل هو. ڪمري ۾ تمام جهڪي روشني هئي. اوچتو ڪيس ائين ڏسڻ ۾ آيو،جڻ ڪمرو تيز روشنيءَ سان ڀرجي ويو هجي. جيتوڻيڪ پادريءَ جي ڏاڏي انتهائي ڪمزور حالت ۾ هئي ۽ عام حالت ۾ اٿڻ ويهڻ کان لاچار هئي،تنهن هوندي بہ ان روشنيءَ کي ڏسندين هوءِ يڪدم بستري تان اٿي ويٺي ۽ چيائين،"آئون نور جي تجلي کي ڏسي رهي آهيان ۽ ان جو هٿ مون ڏانهن وڌيل آهي." تنهن بعد ان کي پنهنجو گذاري ويل مڙس بين نظر آيو،جنهن جي هڪ جنگهہ ۽ اک آمريڪا جي گهرو جنگ جي دوران ضايع ٿيل هئا. پادريءَ جي ڏاڏي زور سان چيو،"مون کي بين پيو نظر اچي ۽ هن جون ٻئي اکيون ۽ جنگهون صحيح سلامت آهن ۽ بقول بلي گراهام جي،تنهن کانپوءِ ڏاڏي جو لڏاڻو ٿيو ۽ اهو ڪمرو هڪ دفعو وري اونڌاهو ٿي ويو.

موت جي مشاهدي جي لڳائن جي درجہ بندي

موت جي مشاهدي جي تحقيقدانن هن ڪيفيت جي درجہ بندي هيٺين چئن قسمن ۾ ڪئي آهي؛

ابتدائي مرحلو (Initial Experience)

ناخوشگوار يا دوزخ جهڙي ماحول جو مرحلو (Unpleasant and /or/Hell like Experience)

فرحت آميز يا جنت جهڙي ماحول جو مرحلو (Pleasant and /or/ Heaven like Experience)

ڪشف جومرحلو (Transcendent Experience

ـ ابتدائي مرحلو

هن مرحلي لاءِ اهو معلوم ٿي سگهيو

آهي تہ هي گهٽو ڪري انهن ماڻهن جي مشاهدي ۾ آيو آهي،جيڪي موت بعد زندگيءَ ۾گهٽو ڪري يقين رکندا هئا، يا وري هو پنهنجي موجوده زندگيءَ ۾

نهايت خوش ۽خرم هئا.انهن کي موت جي مشاهدي جي ڪيفيت ۾ هڪ يا ٻہ لقاءَ (موت جي مشاهدي جي مجموعي لقائن جو انگ پنڌرهن کن آهي.)ڏيکاريا وڃن ٿا.لڳي ٿو تہ جيڪي ماڻهو هن زميني دنيا ۾ پنهنجي زندگيءَ سادي ۽ متوازن گذارين ٿا،تن ماڻهن کي گهٽو ڪري موت جو مشاهدو نہ ٿو ٿئي. اهڙن قسمن جي ماڻهن ۾ اڌ کان وڌيڪ اهڙا آهن،جن کي صرف بدن مان ٻاهر نڪرڻ جي لقاءَ کي پسڻ جو موقعو مليو آهي.

ادب جو نوبل پرائيز کٽيندڙ مشهور ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار ارنيسٽ هيمنگوي (Ernest Hemingway) پهرين مهاڀاري لڙائيءَ دوران فوج ۾ پرتي ٿيل هو.هڪ دفعي اٽليءَ ملڪ جي محاذ تي گڏيل فوجن ڀاران لڙندي ڪيس ٻم جي گولي جا ٽڪرا اچي لڳا.هي سخت ڏکجي پيو ۽ ڪافي ڏينهن زندگيءَ ۽ موت جي ڪشمڪش ۾ مبتلا رهيو. اسپتال جي رهڻ دوران هن پنهنجي خاندان وارن کي هڪ خط ۾ لکيو تہ،"مرڻ نهايت آسان شيءِ آهي. مون موت کي ڏٺو آهي ۽ هاڻي آئون ڄاڻان ٿو تہ اها ڇا شيءِ آهي." ان واقعي جي ڪجهہ سال کانپوءِ ارنيسٽ هيمنگوي پنهنجي 1819ع واري ٻم جي هن تجربي بابت هڪ دوست کي خط ۾ هيٺين ريت ٻڌايو:

"اسان هڪ خندق اندر انتهائي گهگهہ اونداهي ۾ ويٺا هئاسين. اوچتو اسان جي سامهون هڪ توپ جو گولو اچي ڪريو ۽ زوردار ٽڪاءَ سان ڦاٽي پيو. منهنجو ان وقت ئي موت ٿي ويو. منهنجو روح يا اهڙي قسم جي ڪاشيءِ منهنجي جسم مان ائين ٻاهر نڪري آئي،جيئن ڪو ريشمي رومال قميض جي ڪيسي مان ترڪندي ٻاهر نڪري ايندو هجي. آئون چوڌاري اڏامي رهيو هئس،تان جو منهنجي ان ڪيفيت منجهان واپسي ٿي ۽ آئون وري پنهنجي بدن جي اندر موٽي آيس."

هن تجربي ارنيسٽ هيمنگوي جي پوري زندگيءَ کي بدلائي ڇڏيو ۽ هو بعد ۾ نهايت ئي نرم سياءَ وارو بڻجي ويو. ارنيسٽ هيمنگوي پنهنجي مشهور ناول "هٿيارن کي الوداع" A Farewell to Arms اندر هن ساڳئي تجربي کي ناول جي اهم ڪردار "فريڊرڪ هينري" جي واتان هيٺين نموني پيش ڪري ٿو:

"مون پنير جو ٽڪر کڻي پنهنجي وات ۾ وڌو ۽ مٿان شراب جو هڪ ڊڪ ڀريم. اهو گرهہ منهنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو. جيتوڻيڪ آئون پنهنجي ڪنگهڻ جو آواز ٻڌي رهيو هئس،پر تنهن هوندي ٻہ مون کي ڪنهہ،ڪهہ جا عجيب آواز ٻڌڻ ۾ پئي آيا، تنهن ڪانپوءِ روشنيءَ جي اهڙي چمڪ ٿي ڇڻ ڪنهن ٻنيءَ جو در ڪلي پيو هجي. ان سان گڏ گوڙ ۽ شور جو آواز شروع ٿي ويو،جيڪو مون کي پهرين اچي رنگ جو نظر آيو، جيڪو بعد ۾ ڳاڙهسرو ٿي ويو. اهو شور ۽ گوڙ جو آواز هوا جي دوش تي اچي رهيو هو. مون ڪوشش ڪئي تہ جيڪر آئون ساهہ کڻان پر منهنجو ساهہ بلڪل بند ٿي ويو هو. ان مهل مون کي لڳو ڇڻ آئون

پنهنجي جسم مان ٻاهر نڪري اچي سگهيس ٿي. آئون نهايت آسانيءَ سان جسم کان ٻاهر نڪري آيس. ان وقت مون کي احساس ٿيو تہ آئون مري چڪو آهيان. آئون هوا ۾ ترندو رهيس تان جو مون محسوس ڪيو تہ بجاءِ اڳيان وڃڻ جي آئون پنهنجي بدن ۾ واپس وڃي رهيو هوس. مون ڊگهاڊگها ساهہ کڻڻ شروع ڪيا ۽ آئون وري پنهنجي زندگيءَ ڏانهن موٽي آيو هئس."

پي ايم ايچ ايٽوائٽر (P.M.H.Atwater) جنهن موت جي مشاهدي جا مشهور ڪتاب "زندگيءَ ڏانهن واپسي: موت جي مشاهدي جا زندگيءَ مٿان اثر" (Comming Back to Life: The After Effects Of the Near Death Experience) ۽ نور کان اڳتي (Beyong the Light) لکيا آهن، تنهن کي پڻ پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ ٿي دفعا خود ان ڪيفيت جو مشاهدو ٿي چڪو آهي. هو پنهنجي پهرين موت جي مشاهدي کي "پهرين مرحلي وارو مشاهدو" ڪوٺي ٿي. ڪيس اهو لقاءَ جنوري 1997ع ۾ آمريڪا جي رياست (اڊاهو) جي شهر بوائيس ۾ پهرين ٻار جي ڪرڻ وقت پيش آيو هو، هيءَ ٻڌائي ٿي تہ:

"مون کي اهو ٻڌائيندي تمام عجيب ٿو لڳي، مون پنهنجو پاڻ کي ان وقت هوا ۾ لٽڪندي محسوس ڪيو. آئون ان مهل غسل خاني اندر بيٺي هئس ۽ منهنجي سامهون پنهنجو ئي مئل ٻار پيل هو. ان کي ڏسندين مون کي ڊپ پئي لڳو تہ اهڙي ڊيڄاريندڙ وجود کي مون جنم ڏنو هو (هن جو اهو ڪچو ٻار هو جيڪو ڪجهہ مهينن جو هو تہ ڪري پيو هوس) جيڪو رت ليٽڙيون پيو هو. ٻيءَ گهڙي مون کي لڳو جڻ آئون پاڻ ان ڪچي ٻار جي قد جي برابر هئس ۽ چوڌاري هوا ۾ گهمي رهي هئس. ڪنهن وقت آئون ڇت سان سان ٽڪرائجي ٿي ويس تہ ڪڏهن ان غسل خاني جي ڀت سان مون کي ائين پئي لڳو جڻ مون کي پنهنجي مٿان ڪو اختيار ئي ڪو نہ هو. مون کي سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مون سان ڇا ويڌن ٿي رهي هئي. جنهن وقت منهنجي من ۾ ڪو سوال اٿيو ٿي تہ ان وقت عجيب شڪل جون شيون پاڻ ئي پاڻ هوا ۾ ظاهر ٿي مون سان ٽڪرايون ٿئي، جيئن جيئن منهنجي ذهن ۾ ايرندڙ سوال وڌندا پئي ويا، تيئن تيئن انهن وجودن جو تعداد بہ وڌيڪ ٿيندو پئي ويو. تان مون کي لڳو جڻ سڄي جاءِ انهن وجودن سان ڀرجي وئي هجي. ان مهل هڪ تيز قسم جو آواز غسل خاني ۾ ايرڻ ۽ مون کي ائين لڳو جڻ ڪنهن رهڙ جي هٿ مون کي مٿي کان جهلي واپس پنهنجي بدن ۾ وڌو هجي ۽ آئون پل ڪن اندر پنهنجي جسم اندر پهچي ويس."

هڪ ڪاليج جو پروفيسر پنهنجي تجربي کي هيٺئن نموني ٻڌائي ٿو. هن جو موت آپريشن ٽيبل تي ٿي ويو هو:

"مون اچانڪ اهو ڏٺو تہ آئون هڪ نهايت ئي خوبصورت واديءَ ۾ هيس، جتي چوطرف ساوڪ ئي ساوڪ هئي. آئون اتي اڪيلو ئي هئس ۽ مون کي ڪو ٻيو ماڻهو وغيره نظر نہ پئي آيو. آئون ان واديءَ ۾ ڪافي دير تائين گهمندو رهيس، تان جو مون کي محسوس ٿيو جڻ آئون پنهنجي جسم ۾ واپس موٽي آيو هجان."

ان روح جو جسم کان ٻاهر نڪرڻ

واري هن مشاهدي سندس وري زندگي جي سوچن کي ڦيري ڇڏيو آهي ۽ هاڻ هي موت کان پوءِ جي زندگيءَ ۾ بي انتها يقين رکي ٿو. اڄ بہ جڏهن هو پنهنجي ان تجربي کي ماڻهن آڏو ٻڌائيندو آهي تہ چهري تي اندروني مسرت کري چمڪ اچي ويندي اٿس.

ڪافي ماڻهو مرڻ بعد اهو محسوس ڪيو تہ آهي تہ روح واري مرحلي ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ هو هڪ اونداهي جاءِ ۾ داخل ٿين ٿا، پر اها اونداهي بہ ڪين نهايت ئي فرحت ۽ سڪون ڏيندڙ محسوس ٿئي ٿي. ڪيترن ماڻهن ان اونداهيءَ کي "بخمل وانگر نرم ۽ گرم" محسوس ڪيو آهي تہ ڪن ان کي "گرم ڪمبل" سان مشابهت ڏني آهي. ان گرمائش وري اونداهيءَ ۾ انهن ماڻهن کي ڪنهن ڊپ، خوف جي ابتڙ نهايت سڪون ۽ خوشي محسوس ٿئي ٿي.

ڪن ماڻهن کي هن مرحلي ۾ صرف نور جو تجلو نظر آيو آهي. اهي ٻڌائين ٿا تہ ان نور جي تجلي نہ ڪو سندن اکين کي چنهجايو ٿي ۽ نہ وري ڪين کا اکين جلڻ جي شڪايت ٿي هئي. ان نور جي روشنيءَ ۾ ڪين بي پناهہ سڪون ۽ فرحت ملي هئي. ڪجهہ ماڻهن کي هن ڪيفيت ۾ هڪ مٺو آواز پڻ ٻڌڻ ۾ آيو آهي. اهو آواز ڪين سندن ڪنهن سڃاڻپ واري جو ڪو نہ لڳو هو، پر تنهن هوندي بہ ڪين ائين محسوس ٿيو هو تہ جڻ انهن ان آواز واري کي سڃاتو ٿي. ان آواز واري سان خيالن جي ذريعي سندن گفتگو پڻ ٿئي ٿي. ان ڪيفيت ۾ ماڻهن جا سواءِ ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جي، ٻيا ڪي بہ حواس ڪم ڪو نہ ٿا ڪن. ڳهٽو ڪري مردن ڪي عورتن جا آواز ۽ عورتن ڪي مردن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا آهن، ان جو سبب ڇا آهي، تنهنجو ڪو پتو پئجي نہ سگهيو آهي.

ڪن ماڻهن کي پنهنجي روحاني وجود ۾ تبديل ٿيڻ تي مونجهہ ۽ پريشاني محسوس ٿئي ٿي، پر ان جو مدو تمام ٿورو هوندو آهي. ڪجهہ ديربعد هڪ سڪون جي لهر سندن هر پريشانيءَ ۽ خوف کي ختم ڪري ڇڏي ٿي. هن ڪيفيت مان واپس اچڻ تي گهڻن ماڻهن جو اهو ردِ عمل هوندو آهي تہ مختلف سوال پڇڻ شروع ڪندا آهن تہ ڇا سندن اها ڪيفيت صرف تصوراتي هئي يا واقعي حقيقي طور اهو لقاءَ ڪين پسجڻ ۾

عجيب ڳالهيون

وڏن جو هيءَ قول جوانيءَ ۾ اڪثر ٻڌائندهئاسين تہ "پئسو هر شيءِ کي خريد ڪري نٿو سگهي." تہ اسان ان ڳالهہ کي قبول ڪري ڇڏيو هو پر هاڻي جڏهن وارا اچا ٿيا آهن تہ خبر پئي اها ڳالهہ غلط نڪتي يعني تہ هتي هر شيءِ وڪڻجي ٿي بس رڳو ان جو خريدار هجڻ گهرجي. پيسي سان سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو جنهن خاندان جو هر ماڻهو ڪمائڻ ۾ لڳي وڃي تہ چند بيڪار جيڪي گهر ۾ رهجي ويندا آهن انهن کي ڪا بہ صحبت نصيب نہ ٿي ٿئي. ان ڪري انهن کي ڪا تہ اهڙي صحبت گهرجي جو تہ انسان جيڪو سماجي حيوان آهي اهو اڪيلو نٿو رهي سگهي. جاپان جي ماڻهن ان مسئلي جو جو حل ڪڍي ورتو آهي. هن ملڪ ۾ هڪ ايجنسي آهي جنهن جو نالو آهي "هوم ڊيليوري سروس". ان جو ڪم آهي. پئسن عيوض رشتا ڪرائڻ. اهي مقرر قيمت تي مقرر وقت تائين پيءُ، ڏاڏو ياءُ، پيٽ وغيره جون خدمتون ڏئي ماڻهن جي اڪيلاڻپ کي ختم ڪن ٿا. اتي قيمتون ڪجهہ هن ريت آهن. هڪ ڏاڏو هڪ لک ويهہ هزارين ين ۾ (90 هزار روپيا) هڪ ڏاڏي هڪ پٽ، هڪ ننهن ۽ هڪ پوٽو حاصل ڪري سگهي ٿو جڏهن سس، ننهن بورچي خاني ۾ ڪم ۾ مصروف هوندا آهن تہ ڏاڏو صاحب پٽ سان گفتگو ۾ مصروف هوندا آهن ۽ پوٽي جي حرڪتن تي گهري نظر رکندا آهن.

آيو هو. ڇا واقعي اهو لقاءَ ساٿن پيش آيو هو؟ ڇا سندن دماغ ساٿن ڪا ڪيڏ تہ نہ ڪئي هئي يا اها مشاهدي واري ڪيفيت صرف سندن سوداءَ تہ نہ هو؟ ڇا هو پنهنجي ان مشاهدي تي ايمان رکن؟

اهو ڏنو ويو آهي تہ اهڙن واقعن ۾ ماڻهو زندگي ڏانهن واپس اچڻ بعد وڌيڪ تيز ۽ تڙا ڪڙا ٿي ويندا آهن. سندن دماغ پهرين کان وڌيڪ ڪليل ۽ برداشت ڪرڻ وارا بڻجي وڃن ٿا. اهڙن ماڻهن جون حواسي خاصيتون ڪافي وڌي ويندیون آهن. گهڻن ماڻهن ۾ ان مشاهدي جي ڪيفيت اهڙن لاڙن کي جنم ڏنو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجي اندر جي قدرتي ذات کي ڳولي سگهيا آهن ۽ نتيجي ۾ انهن جي زندگيءَ ۾ مثبت ڦيرا ڏٺا ويا آهن. ايئن لڳندو آهي تہ موت جي مشاهدي اهڙن ماڻهن کي ڇڻ نند مان جاڳائڻ جو ڪم ڪيو هجي ۽ اهو تجربي جو اثر سندن سڄي زندگيءَ مٿان رهي ٿو.

2. دوزخ واريءَ حالت جو مرحلو

هن حالت ۾ ماڻهن کي پنهنجي ماضي جي برن يا گندن ڪمن جي سبب ڪري ڊپ ورا يا پوائتا منظر نظر آيا آهن. هن ڪيفيت مان گهٽو ڪري اهي ماڻهو گذرن ٿا جن کي زميني دنيا منجهہ پنهنجن سٺن ڪمن نہ ڪرڻ ڪري مرڻ کان پوءِ سزا يا برن حالتن مان گذرڻ جو ڊپ هوندو آهي.

آمريڪا جي پنسلوانيا رياست جي هڪ ڳوٺ بليڪسلي (Blakeslee) جي رهاڪو عورت گلوريا هيپل (Gloria Hipple) هيئينءَ ريت پنهنجي ان پوائتي تجربي کي بيان ڪري ٿي:

"مون کي هي پيانڪ تجربو 1955 ڌاري پيش آيو، جڏهن مون کي ٻار جي ڪرڻ ڪري نازڪ حالت ۾ اسپتال منجهہ داخل ڪيو ويو هو. مون کي هڪ وارڊ ۾ جاميٽري جي 45 ڊگريءَ جي حالت ۾ ليٽايو ويو هو ڇو تہ منهنجو ڪافي رت ضايع ٿي رهيو هو. آئون ان حالت ۾ اتي اٺ ڏينهن ڪن پيل هئس. مون ڊاڪٽرن کي ڏاڍيون منٿون پئي ڪيون تہ مون کي سڌو سمهاريو وڃي پر ڪنهن بہ منهنجي ان ڳالهہ تي ڌيان نہ ڏنو. انين ڏينهن آخر آئون بلڪل بي سڌ ٿي ويس. آئون ڪجهہ ٻڌي ۽ ڏسي نہ ٿئي سگهيس. بعد ۾ ڊاڪٽرن مون کي ٻڌايو تہ منهنجي جسم جي گرميءَ جو پد 87.6 ڊگرين (عام ماڻهوءَ جو رواجي صحتمند حالت ۾ گرميءَ جو پد 98.6 ڊگريون هوندو آهي) تائين ڪري پيو هو. مون کي ان هيئين گرمي جي پد ڪري مري وڃڻ گهرجي ها.

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ مون کي ان حالت ۾ ايئن پئي لڳو جڻ آئون ڪنهن اونهي ڪن ۾ ڪري رهي هجان. پهرين تہ مون کي بلڪل ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ مون سان ڇا وهي واپري رهيو هو. تنهن بعد جڏهن مون کي خبر پئي تہ منهنجو بدن هيٺ ڪري رهيو هو ۽ منهنجو جسم ان حال ۾ هو جو ڪنڌ هيٺ ۽ جنگهون مٿي هيون تہ منهنجيون وايون بتال ٿي ويون. مون پنهنجو پاڻ کي بچائڻ لاءِ هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا. مون ڪوشش ڪئي تہ آئون ان ڪن جي پتين کي هٿن سان جهلي پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪرڻ کان روڪيان. پر سڀ بي سود هو. مون ان وقت پنهنجو پاڻ کي بچائڻ سان گڏوگڏ پنهنجن ٻن معصوم

ٻارڙن جي باري ۾ پڻ سوچيو پئي ته منهنجي مرڻ کان پوءِ انهن جو ڇا ٿيندو ۽ ڪير سندن پرگهور لهندو؟ مون دعا گهري "اي رب! مون کي هن وقت موت نه ڏي" پر ڪجهه به ڪو نه وريو. منهنجو ان پوائنٽي ڪن ۾ هيٺ ڪرڻ جو سلسلو جاري هو.

منهنجي ڪوشش هئي ته مون کي ان ڪن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نظر اچي، پر مون کي صرف ڪن ۽ ان جون گهمندڙ پتيون ۽ هيٺ نوڪدار شڪل وارو ڪن جو تروئي نظر اچي رهيو هو. منهنجي ڪوشش هئي ته آئون ڪهڙي به نموني ان ڪن جي پتين جي ڪنهن شيءَ ۾ هٿ وجهي، پنهنجو پاڻ کي هيٺ ڪرڻ کان بچايان، پر منهنجا هٿ خالي هٿوراڙيون هڻندا رهيا ۽ ڪا به آجپي جي واه نظر نه پئي آئي. ان مهل مون تي سخت دهشت چڙهي ويئي هئي. ايتري ۾ مون کي هڪ ڪارو نشان نظر آيو جيڪو منهنجي آڏو ظاهر ٿي وڏو ٿيڻ لڳو هو. اهو ڪارو نشان هڪ چادر وانگر منهنجي ۽ ڪن جي تري جي وچ ۾ حائل ٿي ويو. ايتري ۾ مون کي هڪ اڇي رنگ جو نشان پڻ ظاهر ٿيندي نظر آيو. لڳو پئي ته ان مان روشني نڪري رهي هجي. جيئن جيئن اهو منهنجي ويجهو ايندو ويو تيئن تيئن خوف منهنجي لونءَ لونءَ ۾ سمائجڻ لڳو. مون ڏٺو ته اها هڪ ماڻهوءَ جي اڇي رنگ جي ڪوپڙي هئي جيڪا سائيز ۾ وڏي ٿي، منهنجي اکين وٽ بيهي، زور زور سان ٽهڪ ڏيڻ لڳي هئي. ان ڪوپڙي جي اکين جا ڪوپا خالي هئا ۽ منهن ۾ صرف ڏند نظر اچي رهيا هئس. مون زور زور سان رڙيون ڪرڻ شرع ڪيون، "منهنجا ٻارڙا تمام ننڍا آهن. مننجو سڀ کان ننڍڙو ٻار ته صرف ٻن سالن جو آهي... مون کي هتان وڃڻ ڏيو. آئون هن وقت مرڻ نه ٿي گهران. منهنجي ٻارڙن کي منهنجي سخت گهرج آهي. مون کي وڃڻ ڏيو."

مون ڏٺو ته اچانڪ اها هڏائين کوپڙي ڏماڪي سان ڦاٽي هزارين ٽڪرن ۾ ورهائجي ويئي. ايتري ۾ مون کي محسوس ٿيو جڻ منهنجي ڪرڻ جي رفتار ۾ گهٽتائي آئي هجي. مون کي ان وقت ان کوپڙيءَ جي جاءِ تي هڪ نور جو تجلو نظر آيو. اهو ايڏو ته روشن هو جو آئون ان کي هرگز وساري نه ٿي سگهان. جيتوڻيڪ اهو نور جو تجلو بي حد روشن هو پر تنهن هوندي به ان منهنجي اکين کي وقتي طور انڌو نه پئي ڪيو. اها روشني هڪ ٽڏي قسم جي روشني هئي، جنهن کي ڏسڻ سان اکين ۽ من کي فرحت ٿي آئي. ان دوران اها ڪاري رنگ واري چادر منهنجي اکين اڳيان گم ٿي ويئي. مون کي ان وقت نهايت سڪون ۽ اطمينان جو احساس پئي ٿيو. ان وقت منهنجي جسم ان ڪن اندر واپس مٽي هلڻ شروع ڪيو ۽ آئون واپس هن دنيا ۾ موٽي آيس. ايتري ۾ مون پنهنجي مڙس جو آواز ٻڌو جيڪو مون کي پڪاري رهيو هو. مون کي سندس آواز ڪافي پري کان ايندين ٻڌڻ ۾ آيو. مون پنهنجون اکيون کوليون پر مون کي وقتي طور ڪجهه به نظر نه پئي آيو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ مون کي پنهنجي پيراندي ڪان به ڊاڪٽر بيئل نظر آيا جيڪي بيحد ٽڪل نظر اچي رهيا هئا. اهي مون کي رحم پرين نگاهن سان ڏسي رهيا هئا. مون کي آپريشن روم منجهه نيو ويو، جتي مون کي ڪافي رت جون بوتلون هنيون ويون ۽ آئون هفتي کن ۾

تندرست ٿي پنهنجي گهر موٽي آيس.“

ساندرا ايچ بروڪ (Sandra H.Brook) نالي عورت،آمريڪا جي رياست ورجينيا (Virginia) جي شهر سٽانٽن (Stanton) ۾ رهي ٿي. اها پنهنجو تجربو هيٺين نموني بيان ڪري ٿي:

”مون کي پيٽ جي سخت بيماري لاحق هئي. منهنجو پتو خراب ٿي پيو هو. جنهن کي ڪيڏ لاءِ ڊاڪٽرن مون کي آپريشن ٽيبل تي ليٽايو. آپريشن دوران منهنجو ڪافي رت ضايع ٿيو ۽ بقول ڊاڪٽرن جي ته ان آپريشن دوران ٽي دفعا اهڙي حالت پيدا ٿي هئي جو انهن سمجهيو ٿي ته آئون ڄڻ ختم ٿيڻ واري هئس. آپريشن کان پوءِ مون کي رت جون بوتلون لڳايون ويون. منهنجي حالت ڪافي نازڪ هئي. پهرين ڏينهن مون کي ڪجهه عجيب محسوس ٿي رهيو هو. مون کي لڳو جيڪڏهن مون پنهنجين اکين کي هڪ دفعو بند ڪيو ته پوءِ وري آئون انهن کي ڪڏهن به کولڻ ۾ ڪامياب ٿي نه سگهندس. مون نرس کي سڏي پنهنجي ان ڪيفيت بابت ٻڌايو. ان منهنجي ڳالهه ٻڌي مون کي تسلي ڏني ۽ چيو ته اهڙي ڪا ڳالهه نه هئي ۽ اهو احساس رڳو منهنجو وهم هو. مون کي ياد آهي ته جيئن ئي اها نرس منهنجي ڪمري مان ٻاهر وئي تيئن مون کي لڳو ڄڻ مون کي ڪنهن گهريءَ اونداهيءَ سرنگهه ۾ ڇڪيو پئي ويو. اهو هڪ نهايت پيانڪ تجربو هو. ڇاڪاڻ جو مون کي اتي پنهنجي ماضيءَ جو هر اهو سڄاڻو نظر اچي رهيو هو،جنهن جو موت ڪافي عرصو اڳ ٿي چڪو هو. اهي سڀ انهن ماڻهن جا روح هئا جن مون کي منهنجي زندگيءَ ۾ بي حد ستايو هو ۽ مون کان نهايت ڪاوڙيل هئا. اهي مون ڏانهن ڏسي ٽهڪن سان گڏوگڏ زور زور سان رڙيون پڻ ڪري رهيا هئا. آئون سخت حراسجي ويس. مون کي ڄاڻ نه پئي ٿي ته آئون ڇا ڪريان. مون انهن کي هٿ ٻڌي منٿون ڪرڻ شروع ڪيون ته مون کي واپس وڃڻ ڏيو. ايتري ۾ مون کي ان سرنگهه جي ٻئي ڇيڙي تي روشنيءَ نظر اچڻ لڳي، پر آئون ان روشنيءَ جي ويجهو وڃي نه سگهيس. امالڪ مون کي محسوس ٿيو ته آئون پنهنجي بدن ۾ موٽي آئي هئس. خدا جو شڪر آهي جو آئون زنده بچي وئي هئس.“

فائلس آيٽواٽر (Phylis Atwater) موت جي مشاهدن جي موضوع مٿان گهري تحقيق ڪئي آهي. هيءَ ٻڌائي ٿي ته هڪ دفعو هو سينٽ الفونس اسپتال ۾ هڪ سڄاڻو دل جي مريض جي عيادت ڪرڻ لاءِ ويل هئي. ان عورت ڪيس ٻڌايو ته هڪ دفعي ڪنهن بيماريءَ ڪري ڊاڪٽرن ڪيس مئل قرار ڏئي ڇڏيو هو. ان ڪيفيت دوران ڪيس محسوس ٿيو ته سندس روح بدن مان ٻاهر نڪري ڪنهن اونداهيءَ سرنگهه ۾ پهچي ويو هجي. سرنگهه جي ٻئي ڇيڙي تي ڪيس روشني نظر آئي. اها عورت جيئن ان روشني وٽ پهتي ته ڪيس هڪ وسيع وادي نظر آئي جيڪا بلڪل نئون ۽ سڪل حالت ۾ هئي. اتي ڪيس ڪاري رنگ جا ٽلها،بندري قد جا، بدصورت ۽ اگهاڙا ماڻهو نظر آيا جيڪي هن کي گهوري ڏسي رهيا هئا. اهو منظر ايڏو ته هيبتناڪ هو جو اها عورت رڙيون ڪرڻ لڳي. امالڪ ڪيس اهو محسوس

ٿيو تہ هو پنهنجي بدن ۾ واپس موٽي آئي هئي. فائلس ايتواٽر جي ان مريض سان ملاقات مريض واري ڪمري منجهہ ٿي رهي هئي. عورت جي ان ڪٿا ٻڌائڻ دوران ٻہ ٻيون مريضياڻيون ٻہ اندر اچي ويون هيون ۽ ڏاڍي ڌيان سان ان مريض جي موت جي مشاهدي جو لقاءُ ٻڌي رهيون هيون. اهي ٻئي مريضياڻيون ٻہ دل جي بيماري ۾ مبتلا هيون ۽ ڪين دل جي دوري دوران ساڳئي لقاءَ مان گذرڻو پيو هو. اهي ٻئي مريضياڻيون ان ڪيفيت ڪري انتهائي ڊپ ۽ خوف جي عالم ۾ هيون.

انهن ٽنهي جون ڳالهيون ٻڌي فائلس انهن کان سوال جواب ڪرڻ لڳي تہ جيئن معلوم ڪري تہ آخر سندن انهن هڪجهڙن لقائن کي ڏسڻ جو سبب ڇا هو؟ انهن سوالن جوابن کيس اها ڄاڻ ڏني تہ انهن ٽنهي مان ڪنهن جو ٻہ مذهبي فرقو ساڳيو نہ هو ۽ نہ وري انهن ٽنهي جڻين جي هن اسپتال ۾ ملاقات ٿيڻ کان پهرين ڪو پاڻ ۾ سنهڙ هو. نہ وري انهن ٽنهي جي رهڻي ڪهڻي ساڳي هئي ۽ نہ وري انهن جا دوست ۽ سنگتي ساڳيا هئا. نہ ڪو انهن جي زندگي ۾ ڪي ڳالهيون هڪجهڙائي رکندڙ هيون ۽ نہ وري انهن ٽنهي عورتن جا علاج ڪندڙ ڊاڪٽر ساڳيا هئا. انهن جي زندگين جون ڳالهيون ٻہ الڳ ٿلڳ هيون. انهن مان ٻہ عورتون پنهنجن مڙسن سان گڏ رهنديون هيون، جڏهن تہ هڪ عورت طلاق يافتہ هئي. مطلب تہ فائلس کي انهن جي زندگيءَ جي جانچ منجهان ڪا ٻہ ڳالهہ اهڙي نہ ملي جو ايئن ڪٽي چئجي تہ متان سندن زندگيءَ جي ڪنهن هڪجهڙائي جي ڪري انهن ٽنهي عورتن کي موت جي مشاهدي جي ساڳين لقائن سان واسطو پيو هجي. انهن سوالن جوابن انهن عورتن بابت صرف اها گڏيل ڳالهہ ظاهر ڪئي تہ انهن کي پنهنجي زندگيءَ جي ڪجهہ خراب ڪمن جي ڪري اندر پچتاءُ جو احساس هو ۽ شايد اهو موت جو پيانڪ مشاهدو انهن خراب ڪمن جو نتيجو هجي؟

1990ع ڌاران آمريڪا جي گاديءَ جي هنڌ واشنگٽن ۾ "موت جي مشاهدي جي بين الاقوامي تنظيم" جو اجلاس ڪوٺايو ويو. ان اجلاس ۾ هن موضوع جي هڪ تحقيقدان کان جڏهن پڇيو ويوتہ گهڻن محققن جي ڪم ۾ دوزخ جو تجربو گهڻو ڪري بيان ڪيل نظر نہ ٿو اچي. آخر ان جو ڪارڻ ڇا آهي؟ هن وراڻيو تہ اسان گهڻو ڪري ماڻهن کان اهڙا سوال نہ پڇندا آهيون، جيڪي سندن موت جي مشاهدي جي دوران ڪڙين ۽ تلخ يادگيرين کي سندن ذهنن ۾ تازه ڪرڻ جو سبب بڻجن. ڪجهہ محقق دوزخ بابت سوال ان ڪري بہ نہ ٿا پڇن ڇاڪاڻ جو هو خود ان منظرنامي کان ڊڄن ٿا ۽ ان ڪري ان کان بچڻ لاءِ ان سوال پڇڻ کان ڪن ٽار ڪن ٿا.

نينسي ايوانس بش (Nancy Evans Bush) ۽ گريسن (Greyson) "موت جي مشاهدي جي بين الاقوامي تنظيم" جا صدر رهي چڪا آهن. انهن ٻنهي جي نون سالن جي تحقيق جو نچوڙ مشهور رسالي "نفسياتي بيماريون" (Sychiatry) جي فيبروري 1992ع جي شماري ۾ ڇپيو آهي. ان تحقيق ۾ ٻنهي جڻن پنجاهہ اهڙن ماڻهن جو احوال ڏنو آهي جن موت جي

مشاهدي جي دوران ڊپ ۽ خوف وارين حالتن کي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو.

هن موضوع جي مشهور برطانوي تحقيقدان مارگوٽ گري (Grey Margot) 1985ع ڌاري ڇپيل پنهنجي ڪتاب "موت کان واپسي: موت جي مشاهدن جي ڪوجنا"

(Return from Death: An Exploration of the Near Death Experiences)

۾ دوزخ جي منظرن ڏسڻ بابت تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

هڪ ٻئي مشهور عالم چارلس فلائين (Charles Flynn) 1978ع ۾ ڇپيل پنهنجي ڪتاب "اڳتي کان پوءِ: موت جا مشاهدا ۽ انسانن ۾ تبديلي"

(After the Beyond: Human Transformation and the Near Death Experiences)

۾ ماڻهن طرفان موت جي مشاهدي جي دوران دوزخ جي ڏسڻ جا ڪافي مشاهدا قلمبند ڪيا آهن.

ڪن ڪن حالتن ۾ ڏٺو ويو آهي ته جيڪي ڊپ وارا منظر موت جي مشاهدي دوران ماڻهو ڏسن ٿا سي سندن حقيقي زندگيءَ ۾ به واپس اچي ڪين ڏيڃارين ٿا. اهي ڏيڃارا مادي لحاظ کان حقيقي هوندا آهن. گهڻن ماڻهن جي اها دعويٰ آهي ته انهن کي پنهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ به موت جي مشاهدي دوران خوفناڪ منظرن سان واسطو پيو آهي. لڳي ٿو ته اهي خوفناڪتا لڳاءَ سندن پيڇو ڪندي سندن روح کي وري حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل هوندا هجن. فائلس اينواٽر جيڪا خود موت جي مشاهدي جي محقق آهي ۽ گڏوگڏ ٽن موقعن تي اهو مشاهدو خود ذاتي طور ڪري چڪي آهي ۽ تنهن کي به اهڙو ڏيڃاريندڙ لڳاءَ سالن جا سال پريشان ڪندو رهيو آهي. هوءَ ٻڌائي ٿي ته:

"هڪ دفعي آئون سخت نراسي جي عالم ۾ هئس. منهنجيون جسماني، جذباتي ۽ دماغي صلاحيتون ڄڻ ختم ٿي ويون هيون. ان وقت مون اهو محسوس ڪيو ته ڄڻ منهنجو جسم مون کان پري هٽي رهيو هجي ۽ منهنجو روح پنهنجي بدن کان ٻاهر نڪري مٿي آسمان ڏانهن وڃي رهيو هو. ان جاءِ تي مون کي روشني جي هڪ حد نظر آئي. آئون ان روشنيءَ جي اندر گهڙي ويس. اتي مون کي عجب جهڙو لڳاءَ پسجڻ ۾ آيو. منهنجي آڏو ٻه ڊيو قامت واچوڙا ڦري رهيا هئا. انهن مان هڪ واچوڙو هيٺ هو ۽ ٻيو مٿي هو. مٿئين واچوڙي جي هيٺين ڪنڊ هيٺئن واچوڙي جي مٿئين پاسي کي ڇهي رهي هئي. پر اچرج جو لڳاءَ اهو هو جو اهي ٻئي واچوڙا هڪٻئي سان ٽڪريا ڪو نه پئي ۽ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مستقل گهمي رهيا هئا. انهن جي ڦرڻ جي رفتار انتهائي تيز هئي. مٿيون واچوڙو گهڙيال جي ڪانٽن جي هلڻ واري رخ ۾ ڦري رهيو هو ته هيٺيون واچوڙو وري گهڙيال جي ڪانٽن جي مخالف رخ ۾ گهمي رهيو هو. انهن واچوڙن مان نهايت تيز روشني جا ڪرڻا نڪري رهيا هئا. جڏهن آئون واپس زندگيءَ طرف موٽي آئي آيس تڏهن ڪان مون سان عجيب ويڌن شروع ٿي وئي هئي، ڇاڪاڻ جو اهي واچوڙا منهنجي حقيقي زندگيءَ ۾ به گهڙي آيا هئا.

(هلندڙ).....

غزل

علي محمد سولنگي

رات تنهنجيءَ تاتِ ۾ لُڇندو رهيس.
يادِ ماضيءَ کي ڪري روئيندو رهيس.

کولي الماڙي اُنهيءَ مان سڀ ڪڍي،
تنهجا خط کولي ڪري پڙهندو رهيس.

جنهن ۾ تون ۽ مان هياسين گڏُ ويٺل،
دير تائين ڦوٽو سوچمندو رهيس.

ڇو وِڇوڙو ٿي ويو جهٽِ پاڻ ۾؟
سوچيندو،دل کان اهو پڇندو رهيس.

پرهَ تائين ننڊ نيڻن کي نه هئي،
آئون تنها ڦٽڪندو ڦرندو رهيس.

ڏاتِ ساري راتِ ٿي پَئي مهربان،
گيت،وايون ۽ غزل لکندو رهيس.

غزل

حنيف عاطِر

شاعرِ جي احساس کي ڳوليم،
پٿرن ۾ الماس کي ڳوليم.

ويساهه گهاتي جي وستي ۾،
ويچاري وشواس کي ڳوليم.

بي سوڀي بازار ۾ دِل جي،
اڻپوري ڪنهن آس کي ڳوليم.

اکين ۾ ارمان هو جاڳيل،
ڪو نه چپن جي پياس کي ڳوليم.

سنڌو جي تاريخ کي کولي،
عاطر روڙيل ڪاس کي ڳوليم.

غزل

اظهر بانيڻ ڪراچي

شام تي سرخي سجائي ٿي وڃي
رت يا ميندي لڳائي ٿي وڃي

ڏينهن جو ننگو بدن ڍڪجي پيو
رات جي چادر وڇائي ٿي وڃي

مون کي عيسيٰ چئي گهرايو ٿو وڃي
هوءَ به سولي جيان سڏائي ٿي وڃي

روز ٿهڪن جا ڪومائجن گل ٿا
روز اک آلي بڻائي ٿي وڃي

پل، مهينا، سال پوءِ ڪيئي صديون
زندگي ڪيڏي رلائي ٿي وڃي.

پنجڪڙو

منور ملاح ڪپرو

اشارن جا تافلا ويا وڌي
پيار ۾ ڄڻ فاصلا ويا وڌي
رات اکين تي ستمگر ويو ٻڌي
زندگي مان اُجالا ويا وڌي
پيار ۾ ڄڻ فاصلا ويا وڌي

غزل

اداسي جڪراڻي رسالدار

نيڻ ڇلڪي پيا، رات سانجهيءَ مهل
روح سڏڪا ڀريا، رات سانجهيءَ مهل

تون نه هئين چاندني، چنڊ، تارا، پرين
ڪين مون کي وڻيا، رات سانجهيءَ مهل

ياد آيا جڏهن گڏ گذاريل سمان
نير نيڻن وهيا، رات سانجهيءَ مهل

مون به ڪن ڏئي ٻڌا، ڪنهن وڏي چاهه مان
گيت منهنجا چيا، رات سانجهيءَ مهل

ها وري ٿر مٿان نيٺ برسات پئي
ڀ گهلي پئي هوا، رات سانجهيءَ مهل

نيڻ ٽمندا رهيا، لڙڪ ڪرندا رهيا
دل لڇي تو سوا، رات سانجهيءَ مهل

ڪير لڇندو رهيو ڪير روئندو رهيو
ڪنهن ڏٺا ٿهڪ، ها، رات سانجهيءَ مهل

ڪاش! تون اڄ اچين نيڻ منهنجا انهيءَ
آس ۾ بس رهيا، رات سانجهيءَ مهل.

گيت

شريف ميراڻي

قمر جي ڪهاڻي، لڳي سنڌڙي ٿي،
يا راڻي پناڻي، لڳي سنڌڙي ٿي.

ستارا شرمسار جنهن کي ڏسي ٿيا،
اُها روپ راڻي لڳي سنڌڙي ٿي.

ستمگر سندا ئي، ستم ٿي سهي سڀ،
انهيءَ الئه نماڻي، لڳي سنڌڙي ٿي.

نه ڏک ۾ نه سک ۾ ڪڏهن ڌار ٿي آ
سندم ساٿياڻي، لڳي سنڌڙي ٿي

مهاڏو مخالف سان انڪائيندڙ ئي
صدين کان پراڻي، لڳي سنڌڙي ٿي.

ننڍي ۽ وڏي جي ڪندڙ آجيان هتي،
سين کان سياڻي، لڳي سنڌڙي ٿي.

مان جيون ٿو سڏجان، سندس جو شريف،
۽ منهنجي جواڻي، لڳي سنڌڙي ٿي.

نظم

علي عاجز شر، پڪا چانگ

سرمد سنڌي جي ياد ۾

او ادڙا سرمد تون!
آن دل ۾ پيوند تون!
سنڌ تان واري وئين،
جان پنهنجي جند تون.
تو لطيفي لات پکيڙي،
آن تنبوري جي تند تون.
سنڌ جي سورن پورن جي،
ڳالهه ڪئي هر هنڌ تون.
ڏورانهين ڏيهه هليو وئين،
رئاڙي سڄي سنڌ تون.
دلين ۾ صدا رهندين سرمد،
هر سلجهيل ماڻهو جي پسند تون.
عاجز جو توکي سلام آ.
آهين اکين جو آڳنڌ تون.

غزل

فراخ جانوري

نہ سُڌ آ ڪٿان ڪان هليا پاڻ آهيون،
۽ ڪاٿي الائي پڳا پاڻ آهيون.

ڪٿي پل بہ ساهي پتي ڪا نہ آهي،
مسلسل سفر ۾ رهيا پاڻ آهيون.

زماني گهڻا ئي ڪيا وار آهن،
مگر ڪو نہ حق تان هٽيا پاڻ آهيون.

الائي تہ ڪهڙي خدا دل ڏني آ،
سدا ٻين جي ڏک تي ڏکيا پاڻ آهيون.

گلابن سان گڏ گڏ ڪنڊن تي وسون ٿا،
وفائن جي سندر گهٽا پاڻ آهيون.

اسان جي انهيءَ رشتي تي حيف آهي،
ڪئي هوندي پوءِ پي جدا پاڻ آهيون.

ڪڏهن آهي غيرن ڦريو ماريو ۽،
ڪڏهن واهرن کان لُٽيا پاڻ آهيون.

رهون اوپرن جيان ٿا پنهنجي وطن ۾،
ائين ڇڙو ڇڙ ٿي ويا پاڻ آهيون.

عجب آهي دنيا سوين روپ بدليا،
اڃا پر نہ مٽجي سگهيا پاڻ آهيون.

فقط گڏجي نعرا هنيان هن وطن جا،
ڪڏهن پر نہ گڏجي لڙيا پاڻ آهيون.

سڪي ننڍ پتَ تي سمهون ٿا ڏهاڙي،
ڏکن ۾ بہ ڪيڏا سڪيا پاڻ آهيون.

غزل

فقير محمد سنڌي، لاڙڪاڻو

تون تہ آيو هئين دوستي واسطي،
ٿو ڏسين هاڻي دشمني واسطي.

ڇا تہ معصوم هي منهن لڳن ٿا ايئن،
ڪنهن عبادت دعا بندگي واسطي.

رنگ ماحول جو هي نرالو ڏسو
ڪيئن ٿا مهڻا ملن گندگي واسطي.

لفظ اهڙا اُچاريو پرين دل سان جو
روشني تان ٿيئي زندگي واسطي.

سنڌ موئن جو دڙو پيار تنهنجو پرين،
آ اسان لاءِ دائم خوشي واسطي.

ڏهن روشن "سنڌي" ڪرائين جيئن جو
سنڌ ۾ شاهہ آ شاعري واسطي.

غزل
محمد اڪرم نوحاڻي

زندگي دردن ۾ پاهه ٿيندي وڃي،
هوءَ به ڪيڏي بي پراهه ٿيندي وڃي.

اسان جي جواني وڃي سگريٽ وانگي سڙندي،
هن جي حسن جي ڪيڏي ساراهه ٿيندي وڃي.

اسان ڏانهن ٿو هر ڪو نفرت سان نهاري،
هوءَ هر ڪنهن جي مرڪز نگاهه ٿيندي وڃي.

هن جا پير چمڻ لاءِ گلاب آتا هن،
اسان جي ڪنڊا هر راهه ٿيندي وڃي.

تنهنجي وڃڻ کان پوءِ اسان جي اڪرم،
هر خوشي هاڻي جانان تباهه ٿيندي وڃي.

نظم
امير حسين ڪوسو ڦل شهر

ڪنڌ تنهنجي ويرن جا ڪپڻ ٿو گهران مان
منهنجي سنڌ تو کي آزاد ڏسڻ ٿو گهران مان

هي جبل جيڏا جذبا منهنجا ڪين جهڪندا
جهڪڻ آ بهتر، ڪسڻ ٿو گهران مان

جيڪو تو کي ميري نظر سان ڏسندو
اکيون ان پليت جو ڪڍڻ ٿو گهران مان

امير منهنجو سر ساهه سنڌ ساڻ آهي
صدقو جند سنڌ تان ڏيڻ ٿو گهران مان

غزل
اظهر بانيڻ، ڪراچي

اسانجي، تون وري ڪڏنهن انا نه آزمائجان
اسان نه ٿي وڃون ڪٿي فنا نه آزمائجان

زمين جي پناهه ۾ ڇڏيان نه آسمان جيان
"حوا" جي نانءَ سان وري خدا! نه آزمائجان

اسان شمار ڪئي سدا عبادتن جي راڄ ۾
اسان جي دوستي ڪڏنهن ابا! نه آزمائجان

صليب، دار ٿي سجن نه مقتلن جون رونقون
ڪٿي نقاب اوچتو حياءَ نه آزمائجان

اسان ته قيد، جسم جو سٺو آ روح ٿي پرين
سواءِ موت جي ڪابي سزا نه آزمائجان.

غزل
آفتاب احمد لولائي

بي رخي جي نگاهه ڇڏي پيار جي نظر ڪيو ته بهتر آ
منهنجي دل لڳي جو دلربا قدر ڪيو ته بهتر آ.

اوهان جي ساٿ جو سرور ماڻڻ ٿو چاهيان مان
چني ناتو نينهن جو نه هي هجر ڪيو ته بهتر آ.

پڪ آهي ته ملي منزل ويندي نيٺ ضرور
سچائي جي وات تي سفر ڪيو ته بهتر آ.

تنهنجي جدائي جا ڏينهن گهاريا آهن ڪيئن؟
منهنجي هن درد جي ڪا خبر ڪيو ته بهتر آ.

مون ڇڏيو آهي زمانو تنهنجي چاهت ۾
مون کي بس پنهنجي پرين پر ڪيو ته بهتر آ.

غزل

فضل قادر نوتڪاڻي گڙهو

پرين! دل اوهان جو پٿر ٿي ويو آ،
وڇوڙو اسان لئہ ڏمر ٿي ويو آ.

ڏسي مون ڏي اوهان جو مٺي! مسڪرائڻ،
زماني جي اک ہ ڪٽر ٿي ويو آ.

اڄا ڇو نہ آئي، الئہ ڇو نہ آئي،
رات جو پي پويون پهر ٿي ويو آ.

انهيءَ لئہ لڇان ٿو انهيءَ جو پڇان ٿو،
ڏسو ڪيڏو هو بي خبر ٿي ويو آ.

هي چنڊ تنهنجو حسن نہ چورائي،
اسان کي انهيءَ جو فڪر ٿي ويو آ.

پلي سمجهايو ڪيڏو هن "قادر" کي،
صفا هي ديوانو مگر ٿي ويو آ.

غزل

پنهل

حوصلي تي غلاف ٿي بيٺو
هر لفظ جي خلاف ٿي بيٺو

مون کي رسوا ڪندي زماني ہ
پاڻ ڪيڏو نہ صاف ٿي بيٺو

وِ ک بہ ان ڏي وڌڻ ڏکي جنهن سان
سوچ جو اِختلاف ٿي بيٺو

اِک جڏهن آئيني جيان ٿي پئي
چهرو چهرو شفاف ٿي بيٺو

هو اضافو ڪندو گناهہ ہ ويو
ڏوهہ ڄڻ ڪو معاف ٿي بيٺو

سچ جي هڪڙو لکي وصف سچ آ
ٻاٽ ہ انڪشاف ٿي بيٺو.

غزل

امين پُٽو

گلابي گگن جي،ڪئي ڳالهہ آهي!
نرالي، چمن جي، ڪئي ڳالهہ آهي.

اسان جا بہ نالا، غدارن ہ لکجو
اسان پي، حقن جي ڪئي ڳالهہ آهي.

تڏهن دل جي موسم، نرالي بڻي آ،
جڏهن گلبدن، جي ڪئي ڳالهہ آهي.

لهي چنڊ آيو وري رات ڌاري،
وري هن چپن جي ڪئي ڳالهہ آهي.

چون ٿا، ڪي "امين" کي پوري ڇڏيواٿن،
رڳو هُن، ڪفن جي ڪئي ڳالهہ آهي.

غزل

مجيب سنڌي دوڙ

ڪين ٿي راڄڌاني ڪپي
غريب کي بس ماني ڪپي.

ڪوڙ ۽ دوکو پاڻ رک
انصاف ٿو آسماني ڪپي.

ڪپڙو ڪو ٽڪر هجي
ڪڏهن چيو آ، ٿاني ڪپي.

خودڪشي ٿو ڪرين پرا
والدين کي جواني ڪپي.

فقير کي دڙڪا نه ڏي
هن کي ته اٿ آني ڪپي.

ظلم هاڻي ڪو نه سهبو
زبان ٿي زباني ڪپي.

سنڌ جي هن پوءِ کي
سچو هڪڙو باني ڪپي.

ديش کي بچائڻ لئه
سچو هڪڙو جاني ڪپي.

غزل

مخلص عارباڻي گهوٽڪي

زندگي جو ڏيئو نيٺ اجهامي ويندو
هڪ ڏينهن خواهشن جو چمن فنا ٿي ويندو.
ياد ڪري نه روئجانءِ مخلص کي،
هر ڪوئي ائين ئي اڏامي ويندو.

يادگيريون پرين وساري ڇڏ تون،
لکيل خط پرين سارا جلائي ڇڏ تون.
منهنجون نظرون ته خطا ئي ڪن ٿيون،
پنهنجي هٿن سان توڙي ماري ڇڏ تون.

مرڻ ڪانپوءِ يارو سارجو نه.
اسان جو ذڪر محفل ۾ اُيارجو نه.
متان ڪنهن جي دل تي ڏک پهچي،
نالو ڪٽي دوستو پڪارجو نه.

پرين جي ملڻ کان اڙي روڪ نه زمانا،
اسان جا اڏيل آهن اُتي سارا آشيانا.
سواءِ ان جي ڪجهه به ته ناهي مخلص،
اسين ته آهيون صرف ان جا پروانا.

خوشيون ڏيندي به آزارن ۾ اسان،
ڪجهه نه چوندي به اشتهارن ۾ اسان.
قسمت ڪهڙي نه آهي مالڪِ
قيمت نه هوندي به خريدارن ۾ اسان.

نظم

صادق لاشاري

ڊينگهرن سان ڏنل مرڙا غريبن جا
هي اٿي ڏس گهرڙا غريبن جا

نہ فرج آهي نہ ئي بجلي آهي هتي
نہ هيٺان رکيل هن دلڙا غريبن جا

ڪڏهن تہ سجو سجو ڏينهن بہ
وسايل رهن ٿا، چلهڙا غريبن جا

پنهنجو ڪمائي ڪائن ڪونہ ڪنهن کان گهرن
پٽي ڇڏيائون پوءِ بہ پکڙا غريبن جا

طاقت جي نشي ۾ اکيون موٽيون ويٺاهن
ڏسن ئي ڪو نٿا ڏکڙا غريبن جا

پيٽ جي ڪن ٿا تن جي ڪونہ ڪن تڏهن
هنڌان هنڌان ڦاٽل هن لٽڙا غريبن جا

ٻانهون توهان کي ٻڌي ٿو صادق
نہ ساڙيو خدارا ڪکڙا غريبن جا

غزل

سيد سنجها "سنڌو" بدين

زندگيءَ جو عذاب پوڳيون پيا.
دل لڳيءَ جو حساب پوڳيون پيا.

هي ڪوئي مشروب نہ آ سکي.
پي دردن جو شراب پوڳيون پيا.

ننڍي غلطيءَ جي ڇو وڏي سزا.
هي سوچي بي حساب پوڳيون پيا.

قيد بدن ۾ هي جوڀن
ڏسي پنهنجو شباب پوڳيون پيا.

اندر ۾ عشق اکين جو پردو
ڏسي هن جا حجاب پوڳيون پيا.

شهيد ناهيون، ڪٽل هون قرب جا.
سنڌ اکين جو تاب پوڳيون پيا.

گهڻا گناهہ ناهن ڪيا، مولي.
پوءِ ڇو هيڏو عذاب پوڳيون پيا.

غزل

مظهر علي جروار، آمن آباد

هري هري آس جا آخر ڏيئڙا موت آٽيندا،
وچوڙا ٿي وجهين وچ ۾ وچوڙا، موت آٽيندا،

اهي ئي سانجهه جا سڏڪا، اهي ئي سور سيني ۾،
ڳڙي ڳڙي منهنجي ڳل تان ڳوڙها، موت آٽيندا.

ورائي واسينگ ڪارا وار ڏنگين ٿي ڏيهه ساري کي،
ٿي تنهنجي قرب ۾ قيدي ڪِروڙا موت آٽيندا.

غيرن سان تون گڏجي گلا منهنجي ڪرين گهر گهر،
هڏي هڏي آخر منهنجا ڪن ٻوڙا، موت آٽيندا.

نه سڏڙا ٿي سُٽين سهڻي، نه مرڪي ٿي ڏسين مون ڏي،
هي دردن جا دل تي ديرا هاءِ گهوڙا موت آٽيندا.

ائين ئي دل پيرين پنهنجو اگر رکندين پيو پٽر
ته هڪڙو ڇا "مظهر" سوين ٻيا هن جهڙا موت آٽيندا.

وائي

غريب نواز جمالي جهڏو

هن جي گهر جي چؤطرف
سانت جو پهرو رهڻو.

شور هوائن جو گهٽو
دل جي در جي چؤطرف
سانت جو پهرو رهڻو.

قسمت ۾ آ مسافري
منهنجي نظر جي چؤطرف
سانت جو پهرو رهڻو.

جام ۽ نوريءَ کان پوءِ
ڪينجهر جي چؤطرف
سانت جو پهرو رهڻو.

موت لهرن جو ٿيو
آ بحر جي چؤطرف
سانت جو پهرو رهڻو.

وقت جمالي دشمن سانگي
ڳوٺ ۽ شهر جي چؤطرف
سانت جو پهرو رهڻو.

غزل

احساس ابڙو

عمر پنهنجي ائين ئي مٽي ٿي وئي
ڄڻ صدين جي ڪٿا ڪا چٽي ٿي وئي

هوءَ منهنجي اندر ۾ صدين کان رهي
پوءِ به مون لاءِ ڄڻ اڻ ڏٺي ٿي وئي

آئون خاهڻ لڳس ڪوئي روڪي مون کي
ذات منهنجي ئي مون لئ بڻي ٿي وئي

هن عمر ويل جو موڪلايو مون کان
باڪ ويلا به ڄڻ ڏر تتي ٿي وئي

هوءَ ڳالهائيندين ائين چپ ٿي وئي
ڄڻ ته خاموش هڪڙي صدي ٿي وئي

غزل

علي محمد سولنگي

روز ڪاليج ڏي ٿي وڃين،
منهنجي پاڙي منجهان ٿي لنگهين.

ڪاش! ٿي مان ڪتاب پوان،
مون کي سيني سان لائي هلين.

واهه جو حسن ٿئي رب ڏنو
حور يا ڪا پري ٿي لڳين.

وار کولين ته ٿي رات پئي،
پرهه ٿي پئي جڏهن ڏين ڦٽين.

تنهنجي وک وک منڊي مور ٿي،
ٿور اهڙي عضب جي ٿلين.

ڪيڏو توکي ٺهي ٿو اهو
هي اڇو جو وڳو ٿي ڍڪين.

ان گهڙيءَ دل ڌڙي ٿي وڃي،
مون ڏي مرڪي جڏهن ٿي ڏسي.

ڇا ٻڌايان ڇئي مان توکي،
مونکي، ڪيڏو ڪيڏو ٿي وٺين.

دل گهري ٿي ملاقات ٿئي،
قرب هي تون ڪڏهن ٿي ڪرين؟

سولنگي علي محمد چوي،
شال منهنجو نصيب هجين!

..........*

ٹھڪ ٽائيم

ڊاڪٽر (مريض کي): توهان جيڪو منهجي علاج جي سلسلي ۾ چيڪ ڏنو هو،اهو بنئڪ وارن واپس ڪري ڇڏيو آهي.

مريض:سائين، توهان جنهن بيماريءَ جو علاج ڪيو هو، اها به وري واپس اچي ويئي آهي.

موڪليندڙ:ڪنول گل عباسي

........*

مريض(ڊاڪٽر کي) ڊاڪٽر صاحب مون کي بک نه ٿي لڳي

ڊاڪٽر: ته پوءِ کاڌو مون کي ڏيئي ويندو ڪر.

موڪليندڙ:آڪاش انصاري جاتي.

........*

مريض: ڊاڪٽر صاحب ڏاڍيون هچڪيون ٿيون اچن.

ڊاڪٽر: ڪير ياد ڪندو هوندو.

مريض: مون کي ياد ڪرڻ وارا ته سيئي مري ڪپي ويا.

ڊاڪٽر: پر مان ته توکي ياد ڪرڻ وارو زندهه آهيان.

موڪليندڙ:ڪنول گل عباسي.

........*

ماءُ: تون بلڪل ڪنهن ڪم جو ڪونهين.پنهنجيءَ پيءَ کان ئي ڪجهه سکي وٺ.

پٽ: ان وري ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي.

ماءُ: ڏسي نٿو ٿيڪ ٿاڪ هلت چلت جي ڪري جيل جي آفيسرن هن جي بقايا سزا معاف ڪري ڇڏي آهي.

........*

هڪ فوجي آفيسر ترقي جي خوشي ۾ ۾ سپاهين کي دعوت ڏني ۽ حڪم ڏنو ته ائين کاڌي تي ٽٽن جيئن دشمنن سان وڙهبو آهي. سپاهين اهو ئي ڪيو.هڪ سپاهي جڏهن پيٽ ڀري کائي ورتو ته منائيءَ سان پنهنجا ڪيسا ڀرڻ لڳو.

آفيسر بروهي چيو، "هي ڇا پيو ڪرين؟"

سپاهي جواب ڏنو ته جيترن کي ماري سگهين، انهن کي ماريم، باقي قيدي ڪري کڻي وڃي رهيو آهيان.

........*

نگهت: تون اڃا زندهه آهين؟

نائلہ: ان ۾ گهبرائڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي.

نگهت: ڪلهه تنهجي ماءُ منهنجي آپا کي چئي رهي هئي ته ڪينچي ته ڏيو ٿورڙو نائلہ جو گلو ڪپڻو آهي.

........*

هڪ صاحب حجام جي دڪان تي ويو ۽

ڪرسيءَ تي ويهي چوڻ لڳو. "ٽنهي کي مختصر ڪر."
"ٽنهيءَ کي؟" حجام حيرانيءَ مان پڇيو.
"ها،" گراهڪ چيو، "ڏاڙهي، مٿي جا وار ۽ پنهنجي گفتگو کي."

........*

چرين جي اسپتال جي ڊاڪٽر ڏنو تہ هڪ مريض جي ذهني حالت هاڻي ڪجهہ ٺيڪ آهي تہ هن سوچيو ڇو نہ هن جو امتحان وٺي هن کي فارغ ڪيو وڃي، هن ان لاءِ مريض کي گهرايو ۽ چيو وڃ ۽ سامهون واري وڻ مٿان جيڪي ٻئي طوطا وينا آهن، انهن کي پڪڙي ڪٽي اچ. مريض ڀڄندو وڃي وڻ تي چڙهيو ۽ ڪجهہ دير سوچڻ کان پوءِ پيلي رنگ جو طوطي کي جهلي ڊاڪٽر وٽ ڪٽي آيو.
ڊاڪٽر هن کان پڇيو، "سائي رنگ وارو طوطو ڇو نہ آندئين."
مريض معصوميت سان جواب ڏنو "اهو اڃا پڪو ناهي."

........*

هڪ ڏينهن ملان نصيرالدين پنهنجن ڪجهہ دوستن سان جهنگ جو سفر ڪري رهيو هو تہ اوچتو ڳئونءَ جي آواز آئي، ملان جي دوستن چيو، "ملان صاحب توهان کي توهان جي ڳئون سڏي پئي."
ملان ڳئون وٽ ويو. واپس آيو تہ دوستن پڇيس، "ملان جي، ڳئون ڇا ٿي چيو."
ملان چيو، "ڳئون چئي رهي هئي تہ توهان گڏهن سان ڇو پيا گهمو."

........*

ٻار پنهنجي ماءُ جي وارن بابت ڪچهري ڪري رهيا هئا. هڪ چوڻ لڳو، "منهنجي ماءُ جا وار اهڙا تہ چمڪيلا آهن جو رات جو چمڪنداپيا آهن"
ٻئي ڄڻي چيو، "منهنجي ماءُ جا وار سيني کان خوبصورت آهن، بابا اڪثر تعريف ڪندا رهندا آهن."
ٽئي ڄڻي چيو، "اها تہ ڪا ڳالهہ ئي ناهي، منهنجي ماءُ جا وار تہ جادوءَ جا وار آهن، جڏهن ڪپيس مٿي تي رکي ۽ جڏهن ڪپيس ٽيبل تي رکي ڇڏي."
موڪليندڙ: گهرام علي سومرو بخشاپور

........*

پيءُ: پٽ، اهي بيدا ڇو ٽوڙين پيو؟
پٽ: بابا مون سوچيو تہ متان چوزا دَمَ گهٽڻ سان مري نہ وڃن.

........*

هڪ ماڻهو گنديرون چوسي هلي رهيو هو. اوچتو هن جي پويان هڪ ماڻهو هن جو اڇليل چوسيل ڳنديريون ڪيچ ڪري ڪائي رهيو هو. پهرين ماڻهوءَ چيس، "اي ڪنجوس، ڪجهہ گنديرون ڪٽي وٺي بہ ڇڏ."
پويا ايندڙ ماڻهوءَ جوب ڏنو، "ڪنجوس تہ تون آهين، ٿورڙو بہ رس نہ ٿو ڇڏين."

........*

جج هڪ چور کان سوال ڪيو: تون هن جي گهر ۾ ڇو داخل ٿيو هئين؟
چور: سائين هن جي گهر آڏو ڀلي ڪري آيا لڪيل هو ان ڪري ان ۾ اندر هليو ويو هئس.

........*

سپاهي ڪوئلہ وڪڻڻ واري کي: اڙي ڪوئلہ بليڪ تي ٿو هلائين؟
ڪوئلو وڪڻندڙ: سائين اسان ڪٽي ٿا بليڪ تي هلايون. هي تہ قدرتي طور تي بليڪ آهي.

........*

هڪ عورت جي ڪهاڻي جا گهر ۾ رهندي به پنهنجي سنڌورڪي پتيءَ (اهي سنڌي جيڪي پرديس وڃي روزگار ڪمائين ٿا ۽ سندن زالون هندوستان ۾ رهن ٿيون) ڪان زماني جي وهنوار ۾ وڏيڪ رسيل ثابت ٿئي ٿي ۽ هن ڪان گوءِ ڪٽي وڃي ٿي. هڪ ٻي عورت جي ڪهاڻي جيڪا سنڌورڪي پتيءَ جي غير حاضريءَ ۾ رستي تان پٽڪي وڃي ٿي ۽ پڇتاءُ لاءِ آپگهات جو سوچي ٿي. هڪ ٽين عورت جي ڪهاڻي جيڪا ٿانءِ ڏون ۾ پنهنجي سنڌورڪي پتيءَ جي ٻي عزتي ڪندي امڪ وڃائي وهي ٿي. ناول جي نائڪا جيڪا سنڌورڪين جي زالن جي حالت ڏسي سوچي ٿي پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟ ناول جو آخري حصو پيش خدمت آهي.

پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟

گوبند خوشحالاڻي

آخري حصو

اٿهن عورتن جي ڪهاڻي جن جا گهروارا روزگار جي ڪري ڪين اڪيلو ڇڏي پرديس هليا وڃن ٿا

"تون پوري ڳالهه تہ ٻڌ نہ!"
"چئہ!"

"چون پيا، جيڪڏهن صرف نند سچائي سان "ها" ڪري تہ بہ ڪافي آهي. باقي پاڻس جو انڪار مون کي خراب نہ لڳندو."

"جڏهن مون کي ئي ڳالهه نہ وڻي تہ پاءُ سان ڇا ڪندس. ان ۾ منهنجي سچائي ڏيکارڻ جو سوال ئي ڪهڙو ٿو اٿي؟ سندن چوڻ جو مطلب آهي تہ مان توهان سان ڳالهه ۾ ٻڌل رهان. پلي پاءُ ۽ ماءُ جي نظرن ۾ ڪري پوان."

"تون ڳالهه کي ڏکو ٿو ڪٽين وڃين."

"ڏيکهه تہ توهان ٿا ڪريون. هڪ تہ ڳالهه ڪيڻ ئي نہ ڪپندي هئي. وري جيڪڏهن ڪڍيو تہ صفا انڪار ٻڌڻ کان پوءِ ايترو ڪجهه چوڻ نہ ڪپي. هر هر بي سود ڳالهين کي دهرائڻ جو ضرور ئي ڪهڙو پيو آهي."

نند جي آواز ۾ ڪجهه جوش هئو. ان وقت ٻاهرئين در کلڻ جو آواز ٿئي ٿو. هو شانت ٿي وڃي ٿو. ماءُ کي ايندو ڏسي هو اٿي ڪڙو ٿئي ٿو. "هل توکي پنهنجو ڪلينڪ ڏيکاري اچان."

آشا اٿي نند جي ماءُ طرف وڃي ٿي.

"ڪيئن آهيو ممي ڪٿان گهمي آيا؟"

"بازار ۾ ويئي هئس، ڪجهه ڪٽيو وڏيو وٺن. تون ٻڌاءِ ڪيئن ٺيڪ آهين نہ؟"

"ها ممي!"

"۽ تنهنجا ممي پپا؟"

"اهي بہ ٺيڪ آهن. اج دادا وڃي رهيا آهن."

"ها بابا، سنڌورڪي گهڻو وقت رهندا؟"

آشا ڪار ڊرائيور ڪري رهي آهي. نند سندس پرسان ويٺو آهي. آشا جو چهرو اداس آهي. نند جو پاڻ هيڻو.

آشا، "هاڻ صرف هڪ ئي طريقو آهي"

"ڪو شرط آهي؟"

"نہ بلڪ منهنجو پنهنجو پروپوزل آهي." ٿڪي مشڪ سندس چهري تي نمودار ٿي وڃي ٿي.

"چئہ!"

"تون دادا کي صرف ايترو چئہ تہ ان ڏينهن تون ڪجهه جوش ۾ اچي ويو هئين پر پوءِ ٿڌي سيني سان ويهي سوچيئہ ۽ پاءُ سان پڻ ڳالهه ڪيئہ هونٿو مڃي. ڪجهه مڙيئي اهڙي نموني جي استوري ناهي. اج دادا کي وڃڻ کان اول ٻڌاءِ."

"اهو تنهنجو پنهنجو پروپوزل آهي؟"

"سورنهن آنا."

"مان نٿو مڃيان. پر جيڪڏهن آهي بہ، تہ ڇا تون مون کي ايترو ڪريل ٿي سمجهين؟"

"ان ۾ ڪهڙي خراب ڳالهه آهي."

آشا بحث جي نوع ۾ چوي ٿي.

"توکي هن وقت ڪجهه بہ سمجهائڻ اجايو آهي. جا ڳالهه مون کي بنيادي طرح قبول نہ آهي، پهرين تہ مان ان لاءِ قبوليت جو اظهار ڪيان ۽ پوءِ هڪ پٽيان ٻئي ڪوڙجي چئن شروع ڪيان."

"بابا تون سمجهين ڇو ڪو نه ٿو. ڪجهه پريڪٽيڪل ٿي. وڏا جڏهن ضد ۾ پون ٿا تہ انهن کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني مڃائڻو ٿو پوي. نہ تہ سڌيءَ طرح سچائي سان ڀاءُ سان ڳالهہ ڪيو."

"ڀ جيڪڏهن نہ ڪيان تہ؟"

"نتيجي جي توکي ڄاڻ آهي" آشا تون آف فائينلٿيءَ ۾ چوي ٿي. ڪنڌ اوچو ڪري ڊگهو ساهہ کڻي ٿي. ڪيس آئٽ ٿيڻ لڳي ٿو تہ ڄڻ ڪجهہ بردباريءَ کان ڪم ورتو اٿائين.

نند هڪ ٽڏو ساهہ کڻي چوي ٿو، "مان هن ڳالهہ ۾ ڪامپرومائيز ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهيان."

رات جو ايئرپورٽ تان موٽڻ وقت آشا ۽ نند هڪ ئي ڪار ۾ وهن ٿا. ٻئي سڀ روانا ٿي چڪا آهن. آشا چو ٿي "هل تہ ڪجهہ وقت جهُو تي هلي وهون. چانڊوڪي رات آهي."

"اڙي چري، ممي اڪيلي ٿيندي هوندئن بہ اڄ اهڙي موڊ ۾ ڪو نہ هئي."

"سو تہ ٺيڪ آهي. شانتي ۽ دادا گڏ ويا اٿس. ڪجهہ دير انهن سان ٽائيم پاس ٿي ويندس."

"ٺيڪ آهي. هل."

جهُو تي هڪ هنڌ اڪيلائي ۽ شانتي ڏسي، ڪار بهاري ٻاهر نڪري اچي ٿي. نند پڻ ٻنهنجي پاسي وارو در کولي ٻاهر اچي ٿو. آشا ۾ ڪنهن فلم ڊائريڪٽر جهڙي ڏڙتي ۽ سنجيدگيءَ جو مرڪب آهي. ٻئين ڊڪي کولي، ان مان فراسي ٻاهر ڪڍي ٿي، ٽرماس ۽ هڪ باڪس سنئڪس جو پڻ. فراسي وڃائي سڀ شيون ان تي رکي ٿي. نند چپ چاپ سندس چرپر ڏسي رهيو آهي. آشا جي اشاري تي هو اڳيان وڌي هيٺ ويهي رهي ٿو.

"مان ممي کي چئي آئي هئس تہ موٽندي اسان جهُو تي ويندا سين. انڪري هي سڀ سمر تيار ڪري آيس."

نند گنڀير آهي، پر وقت ۽ فضا کان نامعلوم نہ آهي. ڪيس پاڻ تي عجب لڳي رهيو آهي تہ هڙي شانت ۽ وٽندڙ ماحول ۾ هو موڳو ڇو ٿي رهيو آهي، حالانڪ ان مخصوص گهڙيءَ تي هو ڪجهہ سوچي نہ رهيو آهي. ڪجهہ چوڻ کان سواءِ آشا جي گوڏي تي ڪنڌ رکي ليٽي پوي ٿو. ڪجهہ لمحن لاءِ اکيون بند ٿو ڪري ڇڏي سمنڊ جي ٿڌي هير جو ڇهاءُ سندس بدن ۾ هڪ قسم جي لرزش پيدا ڪري رهيو آهي. ڪجهہ ان لرزش ۽ ڪجهہ آشا جي گوڏي تي ڪنڌ هئڻ جو احساس ۽ ان جي نرم ڇهاءُ جو اثر، سڀ گڏجي هن جي من ۾ هڪ مٺاس ۽ ترپتي ڏيندڙ جذبو پيدا ڪن ٿا.

سمنڊ جي پاڻيءَ جي چرپر ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ آواز خاص طور ڪناري تان موٽ کائيندڙ لهرن ۾ بلبلن جو ڦِسي گجي ٿي وڃڻ ۽ ان گجيءَ جي پاڻيءَ ۾ ملي وڃڻ سبب هڪ هلڪو آواز نهايت وٽندڙ سنگيت پيدا ڪري رهيو آهي. چانڊوڪي رات جي هيءَ ايڪانت ۽ ٻيءَ طرح جي خاموشي، فضا جي نزاڪت ۾ اضافو آڻي رهيون آهن.

نند جي خاموشي، آشا کي ناامڪيد تہ نہ پر

مايوس ٻه ڪري رهي آهي. رواجي روشنيءَ ۾ ڪير ٻه هن جو چهرو ڏسي ائين چئي ٿي سگهيو. هوءَ پنهنجي ساڄو هٿ ننڊ جي وارن تي ڦيري رهي آهي. وقتي آڳريون هن جي وارن ۾ وجهي سينڊ بگاڙي ٿي. وري هٿ سان ان کي سنواري ٿي.

ننڊ پنهنجي گنڀير هئڻ جو سبب من ۾ ڦولهي رهيو آهي. ڪيس ڪا الجهن نظر نٿي اچي جا ان وقت سندس دماغ تي چانيل هجي. ها، ائين ضرور ٿيو ته جو ڪجهه هنن ٻن ٽن ڏينهن ۾ ٿي گذريو آهي.، ان سندس چنچلتا وڃائي آهي. هو سوچي ٿو هڻڙي فضا ۾ اهڙو موڊ رکڻ مورکتا آهي. هو سڌوليتيل آهي. پاسو ورائي آشا جي ڪمر ۾ ٻانهن وجهي ٿو. آشا بلڪل شانت ۽ گنڀير آهي. ڊگهو ساهه کڻي چوي ٿي، "ننڊا!"

"هون!"

"تون چپ ڇو آهي؟"

"ائين ئي."

"ڪجهه ته آهي."

"چري!"

ڪمر مان هٿ ڪڍي آشا جي ڪنڌ تي رکي سندس منهن پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. آشا گوڏا سرڪائي پنهنجو منهن ننڊ جي زور مطابق سندس منهن اڳيان آڻي ٿي. هن مڻيءَ جي اميد رکي هئي، پر ننڊ پنهنجون اکيون هن جي اکين سان ملائي چوي ٿو "چري! شاعر، ليڪڪ ۽ ٻياقدرت جا شائق هڻڙن واقعن تي شانت رهي ايڪا گرتا سان فضا مان پورو پورو لطف وٺندا آهن."

"سو تون هاڻي شاعر ٿيڻ لڳو آهين."

"شاعراني فطرت ته هر انسان ۾ آهي. شاعر صرف اهو آهي جو ان جو اظهار ڪري ٿو سگهي."

آشا ڊگهو ساهه کڻي چپ ٿي وڃي ٿي. سندس هٿ ننڊ جي وارن مٿان ڦري رهيو آهي. ڪجهه گهڙين جي خاموشيءَ بعد چوي ٿي. "ننڊا!"

"هون!"

"توکي نٿو لڳي ته تنهنجي ورتاءَ ۾ ڪجهه ڏينهن کان بي رخي آهي؟"

"ڪيئن ٿي چئين؟"

"مان تو کان ٿي پڇان. توکي ائين نٿو لڳي؟"

"نه، تا!"

"ته ڇا گذريل ٻن ٽن ڏينهن ۾ تنهنجو ورتاءَ ۽ پيش اچڻ جو نمونو ساڳيو ئي پئي رهيو آهي؟"

"ڪهڙو فرق پيو آهي؟ تو جڏهن ٻه سڏايو جيڪو ٻه ٽائيم ڏنو مان دل و جان سان حاضر ٿيس. تو چيو دادا سان گڏ شاپنگ ڪرڻ هل، ته اهوٻه بور ٿيڻ مون قبوليو."

"تون ان کي بور ٿيڻ ٿو چئين."

"توکي خبر آهي ته پنهنجو انهن ڳالهين ۾شؤنق ڪونهي. مون اتي هلي ڪيو ٻه ڇا؟ ايا ٻه تون اڪيلي هجين ها ته ٻي ڳالهه هئي."

"هينئر ته اڪيلي آهيان نه؟"

"مون کي سچ پچ ڏاڍو مزو اچي رهيو آهي. سوچيان ٿو هڻڙي رات ڪڏهن ٻه ختم نه ٿئي. هيءَ فضا، وري تنهنجي گود ۾ ليٽي رهڻ جو لطف، هميشه قائم رهي ته

ڪيترو نہ سنو ٿئي.“

”هميشہ ائين هلندو رهي تہ بور نہ ٿيندين؟“

”هاڻوڪي من استتيءَ موجب سمجهان ٿو شايد ڪڏهن بہ بور نہ ٿيان، پر هميشہ هيءَ من استتي رهڻي نہ آهي، شايد انڪري تہ جيئن انسان جو چاهہ هڪ هنڌ هيشہ لاءِ قائم رهي نہ سگهي. و رنہ ڪم ڌنڌي کي تہ جواب، خود ڀڳوان کي ياد ڪرڻ بہ وسري ويندو.“

آشا کان ڪل نڪري وڃي ٿي، پر لڳي ٿو جا ڳالهہ هن شروع ڪئي آهي ان جي تهہ تائين پهچڻ ڪانسواءِ ٻي ڪنهن ڳالهہ ۾ هن جو چاهہ نہ آهي.

”پوءِ شاعر صاحب ان ڏينهن توهان شاپنگ ۾ دادا طرفان ڪا بہ پريزنٽ قبول نہ فرمائي، ڇو؟“

”پر اوڏي مهل وٺين ها تہ ڪيترو نہ سنو ٿئي ها“

”ڇا وٺان ها؟ جيڪو ڪجهہ اتي هئو يا جيڪو ڪجهہ دادا آفر ڪري رهيا هئا، مون وٽ هئو ئي. انڪري چيم تہ گفٽ پوءِ ڪليم ڪندس.“

”هوءَ مست واچ وٺين ها. مون کي ڏاڍي وڻي.“

”واچ تہ مون کي آهي، ٻي ڇا ڪندس.“

”هيءَ ڪتارو واچ ڦٽي ڪرين ها.“

”اجايو!“

”تون ڇا بہ چئہ، تنهنجي من ۾ ڪجهہ مڙيئي الجهن آهي.“

نند ۾ ڳالهين جو سلسلو جاري رکڻ جو اتساهہ گهٽجي وڃي ٿو.

”مان بہ ٻڌان تہ سهين تنهنجي من ۾ الجهن آهي ڪهڙي؟ من مان ڪجهہ حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهان.“

”نند خاموش آهي. لڳي ٿو ڪجهہ چوڻ لاءِ الفاظ ڳولهي رهيو آهي. آهستگيءَ سان چوي ٿو ”جڏهن الجهن ئي خود تون آهين تہ سلجهائڻ ۾ ڪهڙي مدد ڪنديئن؟“

هاڻي آشا جي آواز ۾ گنيبرتا اچي وڃي ٿي. ”مان تنهنجي لاءِ هاڻي ئي الجهن بڻجي ويئي آهيان، جو تون هيئن بي رخو ٿي هلڻ پسند ٿو ڪرين؟“

”منهنجي چوڻ جو مطلب آهي تہ الجهن جو ڪيندر بندو تون ئي آهين. توکي بہ خبر آهي. رهي ڳالهہ بيرخيءَ جي، خبر نہ آهي تون ڇا کي ٿي بيرخي چئين.“

”تون پاڻ سمجهين سڀ ڪجهہ ٿو پر جي مون کان چوائڻ ٿو چاهين تہ ٻڌ. ان رات مان بالڪنيءَ ۾ آيس، تون ائين ئي سمهين پيو هئين. ننڊ ڪرڻ وڏيڪ پسند ڪيئہ.“

”مون توکي اڳ ئي ٻڌايو هئو تہ منهنجي من جي استتي ڊانواڊول هئي. رات جي ڳالهين ڪري.“

”ڇا تنهنجي رَوَش اها نہ آهي جا هونئن رواجي طرح هڻڙي اڪيلائي ملڻ سان هوندي آهي.“

نند ۾ چنچلتا اچي ٿي وڃي. يڪدم اٿي ٿو ويهي. ”ڪريڪٽ“ چئي آشا کي زور سان ڀاڪر ٿو پائي. آشا پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندي چوي ٿي. ”نند ڳالهہ کي تاري نہ ڇڏ. مون کي اڄ ڳالهہ جي تهہ تائين پهچڻو آهي، تہ آخر

تنهنجي من ۾ ڇا آهي؟"

نند کيس نرڙ تي مٺي ڏيندي چوي ٿو "صرف تون! ۽ اهو ڄاڻڻ لاءِ تو جهو تي هيءَ پڪنڪ رکي آهي." هو سڏو ٿي فراسيءَ تي ليٽي پوي ٿو. ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي چنڊ ڏانهن نهارڻ لڳي ٿو. آشا ساڙهيءَ جو پلئه ٺاهي، مٿو نند جي ڇاتيءَ تي رکي سڏي ٿي ليٽي پوي ٿي. هن جي نظر پڻ چنڊ ڏانهن آهي.

"آشا مون کي الائي ڇو هاڻ ائين محسوس ٿيڻ لڳو آهي ته مون کي توتي اهو حق نه رهيو آهي، جو پهرين هئو."

"صرف ان ڪري ته دادا، شانتيءَ جي مائٽي تنهنجي ياءِ سان ڪرائڻ چاهي؟ يا مون ڪجهه...."

نند آشا جي منهن تي هٿ رکي کيس ڳالهائڻ کان روڪي ٿو. "اهڙو ڪجهه نه آهي، پر الائي ڇو مان ائين پيو محسوس ڪيان ته جو ڪجهه اسان ڪري رهيا آهيون، اهو صحيح آهي يا نه."

"ڪٿي پاپ ته نه آهي؟"

"جيڪڏهن غلط ڪيو اٿئون ته پاپ ئي ڪري سمجهه."

"پر اهو سڀ هاڻ سوچڻ جو سبب ؟"

"تنهنجو دادا."

"تڏهن ته چوان ٿي، توکي جو ڪجهه دل ۾ آهي، ڪڍي ٻاهر ڪر ته هنيانءَ هلڪو ٿيئي."

"دادا جي اها ڪس ڪٿر واري ڳالهه ۽ پچاڙيءَ جو چوڻ ته "مان ٻنهي ڇوڪرين جي شادي گڏ هڪ گهر ۾ ڪرڻ ٿو چاهيان" مان دراصل ڏڙڪو ڪري ٿو سمجهان."

"ساڳئي گهر جي ڳالهه دادا ڪئي هئي؟"

"مون ان ڏينهن توکي سڀ ٻڌايو هئو ته منهنجو امپريشن اهو آهي ته هو تو سان منهنجي شادي ڪرائڻ لاءِ صرف تڏهن تيار ٿيندا جڏهن منهنجو ياءُ شانتيءَ کي قبول ڪندو."

"ڳالهه کي ائين نه ڪڻ. دادا جي چوڻ جو مطلب اهو هئو ته تون ڪوشش ڪر. ياءُ کي چئي ڏس. جيڪڏهن نه مڃي ته سڪ، پر ان جو مطلب اهو ته نه ٿيو ته مون کو ڏوهه ڪيو آهي."

"مون ائين ڪٿي چيو پر مون کي لڳي ٿو ته جيستائين اسانجي شادي نه ٿي آهي تيستائين هي ملڻ جلڻ هاڻ گهٽايون." هو هاڻ لفظ کي زور ڏيئي چوي ٿو.

"جيڪڏهن تنهنجو سچ پچ اهو فيصلو آهي ته مان ان جي دل وجان سان مرحبا ڪيان ٿي. هونئن به ڊماڊبس تنهنجون هونديون هيون."

"صرف منهنجيون؟"

"صڙف تنهنجيون، اها ٻي ڳالهه آهي ته مون ڪڏهن اعتراض نه ورتو آهي ۽ راضيپو ڏيکاريندي آئي آهيان."

"خئر هاڻ شرم پرچائڻ لاءِ ڪجهه به چئه" نند ڊگهو ساهه ڪڍي ٿو. آشا مرڪي ٿي.

"پوءِ تون ياءُ سان ڳالهه ڪڍين ٿو؟"

"جا ڳالهه مون کي پسند نه آهي، ان لاءِ مان ياءُ سان ڇا ڳالهايان؟"

"خبر نه آهي تون ڇو اجايو ضد رکي

ويٺو آهين."

نند چپ ٿي وڃي ٿو. آشا گم سم آهي. هوءَ پنهنجي گهٽتائي محسوس ڪري رهي آهي. هن پيءُ سان هام هئين هئي ته نند کي ياءُ سان ڳالهه ڪيڻ لاءِ ضرور مڃائيندي. لعلچند ته صرف ايتري ۾ ئي راضي هئو. جنهن نموني ڳالهين موڙ کاڌو هئو. لعلچند جو سوال صرف نند جي سچائيءَ بابت هئو ۽ نه شانتيءَ جي شادي بابت.

هاڻي آشا کي پڻ اها ڳالهه نظر اچي رهي آهي. نند پنهنجي سچائي ڇو ڪو نه ٿو ڏيکاري؟ هو سندس دل رکڻ لاءِ يا لعلچند جي عزت رکڻ لاءِ به ياءُ سان ڳالهه نٿو ڪري. آخر ڇو؟ ان ۾ هن کي ڪهڙو نقصان ٿيڻو آهي؟

نند هن جي ڳل تي هلڪيون ٿلهڪيون هٿندي چوي ٿو "ناشتو ۽ ڪافي واپس ڪٽي وڃڻ لاءِ ته نه آندو اٿيئي؟"

آشا جهنجهلائي ٿي اٿي. "اڃڪلهه تون ائين الٽو ڳالهائڻ ڇو سکي پيو آهين." اٿي ويهي ٿي. پاڻ سنيالي مرڪي چوي ٿي، "سڌو چئه نه ته، ڪافي وغيره ڪيڏ ته پي ڪجهه تازگي وٺون."

اٿڻ هارڪي ٿئي ٿي ته نند کيس پڪڙي ڀاڪر ۾ ڀري ٿو ۽ چپن تي چمي ڏيئي چوي ٿو "توکي هي سڀ ڳالهائڻ الٽو ٿو لڳي؟"

"نه بابا، سلٽو!" گرفت ڇڏائي اٿي ٿرماس ۽ لنچ باڪس کولي ٿي.

سئنڊوچ کائيندي نند چوي ٿو "رات جو هڻڙي خاموشي ۽ ايڪانت فضا ۾ تو سان هت پهريون دفعو آيو آهيان."

"تڏهن ته اکيون ٻوٽي مڪمل ايڪا گرتا ۾ رهي تو فضا جو پورو پورو فائدو ورتو هوندو."

"دراصل مون کي تڏهن خبر ئي ڪو نه هئي ته هيءَ فضا به ايترو وٽندڙ ٿي سگهي ٿي."

"پوءِ اڄ ڪيئن خبر پئي سائين؟"

"تنهنجي مؤجودگيءَ جي ڪري"

آشا ڏانهس شرارتي نگاهن سان نهاري ٿي ۽ مشڪي چوڻي، "مسڪا هٽڻ ته ڪو تو ڪان سکي."

نند ڪلي چوي ٿو "ها بابا، اڃڪلهه سموئي اهڙو آهي. ٿيڻ واري زال کي ته جا، پر جهوني پراڻي زال کي به مسڪا ٿا هٽڻا پون."

ڪافي پيئڻ کانپوءِ نند واچ ڏسي چوي ٿو "اڀائي ٿيڻ تي آهن، تنهنجون جيڪڏهن ڳالهيون ختم ٿيون هجن ته هلون."

"بس! نند تي اچيئي چا؟"

"اهڙي ڳالهه ڪونهي."

آشا گنڀير ٿي وڃي ٿي، "بزيز اونلي" واري انداز ۾ چوي ٿي. "پوءِ تون چا ٿو چئين؟"

"چا چوان؟ هيترو ڪجهه چيم، ڪافي نه آهي."

"مون دادا کي چيو هئو ته نند کي ياءُ سان ڳالهه ڪيڻ لاءِ ضرور مڃائيندس."

"توکي ائين نه چوڻ ڪپندو هئو."

"هاڻي چئي ويٺي آهيان ان جو چا؟ مون کي توتي ايتري به حجت نه آهي."

"....."

"هون؟"

"ڏس، ڳالهه ڪڍي مان ڀاءُ ۽ ماءُ جي نظرن ۾ ڪرڻ نٿو چاهيان. ائين بنڊل هڻي دادنهن کي خوش ڪري مان پنهنجين ۽ تنهنجين نظرن ۾ ڪرڻ نٿو چاهيان.

"پهرين ٻڌاءِ منهنجو ٻين جي نظرن ۾ ڪرڻ توکي وڻندو؟"

ڪجهه دير لاءِ ٻئي خاموش ٿي وڃن ٿا. آشا چوي ٿي، "چڱو بابا اٿ ته هلون."

نند جي گهر وٽ اچي ڪار بيهي ٿي، نند هيٺ لهي پئي ٿو "سياڻي اچين ٿي؟"

"تون اچ نه؟"

"چڱو ڏسان ٿو."

"ڪيڏي مهل ايندين؟"

"شام جو ڇهين ڪانپوءِ."

"او. ڪي. باءِ." آشا ڪار هلائي ٿي.

آشا هڪ وار پنهنجي سؤمان تي چوٽ محسوس ڪري رهي آهي، هن کي افسوس صرف ان ڳالهه جو ٿي رهيو آهي ته نند سچائيءَ تي ڇوڪو نه ٿو اچي. آخر هو ضد ڇو ڪري رهيو آهي، ڪهڙي ڳالهه جو ڊپ اٿس.؟ جيڪڏهن اهڙو ڪجهه آهي ته صاف ڇو ڪو نه ٿو چوي؟ سچي دل سان چاهي ته هو ڀاءُ سان ڳالهه ڪڍي سگهي ٿو منهنجي ڪمٽمينٽ جي به پرواهه نٿو ڪري.

ڪار بلڊنگ جي ڪمائونڊ ۾ پارڪ ڪري مٿي اچي ٿي، فلئٽ جو دروازو کولي ڪملا سندس انتظار ۾ بيٺي آهي.

"ڇو ممي دروازي وٽ بيٺي آهين؟"

"ڪار جو آواز ٻڌي بالڪنيءَ ۾ آيس، توکي ڏسي دروازو کولي بيهي رهيس."

"ڇو ننڊ ڪو نه ٿي اچيئي؟"

"ائين ته ليٽي پئي هئس پر ننڊ ڪو نه هئي، چڱي دير تائين دادا ۽ پاپي ويٺا هئا."

"شانتي به هوندي نه. ايئرپورٽ تان ئي توسان گڏ آيا هوندا نه؟"

"ها."

آشا چمپل لاهي ٿي، پرس ڪٽ ۾ رکي ٿي، ساڙهي لاهي پلنگ تي ڦٽي ٿي ڪري، هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا مٽي اچي ٿي ۽ ڪملا جي پر ۾ ويهي وار ناهڻ لڳي ٿي.

"تو مون سان پهرين ڳالهه ڇو ڪو نه ڪئي ته نند سان ٻاهر وڃڻو آهي. اتي ايئرپورٽ تي ڳالهه ڪيئه. تياري هتان ئي ڪري هلي هيئن."

"ممي، اوڏي مهل تون ڏاڍو بزي هئيئن، وري دادا جي وڃڻ جي ڪري ڪجهه مايوس هئين ته ڪجهه خفي."

"پر مون کي هاڻ اهي ڳالهيون نٿيون وڻن."

"اوهه ممي." آشا ڪيس ڀاڪر پائيندي چوي ٿي. "تون اجا تائين خفي آهين."

"ٻڌ، هاڻ مون کي تنهنجو نند سان هيئن ملڻ پسند نه آهي."

"ڇو؟"

"ڇو وري ڇو؟ ڪڏهن ڪڏهن ملندو رهجي ته ان ۾ مزو آهي، خوشي آهي. هاڻ ٻڌي ڇڏ، مهلي ڪمهلي وڃڻ بند، جيسين شاديءَ جي پڪ ته ڇا جيسين

شادي نہ ٿي آهي."

"ممي هونئن تہ تون ڪجهہ ڪونہ چوندي هئينءَ."

"مان مذاڪ نٿي ڪيان. ٻڌي ڇڏ" ڪملا جي آواز ۾ شوخي هئي. "مان سمجهي نٿي سگهان؟ جنهن حد تائين توهان پهتا آهيو اهو مون کي ٺيڪ نٿو لڳي."

"چڱو بابا، مون بس ڪئي، هاڻ تہ شانتي ڪر."

"پرامزا"

"ها، حال تہ پرامز."

ڪملا هن ڏانهن شوڪي ٿي نهاري، آشا چوي ٿي، هو هت ڀلي اچي نہ؟"

"ڀلي پر منهنجي حاضريءَ ۾."

"تون مون کي ڪهڙي قسم جي ڇوڪري سمجهيو آهي." آشا ڪوڙ ۾ چوي ٿي، ڪملا جي ڳالهائڻ جو نوع نرم ۽ آهستي ٿي وڃي ٿو "چري اهڙي ڪا ڳالهہ نہ آهي، مون کي ماڻهن جو ڊپ آهي تہ هو ڇا سمجهندا، هونئن تہ ڪا پرواهہ ڪونہ هئي، شادي ٿيٽي هئي سيني کي خبر هئي، شادي تہ هاڻ ٿيٽي آهي، پر دادنهن جي ڳالهين ڊسترب ڪري ڇڏيو آهي."

آشا گنبير ٿي وڃي ٿي. "هو سيائي شام جو ڇهين وڳي ڪانپوءِ اچڻو آهي. تون حاضر هونديئن؟"

"نہ تہ، وري ٻيو ڪيڏانهن ويندس."

آشا وار سنواري ڪنيا آهن، هوءَ خاموش آهي، ائين ئي وڃي بستري تي ليٽي پوي ٿي، ڪملا بتي وسائي سندس پر واري پلنگ تي اچي سمهي ٿي. فري لائيٽ بلب جي ڪري ڪمري ۾ هلڪي روشني آهي. آشا سوچي رهي آهي. تہ ڇا ممي ۽ ڪي بہ شڪ آهي تہ اسان جي شادي ٿيندي يا نہ، نند کي بہ اهو ئي تہ شڪ آهي. خبر نہ آهي دادا هن سان ڇا ڳالهايو آهي. ڪيس لعلچند جا لفظ اجا تائين چٽيءَ طرح ياد آهن، جيڪي هن وڃڻ کان اڳ واري پچاڙيءَ جي اڪيلائي واري ملاقات ۾ چيا هئا. "تون صرف نند کي ايترو مڃاءِ تہ هو ياءِ سان ڳالهہ ڪڍي."

"پر دادا ان جو مطلب ڪهڙو؟"

"مطلب آهي، ڏسون هن جي من ۾ اسان طرف ڪيتري صداقت آهي، نارواٽيءَ مون سان شرط لڳائي آهي تہ هو ياءِ سان ڳالهہ نہ ڪيندو."

"سمجهو ياٽس نہ مڃي تہ؟"

"پوءِ سڪ، پر نند جي سچائيءَ جي پرک تہ ٿيندي نہ؟"

"ان مان ڪهڙو فائدو؟"

"توکي پٽ هن وقت انهن ڳالهين جي اهميت نظر نہ ايندي هن جي سچائي ۽ وفاداري اسان طرف مڪمل ۽ هر حالت ۾ هئڻ ڪپي."

"۽ جيڪڏهن نند نہ مڃي تہ؟"

"مون کي وشواس آهي تہ هو ضرور مڃيندو تون ڪيس ائين پڻ اشارو ڏج تہ جيڪڏهن هونہ مڃيندو تہ دادا کي خراب لڳندو ۽ شايد شاديءَ ۾ رخنو پوي."

"پر دادا اها ڳالهہ ٺيڪ تہ نہ آهي."

"مان ائين ٿوريئي ٿو چوان تہ تنهنجي شادي هن سان نہ ڪندس، تون ڪيس ڏمڙج، هن وقت ڳالهہ سؤمان جي آهي، ڏسون هو ڪهڙي ٿو اسان جي عزت رکي."

آشا ان وقت چپ هئي، پر هاڻ ڪيس

لعلچند جون ڳالهيون بي واجب نہ لڳي رهيون آهن، نند جو فرض آهي تہ نہ صرف لعلچند جي عزت رکي پر اسان جي ڪتنب سان وفادار رهندو اچي.

هوڏانهن ڪملا پنهنجي ليکي سوچ ويچارن ۾ غلطان آهي، لعل چند جا لفظ اڃا بہ هن جي ڪنن ۾ ٽڪاءُ ڏئي رهيا آهن. "مون کي نائي اهو ڪپي جو منهنجي اشارن تي هلي، اڄ نہ تہ سڀاڻي هو منهنجي ملڪيت جو وارث ٿيڻو آهي. گهر جمائي ٿيڻو آهي، جو شخص هينئر کان ئي ٽيڪر ٿو ڏيکاري سو اڳتي هلي ڇا ڪندو؟"

"توهان کي هن جو هئڙو سڏو ۽ فهميدو جواب ٽيڪر پريو لڳو؟ حد آهي."

"توهان زالن کي ڪهڙي خبر؟ چي ياءِ جي ڪري پنهنجي گهر جو ٿا ٻيڙو ٻوڙيو اڙي چري ليکجنداسين تہ اسان سڄو هڪ خاندان نہ؟ جيستائين اسان جي ڪتنب جو هڪ هڪ ياتي نہ چڙهيل هوندو تيستائين مون کي ڪجهہ بہ سهڻو نہ لڳندو پلي آهي ڪشن وڏو پر مون کي وڏو ٿي ڪري سڀ خيال رکڻو آهي، آخر دنيا تہ ائين ڇوندي نہ. تہ لعل چند پنهنجي ياءِ تي هٽ رکيو انهن کي ورسايو ۽ انهن جو اولاد کي چاڙهيو."

ڪملا مشڪي ڇيو هئو "پلي پاڻ فلئٽ ۾ رهيو پيو آهي ۽ ياٽس چاليءَ ۾."

"توکي بہ هڪ ئي ڳالهہ جي اچي وندڙ لڳي آهي."

ڪملا ان وقت ٽيبل تي رکيل وسڪيءَ جي بوتل ۽ اڏورو گلاس ڪٽي رنڌڻي ۾ ويئي هلي هئي، لعلچند اکيون ڦاڙي ڪيس ڏسندو ئي رهيو هئو ڪملا ترت ئي خالي هٿين واپس آئي، سندس چهري تي سنجيدگي ڇانيل هئي، لعل چند ڪيس ڏسي مشڪي ڇيو هئو. "تہ تو سمجهيو مان وڏيڪ پي ويو آهيان؟"

"مون ائين ڪٿي چيو؟"

"پوءِ هي سڀ ڪجهہ ڇو اوچتو ڪٽي وئين؟"

"ان لاءِ تہ ڪجهہ ڪلاڪن ۾ توهان کي وڃڻو آهي، اجايو پنهنجو وقت ۽ موڊ خراب نہ ڪيو منجهند جا بہ ٿيا آهن، روٽيءَ کان پوءِ لسي پئبي آهي، وسڪي نہ."

لعلچند مذاقي موڊ ۾ اچي ويو هئو پر ڪملا جي گنڀيرتا قائم هئي، ڪيس خبر هئي تہ لعلچند جيڪو ڪجهہ چيو هئو سو سندس محڪم ارادو هئو ان کي بدلائڻ هن جي وس کان ٻاهر هئو.

لعلچند، "پوءِ هاڻي اڄ منجهند جو.. وري الائي..."

"شانتي ڪيو پاسي ۾ جوان ڇوڪري سمهي پئي آهي." لعلچند سندس اڳيان وڏي آيو هئو.

اڄ ڪملا ۽ آشا جي سوچ جو وشيہ ساڳيو ئي آهي، آشا پنهنجن ويچارن ۾ گم سم آهي، ڪملا ڏانهس نهاري ٿي، سندس اڳيون جوش غائب ٿي ويون آهن، ان جي جاءِ همدرديءَ ورتي آهي، پاڻوهہ مان چوي ٿي، "آشا!"

"هون!"

"ڇا سوچي رهي آهين؟"

"ائين ئي!"

"نند سان ڇا ڳالهايئ؟"

ڪملا سرڪي آشا ڏانهن وڃي ٿي، سندس ڳل تي هٿ ڦيرائي ٿي، "نند ياءِ سان ڳالهه ڪيڻ لاءِ مڃيو؟"

"نه هو بلڪل ضدي آهي."

"ضدي آهي؟"

"هاممي، مان ڇا ڪريان مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي." هوءَ اچي روئڻ ۾ ڇنڪي ٿي، منهن کڻي ڪملا جي ڇاتيءَ ۾ لڪائي ٿي.

ڪملا سندس مٿي تي هٿ ڦيريندي چوي ٿي. "چري ائين روئڻ مان ڪجهه ٿيڻو ڪونهي، بردباريءَ کان ڪم وٺ. مان اڄ مري ڪو نه وئي آهيان."

"تون ڇا ڪندئين؟ هو ڪنهن جي ڳالهه نه مڃيندو بلڪل ضدي آهي."

"ضدي آهي؟ ائين ڇو ڪو نه ٿي چئين ته بلڪل واجب ٿو چوي. خبر نه آهي توهان پيءُ ڌيءَ جي مت ڪٿي مارجي وئي آهي."

"پر هو ايترو به چوڻ ڪو نه ٿو مڃي؟"

"سندس اها ئي ته ڳالهه مون کي وٺي ٿي، چري!؟"

ڀاڪر پائي هن جي پٺي ٿپريندي ڪملا چوي ٿي، "تون چنتا نه ڪر، شانتي ڪري سمهي پئ، سڀ ڪجهه مون تي ڇڏي ڏي."

صبوح جو آشا کي اٺڻ ۾ دير ٿي وڃي ٿي. تيار ٿي جڏهن چانهه لاءِ ٽيبل تي وهي ٿي، ان وقت ڏهه لڳي چڪا آهن، ڪملا چانهه تيار ڪري اڳواٽ ئي اتي ويٺي آهي، آشا پاڻ کي سست محسوس ڪري رهي آهي، چانهه جو پيالو ڀري ڪملا ڏانهن وڌائي ٿي ته هوءَ چوي ٿي. "اهو تون کڻ، مون کي بلڪل ٿورو ڏي مان به دفعا پي چڪي آهيان."

آشا ٻئي ڪوپ ۾ ٿوري چانهه ناهي هن کي ڏي ٿي، لڳي رهيو آهي، آشا جو سمورو ڌيان چانهه پيئڻ ۾ آهي.

ڪملا چوي ٿي، "نند شام جو ڇهين وڳي اچڻو آهي نه؟"

"ها!"

"رات لاءِ ڪجهه نان- ويج وٺي اچ."

"ها، ڏسان ٿي."

"اڄ اچي ته مان پاڻهي ٿي ڳالهايائنس."

"ڇا فائدو؟"

"مان ڪو تو وانگر، يا دادا وانگر ڳالهائيندس ڇا؟"

"سچ ته دادهن جو ڪجهه به ڳالهايو سو ته ٺيڪ، پر تون نند سان ڳالهائڻ کان اڳ مون کان ته ڪجهه پڇين ها، هرو ڀرو سڀ ڳالهيون ائين نه ڪبيون آهن."

"تون سائين، ڪهڙي سهڻي نموني ڳالهائينس ها."

"مان اها ڳالهه ته ماڳهن نه ڪيانس ها."

"هاڻ ٻڌ، ضدي نند نه آهي، پر تنهنجو دادا."

"ٻئي آهن."

"ڪمال آ، ٻئي آهن، چري ڪجهه هوش حواس کان ڪم وٺ، متان هڻڙي سون جهڙي ڇوڪري کي رسائي ڇڏين،

هي تہ تو پاڻ ڪيس پسند ڪيو آهي پر جيڪڏهن نہ ڪرين ها ۽ مون کي پنهنجي ليکي نظر اچي ها تہ مان جيڪر هئڙو ڇوڪرو هئان وڃڻ نہ ڏيان."

آشا مرڪي چوي ٿي،"هونئن بہ چوٽي آهي ڏيئرن کان وڏيڪ نائي وٺندا آهن."

"تون ڪجهہ وقت لاءِ پاڻ کي هن جي پوزيشن ۾ سمجهہ، تنهنجو ڀاءُ هجي، نند جي ڀاءُ جهڙو ان لاءِ تون شانتيءَ جهڙي ڇوڪري قبول ڪرين؟ صرف ڳالهہ ڪيڻ لاءِ ئي، تون جيڪر ڀاءُ سان ڳالهہ ڪيين؟ جا ڳالهہ توکي ئي نہ وٺندي هجي ان لاءِ ڀاءُ سان ڇا ڳالهائيندئين؟ هو توتي نہ ڪلندو؟"

"....."

"مون کي خبر نہ آهي نند جي ڀاءُ کي تون پنهنجو ڪري ڇو ڪو نہ ٿي سمجهين، توکي الٽو پيءُ سان ههڙي نموني ڳالهائڻ ڪپندو هو جڻ هن گهر جي مالڪياڻي ئي تون آهين، ڪجهہ تہ اهڙين ڳالهين ۾ ماءُ سان حال اوربو آهي، صلاح ڪبي آهي، تو کان پڙهيل گهٽ ضرور آهيان، پر عمر اجائي ڪو نہ وڃائي اٿم."

ڪملا جي اکين ۾ ڳوڙها تري اچن ٿا، رئيءَ جي ڪنڊ سان اگهندي چوي ٿي، "داد هن کي تہ خبر نہ آهي، ڪٽان اچي خاندان جي پئي آهي، سيني کي چاڙهيندا ۽ دنيا ۾ نالو ڪمائيندا، ملڪيت آهي ئي سندن وٽ رڳو پر ڪجهہ بہ هجي، پائرن يا ٻين مائٽن لاءِ ڪجهہ بہ وڃي ڪن، جفا ڪشي پاڻ ڪن ٿا، وڃي پئسو هارن، پر منهنجي ڏيءَ جو سڪ ڇو ٿا برباد ڪن."

ڳالهہ ڪنهن ٽريڪ تي اتري ئي نٿي، جيڪڏهن نند کي ننڍو ڀاءُ نہ هجي ها تہ پوءِ ڇا ڪن ها؟ ايا ڪو ٻيو ٻهانو ڏين ها يا ائين سڏو چون ها تہ ڇوڪرو سٺو ڪونهي، يا ان جا ابا ڏاڏا ڳوناٽا هئا، جاهل هئا غريب هئا، يا ٻئي پائر دان ۽ قرض وٺي پڙهيا آهن، وغيره تہ چئي سگهجي ها، پلي لولا لنگڙا پرکي سبب تہ آهن. باقي ٽيا مورڳو اجايا سجايا ڏڏا وجهڻ، جيڪڏهن ڇوڪرو سٺو آهي ۽ ٻيءَ طرح پسند آهي ، پنهنجي ڇوڪري ڏيڻ کان بہ انڪار ڪو نہ آهي تہ پوءِ صرف ڀاءُ جي ڏيءَ ڪري پنهنجي ڏيءَ جي ٻلي چاڙهڻ مون کان سٺو ڪو نہ ويندو." ڪملا خاموش ٿي وڃي ٿي، سندس ساهہ تڪڙو تڪڙو ڪڍي رهيو آهي، آشا هن جي ڪوپ مان چانهہ هاري ڪيس ٻي گرم ڀري ٿي ڏي، ڪملا چانهہ پيئندي پيئندي سياويڪ موڊ ۾ اچي وڃي ٿي. آشا چوي ٿي. "توکي ائين تہ ڪو نہ چيو اٿائون نہ، تہ ڇوڪرو پسند ڪونهي يا ٻيءَ طرح، هيءَ شادي منظور ڪونهي."

"نہ! اهو تہ هو بہ سمجهندا هوندا تہ ڊاڪٽر ڇوڪر آهي، سو بہ ايم ڊي ائين ڪو نہ ملندا آهن، هئڙي پڙهيل ڇوڪري ۽ پڙهيل خاندان سان رشتو هئڻ فخر جي ڳالهہ آهي."

"دادا کي نائي صرف ڀيس مين ڪپي ان لاءِ نند کي آزمائي رهيا آهن."

"هاڻ تو ڳالهہ سمجهي آهي. ٻڌاءِ تنهنجي شادي ڪرڻ تي مرضي آهي؟"

"تون هي ڪهڙو سوال ٿي پڇين ممي؟"

"ٻڌاءِ، ها يا نہ تہ ان موجب مان بندوبست ڪيان."

"بندوبست ڇا ڪندئين؟ دادا تہ ٻن سالن کان اول ايندا ڪونہ سندن مرضي ڪانسواءِ تون پنهنجي ليکي تہ ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهين."

"اهوئي تہ مان چوان ٿي، هڪ رستو مون سوچيو آهي، تنهنجو ڇا ويچار آهي."

"سمجهہ مان "ها" چوان ٿي، نہ تہ ڪڏهن ٽيٽي ڪونهي."

"تہ ٻڌ، رات دادا ءِ پاڻي ڪافي دير ويٺا هئا، شانتيءَ جي مائٽيءَ جي ائين مون ڳالهہ ڪڍي، هنن کي هڪ ڇوڪرو ڏيان ٿو آهي، ڏيتي ليتيءَ جو چڪر آهي، ان ڪري ماڻ ڪري ويٺا آهن، اسان سان ڳالهہ ڪرڻ ٿو ڪترائي رهيا هئا، جو پئسي ٽڪي جي باري ٿو اسان جو ڪهڙو رخ هوندو سا خبر ڪو نہ هئن، شرمائي رهيا هئا، متان اسان انڪار ڪيون ان ڪري ماڻ رهڻ بهتر سمجهيو هئائون، اهو سڀ مون پنهنجي ليکي سمجهيو ۽ محسوس ڪيو آهي. تنهنجو دادا تہ صرف ڳالهيون ڪندو آهي، ڪڏهن هنن ان اهڙي نموني ڏيکاري نہ ڏني اٿائون جو هو حق رکي اچن."

"سو ڇا؟"

"منهنجي مرضي آهي، جيڪڏهن ڇوڪرو ۽ گهر سٺو آهي، تہ هنن کي اتي مائٽي ڪرڻ لاءِ اتساهت ڪجي، پر اها مائٽي ٿئي يا نہ، توهان ٻئي وڃي پنهنجي ليکي شادي ڪري اچو. وڻيو سول مئريج ڪيو وڻيو مندر ٿو وڃي ڪيو."

آشا اڇل ڪائي ڪيس چنبڙي ٿي پوي، "اوهہ ممي! يو آر گريٽ."

"پر ٻڌ، دادهن جي ڪن ٿي يا ٿي سگهي تہ خود نند کي ڪڏهن بہ خبر نہ پوڻ ڪپي تہ مون ڪو ان ڳالهہ ٿو راضپو ڏيکاريو هئو."

آشا ٿهڪ ڏيئي چوي ٿي، "يا هشي ڏني هئي." وري گنڀيرتا سان چوي ٿي، "پر ممي، جيڪڏهن دادا کي خبر پئجي وئي تہ هو توکي ڪڏهن معاف نہ ڪندا."

"ان لاءِ تہ چوان ٿي، مان چوندس مون کي ڪا خبر ڪو نہ هئي. ٻارن پنهنجي هلائي آهي."

"پر نند مڃيندو؟"

"مان سمجهان ٿي مڃيندو. وڏ ٿو هو توکي چوندو تہ ڪجهہ وقت ترس، پرئڪٽس ڄمڻ ڏي."

"سو تہ چوندو."

"تون ڏس، نہ تہ پوءِ مان ڳالهائيندياسانس. مون کي وشواس آهي تہ هو سڀ ڪجهہ ٻڌڻ کان پوءِ قبول ڪندو. رڳو منع ڪرڻي پوندي تہ دادهن سان عمر ٿو منهنجي سهمتيءَ جي ڳالهہ نہ ڪري."

"توکي وشواس آهي. تون سمجهين ٿي تہ هن کي برابر سمجهيو آهي؟"

"برابر سمجهيو آهي ۽ سڃاتو آهي."

"۽ تيستائين مون کي هن سان اڪيلي ٿو ملڻو نہ آهي."

"بلڪ برابر!"

"اوهہ ممي تون ڪيتري نہ سوهڻ آهين." آشا ماءُ جو منهن هٿن ٿو جهلي خوب مٺيون ٿي ڏئي.

........*

شام جو ڇهن ۾ اچان ڪجهه منٽ پيا آهن ته نند آشا جي گهر پهچي ٿو. آشا در کولي ڪيس اندر وٺي اچي ٿي. ڪملا رنڌٽي ۾ آهي. صوفا تي وهندي نند چوي ٿو "پائي هاٿي سيائي ڪان وٺي هي سڀ اپائنٽمينٽس ڪينسل."

"ڇو؟"

"بس! هاڻ اپائنٽمينٽس صرف مريضن سان."

ڪملا اندر داخل ٿيندي چوي ٿي، "برابر! نيٽ ڪو ڪم ڏنڌو به ڪرڻو آهي يا نه؟" لڳي ٿو هوءَ سندن ڳالهيون ٻڌي رهي هئي. "ممي مان به اهائي ڳالهه ٿو ڪريان، ٻه مهينا ٿيا آهن، نوڪري ڇڏئي، ماڻهو ڇا چوندا ته رڳو مجنوءَ وانگر ڦيرا پيو پائي." مشڪي وري چوي ٿو "ان ڪري سيني کي اڃا چوندو آهيان ته بامبي هاسپيٽل ۾ جونيئر آهيان."

آشا، "پر سائنيجن کي هيءَ ڳالهه اڄ اوچتو ڪيئن ياد آئي؟"

" ڇاڪاڻ ته ڇيٽي چنڊ تي پنهنجي ڪلينڪ جو مهورت ٿيڻو آهي، برابر ڏهن ڏينهن ڪانپوءِ."

"ڪڏهن فيصلو ڪيئي؟"

" اڄ صبوح جوئي."

ڪملا، "مهورت ڪير ڪندو؟"

"آشا!"

"مذاق ڇڏ."

"بامبي ميڊيڪل ڪاليج جو ڊين."

"تمام سٺو."

"ترس ته مان آرينج اسڪاش ڪٽي اچان، پوءِ وري توهان کي نينا وٽ وڃڻو آهي."

"نينا وٽ؟"

"ها منجهند جو سندس فون آيو هئو ڇيائين ضروري ڪم آهي، آشا کي موڪل، مون ڇيو مانس شام جو نند سان گڏ ايندوءِ، سريش سيائي ٿو اچي نه."

"ها مون وٽ پڻ چئي آئي آهي."

ڪجهه وقت ڪانپوءِ نند ڪار ڊرائيو ڪري رهيو آهي. آشا سندس پرسان ويٺي آهي، خاموش آهي. نند موڊ ۾ آهي. ڪجهه گنگنائي رهيو آهي، آشا ڏانهن منهن ڪري چوي ٿو "ڇو خاموش ويٺي آهين؟"

"ائين ئي!" بلائوز جي ڳچيءَ ۾ آگوٺو وجهي ان کي ڇڪي ٻيو هٿ اندر وجهي ڪجهه ڪنهي ٿي. نند ڏانهنس نهاري مشڪي ٿو. وري رستي ڏانهن ڏيان ڏيندي چوي ٿو. "نينا ڇو سڏايو اٿيئي؟"

آشا جو لهجو گنڀير ۽ سياويڪ آهي. "خبر نه آهي، ڇيائين ضروري ڪم آهي. اڄ."

"هن سڏايو توکي آهي، پوءِ مان ڇا هلي ڪيان؟"

"پلا، هلندين ته نقصان ڪهڙو اٿئي. هونئن به ممي تنهنجي اچڻ لاءِ چئي ڇڏيو اٿس."

"هن ريت گم سم، چپ چاپ هلڻ پاڻ کي نٿو وڻي."

آشا کو جواب ڪو نه ٿي ڏئي، ڪار پنهنجي رفتار سان هلي رهي آهي، نند پڻ خاموش ٿي، وڃي ٿو ڪجهه لمحن جي شانتيءَ کان پوءِ آشا چوي ٿي، "نند هڪ ڳالهه چوانءِ."

"وري ڪو نئون شرط آهي ڇا؟"

"نه!"

"تہ پوءِ ٻي ڪا ڳالهہ چوڻ لاءِ توکي اجازت وٺڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي."

"ڳالهہ ئي اهڙي آهي."

"ان کان اڳ مان هڪ ڳالهہ پڇانءِ؟"

"پڇ!"

"توکي مون سان شادي ڪرڻي آهي نہ؟"

"اهو سوال تون مون کان ٿو پڇين؟"

"ها، ڇو غلط سوال تہ آهي ڪو نہ، تنهنجي پنهنجي مرضي تہ شادي ڪرڻ تي آهي نہ."

"ها بابا، مون تہ ڪڏهن انڪار ڪيو نہ آهي، اهڙو ويچار ئي من ۾ ڪيئن ايندو؟"

هوءَ ڪجهہ خفي ٿئي ٿي.

"تنهنجي شادي ڪرڻ تي مرضي آهي، منهنجي بہ آهي، پوءِ ميان ببي راضي تہ ڪيا ڪريگا قاضي."

"مطلب؟"

نند ٿهڪ ڏيندي چوي ٿو."تو ڇڻ سمجهيو ئي ڪو نہ."

آشا خاموش ٿي وڃي ٿي، اڳيان ٽريفڪ وڌيڪ هئڻ ڪري نند جو ڏيان ڪار هلائڻ ۾ آهي ۽ هو پڻ خاموش ٿي وڃي ٿو. آشا سوچي ٿي. نند تہ سندس ئي من جي ڳالهہ ڪئي آهي. وري ڇهري کي ياوهيڻ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي.

آشا کي لڳي رهيو آهي تہ نند جي ڳالهہ مڃڻ سندس لاءِ هڪ قسم جي هار آهي، خاص ڪري اڳين ڳالهين ۾ نند جڏهن پنهنجو ضد قائم رکي ويٺو آهي. هو هر ڳالهہ ۾ پنهنجي من ماني ڪري رهيو آهي ۽ چاهي ٿو مان هن جي هر قدم تي سا ۾ ملائيندي رهان، دادا جي ڳالهہ هن هيٺ ڪئي، منهنجي رايي تہ مان سندس رايي مطابق مائٽن جي مرضيءَ خلاف ساٽس شادي ڪيان، ممءَ جي هن ڳالهہ ۾ سهمتي ضرور آهي، پر هن کي تہ اها خبر نہ آهي، ڪنهن بہ صورت ۾ دادا کي تہ هي قدم اصل پسند ڪو نہ ايندو.

دراصل ڪملا جي ڪليءَ طرح ڪيل ڳالهين وقت سندس دل ۾ ڪافي امنگ اٿيا هئا ۽ هوءَ خوشيءَ ۾ جهومي رهي هئي، پر سوال هئو تہ نند سان ڪهڙي نموني ڳالهہ ڪري.

جيڪڏهن سڏيءَ طرح ٿي چويس تہ اهو ظاهر هئو تہ هوءَ سندس صد اڳيان جهڪي آهي ۽ اها ڪيس هڪ قسم جي گهٽتائي لڳي رهي آهي. ان ڪري صبح کان ئي هوءَ سوچي رهي هئي تہ نند سان اهڙي نموني ڳالهہ ڪڍجي جيئن سندس پنهنجي اهم ۽ سؤمان کي بہ چوٽ نہ اچي ۽ ظاهري طرح نند کي بہ ائين نہ لڳي تہ هن جي ضد کي اسان واجب سمجهيو آهي پر هت تہ پهل جو شرف بہ هي ڪٽي ويو.

دراصل اڄ سڄو ڏينهن هن پڇتايو پئي تہ لعلچند جي چوڻ ۾ اچي ڪيس شانتيءَ جي باري ۾ هئڙو رخ نہ وٺڻ ڪپندو هو جيڪڏهن شروع کان سندس پنهنجو رخ سمجهوتي وارو هجي ها يا ماڳهن وچ ۾ نہ اچي ها تہ اڄ نند سان ڪليل دل سان ڳالهيون ڪرڻ ۾ ڪيس کو حجاب نہ ٿئي ها، بلڪل اڄ هن نموني سندس واتان ٻڌي ڪيس چوي ها. "مون کي جيئن چوندين تيئن ڪندس، گهٽتائي، وڌتائي سماج ۾ تنهنجي ٿيندي، توکي ئي سڀ ڏسڻو آهي."

نينا جي نلئت واري ڪمپائونڊ ۾ ڪار موڙڻ لاءِ ننڊ هارن وڄائي ٿو ته آشا چرڪ ڀري ٿي، سندس خيالن جو سلسلو ٽٽي ٿو پوي، هوءَ ڪڙي ٿي وڃي ٿي. ننيا کي ڏسي ننڊ محسوس ٿو ڪري ته هن جي طبيعت ٺيڪ نه آهي. سندس چهرو ملول آهي، آواز گهٽيل ۽ ڊلو آشا چوي ٿي. "ڇو مائي تنهنجي طبيعت ته ٺيڪ آهي نه؟"

"ائين ئي ڪجهه گهبراهٽ ٿي ٿئي."

"ڪمال آ، سياڻي سريش ٿو اچي ۽ اڄ تنهنجي هيءَ حالت!" ننڊ ڏانهن مخاطب ٿي، "ڊاڪٽر صاحب ڏسو ته ذرا."

ننڊ، نينا جي نبض پڪڙي گنڀيرتا سان ڏسي ٿو."ظاهري طرح ته هن کي ڪجهه آهي ئي ڪونه."

"پوءِ؟"

"هيءَ هڪ عجيب بيماري آهي آشا. تو شادي ڪونه ڪئي آهي. توکي سمجهه ۾ نه ايندي، وهم وانگر هن جي دوا پڻ حڪيم لقمان وٽ نه هئي."ننڊ کلي چوي ٿو.

آشا ٿهڪ ڏي ٿي، نينا جي منهن تي هڪ ڦڪي مشڪ اچي ٿي. هن کي هي سڀ ڪجهه نٿو وٺي، اٿي رنڌڻي ۾ هلي وڃي ٿي، ڪجهه دير ڪانپوءِ واپس اچي آشا کي پاڻ وٽ اچڻ لاءِ اشارو ڪري هلي وڃي ٿي.

ننڊ ٽيبل تي پيل هڪ پراڻي فلمي مخزن کڻي پنا ڦيرائڻ لڳي ٿو ان ۾ سندس من نٿو لڳي، مخزن ٽپائيءَ تي رکي ڪجهه وقت لاءِ اکيون ٻوٽي صوفا تي ٽيڪ ڏئي شانت ٿي وهي ٿو. ڪجهه گهڙين ڪانپوءِ اکيون کولي، ڪمري ۾ پيل چيزن جو جائزو ٿو وٺي، سامهون شو ڪيس ۾ پيل سهڻن رانديڪن ڏانهن هن جو ڌيان ٿو وڃي، اندر ڪجهه سهڻا جپاني رانديڪا پيا آهن، سندس ڌيان هڪ رانديڪي پٽيان رکيل شيشيءَ ڏانهن وڃي ٿو هن کان چرڪ نڪري ٿو وڃي، شوڪيس کولي شيشي ڪڍي ٿو ننڊ جون گوريون آهن، شيشي سيل بند آهي، هن کي حيراني لڳي رهي آهي ته هيترين سارين گورين لاءِ نينا کي پرسڪرپشن ڪٿان مليو؟ ضرورت ڪهڙي؟ وري ڪم به ته نه آندل آهن، هو شيشي کڻي ڪيسي ۾ وجهي ٿو ڇڏي، وري ڪمري جي هر شيءِ نوس نوس ڪري ٿو ڏسي، آخر خفي ٿي اچي ٿو صوفا تي ويهي ۽ پهرين وانگر اکيون ٻوٽي شانت چت ٿي وڃي ٿو. سندس ڌيان ٽپائيءَ تي تري رکڻ جي ڪڙڪي سان ٽٽي ٿو. آشا ڪافي آندي آهي، هوءَ سندس سامهون ويهي ڪافيءَ جا پيالا پرڻ لڳي ٿي.

ننڊ."نينا ڪٿي آهي؟"

"اچي ٿي." هٿ سان ڪيس شانت رهڻ لاءِ اشارو ڪندي چوي ٿي."وڏي گڙبڙ آهي، پوءِ ٻڌايان ٿي."

ڪجهه منٽن ڪانپوءِ نينا پڻ سائن اچي ويهي ٿي، هن جي اکين مان لڳي رهيو آهي ته ڪافي روئي چڪي آهي ۽ هن وقت منهن ڌوئي آئي آهي، سندس چهري تان ميڪ اپ گم آهي، هاڻ پاڻ هونئن ڪان وڌيڪ سياويڪ ۽ موهيندڙ لڳي رهي آهي، جيتوڻيڪ چهري تي اجان مايوسي اٿس.

ننڊ ٻه ٽي دفعا نينا ڏانهن سرسري نظر اڇلائي ٿو. هو سوچي ٿو هن جهڙي

سون ٽڪر ڪانسواءِ سريش الائي ڪيئن آفريڪا ۾ رهي سگهيو هوندو.

آشا، "ننڊا سياٽي سريش اچڻو آهي، پوءِ ايئرپورٽ تي هلبو نہ؟"

"ضرور هلبو! نينا پاڻي ڪلڪتي جي پروگرام جو ڇا ٿيو؟"

آشا چوي ٿي، "ڪلڪتي ۾ ڇا آهي؟"

"شريش هت اچي وري ترت ڪلڪتي ويندو، نينا ڪو نہ ٻڌائي ڇا؟"

"اڃا تاريخ ڪو نہ ٻڌائي اٿئون، اچي پوءِ طئہ ڪندا."

"سياٽي پلين ڪائين بجي آهي؟"

"صبوح جو ڏهين وڳي آهي."

"تمام سئو ٽائيم آهي."

آشا، "نينا کي هيءَ انتظار جي رات ڪافي وڏي لڳندي، ان ڪري چيوٽيمانس تہ رات اسان سان هلي رهي، صبوح جو گڏجي ايئرپورٽ تي هلنداسين، سريش جو ياءِ ۽ ٻيا سڏو اتي ايندا."

"سو تہ ٺيڪ، پر ايئرپورٽ تان سڀ هتي ايندا سين تہ ڪاڏي پيتي وغيره جو بندوبست سيني لاءِ هتي ڪرڻو پوندو نہ ان ڪان بهتر تون آشا هتي رهي پئہ، ڪجهہ ڪپي مون کي ٻڌائي ڇڏيو مان پاڻيهي بندوبست ڪندس."

نينا چوي ٿي، "ايئرپورٽ تان سڏو دادا وٽ ويندا سين، دادا جن جو چوڻ آهي تہ اتان ٿي پوءِ رات جو يا ٻئي ڏينهن تي پنهنجي گهر وڃجو."

آشا مرڪي چوي ٿي، "ننڊ ڏس، ڏاڍي ڪنجوس اٿيئي، پاڻ صاحب، پوءِ ۽ پارٽيءَ جي ڳالهہ ٺاري ويندءِ."

نينا، "نہ يار هنن کي اچڻ ڏي پوءِ سڀ ڪجهہ طئہ ڪندا سين، مان تہ چوان ٿي پهرين ڪلڪتي جو لانجهو بہ لاهي اچن."

"ٺيڪ آهي، چڱو تيار ٿي وڃ تہ هلون."

ڪار آشا ڊرائيور ڪري رهي آهي. ننڊ چوي ٿو "مون کي گهر ڇڏي توهان ٻئي هليون وڃو."

"نہ پهرين نينا کي لاهي، پوءِ پاڻ هلون ٿا."

"ويري گڊ! پر بہ ائين الٽو چڪر ڇو؟"

"تو سان اڃا ڳالهيون پوريون ڪٿي ٿيون آهن." ننڊ ڪجهہ ڪچي ڪونہ ٿو ڪارا چي آشا جي فلئٽ واري بلڊنگ اڳيان بيهي ٿي. نينا کي چوي ٿي، "تون مٿي هل، مان ننڊ کي ڇڏي اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ واپس ٿي اچان." نينا جي وڃڻ کانپوءِ آشا چوي ٿي، "ننڊ هل ڪنهن هوٽل ۾ هلون."

"ڪٿي؟"

"جتي تون وٺي هلين." هوءَ ڪار بهاري، ننڊ کي هلائڻ لاءِ اشارو ڪري ٿي. ننڊ ڪار مان هيٺ لهي پٺيان ڦري اچي اسٽيئرنگ تي ويهي ٿو. آشا اندران ئي سرڪي ٻئي پاسي ٿئي ٿي، ننڊ ڪار هلائڻ شروع ٿو ڪري. آشا چوي ٿي، "هيءَ ويچاري ڏاڍي تڪليف ۾ آهي."

"ڇا چيائين توکي؟"

"توکي ڪجهہ تہ خبر هوندي؟"

"ڇاجي؟"

"هنن جو رستو ضرورت کان وڌيڪ گهرو ٿي ويو هئو."

"هئو؟ معني هاڻي ڪونهي."

"نہ! اهوئي تہ مان توکي ٻڌائڻ ٿي چاهيان."

"هون! ضرورت کان وڌيڪ گهرو ٿي

ويو هئو حد کان وڌيڪ تہ نہ؟"

"هيءَ چوي ٿي تہ ان ڳالهہ تائين اجا نہ پهتا آهيون، هي ان لاءِ هن کي بلئڪ ميل ڪري رهيو آهي."

"قسم سان ٿي چوي؟"

"اهڙو تہ نہ مون پڇيومانس ۽ نہ ئي پنهنجي ليکي قسم سان ڪا ڳالهہ ڪيائين."

"سوهاٽي ڪهڙي تڪليف اٿس."

"سيائي سريش اچڻو آهي."

"سا تہ ڪيس گهڻو اڳ خبر هئي، ڳالهہ سولي آهي، رستو گهٽائي ڇڏي جيڪڏهن صفا ڪٽ ٿي سگهي تہ سڀ کان سئو."

"اها ئي تہ ڳالهہ آهي، هن رستو گهٽائڻ جي ڪوشس ڪئي آهي پر هو هاڻ بلئڪ ميل ڪرڻ تي سنبريو آهي."

"اهو تہ ڪندو ئي نہ؟"

آشا خفي ٿيندي چوي ٿي "تون ڳالهہ کي اهڙي هلڪي نموني ڇو ٿو ڪٽين؟ خبر اٿيئي هن سان ڪهڙي ويڙن آهي."

"خبر اٿم."

ڪهڙي ويڙن اٿس ڀلا؟"

"تيز نموني مان توکي هن جي ويڙن بيان نٿو ڪري سگهان، پر تنهنجي ڳالهائڻ مان ۽ هن جي مايوسيءَ مان سمجهي سگهان ٿو تہ ڪا مڙيئي وڏي گنهير ڳالهہ آهي نہ تہ جنهن عورت جو مڙس سالن کانپوءِ ٻاهران ايندو هجي، اها هن طرح ملول نہ هوندي آهي."

"ايتري قدر جو ٻن ڏينهن کان هن آپگهات ڪرڻ جو پئي سوچيو آهي، ننڍ جي گورين جي شيشي پڙ هٿ ڪئي اٿائين، پرهمٽ نٿي هليس، ويچاري رئي پئي ۽ ٻاڏائي پئي تہ مون کي ڪجهہ مدد ڪيو مان مرڻ نٿي چاهيان."

"۽ اڳتي لاءِ توبهہ ٿي ڪريان."

"هن مون کي سڄي ڳالهہ ٻڌائي."

"ڪهڙي سڄي ڳالهہ؟"

"تہ آسناٿيءَ سان گڏ هوٽلن ۽ ڪلبن جا چڪر ڪاٽيا اٿائين."

"بس؟"

"بس، ٻيو وري ڇا ٿو سمجهين، چيائين تہ توکي سڀ خبر آهي، هن تہ سمجهيو پئي تہ تو مون کي سڀ ڪجهہ ٻڌايو هوندو پر تو تہ مون سان ڪا ڳالهہ نہ ڪئي آهي."

"ها، سو؟"

"تو کي سچ ڀڄ خبر هئي؟"

"بلڪل معمولي ۽ ان وقت مون کي گهڻا انديشا هئا، مون نينا کي آگاهہ پڻ ڪيو هئو پر بلڪل ٿوري ۾ مون سمجهيو اهو اشارو ئي ڪافي هئو پر لڳي ٿو ڳالهہ وڌي چڪي هئي."

نند کار آٿي پنهنجي ڪلنڪ اڳيان بيهاري ٿو ٻئي ڪار مان ٻاهر اچن ٿا. "ڪنهن هوٽل کان هيءَ جڳهہ چڱي، هونئن بہ هت اچڻو هئم، سيائي اڪسريننگ مشين اچڻي آهي. ان لاءِ چيمبر تيار ڪرڻ لاءِ ڪارپينٽر ڪم ڪري رهيا آهن."

"چئيہ پئي ايڪسري مشين."

"هن کي بہ عام طور ايڪسري مشين چئبو آهي، اصل فل ايڪسري مشين جي اسان ڪنسلٽنٽس کي ضرورت نہ پوندي آهي، اها پنهنجي ليکي جدا اسپيشلسٽي آهي."

"سا تہ خبر اٿم، نيٽ بہ تہ ڊاڪٽر

سا گڏ رهڻو اٿم ساري عمر."

نند مشڪي ٿو ڏئي. پرسان هوٽل واري کي ڪجهه سنئڪس ۽ ڪوڪو ڪولا موڪلڻ لاءِ چئي، ٻئي جڻا اندر اچن ٿا. پنڪو چالو ڪري ٻاهر ويٽنگ هال ۾ پيل صوفا تي آشا کي وهڻ لاءِ چئي پاڻ اندر هلندڙ ڪم جو سماءُ لهڻ وڃي ٿو. ٿوري دير ۾ واپس اچي چوي ٿو."هاڻ سربستي ڳالهه ٻڌاءِ!"

"مون هن سان سڄي ڳالهه پڇي پڇي ڪڍي، هن ويچاريءَ ڪجهه ڪونه لڪايو آهي. لڳي ٿو آسناڻي مئو آهي ئي اهڙو صرف چوڪرين ۽ ننڍين نيٽين پنيان آهي هن کي خبر هئي ته نينا اڪيلي رهندي آهي ۽ سندس گهوٽ ٻاهر رهندو آهي وري قدرتي ٻئي رهن به هڪ ئي بلڊنگ ۾ ٿا. ان ڪري هنن جي دوستي وڌندي ويئي. آسناڻي اتي سريش کي چڱيءَ طرح سڃاڻي. ان ڪري پڻ هنن جي دوستي ۾ اضافو آيو آهي نينا شونق وچان هن سان گڏ چڱا دفعا ٻاهر ويئي آهي. اڪيلي جڏهن سريش جي اچڻ جي پڪ ٿي ته نينا هن سان ٻاهر اچڻ وڃڻ بند ڪيو ٿيون ڏينهن رات جو هو سندس فلئٽ ۾ ويو نينا رواجي طور سندس آئون ياءِ ڪيو. هن مئي ڪليءَ طرح ڊماند ڪيس؟"

"ڇاجي؟"

"مذاق ڇڏ!" آشا بلڪل گنيير آهي. سندس آواز ۾ چڙ آهي. نند مشڪي چوي ٿو"مان به اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ شايد پهريون دفعو ڊماند ٿو ڪيان." ۽ ائين ڪيس پاڪر ٿو پائي آشا پاڻ ڇڏائي سامهون واري صوفا تي ويهي ٿي.

"توکي مذاق سجهيو آهي، هوٽل وارو اچي وڃي ته ڇا چوندو؟"

"اها ڳالهه ته مون کان وسري ويئي هئي، ها پوءِ تنهنجي ڳالهه جو ڇا ٿيو."

"نينا کي غصو اچي ويو گيٽ آئوٽ چوڻ کانسواءِ باقي سڀ ڪجهه چئي ڇڏيائينس."

"چمات ڇو ڪو نه هيائينس! گيٽ آئوٽ ته گهٽ ۾ گهٽ چئي پئي سگهيس."

"خير ڪيئن به هن انڪار ڪيس، هن مئي ڪيتريون ئي آڏيون ابتيون ڳالهيون ڪيس. آخر ۾ چئي ويو اٿس ته جيڪڏهن هوءَ سلوڪت سان پيش نه ايندي ته هو نه صرف سريش کي ٻڌائيندو پر سوسائٽيءَ ۾ به ڪيس بدنام ڪندو ته هوءَ ڪٿي ڪٿي ساٿس گڏ اڪيلي گهمڻ ويئي آهي. ان ڳالهه نينا کي هيسايو آهي. هوءَ هراس ۾ اچي آپگهات لاءِ سوچڻ لڳي هئي پر همٽ نه هليس. آسناڻيءَ کي ته ڪتو جواب ڏنائين پر ڪيس چنتا اچي لڳي آهي ته هاڻ ڇا ڪجي، ان ڪري هن مون کي سڏايو. توکي ته ڳالهه جي خبر به آهي پر هوءَ تو سان ڳالهائڻ جي همٽ نه ٿي سمجهي ان ڪري هن مون کي سڏايو ته توسان صلاح ڪري ڪجهه رستو ڳولهجي. هن مئي اڄ رات تائين تائيم ڏنو هئس ۽ اڄ جواب وٺڻ لاءِ وڃڻو وارو هئس. تڏهن مون چيومانس مون وٽ هلي رهه."

نند پڻ گنيير آهي."اهو ته سٺو ڪيئه، آشا مان هن طرح توسان ڳالهايان ويٺو ان جو مطلب اهو نه آهي ته مون ڳالهه کي گنيير تا سان نه ڪنيو آهي، مذاق ته ٺيڪ پاڻ ۾ هئو پر توسان جيڪا ڳالهه هن ڪئي، لڳ ڀڳ اهڙي قسم جو ئي پهرين مون اندازو لڳايو هئو.

آسناٿي هڪ بدنام شخص آهي، هت اچي پنهنجي ديش جا گڻ ان ڪري ٿو ڳائي جو اتان زبردستيءَ ۽ اوچتو هن کي لڏڻو پيو آهي. ورنہ جيل ۾ سڙندو نظر اچي ها، يا ڪڏهوڪو خون ٿيو پيو هجي ها، اتان جي ڪنهن هلندي پڇنديءَ واري پوليٽيڪل شخص جي زال سان هٿ اٽڪايو هئائين، پاڻيهي سريش اچي سڀ ڳالهيون وستار سان ٻڌائيندو.

مون جڏهن پهريون دفعو هن کي ڊانس وقت آسناٿيءَ سان گڏ ڏٺو تہ پنهنجو فرض سمجهي هن کي آگاهہ ڪيم. هڪ تہ هيءَ معصوم آهي ٻيو تہ هن اڪيلي رهڻ جي وڏي ۾ وڏي پل ڪئي آهي. ان وقت مون سان سهمت هوندي بہ هوءَ وڌيڪ ان طرف گهلجندي وئي آهي. تون ڪجهہ بہ چئہ، مان خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو هو حد کان وڌيڪ اڳتي نڪري چڪا آهن."

"تي سگهي ٿو هي سڀ ڳالهيون ڪئبريٽ واري ڏينهن کان اڳ جون هجن، هوءَ اڳ ئي ڪن ۾ ٽاسي چڪي هجي، گهڻو وقت ٿيو؟"

"ڳالهہ صحيح آهي، ڪئبريٽ تي تہ اسان پوءِ ڪان پوءِ چنچر ڏينهن ويا آهيون." وري ڪجهہ سوچي چوي ٿو "چئين تي ٿيون ڏينهن رات جو ويو اٿس، مان بہ نينا وٽ ان ڏينهن صبح جو ويو آهيان."

"شايد ان ڪانپوءِ هن رستو گهٽائڻ جو ويچاريو آهي، خئر هاڻي ڇا ڪجي؟"

"ڏس سريش کي تہ آسناٿيءَ جي اخلاق جون ڳالهيون ٻڌائي، نينا جي پيارءِ معصوميت جو واسطو وجهي سمجهائي سگهبو آهي، پر هُنن جن ٻين هنن کي گڏ ڏٺو آهي، انهن جو ڇا ڪجي؟"

"هوءَ تہ چوي ٿي، ٻين جي مون کي چنتا ڪونهي، صرف سريش جو سوال آهي."

"ڏسون ٿا، ڪجهہ تہ ڪبو رامر سيتا جي سچائيءَ ۾ وشواس کان وڌيڪ ڏوهيءَ جي ٽوڪ کي وزن ڏنو. اسان وٽ بہ ڪيترائي ڏوهي آهن، ڪنهن کي ڪنهن کي سنيالينداسين؟ جيڪڏهن ٻاهران ڳالهيون ٻڌي ۽ آسناٿيءَ جي اخلاق طرف ڌيان ڏئي تہ سريش بہ سڀ ڪجهہ سمجهي سگهي ٿو."

"اسان کي صرف سريش تي اثر وهارڻو آهي تہ آسناٿي جيڪو ڪجهہ چوي ٿو سو بڪواس آهي."

"اهو تہ سريش کي نڳڻ چئبو. پر ٻين جن هنن کي ڏٺو آهي، انهن مان بہ تہ ڪير چئي سگهي ٿو."

"ٻيو ڇا ڪبو پلا، هونئن بہ مرد جيڪي هيترو وقت ٻاهر وڃن ٿا، ڇا وفادار رهندا هوندا."

"سڀ آڳريون هڪ جهڙيون نہ آهن ۽ وري جيڪڏهن ڪو مرد وفادار نہ رهندو هجي تہ ان جو مطلب اهو نہ آهي تہ زالون ان ڳالهہ ۾ برابريءَ جو حق ڇڪن."

هوٽل بواءِ جي آهٽ ٻڌي هو ڪجهہ خاموش ٿي وڃن ٿا. ڇوڪرو ٽپائيءَ تي هڪ پڙيڪو ۽ بہ ڪوڪاڪولا، ان جي چاهي وغيره رکي هليو وڃي ٿو. ننڍ پڙيڪو کولي ناشتو ٻن پليٽن ۾ وجهي هڪ آشا ڏانهن وڌائي ٿو. چاپ کي چڪ هٽندي چوي ٿي "خئر، اسان کي ڪنهن جي اخلاقي ڳالهين جي تڪ تور ڪرڻ

جو ڪو حق نہ آهي ۽ نہ ئي ڪو ضرور، جيڪڏهن ڪو شخص پل ڪري پڇتائي ٿو تہ اهوئي ڪافي آهي، هن ويچاريءَ لاءِ هي ٻہ چار ڏينهن تہ بلڪل ڏکيا گذريا هوندا، اهي مانسڪ عذب ئي پنهنجي ليکي هن لاءِ وڏي سزا آهي."

"پوءِ ڇا ڪجي."

"ڏس، سياڻي سريش هوندو ياءِ وٽ، پر هيئن آسناڻيءَ جا ٻار اچڻا آهن، هو انهن ۾ بزي رهندو ايترو تڪڙو هو ڪجهہ نہ ڪندو ۽ فئملي جي حاضريءَ واري وقت ۾ مان سمجهان ٿو هو ڪجهہ نہ ڪندو، رک اميد تہ هو ايترو نالائق نہ نڪرندو. نينا کي آٿ ڏج. ڪجهہ ڪونہ ٿيندو. آسناڻيءَ کي هر سنڌورڪي سڃاڻي. هن جي ڳالهہ کي ڪير وزن ڪو نہ ڏيندو. خاص طرح جڏهن نينا جو بئڪگرائونڊ ٺيڪ آهي. باقي جن پاڻ ڪين گڏ ڏٺو آهي. انهن جي باري ۾ حال تہ ڪجهہ چوڻ مشڪل آهي."

"جيڪڏهن اڃا بہ هوءَ توسان ڳالهائڻ چاهي تہ؟"

"ٻلي، مان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان، پر چئيس تو ڪان مون ڪان يا ٻئي ڪنهن ڪان وڌيڪ هوءَ پاڻ تي ياڙي ۽ برڌباريءَ ڪان ڪم وٺي. سريش کي سمجهائڻ جو ذمو مان ٿو ڪڻان، سو بہ جيڪڏهن ضرورت پئي تہ."

نند ڪيسي ۾ هٿ وجهي گورين جي شيشي ڪڍي آشا ڏانهن وڌائي ٿو. هوءَ شيشي وٺي ڏسي ٿي. "اڙي، هيءَ تو وٽ ڪٿان آئي."

"نينا جي ڊرائنگ روم واري شوڪيس ۾ پيل هئي. پاڻ سان ڪٽي آيس."

"سٺو ڪيئہ! هلون گهر، ممي اڄ تولاءِ خاص چڪن جي فرمائش ڪئي آهي."

"هل." چئي اندر وڃي چڪر هڻي اچي ٿو "هل ٺيڪ آهي. هي ڪم پورو ڪري ڇاڏي پاڻ سان ڪٽي ويندا."

نند جي وڃڻ ڪانپوءِ ڪملا پڇي ٿي، "نينا ڇو سڏايو هئو؟" هوءَ ماءُ کي نينا جو پرابلم ٿوري ۾ ٻڌائي ٿي. ڪملا چوي ٿي، "آسناڻي مئو هيو ئي لڇو هت ايندا ويندا هئا تہ مون کي پاڻ نينا جي هلت تي عجب لڳندو هو. دادنهن يا ٻين سان هوءَ ادب ۽ هجاب سان پئي ڳالهائي، پر آسناڻيءَ طرف هن جو رخ اهڙو نہ هئو معنيٰ سلسلو چالو ٿي چڪو هئو."

آشا مشڪي چوي ٿي، "هاڻي اهو سلسلو ڪيئن توڙجي؟"

"ڏسو بابا، نينا هونئن آهي تہ سمجهو ڇوڪري خبر نہ آهي ڪيئن هن جي چڪر ۾ اچي وئي. هيءَ جيڪڏهن سچي من سان پڇتاءُ ڪري تہ سريش سمجهي ويندو."

آشا ڪپڙا متائڻ وڃي ٿي، ٿوري دير ڪانپوءِ اچي ٿي تہ ڪملا چوي ٿي، "اڃا ڀلا نند سان ڇا ڳالهائي؟"

"مان پاڻ توڪان پڇڻ واري هئس، تو هن سان ڪجهہ ڳالهايو هئو ڇا. سول مئريج جي باري ۾؟"

"نہ تہ! سو ڇا؟"

"مان ڪيس ڪجهہ چوان، ان ڪان اڳ پاڻ اهڙي نموني جي هنٽ ڏنائين."

ڪملا مشڪي چوي ٿي، "ڇا چوندا

آهن ان کي...ها، ٽيليپيٿي."

آشا گنيير ٽيندي چوي ٿي، "مون کي ڪجهه عجيب لڳي رهيو آهي."

"سو وري ڪيئن؟"

"اسان جي ڪا ڳالهه مڃي ڪو نه ٿو منهنجي دل رکڻ لاءِ يا دادا جي عزت رکڻ لاءِ ياءِ سان ڳالهه نه ڪيڻ جو ضد واري ويٺو آهي. ان ضد جي اڳيان مان جهڪيس، هاڻ شادي به سندس چوڻ موجب ڪيان؟"

ڪملا خفي ٿي وڃي ٿي، "مان ته اچي ڦاٿي آهيان، توهان پيءَ ڌيءَ مان. چري سول مئريج جو رايو ته اسان جو پنهنجو به آهي نه؟"

"سو ته آهي پر هن کي ته خبر نه آهي، هاڻ پهل هن ڪئي آهي، ان ڪري هو سمجهندو ته اسان سندس چوڻ قبول ڪيو آهي، ائين هو بود ۾ پرجي ويندو. اسان سندس چوڻ قبول ڪندا وڃون ۽ پاڻ اسان جي هڪ به ڳالهه نه مڃي."

"ايترو اهم نه رک، لڳي ٿو توکي خانداني ورثو مليو آهي. هينئر ئي ننڍين وڏين ڳالهين کي رهڙ وانگر ڇڪي رهي آهين. مکڻ مان وار ڪڍي رهي آهين ته اڳتي هلي ڇا ڪندينئن؟ ڪيئن سڄي زندگي هن نموني گهاري سگهنديئن؟"

آشا کان ڪل نڪري وڃي ٿي، "پوءِ پلا ڇا ڪيان ممي."

ڪملا غصي ۾ آهي، "وڃي ڏوڙ پاءِ! ڇڏي ڏي نند کي جيڪڏهن توکي هوڏي ٿو لڳي ۽ نٿو وڻيئي، پاڻهي دادنهن کو سنڌورڪي ڳولهندو پوءِ ڪائجانءِ ڏکا نينا وانگر."

آشا مشڪي چوي ٿي، "ممي تون ته اهڙيون ٿي ڳالهيون ڪرين.... نند جهڙو نائي توکي ملندو ڪٿان؟"

ڪملا ڪجهه ٽڏي ٿئي ٿي، "دادهن کي ته هن کان سٺا ملندا، سنڌورڪين ۾ چوڪرن جي ڪمي آهي ڇا؟ اهي ته شاهوڪار به هوندا."

آشا گنيير ٿي وڃي ٿي. اڳتي وڌي ماءُ کي پاڪر ٿي پائي.

ڪملا چوي ٿي، "منهنجي حالت مان به تو ڪجهه نه پرايو آهي، سالن جا سال اڪيلي رهي آهيان، ائين ئي جواني پوري ٿي وئي. ڪائڻ پائڻ لاءِ ته زماني سارو ڪڏهن به ڪٿي به ملي ويندو آهي. باقي پئسو ڏسي پيو نرجي، ان مان ڪهڙو سڪ."

هوءَ مشڪي ڏيئي ٿي، اکين ۾ پاڻي اچي ويو اٿس.

آشا چوي ٿي، "مون کي معاف ڪر ممي، مون ته صرف پنهنجي من ۾ اٿندڙ خيالن ۽ اڏامن جو اظهار ڪيو. باقي هڪ ڳالهه ٻڌي ڇڏ. مان شادي ڪندس ته صرف نند سان ورنه سڄي عمر ڪنواري رهندس."

ڪملا اکيون اگهندي، ڪليو چوي ٿي، "سڄي عمر منهنجو جيءُ ڪائج، تنهنجي ڪري مان به انڊيا ۾ ٻڌجي رهان."

آشا مشڪي چوي ٿي، "سچ ممي نند اڳين مون کي ڪو اهم ڪونهي، ويچار ائين ڪڏهن ڪڏهن من ۾ ضرور اچن ٿا، سي صرف تنهنجي اڳيان ظاهر ڪيا اٿم. ماءُ اڳيان نه ڪندس ته ڪنهن جي اڳيان؟ تو واري ڳالهه خانداني ورثو جو آهي، باقي هاڻ دل ۾ به اهڙا ويچار آڻڻ نه

ڏيندس."

"پرامز؟"

"پرامز! تنهنجو قسم."

سريش کي ائيرپورٽ تي رسيو ڪرڻ لاءِ نينا، آشا ۽ نند گڏ وڃي رهيا آهن. هن جو ڀاءُ ۽ ڪٽنب جا ٻئي ڀاتي الڳ ڪار ۾ آهن. نند ڊرائيوُ ڪري رهيو آهي. نينا ۽ آشا پٺيان ويٺيون آهن. صبوح جي وقت ٽريفڪ بلڪل گهٽ آهي. ڪار جي اسپيڊ سٺي ملي رهي آهي.

نينا جي چهري تي اڃا به اڳي جهڙي چمڪ نه آهي. آشا کي چنتا ٿيڻ لڳي ٿي. هن جي هٿ تي هٿ رکي ٿورو زور ڏئي چوي ٿي، "نينا ڀاڀي، هاڻ چنتا نه ڪر، نند جوابداري ڪئين آهي، پاڻيهي پڄي ڪائبو."

"مون کي رڳو ڊپ ان ڳالهه جو آهي ته هو سرڪل ۾ اناب شناب پيو بڪندو. بدنام نه ڪري ڇڏي."

"ڏس سڀ هن کي چڱيءَ طرح سڃاڻن ته ڪهڙي قسم جو ڪريل انسان آهي، اسان صاف چئي سگهندا آهيون ته هو نينا کي بدنام ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي، نينا سان هن بدفضيلتون هلڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ته نينا هن جي بي عزتي ڪئي، هاڻ هي ان جو بدلو وٺي رهيو آهي."

"پر آشا، اهو پنهنجو پهلو تون ان کي ٻڌائيندئين، جيڪو هي سڀ ڳالهيون ٻڌي توکي ورجائيندو ضرور آهي ڇا ته سڀ ورجائن؟"

"ڏس سيني جي تون چنتا نه ڪر، اسان کي صرف سريش ۽ تنهنجن ٻين ساهري مائٽن کي سنڀالڻو آهي. ضرور پيو ته اسان هن کي بدنام ڪرڻ جي پهل ڪري هن جون ڪوششون خارج ڪري سگهندا آهيون. صرف پنهنجي سرڪل ۾."

"ڏسو بابا، منهنجي ته دل ويهجندي ٿي وڃي."

"تون يار چنتا نه ڪر. ٻن ڏينهن کانپوءِ سريش ڪلڪتي ويندو. چئين ٿي هفتو کن اتي رهندو مان ته چوان ٿي، انگل ڪريس ته ڪلڪتي توکي گهمڻ وٺي هلي. ائين هفتو ڏهه ڏينهن ٽري ويندا. سياڻي رات جو آسناڻيءَ جي پتني ۽ وڏو پٽ نئروبيءَ مان اچڻا آهن. ضرور ڪجهه وقت ته هو به رهندا ۽ هنن جي حاضريءَ ۾ آسناڻي کو وواد ڪڙو ڪرڻ جي همٿ نه ڪندو."

"نئروبيءَ مان هو به هنن سان گڏ اچن ها ته سٺو."

"هڪ ڏينهن ۾ ڪهڙو ٿو فرق پوي"

آشا جون پنهنجائپ واريون ڳالهيون ٻڌي نينا ۾ ڪجهه اتساهه پرجي رهيو آهي. ڊگهو ساه ڪڍي چوي ٿي، "بس ڀگوان جي ديا ڪپي. هن دفعي ته گڏ وڃڻ لاءِ ضد ڪنديسان. جيڪڏهن ممڪن نه ٿي سگهيو ته ساهرن سان گڏ وڃي رهندس. اڪيلائي ڪائڻ ٿي اچي."

"سٺي ڳالهه ڪيئه. ضرور پوي ته ٻئي جڳهيون ڪڍي هڪ وڏي وٺجو."

"ڏسون ٿا. جڳهيون روز متائڻ سوليون نه آهن."

ايئرپورٽ تي هنن جي پهچڻ کان پوءِ ٿوري دير ۾ ئي سريش ٻاهر اچي ٿو. آشا ڏسي رهي آهي ته نينا هن جي پهچڻ

ڪانپوءِ ٿوري دير ۾ ئي سريش ٻاهر اچيٿو. آشا ڏسي رهي آهي ته نينا جي چهري تي اڳ جهڙي مرڪ سان گڏ ڪجهه حياءَ جا اهڃاڻ پڻ آهن. هوءَ ننڊ ڏانهن اشارو ڪري ٿي. هو به نينا کي ڏسي خوش ٿي رهيو آهي. سريش سيني سان ٻاڪر پائي گڏجي ٿو. ٻاءِ ۽ ٻاجائيءَ کي پهرين پيري پوي ٿو. سريش جو ٻاءِ سيني کي پنهنجي گهر هلڻ جي دعوت ڏئي ٿو. ننڊ تاري ٿو چڏي.

"هاڻ پهرين توهان سڀ پاڻ ۾ حالي حوالي ٿيو. سياڻي يا پرهئين گڏجون ٿا. ڪا پارٽي وغيره به ته ڪبي نه."

"پارٽي ته ضرور ڪبي، پر پهرين سياڻي گهر اچو ته پروگرام ناهينداسين، لنچ اسان وٽ."

"ها نيڪ آهي."

آشا ۽ ننڊ هنن کان موڪلائي اچي ڪار ۾ ويهن ٿا. آشا چوي ٿي، "مون کي سريش جو ٻاءِ ڪنعيالال وڻندو آهي. سڌو شخص آهي. جڏهن مشڪي واچ ٽيڙي ڪري ڳالهائيندو آهي ته مزو ايندو آهي."

ننڊ، "آهين به ڪافي خوش مزاج."

آشا ننڊ کي سندس گهر وٽ هيٺ ئي لاهي ڪار ڪڍي هلي وڃي ٿي.

ٻئي ڏينهن منجهند جو جڏهن آشا ۽ ننڊ ڪنعيالال جي گهر پهتا ته ڏسن ٿا، نينا ٽڙي رهي آهي. هنن کي ڏسي هوءَ وڏيڪ خوش ٿئي ٿي. ٻنهي کي ڊرائنگ روم ۾ ويهاري سريش کي سڏي ٿي اچي. ٻئي دوست ٻاڪر پائي گڏجن ٿا. ڪجهه نئروبيءَ جون ڳالهيون نڪتيون ته ڪجهه ننڊ جي آئينده جي پروگرام جون.

نينا چوي ٿي، "ٻڌو ٿا، ننڊ باقي ٿورا ڏينهن ڪم جو اٿو. پوءِ نه ڪو ڪم ڪندو نه ڏسڻ ايندو."

"ڪيئن؟"

"هفتي کن ۾ سندس ڪلنڪ جو مهورت آهي. پوءِ ته ڊاڪٽر سان اپائنٽمينٽ ڪان سواءِ ملڻ مشڪل آهي."

سريش چوي ٿو "ڀڳوان ڪري ائين ٿئي. ڀلي اسان کي ڏسڻ کان مهانگو ٿئي، پر هن جي ترقي ٿيندي رهي."

نينا، "تڏهن ته چوان ٿي، پاڻ صاحب واري پروگرام ۾ هن جي پوري ڪُس ڪيو."

ننڊ مشڪي چوي ٿو "ڏس پنهنجي ٻول ٿيل آهي، يوڳ صاحب واري ڏينهن هال ۾ سيني جي لنچ وغيره جو بندوسبت منهنجي ذمي. باقي ڀڄن منڊلي منهنجو وشيه نه آهي؛ پاڻ ۾ پاڻي ته بلڪل نه."

سريش، "هت اڃان رواج نه پيو آهي. باقي اسان وٽ ته ڪئٽرنگ سسٽم آهي. هو پاڻهي سڀ بندوبست ڪري، روٽي ڪارائي ويندا آهن. سڀ ٽپڙ پاڻ سان ڪڍي ايندا آهن. هوٽلن وارا به ائين ڪندا آهن."

نينا شرارتي انداز ۾ چوي ٿي، "پر ننڊ، گرنٿ صاحب ته پڙهندين نه؟" هوءَ آشا ڏانهن نهاري ٿي. آشا مشڪي رهي آهي.

ننڊ جواب سريش کي ڏئي ٿو "هت اهڙن رواجن جي اڃان هاڻ شروعات ٿي رهي آهي. اڇا، ڪلڪتي جو ڇا پروگرام آهي؟"

"سياڻي صبوح جو وڃون ٿا. هفتي کن کان پوءِ ايندا سين. ان ڪانپوءِ پاڻ

صاحب جو پروگرام ٺاهيندا سين."

"تيستائين تہ منهنجو ڪلنڪ شروع ٿي ويندو. خئر مان پنهنجي ڪنيل جوابداري پوري ڪندس. پر مهورت تائين واپس اچي ويجو نہ."

"ڪڏهن آهي؟"

"ٻين اپريل."

"ٺيڪ آهي. ڪوشش ڪندا سين. ياڻي سيٺين جو ڪم آهي. پنهنجي هٿ ۾ تہ آهي ڪو نہ."

آشا چوي ٿي، "ڏسو ڪوشش ڪجو ۽ ها ياڻي، سياڻي وڃون ٿا. جو مطلب تون بہ ڪلڪتي وڃين ٿي؟"

جواب سريش ٿو ڏئي، "ها هلي نہ، اوترا ڏينهن گڏ هونداسين."

"بلڪل صحيح فيصلو ڪيو اٿئي."

نينا چوي ٿي، "سياڻي هتان ئي ويندا سين. موٽي اچي پنهنجو فلئٽ چالو ڪندا سين."

آشا، "سٺو!" هوءَ نينا جي چوڻ جو مطلب سمجهي وڃي ٿي تہ حال ڪا چنتا نہ آهي.

..........*

صبوح آشا اٿي ڏسي ٿي تہ ڪملا سويل اٿي ڪم ڪار لاهي واندي ٿي ويني آهي. آشا چانهہ ٺاهي ڪٽي ڊرائنگ روم ۾ اچي ٿي. ڪملا چويٽي، "چو ڪالهہ ننڊ ٻاهران ئي هليو ويو ڇا؟"

"ها، اتان ئي هليوويو چيائين پئي تہ ڪلنڪ جو ڪم ڊلو هلي رهيو آهي. حاضري هوندي تہ ڪجهہ تڪڙو ڪرائي سگهبو. ٻين تاريخ مهورت رکيو اٿائين."

"ها، سو تہ ان ڏينهن ٻڌايائين، چيتي چنڊ آهي. چڱو هاڻ تيار ٿي وڃ تہ نيرن ڪائي ڪانديولي ۽ هلون."

"ڪانديولي ۽ ڇو؟ قنبر درٻار ۾!"

"ها، اتي تہ هلڻو آهي."

"اڄ توکي قنبر درٻار ڪيئن ياد آئي؟ دادا هت هئا تہ ان سان گڏ وڃي ٿي اچين ها نہ."

"سو تہ ٺيڪ، پر ڪالهہ دادا جو فون هئو. شانتيءَ جي ڳالهہ اڳتي وڌي آهي. چيائين ڏينهن ٻن ۾ اچي سمورو احوال ڏيندس، پر مون کي تڪڙ آهي، ان ڪري قنبر درٻار جو بهانو ڪري چيومانس تہ مان هونئن ئي ان پاسي اچڻي آهيان، پوءِ روبرو حالي حوالي ٿيندا سين."

"اوهہ! تون بہ..."

ڪملا ڪلي ڪيس ڪٽيندي چوي ٿي، "چڱو پلا جلد ڪر. تيار ٿي وڃ."

آشا ڪار ڊرائيو ڪري رهي آهي. ڪملا جو ڌيان ڪانديولي ۽ ۾ آهي. چوي ٿي، "دادا جي چوڻ مان اڄ بہ اهو تاتپرج ٿو نڪري تہ گهر ۽ چوڪرو ٻئي سٺا آهن. مون جڏهن ڏيٽي ليٽيءَ جي معاملي ۾ ڪين همٿايو آهي تہ هو تڪڙو اڳيان وڌي رهيا آهن. ڪافي خوش لڳي رهيا آهن. چون پيا چوڪري ڪي تہ شانتي هونئن ئي وٽندي هئي. ڏيٽي ليٽي بہ ڪجهہ سامهون ڪان ڪو نہ ٿا گهرن، پر لڳي ٿو سندن اميدون وڌيون آهن."

آشا ڪلي ٿي ڏئي، "پوءِ تہ چوڪري چوڪريءَ جو ضرور ڪو چڪر هوندو. سٺو جيڪڏهن شانتيءَ جي مائٽي ٿي وڃي تہ دادا وارو مدو تہ ختم ٿي ويندو."

"توهان پيءُ ڌيءُ هٽي مون کي منجهائي رکيو آهي. دادا هن جو مدو

شانتيءَ جي مائٽيءَ کان وڌيڪ سندن اهم آهي. هن کي چئيوان نائي کپي. اهو مدو ته پوءِ به هلندو. تون پنهنجي ڳالهه کي پڪڙي نه رکندي ڪج. چري اهم نه رک. هي سڀ ڳالهيون سنڌورڪي پنهنجي اهميت جتائن لاءِ ڪندا آهن، پر تون ڇو ڪو نه ٿي سمجهين. پيار ۾ پاڻ ڪهڙو؟"

"ممي مون ته ان ڏينهن ئي تنهنجي ڳالهه مڃي هئي. نند سول مئريج لاءِ مڃي ته بس. منهنجي لاءِ تون راضي هونديئن ته دادا کي به راضي ڪري ونديئن."

ٽريفڪ وڌندي ٿي وڃي. آشا ڳالهائڻ بند ڪري ڊرائيونگ ۾ محو ٿي وڃي ٿي. ڪانديوليءَ پهچي، قنبر درٻار ۾ مٿو ٽيڪي ڪشنچند جي گهر اچن ٿيون. هو سندن انتظار ۾ ئي ويٺو هئو. ڪملا کيس پيري پوي ٿي. آشا اڳيان اچي ٿي ته ڪشنچند کيس ڀاڪر پائي مٿي تي هٿ رکي چوي ٿو "ڪيئن آهين پٽ؟"

"ٺيڪ آهيان دادا. شانتيءَ چاچي ڪٿي آهن؟"

"اتي ئي ڪٿي هونديون." ايتري ۾ هو ٻئي ڄڻيون به اچن ٿيون. سڀيئي هڪ ٻئي سان گڏجي، سيٽين تي ويهن ٿا. گهر ۾ صوفا سيٽ ڪونهي. دراصل ان جي رکڻ جي جاءِ به ڪونهي. ڪشنچند چوي ٿو "شانتي پٽ ڪجهه چانهه ناشتو ڪٽي اچ نه."

شانتي رنڌڻي ڏانهن هلي وڃي ٿي. آشا چوي ٿي، "اڄ موڪل ڪئي اٿو ڇا دادا؟"

"ها پٽ، توهان سان پروگرام جو رٿيل هئو."

ڪملا، "ها دادا، پوءِ ٻڌايو."

"ڏس، ڳالهيون ته سڀ ٻنهي ڌرين کي ٺيڪ لڳيون آهن. نهاليءَ کي ڇوڪرو ڪافي وقت کان نظر ۾ هوندو هئو."

ڪملا، نهاليءَ ڏانهن منهن ڪري چوي ٿي، "پاپي ماڻهو ڪيئن آهن. لالچي ته ڪونهن؟"

"نه، نه اهڙي ڳالهه ڪونهي. هنن طرفان ڪا گهر به ڪونهي. اسان جو حال هنن کان ڪو ڳجهو ڪونهي. نه ئي هنن کي ڪا خبر آهي ته شانتيءَ جي مائٽيءَ ۾ ڪو مٽ مائٽ مدد ڪندو."

ڪملا، "برابر آهي، پاڻ کان جيڪا ڦلن مٽ پڄندي سان گپت نموني ڀيٽ ڪنداسين."

آشا، "دادا، ڇوڪرو ڇا پڙهيل آهي، ڇا ڪندو آهي؟"

"بي.اي. پاس ڪئي اٿائين. نوڪري ملي تيستائين مولجي جيئا مارڪيٽ ۾ پيءُ سان ڪپڙي جي دلاليءَ ۾ لڳي ويو. ڪم ايترو سنو هلي پيو اٿن جو هاڻ بئنڪ ۾ نوڪريءَ جي آفر پڻ قبول نه ڪيائين."

"پنهنجو ڌنڌو پنهنجو آهي. نوڪريءَ مان ڪهڙو واڌارو؟" ڪملا چوي ٿي.

نهالي، "هاڻي ڪالوني ڇڏي فلئٽ وٺڻ جو ويچار ڪيو اٿن، پر داد هن صلاح ڏنن ته ان کان پهرين دڪان وٺي ڌنڌو شروع ڪن. ٻن ڄڻن جي دلاليءَ مان ٻيڻي آمدني نه ٿيندي. دڪان مان وڌيڪ ترقي ٿيندي. به لائينون هٽ ۾ ٿيندیون."

"صحيح ڳالهه آهي."

"ان ڪري ڇوڪرو شاديءَ لاءِ نه پيو

ميجي. چوي پهرين ڪمائيءَ جي ريت سيٽل ٿيون. فلئٽ تہ سرڪاري لونَ مان ٺهي ويندو. قسطون پرڻ سوليون آهن. ايتري آمدني آهي، پر دڪان لاءِ پئسو ڪپي،ڪو سرڪاري لون ڪو نہ ملندو. جيستائين دڪان جو بلو ٿئي تيستائين چوي ٿو جيئن آهيون تيئن پيا هلنداسين تہ ڇا ٿيندو.“

”اهڙي نموني هڪ سمجهو شخص ئي ويچاري سگهي ٿو. اها ڳالهہ تہ دادا ان ڏينهن ٻڌائي هئي. منهنجو چوڻ ڇا آهي تہ جيڪڏهن ماڻهو لالچي نہ آهن، پر ضرورت وچان ڪجهہ چاهين ٿا تہ مدد ڪرڻ ۾ ڪو حرج نہ آهي. ڪجهہ پئسا ڏيتي ليتيءَ ۾ تہ ڪجهہ قرض طور ڏيئي سگهبا آهن. مول ڳالهہ آهي ڇوڪرو محنتي، هڏ ڏوکي ۽ بردبار هجي.“

”ان ۾ تہ ڪو شڪ ڪونهي.“

شانتي چانهہ ۽ڪجهہ ناشتو ڪڍي ٿي اچي. ختم ڪرڻ کانپوءِ نهالي چوي ٿي، ”آشا هنن سان گڏجڻ چاهيندئين؟“

”ها، جيڪڏهن ڇوڪرو حاضر هجي تہ.“

”هو تہ آرتوار ڪانسواءِ ڪو نہ گڏجندو آهي. اڳواٽ چيل هجي ها تہ ٻي ڳالهہ آهي.“

ڪملا چوي ٿي، ”اسان کي حال بئڪگرائونڊ ۾ رکو. سڀ ڳالهيون ٺڪ ٿي وڃن پوءِ ٻي ڳالهہ آهي. باقي ڇوڪرو تہ مان بہ ڏسڻ چاهيندس.“

”تہ پوءِ آرتوار ڏينهن اچو نہ؟“

آشا ڪلي چوي ٿي، ”ممي ڇوڪرو ڏسڻ ڪم شانتي جو آهي. هن کي پسند آهي تہ اسان سيني کي پسند آهي. باقي اسان گڏجڻ ضرور چاهينداسين.“

ڪملا، ”ڏسون ٿا، پوءِ سهوليت سان ٽائيم رکنداسين. باقي توهان ڳالهہ فائينل بہ ڪري ڇڏيو تہ ٺيڪ آهي. پئسي ٽڪي جو خيال نہ ڪجو.“ مشڪي چوي ٿي، ”۽ هروپرو اچل سان بہ نہ.“

ڪشنچند گنبيرتا سان چوي ٿو ”اها ڳالهہ تہ واجب آهي. تنهنجي هنن ڳالهين منهنجي من تان ڪافي بوجهہ هٽائي ڇڏيو آهي. لال سان ڳالهہ ڪڍڻ جو موقعو نہ مليو. خئر تون ئي ڪن تي وجهي ڇڏجانس.“ هو ياوڪ ٿي وڃي ٿو.

”ها، مان سيانڻي چڻي لکان ٿي تہ ڳالهہ لڳ ڀڳ پڪي آهي.“

شانتي نظر جهڪائي ڪملا کي چوي ٿي، ”ڀاڀي قنبر درٻار هلندا نہ؟“

”نہ پٽ، اسان اتان ٿي پوءِ هت آيا آهيون.“

ائين ڪجهہ وقت هنن جون ڳالهيون هلنديون رهن ٿيون. آخر ڪشنچند کي تاڪيد ڪري تہ، ”جلد پڪ ڪري ڇڏيو. گهر هٽ مان وڃڻ نہ ڏجو.“ هو موڪلائي اچي ڪار ۾ وهن ٿيون.

ڪملا، ”هي ڪم جيترو ٿي سگهي جلد ڪرڻو آهي. هن بهاني هنن ويچارن لاءِ گهر مان ڪجهہ پئسا تہ نڪرندا نہ.“

”پر دادا تہ هوئن بہ شانتيءَ جو خرچ ڳٽي وينا آهن نہ.“

”ڀائي ڪيئن چئجي؟ وري ڪو نئون ڦڙو نہ وجهن. مون کي لڳي ٿو هي ڇورو شانتيءَ کي قبول ئي انڪري ٿو ڪري جو ڪيس دڪان لاءِ مدد ملڻ جي اميد آهي. دادا کي خبر هوندي، پر اسان

سان ڳالهه ڪرڻ ۾ ڪترائي رهيا هئا جو اسان جي رخ جي هنن کي خبر نه هئي."

آشا چوي ٿي، "ڪجهه به ممي ڏس نه، گهر ۾ گنگا پئي وهي ۽ اسان هت ڇا جو ڇا پيا ويچارون."

"مان ڇا ڏسان، تون ڏس."

آشا کلي چوي ٿي، "اڃان تون خفي آهين ممي؟"

"چري هي ته تنهنجي پسنديءَ سان نند آيو. ورنه دادا هن جي پسندي ته ڪو سنڌورڪي هجي ها. توکي چيم ته سهين."

"سو ڇا؟"

"ڏسين نٿي. سچو بنواس ته سنڌورڪين جون زالون ٿيون پوءِ ڪن. ڪيترا سالن جا سال مرد ٻاهر رهن ٿا. اڪيلائي اسا کي ئي کائڻ ٿي اچي. هنن جو ته اتي وقت سئو ٿو گذري وڃي. بزي رهن ٿا. شاهوڪاريءَ ۾ اڪيلي زندگي گذارڻ کان ته بهتر آهي پنهنجي مرد سان پوري پني نموني پر گڏ رهجي. نند جو آئينده سئو آهي. تون سکي رهنديئن. ڪنهن جي نظر نه لڳي."

آشا ٻاوڪ ٿي وڃي ٿي، "ممي هاڻ تون به سينگاپور هلي وڃ."

"سو ته ٺيڪ آهي، پر ويزا جو پرابلم به ته آهي. تنهنجي شادي ٿي وڃي پوءِ وڃڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪبي."

ڪجهه وقت خاموش ٿي وڃن ٿيون آشا جو ڊرائيونگ ۾ ڌيان آهي. ڪملا چوي ٿي، "ڏس نند جي ڪلنڪ رستي ۾ ئي ٿي پوي نه."

"ها، هلون؟"

"ها هل، ماريي کي روز ڏسڻ جي اکير ٿئي ٿي. ڪالهه ڪونه آيو. اڄ به الائي اچي، نه اچي."

"هل وٺي ٿا هلونس. تون چئجانس جيستائين ڪلنڪ چالو ٿئي روز تو وٽ حاضري ڀرائي وڃي. ٿي سگهي ته رات جو روٽي به کائي وڃي."

نند هنن سان گڏ گهر اچي ٿو. روٽيءَ لاءِ ڪونه ٿو ترسي.

..........*

نند بلڊنگ جي ڪمپائونڊ مان لنگهي رهيو آهي ته پٺيان ڪنهن جو سڏ ٻڌي بيهي ٿو رهي. مڙي ڏسي ٿو ته آڏواڻي اچي رهيو آهي. "نند لعل ڏي خبر، هت؟"

"ها، آيو هئس ممي سان گڏجڻ."

"هاڻي ڇا ٿو ڪرين؟ هل مون سان گڏ."

"ڪٿي؟"

"آسناڻيءَ جي گهر. اڄ سندس ٻار اچڻا آهن. وڏو پٽ ۽ جوءِ. فلائيٽ جو ٽائيم رات جو ديرسان آهي. تيستائين ٽائيم پاس ڪرڻ آهي."

"ٺيڪ آهي هلو، پر مان ايئرپورٽ تي نه هلي سگهندس. موٽندي صبح ٿي ويندو."

"هيئن ٿا ڪيون. اسان جڏهن ايئرپورٽ لاءِ نڪرون ته تون گهر هليو وڃج."

"پر ڇا ڪبو؟ مون کي تاس راند ڪرڻ ته ايندي ڪونهي."

"ايندي ڪونهي يا وڃندي ڪونهي؟"

"سچ ته وڃندي ڪونهي، پر جي سچ چوندس ته زبردستيءَ وهاري ڇڏيندا."

"ٺيڪ آهي، هل ته سهين، راند نه

ڪجانءِ."

ٽئڪسيءَ ۾ ويهڻ کانپوءِ نند چوي ٿو "چواج ڀاڀي گڏ ڪو نہ آئي اٿئ."

"آسناٽيءَ وٽ اِسٽئگ پارٽيون سٺيون. وري اڄڪلهہ پاڻ بہ تہ واندو آهي."

نند آهستگيءَ سان چوي ٿو "سچ تہ مون کي ماڻهو صحيح نہ لڳندو آهي."

"ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي."

ڪجهہ دير جي خاموشيءَ بعد آڏواٽي چوي ٿو "نينا اڄان هن سان گڏ گهمندي آهي ڇا؟"

"الائي، پر مان نٿو سمجهان."

"ڏس نہ، ڪئبريٽ جهڙي پروگرام تي بہ نينا کي وٺي آيوآهي. ان ڏينهن اسان تہ ائين ڏيکاري ڏني جڻ ڏنوئي ڪو نہ اٿئون. مون ۾ نارواٽيءَ فيصلو ڪيو تہ ان ڳالهہ جو ذڪر ڪٽي بہ نہ ڪنداسين. توکي خبر آهي ان ڪري ٿو چوان."

نند هلڪو مشڪي چوي ٿو "مون بہ تہ ڪجهہ اهڙو فيصلو ڪيو هئو."

"نينا جو ڏوهہ ڪونهي. هي چڱن پلن کي چڪر ۾ آڻي سگهي ٿو. تون نينا ۾ سريش جي ويجهو آهين. ڪجهہ سمجهائيس."

"پر توهان اهڙي شخص کي ڇو پنهنجي سرڪل ۾ رکيو آهي؟"

"دراصل پهرين ائين ڪو نہ هوندو هئو. نئروبيءَ ويو آهي تہ خبر نہ آهي. ڪڏهن ۾ ڪيئن ڪل ٿڙي اٿس. پاڻ کي ائڊوانسڊ ۾ لبرل ڏيکارڻ ٿوچاهي. اسان کي چڏي نٿو تہ اسان بہ مڙيئي نيائيندا ٿا اچون."

"مسز آسناٽي ڪجهہ ڪو نہ چويس؟"

"اها ڇا چوندس؟ ميڊ فار ايچ آدر آهن."

نند مشڪي ٿو ڏئي.

ان ڏينهن آسناٽيءَ، نينا کي نند ۾ آشا گڏ ويندي ڏسي ورتو هئو. رات جو دير تائين نينا واپس نہ آئي تہ آسناٽيءَ کي پڪ ٿي ويئي تہ هوءَ ڪانئس ڪنارو ڪرڻ لاءِ ٻاهر ويئي آهي ۾ ان ۾ ضرور نند جو هٿ آهي. هن کي ڪجهہ خار لڳي رهيا هئا، پر وڌيڪ شڪجي ويو هئو. ان ڏينهن ڪئبريٽ پروگرام ۾ هڪ ٻئي کي ڏسي ورتو هئائون پلي دويدو ڪو نہ ٿيا هئا. آسناٽي تڏهن کان ئي هن جي سامهون اچڻ کان ڪترائيندو پئي رهيو آهي. ڏسي تہ ڪين آڏواٽي ۾ نارواٽيءَ پڻ ورتو هو، پر جهونا يار هئا. انهن کان آسناٽيءَ جي هئڙي هلت چلت لڪل ڪو نہ هئي. پاڻ هو فخر سان ڪين پنهنجا آزمودا ٻڌائيندو هئو پر ڇاڪاڻ تہ نينا پنهنجي سرڪل جي ڇوڪري هئي. هن ڪنهن سان ڳالهائڻ واجب نہ سمجهيو. هوءَ نند جي ويجهو هئي. انڪري آسناٽيءَ کي هن اڳيان اگهاڙو ٿيڻ اڪڙندو پئي رهيو آهي.

آڏواٽي سان گڏ نند کي ڏسي ڪجهہ شڪي وڃي ٿو پر ترت ئي پاڻ سنيالي سياويڪ لهجي ۾ هنن جي آجيان ٿو ڪري.

"سٺو ڪيئہ يار نند لعل جو آئين. لعلچند جون سڪون لهنديون آهن تو مان."

نند مشڪي رهيو آهي. نارواٽي اچي چڪو آهي. ان سان خوش خئرافت ڪري سڀ صوفا تي ويهن ٿا. ٻہ شخص

ٻئي بہ ويٺا آهن. آسناٽي هنن جي واقفيت ڏيندي چوي ٿو "هنن جو مال مون وٽ نئروبيءَ ۾ ايندو آهي. هي بہ اڪثر اتي مون وٽ ايندا رهندا آهن. سوچيم اڄ ڪانتا اچي ٿي تہ هي بہ گڏ هجن." هنن ڏانهن مخاطب ٿي آسناٽي چوي ٿو "هي آهي ڊاڪٽر نند لعل ڪشناٽي، منهنجي سينگاپور واري دوست لعلچند جو ٽيڻ وارو نائي. هن سال ايم.ڊي ڪئي اٿائين ۽ هو مسٽر آڏواڻي، پهرين سينگاپور ۾ رهندا هئا. مسز اڏواڻيءَ کي ويزا نہ پئي ملي انڪري اتان وائينڊ اپ(ڪاروبار ختم) ڪري آيو آهي. هاڻي ڪنهن ڏنڌي جي ڳولها ۾ آهي. هانگ ڪانگ يا ٻئي ڪنهن اهڙي ملڪ ۾ جتي ٻئي جوءِ، مڙس گڏ رهي سگهن. ٻار تہ اٿن ڪونہ."

"ڊبئي وڃو نہ يار. اتان جو مارڪيٽ اسرڻ لڳو آهي ۽ مون کي لڳي ٿو اڳتي هلي سينگاپور کي بہ اوور ٽيڪ ڪري ويندو."

اڏواڻي، "مون کي ٻئي ڪنهن بہ ائين چيو آهي. مهيني اڌ ۾ اتان جو چڪر هڻي ايندس. ڏسان مارڪيٽ ڪيئن آهي ۽ ڪم ڪهڙو ڪجي."

"اتي تہ ڪپڙي ۽ الڪٽرانڪ جو سٺو مارڪيٽ آهي. سجو گلف ريجن ڪور ڪري سگهو آهي. ڪميونسٽ بلاڪ سان بہ هنن جو واپار وڌي رهيو آهي. ريڊي ميڊ گارمينٽس جو ويچار هجي تہ اسان حاضر آهيون."

"ڏاڍو سٺو هاڻ ڪجهہ تڪڙو فيصلو ڪرڻو پوندو."

آسناٽي چوي ٿو "پلا ڊرنڪس شروع ڪيون؟"

آڏواڻي مشڪي چوي ٿو "شروع تہ اڳ ئي ٿيل آهي."

"توهان لاءِ ٿو چوان، وسڪي يا بيئر؟ نند لعل تہ بيئر ڪٽندو."

آڏواڻي، "پاڻ کي وسڪي ڪپي."

دارونءَ جو دور چالو آهي. آسناٽي اٽي ٽيليفون ڪري پلين جي پهچڻ جي وقت جي تپاس ڪري ٿو چوي ٿو "ٻہ ڪلاڪ ليٽ آهي."

"يعني ٻي وڳي کان اول نہ پهچندو. اڄان يارنهن ٿيا آهن."

"ٺيڪ آهي ويٺا آهيون. هتان ڏيڍ وڳي کان اول هلي ڇا ڪنداسين. هنن کي ٻاهر ايندي ڪلاڪ کن ٻيو ڪپي. ڪسٽمس وارا بہ اڃڪلهہ ڏاڍي ٿا مغز ماري ڪن."

"آفريڪا جي پئسينجرس (مسافرن) سان خاص نہ ڪندا آهن. باقي سينگاپور ۽ هانگ ڪانگ مان ايندڙن جي باريڪيءَ سان چيڪ ڪندا آهن."

"پائي ڪمائي بہ تہ اتان ئي ٿي ٿئي نہ. فري پورٽ آهن. وشال مارڪيٽ اتي هر چيز ٿي ملي."

آسناٽي اٽي. ڪجهہ ڪتاب کڻي اچي ٿو ٽپائي تي رکي. هر ڪو کڻي شونق سان ڏسڻ ٿو لڳي. نند جي هٿ ۾ بہ هڪ ڪتاب اچي ٿو. هو انمنيو ڏسي پاسيرو رکي ٿو ڇڏي.

آسناٽي چوي ٿو "ڇو پائي توکي هنن چيزن ۾ رس نہ آهي؟"

نند مشڪي چوي ٿو "هي سڀ ٻارن ۽ ٻڍن لاءِ آهي. مون جهڙن کي تہ ڏسي ڪئِ ايندي آهي."

"ها پائي ڊاڪٽرن کي تہ ريئل

ائڪشن ۾ مزو ايندو هوندو. ڏريما هڪيا حاضر آهن نہ."

نند جي منهن تان مرڪ غائب ٿي وڃي ٿي. "اهي سڀ اجايون ڳالهيون آهن."

آسناٽي چٽر بازيءَ جي نوع ۾ چوي ٿو "اجايون ڳالهيون وري ڪيئن؟ هڪ وقت ۾ ۾ چوڪروين پيو ٿو گهمائين."

"ڇا مطلب؟" نند چوي ٿو. هن جي آواز ۾ شوخي ڏسي سيني جو ڏيان ڇڪجي ٿو وڃي.

آسناٽي وڌيڪ چٽر بازي ڪندي چوي ٿو "هڪ طرف منهنجي دوست جي ڏيءَ ٻئي طرف ڪئبريٽ واريون. صرف پنهنجي لاءِ رکيون اٿيئي،يارن دوستن جو خيال ڪرين ڪو نہ."

نند کي خار لڳن ٿا. اٿي هن تي الر ڪرڻ ٿو وڃي تہ نارواٽي جمپ ڏيئي اٿي ٿو. نند کي پڪڙي سندس جاءِ تي ويهاري ٿو. پاسي واري شخص کي سندس ٻانهن کان پڪڙي سيٽ خالي ڪرڻ لاءِ چوي ٿو ۽ پوءِ پاڻ نند جي پرسان ويهي رهي ٿو. نارواٽي چوي ٿو "آسناٽي ڪجهہ سوچي سمجهي ڳالهہ ڪر."

آسناٽي گنيير تي وڃي ٿو. "مون ڪهڙي غلط ڳالهہ چئي؟"

"سڀ بڪواس ڪيئہ نارواٽيءَ جو آواز تيز ٿي وڃي ٿو. آخر اسانجو نائي ٿئي. شرم نٿو اچيئي ڏيءَ لاءِ ائين ٿو ڳالهائين. هنن جي شادي ٿيٽي آهي."

"مون ان لاءِ ٿوريئي چيو. مان تہ هن ڪئبريٽ واري چوڪريءَ لاءِ پيو چوان. اهڙيون چوڪريون ٽڪي ٽيهہ، پئسي ويهہ."

"ڏس آسناٽي، تون اجان بهڪي رهيو آهين. ڪئبريٽ واري چوڪري ڪير آهي، اهو سڀ نند لعل اسان کي ٻڌايو آهي. هن جي من ۾ جيڪڏهن چور هجي ها تہ اسان کي ڪجهہ نہ ٻڌائي ها."

نند پاڻ سنيالي چڪو هئو. چوي ٿو "ان ڏينهن آشا سان بہ هن جي باري ۾ الائي ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون ڪري کيس پڙڪائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين. هڪ تہ ڏيءَ سمان چوڪريءَ سان اهڙيون واهيات قسم جون ڳالهيون ڪرڻ نہ ڪپن، ٻيو تہ حق بہ ناحقون اسان ٻنهي جي وچ ۾ ويجهو وڌائڻ جي غليظ حرڪت ڪرڻ جو مطلب ڪهڙو؟"

آڏواٽي چوي ٿو "ٺيڪ آهي يار هاڻ ماڻ ڪريو. ڏسون پلين ڪٿي پهتو آهي." هواٽي فون ڪري ٿو. ڪجهہ گهبرائجي وڃي ٿو ۽ فون رکي يڪدم اچي صوفا تي وهي ٿو. بامبي وارو هڪ شخص چوي ٿو "چو ڇا ٿيو؟"

"پلين جو پتو ڪونهي تہ ڪٿي پهتو آهي."

"ائين وري ڪيئن؟" آسناٽي گهوماڻجي وڃي ٿو.

نارواٽي لهجو سوياويڪ ڪندي ۽ گهبراهٽ لڪائيندي چوي ٿو "ٽي سگهي ٿو ريڊيوسمپرڪ ٽٽي ويو هجي. خراب آبهوا جي ڪري ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي."

آڏواٽي، "اڳئين انفرميشن موجب جهاز ٻين وڳي پهچڻ ڪپي. هاڻ هڪ ٿيو آهي. هل تہ ايئرپورٽ هلون."

نند چوي ٿو "مون کي موڪل ڏيو. مان هلان."

نارواٽي، "ائين نہ ڪر يار رسي ڇو ٿو وڃين."

نند، "ائين نہ آهي. مون اچڻ ڪان اول ئي آڏواٽي صاحب کي چيو هئو تہ مان ايئرپورٽ نہ هلي سگهندس. گڏ نڪرنداسين، پر مان گهر ويندس."

نارواٽي آهستگي سندس ڪن ۾ چوي ٿو "ڀڳوان خٽر ڪري، ورنہ ڊاڪٽر طور تنهنجي ضرورت پوندي، ڏس هواءَ ئي ڏهي ويو آهي."

آڏواٽي چوي ٿو "نارواٽي، تون ۽ نند هت آسناٽيءَ سان ويهو. اسان ٽيئي ڇڻا ايئرپورٽ تي وڃون ٿا. جيئن ئي پلين لئنڊ ڪندو توهان کي فون ڪنداسين تہ يڪدم هلياا چجو." ٿوري دير ۾ هو هليا وڃن ٿا.

نارواٽي، "آسناٽي يار چنتا نہ ڪر، ڀڳوان سڀ ڀلي ڪندو ۽ نند لمل تون بہ يار من مان ميل ڪڍي ڇڏ. هر ڪنهن جو ڳالهائڻ ۽ مذاق ڪرڻ جو انداز پنهنجو پنهنجو هوندو آهي. باقي اسان جي تہ پاڻ ۾ ياري آهي ۽ ياري رهندي."

نند، "ڳالهہ برابر آهي. مان بہ ڪجهہ وڌيڪ تنش ۾ اچي ويس. ڇا ڪيان ائين اٽيل ويٺل جو نہ آهيان."

ائين هو آسناٽيءَ سان خوش خٽرافت جون ڳالهيون ڪندا رهن ٿا. نند اٽي ٽپائيءَ تان سڀ سامان کڻي رنڊٽي ۾ رکي ٿو اچي. آسناٽي هٿ سان ڪيس منع ٿو ڪري پر ڪجهہ چئي نٿو سگهي. ان مان نند هن جي من استتيءَ جو اندازو لڳائي رهيو آهي.

نارواٽي، "سچ ٿو چوان آسناٽي، ريڊيو سنگنلس ڪڏهن ڪڏهن آبهوا جي ڪري ڪٽجي ويندا آهن. مون کي اهڙو ئي ڪجهہ لڳي رهيو آهي."

آسناٽي ڏڳهو ساهہ کڻي چوي ٿو "بس يار مالڪ مهر ڪندو."

ائين ڪلاڪ کن نڪري وڃي ٿو. ٽيليفون جي گهنٽي وڄي ٿي. نارواٽي اٿي ترت ئي کڻي ٿو. آڏواٽي چوي ٿو "پلين ڪرئش ٿي چڪو آهي."

"ڇا ٿو چئين؟"

"ها پڪي خبر آهي. هت ايئرپورٽ تي واءِ ويلا مچي وئي آهي. پئسينجرس جي لسٽ ڇاڻ آئوٽ ٿي. ڀڳوان ڪري هنن فلائيٽ مس ڪئي هجي."

"ها ڪڏهن ڪڏهن اهڙا ڪرشما پڻ ٿيندا آهن. چڱو تپاس ڪري جلد اچو."

"آسناٽيءَ جو خيال رکجو."

"ها" چئي هو ٽيليفون رکي ٿو ڇڏي نارواٽيءَ جي گهبراهٽ ڏسي، هي ٻئي ڇڻا هڪا ٻڪا ٿي وڃن ٿا. نارواٽي اچي صوفا تي ويهي ٿو. ڏڳهو ساهہ کڻي چوي ٿو "پلين ڪرئش ٿي ويو آهي."

"هي ڀڳوان" چئي آسناٽي صوفا تي ڊرڪي پوي ٿو. نند هن جي نبض ڏسي چوي ٿو "خطري جي ڪا ڳالهہ ڪونهي."

ٻئي ڇڻا هن کي سهارو ڏئي آهستي آهستي وٺي پاسي واري روم ۾ پلنگ تي ليٽائنس ٿا. نند ڊرائنگ روم ۾ اچي آشا کي فون ڪري ٿو. هوءَ گهبرائجي پڇي ٿي، "ڇو نند هيڏي مهل؟"

"ڏس هڪ ڪم آهي. توکانسواءِ ٻيو ڪير نہ ڪري سگهندو. مان آسناٽيءَ وٽ ويٺو آهيان. سندس طبيعت خراب آهي. ايمرجينسي آهي ان ڪري ڪيس

اڪيلو نٿو ڇڏي سگهان. تون گهر وڃ، منهنجي سموري ڪٽ دوائن گورين سوڌي ڪٽي هٿ اچ."

"پر ٿيو ڇا؟"

"مسز آسناٽي ۽ سندس ڇوڪرو جنهن پليئن ۾ اچي رهيا هئا سو ڪرئش ٿي ويو آهي."

"اڙي باپ ڙي، مان اجهو ٿي پهچان."

"آرام سان. تڪڙ نه ڪج."

"جي!"

ڪجهه دير ۾ سڀ اچي گڏ ٿين ٿا. آڏواٽي چوي ٿو "هو ٻئي جڻا پليئن ۾ هئا. ڪنفرم ٿي چڪو آهي." آسناٽيءَ کي اڃان هوش ڪو نه آيو آهي. آشا نند جي ڪٽ ڪٽي پهچي ويئي آهي. نند هن جو چڱيءَ طرح معائنو ڪري، ٻه انجيڪشنس هڻي چوي ٿو "هو ڪجهه وقت اٿين رهندو. توهان هلي ڊرائنگ روم ۾ روهو."

سڀ وڃن ٿا.

"ڪيئن ٿو لڳي؟" آشا پڇي ٿي.

"اٿين ته ڪو پرابلم نٿو لڳي، پر سمجهي ڇڏ، هاڻ زندهه لاش ٿي رهندو."

..........*

آشا صبوح جو سويل نند جي گهر اچي ٿي. نند ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو آهي.

آشا، "ڇو صبوح صبوح جو ڪيڏانهن؟"

"ٻائي باقي ڏينهن گهڻا مهورت ۾؟ ڪجهه ڪم باقي آهي. ٿورو ديرسان اچين ها ته مان رنگ ملاءِ ها."

"تون يار ٽيليفون جو جلدي بندوبست ڪر نه؟"

"ٻه ڪنيڪشن بطور ڊاڪٽر اسپيشل ڪئٽيگريءَ ۾ ملڻ وارا آهن. هڪ هٿ ۽ هڪ ڪلنڪ ۾. هفتي ڪن ۾ چالو ٿي ويندا."

"پوءِ ته يار ڊاڪٽرن کي گئس ڪنيڪشن به اسپيشل ڪئٽيگريءَ ۾ ملندا آهن. اهي به به وٺي ڇڏ نه، هڪ گهر لاءِ ۽ هڪ اسپتال لاءِ. پاڻ کي استوءَ ۾ تڪليف ٿيندي."

نند جي ماءُ نيرن جون پليٽون ڪٽي روم ۾ داخل ٿئي ٿي. هنن جون ڳالهيون ٻڌندي ٿي اچي. مشڪي چوي ٿي، "تون اڃان هاڻ ٿوريئي ٿي اچين."

آشا به مشڪي چوي ٿي، "ممي توهان حڪم ڪيو سياڻي ڪان اچي وڃان. هينئر سول مئريج. دادا اچن ته پوءِ وري ڦيرن واري شادي."

"چري پهرين ماءُ پيءُ ڪان ته پڇ."

"هوءِ پليٽون ٽپائيءَ تي رکي هلي ٿي وڃي.

"نند، آسناٽيءَ ويچاري سان ته ظلم ٿي ويو."

"سچ پچ دڪدائڪ ڳالهه آهي، پر ڇا ٿو ڪري سگهجي."

"سچ ته حياتيءَ تي ڀروسو ڪونهي."

نند نيرن ڪائڻ شروع ٿو ڪري آشا جو ان ۾ چاهه ڪونهي. ڪجهه ٽڪر ڪٽي ڪائڻ ٿي لڳي. "مان گهران نيرن ڪري نڪتي آهيان."

"هٿ اچڻي هيئن ته پوءِ ڇو ڪري آئينءَ؟"

"يار نه ته ممي ائين ئي وقت پاس ڪري ڇڏي ها. ڪائڻ جي ڏاڍي ڏکي آهي. اڃا ڪجهه ڳالهائڻو آهي. مان هلان

ڪلنڪ تي."

"ها پلي!"

هوءَ اٿي رنڊڻي ۾ وڃي ٿي. ٻه ڪوپ ڪافيءَ جا ڪٽي اندر اچي ٿي. ڪجهه وقت ڪانپوءِ آشا ڪار ڊرائيو ڪري رهي آهي. "ننڊ ياڻ هڪ ڪار به لڪائي ڇڏ نه ڊاڪٽرن کي پراپرٽيءَ ۾ ڏيندا آهن."

"اڙي اڄان ڪمائڻ ته ڏي. سکڻ سولي آهي، هلائڻ ڏکي آهي. ائين ڇو چوندا آهن."

"پر ڪار ڪانسوءِ ڪيئن رهي سگهبو؟ خئر هڪ سٺي ڳالهه ٻڌايائين؟"

"چئه!"

"شانتيءَ جي مڱڻي ٿي ويئي."

"ها ڪالهه ممي ڳالهه ڪئي هئي. تون ڪافي ناهڻ ويئي هئين، پر مڱڻيءَ جو ته ڪو نه ٻڌايائين."

"اڙي يار ڇوڪرو پاسي ۾ئي رهندو اٿن. هڪ ٻئي جا چڱيءَ طرح ڏٺل وائٽل آهن. ان ڏينهن ممي سان رڳو ڳالهه ڪيائون ته هوءَ وڃي ڪين اتساهت ڪري پڪ ڪرائي آئي. ٿورن ڏينهن ۾ مصري به ڏيندا."

"دادا کي هن ڳالهه جي خبر نه هئي ڇا؟"

"نه! جيڪڏهن خبر هجين ها ته هيترو بکيڙو ڇو ٿئي ها. خود مون کي ۽ ممي کي به خبر ڪونه هئي."

"ڏاڍو سٺو ٿيو. پاسي ۾ رهندا آهن ته لو مئريج هوندي نه؟"

"چئي نٿو سگهجي، پر پرسان رهندي هڪ ٻئي کي سالن کان سڃاڻن. خئر اهو ته سٺو ٿيو."

"بلڪل!"

"هاڻ دادا جو اٿاريل مدو ته پورو ٿيو. باقي اسان جو ڇا؟"

"جيئن چئين! تڪڙ ڪهڙي آهي. دادا کي اچڻ ڏي."

"ڏس سچي ڳالهه ٻڌايانءِ. دادا اڄڪلهه سودائي ٿي پيا آهن. پهرين توکي دل و جان سان قبول ڪري، نائي جهڙو ئي آءٌ ياءٌ ڏنائون. پوءِ هي مدو ڪس ڪٿر جي ڳالهه وارو جيڪو مون کي ته آفتر ٿات ٿو لڳي؛ خبر نه آهي ڪٿان ۽ ڪيئن آندائون. اڳتي هلي وري جي ٻيو ڪو تتر هٽ اچي وين ته ساڳيو ئي پرابلم."

"پوءِ ڇا ڪجي پلا؟"

"هنن جي اچڻ کان پهرين شادي ڪرڻي آهي. مون پلي ممي کي چرچي ۾ سول مئريج جي ڳالهه ڪئي، پر دراصل مان ڪجهه اهڙو ئي سوچي آئي آهيان."

"۽ تنهنجي ممي ڇا ٿي چوي."

"هن ئي ته اها آئيڊيا ڏني آهي، ۽ اتساهت ڪري رهي آهي. مون کي چيو اٿائين ته توکي ۽ سيني کي ائين ٻڌايان ته هيءَ آئيڊيا منهنجي پنهنجي آهي. دادا جي ڪري هوءَ ڪليءَ طرح اهڙو قدم نٿي کڻي سگهي."

"پر دادا کي ائين ريٽڻ به ته سهڻو نٿو لڳي. وڏا آهن. هنن جي سماج ۾ عزت رهجي اچي، اهو خود هنن کان وڌيڪ اسان ننڍين کي ڏسڻو ۽ سوچڻو آهي. اهو اسان جو فرض آهي."

هو ڪلنڪ تي اچي پهچن ٿا. اندر اچي آشا کي پنهنجي چيمبر ۾ ويهاري ننڊ ٻاهر اچي ٿو. ڪلر جو ڪم هلي رهيو آهي. هڪ پاسي ڪنڊ ۾ ڪارپينٽر ڪم ڪري رهيا آهن. سيني جي ڪم تي نظر

ڏيرائي ٿو. ڪجهه سجهاو ڏيئي ٿوري دير ۾ اچي آشا سان ويهي ٿو.

آشا، "چيمبر تہ سٺي نهي ويئي آهي. شايد اج ئي پوري ٿي آهي."

"اچا ايئرڪنڊيشنر لڳڻو آ هي. ٻاهروين بورڊ بہ اج لڳي ويندو."

آشا، "اچا ٻڌا توئي تہ چيو هئو ميان بيبي راضي تہ ڪيا ڪري گا قاضي."

ننڊ گنيير ٿي چوي ٿو "ڏس آشا هيءَ آئيڊيا غلط آهي سو تہ مان نٿو چوان، پر اها ڪڏهن بہ جهوني ڪو نہ ٿيندي. دادا جي اچڻ تائين ترسون ٿا. جيڪڏهن هنن ڪو نئون ڏڙو وڏو تہ هيءَ آئيڊيا اوڏي مهل بہ ڪم اچي سگهي ٿي."

آشا ياوڪ ٿي وڃي ٿي، "ننڊ، وڏن جي راءِ کي مان ڏيڻ واري تنهنجي ڳالهہ جو مان قدر ٿي ڪيان، پر هيئن بہ ڪيترو وقت هلندو؟ دادا چئي ويا آهن، ٻن سال کان پوءِ ايندس."

"ڏس، دادا ڪنهن نوڪريءَ ۾ تہ آهن ڪو نہ جو هنن لاءِ ڪو ٻنڌن ٿئي. نہ ئي پئسي ٽڪي جو ڪو پرابلم آهي. جو پاڙي جو حساب ڪڍجي. ملازمن کي پرابلم هوندو آهي. جو هنن جي اچڻ وڃڻ جو خرچ سيٺيون ڏيندا آهن. دادا چاهن تہ ڪيڏي مهل بہ اچي سگهن ٿا."

"ڪجهہ ويزا جو پرابلم ٿي سگهي ٿو."

"ها، اهو ڪجهہ چڪر آهي پر ايترو ڏکيو مسئلو نہ آهي، جو بہ سال ترسڻو پوي."

"ٻي ڳالهہ ٻڌايانءِ ان ڏينهن ممي بہ ڏاڍو ڏک پئي ڪري، تہ اسان عورتن جي اڪيلائپ پريو وقت انديا ۾ ڪيترو نہ ڏکيو ٿو نڪري. مردن کي اتي اها تڪليف نہ آهي. هنن جو وقت وري بہ بزي رهندي سنو پاس ٿي وڃي ٿو."

"اها تہ حقيقت آهي."

"انڪري ممي جو ويچار آهي تہ منهنجي شاديءَ ڪانپوءِ پاڻ بہ سينگاپور هلي وڃي."

ننڊ خوشيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿو "سچ پچ سٺي ڳالهہ آهي. ڏس نہ اها ئي ساڳئي ڳالهہ. دادا ملازم نہ آهن، جو فئملي گهرائڻ لاءِ سيٺين کان اجازت وٺن. هو چاهن تہ ممي کي ڪيڏي مهل بہ گهرائي سگهن ٿا."

"ڪجهہ ويزا جو پرابلم ٿي سگهي ٿو. وري شايد منهنجي ڪارڻ بہ ممي هت انڪيل هجي."

"شايد نہ، پڪ! خئر هڪ ڪم ڪيون ٿا. ايندڙ هفتي هلي رجسٽرار آفيس ۾ پيپر فائيل ڪري ٿا اچون. هو نوٽيس ڪڍندا آهن تہ جيڪڏهن ڪنهن کي هن شاديءَ لاءِ اعتراض هجي تہ مهيني جي اندر پيش ڪري. اها هڪ فارملٽي آهي. گهٽ ۾ گهٽ مهينو تہ ترسڻو پوندو. ان وچ ۾ دادا کي ڪنهن بہ ريت هت اچڻ لاءِ مجائڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا. ڏهہ دفعا بہ فون ڪرڻو پوي تہ ڪنداسين. جيڪڏهن اچي وڃن تہ سنو. ورنہ جيئن ممي چوي."

آشا ڪيس ياڪر پائي ڳل تي چمي ڏئي ٿي، "هن کي چئبو آهي ڊسيشن ميڪر."

ننڊ مشڪي چوي ٿو "هاڻ جيستائين مهورت ٿئي تيستائين هي ڳالهيون بند."

"قبول."

(ختم شد)

"ڪرزما" ڊائجسٽ جي خريداريءَ جي لاءِ هيٺين سان لهه وچڙ ۾ اچو:

ڪراچي: راشد مسعود: 021-2750379، 0300-2118454
اتر وارا ضلعا: امر اياز مهر، سنڌيڪا اڪيڊمي، زونل آفيس، سکر. فون نمبر: 071-5628368، 0301-3433848
حيدرآباد، ٽنڊو محمد خان، ميرپور خاص، ٿرپارڪر ضلعا ۽ ڪوٽڙي فاروق بهائي 0222-617313
0300-3017413، 0321 - 3041291
ٿر ضلعو: ڪشور ڪمار، ٿر ڪتاب گهرمني، فون نمبر: 0232-261968
بدين (شهر): عبدالغفور پيپر ايجنسي، بدين، فون نمبر: 0297-861652
نواب شاهه ضلعو: ريحان برادرس، فون نمبر: 0244-360098
دادو ضلعو: سليم نيوز ايجنسي، دادو، فون نمبر: 0254-611315، 0301-3494392
ميرپور خاص: اقبال نيوز ايجنسي، ميرپور خاص، فون نمبر: 0233-872245، 0300-3312403
سانگهڙ ضلعو: عزيز منگي، سانگهڙ فون نمبر: 0235-542182، 0333-2913588
ٺٽو ضلعو: ندو مڇارو سجاول، فون نمبر: 0301-3317259
خيرپور ضلعو: تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس، فون نمبر: 0243-554293
سکر ضلعو: ملڪ محمد اسحاق، الفتح بڪ اسٽال، فون نمبر: 071-5613548
لاڙڪاڻو: فيض محمد ڇڇڙو، رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو.
شهدادڪوٽ: عبدالڪريم شيخ، ڪرن نيوز ايجنسي، فون نمبر: 074-4013435
شڪارپور، مرتضيٰ ابڙو.
پنو عاقل: لالچند عرف لالو، سني بڪ اسٽال، پنو عاقل، فون نمبر: 071-5691989
سئي گئس علاڪو (خيرپور ميرس): مير حسن ويسر، 0300-3138087، 0243-614201، 0243-614065
جيڪب آباد: علي مردان، جمالي نيوز ايجنسي، جيڪب آباد.
روهڙي (شهر): محمد علي شيخ، ريلوي اسٽيشن.
ڪشمور: گلزار حسين شيخ، نيوز پيپر سپلائر، فون نمبر: 0722-577773
نوشهروفيروز: غلام مرتضيٰ ڪنڊ، فون نمبر: 0333-7092392، 0300-3990825
ڪنڊڪوٽ: شملا پرنس، نيوز ايجنسي، ڪنڊڪوٽ، فون نمبر: 0722-573102
گمبٽ، راڻي پور، ڪنب، ڪوٽڙيجي، سويوديرو: غلام قاسم گوپانگ، روشن علي ملڪ نيوز پيپر ايجنٽ، فون نمبر: 0243-640626، 0243-640243
نئون ديرو: سڪندر علي برڙو، اخبارفروش، نئون ديرو.
رتوديرو: الطاف پرويز پٺو، رتوديرو
ڪنڊيارو: قائم خاني نيوز ايجنسي، ڪنڊيارو
ايڊريس: ڪاشف ميمڻ، ماشاءَ الله بڪ اسٽال مرچ منڊي روڊ ڪنري